# شاھ عبداللطيف ڀٽائي

## چونڊ مضمون

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

## چوند مضمون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي

---

# چوند مضمون

*donated from*
*Suleman A Memon's*
*personal library*

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاهه
١٤١٨هه/ ١٩٩٧ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاپو پهريون

تعداد ١٠٠٠

سال ١٩٩٧ع

ملهه ٢٥٠ روپيه

لي آئوٽ سيٽنگ الطاف پيرزادو

پروف ريڊنگ ڪمال ڄامڙو

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سياحت ۽ ثقافت
کاتي وٽ محفوظ آهن.

Copy Right reserved with the Culture & Tourism
Department, Karachi, Sindh.

هيءُ ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٢٥٣هين ورسيءَ جي موقعي تي، جناب عبدالحميد آخوند، سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ۽ اعزازي سيڪريٽري، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي، علمي پرنٽرس، ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست

## سرن - وار ترتيب


| | | صفحو |
|---|---|---|
| پيش لفظ | | ٩ |

## سر ڪلياڻ

| | | |
|---|---|---|
| باده عرفان - ميخانہ لطيف | عارف المولي | ١٥ |
| الاهيات | شيخ عبدالرزاق "راز" | ٢٣ |
| سر ڪلياڻ جو فلسفو | معمور يوسفاڻي | ٢٩ |
| سرڪلياڻ ۾ روحاني راز | عبدالڪريم سعدي | ٣٩ |
| سر ڪلياڻ جي لغت ۽ معنيٰ | سيد نجف علي شاه | ٤٥ |

## سر يمن ڪلياڻ

| | | |
|---|---|---|
| سر يمن ڪلياڻ جو فلسفو | ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" | ٥٣ |

## سر ڪنڀات

| | | |
|---|---|---|
| قراني تعليم | پروفيسر محمد اڪرم انصاري | ٧١ |
| فلسفو | محمد بخش انصاري | ٨١ |

## سر سريراڳ

| | | |
|---|---|---|
| سرسريراڳ جي تمثيل ۽ تشريح | علي نواز جتوئي | ٩١ |
| سر سريراڳ جو اڀياس | ڊاڪٽر نجم عباسي | ١٠١ |
| سر سريراڳ جي لغت | سيد نجف علي شاهہ | ١١١ |
| سر سريراڳ جي موسيقي | سيد منظور نقوي | ١١٩ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سر سامونڊي


| | | |
|---|---|---|
| سنڌ جي عهد رفتہ جو الميہ داستان | ممتاز مرزا | ١٢٣ |


## سر سهڻي


| | | |
|---|---|---|
| شاهہ جي ڪلام ۾ تصوف جون رمزون | ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" | ١٣٣ |
| سر سهڻي جو روحاني راز | عطا محمد "حامي" | ١٤١ |
| سر سهڻيءَ جي لغت ۽ معنيٰ | سيد نجف علي شاهہ | ١٤٧ |
| سر سهڻي جي موسيقي | سيد منظور نقوي | ١٥٥ |


## سر سارنگ


| | | |
|---|---|---|
| سر سارنگ جو تهذيبي ۽ سماجي پس منظر | ڊاڪٽر شمس الدين عرسائي | ١٥٩ |


## سر گهاتو


| | | |
|---|---|---|
| سر گهاتو | رشيد ڀٽي | ١٧١ |
| سر گهاتوءَ جو فڪري پس منظر | محمد اسماعيل شيخ | ١٧٩ |
| سر گهاتوءَ جو اڀياس | ڊاڪٽر تنوير عباسي | ١٨٣ |
| سر گهاتوءَ جي ڊرامائي تشڪيل | ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ | ١٨٩ |


## سر ڪاموڏ


| | | |
|---|---|---|
| سر ڪاموڏ جي تمثيل | مرزا اجمل بيگ | ٢٠١ |


## سر لِيلان چنيسر


| | | |
|---|---|---|
| سر لِيلان چنيسر جو روحاني راز | پروفيسر عنايت الله زنگيجو | ٢١٧ |
| سر لِيلان چنيسر ۾ ڊرامائي عنصر | ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ | ٢٢٧ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاه جي ڪلام ۾ اسلامي قدر


| | | |
|---|---|---|
| شاه جي ڪلام ۾ توحيد ۽ رسالت جي | | |
| اُپٽار | مخدوم امير احمد | ٢٣٧ |
| شاه جي ڪلام ۾ اسلامي قدر | ضياء الدين. ايس. بلبل | ٢٤٩ |
| جي تو بيت ڀانئيا | محمد شفيع عمر الدين | ٢٦١ |
| شاه عبداللطيف ۽ سندس حڪمت ڀريو | | |
| ڪلام | محمد شفيع عمرالدين | ٢٧٥ |
| شاه جي ڪلام ۾ اسلامي قدر | شيخ عبدالرزاق "راز" | ٢٨٩ |
| شاه جون آيتون | مولوي محمد ابراهيم | ٢٩٧ |
| شاه جي نظر ۾ انسان جو تصور | ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو | ٣١١ |
| پيهي جان پاڻ ۾ | مولانا غلام محمد گرامي | ٣١٥ |
| انساني اخلاق ۽ ڪردار | ڊاڪٽر محمد ابراهيم | ٣٢٩ |
| محسن انسانيت | رشيد احمد لاشاري | ٣٣٩ |
| شاه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سنڌي ٻولي | ڊاڪٽر مدد علي قادري | ٣٤٩ |
| شاه سنڌي ٻوليءَ جو معمار | سيد نجف علي شاه | ٣٥٧ |
| سنڌي ٻوليءَ جو معمار | ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ | ٣٦٣ |
| لغت ۽ معنلي | سيد نجف علي شاهه | ٣٦٧ |


## شاه صاحب جو ڪلام ۽ پيغام


| | | |
|---|---|---|
| شاه جي ڪلام ۾ عشق جو تصور | محمد عمر چند | ٣٨٣ |
| موهڻ ۽ موهجڻ | هاسو داڪيا | ٣٩١ |
| شاه جي سفر جا نفسياتي نُڪتا | عبدالڪريم لغاري | ٤٠٥ |
| شاه جو هڪ اهم پيغام | صاحب خان چنا | ٤١٧ |
| موجوده دور ۾ شاه لطيف جي اهميت | محمد حسين ڪاشف | ٤٢٥ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاه جو راڳ ۽ موسيقي


شاه عبداللطيف: راڳ ۾ هڪ نئين تحريڪ

| | | |
|---|---|---|
| جو باني | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ۴۳۹ |
| سنڌي موسيقي ۾ شاه جي جدت | شيخ عبدالعزيز | ۴۴۹ |
| موسيقي | ڊاڪٽر محمد علي قاضي | ۴۵۷ |


## شاه صاحب جو عالمي شاعريءَ ۾ مقام


| | | |
|---|---|---|
| ڀٽائيءَ جي شاعري | ڊاڪٽر سيد عارف شاه | ۴۶۳ |
| هڪ عالمي شاعر ۽ مفڪر | مقبول احمد ڀٽي | ۴۶۹ |
| شاه جو عالمي شاعرن ۾ مقام | علامه آءِ. آءِ. قاضي | ۴۸۹ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جا ايترا تہ رُخ ۽ ايترا تہ تهہ آهن جو هن مهل تائين سائينءَ جي شاعريءَ جي باري ۾ ايترو ڪجهہ لکيو ويو آهي، پر پوءِ بہ ائين تو لڳي تہ سندس شاعريءَ جا گهڻائي رخ رهيل آهن ۽ گهڻائي تهہ اڃا نہ کُليا آهن. سائين جي شاعري، سائينءَ جي ئي سُر سريراڳ جي ان سمنڊ جهڙي آهي، جنهن جي نہ آر جو پتو آهي، نہ پار جي ڪا خبر آهي ۽ نہ ئي وري ڪا انت جي ڄاڻ آهي ....! اسان جا اديب ۽ محقق، غواصن وانگر، عميق ڏانهن وڃن ٿا ۽ پاتار ۾ پيهي ڪي سپون سوجهي ٿا اچن. اهڙن ئي غواصن لاءِ شاهہ سائينءَ چيو آهي تہ:

اِيءَ گتِ غواصنِ، جيئن سَمَنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهہ پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرو لعل هٿن سين.

هن ڪتاب ۾ اسان جيڪي مقالا شامل ڪيا آهن، اهي شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي بي انت سمنڊ سوجهڻ وارن غواصن جون ئي ڪاوشون آهن، جن پاتار ۾ پيهي، ماڻڪ ميڙي، اسان کي آڻي ڏنا آهن. سندن ڪاوشون اسان جو علمي ادبي سرمايو آهن، جنهن کي محفوظ ڪرڻ اسان جو قومي فرض آهي.

شاهہ سائينءَ تي ماضيءَ ۾ بہ لکيو ويو آهي، هاڻي بہ لکيو پيو وڃي ۽ سڀاڻي بہ لکيو ويندو. ڇاڪاڻ تہ شاهہ سائين رڳو اسان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماضيءَ جو شاعر نہ آهي، پر اسان جي حال جو بہ شاعر آهي تہ اسان جي مستقبل جي مستقبل جو بہ شاعر آهي. اسين سائينءَ کي حال جو شاعر ان ڪري ٿا چؤن جو سائينءَ جي شاعري، اسان کي پنهنجي دور جي درد جي شاعري ٿي محسوس ٿئي ۽ ڪيس مستقبل جو شاعر ان ڪري ٿا چئون جو سائين اميد جو شاعر آهي ۽ اميد مستقبل لاءِ ڪئي ويندي آهي. مارئي ڪوٽن ۾ قيدَ آهي پر هوءَ سياٽي جي اميد ۾ ٿي جيئي ۽ سياٽي جو شاعر صوفيءَ واري رجاعيت Optimism سان ڪيس اميد ٿو ڏياري تہ:

مَ ڪي روءُ، مَ رَڙُڪي، هنجون هڏ مَ هار،
توتان بَندُ بِدا ٿيو، هيڙيون نيئي ہار،
پهچنديئن پنهوار، سگهي سنگهارن کي.

هن مقالن ۾ ڪي اهڙا مقالا بہ آهن جيڪي ماضيءَ ۾ ڇپجي چڪا آهن، انهن جي علمي ادبي اهميت جي باري ۾ اسين شاهہ سائينءَ جي سر سريراڳ مان ٿي مثال ڏينداسين تہ:

وڪر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي.

اهي مقالا اڄ بہ ايڏي ئي اهميت وارا آهن جيڏي اهميت وارا تڏهن هئا، جڏهن اِهي لکيا ويا هئا، ان ڪري اسين انهن کي ٻيهر ڇپيا ڇاپيون. هن ڪتاب ۾ انهن اديبن ۽ محققن جا مقالا بہ شامل آهن، جيڪي فوت ٿي ويا آهن، پر اُهي پنهنجن لکڻين ۾ اڄ بہ زنده آهن. هن ڪتاب لاءِ مقالن جي چونڊ ڪرڻ وقت اسان ان ڳالهہ جو خيال رکيو آهي تہ اهڙا مقالا شامل ڪيا وڃن، جيڪي شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي جدا جدا رُخن جيئن سائينءَ جي ٻولي، لغات، فڪر، فلسفي ۽ موسيقيءَ کي اُجاگر ڪندا هجن.

هن ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ شاهہ صاحب جا سڀئي سُر شامل ناهن پر تڏهن بہ جيڪي سُر ڏنا ويا آهن، انهن مان هر هڪ سُر تي ڳرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ مضمون نہ بلڪہ هڪ کان وڌيڪ مضمون ڏنا ويا آهن، جن ۾ لکڻ وارن ان سُر جي ڏاڍي سهڻي نموني تشريح ڪئي آهي. ان ڪانسواءِ ڪتاب کي مختلف ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. اهي ڀاڱا موضوع ۽ سُر وار آهن، جنهن سان پڙهندڙن کي پنهنجي دلچسپيءَ وارو مواد ڳولهڻ ۾ مدد ملندي.

مان اها وضاحت ڪرڻ بہ لازمي ٿو سمجهان تہ مضمون نگارن جي نالن سان گڏ ڪن مضمونن جو اهو موقعو ۽ محل بہ ٻڌايل آهي، جنهن تي اُهي مضمون پڙهيا ويا ۽ جنهن عهدي تي ان وقت مضمون نگار هو ان جو حوالو بہ ڏنل آهي تہ جيئن جڏهن بہ ڪو هيءُ ڪتاب پڙهي تہ .ڪيس ليکڪ جي نالي سان گڏ سندس عهدي ۽ مضمون لکڻ يا پڙهڻ جي تاريخ ۽ موقعي محل جي بہ خبر پئجي سگهي. ڪن مقالن ۾ تہ ليکڪن مقالا پڙهندي، مقالي کان هٽي ڪا تقرير ڪئي آهي يا ڪو مطالبو ڪيو آهي تہ اسان ان ٽڪري کي بہ خارج نہ ڪيو آهي تہ جيئن مقالن جو پورو پس منظر محفوظ ٿي سگهي.

آخر ۾ مان محترم عبدالحميد آخوند، سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي جي سيڪريٽريءَ جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، جنهن جي ڪوشش جي نتيجي ۾ اسين سنڌ جي اديبن جي ههڙن نادر مقالن کي ڪتابي صورت ۾ اوهان تائين پهچائي سگهيا آهيون. هن موقعي تي مان پڙهندڙن کي اهو بہ ٻڌايان تہ جرمن عالم ارنيسٽ ترمپ جنهن پهريون ڀيرو شاهہ جو رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو، حميد آخوند صاحب هن جي ان احسان جي مڃتا ائين ڏيکاري جو شاهہ جي راڳائن کي سندس ملڪ (جرمني) وٺي ويو، جتي هنن ساري رات شاهہ جو ڪلام ڳايو. محترم حميد آخوند سرڪاري آفيسر هئڻ سان گڏ هڪ ادب دوست انسان پڻ آهي ۽ سندس سوچ جو محور شاهہ رحہ جي ذات ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذات آهي. لڪ هجي يا لُو ء بهار هجي يا خزان پريت جو هيءُ پانڌيئڙو لطيفي لات ۾ گم پنهنجي منزل ڏانهن وک وڌائيندو ٿو اچي. ڪالهه به اڄ به. مان ثقافت کاتي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل، مرحوم ممتاز مرزا جي، سنڌ ثقافت کاتي سان گڏ سنڌس شاهه لطيف، سنڌي موسيقيءَ ۽ سنڌي ادب ۽ ثقافت لاءِ ڪيل خدمتن تي ڪيس خراج تحسين ٿو پيش ڪيان. اهڙا املهه ماڻهو ورهين ۾ پيدا ٿيندا آهن جن جون ڪيل ڪاوشون سنڌ جو سرمايو آهن. مونکي اميد آهي ته سنڌ جي عالمن ۽ محققن جي مقالن جو هيءُ ڪتاب پڙهندڙن کي سائينءَ جي شاعري سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏيندو.

ضياء الدين آغا
ڊائريڪٽر- ثقافت کاتو
سنڌ حڪومت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
جي ڇپايل سُر- وار موضوعن
وارن مضمونن جو
# انتخاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بادۂ عرفان
# عرف
# ميخانه لطيف

اُوچو اوچي مَٽ مان، موڪِي مَڏ پيار،
ڏيندي ڏاتارن کي، وِٽي وجهہ مَ وار،
سر ڪٽي سردار، اڱڻ تنهنجي آئيا.

شاه صاحب جي شعر تي پنهنجي معلومات آهر هر اديب ڪجهہ نہ ڪجهہ لکيو آهي ۽ پنهنجي غواصيءَ سان هن بحر بيڪران مان پئي موتي ميڙيا، سموهيا ۽ سهيڙيا آهن. پر هن سنڌ جي سردار جو روحاني ڪلام، وحدت پيام ايترو تہ وسيع ۽ اونهون آهي جنهن جي گهرائين تائين ڪوبہ ڪونہ ٿو پهچي سگهي؛ پر سندن ئي چوڻ مطابق تہ:

جان جان پسڻ پرينءَ جو، جان جان پرينءَ پچار،
انهن پنهي ڪان ڏار، شل قادر ڪنهن کي نہ ڪري.

شڪر آهي جو اها پچار تہ هلي اچي ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ ورچ پئي وندجي. آءٌ بہ انهن وڻجارن جي قطار ۾ شامل ٿي پنهنجي وت ۽ واقفيت آهر ڪجهہ وکر وندياَن ٿو. پر آءٌ اچ انهيءَ وکر جي ورڪا ڪريان ٿو جنهن کي منهنجي بين دوستن اڄ ڏينهن تائين نظر انداز پئي ڪيو آهي. خبر ناهي تہ ڇو؟ حالانڪ انهيءَ وکر ۾ وڏو وِرهہ وندبل آهي، ۽ حقيقت ۾ اهو پهلو بہ عشق و محبت جو سرچشمہ ۽ خمخانہ عرفان جو بادۂ لبريز آهي. اهو آهي ”ميخانہ لطيف“ جنهن کي شاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب "سر ڪلياڻ" ۾ بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ عشق و عاشق ، مي محبت، جام وحدت ، سر ڏڙ جو سودو، ڪات ۽ ڪلال وغيره جو ذڪر اچي ويچي ٿو. اوهان خمريات ايران جا چسڪا ضرور ورتا هوندا؛ خصوصاً حافظ ۽ خيام جا شراب خانه ته وقفِ عام ٿي چڪا آهن، جن جي مخموري ۽ مدهوشي جا ترانا هر محفل ۾ وجد پيدا ڪري رهيا آهن. پر اچو ته سنڌ جي سرواڻ سدا سرشار ساقيءَ جي متوالي مَد مان به ڀتي وحدت جون وٽيون پياريانوَ، پوءِ ڪيف و سرور جي پاڻ ئي خبر ڏجو. حافظ رح پنهنجي ديوان جي شروع ۾ ئي ساقيءَ کي پڪاري چئي ٿو ته:

الا يا ايها الساقي ادر ڪاساً و ناولها
ڪه عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلها

يعني ته: اي ساقي! پيالي جو دور هلاءِ ۽ ڏيندو وڃ (چو ته) پهرين عشق آسان ڏسڻ ۾ آيو ٿي پر هاڻ ته وڏا مشڪل اچي ٿُتا آهن. پر ڀٽ ڌڻي اهڙي پشيماني کائڻ کان اڳ ئي تنبيهه ٿو ڪري ته:

عشق نه هيٺي راند، جيئن جيئن ڪيڏن ڳيرو،
جِيءَ، جُسي، جان جي، پيچي هُج هيڪاند،
سِسي نيزي پاند، اُچل ته ادا تئي.

پلارو پيتائي، عاشقن جو سرتاج، عشق لائڻ کان اڳيئي خبردار ٿو ڪري ته "عشق" ڪا ٻاراٽي راند ناهي جو جهٽ ۾ ڪيڏي وٺبي. هت ته سِسي نيزي پاند اُچل ته سِر ڌڙ کان ڌار ٿئي پوءِ ادا ٿي ته ٿيندي. هڪ هنڌ سسئيءَ کي به فرمايو اٿن ته:

تو ڪيئن ڦاٽو پاند، پلئه پرديسين سين؟
متيون موڙهئي سسئي، ڪيئي ڪوهيارو ڪانڌ،
رلي پانيئي راند، ٻانيڻ عشق ٻروچ جو.

ته هاڻ انهيءَ عشق جي آڳ اجهائڻ لاءِ ۽ برهه جي بازي ڪيڏڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ سِر ڏڙ جو سودو لڳائجي تڏهن راند پوري ٿئي ۽ محبت جي مَد جو پاڪ پيالو پيئجي تڏهن عشق جي آتش اجهامندي ۽ برهہ جي باهہ وسامندي. پر انهيءَ پاڪيزه پيالي جي پيئڻ لاءِ بہ ڪي شرط شروط آهن. پهرين خيام جا شرط ٻڌو، چوي ٿو تہ:

گـــــــر باده خوري بـا خردمنـدان خور،
يـا بـہ صـنـمـي لـعـل رخ خنـدان خور،
بسـيـار مـخور، ورد مکن، فـاش مـسـاز،
اندک خور، گـہ گـہ خور، پنهـان خور.

يعني جي شراب پِين تہ دانائن سان گڏ پيءُ، يا محبوب لعل رخ خوش مزاج ڪلندڙ هجي ان سان گڏ پيءُ ۽ گهڻو بہ نہ پيءُ ۽ ورد بہ نہ ڪر ۽ ظاهر بہ نہ پيءُ، ٿـورو پيءُ، ڪڏهن ڪڏهن پيءُ ۽ لِڪي لِڪي پيءُ. ان مان ظاهر آهي تہ اهو ظاهري انگوري شراب آهي جيڪو شرعاً پيئڻ منع آهي. جنهن ڪري (خيـام) هدايت ٿـو ڪري تہ لِڪي لِڪي پيءُ، ٿورو ٿورو پيءُ، ڪڏهن ڪڏهن پيءُ وغيره. جي پاڪيزه شراب هجي ها جنهن مان حضور حاصل ٿئي ها تہ اهڙو حڪيم اهڙيون ڍڄ جهڙيون ڳالهيون ڪونہ ڪري ها.

هاڻ اسـان جي لطيف سـائين جا شـرط بہ ٻڌو ۽ هدايت بہ ٻڌو فرمائين ٿا تہ:

جي اٿئي سِڪ سُرڪ جي، تہ وڃ ڪلالڪي گهر،
وِڍڻ، چيــــــرڻ، چِچرڻ، پـهـت انـهـن جي پـر،
جي وَٽـي پـوئـي وَر، ســـــوڪي آهـہ ســـــيَد چئي.

سـبـحـان الله! انهيءَ وِڍجڻ، چيـرجڻ ۽ چچرجڻ هوندي بہ جي وَٽي وَر پوي تہ سوڪي ۽ سَستي؟ پٽ ڏٺي نڪو ٿو فرمائي تہ ڪنهن سهـٽي سان گڏجي پيئج يا لِڪي لِڪي پيئج يا ٿورو ٿورو پيئج وغيره.

چو تہ ھي تہ مٺي طهور آھي، جي ھڪڙي وٽي ملي تہ نهايت مهرباني، پر جي ھڪ سُرڪ ملي تہ بہ غنيمت. نہ تہ عاشق مست تہ مَتن لئي متوال آھن ۽ اجھو ھيئن ٿا پنھنجي مرشد موڪيءَ کي محبت جي مَد لاءِ منٿون ڪن، تہ:

اُڇو اوڇي مَٽ مــان، مــوڪي مَدُ پيـار،
ڏيندي ڏاتارن کي، وِٽي وِجهـــــ نہ وار،
سِر ڪــٽي ســردار، اگهڻ تنھنجي آئيـا.

ها - تہ ھي اھو سستو شراب ناھي جيڪو ھَٽ ھَٽ تي بلڪل سولو ۽ سوکو وڪامي رھيو آھي (جنھن جي پيئڻ لاءِ ايران جي مشهور حڪيم عمر خيام بہ لِکي لِکي، گهٽ گهٽ ۽ ڪڏھن ڪڏھن پيئڻ جي ھدايت ڪئي آھي)، ۽ جنھن جو پيئندڙ، خوار خراب، ظاھري ناداني نشي کان گِگون ٻاڙيندڙ ھجي. پر ھيءُ لطيفي ميخاني جو اھو مقدس شراب آھي، جنھن جي ھڪ ئي سُرڪ سان روحاني ۽ راز ۽ الاھي اسرار جون دريون دل ۾ کليــو پون. انھيءَ مــوڪي واري مَد جو مــزو بہ اھي متوالا ماڻيندا، جيڪي مستانا مانجهي، جند جان فدا ڪرڻ کان بہ نہ گسندا، جيئن ھڪ ھنڌ چيو اٿس تہ:

ناٿي نام ڪَڪوم، ڪي ملھہ مهانگو مَنڌ،
سنيـاھج سـيـد چئي، ڪاٽڻ ڪارڻ ڪَنڌ،
ھِي تـنـين جو ھَنـڌ، مَتـن پـاس مَرن جي.

ھيءُ وِرھہ جي وٽي جي ناٿي ملي ھا تہ ھرڪوئي وينو پيئي ھا، پر ھتي تہ سِر جي سٽ آھي ۽ متن وٽ ئي مرڻو آھي، خصوصاً جيڪي اڪيئي (زھر پياڪ) ڪڙي ۽ قاتل جا ھيراڪ ھوندا. اھيئي ھِن ڪوڙي ڪيف کي پيئندا. چو تہ ھي شربت ناھي، بير يا وسڪي ناھي جو ھرڪو سَڌ ڪري. ھي تہ مرڻ واري مـام آھي، جنھن کي عاشق ئي پيئندا.

عاشق زهر پياڪ، وهہ ڏسيو وهسن گهٽو،
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪ،
لڳين لئون لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توڙي چڪن چاڪ، تہ بہ آهہ نہ سلن عام سين.

سڏڙين لاءِ تہ فرمايو اٿن تہ تلهيون سڏوُن ڪندڙ هن حقيقي شراب جون چو ٿا پچارون ڪن؟

سڏڙيا شراب جون، ڪوهہ پچارون ڪن؟
ڪات ڪلالن ڪڍيا، هو موٽيو پوءِ وڃن،
پڪون سين پِين، سِر جِني جا سَٽ ۾.

حڪيم خيام وٽ مئي جي اجها هيءَ عزت آهي جو ڪتي ننگ ناموس کي جام جي عوض وڪٽي ٿو تہ ڪتي مصلي کي، تہ ڪتي صرف دستار ۽ ڪتاب وغيره جي قرباني ڪري ٿو، سو بہ يار کي (بيوفا) سڏي پوءِ چوي ٿو تہ:

در دامن يار بيوفا جنگ زنيم،
مي نوش ڪنيم و نام بر ننگ زنيم،
سجاده بيڪ پيالہ مي بفرو شيم،
ناموس بمي دهيم و برسنگ زنيم.

ٻئي هنڌ چيو اٿس تہ:

دستار و ڪتاب را بفرو شيم بمي،
بر مدرسہ بگذريم و جوشي بزنيم.

پر پيٽ ڏٺيءَ وٽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سُرڪ جي قيمت بہ سِر ۽ ڌڙ آهي. جو تہ هي شراباً طهورا آهي، جنهن جي پيڻ لاءِ نفس اماره کي مارٿو آهي، سنڌن کي ڪپاٽو آهي، سِر لاهڻو آهي، جيڪو ائين نہ ڪندو سو ڪيئن هن پاڪيزه شرابِ حقيقت کي پي سگهندو؟ تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هدايت ڪن ٿا تہ:

مَ ڪَر سَڌ شراب جي، جي تون تارين توهہ،
پيـتي جنهن پاسي ٿـئي، منجهـان رهُن روح،
ڪاٽي رک ڪکـوهہ، لاهي سِر لطيف چئي.

توهہ جو مقصد ڪڙاين ۽ زهر جو مطلب، هن دنيا ۾ جي رنج و الم آهن، يعني روح کي راحتن تي نہ هيرائجي، هن فاني جهان جي ڀن ڏينهن جي عـارضي خوشيءَ تي مـست نہ ٿـجي، پر پنهنجي سـڄڻ جي سِڪ ۾ سُک ۽ آرام ڦـٽائي هر مـشـقت ۽ مصيبت کي مُنهن ڏئي نفس اماره کي مارجي. جنهن جي مارڻ ۽ مهٽڻ لاءِ دنيا جا عيش و عشرت ڇڏڻا پوندا ۽ دل ۾ درد جا دونهان دکائڻا پوندا. پوءِ ئي پريم جا پاڪ پيالا پي سگهبا، جن سان اها عشق جي آڳ اجهامندي ۽ جن جا دوڳ ديڳ ۾ ڪڙهڻ لاءِ تيار هوندا اهيئي انهي جام محبت جي پچار ڪندا.

سـسـر جدا ڌڙ ڌار، دوڳ جنين جا ديڳ ۾،
سي مَرُ ڪَن پچار، حــاضــر جني هٿ ۾.

الله الله! لطيف سـائين وٽ پرين جي هڪ پِڪ برابر هي سـر سـاهہ، هڏا ۽ چم نہ آهن ۽ سَو سرن ڪان بہ دوست جو هڪ دم وڌيڪ آهي. فرمائين ٿا تہ:

اصل عـاشـقن جو، سـر نہ سـانديڻ ڪم،
سـؤ سـرنـئـان اڳرو، سندو دوستن دم،
هيءَ هـڏو ۽ چم، پڪ پـريـن جي نـہ پڙي.

آهي ڪو اهڙو شاعر جنهن اهڙو مثال پيش ڪيو هجي؟ اوهين "حافظ" جو سڄو ديوان اٿلايو، "خيام" جون رباعيون بار بار پڙهو پر اهڙو سودو نظر نہ ايندو. آخر ۾ آءٌ سندن هي بيت لکي مضـمـون

ختم ڪريان ٿو جنهن ۾ جيئن پاڻ قطري جو مُل مهانگو ڄاڻايو اٿن جو ڏيئي ٿو پڇجي. اهڙيءَ طرح منهنجي ضعيف قلم کي به ڪهڙي طاقت آهي جو هن باده عرفان جو بيان ڪري سگهي ۽ منهنجي ڪمزور دماغ ۾ ايترو عقل ڪٿان آيو جو آءٌ انهيءَ جام وحدت جي مل مهانگي منزل جو ذڪر ڪري سگهان، جنهن جي هڪ سرڪ لاءِ به دنيا جي ڪوڙين عاشقن ۽ عارفن پنهنجا سر نذرانا ڪري ڇڏيا.

مُل مــهــانگو قطرو، سِڪڻ ســعــادت،
اســـان عـــبـــادت، نظر ناز پرين جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم شيخ عبدالرزاق "راز"

# الاهيات

حضرت شاه عبداللطيف جي سر ڪلياڻ جي مطالعي ڪان پوءِ معلوم ٿيندو تہ انهيءَ سر ۾ مختلف مضمون ۽ انيڪ قسم جا موضوعات آهن، جيڪي سيبئي اهم ۽ مکيہ آهن. مون هن مڪالمي جي لاءِ هڪ موضوع منتخب ڪيو آهي، جنهن جي پکيڙ سر ڪلياڻ جي فقط پهرئين بيت تي مشتمل آهي. "اول الله عَليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي".

هن بيت ۾ الله تعاليٰ جي نوانوي نالن مان ڪي نالا موجود آهن. قران ڪريم ۾ الله تعاليٰ جي نالن کي "اسماءُ الحسنيٰ" ڪري سڏيو ويو ٿو. جن ۾ الله جون مختلف صفتون ظاهر ٿين ٿيون؛ پر انهن نالن کي چئن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو ٿو.

١- افعالي: جنهن مطابق ڪو ڪم عمل ۾ اچي ۽ ان جو نتيجو ظاهر ٿئي. جيئن: رزاق ۽ خالق.

٢- صفاتي: جنهن موجب سندس صفت جي وضاحت ٿي سگهي. جيئن: عليم، سميع ۽ بصير.

٣- ذاتي: الله.

۴- جمالي ۽ جلالي، سندس رحمت، لطافت، نفاست ۽ حسن جو شان ظاهر ٿئي، جيئن: رحيم، ۽ لطيف ۽ حليم. ٻئي طرف سندس جلال ۽ جبروت بزرگي ۽ قهاري جا عناصر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪلام پاڪ جي نالن ڪان سواءِ ڪن ٻولين ۾ آسانيءَ جي لحاظ ۽ روزمره جي استعمال لاءِ ڪي نالا الله جي ذات سان موسوم ڪيا ويا آهن ۽ سنڌي زبان ۾، ڏاتار ڌڻي، خداخاوند وغيره الله جي صفاتي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افعالي نالن جي هم معنيٰ آهن، جن مان ظاهر آهي تہ الله تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جو مقابلو ڪنهن بہ شيءِ سان نٿو ٿي سگهي. الله جي ذات بي نياز ۽ بيپرواه آهي، ۽ ان جهڙي ڪابہ شيءِ ڪانہ آهي. الله مڙني جهانن جي مخلوق کان بي نياز آهي.

سر ڪلياڻ شاه جي ڪلام جي دل آهي ۽ سنڌس سيني نظرين جو نچوڙ هن سر ۾ موجود آهي. شاه صاحب هتي پنهنجي ڪلام ۾ الله جي ذات ۽ صفات جو ذڪر ڪري پنهنجي مطمع نظر جي وضاحت ڪئي آهي. سنڌس نظريي مطابق الله کي هڪڙو ۽ بي مثال ڪري مڃڻ انساني زندگيءَ جو بنيادي اصول آهي، جو بالڪل فطري آهي.

جڏهن الله جي توحيد اقرار ڪري "قل هو الله احد" جي زبان ۽ دل سان تصديق ڪئي ٿي وڃي، تڏهن الله کان سواءِ ٻئي جي موجود هجڻ جو انڪار ڪيو وڃي ٿو. ان کان پوءِ ساڳيءَ طرح سنڌس صفات ۽ افعال جو ذڪر ڪري سنڌس هر صفت جو اقرار ۽ سنڌس هر فعل کي مستحسن سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ نموني ڪائنات جي هر انسان ۽ حيوان، جمادات ۽ نباتات وغيره تي سنڌس تسلط آهي ۽ هو تمام جهانن جي سموري مخلوق جو خالق مطلق ۽ پالڻهار آهي، ۽ هو سيني جو حافظ و ناصر آهي ۽ پوري ڪائنات تي ساري و طاري آهي.

"اول الله عليم" چوڻ سان شاه صاحب الله جي اوليت جو اقرار ڪري، سنڌس بزرگيءَ جي تصديق ڪئي آهي، جنهن موجب سنڌس ذات منڍ کان وٺي موجود آهي ۽ هو اصل کان وٺي هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي. دنيا و ڪائنات، زمين ۽ آسمانن تي هر ڪا شيءِ الله جي ذات کان پوءِ وجود ۾ آئي. چاڪاڻ جو اهو ئي ڪائنات جي هر چيز جو خلقيندڙ آهي، ۽ هر ڪنهن جو معبود آهي ۽ سنڌس ذات عبادت ۽ ستائش جي لائق آهي.

جنهن صورت ۾ الله سيني کان اول آهي، تنهنڪري ڪيس هر

شيءِ جي ڄاڻ آهي. ڪيس نہ فقط ظاهري چيزن جو علم آهي، پر ڪيس باطني اسرارن جي پروڙ آهي. جيئن قرآن شريف ۾ آيو آهي تہ ”عليم بذات الصدور“ الله تعاليٰ اهو سيڪجهہ ڄاڻي ٿو جيڪي ڪجهہ سينن ۾ محفوظ آهي. ان مان ظاهر آهي تہ الله تعاليٰ هر ڪنهن جي ارادي، نيت، راز ۽ اسرار کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. هن جو علم نہ فقط جسماني ۽ ظاهري چيزن تائين محدود آهي پر سندس علم روحاني ۽ باطني احساسات، جذبات ۽ تفڪرات تي پڻ مسلط آهي. انهيءَ نموني الله جو علم ۽ سندس ڄاڻ دنيا و مافيها جي سيني جهانن تي ڦهليل آهي. اهڙن جهانن جو تعداد ارڙهن هزار چيو وڃي ٿو ۽ هر هڪ جهان ۾ جدا جدا مخلوق رهي ٿي. پر الله جو درجو سيني کان اعليٰ ۽ مٿاهون آهي، سندس شان ايترو تہ ارفع و اعليٰ آهي جنهن جو ڪو حساب ئي نٿو سگهي ۽ نہ جنهن جي بلنديءَ جي ڪا حد مقرر ڪري سگهجي ٿي. هو ساري ڪائنات کان مٿاهون ۽ جيڪي وهم ۽ خيال ۾ اچي ان کان بہ بلند. ان کان سواءِ هو سيني جو حاڪم ۽ مالڪ آهي. تنهنڪري ڪائنات جي، جيڪا سندس ملڪيت آهي، تنهن تي حڪم هلائڻ جو ڪيس پورو حق حاصل آهي، جنهن تي هن کي پوريءَ طرح قدرت حاصل آهي ۽ ڪابہ طاقت مٿس نہ حجت هلائي سگهي ٿي ۽ نہ سندس فعل تي ڪو اعتراض ڪري سگهي ٿو. هو حاڪم هجڻ کان سواءِ سيڪنهن شيءِ تي قادر بہ آهي ۽ سندس طاقت مڙني عالمن جي هر ننڍي ۽ وڏي چيز تي غالب آهي ۽ سندس طاقت منڍ کان وٺي موجود ۽ قائم آهي جيڪا حڪم مضبوط ۽ مستقل اول آهي. جنهن کي ٻئي ڪنهن بہ آسري ۽ آذار جي ضرورت نہ آهي. اها طاقت ۽ اهو اختيار ڪنهن بہ ٻئي عرض ۽ جوهر جو محتاج نہ آهي. عرض جوهر جو محتاج آهي ۽ جوهر وجود جو، ليڪن الله جي ذات انهن سيني ڳالهين کان پاڪ آهي، جنهنڪري ڪنهن بہ احتياج جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. الله جي ذات نهايت قديم آهي، نہ جنهن جو ڪو منڍ آهي نہ شروعات، جنهن لاءِ چئجي تہ ازل کان آهي. جيئن ازل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ڪا حد مقرر ڪري نٿي سگهجي، تهڙيءَ طرح الله جي قدامت جو بہ اندازو نٿو لڳائي سگهجي.

شاه صاحب وري الله جي افعال، جمال ۽ صفات جو ذڪر ڪيو آهي. الله تمام مخلوقات جو وارث، دوست، نگهبان ۽ سنڀاليندڙ آهي هو سڀني جي پرورش ڪري ٿو، جنهنڪري هن کي ربُ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي "پاليندڙ"، جيڪو پنهنجي مخلوق جي پرورش ڪري کين ڪماليت تي پهچائي ٿو. احترام و عظمت فقط خدا تعاليٰ جو ئي حق خالص آهي. عاجزي ۽ انڪساري، ڪنڌ جهڪائڻ صرف الله جي آڏو ئي زيب ڏئي ٿو. انهيءَ مالڪ الملڪ حقيقيءَ جو تخت جلال و جبروت تيار ڪيو ويندو. هو رازق آهي، تنهنڪري هر ڪنهن کي رزق پهچائي ٿو. هو رحيم آهي، ڇاڪاڻ جو وٽس پنهنجي مخلوق لاءِ رحم ۽ ٻاجهہ موجود آهي. هو حڪمت جو صاحب آهي، جنهنڪري ڪائنات جو سمورو ڪاروبار سندس حڪمت پٽاندر هلي رهيو آهي. هو ڪريم آهي، وٽس ڪرم ۽ احسان جو خزانو آهي. هن وٽ اهي خاصيتون موجود آهن جن مان ڪا هڪ بہ مڪمل طور ڪنهن ٻئي کي ڪڏهن بہ نصيب نہ ٿي آهي. تنهنڪري هو وحدهٗ لا شريڪ آهي، جنهن جهڙو نہ ڪو آهي ۽ نہ وري ان جو ڪو شريڪ ٿي سگهي ٿو. اهو ئي سچو رب آهي جنهن جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جي تعريف ڪري سندس احسان ۽ ٿورا بيان ڪيا وڃن ٿا. انهيءَ ڪري ئي حمد جي لائق آهي، ۽ هن پنهنجي ٻاجهہ سان ۽ پنهنجي صفت جي وسيلي جهان کي جوڙي راس ڪيو. هو ايترو تہ ٻاجهارو آهي جو جهان جون جوڙون جوڙ ڪري، دنيا جون آسون اميدون پڄائي ٿو. الله جي انهن مڙني وصفن جو اقرار زبان ۽ دل سان ڪيو وڃي ٿو، جنهن کي ايمان چئبو آهي. جڏهن اهڙو اقرار ڪرڻ ۾ اچي ٿو تہ ان کان پوءِ سندس هر ڪلام جي پيروي ڪرڻ فرض بڻجي پوي ٿي ۽ جيڪڏهن فرض جي بجا آوريءَ ۾ ڪوتاهي نہ ڪجي تہ انسان جي لاءِ ڪاميابي ۽ ڪامراني جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راه کلي وڃي ٿي. عزت ۽ ذلت سڀ خدا جي طرفان آهي. هو جنهن کي چاهي عزت بخشي ٿو ۽ جنهن کي چاهي ذليل بنائي ٿو:

تون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا

شاهه صاحب الله کي حقيقي ۽ سچو طبيب ڪري سمجهيو آهي، جيڪڏهن هو ڪنهن کي مرض يا بيماري ڏئي ٿو ته ڪيس اختيار ۽ حق آهي جو ان بيماري کي مٽائي ۽ انهيءَ مرض کي رفع ڪري، تنهنڪري هرڪو ڏولائو درد ۽ ڏک انهيءَ جي طرفان آهي ۽ هن کي ئي اها قوت ۽ طاقت آهي جو ان درد جو دارون پيش ڪري، ٻئي ڪنهن جي مجال نه آهي جو ان ۾ دست اندازي ڪري سگهي. ان ڪان سواءِ الله جي قهاريت ۽ جلال ڪان به انڪار ڪري نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ جو هو وقتاً فوقتاً پنهنجي مخلوق جي آزمائش ڪندو رهي ٿو. اهي مڙيئي صفتون سندس ذات سان منسوب آهن، ليڪن هو پيارو محبوب حسن و جمال جو بي پايان درياهه آهي، جنهن جي هڪ جهلڪ سان سموري ڪائنات سوز ٿي وڃي ٿي ۽ هر تشنهءَ ڪام سيراب ٿي وڃي ٿو.

اڳهن مڙي اَڄ، ڪئو سڌ صحت کي،
ڏور ڏکندا ٻڄ، مهري مُه ڏيکاريو.

سيئي مريض گڏجي تندرستي لاءِ وجهائيندا رهن ٿا ليڪن انهن جو عذاب تيستائين دور نٿو ٿئي، جيسين اهو مهربان ۽ فياض دوست پنهنجو ڪرم نٿو ڪري. ليڪن اهو دوست مخفي آهي جنهن کي جسماني اک سان ڏسي نٿو سگهجي.

اهلِ تصوف خداوند ڪريم جي ذات کي ڪڏهن سج سان ۽ ڪڏهن سمنڊ سان ڀيٽ ڪندا آهن. ڪي ماڻهو اهڙين تشبيهن کي اسلام جي عقيدن جي خلاف سمجهندا آهن. اها ڀيٽ ڪن خاص حالتن جي ڪري ڪئي وڃي ٿي، ذات حق کي درياهه سان ڀيٽ ڏيڻ هيڪڙائي جي لحاظ سان ڪئي ويئي آهي. الله جي ذات وحدت حقيقي آهي ۽

درياھہ جي صورت وحدت اضافي مثال جي معنيٰ اها جيڪا ڪنهن ٻي شيءِ سان ڪنهن وصف ۾ هڪجهڙي هجي. جيتوڻيڪ ٻنهي شين جي وچ ۾ وصف جي شدت يا ڪسرت جي لحاظ کان گهڻو تفاوت ٿئي ٿو. مجي ٻاٽيءَ تي عاشق آهي ان مان ڪيس ڪڏهن به ڊؤ نٿو ٿئي، جيئن عاشق حق الله جي عشق ۾.

المختصر شاه صاحب جي نظريي مطابق ته هن جهان جو هڪڙوئي صانع آهي، جيڪو جهان جون جوڙون جوڙي ٿو. اهو قديم آهي، زنده آهي. هو هميشه کان آهي ۽ هميشه رهندو. پنهنجي وجود ۾ واجب آهي ۽ هن جو عدم ممتنع آهي. ڪمال جي سڀني صفتن سان متصف ۽ نقص و زوال جي سڀني علامتن کان پاڪ آهي. هو سموري مخلوقات جو خالق ۽ تمام معلومات جو عالم. سڀني ممڪنات تي قدرت رکڻ وارو ساري ڪائنات جي لاءِ ارادو ڪرڻ وارو آهي. هو زنده آهي، ٻڌڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو، علم وارو، حڪمت وارو آهي. نه هن جو ڪوئي مشابه آهي ۽ نه ڪوئي مقابلي جو، نه سندس ڪوئي ضد آهي. هن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ عبادت جو مستحق نه آهي. هن کان سواءِ نه ڪوئي مريض کي شفاء ڏئي ٿو نه رزق پهچائي ٿو ۽ نه ڪا تڪليف دفع ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم معمور يوسفاڻي

# سر ڪلياڻ جو فلسفو

ڪائنات جي تخليق بابت دنيا ۾ جيڪي مکيہ نظريا هلندا پيا اچن، اهي آهن الحاد، شرڪ ۽ توحيد. جڏهن سوال ٿو اٿي تہ "سنسار" ڇا آهي؟ اهو خودبخود وجود ۾ آيو آهي يا ان جو ڪو خالق ۽ منتظم آهي؛ پلا جيڪڏهن ڪو خالق آهي تہ اهو هڪڙو آهي يا گهڻا آهن؛ ۽ انهيءَ جو انساني زندگيءَ سان ڪهڙو تعلق آهي؟، تہ الحاد ڪان جواب ملي ٿو تہ، سنسار ازلي ۽ ابدي آهي، ان جو ڪوبہ خالق ڪونہ آهي، اهو جيئن هلي پيو ائين ئي هلندو رهندو ۽ ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو. خدا هڪ وهم آهي، ان کي تسليم ڪرڻ وڏي بيوقوفي آهي. انسان اشرف المخلوقات ڪونہ آهي، هو ڪروڙين سال اڳ مرده مادي مان ترقي ڪري ننڍڙن جيو گهرڙن جي صورت ۾ اچي، پوءِ رفتي رفتي شڪليون بدلائيندو باندر جي صورت ۾ آيو. جتان پوءِ ترقي ڪري انسان بنجي ويو.

الحاد جي سموري ڍانچي جو دارومدار ماديت جي فلسفن تي آهي، جنهن جو مقصد آهي تہ دنيا ۾ انسان تي فقط پيٽ ڪائڻ، نفساني خواهشون پوريون ڪرڻ، عيش عشرت جي زندگي گذارڻ، اقتدار لاءِ مٿو ڪٽڻ، ۽ رنگين محفلن رچائڻ ڪان سواءِ ٻي ڪابہ جوابداري ڪونہ آهي.

هن نظرئي موجب انسان هڪ مشين بڻجي وڃي ٿو، جيڪو ساري زندگي مادي مفادات جي حصول لاءِ چاڪيءَ جي ڏاند وانگر وهندو رهي ٿو. هن وٽ اخلاق ۽ انسانيت بي مقصد ۽ بي معنيٰ آهن. هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي معمولي کان معمولي خواهش لاءِ ذليل کان ذليل ترين ڪم ۾ وڏي کان وڏو ظلم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. هن جي حالت ان پاليل جانور وانگر هوندي آهي،جيڪو پاروٿي ٽڪر ۾ چوسيل هڏيءَ خاطر پنهنجن همر جنسن سان وڙهندي دير نہ ڪندو آهي.

الحاد جڏهن عام ٿي ويندو آهي تڏهن دنيا ۾ بُرائي، بي ايماني، لالچ، ڦريون، ڌاڙا، جنگيون، جهيڙا، ظلم ۽ زبردستي جي بازار گرم ڏسبي آهي. ۽ پوءِ انساني معاشرو بکين بگهڙن، خونخوار درندن ۽ خوفناڪ آفتن ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. ساڳئي سوال جو جواب شرڪ جي اڏن ۽ ادارن کان وري هيئن ملندو تہ: ڪائنات جي تخليق ۾ خدا سان ٻيا بہ ڀائيوار آهن، ۽ اهي بہ خدا وانگر زبردست طاقت جا مالڪ آهن، ۽ جدا جدا تخليق ڪندا رهن ٿا. اِهڙيءَ طرح مختلف ڪمن لاءِ مختلف خدا مقرر ڪرڻ سان گڏوگڏ، مادي، روح، زمان ۽ مڪان کي بہ انادي ۽ ازلي چوڻ ۾ دير نہ ڪندا آهن.

مشرڪ جو معاملو الحاد کان بہ وڌيڪ خراب آهي. الحاد جي راه تي هلڻ ڪري انسان فقط ترقي يافتہ حيوان بنجي ٿو، پر شرڪ سان همڪنار ٿيڻ بعد هو حيوانيت جو بدترين پرستار بنجي هلي ٿو. نہ رڳو حيوانيت پر جبل، سمنڊ، پٿون، دڙا، وڻ، وليون، گاهہ، ٻوٽا، ٻاهہ، پاڻي، نانگ، بلائون ۽ ڪيڙا ماڪوڙا وغيره بہ هن لاءِ خدا بنجي وڃن ٿا، ۽ هو انهن کي پنهنجي قسمت جو مالڪ سمجهي سندن آڏو سجدا ڪندو ۽ نراڙ گسائيندو ڏسبو آهي.

شرڪ خداپرستيءَ جو ضد ۽ عظيم ترين گمراهي آهي. هو هڪ اهڙو غير عقلي مفروضو ۽ جاهلانہ قدم آهي، جيڪو نہ رڳو مشرڪ لاءِ نقصانڪار آهي بلڪ سڄي معاشري لاءِ هڪ قسم جو ناسور آهي.

ڪنهن مخلوق کي عبادت ۽ پوڄا جو مستحق سمجهڻ، ان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏو رڪوع ۽ سجدا ڪرڻ، ڪانئس مرادون ۽ مقصد گهرڻ، ڪيس مدد لاءِ پڪارڻ، ڪانئس خدا وانگر ڊڄڻ، ۽ مٿس خدا وانگر ڀروسو رکڻ وغيره شرڪ جا مختلف روپ آهن. جيڪي انسانيت لاءِ تباهي ۽ تذليل جو باعث ۽ توهين آهن.

ساڳئي سوال جو جواب توحيد ڪان وري هن طرح ملندو: " ڪائنات جو خالق فقط هڪڙو خدا آهي، ان جو ڪوبہ ثاني ۽ شريڪ ڪونہ آهي، هو اڪيلو ۽ بي نياز بادشاه آهي. عبادت ۽ بندگي فقط ان لاءِ ئي آهي. هو مالڪ خالق، مشڪل ڪشا ۽ حاجت روا آهي. زندگي ۽ موت، نفعو ۽ نقصان، عزت ۽ ذلت، دولت ۽ حڪومت سڀ سندس ئي هٿ ۾ آهن.

ٽنهي طبقن جي جوابن تي جيڪڏهن غور ڪبو تہ الحاد ۽ شرڪ وارا جواب بي دليل، بي مقصد، کوکلا، واهيات ۽ بلڪل غلط آهن. جيڪي انسان کي هميشه جهالت ۽ وهم پرستيءَ جي اوڙاه ۾ اڇلائي ڇڏين ٿا، ۽ رڳو توحيد جو جواب ئي صحيح ۽ تسلي بخش آهي، جيڪو انساني زندگيءَ جو رخ صحيح راه ڏانهن موڙي ڇڏي ٿو.

الحاد چوي ٿو تہ ڪوبہ خدا موجود ڪونہ آهي، ۽ شرڪ وري ڪمزور ۽ ناقص وجودن کي خدا تسليم ٿو ڪري ۽ توحيد جي دعويٰ آهي تہ هڪ عظيم هستي آهي، جنهن هن ڪائنات کي خلقيو آهي، جيڪو وحدهٗ لا شريڪ لَہُ آهي، جنهن جو نالو الله آهي.

الحاد چوي ٿو تہ هيءَ ڪائنات نيست مان هست ٿي آهي. الحاد جي هيءَ دعويٰ قياس ۽ عقل جي خلاف آهي، جو تہ اسين ڪابہ شيءِ اڻ هوند مان ٿيندي نٿا ڏسون، ۽ اسين ڏسون پيا تہ ڪائنات جا سڀئي وجود، جن، انسان، فرشتا، وغيره ظاهري طرح مڪمل هوندي بہ نامڪمل ۽ ناقص آهن. انهن نامڪمل ۽ ناقص وجودن جي موجودات ئي ثابت ٿي ڪري تہ ڪا مڪمل هستي ۽ مڪمل وجود موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کان هي ڪائنات وجود ۾ آئي آهي. ڇو ته نامڪمل ۽ ناقص شين جي منزل مقصود فقط مڪمل ۽ ڪامل هستي ٿي سگهي ٿي. هڪ نامڪمل شيءِ ٻي نامڪمل شيءِ جو آڌار ۽ امداد ٿي سگهي ٿي پر ان جي منزل ۽ مقصود ٿي نه ٿي سگهي. ان ڪري هيءُ موجودات خدا پاڪ جي وجود جو سڀ کان وڏو دليل آهي، جنهن کي منطق ۽ فلسفو ٻئي قبول ڪن ٿا. قرآن پاڪ توحيد جو وڏو داعي ۽ علمبردار آهي، ۽ ٻڌائي ٿو ته "الله هڪ آهي، هو حاضر ناظر ۽ موجود آهي، هو آسمانن کان زمين تائين هر اَمر جو انتظام ڪري ٿو".

شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه نه رڳو شريعت جو تابع، طريقت جو ڄاڻو، حقيقتن جو رازدان ۽ معرفت جو واقف صوفي هو، بلڪ هو دنيا جو عظيم شاعر ۽ قرآن پاڪ جو وڏو شارح پڻ هو، جو پنهنجن بيتن لاءِ پاڻ ئي چيو اٿس ته:

"جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين"

هونءَ ته سندس سڄو ڪلام، ڪلام پاڪ جي آيتن جو تفسير ۽ تشريح آهي پر سڄي رسالي ۾ سر ڪلياڻ سڀني سرن کان اهم آهي، جيڪو شرڪ ۽ الحاد جي پاڙ پٽي، توحيد جو فلسفو سمجهائي، صحيح گس تي پهچائي ڇڏي ٿو. رسالي ۾ سر ڪلياڻ کي اها حيثيت حاصل آهي جيڪا قرآن پاڪ ۾ سورة فاتحه کي آهي. قرآن پاڪ ۾ آيو آهي ته: سڀيئي تعريف ان الله کي جڳائي، جو سڀني جهانن جو پالينڙ آهي (فاتحه). "هو ذات بابرڪات آهي، ان جي هٿ ۾ سڀ حڪومت آهي ۽ هو سڀ شيءِ تي قادر آهي" (الملڪ - ١). "اهوئي غيب کي حاضر ڄاڻڻ وارو، غالب، مهربان خدا آهي، جنهن هر شيءِ کي تمام عمدو ڪري خلقيو". (سجده - ١).

قرآن پاڪ جي انهن آيتن جي روشنيءَ ۾ شاه صاحب سر ڪلياڻ جو پهريون بيت چيو ته:

اول الله عليم، اعلي عـــــالم جو ڏاتي.

قرآن پاڪ ۾ آيو تہ: "يقين رکندڙن لاءِ زمين ۾ نشانيون آهن ۽ خود اوهان جي وجود ۾ بہ، ڇا اوهين نٿا ڏسو؟ ۽ ٻئي هنڌ ٻڌايو ويو تہ "اوهين جيڏانهن بہ رخ ڪندؤ اتي خدا آهي". ڀٽائي رح انهن آيتن جو تفسير هيئن پروڙايو تہ:

ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪُنس ڳُڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

قرآن پاڪ ۾ آيو تہ: "الله هو ۽ ان سان گڏ ڪابہ شيءِ ڪونہ هئي" ۽ ٻئي هنڌ ٻڌايو ويو تہ "تنهنجو رب جيڪي چاهي تو پيدا ڪري ٿو، جيڪي چاهي ٿو، انقلاب ڪري ٿو" (القصص) ۽ ڀٽ ڌڻيءَ انهن آيتن جو مفهوم وري هيئن سمجهايو تہ:

پاڻهين جل جلال هو، پاڻهين جان جمـــال

قرآن پاڪ ۾ آيو تہ:

"هو آسمانن ۽ زمين جو خالق ۽ موجود آهي، جڏهن هر ڪنهن شيءِ جو فيصلو ڪري ٿو تہ چوي ٿو تہ ٿيءُ، هوءَ ٿي پوي ٿي (البقره - ١١٧). شاه صاحب انهن آيتن جو تفسير هيئن سمجهايو تہ:

وحدتا ڪثرت ٿي، وحدت ڪثرت ڪل

قرآن پاڪ ۾ چيو ويو تہ "انسان پنهنجي پاڻ تي حجت آهن". ۽ ڀٽائي رحہ ان جو بيان سمجهايو تہ:

سڀ سيوئي حال، منجهائي معلوم ٿئي

قرآن پاڪ ۾ آيو تہ: "هي الله جي جوڙ آهي، تون ڏيکار تہ ان کان سواءِ ٻئن ڇا پيدا ڪيو آهي؟ (لقمان). ٻئي هنڌ آيو تہ - "الله کان سواءِ اهي هڪ مک بہ پيدا ڪري نٿا سگهن، توڙي اهي سيئي گڏجي زور لڳائين" (اسجح)، وڌيڪ اهو پڻ ٻڌايو ويو تہ: "ڪائنات جي جوڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ان جي نگراني هن لاءِ بار ڪونہ آهي. هو مـتـانـهـون ۽ عظمت جو صاحب آهي". ڀٽائي رحہ بہ اهو بيان هيئن سمجهايو تہ:

"ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون"

انهيءَ جوڙ جي وڌيڪ وضاحت ڪندي فرمايائين تہ:

جوڙي جوڙ جهـــان جي، جڏهن جوڙيائين،
خاوند خاص خلقي، مـحـمـد مـڪـائين،
ڪلمـون تنهن ڪريم تي، چٽـو چايائين،
انا مـولاڪ و انت مـحـبـوبي، ائين اتائين،
ڏکي ڏنائين، پٺي سـرائون سـيـد ڪي.

هن بيت ۾ توحـيـد سـان دؤر رسـالت جو ذڪر ڪندي اهو سمجهايائين تہ الله پاڪ جيڪا جوڙ جوڙي آهي تنهن ۾ حضرت محمد صلعم خاص آهي. هو حامي هادي هاشمي سردارن سردار آهي. هو سيني نبين ۾ افضل آهي. هن کي سيني جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو ويو آهي. قـرآن ۾ آيو آهي تہ: "اي محمد ؐ اسان توکي سيني انسانن ڏي بشارت پهچائڻ لاءِ موڪليو آهي. (سبا - ٢)

"اي مـحـمـد! اسـان توکي سـيـني جهـانـن لاءِ رحـمـت ڪري موڪليو آهي. (انبياء - ٧) وڌيڪ اهو حڪم ثيو تہ، "اي محمد! چئو تہ اي انسـانو، آئون اوهان سـيـني ڏي خدا پاڪ جي طرفـان مـوڪليل رسول آهيان" (الا عمران - ٢) ۽ الله پاڪ حضور جن کي وڌيڪ اها پڻ نوازش ڪئي جو سندن ئي وقت ۾ دين کي مڪمل ڪري ڇڏيو.

قـرآن ۾ آهي تہ، "اڄ مون توهان جي دين کي مـڪـمل ڪـيـو، توهان تـي پنهنجون نعمـتـون تمام ڪـيـون، توهان اسلام جو طريقـو پسند ڪيو". (مائده - ١).

دين کي مـڪـمل ڪرڻ سان گڏوگڏ قرآن پاڪ جي ذريعي اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ ٻڌايو ويو تہ، ”اهو پاڪ خدا آهي. جنهن پنهنجي رسول کي هدايتن ۽ سچي دين سان موڪليو تہ هو سيني دينن تي ”دين حق“ کي غالب ڪري.“ (الفتح – ٧).

قرآن پاڪ جي مٿين بيان کان پوءِ ثابت ٿي ويو تہ اسلام هڪ مڪمل دين آهي. جنهن کان الله راضي آهي. سو فقط ان تي ئي عمل ڪرڻ سان نجات حاصل ٿي سگهي ٿي، ۽ الله پاڪ جي ذات ۽ صفات جي پروڙ پئجي سگهي ٿي.

اسلام مڪمل دين آهي تنهن جي خبر قرآن پاڪ ئي ڏني ۽ قرآن پاڪ لاءِ وري الله پاڪ فرمايو تہ، ”اسين قرآن پاڪ جي ذريعي شيون نازل ڪريون ٿا جيڪي مومن لاءِ شفا ۽ رحمت آهن“. هاڻ اسان جو فرض ٿيندو تہ اسين انهن شفا ۽ رحمت وارين شين جي ڳولا ڪريون ۽ اهي حاصل ڪريون.

**قرآن پاڪ** جي مطالعي کان پوءِ واضح ٿي وڃي ٿو تہ اهي شفا ۽ رحمت واريون شيون آهن. ڪلمو، نماز، روزو، زڪواة، حج، خيرات استغفار، صبر، شڪر، توڪل، آخرت تي ايمان ۽ حلال رزق جي تلاش وغيره، جن جي حاصلات سان اسان کي بندگيءَ جو احساس، امر جي اطاعت، حقوق العباد جي ادائگي، فرض شناسي، نفس تي ضابطو، تقويٰ جي فضا، سيرت جي تعمير، جماعتي احساس، جماعتي تنظيم، يادگيريءَ، تياري، امداد باهمي جو روح. واحد مرڪز، صف بندي ۽ استقامت جهڙا گڻ ۽ فائدا حاصل ٿين ٿا. انهيءَ ڪري ئي شاه صاحب چئي ڇڏيو آهي تہ:

وحدهٗ لا شريڪ لَهٗ چئي چوندو آءٌ،
فرض، واجب، سنتون، تنئون تَرڪ مَ پاءِ،
توبهہ سندي تسبيح، پڙهڻ سان پچاءِ،
نگا پنهنجي نفس کي، ڪا سئين راه سُنهاءِ،
تہ سندي دوزخ باه، تو اوڏيائي نہ اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيت ۾ شاه صاحب دوزخ جي باه کان بچڻ لاءِ فقط سئين راهه جو ڏس ڏنو آهي. جيڪا عام شريعت محمدي، جنهن تي نه هلڻ ڪري يا ان جو انڪار ڪرڻ ڪري ئي انسان گنهگار ٿي دوزخ ۾ پهچي ٿو. جنهن لاءِ قرآن پاڪ ۾ چيل آهي ته، (جنتي) گنهگارن کان پڇندا ته ڪهڙي شيءِ اوهان کي دوزخ ۾ وڌو، هو جواب ڏيندا ته اسين نماز نه پڙهندا هئاسون ۽ مسڪينن کي کاڌو نه کارائيندا هئاسون، اسين حق جا مخالف بنجي بحث ڪندا هئاسون ۽ اسين جزا سزا کي ڪوڙ چوندا هئاسون، (موثر).

دنيا آخرت جي پوک آهي. آخرت لاءِ جيڪي به ڪجهه ڪرڻو آهي اهو سڀ دنيا ۾ ئي ڪرڻو آهي. دنيا ۾ اگر چڱا ڪم ڪيا ته آخرت ۾ به چوٽڪارو حاصل ٿيندو ۽ جنت ۾ جاءِ ملندي جتي شراباً طهورا جهڙو پاڪ شراب ملندو، جنهن لاءِ قرآن پاڪ ۾ ٻڌايو آهي ته، "انهن کي انهن جو رب پاڪ شراب پياريندو (۽ کين چيو ويندو ته) بيشڪ هيءُ اوهان جو اجورو آهي ۽ اوهان جي جدوجهد مقبول ٿي" (الدهر - ١).

شاه صاحب انهيءَ حقيقت کي هن طرح واضح ڪيو آهي ته:

وحده لا شريڪ لهٗ اي وهائج ويءُ،
ڪتين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ،
پاٽان چوندءِ پيءُ، پري جام جنت جو.

چالاڪ انسان جڏهن لڪ ۾ شريعت جي خلاف قدم کڻي ڪو گناه جو ڪم ڪندو آهي تڏهن اهو سوچيندو آهي ته مڙئي خير آهي، ڪير به ڪو نه ٿو ڏسي، سزا جزا کان بچي ويجبو. پر الله پاڪ جيڪو عالم الغيب آهي اهو ٻانهي جي اها فطرت ڄاڻي ٿو سو ڪيس ٻڌائي ٿو ته "بيشڪ توتي نگهبان مقرر آهن، اهي بزرگ اهو سڀ لکن ٿا، جيڪي تون ڪرين ٿو". ٻئي هنڌ ٻڌائي ٿو ته، "انهن تي انهن جا ڪن، انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون اکيون، ۽ انهن جون کلون شاهديون ڏيندا (السجده). ٻئي هنڌ چوي ٿو ته، "هو جيڪي ڪندا، ان بابت سندن هٿ ٻڌائيندا ۽ پير شاهدي ڏيندا (يسين).

ڀٽائي رحہ انهيءَ حقيقت کي اجهو هن نموني سمجهايو آهي.

وحــــدهٗ لاشــــريڪ لَــهٗ ٻڌ ۽ نہ ڀوڙا،
ڪ تو ڪنين نہ سٹا، جي گهٽ اندر گهوڙا،
ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿيند ۽ سامهان.

سر ڪلياڻ جي مٿئين مختصر بيان مان معلوم ٿي ويو تہ هو سچو قرآن پاڪ جو تفسير ۽ تشريح آهي. هن ۾ فلسفو بہ اهو آهي جيڪو قرآن پاڪ جو آهي. هن ۾ واضح طور سمجهايل آهي تہ توحيد سان گڏ رسالت جو پروڙڻ ۽ سمجهڻ ۽ شريعت محمدي تيﷺعمل ڪرڻ لازمي آهي. اهوئي واحد رستو آهي جيڪو انساني نجات جو باعث آهي. انهيءَ رستي تي هلندا ۽ شريعت جي راه تي سفر ڪرڻ ذرا ڏکيو تہ آهي پر ان کي سولو ڪرڻ لاءِ نسخو ڏسيل آهي. قرآن پاڻ چوي ٿو تہ، "تون چئہ تہ منهنجو جيئڻ، منهنجو مرڻ، سڀ الله لاءِ آهي، جيڪو جهانن جو پاليندڙ آهي، جنهن جو ڪوبہ شريڪ ڪونہ آهي". (انعام - ٢٠). شاه صاحب انهيءَ لاءِ ٻڌايو تہ:

عــــاشــــقن پنهنجو اڳ، الله ڪارڻ وڍيو

الله ڪارڻ اڳ وڍڻ لاءِ لازمي آهي تہ الله کان سواءِ ٻئي جي آڏو نہ جهڪجي. فقط الله پاڪ آڏو سجدو ڪجي. قرآن ۾ آيو آهي تہ، "ان سان گڏ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪريون، ڇاڪاڻ تہ شرڪ وڏو ظلم آهي". (لقمان). شرڪ ظلم آهي، دوئي آهي، ٻيائي آهي، بربادي ۽ تباهيءَ جو باعث آهي، تذليل جو ڪارڻ آهي. سو ان کان بچڻ لازمي آهي، ۽ جي نہ بچبو تہ ڇا نتيجو نڪرندو، سو شاه صاحب هيئن ٿو ٻڌائي تہ:

ٻيــائيءَ کي ٻڪ، جن وڏو سي ورســئــا

قرآن پاڪ چوي ٿو تہ: "هي الله ئي تنهنجو رب آهي، ان کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواءِ ڪوبہ معبود ڪونہ آهي. هي هر چيز جو خالق ۽ مالڪ آهي. تون هن جي بندگي ڪر". (انعام). ٻئي هنڌ آهي تہ، "الله کان سواءِ ڪو معبود ڪونہ آهي، هو زبردست ۽ حڪمت وارو آهي" (آل عمران). ٽئين هنڌ چيو ويو آهي تہ، "خدا پاڪ اهو آهي جنهن توکي پنهنجو خليفو بنايو"، "تون ان خدا تي ڀروسو ڪر جيڪو زنده آهي ۽ جنهن کي ڪڏهن بہ موت نہ ايندو".

مذڪور آيتن جو تفسير بيان ڪندي، ان جا فائدا بيان ڪندي، توحيد جي طالب انسان کي اهڙو ڏس ڏيئي ڇڏيو جيڪو لاجواب آهي.

سڪين ڪوه سلام کي، ڪرين ڪوه نہ سلام،
ٻئـــا در تن حـــرام، اي در جنين ديکيـــو.

عرض تہ سر ڪلياڻ جو فلسفو، نج قرآني فلسفو آهي، جيڪو هر قسم جي شرڪ ۽ الحاد کان روڪي، بچائي انسان کي صحيح مقام ۽ منزل تي پهچائي ٿو.

آخر ۾ آئون سنڌ جي لازوال عالم مرحوم علامہ آءِ، آءِ قاضي صاحب جن جا الفاظ دهرائيندس جيڪي اسان لاءِ سند آهن.

"اهو خيال ڪرڻ تہ هن سر زمين ۾ ڪو اهڙو استاد يا شاگرد بہ ٿي سگهي ٿو جو ذات واحد ۽ سندن شان کان بي خبر هجي. يقيني طور ڪنهن اهڙي بيماري جي علامت آهي جا لا علاج ۽ موتمار آهي. بهرحال اها انڌائيءَ ۽ ٻوڙائيءَ جي علامت آهي".

رسالو پڙهڻ ۽ پروردگار سان محبت نہ ڪرڻ هڪ اهڙي ڪيفيت آهي. جنهن جي تشخيص ڪرڻ ضروري آهي. پاڪستان جا سجاڻ مرد ۽ خصوصاً سنڌ جا جوان رسالي هوندي جيڪڏهن لمحي لاءِ الحاد جي گنديءَ هوا مان ساه کڻن تہ اها هڪ بيماري سڏبي. جنهن جي فوري تشخيص ۽ علاج ۾ فرو گذاشت ڪرڻ نہ گهرجي. ان لاءِ شايد ڪنهن اکين جي ڊاڪٽر يا دماغ جي ماهر جي گهرج ٿئي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ دماغي بيمارين جي شفاخاني جي ضرورت پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم عبدالڪريم سعدي

# سر ڪلياڻ ۾ روحاني راز

## الله تعاليٰ جي صحيح معرفت

ٻانهپ جا فرائض بجا آڻڻ سان ٻانهو، رب پاڪ جي خوشنودي ۽ رضامندي حاصل ڪري ٿو ۽ روحاني خوشين ۽ سرور سان همڪنار ٿئي ٿو. انهيءَ خوشنودي ۽ روحاني سرور جي حاصل ڪرڻ لاءِ الله ذوالجلال جي صحيح معرفت جي ڄاڻ ضروري آهي. ٻانهي کي جڳائي ته رب سائين کي راضي رکڻ لاءِ دل سان متوجهه رهي. غير کان ٻه ڪا اميد نه رکي. فقط الله تعاليٰ عزوجل جي ذات پاڪ جو ڊپ دل ۾ ڌاري. الله تعاليٰ عليم آهي، ان کي سڀ ڪنهن شيءِ جو اول، آخر، ظاهر، باطن، ماضي، حال ۽ مستقبل بابت، ذري پرزي جو حال، پوريءَ طرح معلوم آهي. ڪابه ڳالهه هن کان لڪل ۽ مخفي نه آهي.

هو عليم آهي، هن جي مرتبي کان مٿي، ٻئي ڪنهن جو مرتبو نه آهي. زمين و آسمان بحر ۽ بر جي سيني شين جو مرتبو، هن ذات پاڪ کان گهٽ آهي.

هو عالم جو ڌڻي آهي، پنهنجي بادشاهيءَ ۾ جيڪو حڪم وٺيس، سو ڌڻي، هو پنهنجي ذات و صفات ۾ هر موجود شيءِ کان بيپرواهه آهي. بلڪ هي سڄي ڪائنات ۽ مافيها، انهيءَ ذات پاڪ جي محتاج آهي. هاڻي جڏهن ته ٻانهو اِنهي روحاني راز ۽ حقيقت حال کان واقف ٿيو ته مٿس فرض ٿي وڃي ٿو ته هو، مالڪ حقيقي جي در جو ٿي غلام بنجي رهي. رب جي فرمانبرداري ۾ پنهنجو مرتبو ۽ مان ڄاڻڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي هر حاجت روائيءَ لاءِ. اُنهيءَ رب سائين جو در کڙڪائڻ مٿس لازم آهي. هو قادر آهي. جيڪي چاهي ٿو، سو ڪري ٿو ڪيس ڪوبہ روڪڻ ٽوڪڻ وارو نہ آهي، ڇو تہ هو رب پاڪ، قادر مطلق آهي.

جيڪي هو گهرندو، سو ٿيندو، تنهنڪري ٻانهي کي قادر حقيقي جي پيدا ڪيل تقدير تي راضي رهڻ کپي.

هو والي آهي ۽ سموري مخلوق جي سيني ڪمن جي نگهباني ۽ تدبير ڪري ٿو، ۽ ڪيس هر تدبير يا تقدير تي پوري قدرت ۽ سگهہ آهي. هو واحد آهي ان جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي.

هو رزاق آهي، هُن سيني لاءِ روزي پيدا ڪئي آهي ۽ ان جي پيدا ڪرڻ جا اسباب انسان کي سمْجهايا آهن. ٻيو تہ روح لاءِ بہ هُن روحاني خوراڪ پيدا ڪئي آهي. جڏهن تہ ظاهري ۽ باطني روزيءَ جو رزاق الله تعاليٰ وحده لا شريڪ لہ آهي تہ ٻانهي کي ٻين درن ۽ ترن تي هٿ ڏِگهڙڻ ۽ واجهائڻ جي ضرورت نہ آهي.

هو رب آهي، جسماني ۽ روحاني پرورش ڪرڻ وارو آهي، هو غيب جي خزاني مان سيني حاجتن کي پورو ڪندو رهي ٿو. ٻانهي کي سيني ضرورتن ۽ حاجتن لاءِ اُن جي در جي گدائي ڪرڻ جڳائي. اهو رحيم آهي، وڏو رحم ڪندڙ آهي. محتاج ٻانهن سان دنيا ۽ آخرت ۾ رحم ۽ ڀلائي ڪندڙ آهي. سيني نعمتن جو سچو مالڪ آهي، الله تعاليٰ ئي آهي، ٻانهي کي فقط، ان جي ذات پاڪ تي توڪل جو ترهو ٻڌي توڪل ڪري، اُن جي رحم جو طالب ٿيڻ کپي. اهو سچو ڏاتي آهي. ان سان تعلق، سچائي جي سنئين واٽ ڏيکاريندو. الله جي ذات والا صفات سان تعلق قائم ڪرڻ لاءِ ۽ توحيد جو سبق سيکارڻ لاءِ ۽ مٿي ذڪر ڪيل حقيقتن سان روشناس ڪرڻ لاءِ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ پنهنجي سهڻي ڪلام جي ابتدا ئي هنن لفظن ۾ ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اول الله عليم، اعليٰ عـــالم جو ذاتي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آه قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراهه، سچو ذاتي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون.

### حضرت رسول ڪريم صلعم تي ايمان آڻڻ.

حضرت محمد مصطفيٰ مجتبيٰ خاتم النبين صلي الله عليه وسلم تي ايمان آڻڻ سان، توحيد جي تڪميل ٿئي ٿي. جيئن ته حضرت ڀٽائي گهوٽ جو ارشاد آهي:

وحدهٗ لا شريڪ لَـهٗ جن اتوسين ايمان،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، قلب سان لسان،
اوفائق ۾ فرمان، اوتڙ ڪنهن نه اوليا ء.

الله تعاليٰ سان محبت جي دعويٰ، تڏهن سچي ٿي سگهي ٿي، جڏهن حضرت خاتم النبين ختم المرسلين محمد عربي صلعم تي ايمان هجي ورنه ان کان سواءِ اِها دعويٰ بي معنيٰ آهي، جو ته قرآن پاڪ ۾ ارشاد رباني آهي ته، قل ان ڪنتم تحبون الله فاتبعوني يحببڪم الله و تغفر لڪم ذنو بڪم و الله غفور رحيم. ترجمو: (اي رسول) چئو ته جيڪڏهن الله سان محبت رکو ٿا ته منهنجي تابعداري ڪريو ته الله به اوهان سان محبت ڪندو ۽ اوهان جا گناه معاف ڪندو ۽ الله معاف ڪندڙ ۽ نهايت رحم وارو آهي. جو ته جيڪو ماڻهو جيتريقدر حبيب خدا صلعم جي ٻڌايل واٽ تي هلي ٿو ۽ پاڻ سگوري جي آندل روشنيءَ ڪي مشڪل راه بنائي زندگي گهاري ٿو. اِهائي ڪسوٽي آهي ته جنهن ڪي نبي صلعم سان ۽ سندس ٻڌايل حڪمن جي تابعداري ڪرڻ سان جيتري محبت هوندي، اوتري قدر ئي ٻانهو پنهنجي رب پاڪ سان محبت جي دعويٰ ۾ سچو ثابت ٿيندو. سنت جي پيروي لاء دل و جان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پاڻ سڳورن جي عبادتن ۽ عادتن جي مڪمل پيروي کي قابل فخر سمجهڻ ۾ سعادت عظميٰ ماڻڻ جو راز آهي. محبوب جي هر شيءِ مٺي ۽ پياري هوندي آهي. ان ڪري محبوب جي شڪل اختيار ڪرڻ سان بندو به محبوب بنجي وڃي ٿو.

**شريعت جي پابندي**

پاڻ سڳورن جي تابعداري، هن ريت ٿي سگهندي ته سيني اوامر ۽ نواهي تي عمل ڪجي ۽ نفساني خواهشن مطابق زندگي بسر نه ڪجي. ڇو ته الله تعاليٰ انسان کي مهمل پيدا نه ڪيو آهي.

انسان کي اوامر ۽ نواهي جو مڪلف بنايو آهي، يعني سڀ شرعي احڪام ان لاءِ واجب العمل آهن، انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪندي، ڀٽائي گهوٽ فرمايو آهي.

وحدهٗ لا شريڪ لَهٗ چو چوندو آءُ،
فرض واجب سنتون، تنئون ترڪ م پاءِ،
توبهه سندي تسبيح، پڙهي سا پچاءِ،
نڳا پنهنجي نفس کي، سنئين راه سونهاءِ،
سپريان جي ڳالهڙي هِنئين سين لاءِ،
ته سندي دوزخ باه، تو اوڏيائي نه وڃي.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحه نهايت موزون اکرن ۾ فرمايو آهي ته ”هندستان جي برهمڻن ۽ يونان جي فيلسوفن، رياضتن ۽ مجاهدن ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي آهي. مگر جيئن ته سندن رياضتون، انبياء عليهم السلام جي شريعتن مطابق نه هيون، تنهنڪري الله تعاليٰ جي حضور ۾ اهي مردود آهن، ۽ قابل قبول نه آهن ۽ هو آخرت جي ڇوٽڪاري کان محروم آهن (مڪتوبات، ص ۷۱، دفتر اول)“.

بندو جيتري قدر شريعت جي واٽ تي هلندو، اوتروئي پنهي جهانن ۾ ڪاميابي هن جا قدم چمندي، بقول ڀٽائي رحه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڳي ڪيا اکين نسوروئي نور،
لاخوف عليهم و لا هم يحزنون، سچن ڪونهي سور،
مولي ڪيو مامور، انگ ازل ۾ ان جو.

هن بيت قرآن مجيد جي هن آيت ڏانهن توجهه ڏياري ٿو: وما نرسل المرسلين اِلا مبشرين و منذرين فمن آمن و اَصلح فلا خوف عليهم ولا هم يحزنون. (ترجمو: اسين پيغمبرن کي رڳو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليون ٿا. پوءِ جن ايمان آندو ۽ پاڻ کي سڌاريو، تن کي ڊپ نه آهي ۽ نڪي اهي غمگين ٿيندا.)

الا ان اولياءَ الله لا خوف عليهم و لا هم يحزنون. الذين آمنو و ڪانو يتقون ○ لهم البشريٰ في الحيواة الدنيا و في الاخرة ○

(ترجمو: ياد رکو ته الله جي دوستن تي نه ڊپ آهي ۽ نڪي اهي غمگين ٿيندا. (هي اهي آهن) جن ايمان آندو آهي ۽ اهي پيا ڊڄن. انهن لاءِ دنيا جي حياتيءَ ۽ آخرت ۾ خوشخبري آهي.)

مگر جنهن ڪوتاهه انديش، شريعت جي حڪمن مطابق زندگي نه گذاري هوندي ۽ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي اسوه حسنه کي نمونو نه بنايو هوندو، سو قيامت جي ڏينهن ڳوڙها پيو ڳاڙيندو. حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو:

عشق جي اسباب کي، پر ۾ پچيائون،
دارو هن درد جو، ڏاڍو ڏسيائون،
آخر و العصر جو، ايهين اتائون،
تهان پوءِ آئون، سِڪان ٿي سلام کي.

هن بيت ۾ شاه صاحب قرآن حڪيم جي سوره والعصر جي دستور العمل ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي. هن سورة ۾ دنيا جي قومن جي ڪاميابي جا چار اصول بيان ڪيل آهن.

والعصر ان الانسان لفي خسرِ. الاالذين آمنو و عملو الصلحٰت وتو اصو بالحق. وتو اصوا بالصبره.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ترجمو: زماني جو قسم آهي ته بيشڪ انسان وڏي نقصان ۾ آهي. انهن کان سواءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ هڪ ٻئي کي حق جي نصيحت ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي نصيحت ڪئي.)

ڪاميابيءَ جو پهريون اصول هي آهي ته خدا ۽ رسول تي ايمان آڻجي ۽ ان جي هدايتن ۽ وعدن تي (چاهي اهي دنيا متعلق هجن يا آخرت بابت) يقين ڪامل رکجي.

ٻيو اصول هي آهي ته اهو اثر فقط دل ۽ دماغ تائين محدود نه رهي. بلڪ عملي زندگيءَ ۾ به ان جي جهلڪ نمايان هجي. ڪاميابيءَ جو ٽيون گر هي آهي ته رڳو پنهنجي ذاتي غرض تائين نه هجي. بلڪ اصلاح ۽ چڱڪاري جي نعمت کان مخلوق خدا کي به فيضياب ڪري ۽ هر ڪم ۾ قوم ۽ ملت جي گڏيل مفاد جو لحاظ رکيو وڃي. جڏهن به ٻه مسلمان ڀائر پاڻ ۾ گڏجن ته هڪ ٻئي کي پنهنجي قول ۽ فعل سان سچي دين اسلام ۽ هر معاملي ۾ سچائي ۽ پاڪيزگي اختيار ڪرڻ جي تبليغ لڳاتار جاري رهي. چوٿون اصول هي آهي ته هر هڪ حق جي معاملي ۾ جيڪي به سختيون ۽ مشڪلاتون آڏو اچن انهن کي خنده پيشانيءَ سان برداشت ڪري گويا هرهڪ مسلمان پنهنجي ڀاءُ کي اها نصيحت ۽ وصيت ڪري ڇڏي ته سچ جو ساٿ ڪڏهن به نه ڇڏجي.

سر ڪلياڻ جو روحاني راز هي آهي ته الله تعاليٰ ۽ سندس پيغمبر محمد عربي صلعم سان تعلق نيڪ رکو جيئن هڪ ولي ڪامل بزرگ چيو آهي ته:

بابا رشتــــــــــه سب سي توڙ،
بابا رشتــــــــــه حق سي جوڙ.

۽ حضرت شاهه عبداللطيف رحه فرمائي ٿو.

ڇڏ تون الله هيڪڙو، ٻي وائي وساري ڇڏ،
او تان تو سين گڏ، سڄڻ ساهه پساهه ۾.

شال رب ڪريم اسان سيني مسلمانن کي ڀٽائي رحه جي تلقين مطابق زندگي گهارڻ جي توفيق عطا ڪري. (آمين).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم نجف علي شاه ”ڪمتر“ نقوي

# سر ڪلياڻ جي لغت ۽ معنيٰ

ڪنهن لفظ جي معنيٰ تي بحث ڪرڻ کان اڳ ۾ انهيءَ لفظ جي صحيح صورتخطي مقرر ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. ڪيترا اهڙا لفظ آهن جن جي صورتخطيءَ ڦيرائڻ سان سندن معنيٰ ۾ به ڦريو وڃي. جيئن سر ڪلياڻ جي هڪ بيت ۾ آهي ته ”مولي ڪيو مامور، انگ ازل ۾ ان جو“. انهيءَ بيت ۾ اهو معلوم ڪرڻ مشڪل آهي ته صحيح لفظ ”مامور“ آهي يا ”معمور“؟ جي ”مامور“ پڙهبو ته معنيٰ ٻي ٿيندي، ۽ جي ”معمور“ استعمال ڪبو ته معنيٰ بلڪل بدلجي ويندي. نه صرف ايترو، پر گذريل سال مون هن ساڳئي موقعي تي، پنهنجي مضمون ۾ اهو ثابت ڪيو هو ته لفظ يلي ڪٿي ساڳيو هجي، پر جي ان جون زيرون ۽ زبرون ڦيرائبيون ته به معنيٰ جدا جدا نڪرندي. تنهنڪري لغت تي بحث ڪرڻ يا لغت تي ڪو ڪم ڪرڻ کان اڳ ۾ رسالي جي هر هڪ لفظ جي صورتخطي ۽ املا کي درست ڪرڻ بيحد ضروري آهي. مختلف ڇپيل رسالن ۾، ڪنهن ساڳئي لفظ جي صورتخطيءَ ۽ املا جو اختلاف، لغت تي ڪم ڪندڙن لاءِ هڪ نهايت پيچيده مسئلو آهي. ان سبب ڪري اهو بلڪل ضروري آهي ته سڀ کان پهرين، هڪ اهڙو مستند رسالو ڇپائجي، جنهن جي هرهڪ لفظ جي املا مقرر ٿيل هجي. حتيٰ ڪ زيرون، زبرون، پيش، مَد ۽ جزم به پنهنجي پنهنجي صحيح جاءِ تي مقرر ٿيل هجن. انهيءَ باري ۾ اهڙو اهتمام هئڻ ضروري آهي، جهڙو اهتمام قرآن شريف جي ڇپائيءَ ۽ ڪتابت وقت ڪيو ٿو وڃي، ۽ هڪ دفعو اهڙي قسم جي رسالي جي شايع ٿيڻ کان پوءِ، ڪنهن کي به اهڙو اختيار نه هئڻ گهرجي، جو هو انهيءَ مقرر ٿيل املا يا صورتخطيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا ڦير ڦار ڪري سگهي. ڇو جو جيڪڏهن هرڪو ماڻهو شاه جي رسالي جون پڙهڻيون، پنهنجي پنهنجي خيال ۽ راءِ مطابق مقرر ڪندو ويندو ته اڳتي هلي رسالي ۾ ايترو اختلاف پيدا ٿي ويندو جو نه صرف محققن لاءِ پر پڙهڻ وارن لاءِ به ڪافي پيچيدگيون پيدا ٿي پونديون، ۽ آخر هڪ ڏينهن شاه جو رسالو هڪ اهڙي معمي جي صورت اختيار ڪري ويندو، جو ان کي ڪو به ماڻهو سمجهي ڪونه سگهندو.

هي عام شڪايت اها آهي ته، جيڪڏهن ڪن به دانشورن رسالي جي لفظن تي بحث ڪيو آهي، ته ان ۾ انهن جي گهڻي ڀاڱي ڪوشش، صرف انهيءَ لفظ جي اشتقاق معلوم ڪرڻ تي ڪئي وئي آهي. جي ڪو صاحب هندي يا سنسڪرت زبان جو حامي آهي ته ان پنهنجي طرفان اها سر توڙ ڪوشش ڪئي آهي ته ان لفظ جو اشتقاق، هندي يا سنسڪرت يا پاشائن مان ثابت ڪيو وڃي؛ ۽ جي ڪو محقق عربي ۽ فارسي زبانن جو دلدادو آهي، ته انهيءَ جو سڄو توجهه ۽ سڀ دماغي صلاحيتون انهيءَ ڳالهه تي صرف ٿين ٿيون ته انهيءَ لفظ جو اشتقاق عربي يا فارسي زبان مان ثابت ڪري سگهجي. آءٌ اهڙين ڪوششن جي برخلاف ڪونه آهيان. اهو بلڪل ضروري آهي ته هر هڪ لفظ جو اشتقاق ڳولجي ۽ اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ته اهو اکر ڪٿان آيو ۽ ڪيئن آيو. ليڪن آءٌ انهيءَ کان به وڌيڪ ضروري اها ڳالهه ٿو سمجهان ته اسان کي جنهن اکر جي معنيٰ تلاش ڪرڻي ۽ ڏسڻي هجي ته اهو لفظ شاه صاحب پنهنجي رسالي ۾ ڪهڙن ڪهڙن بيتن ۾ ڪيترا دفعا استعمال ڪيو آهي. پوءِ جي اسين اهي سڀ بيت سامهون رکي، انهن جو تقابلي مطالعو ڪنداسين ته، اسان کي اهو معلوم ٿي ويندو ته انهيءَ مخصوص لفظ کي شاه صاحب، ڪهڙي مفهوم ۾، ۽ ڪيترين معنائن ۾ استعمال ڪيو آهي. انهي نڪتي تي، مون سان محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان صاحب بلوچ ۽ ٻيا ڪيترا رسالي جا محقق صاحبان متفق آهن ته شاه صاحب پنهنجي ڪلام جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ بهترين مفسر آهي. اسين جي پنهنجي عقل، دماغ ۽ علم کان ڪم وٺي ڪنهن لفظ جي معنيٰ مقرر ڪيون، تنهن کان اهو وڌيڪ بهتر آهي ته اسين خود شاهه صاحب کان پڇون ته سندس نظر ۾ انهيءَ لفظ جي معنيٰ ڪهڙي آهي.

مثال طور آءٌ سر ڪلياڻ جي ٽئين داستان جو هڪ بيت پيش ڪريان ٿو، شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

جي مـتي وَٽِ مِڙن، تـہ سَيـڪـهـر سـڌ ٿين،
سِر ڏنـي سـٽ جڙي تـہ عـــــاشق اِيَ اَچن،
لِڏا تـي لِين، مُل مــــهـــــانگا سُپـــرين.

جيتوڻيڪ انهيءَ بيت ۾ ڪيترا اهڙا لفظ آهن، جن جي لغت يا معنيٰ تي بحث ڪجي تہ ڪري سگهجي ٿـو. ليڪن آءٌ انهيءَ بيت جي هڪ اهڙي لفظ تي بحث ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪو بظاهر بلڪل معمولي آهي، ايتري قدر جو انهيءَ لفظ جي معنيٰ تي، مرحوم شاهوانيءَ ۽ آنجهاني گربخشانيءَ ڪا روشني وجهڻ ضروري نہ سمجهي. اهو معمولي لفظ آهي "تي". "لڏا تي" لين، مل مهانگا سپرين. مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ۽ مسٽر پيرومل مهر چند بہ پنهنجي لغات ۾ انهيءَ لفظ "تي" جي جدا معنيٰ ڪانہ ڪئي آهي. انهن "لڏا تي" جو مرڪب لفظ لکي ان جي معنيٰ ڪئي آهي، "لکئي سان يا قسمت سان" جيڪڏهن لفظ "لڏا" جي معنيٰ قسمت يا لکيو ڪجي تہ ٺيڪ آهي. ليڪن "تي" جي معنيٰ ڪنهن بہ حالت ۾ "سان" ڪانہ ٿيندي. هن بيت ۾ تي جي معنيٰ ٿيندي "تنهنڪري يا تڏهن" آءٌ اوهان کي خاطري ٿو ڏياريان تہ اها معنيٰ، بندي جي ايجاد ڪانهي. ليڪن شاهه جي ڪلام جي گهري مطالعي ڪرڻ وارن کي معلوم آهي تہ اهو لفظ انهيءَ معنيٰ ۾ ڪيترين جاين تي شاهه صاحب استعمال ڪيو آهي. مثال طور چند اهڙا بيت پيش ڪريان ٿـو، جن ۾ شـاهه صـاحب "تي" کي "تنهنڪـري يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تذهن" جي مفهوم ۾ استعمال ڪيو آهي. سر يمن ڪلياڻ ۾ شاه صاحب فرمائي ٿو تہ:

ڏني ڏکويا، اڻ ڏني راضي ٿيا،
صوفي تي ٿيا، جڻن ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

سر سهڻيءَ ۾ آهي تہ:

سَهہ سيارو، پاڻي پيارو، جت جهڙ جهڪ ۽ جهول،
من اندر ميهار جا، هينئڙي اچن هول،
جيلاه پڌيس پول، تي اڙانگا آر تران.

سسئيءَ جي واتان چوائي ٿو تہ:

واقف نہ وٽڪار .ي، اگهہ نہ ڏيہ ڏنوم،
ڏونگر ڏوراپن سين، ڪاتيءَ ري ڪنوم،
جيلاه محب منوم، تي چلون ڪريان ڇپرين.

ٻئي هنڌ وري بہ سسئي سور ٿي روئي تہ:

پيرين پيم پرڪٽا، ره ۾ ڪهٽو رنوم،
پاراتو پرين ڪي، تپي تان نہ ڏنوم،
چُڪي تي چيوم، سواهرو سڄڻين.

سر ديسيءَ ۾ چوي ٿو تہ:

جبل سُڄن جال، آڏا آريچن ڪي،
هاڙي ڏاه هٿ ڪٽئو، ڇپر مڙان شال،
ڪيچي وڃڙم ڪال، تي ٿي ڏونگر ڏوريان.

سر حسينيءَ ۾ ارشاد ٿو ٿئي تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانيڊ پنهنجي ساه، پاهين ٿي پورا ڪريان،
واڳيون جي ورن سين، تن سرتين سيج سهاءِ،
مون کي طعنا تي ڏيين، مون جئن مُنئن نہ ماءِ،
آريءَ جي آڪاه، رلايس روهن ۾.

سر ليلا چنيسر ۾ شاه صاحب ليلا کي هدايت ٿو ڪري تہ:

ليلا جم لڪائين، چئي چنيسر ساڻ،
ور سين وڙهڻو اتين، موڙهي مُنئي پاڻ،
پوري ڪيئہ پاڻ، تي آيئہ ڏنءَ ڏهاڳ جو.

مثال تہ گهڻيئي آهن پر مضمون جي طوالت جي خوف کان انهن چند مثالن تي اڪتفا ڪندي عرض ڪندس تہ انهن مثالن مان بخوبي معلوم ٿي ويو تہ تي جي معنيٰ آهي "تڏهن يا تنهنڪري". ليڪن جي اسين ان معمولي لفظ جي صرف انهيءَ هڪڙي معنيٰ تي مطمئن ٿي ويندا سون تہ اها شاه جي زبدانيءَ سان بي انصافي ٿيندي. شاه صاحب انهيءَ معمولي لفظ کي گهٽ ۾ گهٽ چئن معنائن ۾ استعمال ڪيو آهي جن مان هڪ معنيٰ جو ذڪر ٿي چڪو.

شاه صاحب جي سندس تفسير موجب انهيءَ تي جي ٻي معنيٰ آهي "جي مٿان"، ان جا چند مثال پيشِ خدمت آهن سر سهڻيءَ ۾ شاه صاحب تي جو لفظ "جي مٿان" جي معنيٰ ۾ استعمال ڪندي فرمائي ٿو تہ:

هاوانا هلن، ڪپر ڪارونيار جا،
لهريون لڙ لطيف چي، پيلي تي پلن،
جي ڪچي ساڻ ڪهن، آقا تن اوباهين.

ٻئي هنڌ سر حسينيءَ ۾ فرمائي ٿو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"تذهن" "تنهنڪري" "جي مـتـان" "ڏانهن" "جي طرف" ۽ "تہ" لکندو تہ ان طرح سان رسالي جي طالب علمن لاءِ اشتباہ پيدا ٿيڻ جو امڪان ٿي پوندو. تنهنڪري شاہ صاحب جي رسالي جي لغت ۾ ڀڏايل هجي تہ هي لفظ هن معنيٰ ۾، فلاڻن فلاڻن بيتن ۾ استعمال ٿيل آهي ۽ هي معنيٰ هنن بيتن سان لاڳو ٿيندي. ليڪن جي هر هڪ لفظ جي باري ۾ مختلف معنائن وارا بيت لغت جي ڪتاب ۾ لکيا ويندا تہ اهو ڪتاب وڏو ضخيم ۽ ايترو مهانگو ٿي ويندو، جو هر ڪنهن ماڻهوءَ جي خريد ڪرڻ جي وس ۽ طاقت کان ٻاهر هوندو. تنهنڪري اهو نهايت ضروري آهي تہ ڪو هڪڙو مستند رسالو اهڙو شايع ٿيل هجي، جنهن کي بنياد بنائي لغت تيـــار ڪئي وڃي ۽ پوءِ انهيءَ لغت ۾ هر هڪ لفظ جي سامهون جن جن بيتن ۾ اهو لفظ استعمال ٿيل هجي، انهن بيتن جا صرف نمبر ڏجن. اهڙيءَ طرح سان لغت جي ضخامت ۽ قيمت گهٽجي ويندي ۽ اهڙي لغت پڙهڻ ۾ بہ آسـاني ٿي ويندي. انهيءَ ترڪيب سـان ڪم ڪرڻ جي ڪري، شـاہ صاحب جي طالب علمن کي، شاہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سڄي رسالي جي ٢٩٥١ بيتن ۽ سڄي رسالي ۾ شاہ صاحب جي استـعـمـال ڪيل ٥٥٠٠٠ لفظن جو انڊيڪس بہ دستياب ٿي ويندو. جنهن جي مطالعي ڪرڻ سان، اڳتي هلي رسالي جي باري ۾ تحقيق ۽ تجسس ڪرڻ جون راهون کلي پونديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل

# سر يمن ڪلياڻ جو فلسفو

سر يمن ڪلياڻ جي مقرر ڪيل ڏهن عنوانن مان، اسان ان جي فلسفي تي ڪجهه اظهار خيال ڪريون ٿا. ان جي فلسفي تي لکڻ کان اڳ، معلوم هئڻ گهرجي ته شاه صاحب جي رسالي جي سڀني فلسفي کان سر يمن ڪلياڻ جو فلسفو ڪا ڌار شيءِ نه آهي، بلڪه جدا جدا سرن جو فلسفو، ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ مشترڪ نظر ايندو. البت ايترو فرق ضرور آهي جو هر هڪ سر ۾ ان جو عنوان بدليل هوندو آهي.

سر يمن ڪلياڻ جو فلسفو ڇا آهي، ۽ ڇو ان جي لاءِ اٺ داستان چونڊيا ويا آهن؟ تنهن جو بحث اڳتي ايندو. ليڪن اها خبر سڀني کي آهي ته شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه هڪ پڪو مسلمان ۽ بلند پايه عارف ۽ صوفي هو، جنهن جي عمر جو وڏو ڀاڱو پنهنجي نفس جي تزڪيه ۽ قلب جي تصفيه ۾ گذريو. هن جو شمار دنيا جي اهڙن شخصيتن ۾ ٿيڻ گهرجي، جن جي تجربن کان ايندڙ نسلن هميشه فائدو حاصل ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته شاه صاحب پنهنجي زندگيءَ جو ڪافي حصو سنڌ ۽ ان جي پسگردائيءَ جي سياحيءَ ۾ گذاريو آهي، ۽ دنيا جي ٿڌي ڪوسي جو تجربو ڪيو آهي، ۽ آسپاس جي جاگرافيائي حالتن جو تجربو ذاتي طرح ڪيو اٿس، تنهنڪري هن جي پاڪيزه زندگيءَ ۾ افاديت پيدا ٿي پيئي آهي. ايتري قدر جو اسان جي اڄوڪي زماني ۾ به هن جا تجربا روحاني ۽ مادي زندگيءَ جي لاءِ شمع راه جو ڪم ڏين ٿا.

شاه صاحب جي نهايت قيمتي تجربن مان روحاني تجربو به هڪ آهي، جنهن جي حاصل ڪرڻ ۾ هن ڪڏهن به پنهنجا اصول ترڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪيا؛ جيتوڻيڪ هندو ساڌن سان گڏجي ملڪ جي مختلف ڀاڱن جو سفر ڪيائين. هن سفر ۾ هن کي آيات الاهيہ تي ذاتي غور ڪرڻ جو ڪافي موقعو مليو. خاص طرح هندو ساڌن سان رهي، هن ۾ هڪ اعليٰ درجي جي رواداري پيدا ٿي پئي، جنهن جي ڪري نوع انساني لاءِ هن جي دل ۾ پيار پيدا ٿي پيو، ۽ عالمِ انساني سان هن کي محبت ٿي پيئي. جنهن حالت ۾ شاه صاحب جي خيال جو مرڪز انسانيت گير وسعت رکندو هو، تنهنڪري مختلف خيال رکندڙ ماڻهن سان گڏ رهي هن کي پنهنجي عقيدي جي پختگي، وسعت ۽ بلنديءَ جو تمام سٺو تجربو ٿيو. انهيءَ عقيدي جي روحانيت ۽ حقيقت هن کي انهيءَ ڳالهہ تي مجبور ڪيو جو هو ٻين کي پنهنجن تجربن مان فائدو پهچائي. اهوئي سبب هو جو هن پنهنجي ڪيفيت ۽ حال کي ابيات ۽ واين جي صورت ۾ نظم ڪيو ۽ موسيقيءَ جي سهاري هڪ قسم جي محفل سماع برپا ڪئي، جنهن مان هن جي محفل جا شريڪ فائدو پرائيندا رهيا.

مسلمان اهلِ حال صوفين ۽ عارفن جي هميشه اها حالت رهي آهي، جو انهن کي تجليات ۽ ڪيفيات جو مشاهدو ٿيندو هو، يا سندن وجدان ان جو اثر قبول ڪندا هئا. يعني هر تجليءَ جي مشاهدي جو اثر ۽ هر وجداني ڪيفيت جي تاثر کي ابيات يا وائي جي صورت ڏيندا هئا. ان ۾ انهن جي قصد ارادي کي بعض وقت بلڪل دخل نہ هوندو هو، ۽ ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندو هو، جو هو پنهنجي واردات قلبي ۽ ڪيفيات روحاني کي قصد ۽ ارادي سان نظم فرمائيندا هئا. انهن ٻنهي حالتن ۾ ساڻن ويهڻ وارا ۽ عقيدتمند برابر فيضياب ٿيندا هئا. شاه جي رسالي جو غور سان مطالعو ڪرڻ کان پوءِ اهي ٻئي نُڪتا ڏاڍي آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃن ٿا.

## شاه جو فلسفو

اسلامي عارفن ۾ ٻن خيالن جا مڪتب نظر اچن ٿا: هڪڙو مڪتب وحدت الوجود وارن جو، ۽ ٻيو وحدت الشهود وارن جو. اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳو لفظي ڦير گهير آهي، نہ تہ ٻنهي مقصدن جو مطلب وصول الي الحق آهي. انهيءَ بحث ۾ وڌيڪ پوڻ جي نڪا ضروزت آهي نہ انهن مکتبن مان ڪو غلط آهي، ٻنهي جو ۽ هر هڪ مسلمان جو مقصد رڳو عرفان ۽ خدا کي رسڻ آهي، تنهنڪري فروعي ڳالهين کي ڇڏيندي، ان اصول کي اختيار ڪريون تا جو شاه صاحب جي سيني سُرن ۾ برابر ملي ٿو ۽ سر يمن ڪلياڻ ۾ ان جي جلوهہ گري خاص طرح نظر اچي ٿي.

شاه صاحب جو فلسفو حقيقت ۾ وحدت الوجود جو فلسفو آهي. اهو پنهنجي طرفان فرض ڪونہ ڪيو ويو آهي بلڪ شاه صاحب جي سيني سرن جي مطالعي جو نتيجو آهي. شاه صاحب قادريہ سلسلي جو شيخ طريقت هو، جنهن جي تعليم هن پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪئي هئي. سندس جَدّ امجد شاه عبدالڪريم بلڙي جي ڪري فقر و تصوف جي تعليم سندن سڄي خاندان ۽ گهر ۾ عام هئي. انهيءَ سلوڪ جون منزلون شاه صاحب طئي ڪيون ۽ اهوئي هن جي زندگيءَ جي غور و فڪر جو مرڪز هو.

اسان جو اهو مختصر بيان، شاه صاحب جي سر يمن ڪلياڻ ۾ ملي ٿو ۽ اهو ئي شاه صاحب جو فلسفو آهي، جنهن کي پيش ڪرڻ کان اڳي هڪ نُڪتي کي سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ، ”اسلامي نظام حيات جو روحانيت ۽ماديت جو جامع آهي، سو شريعت محمديہ جي ماتحت اچي ٿو“. شريعت محمديہ جا سڀ احڪام ۽ اعمال جي پابندي خدا جا ڏنل حڪم آهن ۽ حضرت خاتم النبيين عليه الصلواة و السّلام خود هن تي عمل ڪيو آهي. احڪام ۽ اعمال جي اها پابندي اهڙي آهي جو اسان جي اٿڻ، ويهڻ، سمهڻ، جاڳڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ کي بہ عبادت ۾ داخل ڪريو ڇڏي.

شريعت ۾ سڀ کان پهرين ”توحيد“ تي زور ڏنل آهي ۽ شرڪ کان بچڻ جو سخت تاڪيد ڪيل آهي. اسلام جي پنجن رڪنن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون رڪن توحيد آهي، جو زبان سان اقرار ۽ قلب سان تصديق آهي. توحيد جي اهميت ايتري آهي جو اسان جا عقيدا، خيالات، اعمال ۽ سماجي ۽ انفرادي زندگيءَ تي ان جو اثر انداز هجڻ ضروري آهي. اسلامي اتحاد جي بنياد جو اصل مرڪزي توحيد آهي. توحيد جي بنياد تي جيڪو نظام حيات قائم ٿئي ٿو، تنهن جي ظاهر ۽ باطن ۾ مطابقت ٿئي ٿي، ضد ۽ اختلاف نٿو ٿئي، مثلاً الله جل شانه کي هڪ مڃڻ زبان جو ڪم آهي ۽ ان جي تصديق ڪرڻ ته اها ذات، صفات، افعال ۽ شين جي لحاظ کان به هڪ ئي آهي، دل جو فرض آهي. ظاهر آهي ته انهن ٻنهي ڳالهين ۾ يعني زبان سان الله جي هڪ هجڻ جي اقرار ڪرڻ ۾ ۽ دل سان هن کي ذات و صفات ۽ شين جي اعتبار کان هڪ مڃڻ ۾ نڪو پاڻ ۾ فرق آهي نه تضاد. فقر و سلوڪ جي هڪ وڏي مسئلي کي اسان تمام اختصار سان پيش ڪيو آهي جو ته انهيءَ کان سواءِ اسين شاه جي فلسفي جي تشريح ڪري ڪين سگهنداسين. فلسفي جي اصطلاحي معنيٰ آهي، ”شيءِ جي انهيءَ حقيقت کي معلوم ڪرڻ، ان جو اصل بنياد ۽ وجود آهي، يعني شين جي ماهيت جو نالو فلسفو آهي“.

سر يمن ڪلياڻ بابت گهٽائي رايا نظر مان گذريا آهن، پر انهن مان رڳو ٻه رايا هتي بيان ڪرڻ مناسب سمجهون ٿا. هڪڙو رايو ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو آهي. هن سر يمن ڪلياڻ جي هر داستان بابت هڪ جدا رايو ڏنو آهي، جنهن جو مرڪزي خيال هر هڪ داستان جي ئي ڪنهن نه ڪنهن شعر تي بيٺل آهي، تنهنڪري هن جو بيان انهن داستانن تي پکڙيل آهي. جيتوڻيڪ اهو بيان هر داستان جي لحاظ کان اهڙو آهي جو انهيءَ داستان مان ئي ماخوذ معلوم ٿو ٿئي، پر ان جي مجموعي مطالعي مان شاه صاحب جي ڪنهن خاص فلسفي کي سمجهڻ نهايت مشڪل آهي، البت هر داستان جي فلسفي کي سمجهڻ ۾ ڪجهه نه ڪجهه آساني ضرور ٿئي ٿي.

ٻيو رايو مرحوم غلام محمد شاهواڻيءَ جو آهي، جنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيان ۾ جيتوڻيڪ هڪ تسلسل ملي ٿو، جنهن مان عقلي طرح هڪ نتيجو بہ ڪڍي سگهجي ٿو، پر اها ڳالهہ ان ۾ بہ نٿي ملي تہ شاہ صاحب جي سر يمن ڪلياڻ جو اصل فلسفو ڇا آهي؟ شاهواڻي صاحب جي بيان مان جيڪي ڪي ثابت ٿئي ٿو تنهن جو خلاصو هي آهي تہ شاہ صاحب هن سر ۾ عشق حقيقي جو بيان ڪيو آهي، يا هن تي زور ڏنو آهي. پر عشق حقيقي پنهنجي جاء تي ڪو فلسفو نہ آهي، بلڪ ڪنهن فلسفيانہ مقصد کي حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي، تنهنڪري نهايت ضروري آهي تہ شاہ صاحب جي سر يمن ڪلياڻ جو مطالعو اهڙي ريت ڪريون، جو ان مان سر يمن ڪلياڻ جي فلسفي جو پورو علم حاصل ٿي سگهي. انهيءَ اندازِ تحقيق مان اميد آهي تہ ڪنهن کي بہ اختلاف نہ رهندو.

شهواڻيءَ جي سر يمن ڪلياڻ جي پهرئين داستان جو پهريون بيت آهي:

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع،
صاحب! ڏي شفا، ميان! مريضن کي.

هيءُ بيت حمد ۾ آهي، پر هن حمد جا لفظ اهڙا آهن، جنهن مان شاہ صاحب جي روحاني ميلانات ۽ وجدانيات جي نوعيت ۽ ڪيفيت کهڙي آهي، اڳتي خبر پوندي. ٻئي بيت جو مضمون اهوئي آهي، جيڪو پهرئين بيت ۾ آندو ويو آهي:

تون حبيب، تون طبيب، تُنهر ڏنن ڏبَ،
تون ڏيين، تون لاهيين، تُنهر هادي رب،
آهر اِي عجب، جن وارئو ويچ وهارين.

ٽئين بيت ۾ اها حقيقت کُلي سامهون اچي وڃي ٿي، تہ اهي بيت باري تعاليٰ جي حمد ۾ آهن، ڇاڪاڻ تہ ٽئين بيت جي ٻي سٽ ۾ اَسماءِ باري مان بہ اسم آيا آهن، يعني هادي ۽ رب. جيتوڻيڪ هنن ٽنهي بيتن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حمد جو مضمون آهي، انهيءَ جي باوجود ڇئي نٿو سگهجي تہ هن سر جو فلسفو ڪهڙو آهي. اڃا اسان ڪي هن جي فلسفي جي ڳولا ڪرڻي آهي. چوٿين بيت ۾ بہ حمد جو ئي بيان ڪيل آهي ۽ ساڳيو حال پنجين بيت جو آهي. هيستائين اسان جيڪي اشارا ڪيا آهن، جيتوڻيڪ اهي حمدِ الاهي ڪي ئي ظاهر ڪن ٿا. مگر هن حمد جو راز شاه صاحب جي اندازِ بيان ۾ لڪل آهي، جنهن جي هي سمجهاڻي آهي تہ هڪ محبت جي ماريل، ۽ عشق جي قتيل پنهنجي خيال ۾ پنهنجي محبوب کي مخاطب ڪري چوي ٿي تہ: ”اي محبوب! تون ئي پيارو آهين، تون ئي طبيب آهين، تون ئي درد جي دوا آهين، تنهنجو تذڪرو ئي دل جي دوا آهي، ۽ اي حبيب، تون ئي دل جي زخم جي دوا آهين، تون ئي هادي آهين ۽ تون ئي رب آهين“.

ٽئين بيت ۾ هادي ۽ رب جي استعمال سڄي داستان جو رخ بدلائي ڇڏيو آهي. هادي ۽ رب، محبوب تہ ٿي سگهن ٿا پر ڪو مادي محبوب، هادي ۽ رب ٿي نٿو سگهي. هادي ۽ رب، انهن ٻنهي اَسماءِ الاهي ظاهر ڪري ڇڏيو تہ اها قتيل جا فرياد ڪري رهي آهي، سا ڪنهن مادي محبوب تي عاشق نہ آهي، بلڪ هن جو عشق هڪ اهڙي ذات سان آهي، جو پنهنجي ذات سان ٻين کي جيڪڏهن ڏک پهچائي ٿو تہ انهن جو علاج بہ ڪري ٿو. ان مان ثابت ٿيو تہ فرياد ڪرڻ واري يا عشق جي ماريل هستي، جنهن عشق جي شڪايت ڪري ٿي سو مادي عشق نہ آهي.

شاه صاحب جو هي انداز بيان هڪ اعليٰ درجي جو تغزل آهي. هڪ عاشق هستي آهي جا پنهنجي عاشق جي واردات ۽ ڪيفيات کي زخمن جي استعاري ۾ پيش ڪري ٿي، ۽ جنهن قسم جا لفظ هو پنهنجي بيان ۾ آڻي ٿي، جيتوڻيڪ اهي سيئي لفظ عام طرح ٻوليءَ ۾ استعمال ٿين ٿا، پر شاه صاحب جنهن مقام تي اهي لفظ ڪم آندا آهن، تن جي تاثير جو اهو حال آهي جو ٻڌڻ يا پڙهڻ وارا ان کان بيچين ٿيو پون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل جي لفظن جي اهڙي حـــالت هوندي آهي جو ان ۾ وڏي لطيف ۽ نازڪ معنيٰ هوندي آهي. انهيءَ لطيف ۽ نازڪ معنيٰ جي ڪري غزل ۾ جوش ۽ زور پيدا ٿيندو آهي، بشرطيڪ پڙهڻ يا ٻڌڻ وارو لفظن جي انهيءَ لطيف ۽ نازڪ فرق کي محسوس به ڪندو هجي.

شاه صاحب جي هن داستان جو هي حال آهي، جو سلوڪ جي منزلن مان رضا جو بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري قتيل جي واتان اهڙيون اهڙيون ڳالهيون چورايون ويون آهن جن مان زخمي ٿيل جو پنهنجن زخمن تي قناعت ڪرڻ ثابت ٿئي ٿو. اها قتيل پنهنجن زخمن جي بي آراميءَ کي زبان تي به نٿي آڻي ۽ نه انهن زخمن جو علاج گهري ٿي. جيڪڏهن علاج گهري ٿي ته اهو به پنهنجي محبوب کان ئي گهري ٿي، خواه اهو علاج وڌيڪ زخمن جي ڪري ئي ڇو نه هجي.

هڪ بيت ۾ شاه صاحب انهيءَ عاشق هستي جي واتان چورايو آهي ته "اي محبوب، ڪمان کڻي پنهنجن هٿن سان نشانو بناءِ! تاڪ بهانو ملي ته جهوليءَ ۾ اچي ڪران". هن ٽٽڪندڙ جو مطلب هيءُ آهي ته، محبوب ڪنهن طرح سان سامهون اچي، جو هن جي ديدار مان پنهنجي لوچ پوچ جو ڪجهه علاج ڪري سگهي. بيت هي آهي:

هڻ حـــبـــيب هٿ ڪـــٽـي، ٻنگا لهي ٻاڻ،
مـاڳهين مون مِنه ٿئي، جهـوليءَ وجهـان پاڻ،
ان پر ساجن سـاڻ، مـانَ مـقـابلو مـون ٿـيي.

ڪهڙو نـه دردناڪ انداز بيان آهي جو ٽٽڪايو ڇڏي. هڪ تير کائي جهولي ۾ ڪرڻ جي بيک گهري ٿي، ته انهيءَ ريت پنهنجي محبوب کي هڪ نظر ڏسي سگهي.

هن کان پوءِ شاه صاحب هن ڳالهه تي روشني وڌي آهي ته جن جون دليون عشق کان گهايل ٿين ٿيون سي لڪ ٽٽڪن ۽ بيقرار ٿين ۽ هزارين آه و فرياد ڪن پر پنهنجي دل جو ڳجهه ڪنهن کي به نٿا سلين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جيڪي آهہ و فرياد ڪري پنهنجو عشق ڏيکارين ٿا سي هوس پيشہ ٿين ٿا. انهيءَ لاءِ شيخ سعدي رحہ خوب چيو آهي.

اي مــرغ ســحــر عــشـق ز پروانہ بيــامــوز،
ڪان ســوختــہ را جان شــد و آواز نيــامــد،
اين مـــــديان در طلبش بي خبـــــر آنند،
ڪان را کہ خبـر شـد خبـرش باز نيـامـد.

هڪ سچو عاشق پرواني وانگر پنهنجي زندگي قربان ڪريو ڇڏي، پر واتان ڪجي ڪين ٿو. بلبل ۽ قمري، جي گل ۽ سرو تي عاشق آهن، سي رڳو نالہ و فرياد تہ ڪري سگهن ٿا. مگر جان قربان ڪري نٿا سگهن. هڪ هنڌ شاه صاحب عاشق جو حال هن طرح ظاهر ڪيو آهي تہ جن جي جگر تي عشق جو زخم لڳي ٿو سي آه و زاري ڪن ٿا تنهن ڪي نہ ڏينهن جو آرام آهي نہ رات جو ننڊ. پر جي ماڻهو عشق کان بي بهره ٿين ٿا، تن کي عاشقن جي حالت جي خبر بہ نہ هوندي آهي. نظيري چوي ٿو تہ:

بزير شـــاخ گل افـــعي گـــزيده بلبل را،
نوا گـــران نخورده گـــزند را چہ خبـــر.

حافظ شيرازي فرمائي ٿو:

شبِ تاريڪ بيمِ موج و گرداب چنين حائل،
ڪجا دانند حال ما ست ڪساران ساحلها.

مٿين ٻنهي شعرن جو مطلب آهي تہ عيش عشرت جي زندگي بسر ڪرڻ وارا مصيبت زده ماڻهن جي ڏک درد کان واقف نٿا ٿين. شاه صاحب جو بہ هڪ بيت ملاحظ فرمايو.

سگهن سڌ نہ سور جي، گهايل ڪيئن گهارين،
پيـل پاســـــــــو پٽ تان، واڊوڙ نـہ وارين،
پر م پڇن پرين لئي، هئي! هنجون هارين،
ســـڄڻ جي ســـارين، تن رويو وهامي راتڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو شڪ نہ آهي تہ حافظ جي شعر ۾ مصيبت جو بيان نهايت درد انگيز لفظن ۾ بيان ڪيل آهي، مگر شاہ صاحب جي بيت جي جيڪڏهن تشريح ڪئي ويندي تہ پٿر جو جگر بہ پاڻي ٿي ويندو. جنهن حالت ۾ اسان جو موضوع شاہ صاحب جو فلسفو آهي، تنهنڪري اسين هن جي متغزلانہ مضامين جي تشريح کان گريز ڪريون ٿا.

شاہ صاحب جو اهو سڄو داستان هڪ عاشق جي ڏک درد جي ڪهاڻي آهي، پوءِ سوال پيدا ٿو ٿئي، تہ ڇا شاہ صاحب سچ پچ ان ۾ ڪو فلسفو بيان ڪيو آهي؟ تہ جواب ڏيڻو پوندو تہ هن داستان ۾ اهڙي قسم جا اشارات واضح طرح ملن ٿا، جن مان هڪ خاص قسم جو فلسفو سمجهہ ۾ اچي ٿو. سڀ کان پهرين اهو سڄو داستان هڪ تمثيليہ شاعري آهي، يعني حقيقت کي مجاز جي پيرايي ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ۽ حقيقت هي آهي تہ هڪ عورت آهي جا ڪنهن تي عاشق آهي، ۽ پنهنجي درد پريل عشق جو احوال بيان ڪري ٿي. حقيقت ۾ عاشق عورت استعارو آهي ذات سان ۽ ذات جو مفهوم آهي تہ هي سڄو عالم ڪثرت، جيڪو ازل ۽ ابد جي وچ ۾ واقع آهي سو هڪ دوئي يا فرق جو عالم آهي، يعني اَسماءِ متقابلہ ۽ صفات متضادہ جو ظهور آهي. ظهور جو هر فرد هڪ ذات جي حيثيت رکي ٿو.

هن عالمِ ظهور جي ماهيت هي آهي، تہ پنهنجي حقيقت جي اعتبار کان هڪ وجودِ مطلق آهي ۽ ظهور جي اعتبار کان موجودات جو هڪ اهڙو مجموعو آهي، جنهن جو تفصيل معلوم ڪرڻ کان عقل انساني عاجز آهي. ڪائنات جو هر فرد وجود مطلق جو هڪ مقيد تعين آهي ۽ هر تعين هڪ ذات آهي جا ذاتِ مطلق جو مقيد مظهر آهي.

هن نقطہ نظر کان شاہ صاحب جي هن فرياد ڪرڻ واري عاشق مان مراد اها ذات آهي، جا ذات مطلق جو هڪ مقيد تعين آهي، ڇاڪاڻ تہ عالم تعينات ۾ هر موجود ٻئي موجود جو غير آهي ۽ هن کي پنهنجي حقيقت کان بُعد ۽ دوري آهي، پر هر شيءِ، هر موجود، هر تعين ۽ هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذات ڇاڪاڻ تہ پنهنجي حقيقت جي طرف مائل آهي، ۽ اهو تعين هن حقيقت سان واصل ٿيڻ ۾ روڪ آهي، تنهنڪري هن ڪي هن ڪان ڏک رسي ٿو. انهيءَ ڏک سور ڪي شاه صاحب تمثيلي طرح هڪ عاشق جي واتان بيان ڪيو آهي. مثنوي مولانا روم جو آغاز هن طرح ٿئي ٿو:

بشنو از ني چون حكايات ميكند
و ز جدائيها شكايت ميكند
كزنيستان تا مرا ببريده اند
از نفيرم مرد و زن ناليده اند
من بهر جمعيتي نالان شدم
جفتِ خوشحالان و بدحالان شدم
هر كسي از ظنّ خود شد يار من
وز درون من نہ جُست اسرار من

بلڪل اها ئي ڳالهہ آهي جا شاه صاحب سر يمن ڪلياڻ جي پهرئين داستان ۾ بيان ڪئي آهي. هن ۾ فلسفہ ذات ۽ هن جي مظاهر جو بيان ڪيو ويو آهي. اسان باقي داستانن تي روشني وجهڻ ڪان پوءِ موقعو مليو تہ فلسفه ذات ۽ دوئي سان بحث ڪنداسين.

**پهو داستان.**

شاه صاحب جي سر يمن ڪلياڻ جي داستانن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ هن سڄي سر ۾ شاه صاحب عشق ۽ ان جي واردات جو ذڪر ڪيو آهيءِ۽ هڪ شيخ طريقت جيان اهل محبت کي ڪجهہ نصيحتون ڪيون آهن. انهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ پهرين چئن داستانن ۾ عشق جو بيان آهي، تنهنڪري پهئي داستان جو خلاصو هي آهي تہ عشق جي مريضن کي انهن طبيبن جي ڏيان ۽ محنت مان ڪو فائدو نٿو رسي، جي جسم جا معالج ٿين ٿا. بلڪہ عشق جي مريضن جو علاج رڳو محبوب آهي.

ٽيون داستان.

هن ۾ شاه صاحب عاشق تي عشق جي اثر جو بيان ڪيو آهي، ۽ ظاهر ڪيو اٿس ته عاشق جو مرض جسماني حڪيمن جي قابو کان ٻاهر آهي. انهن جو علاج فقط محبوب ئي ڪري سگهي ٿو. عاشق جي دل ۾ محبت جو اثر ائين ٿئي ٿو جيئن هڪ تير جو اثر جسم تي، جو هو بدن کي چيريندو هڪ طرف کان ٻئي طرف نڪري ويندو آهي. شاه صاحب وري عشق جي تشبيهه ڪوري ۽ ٻاهه سان ڪئي آهي. ڏوٽي سان ٻاه تيز ٿئي ٿي، ۽ ڏمڻ هلائڻ وارو ئي هن ٻاه کي تيز ڪري سگهي ٿو. هن مان شاه صاحب جو مطلب هي آهي ته محبوب جو مثال ڏمڻ هلائڻ واري وانگر آهي، ۽ محبت ٻاهه جي مثال آهي. محبت جي ٻاهه کي تيز ڪرڻ محبوب جي اختيار ۾ آهي. هن کان سواءِ شاه صاحب عاشق جو مثال پرواني سان ڏنو آهي. پروانا ڄاڻي ٻجهي ٻاهه ۾ ٽپي پون ٿا، ۽ هن کي ئي هو پنهنجي زندگيءَ جو حاصل سمجهن ٿا. عاشق کي به محبت جي ٻاهه اهڙي پسند آهي جهڙي پرواني کي شمع جي ٻاهه.

چوٿون داستان.

هن ۾ شاه صاحب دوئي جو بيان ڪيو آهي ۽ فرمايو آهي ته دوئي جي غيريت عشق جي ئي ٻاهه سان فنا ٿئي ٿي. عاشق ۽ معشوق ۾ دوئي نه آهي ڇاڪاڻ ته انهن ٻنهي جو وجود ئي عشق جي ڪري ثابت آهي. يعني عشق اهڙو مقام آهي جتي عاشق ۽ معشوق ٻئي هڪ ٿي وڃن ٿا. سر يمن ڪياڻ جي سيني داستانن جو مرڪز چوٿون داستان آهي، ۽ هن داستان ۾ شاه صاحب جي سر ڪلياڻ جو اصل راز مضمر آهي.

پنجون داستان.

هن داستان ۾ دوئي کي فنا ڪرڻ ۽ عاشق و معشوق جي هڪ ٿيڻ جي بيان کان پوءِ، صوفيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. صوفيءَ مان شاه صاحب عاشق مطلب ورتو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڇهون داستان.**

هن داستان ۾ شاه صاحب ان ايذاء رسانيءَ جي لذت جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن سان عاشق ۽ معشوق ٻئي لاڳاپو رکن ٿا. معشوق کي ستائڻ ۾ لذت ملي ٿي ته عاشق کي ايذاء سهڻ ۾ مزو اچي ٿو.

**ستون داستان.**

هن داستان ۾ شاه صاحب انهن ڪيفيات ۽ واردات جو ذڪر ڪيو آهي جي عاشق تي گذرن ٿيون.

**اٺون داستان.**

هن داستان ۾ شاه صاحب هيءَ تعليم ڏني آهي ته عاشق کي هر حالت ۾ پنهنجي محبت جو راز لڪائڻ گهرجي، جيئن هو ٻئي داستان ۾ بيان ڪري آيو آهي ته عاشق کي گهٽ ۾ گهٽ چور کان سبق سکڻ گهرجي ته باوجود مار کائڻ جي ۽ هر قسم جي تڪليف ڏسڻ جي به هو پنهنجو راز ڪنهن کي به نٿو ٻڌائي.

اسان شاه صاحب جي سر يمن ڪلياڻ جي اٺن ئي داستانن جو مٿي تفصيل ڏيئي آيا آهيون. ڏسڻ ۾ اهي داستان جدا جدا نظر ٿا اچن، پر حقيقت ۾ هڪ ئي زنجير جون اٺ ڪڙيون آهن. هاڻي ان تي غور ڪرڻو آهي ته سر يمن ڪلياڻ جي اٺن داستانن ۾ شاه صاحب ڪهڙو فلسفو بيان ڪيو آهي؟ تنهنڪري اسان کي انهيءَ فلسفي جو پتو ڪڍڻو آهي، جو شاه صاحب جو عام فلسفو آهي، يا هڪ اهڙو خاص فلسفو آهي جو سر يمن ڪلياڻ سان ئي واسطو رکي ٿو. هتي هڪ ڳالهه ظاهر ڪرڻ جي ضرورت آهي ته صوفين جو عام عقيدو ڇا آهي، ۽ هر صوفيءَ جي فلسفي جو بنياد ڪنهن نه ڪنهن صادق عقيدي تي هوندو آهي.

محدثين ۾ هڪ حديث آهي جا حديثِ جبرئيل جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جو تت صحيح مسلم شريف مان ڏجي ٿو. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهايت خوبصورت ۽ سهڻو شخص، ڪاري ڏاڙهي ۽ نوراني چهري سان سفيد پوشاڪ پهريل نهايت ادب ۽ احترام سان جناب رسول الله صلي الله عليه وسلم جي سامهون اچي وينو، ۽ سوال ڪيائين ته، ”يا رسول الله اسلام ڇا آهي؟“ پاڻ سڳورن ؐ ان جو جواب ڏنو. هن وري سوال ڪيو ته يا رسول الله ؐ ايمان ڇا آهي؟ پاڻ سڳورن ؐ ان جو جواب ڏنو. هن وري سوال ڪيو ته يا رسول الله ؐ احسان ڇا آهي؟ ته پاڻ سڳورن جواب ۾ ارشاد فرمايو، جنهن جو هي ترجمو آهي ته، ”الله جي عبادت انهيءَ طرح ڪرين، ڄڻ تون هن کي پنهنجين اکين سان پيو ڏسين، ۽ جيڪڏهن اهو ممڪن نه هجي، ته تون ائين سمجهين، ته ڄڻ هو توکي ڏسي رهيو آهي“.

هن جواب جو پهريون ٽڪرو ثابت ٿو ڪري ته خدا کي اک سان ڏسڻ ممڪن آهي، جيڪڏهن اهو ناممڪن هجي ها ته جناب رسول الله صلعم ائين ڪڏهن نه فرمائين ها ته، ”تون الله جي عبادت ان طرح ڪرين ڄڻ تون هن کي ڏسي رهيو آهين“. صوفين جي هڪ وڏي جماعت هن مبارڪ حديث مان هي عقيدو سمجهيو آهي ته انسان جو خدا کي ڏسڻ ممڪن آهي.

هن حديث کان سواءِ ٻيون ڪيتريون احاديث نبوي ۽ قرآن شريف جي گهڻين آيتن مان ثابت ٿو ٿئي ته جيتوڻيڪ هر جنتي جنت ۾ خدا کي پنهنجي سر اکين سان ڏسندو، مگر مومن هن دنيا ۾ به خدا کي پنهنجي سر اکين سان ڏسي سگهي ٿو. هي هڪ اهڙو مبسوط ۽ نازڪ عقيدو آهي جنهن کي مفسرين کولي گفتگو ڪئي آهي. جيتوڻيڪ ڪن سطحي نظر رکڻ وارن عالمن هن عقيدي سان اختلاف ڪيو آهي، مگر حق هي آهي ته توحيد باري کي صحيح سمجهڻ وارن سڀني عالمن جو اهوئي عقيدو آهي جو مومن هن دنيا ۾ پنهنجي سر پنهنجي اکين سان الله تعاليٰ کي ڏسي سگهي ٿو، ۽ شاه صاحب جو به اهوئي مسلڪ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي ڳالھہ انھيءَ سلسلي ۾ گھڻو ضروري اھا آھي تہ شاعريءَ ۾ ھڪ قسم تمثيليہ شاعريءَ جو آھي. مثلاً رات ۽ ڏينھن جو مڪالمو، زمين ۽ آسمان جو مباحثو، شمع ۽ پرواني جو پاڻ ۾ مجادلو مثاليہ شاعريءَ جو نمونو آھي. مثنوي مولانا روم ۽ شيخ عطار جو پندنامو مثاليہ شاعريءَ جا سٺا نمونا آھن. شاھ ڀٽائي عليہ رحہ بہ پنھنجي سڄي شاعريءَ ۾ مثاليہ شاعريءَ کي پيش نظر رکيو آھي. انھن خاص ڳن نڪتن سمجھائڻ کان پوءِ ھاڻي فلسفي تي ڏيان ڏيون ٿا.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، جيڪو شاھ صاحب جو رسالو مرتب ڪيو آھي، تنھن ۾ نھايت نڪتہ سنجي سان سر يمن ڪلياڻ تي روشني وڌي آھي، ۽ ذڪر ڪيل سُر جي انن ئي داستانن تي گھڻو تفصيل سان تبصرو ڪيوآھي، ۽ حقيقت ھي آھي تہ ڪلياڻ آڏواڻي صاحب ھڪ ھڪ داستان تي جدا جدا تبصرو ڪري، ھر ھڪ داستان جو خلاصو بہ پيش ڪيو آھي، جنھن ۾ شاھ صاحب جو ڪونہ ڪو بيت اھڙو لکيو اٿس جنھن مان داستان جي خلاصي جي تصديق ٿي وڃي ٿي.

انن ئي داستانن بابت ڪلياڻ آڏواڻيءَ چيو آھي تہ سڄي سر يمن ڪلياڻ ۾ شاھ صاحب عشق جي پچار ڪئي آھي، ۽ ان بابت بيان لکيو آھي. اسان کي بہ ان سان انڪار ڪونہ آھي تہ، سر يمن ڪلياڻ ۾ عشق ئي جو بيان آھي ۽ سچي ڳالھہ بہ اھا ئي آھي تہ ھڪ ھندو درويش صفت يا عارف کان ھن کان وڌيڪ اميد نٿي رکي سگھياسين. مگر انھيءَ ڳالھہ جي سيني کي ڄاڻ آھي تہ عشق اصل مقصد نہ آھي، بلڪ حصولِ مقصد جو ھڪ ذريعو آھي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آھي تہ عرفان جا مرتبا جيترو جلدي عشق جي ذريعي طيءِ ٿي سگھن ٿا، ڪنھن ٻئي ذريعي سان ايترو جلدي طي ڪري نٿا سگھن، مگر اصل مقصد ڪجھہ ٻيو ئي ھوندو آھي.

صوفين جي ويجھو وحدت جو تفصيل ڪثرت آھي ۽ ڪثرت جو اجمال وحدت آھي، ۽ ھن وحدت ۽ ڪثرت جي جيڪا حقيقت آھي سا ئي عارف يا سالڪ جو مقصد آھي. ھن مقصد کي سمجھڻ جي لاءِ ٿورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تفصيل جي ضرورت آهي. هن تفصيل کي اسان هڪ مثال جي ذريعي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

وحدت جو مثال هڪ ٻج جو آهي ۽ ڪثرت جو مثال ان وڻ وانگر آهي جو هن ٻج مان پيدا ٿو ٿئي يعني ٻج وڻ جي وحدت آهي، ۽ وڻ ٻج جي ڪثرت آهي. وحدت ۽ ڪثرت جو اهوئي مفهوم اسان جي ذاتي هستي ۽ جيڪي ڪي اسان جي آسپاس موجود آهي سو ئي حقيقت آهي.

وحدت الاهيہ بابت جيڪي ڪي صوفين قرآن حڪيم ۽ حديث مبارڪ مان سمجهيو آهي، سو هي آهي تہ وحدت خدا جو هڪ شان آهي، ۽ هي عالم ڪثرت بہ ذات باري جو هڪ شان آهي گويا وحدتِ حق ئي مان هي عالم ڪثرت ظاهر ٿيو آهي. يعني خود وحدت ئي ڪثرت بنجي ويئي آهي يعني ٻج خود ئي وڻ بنجي پيو آهي. انسان هڪ اهڙو موجود فرد آهي جنهن جو ظهور وحدت صرفہ مان ٿيو آهي يعني انسان بہ انهيءَ وحدت جو هڪ شان آهي، جو وحدت ۾ اهڙي طرح لڪل هو، جيئن ٻج ۾ وڻ؛ ظاهر آهي تہ وڻ ۽ ٻج ۾ باهم نہ غيريت نہ حلول نہ اتحاد بلڪ انهن ۾ عينيت جو لاڳاپو آهي، يعني وڻ عين ٻج آهي ۽ ٻج عين وڻ آهي، جاڪاڻ تہ انسان عالمِ ڪثرت جو هڪ فرد آهي ۽ عالم ڪثرت جا سيئي افراد ظاهر ۾ هڪٻئي جا غير آهن ۽ عقل تسليم نٿو ڪري تہ جيڪو زيد آهي سو ئي بڪر آهي يعني زيد ۽ بڪر ٻئي هڪ آهن، عقل هن ڳالهہ کي ڪڏهن بہ ڪين مڃيندو.

انسان اسم الله جو مظهر آهي، يعني اسم مبارڪ الله انسان مان ئي سمجهيو وڃي ٿو. جڏهن انسان اسم الله جو مظهر ٿيو تہ ظهور، مظهر ۽ ظاهر ۾ باهم مغايرت نہ آهي بلڪ ظهور جي لحاظ کان ظاهر ۽ مظهر هڪ ئي آهن ۽ اهو هڪ ٿيڻ ظاهر ۽ مظهر جي ماهيت جي لحاظ کان هڪ آهن ۽ صورت، صفات، افعال ۽ شين جي لحاظ کان باهم هڪٻئي کان مغاير آهن. سلوڪ ۽ طريقت جو اصل مطلب هي آهي تہ عالم ڪثرت ۾ جيڪا دوئي محسوس ٿئي ٿي سا مرتفع ٿي وڃي ۽ رڳو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ وجود باقي رهجي وڃي. شاه صاحب جي هن فلسفي جو تت هي آهي جو اسان پيش ڪيو آهي.

هي فلسفو شاه صاحب جو عام فلسفو آهي. انهيءَ فلسفي کي شاه صاحب مختلف سُرن ۾ خاص خاص ذريعن سان ثابت ڪيو آهي. ڪٿي هو انهيءَ مقصد کي ثابت ڪرڻ لاءِ عمر مارئي کي چوي ٿو ۽ ڪٿي سسئي پنهون کي ته ڪٿي ڄام تماچي ۽ نوريءَ کي ته ڪٿي سهڻي ميهار جي آڙ ۾ انهيءَ حقيقت کي ظاهري ڪري ٿو. ساڳي طرح سُر يمن ڪلياڻ ۾ به شاه صاحب عاشق و معشوق جي تشبيهه ۾ انهيءَ فلسفي جو بيان ڪيو آهي. شاه صاحب سُر يمن ڪلياڻ جي چوٿين داستان ۾ فرمايو آهي.

ايڪ پيالو ٻه ڄڻا، عشقَ نه ڪري اِيَ،
ليڪيا جي لِکڻ ۾، سي قُربِ رَسندا ڪِيَ؟
هُئڻَ ڪيا هِيَ، وانجِئا، پَسُ! وِصالَ ڪان.

-----

ايڪ پيالو ٻه ڄڻا، عشق نه اِيَ ڪري،
آئي سي ايڪَ ٿئا، جي گَـتا نينهن ڳري،
دوئي ڌارَ ڌَري، خُلت خنجر آئيو.

پهرئين بيت ۾ شاه صاحب ارشاد فرمائي ٿو ته عشق ائين نٿو ڪري جو شراب جو هڪ پيالو ٻن شخصن جي وچ ۾ رکي يعني عشق هڪ پيالي مان ٻن شخصن کي شراب ڪڏهن نٿو پياري. هن جي سمجهاڻي هي آهي جو ماڻهو هڪ سان ئي عشق ڪري سگهي ٿو ۽ هڪ معشوق جو هڪڙو عاشق هوندو آهي. هي مسئلو صوفين جي اصطلاح ۾ نسبت جو مسئلو آهي. غير مناسب نه ٿيندو جيڪڏهن هتي هن جي تشريح ڪئي وڃي.

هر صفت به نسبتون رکي ٿي مثلاً سماعت (ٻڌڻ) جنهن جي هڪ نسبت سان سامع (يعني ٻڌڻ وارو) ٿئي ٿو. ٻيءَ نسبت سان مسموع (يعني آواز يا ڪلام). ساڳي طرح رزق جي نسبت سان هڪ رازق ٻيو مرزوق يعني هڪ رزق ڏيڻ وارو ۽ ٻيو رزق وٺڻ وارو. اهوئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حال عشق جو آهي. ان جون ٻه ٻه نسبتون آهن، هڪ عاشق ٻيو معشوق. شاه صاحب عشق کي شراب سان تشبيهه ڏني آهي ۽ ڏيکاريو آهي ته عشق هڪڙي ئي پيالي مان رڳو هڪ شخص کي شراب پياري ٿو، ظاهر آهي ته عشق جي شراب پيئڻ واري کي عاشق ئي سڏبو، ۽ عاشق بنا معشوق جي ممڪن نه آهي، تنهنڪري عشق جي نسبت سان ٻه فرد ٿيندا، هڪ عاشق ٻيو معشوق ۽ ٻوء هي به ظاهر آهي ته عاشق جي لاءِ حقيقي معشوق هڪڙوئي ٿئي ٿو. ساڳي طرح عشق جي نسبت سان عاشق به هڪڙوئي ٿئي ٿو، جيتوڻيڪ افراد جي نسبت سان عاشق مختلف زمانن ۾ مختلف شخص ٿي سگهن ٿا؛ ليڪن عشق جي لحاظ کان عاشقن ۾ ڪثرت نه آهي. هر عشق ڪرڻ وارو عاشق آهي، تنهنڪري حقيقت جي لحاظ کان تمام عاشق هڪ ئي ٿيا. انهيءَ تي معشوق کي به قياس ڪرڻ گهرجي.

پهرئين بيت جي ٻي سٽ ۾ شاه صاحب فرمائي ٿو ته جيڪڏهن عشق هڪ پيالي مان رڳو هڪ شخص کي نه پياري، ته ان ۾ دوئي پيدا ٿيندي، ۽ دوئي ڪثرت جو مفهوم آهي يعني جي ماڻهو پيالي جي وحدت کي نتا سمجهن، سي ڪثرت ۾ ڦاٿا، تنهنڪري اهي ماڻهو جي ڪثرت ۾ ڦاسندا ۽ عددن کي ڳڻڻ لڳندا، سي محبوب جي حضور ۾ نه پهچندا يعني انهن کي مقام وحدت نصيب ڪين ٿي سگهندو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته معشوق کي نه ڏسڻ وارو ۽ عالم ڪثرت جي طرف ڏيان ڏيڻ وارو پنهنجي مقصد کي پهچي نٿو سگهي، ۽ مقصد جو مفهوم محبوب جي حضوري آهي. سنئين سڌي ڳالهه آهي ته جنهن ماڻهو جي نظر ڪثرت تي هوندي، تنهن جي نظر پنهنجي محبوب تي پئجي ڪين سگهندي. ائين ڪٿي چئجي ته ڪثرت تي نظر ڪرڻ وارو اصل ۾ عاشق ئي نه آهي.

همه شهر پر ز خوبان منم و خيال ماهي
چه کنم که چشم بدخو نه کند به کس نگاهي

انهيءَ سڄي بيان جو هي نتيجو آهي ته عاشق هڪڙو ئي ٿئي ٿو ۽ عاشق جي نظر سواءِ محبوب جي ٻئي تي نٿي پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر محمد اڪرم انصاري

# قرآني تعليم

انسان جڏهن اک پٽي ٿو ۽ هوش سنڀالي ٿو، تڏهن قدرت جي هر حسين شيءِ کيس موهي ٿي. هر دلفريب نظارو ۽ دلڪش نغمو سندس دل جا ساز ڇيڙي ٿو. ڪائنات جي ميخاني مان هو سڪ جي سرڪ چکي ٿو. ڏيٺ ويٺ ٿئي ٿي. کيس ان ڳالهه جو شعور ٿئي ٿو ته هڪ طرف ته ظاهري ۽ بيروني عالم آهي، جنهن ۾ سج، چنڊ، تارا ڪتيون آهن، هيرون ۽ هوائون آهن، ويرون ۽ لهرون موجزن آهن، ساوڪ سبزي، وڻ ٽڻ، گل ڦل، باغ بهار، پکي پکڻ ۽ انهن جون لاتيون، عجيب و غريب ساهوارا، جي انسان جي من کي تازگي بخشين ٿا ۽ دل جا دروازا کولين ٿا ته ٻئي طرف جڏهن هو ظاهري دنيا کان نظر ڦيرائي من اندر جهاتي پائي ٿو، ته اتي به کيس هڪ وڏو عالم نظر اچي ٿو. ڪير آهي جو ظاهر کي ڏسي ٿو، ظاهر تي موهجي ٿو، ظاهر کي پرجهي ٿو! ڪير آهي جو خواهش ڪري ٿو، وري ان کي روڪي ٿو، چنڊ ڇاڻ ڪري ٿو، صحيح، صاف ۽ سٺين شين جو انتخاب ڪري ٿو ۽ غليظ شين کان پرهيز ڪري ٿو! ڪير آهي جو محبوب سان ملڻ لاءِ مشتاق آهي! ڪير آهي جو ظاهر جون حدون ٽپي، عالم غيب ۾ دونهون دکائي ٿو! ڪير آهي جو توحيد جو سهرو پائي، پوري ڪائنات کي پاڻ ۾ غرق ڪيو ڇڏي! ڪير آهي جو ويڇا وساري، فرق مٽائي، دوئي دور ڪري، تنهن کان پوءِ "همه اوست" يا "همه از اوست" جا نعرا بلند ڪري ٿو!.

ڪائنات جي هر هڪ شيءِ، هڪ حالت ڇڏي ٻي حالت اختياري ڪرڻ لاءِ واجهه وجهي رهي آهي. ڪنهن کي به ڪو سڪون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ آهي، پوءِ ڪٿي ڪا بيجان شيءِ هجي يا جاندار. ڏک درد سهڻ ۽ ڪشالا ڪڍڻ، سفر سٽڻ، منزل پٽڻ، اڳتي وڌڻ، ارتقا ڪرڻ، هر هڪ شيءِ جي زندگيءَ جو مول متو آهي.

بيروني دنيا جي معلومات، جوهر ڪان وٺي نظام شمسي جي ساخت ڪان واقفيت، هر مادي شيءِ جي خاصيتن جي پروڙ ۽ ان جي منزل جي شناس، هر حيوان جي مزاج جي سمجهہ ۽ ان جي پالڻ جي اهليت، بيروني قوتن کي موڙي مروٽي، انهن مان فائدي حاصل ڪرڻ جي قابليت، انسان جي نفسيات جي گهري تحصيل، چڱي مٺي جي ڄاڻ ۽ پنهنجي نفس تي ضابطي رکڻ جي صلاحيت. انهن ۽ اهڙين ڳالهين تي ئي تہ اسان جي سچي تعليم جو دارومدار آهي. انسان جي پوشيده قوتن کي اڀارڻ، جيئن هو جهالت، تعصب، ظلمات، روڳ ۽ فحش جي تاريڪ ۽ تنگ دائري ڪان نڪري، ڪليل فضا، صاف روشني، فراخدلي، پاڪيزگي، اعتماد ۽ انصاف جي صحتمند ماحول ۾ قدم رکي، ترقي ۽ ارتقا جون منزلون طئي ڪندو رهي، ان کي ئي تہ تعليم سڏبو آهي. انسان جا انسان سان تعلقات خوشگوار پيدا ڪرڻ، هڪٻئي جي خيالن، جذبن ۽ اعتقادن جو احترام ڪرڻ، دولت جي انصاف جي اصولن مطابق تقسيم، اهڙي قسم جي حڪومتن جو قائم ڪرڻ، جي هر هڪ فرد جي مادي، اخلاقي، ذهني ۽ روحاني نشونما ۾ هن جي مدد ڪن، انهن سڀني ڳالهين ۾ تعليم هڪ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

هاڻي ڏسڻو آهي تہ شاه عبداللطيف اهڙن معاملن بنسبت اسان جي کهڙي رهبري ڪئي آهي. سڀ ڪان پهريون سبق، جو هو سيکاري ٿو، سو هيءُ آهي تہ سُستي ۽ ڪاهلي ڇڏيو. جنهن بہ انسان تي جمود طاري ٿيو، سو مردو آهي. دنيا جون سڀ قوتون، جراثيمن ڪان وٺي راڪاسن تائين ڪيس پٽينديون ۽ ڪوهينديون پيون، پر هو پنهنجي غفلت ۾ غلطان هوندو. عشق ئي اسان کي اهڙي ننڊ مان بيدار ڪري ٿو. ان محبوب جو تصور، جو سج ۽ چنڊ ڪان بالاتر آهي، جنهن جي نور جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال ڪابہ شيءِ پيش نہ ٿي ڪري سگهي، جو هر اخلاقي ۽ روحاني نظريي جو سرچشمو آهي، جنهن جي يادگيري انسان کي هر ظاهري ۽ باطني دشمن کان پناهہ ڏيئي سگهي ٿي. ان مطلق وجود جو تصور اسان جي ننڍ ڦٽائي، اسان جي پياس وڏائي، اسان کي تڙپائي، ڦٿڪائي، جلائي، اسان کي حقيقي ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ڪري ٿو.

رات سهائي، پون سئين، پرت نئين، پنڌ پور،
ميا! محبوبن جي، هلي وانءُ حضور،
جي چٽڪن چت ۾، سي ڪئن سڄڻ ڏور،
الله لڱ اسور، اتان ئي تي آءُ تون.

رات جو وقت آهي. چنڊ چمڪي رهيو آهي. پريت نئين آهي. عشق جي آڳ انسان کي پنڌ پورڻ لاءِ تيار ڪري رهي آهي. اڻ کي التجا ڪئي ويئي آهي تہ جلدي هلي محبوب جي حضور ۾ پهچاءِ. راهہ سڌي آهي. زمين هموار آهي. جي محبوب چت ۾ چٽڪن پيا، سي ڪڏهن بہ ڏور تي نٿا سگهن. فاصلو ۽ ان جي ڪٺ بہ دوکا آهن. انسان کي اتان ئي اچڻو آهي. اتان علم حاصل ڪري، فيض پرائي، هن زمين کي روشن ڪرڻو آهي. انسان جي دل کي ڌوئي پاڪ ڪرڻو آهي. عمل، انصاف ۽ مساوات جي دنيا پيدا ڪرڻي آهي. محبت ۽ ميثاق پيدا ڪرڻو آهي. واحد جي وحدت جو ديدار ڪري، توحيد جو علم بلند ڪرڻو آهي. انسان کي انسان ڪرڻو آهي. آسمان کي زمين تي لاهڻو آهي.

جيستائين انسان جي من اندر سج نٿو ايري، جيستائين مطلق حسن جو ماهتاب نٿو چمڪي، تيستائين ظاهري چمڪ ڌمڪ اونده سمان آهي.

سهسن سجن ايري، چوراسي چنڊن،
بالله ري پرين، سڀ اونداهي پانئيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سج ۽ چنڊ جي روشني ڪنهن ٻي روشنيءَ طرف اشارو ڪري ٿي. سج ۾ ڪيتري نہ تابش ۽ تپش آهي؟ سج زمين جي زندگي برقرار رکڻ ۽ ان ۾ نشونما پيدا ڪرڻ لاءِ ذميوار آهي. سج انسان لاءِ اناج ۽ غذا پيدا ڪري ٿو، ميوا پچائي ٿو، تنہ ڪان انسان کي بچائي ٿو. چنڊ وري سج جو احسانمند آهي، تابعدار آهي، زيردست آهي. جي انسان سج جو تاب سهي نٿا سگهن، سج کي ڏسڻ شرط اکيون وڃائي ٿا ويهن، سي چنڊ جي روشني ڏسي دل ٺارين ٿا. چنڊ جي روشني زمين ۽ پاڻيءَ تي پوي ٿي تہ هر هڪ شيءِ حسين بڻجي پوي ٿي. چنڊ عشق جو جذبو پيدا ڪري ٿو. چنڊ جو سايو پوڻ شرط انسان مست ٿيو وڃي. پر انهن سيني خوبين ۽ اثرن جي باوجود، سج ۽ چنڊ ايرن ٿا ۽ لهن ٿا، ڪڏهن سندن نور ۾ اضافو ٿئي ٿو، ڪڏهن ان ۾ ڪمي ٿئي ٿي. شروع ڪان وٺي اسان کي اها تعليم ڏني وئي تہ جا شيءِ اُيري ۽ غروب ٿئي، سا اسان جو خدا ٿي نٿي سگهي. جنهن شيءِ کي ڪمال ۽ زوال آهي، تنهن جي پرستش ڪرڻ انسان جي شان وٽان ڪين آهي. سي ظاهري شيون ان لاءِ آهن تہ انسان انهن مان فائدو وٺي ۽ انهن ذريعي پنهنجي ۽ انهن جي خالق کي سڃاڻي، ائين نہ تہ هو هر چمڪندڙ سج آڏو ڪنڌ نمائي ۽ هر جميل ماهتاب کي پنهنجي دل ڏيئي ويهي. حقيقي محبوب لاءِ تہ ائين چيو ويو آهي.

ڪٿي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون ڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سان.

يا وري چنڊ کي مخاطب ٿي فرمايو اٿن:

چوڏهينءَ چنڊ تون ايرين، سهسين ڪرين سينگار،
پلڪ پريان جي نہ پڙين، جي حيلا ڪرين هزار،
تون جهڙو سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهري حسن جي سڀ ڇمار، دوست جي هڪ دم جي برابر آهي. هڪ گهڙيءَ جو الهام انسان کي اهڙي ته دولت عطا ڪري ٿو، جا جيڪر سڄي ڄمار جي محنت، تحصيل، تجربي، آزمودي، مشاهدي، عبادت ۽ رياضت سان به حاصل نه ٿي سگهي.

هاڻي سوال هيءُ آهي ته قدرت ۾ حسن آهي، نور آهي، نظام آهي، محبت آهي، خوشي آهي، انسان لاءِ سبق آهي ۽ هدايت آهي. قدرت جي هر هڪ شيءِ حقيقي ۽ غيبي دوست طرف اشارو ڪري ٿي. اهو دوست انسان جو ڀلوئي چاهي ٿو، هر قدم تي انسان کي آگاهه ڪري ٿو، هر منزل تي انسان کي پناه ڏئي ٿو ۽ هن جي مدد ڪري ٿو. پوءِ ڇو اڄ انسان جي دل جي دنيا اجڙ آهي، ڇو هڪٻئي سان تعلقات خراب آهن! ڇو تازگي، رعنائي ۽ بهاري انسان جي دل تي اثر نٿي ڪري! ڇو قدرت جو ڏنل سبق اسان جي دماغ تائين نٿو پهچي! سچي سڄڻ لاءِ ته شاه صاحب هيئن چيو آهي:

هن تاري، هن جاءِ، هت منهنجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ ساءِ، ڪوڙا ٿين نه ڪڏهين.

پر ڇو انسان جي دل ۽ انسان جي دنيا اندر افراتفري آهي؟ علامه اقبال ان نڪتي طرف هيءُ اشارو ڪيو آهي.

گل و گلزار تري خلد ڪي تصويرين هين
يه سبي سوره، والشمس ڪي تفسيرين هين
سرخ پوشاڪ هي ڦولون ڪي درختون ڪي هري
تيري محفل ۾ ڪوئي سبز ڪوئي لال پري
مين ڀي آباد هون اس نور ڪي بستي مين مگر
جل گيا ڦر ميري تقدير ڪا اختر ڪيون ڪر
نور سي دور هون ظلمت مين گرفتار هون مين
ڪيون سيه روز، سيه بخت، سيه ڪار هون مين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"وردس ورٿ" ڪهڙي نہ سادگيءَ سان ساڳئي خيال جو اظهار ڪيو آهي.

Through primrose tufts, in that sweet bower
The periwinkle trailed its wreaths;
And it is my faith that everp flower
Enjoys the air it breathes.
From heaven if this belief be sent,
If such be nature's holy plan,
Have I not reason to lament
What man has made of man?

"جڏهن گلن ڦلن ۾ سرهاڻ، خوشي ۽ محبت آهي، جڏهن قدرت جي رِٿ انسان جي ڀلي لاءِ آهي، جڏهن سڄڻ ڪڏهن بہ ڪوڙا نٿا ٿين، تہ پوءِ انسان هڪٻئي سان وڙهي، هڪٻئي تي ظلم ڪري، جهنم ڇو پيدا ڪري رهيا آهن؟"

جڏهن سياست اهڙي زور تي آهي، تڏهن هوس پرستي، اقتدار پرستي ۽ دولت پرستي انسان کي انڌو ۽ گونگو بڻائي ڇڏيو آهي، تہ پوءِ صحيح تعليم، خواه اها استاد وٽان هجي يا قدرت وٽان، ممڪن ٿي سگهي ٿي؟

هاڻي اچو تہ ان الاهي پيغام طرف توجهہ ڏيون، جنهن بابت علامہ اقبال اشارو ڏنو آهي. سوره و الشمس جا ٽي حصا آهن. هڪ حصي ۾ سج ۽ چنڊ، ڏينهن ۽ رات، آسمان ۽ زمين تي غور ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي؛ ٻئي حصي ۾ نفس ۽ ان جي تڪميل طرف اشارو ڏنو ويو آهي؛ ٽئين حصي ۾ هڪ تاريخي واقعي طرف ڌيان ڇڪايو ويو آهي تہ هڪ غافل ۽ سرڪش قوم ڪهڙيءَ سزا جي مستحق آهي. "قدرت"، "نفس" ۽ "قوم" اهم لفظ آهن.

سج تي غور ڪريو. جڏهن اهو چمڪي ٿو ۽ دنيا تي پنهنجا ڪرڻا پکيڙي ٿو، ان جي گرمائش ۽ روشنيءَ تي هرهڪ ساهواري جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيـاپي ۽ واڌ جو دارومـدار آهي. تنهن كـان پوءِ رات جو چنڊ نظر اچي ٿو، جنهن جي حسن تي حيران ٿي متوالا ٿي وڃون ٿا. اهو چنڊ پنهنجي روشني، سج كـان اُڌاري وٺي ٿـو ۽ سج جي زير اثر آهي. غور كريو ڏينهن تي، جڏهن هر شيءِ سج جي روشنيءَ سببان ظاهر ۽ نمايان ٿئي ٿي. تنهن كـان پوءِ رات ٿي اچي ۽ تاريكي ڇانئـجي وڃي ٿي. چور ۽ گنهگار، رات كان پنهنجو كم وٺن ٿـا، پر فـقير، درويش، شـاعر ۽ فيلسوف ايكـانت سان رب كي ياد كن. جڏهن ظاهري شيون حواسن كان دور ٿين ٿـيون، تڏهن هو دل جون اكـيون كولي، غيبي خزانا ڏسن ٿا.

آسمـان تي غور كريو تہ كيئن اهو نهي راس ٿـيو ۽ كـهڙيءَ قوت ان كي بلند كيو. آسمان ظاهري بہ آهي ۽ ذهني بہ، جتي افلاطون جي قول مطابق هر شيءِ جي مكمل صورت محفوظ ركي وئي آهي. وري زمين تي نظر ڊوڙايو تہ كـهڙيءَ طرح اها وڇايل آهي ۽ كـهڙي قوت ان كي برن، بحـرن، بيابانن، ماتـرين، پهاڙن، ڍنڍن، ڍورن، ندين، نارن، گرم ۽ سرد علائقن ۾.تقسـيم كيو ۽ مختلف هنڌن تي مختلف قومن كي آباد كـيـو، تـعليم ذريعي انهن سـيني ڳالهين جو ڳوڙهو مطالعـو كريو.

هـاڻي پنهنجي نفس تي غور كريو تـہ كـهـڙيءَ ريت ان جي تكميل ٿيڻ واري آهي ۽ كيئن ان اندر ارتقا جو سامان موجود ركيو ويو آهي، كيئن ان جي سامهون بہ رستا ركيا ويا آهن، هك بدكاريءَ وارو رستو ۽ بيو پرهيزگاريءَ وارو رستو. نفس اندر نيكيءَ جو رجحان بہ ركـيـو ويو آهي ۽ بديءَ ڏانهن مـيـلان پڻ. كـامـيـاب اهو آهي جنهن پنهنجي نفس كي پاك كيو ۽ نامراد اهو آهي جنهن نيكيءَ جي رجحان كي دٻايو، كچليو ۽ پنهنجي نفس كي پليت كيو. "ثمود" جي قوم بہ پنهنجي شرارت سببان، سچي كي كوڙو كيو ۽ كوڙي كي سچو. سڀ كـان وڌيك بدبخت، سـركش ۽ مغرور اڳواڻ اٿي كـڙو ٿـيـو. الله جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسول انهن کي خبردار ڪيو. چناڻ ڏنو ۽ فرمايو تہ هيءَ الله تعاليٰ جي ڏاچي آزمائش طور توهان ڏانهن موڪلي وئي آهي. ان جي آزاديءَ ۾ رخنو نہ وجهو. ان کي پاڻي پيئڻ کان نہ روڪيو. هنن پيغمبر کي ڪوڙو سمجهيو ۽ ڏاچيءَ کي ماري ڇڏيو. پروردگار انهن جي گناه سببان متن عذاب نازل ڪيو. ان مثال کي تمام قومن لاءِ عام ڪيو ويو. يعني اڳتي لاءِ پڻ ساڳئي گناه لاءِ ساڳي سزا مقرر ٿي ۽ ٿيندي رهندي. الله تعاليٰ کي اهڙن انسانن ۽ اهڙين قومن لاءِ هلاڪ ڪرڻ ۾ ڪو بہ انديشو ڪونہ ٿيندو آهي.

جنهن شيءِ جي پرورش، خواه اها شيءِ ڏاچي هجي يا معصوم ٻار، يوڪ هجي يا پنهنجو نفس، الله تعاليٰ انسان جي ذمي ڪئي آهي، ان شيءِ کي بگاڙڻ، ان شيءِ کي خالص غذا نہ ڏيڻ، ان شيءِ کي جسماني يا ذهني طور ڪچلڻ، هڪ عظيم گناه آهي، جو ڪڏهن بہ معاف نہ ڪيو ويندو. ڏاچيءَ جي مثال کي الله تعاليٰ عام ڪيو. ڏاچي الله تعاليٰ آزمائش لاءِ موڪلي. اڄ جيڪڏهن اسان معصومن کي رنجائينداسين، غريبن کي پنهنجي محنت جو قل نہ ڏينداسين، طالب جي جسماني، ذهني، اخلاقي ۽ روحاني تقاضائن جو خيال نہ ڪنداسين تہ پوءِ ساڳئي "ثمود" جي قوم واري عذاب جا مستحق ٿينداسين.

ان "ڪنوات" جا بہ مختلف مزاج ٿيندا آهن. ڪڏهن ڪسر ڇڏي وڏنديون وڪون وجهندو آهي تہ ڪڏهن ڪٽ ڪندو آهي ۽ سست ٿي ويهي رهندو آهي. ڪڏهن توهي ۾ مجاز جو ٿاٽو پيدا ٿيندو اٿس ۽ نہ وڳ سان ويندو آهي ۽ نہ چرندو آهي، ملول ۽ ويڳاڻو نظر ايندو آهي. ڪڏهن جڳ سان جڳ جهڙو ٿيندو آهي پر هنئين سين هَتِ چرندو آهي. ڪڏهن چندن چڪي مخمور ٿيندو آهي تہ ڪڏهن ڪا وِهَ جي ول چري ڪيت ڏٽين کي پريشان ڪندو آهي. مطلب تہ هيءَ دنيا هڪ تجربيگاه آهي، جنهن اندر انسان جي نفس کي قسمين قسمين تجربا ڪرڻا آهن ۽ آخر ۾ صحيح انتخاب ڪرڻو آهي.

شاه صاحب به ان ڪرهي جي مزاج کان واقف آهي. ڪڏهن ان جي خوشامد ڪري ٿو، ڪڏهن ڏاوڻ ڏائيس ٿو، ڪڏهن ان کي روڪي ٿو، ڪڏهن ٻلاٽي پائيس ٿو، ڪڏهن آگاه ڪريس ٿو، ڪڏهن هدايت ڪريس ٿو، ڪڏهن اُن جي ارڏاين تي ڳوڙها ڳاڙي ٿو. مثلاً.

ڪرهي کي ڪَئين، وڏم پَينڌَ پلڻ جا،
ليڙو لاٽيءَ کي چري، نير ساڻ نئين،
چانگي سندي چت ۾، صاحب وجهه سنئين،
اوباهيوس ائين، لطف سان لطيف چئي.

يا وري هنن لفظن ۾ نفس تي ضابطي رکڻ جي تلقين ڪري ٿو.

اٺي اڙائينس، چڏيو ته چيڪ ٿيو،
ڪارايانس ڪڙيو وجي، ٻلاٽي پائينس،
ڏاوڻ تنهن ڏائينس، جيئن چري ۽ چنگهي پٽو.

هيئين لفظن ۾ ڪرهي جي ڪڌن ڪرتوتن تي افسوس ڪري ٿو.

آٺي ٻڌم وڻ جاءِ، مانَ مڪريون چري،
ڪڌاتورو ڪرهو، لڪيو لاٽي کاءِ،
ان مبي سندي ماءِ، مون ڳالهڙين ڳوڙها ڪيا.

افسوس جو جنهن صورت ۾ قدرت، دنيا اندر اسان کي پاڪ شيون ميسر ڪري ڏنيون آهن ته پوءِ اسان جو نفس غليظ شين پٺيان پنهنجي عاقبت ڇو ٿو خراب ڪري؟

چانگي چئي چڪياس، مٿان اَڪ نه اُلهي،
جنهن ول ڪهٺا وِهاتيا، اُن سين آر لڳياس،
چوڏاري چندن وڻ، پڇي پوچ پياس،
راڙي رت ڪياس، هن ڪڌاتوري ڪرهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر آخرڪار ان ۾ سمجھہ اچي ٿي، چڱي مَٺي جو فرق سڃاڻي ٿو، صاف غذا تي پلجي نپجي ٿو، حلال جي ڪمائيءَ تي گذران ڪري سگھي ٿو ۽ رچي راس ٿئي ٿو.

جٺان ڪوڙ ٻہ ڪانيون، پنجن لکن پاءِ،
ميو تنھن ماڳاءِ، ڏيھاڻي ڏار چري.

ھاڻي اھو ڪرھو ساراھہ جوڳو آھي، اڳڻ جي سونھن آھي، ترت توڙ تائين رسائڻ وارو آھي، محبوب سان ملائڻ وارو آھي.

لک لاکيڻو ڪرھو، ڪوڙين ڏيئي ڪاھہ،
ايلاچيون آھر ۾، پوچ ميي ڪي پاءِ،
ڪٿ نہ ڪندو ڪاءِ، جہ پلاڻيو تہ پرينءَ مڙي.

شال سيڪو پنھنجي منزل تي پھچي ۽ مرادون ماڻي! شال سيڪو قرآني تعليم کي سمجھي ۽ ان مان مستفيض ٿئي! شال اسان لطيفي لاتين ذريعي، پنھنجي اندر کي اجاريون ۽ دنيا کي انسانن جي رھائش گاھ بڻايون!.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد بخش انصاري

# فلـــسفو

سر ڪنيات ۾ مجازي توڙي حقيقي عشق جون جهلڪون ملن ٿيون " ڪيي اي حقيت! نظر آ مجاز مين" جي مصداق موجب. شاهاڻو شاه پڻ مجاز مان ٽپي، حقيقت جي وادي ۾ قدم رکي ٿو. بوعلي شاه قلندر پڻ پنهنجي مشهور عارفانہ مثنويءَ ۾ حقيقي محبوب سان مجاز جي معرفت، رازﺀ نياز جون ڳالهيون ڪري ٿو.

مرحبا اي بلبل باغ ڪهن از گل رعنا بگو با ما سخن "(مرحبا! اي پراڻي باغ جي بلبل، مون سان رعنا گل جي معرفت ڳالهاءِ").

مولانا رومي ڪي پڻ نڙ ۽ سرندي جي معرفت سڪ ۽ سوز جي ٻاجهاري ٻولي ٻڌڻي پيئي. جيئن تہ مثنويءَ جي شروعات ئي اجهو هيئن ٿي ٿئي.

بشنو از ني چون شڪايت مي ڪند - و ز جدائيها حڪايت مي ڪند

تا هرا از نيـستان ببريده اند - از نفيرم هر دو زن ناسيده اند

خشڪ مغز و خشڪ تار و خشڪ پوست

از ڪـــــجا مـي آيـد ايـن آواز دوست

ساڳيءَ طرح سُر ڪنيات جي باب پهرئين جي شروع ۾ محبوب جي مجازي عشق لاءِ چنڊ کي ۽ ٻئي باب جي منڍ ۾ محبوب جي ميلاپ لاءِ ڪرهي کي وسيلو بڻايو آهي.

پراڻي وقت کان وٺي عربي، فارسي ۽ هندي شاعر محبوب جي منهن کي چنڊ جي چهري سان ڀيٽيندا آيا آهن، ڇو تہ هر دور ۾ چنڊ ئي انسان ذات کي لڪي ڇپي نت نئين نئين لباس ۾ پنهنجو پاڻ پسائيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو آهي. جيئن امير خسرو، نظاميءَ سعدي، محبوب جي خداداد حسن کي چنڊ سان مقابلو ڏين ٿا.

اي چهـــره زيبـــائي تو رشـکِ بتـــانِ آزري
شمسي ندانم يا قمر يا زهره و يا مشتري (خسرو)

---------

شدم بر صورتي عاشق کہ برمہ مي کند غوغا
چہ صورت صورت دلبر چہ دلبر دلبر زيبا (نظامي)

---------

اي بـــالا چون صنوبر وي رخت چون م وه
زلف داري همچو عنبر لب چوش و ک و رن (سعدي)

انهن مڙني مٿين بيتن جو مطلب اهو آهي تہ سپرينءَ جي سونهن چنڊ جهڙي يا چنڊ کان سوائي سرس آهي، مگر شاه جو طرز بيان نهايت سادو ۽ دل کي وڻندڙ آهي. جيئن تہ

”قمر پاڙي کير، شمس سپرين سين“

ستاري، چنڊ ۽ سج جي سونهن پڻ حضرت ابراهيم کي پنيلائي ڇڏيو تہ شايد اهي منهنجا خالق ۽ مالڪ آهن. ”و اذاريء قمر بازغته - و اذا ريء شمس بازغة .... لا أحب لافلين“ (آءٌ لهي ويندڙن کي پسند ڪونہ ٿو ڪريان). حضرت ابراهيم وانگر شاه پڻ چنڊ جو نقش ڳولي لڌو.

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرين سين،
تون اڄو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرو.

اها بہ شاهہ جي طرز بيان جي خوبي آهي، جو چنڊ کي سندس اوگڻ اهڙيءَ طرح ٻڌائي ٿو، جو جيئن سندس دل آزاري نہ ٿئي.

چنڊ چوئين سچ، جي مَٽين نہ پـــائيين،
ڪڏهن ايرين سنهڙو، ڪڏهن ايرين ڳچ،
منهن ۾ ٻرئي مچ، تو ۾ ناه پيشاني پرينءَ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڏهينءَ جو چنڊ، سهسين سينگار ڪري نڪري ۽ هزار حيلا هلائي تہ بہ پرين جي پلڪ برابر نہ ٿئي. مگر حقيقي محبوب جي حسن آڏو ۽ جانب جي جمال سامهون، سورج جهڪو، قمر ڪومائجي، تارا ۽ ڪتيون تائب ٿي وڃن ٿا. جيئن سعديءَ تانڊاٽي جو مثال ڏنو آهي، جو زبان حال سان چوي ٿو تہ آءٌ تہ ڏينهن رات اتي ئي زمين تي هوندو آهيان، مگر سج جي سامهون ظاهر نہ هوندو آهيان.

ڪہ من روز و شب جز صحرانيم - ولي پيش خورشيد پيدا نيم. چنڊ ويچاري جي ڪهڙي مجال آهي جو دلبر جي ديدار جي مقابلي ۾ بيهي سگهي. جيئن مغلن آئي پارسي وسري ويندي آهي تيئن ”چنڊ ڪتين سان، پيهي ويو پرلاءَ ۾“.

سعدي، دلبر جي هڪ - تر تان سمرقند ۽ بخارا جا شهر گهوري ٿو تہ:

اگر آن ترڪ شيرازي بدست آرد دلِ مارا
بخالِ هندوش بخشم سمرقند و بخارا را

تہ شاهہ صاحب چنڊ جي سڄي عمر، دوست جي هڪ دم برابر بہ ڪونہ ٿو ڪري.

”جهڙو تون هيڪ جمار، تهڙو دم دوست جو“

محبن جي ملاقات لاءِ تارن ۽ چنڊ جي واٽ ڏسي ٿو:

توڏانهن گهڻو نهاريان، تارا تيلاهين،
سڄڻ جيڏاهين، تون تيڏاهين ايرين.

ايراني شاعرن قاصد جو ڪم واءَ کان ورتو آهي، جيئن حافظ چيو آهي تہ:

اي صبا بلطف بگو آن غزال رعنا را - ڪہ سر بکوه و بيابان تو داره مارا.

”اي واءَ! تون نياز ۽ نوڙت سان ان محبوب کي چئو تہ تنهنجي سوداء ڪري مون کي رڻ رلڻا پيا ۽ ڏونگر ڏورڻا پيا“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ وري چنڊ کي قاصد ڪري ٿو، جو تہ موچاري محبوب ڏي قاصد بہ موچارو ٿي هجي. اها بہ شاه جي نئين ڳالهہ آهي تہ نياپي سان گڏ چنڊ کي اها بہ التجا ڪري ٿو تہ ايرڻ سان پهرين نظر پرين ڏي ڪري ۽ وڏي عاجزي، نوڙت ۽ نياز سان، درد ڀريو داستان پيرائتي نموني آڏو رکي.

ناسينديءَ نگاه، پهرين ڪج پرين ڏي،
احــــوال عـــــاجزن جا، اکج لڳ الله،
روز نهاريان راه، اکيون اوهان جي آسري.

نياپي جو طريقو بہ ٻڌائي ٿو تہ، ”چئج حال حبيب کي، نِئي نوڙائي ڪنڌ“.

وري داستان ۾ چنڊ سان گڏ وري ڪرهي جو ذڪر اچي ٿو. ڪرهي مان شاهہ صاحب گهڻيون معنائون ڪڍيون آهن. ڪرهو، چنڊ وانگر قاصد بہ آهي تہ ان سان گڏ محبوب تائين پهچڻ جو هڪ وسيلو بہ آهي ۽ نفس بہ آهي. امام غزاليءَ، احياء العلوم ۾ پڻ اُٺ کي وسيلو قرار ڏنو آهي ۽ حج کي مقصد، انساني جسم کي اُٺ ۽ سواريءَ سان ڀيٽ ڏني آهي ۽ روح کي اصلي شخصيت قرار ڏنو آهي. اُٺ يعني جسم جي ايتري پر گهور ڪجي جيئن هو زنده رهي سگهي ۽ منزل مقصود يعني حج تائين پهچائي. معراج تي بہ پاڻ ڪريمن جو براق وسيلو ٿيو هو. شاه صاحب، ڪرهي ۽ چانگي کي سُر ڪنڀات ۾ انهن سيني مقصدن ۾ استعمال ڪيو آهي، جيئن هيٺ نظر ايندو.

قديم عربي شاعريءَ ۾ تہ اُٺ، محمل ۽ منزل تہ هڪ لازمي جزو هو، جيئن امراء القيس جو مشهور قصيدو آهي تہ:

قفانبک ذکر حبيب و منزل

”اي اوني سوار! دوست جي قتل نشانن جي ڏڙن تي بيهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ روج راڙو ڪريون". انهيءَ ساڳئي مضمون تي معري پڻ چيو آهي تہ:

اي ساربان منزل مڪن جز در ديارِ يارِ من،
تايڪ زمان زاري ڪنم بر ربع اطلال و دمن.

حافظ پڻ چيو آهي تہ:

الا اي ساربان محمل دوست - الي رڪبان ڪم طال اشتياق.

هڪ روحاني عربي شاعر ابن الفارض پڻ پنهنجي ديوان جي شروعات هن طرح ڪئي آهي تہ:

سائق الا ظعان يطوي البيدطي منعما عرج علي ڪثبان طي و تلطف و اجر ذڪري عندهم علهم اَن ينظر عطفاً الي. ("اي محمل جا هڪليندڙ! تون برپٽ طي ڪري بنوطي جي دڙن تي هلي ترس تہ جيئن اُهي مهربانيءَ جي هدايت ڪن ۽ لطف جي نظر ڪن").

ڪلهوڪي شاعر اقبال پڻ نفس کي اٺ جي مثال سان سمجهايو آهي:

نفس تومثل شتر خود پرور است خود پرست و خود سواروخودسر است.

"تنهنجو نفس اٺ وانگر پيٽي آهي، خود غرض، چڙواڪ ۽ مطلبي آهي".

ان سان گڏ اٺ جو ٻيو روشن طرف بہ آهي:

خدمت و محنت شعارِ اشتر است، صبر و استقلال ڪار اشتر است.

"خدمت ۽ محنت اٺ جي عادت آهي، صبر ۽ استقلال اٺ جو ڪم آهي".

نفس نهايت سرڪش ۽ خودسر آهي. زماني سازي ان جي عادت آهي. عشق وانگر خطري ۾ ٽپي پوڻ نہ ڄاڻي، جيئن شاه صاحب فرمائي ٿو:

وڏ ڦڙو ۽ واءُ، ڪرهي ڪاڏو ڪوڙيو،
ڪوءِ، ٻن! پلاٽيان، اولاٽيو نہ اٿئي.

---------

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلاٽيـــان پيـــو، اولاٽيـــو نـہ اٿـــئي،
جيـــڏانهن وڳ ويو، ايـــو ترسي اوڏهين.

نفس سان معرڪو ۽ مقابلو ڪا معمولي ڳالهہ آهي؟ مگر جهاد اڪبر آهي. مڙيئي پيو سرڪشي ڪري. حقيقت ڪي ڪونہ ٿو سمجهي. مٽئي ۽ موتيءَ ڪي هڪ ڪري ٿو سمجهي. شاه صاحب فرمائي ٿو تہ:

جنهن ول گـهـٽا وهاتيا، اُن سين آر لڳياس،
چوڏاري چندن وڻ، پڇي پوچ پيـــاس،
راڙي رت ڪيـــاس، هن ڪڌاتوري ڪرهي.

جنگ بدر، خندق، حنين، فتح مڪـہ ۽ فتح خيـبر کـان پوءِ، حضور صلعم اصحابن کي چيو تہ اچو تہ هڪ وڏي جهاد جي تياري ڪريون. اصحابن سمجهيو تہ ڪو اجا وڏو معرڪو سر ڪرڻو آهي، ۽ پڇيائون تہ اها ڪهڙي لڙائي آهي، جنهن لاءِ اسين تيار ٿيون؟ وراڻيائون تہ اها جهاد بالنفس آهي، جا جهاد اڪبر آهي. هن هيٺئين بيت ۾ ميا (اٺ) مان مراد نفس ورتل آهي. جرپٽيون مان مفهوم دنوي حرص هوس جون لاهيون چاڙهيون آهن، جي منزل ۽ مقصد کان هٽائيندڙ آهن. ”سپريان جي سٽ“ مان مطلب محب سان ميلو آهي.

مـــيـــا! مچ منٺ، اڄ منهنجي ڪرها،
جهاڳيندي جرپٽـيـون، متـان ڪرين ڪٽ،
سپـيـريان جي سِٽ، مون ڪي نيئي ميڙئين.

نفسيات ۽ فلسفو پڻ ان جا قائل آهن تہ ڏک، سور ۽ سختيون، انسان جي شخصيت جي تعمير ڪن ٿيون ۽ کيس مڪمل بڻائين ٿيون. مشهور جرمن فلسفي Kant پڻ ان ڳالهہ جو قـائل آهي ۽ ان جو مثـال پکيءَ جي اڏرڻ جو ڏئي ٿو. موجوده سائنس پڻ اهو ثابت ڪيو آهي تہ پکي خالي جاءِ Vakum تي ڪونہ ٿو اڏري سگهي، ۽ هوا جي مزاحمت ۽ رنڊڪ ئي ان جي پرواز جو سبب بڻجي ٿي. مٿيون بيت پڻ انهيءَ معنيٰ جي روشنيءَ ۾ ڪم ڏيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرهي جي معرفت سچو نفس ڪي خطاب ٿيل آهي. ڪرهي ڪي اگرچہ، مصري جا سنگ، چندن جا چوپا، ۽ ميندي ۽ جا ڏار ٿو ڪارائي، سون جي مهار ٿو پارائي، يا قوت جا ڳل ڳانا ٿو ٻڌي ۽ سندس هودي تي موتين جي مالهہ ۽ ريشمي ڪپڙا ٿو لڳائي، مگر ڪرهو دنيائي ڏيک ويک تي پنيلجي، نقل کي اصل ٿو سمجهي ۽ لاٿو يعني مردار ڏانهن مائل ٿئي ٿو. پنهنجي اصليت ۽ مقصد وساري ٿو ويهي. ان سلسلي ۾ شاه صاحب فرمائي ٿو تہ:

آٿي ٻڌم ونڻ جاءِ، مان مُکڙيون چري،
ڪذاتورو ڪرهو، لڪيو لاٿي ڪاءِ،
ان ميي سندي ماءِ، مون ڳالهڙين ڳوڙها ڪيا.

---------

چانگا چندن نہ چرين، ميا پيين نہ موڪ،
اگر اوڏو نہ وڃين، ٽڪيو چڏيين ٽوڪ،
لاٿي وچان لوڪ، تو کھڙي اکر آئڙي.

صوفي نفس مارڻ تي گھڻو زور ڏيندا آهن. سيني روحاني مرضن جو علاج نفس مارڻ آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ تنهنجو سڀ کان وڏو دشمن نفس آهي. "اعدي عدوک نفسک التي بين جنبيک"؛ تنهنجو وڏو دشمن نفس آهي، تنهنجي ٻنهي پاسن (باطن) ۾ آهي. جيئن مولانا روميءَ فرمايو آهي تہ:

نفس ڪشتي باز رستي ز اعتذار - ڪس ترا دشمن نماند در ديار

"تو نفس ماريو تہ گھڻن عذرن (خفن) کان ڇٽي پوندين- ٻيو ڪو تنهنجو دشمن ڪونہ رهندو".

سنڌي شاعر "گل" پڻ چيو آهي تہ:

"ڪيم وڙهہ ڪنهن سان، نفس پنهنجي ساڻ وڙهہ"

شاه پڻ چيو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرها توڪي ڪام، مون سچو پسي سچي
مانَ پروڙي مام، ساڳاهي سنئين وهين.

---------

ڪارايان ڪڙيو وڃي، پلاٽي پائينس،
ڏاوڻ تنهن ڏائينس، جيئن چري ۾ چنگهي پٽو.

هي جهان سببن ۽ وسيلن جو آهي. جيڪو بنا وسيلي جي آهي، ان جو وسيلو سڪ سوز، آنڌ مانڌ ۽ انتظار آهي.

ڪرهو نہ ڪيڪان، پيرين آءُ نہ پهچي،
جو مون رات رسائي، نيئي سڄڻ ساڻ،
مون تہ وهيٺو پاڻ، ويئي نيڻ نچوئيان.

قرآن شريف ۾ آهي تہ "يايها الانسان اِنک کارح اليٰ ربک کدحا فملاقيه" (انشقاق)

("اي انسان! تون پنهنجي رب تائين پهچڻ ۾ ڪوشش ڪرين ٿو، پوءِ تون ان سان ملندين. مگر ان لاءِ نفس کي مارڻو، حرص هوا تي پابندي رکڻي پوندي").

ڪرها ڪسر ڇڏ، وک وڌندي پاءِ،
منهنجو هلڻ اتهين، جتي جانب جاءِ،
توکي چندن چاريان، پيو وڳ لاٽي ڪاءِ،
ايهين اُٺ اَناءِ، جيئن هونديءَ رات هت مڙون.

قرآن شريف ۾ پڻ آهي تہ "يايها النفس المطمئنة اَرجعي اليٰ ربک راضية مرضية O فادخلي في عبدي O واد خلي جنتي" (اي اطمينان وارا روح! تون پنهنجي رب ڏانهن موٽ. تون هن ڪان خوش هجين ۽ هو تومان راضي هجي، پوءِ تون بندن ۾ شامل ٿي، جنت ۾ داخل ٿي وڃ).

انڌي تقليد ڪيترين قومن کي گمراه ڪيو آهي. قرآن پڻ اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقليد جي برخلافي ڪئي آهي. گمراه ماڻهن جو اهو جواب هوندو آهي ته اسان جا ابا ڏاڏا ائين ڪري ويا. يا ٻيا ڪيترا ماڻهو ائين ڪن ٿا. جيئن حضرت ابراهيم پنهنجي قوم کان پڇيو ته اوهان بتن جي ڇو ٿا پوڄا ڪريو؟ انهن پڻ ساڳيو جواب ڏنو "قالو وجدنا آبائنا لها علبدين O قال لقد كنتم انتم و آباؤ كم في ضلل مبين". شاه صاحب پڻ انهيءَ سلسلي ۾ چئي ٿو ته ڪرهو پنهنجو پاڻ کي ڪونه ٿو سڃاڻي، رڳو انڌي تقليد ۾ وڳ جي پويان ٿو لڳي.

پلاڻيان پيو، اولاڻيو نه اُٿئي،
جيڏانهن وڳ ويو، اُيو ترسي اوڏهين.

---------

وڏقرو ۽ واءُ، ڪرهي ڪاڏو ڪوڙيو،
ڪوءِ، ٻن پلاڻيان، اولاڻيو نه اٿئي.

آخرڪار وارو وريو ۽ نفس کي عشق جي لغار لڳي، لئون لڳڻ کان پوءِ سندس ڏنگ ڏاڍايون نڪري ويون.

اُٺ نه وڃي وڳ سين، چري نه چانگو،
لڳس نائڪ نينهن جي، نهوڙيو نانگو،
ڇڏي سِر سانگو، رڙهي رند پرين جي.

ڪرهي جي دنيا ئي بدلجي ويئي.

اڄ نه اڳينءَ ڍار، ڪرهو جيئن ڪالهه هيو،
اڱڻ آيو نه ڪري، پاهوري پچار،
جيڪس منجهه قطار، ڪال چنائين وهه جي.

عشق جي آزمودي کان پوءِ ڪانئس وڳ وسري وڃي ٿو، لاٽي جي لغار ڪيس ميو متارو ٿي بڻائي. نيت چنايو تيڏانهن پيو تاٽي جيڏانهن چاهه ۽ چس چڪي آيو آهي. پوءِ ته زنجيرن ۾ به ڪونه ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهلجي، نو نير. ڏهہ ڏاوٽيون ۽ پندرهن پينڊ بہ توڙيو ڇڏي. پرين جي پور پورڻ سان سڀ ڇنايو ڇڏي.

نو نيــر پائي، جان مــون هيئــڙو جهليــو،
وئــڙو ڇنــائــي، پــوئــينءَ رات پــريــن ڏي.

مولانا روميءَ کهڙو نہ چڱو چيو آهي تہ:

گرچہ تفسير و بيان روشن گراستُ - ليک عشق بي زبان روشن تراست کاشکي هستي زباني داشتي - تا ز مستان پرده ها برداشتي. اي خدا بنما تو جان را آن مقام - کاندران بي حرف مي رويد کلام. "اگرچہ تفسير ۽ بيان ڳالهہ کي کوليندڙ آهي. مگر خاموش عشق وڌيک واضح آهي. جيکر مستي ۽ مدهوشي کي بہ زبان هجي جا مستن ۽ مجذوبن جا راز ٻڌائي. اي الله! تون مون کي اهڙي منزل تي پهچاءِ، جتي بنا ڳالهائڻ جي گفتگو هلندي آهي. رمزن ۾ راز کلندا آهن".

ٻئي هنڌ مولانا رومي چوي ٿـو تہ، منهنجي ديوانگيءَ ايترا تہ زنجير ڇنا، جو سڀ چريا بہ مونکي نصيحت ڪرڻ لڳا.

باز ديوانہ شــدم من اي طبــيب - باز ســودائي شــدم من اي حــبيب چون چنان ديوانگي بگست بند - کــز همــہ ديوانگان پندم دهند. ڪرهو بي بها آهي، سندس ملهہ مهانگو چئو، جو تہ هو ماڳ ۽ منزل تي پهچائي ٿو، جيئن شاه صاحب چوي ٿو:

لِک لاکــيــٽــو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڇوڙ،
اِها ست ســيــد چئي، جنهين تنهين جوڙ،
ترت رسائي توڙ، جہ پلاڻيو تہ پرينءَ مڙي.

آخر ۾ شاه صاحب ڪنيات جي نار واري وڻجاريءَ کي نصيحت ٿـو ڪري تہ هوءَ نااميد نہ ٿئي. ڪڏهن ڪڏهن سندس صداقت وڃي هٿي هنڌ ڪندي.

ڪنيــــاتڙي تڙ وري، اُيي تڙ واجهــــاءِ،
مــان اڇهــون ڪاءِ، ســواڏائي ســڄڻين.

.محترم علي نواز جتوئي.

# سر سِريراڳ جي تمثيل جي تشريح

شاه ڀٽائي رحمت الله عليه جي رسالي ۾ جيڪي به سُر آهن تن سيني ۾ تمثيلون رکيل آهن، جن جي اوٽ ۾ زندگيءَ جي انهن رازن کي بيان ڪيو ويو آهي، جن جو تعلق اهڙي جهان سان آهي، جيڪو جسماني نه هئڻ سبب ظاهري حواسن جي پهچ کان پري آهي، تنهنڪري ان کي "روحاني جهان" سڏيو ويجي ٿو. اِهو روحاني جهان جسماني جهان کان پري نه آهي بلڪ ان جو باطني پهلو آهي ۽ ان جي ڪري ئي هي جسماني جهان موجود آهي. انهيءَ جهان کي "معنوي جهان" به سڏيو ويجي ٿو. تصوف ۾ ان کي "ملڪوت" سڏجي ٿو. مُلڪ ۽ ملڪوت هڪ ئي حقيقت جا ٻه پهلو - ظاهري ۽ باطني آهن. ڪل ڪائنات جي هر شيءِ جا اهي ٻئي پهلو قادر مطلق جي قدرت ۾ آهن: بِيَدِهٖ مَلَكُوتُ كُل شَيءٍ (قرآن، ياسين ٨٣، المومنون ٨٨) وَ هُوَ عَليٰ كُلّ شَيءٍ قَدِير (قرآن).

مصوّر جڏهن پنهنجي ڪنهن تخيل کي ظاهرڪرڻ گهرندو آهي، تڏهن ان کي تصوير جو جسم ڏيندو آهي. انهيءَ جسماني جامي کان اڳ هو ان تصوير جو خاڪو پنهنجي ذهن ۾ قائم ڪندو آهي، جنهن کي "تصور" سڏيو ويندو آهي. اُهو تصور باطن آهي انهيءَ تصوير جو، جنهن کي مصوّر پيدا ڪري ٻين اڳيان رکي ٿو. اهڙيءَ طرح سان تخيل ظاهر ٿئي ٿو. پهريائين تصوّر ۾ ۽ پوءِ تصوير ۾. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي اِهڙي ذات حاصل هجي جو تصوير جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ مصوّر جو تصوّر ڏسي سگهي جو ان جي ذهن ۾ موجود آهي ته پوءِ پيشنگوئي ڪري سگهندو ته هن قسم جي تصوير مصوّر جي هٿان ظاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيڻ واري آهي. اهڙي شخص کي مذهبي لغت ۾ ”ڪشف جو صاحب“ سڏبو آهي. ڪشف جي ذريعي شين جو باطن ته معلوم ٿي سگهي ٿو مگر حقيقت حاصل ٿي نٿي سگهي. اها تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن تخيل ۽ تصور جي وچ واري واسطي جي ڄاڻ هوندي ۽ ”علامتن“ (Symbols) جو علم هوندو. انهيءَ علم ۽ ڄاڻ کي ”علم معاني“ سڏبو آهي. روحاني علامتن جي علم کي ”عرفان“، ۽ الاهي علامتن، آيتن ۽ اسمائن جي پروڙ کي ”معرفت“ چئبو آهي.

سچو شاعر به مصوّر وانگر پنهنجي تخيل کي لفظن جو پوش پهرائي پيش ڪري ٿو. هو ڪائنات جي ڪتاب کي پڙهي ان جي علامتن ۽ آيتن مان حقيقتون حاصل ڪري ٿو، جن کي پوءِ مناسب ۽ موزون لفظن جي ذريعي ظاهر ڪري ٿو. اُهي حقيقتون جيڪي سڌيءَ طرح سمجهائي نٿيون سگهجن، تن کي هو تمثيلن جي اوٽ ۾ بيان ڪندو آهي. دنيا ڀر جي سيني اعليٰ ڪتابن ۾ اِهو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي.

خوشتر آن باشد ڪه سرِ دلبران،

گفت آيد در حديثِ ديگران (رومي).

شاه ڀٽائي رحمت الله عليه به اهو طريقو اختيار ڪيو.

سر سريراڳ ۾ تمثيل طور سامونڊي ملاحن جو ذڪر آيل آهي، جيڪي جهازن جي ذريعي وڻج واپار ڪن ٿا ۽ سمونڊ ۾ غوطا هڻي اُن مان مائڪ، موتي، سپون ۽ لالون ڪڍن ٿا. انهن کي مال متاع ۽ وکر وهائي، سناٽو سمونڊ اُڪري، پار ”پَر بندر“ پهچڻو آهي، جتي ڪين حساب ڪتاب ڏيڻو آهي.

صباح سيئي، پار پڇندءِ خبرون.

انهيءَ سمونڊ جو سفر نهايت خطرناڪ آهي.

وڏاندريون وَهَ سامهيون، جهجهي زور جُنبن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏا پيڙا ٻوڙيا، سائر ڏيئي ساهه.

انهيءَ آب جو انت ناهي؛ منجهس لڙ لهرون، لس ليٽ ۽ چڪڻ چاڙهه آهي؛

لڙ، لهرون لس ليٽ، جتي انت نه آب جو

---------

آڏو چڪڻ چاڙهه، موج نه سهي مڪڙي.

سندس ڪپر وٽ ڪارونيار ڪارا ڪُن آهن. سندس ويرون وڙهندڙ آهن، منجهس وهه تک وهڪرا آهن. متس دل دهلائيندڙ طوفان اُٿن ٿا ۽ ڦورو ڦرندا رهن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ شاه صاحب انهن ساموندي سوداگرن کي صلاح ٿو ڏئي ته

وڻجارا ويڻي، تو نه سرندي شاه ري،
مک پنهنجي مڪڙي، چکي ڪر چيتي،
پاسا پاڪڙين جا، سمونڊ ٿو سيکي،
جي لنڊا ۾ ليکي، وير وڙهندي تن سين.

نه صرف ٻيڙيءَ کي مکُ ڏئي، بلڪ سندس سوراخ ۽ جهيرون به بند ڪري، جو ته ڪيس هڪ ڏينهن اجهاڳ سمونڊ تي ضرور اچڻو آهي.

ٿُن تنيندو آءُ، مک ڏهاڙي مڪري،
سانباهي سمونڊ جي، منان مور مَ لاهه،
اج ڪه سنجهه صباح، اُهرندين اجهاڳ اُتي.

ملاح کي ائين به ٻڌايو پيو وڃي ته غفلت ڇڏي سجاڳ ٿيءُ، اوڙي پاڙي کي ڏس ته ڏيهه جا ماڻهو هن پتڻ تان هُن پار پيا وڃن؛ غافلن کي وچ ۾ ئي لهرون لوڙهيو ڇڏين.

وير مَ لاهي ويهه، مٿي آر اوڙاه جي،
پسي پاڙي واريون، ڪج انديشو ايهه،
ويندو نه ڏسين ڏيهه، پتڻ هن پار مٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وکر سو وھاءِ، جو پٽي پراٽو نہ ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿئي نہ ضياءِ،
سا ڪا ھڙ ھلاءِ، اڳھ جنھن جي اُبھين.

شاہ صاحب جي ملاحظي موجب (۽ اِھا حقيقت آھي) ھِنَ پر بندر تي وکر وھائڻ لاءِ گھڻو ٺي پيو آھي؛ ڪي ساموندي سوداگر جوانيءَ ۾ وھائي حد ڪيو ڇڏين تہ ڪي وري گھمڻ ڦرڻ ۾ وقت وڃايو ڇڏين ۽ بي ثمر رھجيو وڃن.

وھائيندڙ ويسرا، وکر ڍيرون ڍير،
ڪنين وھائي وس ڪيو، وکر وڏيءَ وير،
ڪنين گھمندي گھير، وکر وڪامي ويو.

سوداگرن کي نہ صرف وکر وھائڻو آھي پر ڇولين ڪان بيپرواھ ٿي ڪري سمونڊ جي "سيوا" ڪرڻي آھي ۽ ان جي اونھي ۾ غوطا ھڻي ماڻڪ، موتي ۽ لالون وغيرہ ھٿ ڪرڻيون آھن، جن جو ماسو بہ مالا مال ڪيو ڇڏي.

ويھ تون وساري، ڇنڊا جي ڇُلڻ جا،
جو لک لھرون ڏي، ڪر ساڃاھ تنھن سمونڊ جي.

----------

سيوا ڪر سمونڊ جي، جُت جَر وھي ٿو جال،
سئين سپجن سمونڊ ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو مليئي مال، تہ پڇارا پُر ٿين!.

---------

اي ڳت غواصن، جڻن سمونڊ سوجھيائون،
پيھي منجھہ پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، ھيرا لال ھٿن سين.

سمونڊ جي "سيوا" ۽ غوطہ خوريءَ مان جڏھن ڪي ماڻڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتي ۽ لال لهجن تڏهن انهن جي پرک سچن صرافن ۽ وينجهارن وتان ڪرائجي، جيڪي سچي ۽ ڪوڙي جي تميز رکن ٿا.

ٿـا صــراف سُچن، پاڻ ڪونــائين جوهري،
مـــــاڻڪ ڪري مَٽ ۾، وانءُ ونئي وٽ ٻـن.
سندس ٿي سـيـد چئي، ڪهـڙو قـدر ڪن،
پاڻيٺ ٿي پرکن، ڪـ ڪئنچل ڳڏن ڪچ سين؟

---------

امــل آچ مَران ڪــي، جي نـــ پــروڙن مَٽ،
جت ڳـڏجيـئي جوهري، مـاڻڪ ٿـتـهين مَٽ،
جنين ســون سين سٽ، تن هٿي ريءُ رد ڪيـو.

اها آهي تمثيل، جنهن کي شاه صاحب پنهنجي ذاتي جذبات سان پيش ڪيو آهي. انهيءَ تمثيل جي تشريح ڪهڙي پاڳي خود سُر ۾ ڏني ويئي آهي. ساري سُر جو مول مقصد اهوئي آهي جيڪو منڍ ۾ پهرئين بيت ۾ آيل آهي.

مــان پُڇنئي ســپــرين، چتــان لاهـ مَ چُر،
اُنين جا آمـــــر، ڪڻ تـ خالي نـ ٿـــئين.

انهيءَ بيت ۾ انســـان کي هيءَ تلقين ڪئي ويئي آهي تـ اي انسان! جيڪڏهن تون چاهين ٿو تـ تنهنجي زندگي حقيقت ۾ مالا مال ٿئي تـ ٻـ ڳالهيون ڪر، هڪ تـ سچي سپرين رب تعاليٰ کي پنهنجي چت ۾ ياد رکندو اچ تـ وٽس ٻـ تنهنجي يادگيري رهي؛ ٻيو تـ سندس حڪمن جي ٻجاآوري آڻ. ان جا احڪام ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا اُهي جن جي ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ ٻيا اُهي جن جي نـ ڪرڻ جو حڪم آهي. ٻنهي قسمن جا ڪم نيڪ عمل آهن؛ "سچ جو سودو" ٻـ اِهوئي آهي. انهن احڪامن جي خلاف عمل ڪرڻ برا ڪم آهن؛ ڪوڙ ڪمائڻ جو تعلق ٻـ اُنهن سان آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچ ڪمـــايم ڪوڙ، پڳم عــهــد الله جا،
پيرو جو پاڻ جو، سـو چوٽيءَ تائين چُور.

-------

مـــان پڇنئي سـپـرين، چت ۾ چيـتــاريج،
ڪيڄ ڪائي ڪچ ڪي، ڪوڙ مَ ڪمـائيج،
وٽج وهائيج، سيِ ســـوداگــــر سچ جو.

-------

ڪڏي ڇڏ تون قلب مـان ماري ڪوڙو ڪور،
هن پـر سندو هور، متـان تو مـعـاف ٿـئي.

هنن بيتن مان صاف ظاهر آهي تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ کي دل ۾ ڏربو ۽ ان سان گڏوگڏ پاڻ کان پري رهي نيڪ عمل ڪبا تہ مرڻ کان پوءِ پڇاڙي ۽ جزا سزا سندو خوف ختم ٿيندو. ”هُنَ پر“ مان مراد مرڻ کان پوءِ وارو غير جسماني جهان آهي. شاه صاحب اُن کي ”هُنَ پارِ“ بہ سڏيو آهي.

ويرَ مَ لاهي ويهـــــ، مـــــتي آر اوڙاه جي،
پسي پاڙي واريون، ڪج انديشـــــو ايھہ،
ويندو نہ ڏسين ڏيهـــ، پٽڻ هُنَ پار مـــٽي.

جن تان ”هُن پر سندو هور“ معاف ٿئي ٿو تن کي قرآن پاڪ ”اوليـــاءَ الله“ ســـڏي ٿـــو. ”آلا ان اوليـــاءَ الله لاخوف عليـــهم و لاهم يحزنون“ (خبردار! سچ تہ اولياءَ الله تي نڪو خوف آهي ۽ نہ وري مٿن حزن يعني غم آهي). انهيءَ آڌار تي خود شاه صاحب چٽائيءَ سان چيو آهي تہ

”لا خوف عليهم ولاهم يحزنون“ سچن ڪونهي سور،
(سر ڪلياڻ)

انهن لاءِ، قرآن پاڪ موجب اِڪٽي جون بشارتون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنين سـوديـ سچ جو، وكــر وهايو،
بخرو "لهم البشـري" جو، اُنهن لئـ آيو،
ان ڪي لالن لنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.

هن سٽ ۾ "وڪر" مان مراد "ٻانهپ" ۽ وينتي آهي:

ٻانهپ جو ٻيــڙين ۾، وڪــر وڌائون،

-------

وڪــر وينتين جو، تنهن ۾ پاءِ توري.

برا ڪم ۽ بديون بار آهن، جيڪي وجود جي ٻيڙيءَ ڪي ٻوڙي سگهن ٿيون.

ميــڙي مَتـايُن جا، بيحـد چاڙهيم بار،
چوڻ چارو ناهہ ڪو، بديون بيشـمـار.

هِن سٽ ۾ "سـونهن" جو بہ ذڪر آيل آهي، جن مـان مـراد "روحاني رهبر" آهن. سندن صفت شاه صاحب هن ريت ڪئي آهي.

سُونهان سُڏيون ڏين، هن ديواني درياءَ جون،
ڪوڙ اوڏائي ڪينڪي، رکو سچ سـودين،
عـجز جو اڌ رات ڪي، وڪــر وهائين،
سات نباهيو نين، ثابت انهيءَ سير مان.

"موتين" مان مراد معرفت جا راز آهن.

مـوتي مـعـرفت جا، سـچا سـوديائون

موتين سان گڏ شاه صاحب ماڻڪن ۽ لالن جو بہ ذڪر ڪيو آهي.

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي تو جال،
سَئين سپجن سمونڊ ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو مليئي مال، تہ پڄارا پُرِ تـئين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيت مان صاف ظاهر آهي تہ "سيوا" مان مراد "رياضت"، "سمونڊ" مان مراد "ملڪوت" ۽ "پچاري" مان مراد "سالڪ" آهي. اِهي سالڪ جڏهن مراقبو ڪن ٿا تڏهن پنهنجي روح جي سمنڊ ۾ غوطا هڻن ٿا ۽ اتان عرفان جا جواهر، ماڻڪ، موتي ۽ لالون آڻين ٿا جيڪي اَملهہ آهن!.

ويا جي عـــمـــيق ڏي، مُنهن ڪاٺو ڏيئي
تن سوجهي سِپون ڪڍيون، پاتاران پيهي،
پسندا سـيـئي، اَمُل اڪـــڙين سين.

-----

ايءَ گت غواصن، جنُن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهہ پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هِيـــرا لال هٿن سين.

هن سُر ۾ "بيڙي" يا "جهاز" مان مراد انسان جو پنهنجو وجود يا شخصيت آهي، جنهن لاءِ هيءُ بدن بنهہ پوشاڪ آهي. مرڻ کان پوءِ بہ اِهو وجود موجود هوندو، جنهن کي عالم ارواح طئہ ڪرڻو پوندو. مرڻ کان اڳ بہ اِهو عالم رياضت ۽ طريقت سان طيءِ ڪري سگهبو.

ساري رات سجاڻ، سودو ڪن صاحبن سين،
بانهپ پــري بيــڙيون، هليـا جوپ جوان،
پاڻي پهلوان، لحظي منجهـــ لنگهي ويا.

جيڪڏهن هِن جهان ۾ ملڪوت جو سمونڊ اُڪري پار نہ پئبو تہ مرڻ کان پوءِ انهيءَ سمونڊ جي ويرن وهڪرن، لهرن ۽ لوڏن مان لنگهڻو پوندو، پوءِ جي سڻن عملن جو ثمر ساڻ هوندو تہ سلامتيءَ سان انهن مان اُڪري پار "عدن" وڃي پهچبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناڪئو نگهبان، معلمَ مُنجي خبرون
جن ساري ڪنيو سمونڊ تي، سفر جو سامان،
لطف ساڻ، لطيف چي، تن لنگهيو طوفان،
سنياري سبحان، وجي عادنئون اڪتا.

شاه صاحب پنهنجي رسالي ۾ جتي جتي پاٽيءَ وارن هنڌن جو ذڪر ڪيو آهي اُتي ان مان مراد "ملڪوت" يعني روحاني جهان آهي. سُر سريراڳ، سُر ساموندي ۽ سُر گهاتو ۾ "سمونڊ" مان مراد عالم ارواح آهي، سُر سهڻيءَ جي "درياءَ" مان مراد به روحاني جهان آهي. سُر مومل راڻي جي "ڪاڪ" مان مراد به اِهو عالم آهي.

تن باغنئون بس، جي ڪاڪ ڪنڌيءَ ڪڪوريا.

روحاني دنيا جي هُنَ پار بهشت جا باغ آهن، عاشق انهن جي به تمنا نٿو رکي. سُر ڪارايل ۽ سُر ڏهر جي "سَرَ" (ڍنڍ) مان مراد انسان جو پنهنجو "ملڪوت" آهي. پاٽيءَ کي روحانيت سان انهيءَ ڪري تمثيل ڏني ويئي آهي، جو جيئن زنده شين جو جيابو پاٽيءَ سان آهي، تيئن جسماني شين جي موجودگي، سندن ملڪوت سببان آهي. "مَلڪوتُ ڪُل شيءِ" واري آيت ۾ ان حقيقت جو ثبوت آهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم نجم عباسي

# سر سِريراڳ جو ابياس

لطيف سائينءَ پنهنجي شعر ۾ سنڌ جي عوامي تاريخ بہ پيش ڪئي آهي، يعني ان وقت جي عام سنڌين جي رهڻي ڪرڻي، رسمون ۽ رواج، واپار ۽ ڌنڌا، جذبا ۽ لاڙا بيان ڪيا اٿائين. هن شعر ۾ آندل ڳالهيون پاڻ ڏٺيون، محسوس ڪيون ۽ پرکيون هيون. هن گهڻو ڪري پنهنجي ڏٺل وائٺل ۽ جاچيل ماڻهن کي ئي پنهنجي شعرن جو ڪردار بنايو آهي.

لطيف سير سفر ڪندي، ڪراچيءَ جي آسپاس واري سمنڊ جي ڪناري وٽ بہ رهيو هو. اتي جيڪي ڏٺائين ۽ ٻڌائين، تنهن کي سر سريراڳ ۾ ڳايو اٿائين. اهو احوال آهي، انهن سنڌي واپارين جو، جيڪي سامونڊي سفر ڪري ڏيساور سان واپار ڪندا هئا.

لطيف سائين انهن وڻجارن بابت ڪيترين ئي حقيقتون ٻڌائي ٿو تہ هو ڪهڙن ملڪن سان واپار ڪندا هئا، ڪهڙين شين جو واپار ڪندا هئا، هنن لاءِ سمنڊ ۽ واپار ۾ ڪهڙا خطرا هوندا هئا، هنن جي هلت چلت ڪهڙي هئي. نہ رڳو ايترو پر هنن جون ڪي ڪمزوريون ۽ غلطيون پروڙي، هنن کي ڪجهہ صلاحون بہ ڏئي ٿو تہ هو سمنڊ جي سفر تي وڃڻ کان اڳ ڪهڙي تياري ڪن ۽ ڪيئن ٻيڙين کي ناهين ۽ مرمت ڪن، ۽ سمنڊ جي سفر ۾ سمجهو سونهان ڪٽن، واپار ۾ سچائيءَ کان ڪم وٺن، ۽ ملاوت ۽ چوربازاريءَ کان پاسو ڪن. هن اهو بہ ٻڌايو آهي تہ واپارين کي واپار ۾ نقصان پوڻ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟

لطيف سائينءَ سمنڊ ۾ حادثن جا سبب بيان ڪيا آهن، ۽ انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان بچڻ جا اُپاءَ ٻڌايا آهن. لطيف سائينءَ واپارين کان سواءِ ٻين جن ڪردارن جو احوال ڏنو آهي سي آهن ٽوبا، ملاح، سڪاٽي، سونهان، صراف، وينجهار، جوهري ۽ پيا. هن سر ۾ وڻجارن جي زالن جو به ذڪر آهي. هنن جي مزّسن خاطر اوسيڙي، دعائن ۽ جشن جي باري ۾ بيت آهن. لطيف سائينءَ سنڌ جي ڪن قتل بندرن طرف به اشارو ڪيو آهي، جيڪي ڏارين جي ڪاهن ڪري ويران ٿي ويا هئا، ۽ اتي جا جوهري ۽ هيرن جواهرن جي تجارت ڪندڙ، اهي بندر ڇڏي ويا هئا.

لطيف سائينءَ ڏيساور جي واپار جو سلسليوار احوال ڏنو آهي:
پهرين ٽوبڻ جون ٽبيون هڻي سمنڊ جي تري مان هيرا، موتي ۽ سپون ڪڍڻ، اهي وڻجارن جو خريد ڪرڻ، مال جو پيڙين ۾ جمع ڪرڻ، سمنڊ ۾ پيڙا هاڪارڻ، ٻئي ڪناري پرڏيهه پهچڻ، اتي دڪاندارن ۽ صرافن سان سوديبازي ڪرڻ، پنهنجو مال وڪڻي اتان جو مال خريد ڪرڻ، واپسيءَ جو سمنڊ جو سفر، پنهنجي وطن جي ترن تي پهچڻ، محصول مان جند ڇڏائڻ، گهر پهچڻ تي سندن عورتن جو جشن ملهائڻ.

جن ڪردارن جو هيٺ بيان ڪيو ويو آهي، سي اڄ به شاه جي هن سر مان گهڻو ڪجهه پرائي سگهن ٿا. هن سر ۾ جن ماڻهن، شين ۽ جاين جو ذڪر آيو آهي، تن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو.

## ڪردار

١- واپاري: (هن کي ساموندي، سوداگر ۽ وڻجارو به سڏيو ويو آهي).
هو ڪڏهن ڪڏهن پچت ۽ سرمايو نه هجڻ ڪري، موتين جي بدران شيشي ۽ شيهي جو واپار ڪرڻ تي مجبور ٿيندو هو، ۽ ان واپار ۾ ڪپت ڪري، شيشي کي موتي ۽ ماڻڪ سڏي وڪڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو. انهن ٻنهي ڳالهين ڪري هن کي نقصان پوندو هو، يا تمام ٿوري اپت ٿيندي هئي. اڻ تجربيڪاري به هن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپار ۾ گھاٽي جو باعث بڻجندي هئي. ٿوري سرمايي وارن واپارين واسطي وڏو خطرو ۽ جوکو اهو هوندو هو جو پراڻيون ۽ گَنَل ٻيڙيون ڀاڙي تي ڪندا هئا، جن جي سودي جي سامان سميت، غرق ٿيڻ جو انديشو هوندو هو، يا وڏيون مصيبتون برداشت ڪرڻ کان پوءِ مس مس وڃي ٻئي ڪناري ٻيڙيون ٿينديون هيون. واپارين جي پيڇي جو ٻيو سبب اهو هوندو هو، جو هو موتي ۽ ماڻڪ پرکي نه سگهندا هئا، ۽ خود به ٺڳجي ويندا هئا. آزمودي پرائڻ کان پوءِ هو اهڙن نقصانن کان بچي ويندا هئا. ڪي واپاري وڪري واسطي اهڙو سامان خريد ڪندا هئا جو رکڻ سان خراب ٿي ويندو هو، ۽ هنن کي گھاٽو پوندو هو.

منڍ ۾ واپاريءَ کي واپار ڪرڻ ۾ همت ڀڃيندڙ دشواريون درپيش اينديون هيون. پراڻيون ٻيڙيون، مال جو رکڻ سان خراب ٿي وڃڻ، سمنڊ جي سفر ۾ طوفانن ۽ تيز وهڪرن، لهرن، ڪُنن ۽ تکين سيرُن جا ڏاکڙا، محصول ونڻ وارن جوَن ڏاڍايون ۽ سامان وڪڻڻ واسطي ڀهروپين واپارين ۽ صرافن سان واسطو. پر پوءِ واپار جي اهڙي چُوس پئجي ويندي هئي، جو ڏيساور مان واپار ڪري واپس ورندا مس هئا ته وري ٻئي سفر جو سانباهو ڪندا هئا. سمنڊ کان سواءِ هنن جي سرندي ئي ڪين هئي. جيڪي واپاري، سون ۽ سچن موتين جي واپار جا عادي ٿي ويندا هئا، ۽ ديانتداريءَ جو ڦل چکيو هئائون، سي شيشي ۽ پتل جو سودو ڪڏهن نه ڪندا هئا، ۽ ڪڏهن به بي ايمانيءَ وارو وهنوار نه وٽندو هون.

ڪي وڻجارا فقط هڪ صراف يا هڪ دڪاندار يا هڪ جوهريءَ وٽ مال کڻي ويندا هئا. اهڙا وڻجارا ٺوڪو به کائيندا هئا. مگر جيڪي مارڪيٽ ۾ پڇا ڳاڇا ڪري، مختلف دڪاندارن وٽ وڃي سوديبازي ڪندا هئا، انهن کي من گھريو ملهه ملي ويندو هو.

ڪي واپاري سودي وارا قيمتي موتي گھر ۾ بيپرواهيءَ سان

رکي ڇڏيندا هئا. هنن جون زالون انهن کي ڏسڻ لاءِ هتن ۾ ڪٽنديون هيون ۽ بعضي ڪيترائي ڀيڄي زيان ڪري وجهنديون هيون.

بندرن تي محصول ادا ڪرڻ وڏو مسئلو هوندو هو. يا تہ محصول تمام گهڻو هوندو هو، يا محصول اڳاڙيندڙ رشوت وٺڻ جي نيت سان واپارين ڪي هرويرو بيحد پريشان ڪندا هئا. واپارين جو ڪتنب پڻ اهي دعائون گهرندو هو تہ سندن مڙس جي سَنگ مان شل جان ڇٽي.

۲- ملاح: (سڪاڻي، ناکئو، مهاڻو، ڪشتيبان، ٻيڙياتو، هن عنوان هيٺ اچي وڃن ٿا). هو جاڻنا ۽ سگهارا هوندا هئا. هو ذري دعائون گهرندا ۽ ڏٽيءَ کي ٻاڏائيندا هئا. ڪنڌي ترڪٽي، اُڀي ۽ ڏهڻ واري هجي يا تيز طوفان، وڏيون لهرون هجن يا مينهن جو وسڪارو، اونده انڌوڪار هجي يا سير جو وچ، جهوني ڪشتي هجي يا قاتل سڙهہ، هر حالت ۾ ملاح هٿ پير هلائڻ سان گڏ، زبان سان بہ زور سان، پار پهچڻ لاءِ خدا جي مدد گهرندا هئا. هو ڏاڍا غريب هوندا هئا، ۽ هن مان گهڻن جون ٻيڙيون پراڻيون ۽ ڀڳل ٽٽل هيون. هو اتر جو واءُ سٺائو ڏسي، سڙه تنگڻ جون ڪانيون ڪڙيون ڪري سڙه چاڙهيندا هئا. ماهر ملاح تکي ۽ اوياري وهڪري ۾ بہ ٻيڙي هلائي ويندا هئا. هو ٻيڙيءَ جي صحيح نموني سنڀال ڪندا هئا، پراڻين ٻيڙين جا تنگ بروقت بند ڪندا هئا، ۽ ٻي مرمت ڪندا هئا، ۽ ڏهاڙي ٻيڙين کي تيل جو مک ڏيندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن ملاح جي غفلت، ننڊ اچي وڃڻ ۽ مسافرن کي ننڊ ۾ ڏسي پاڻ بہ سمهي پوڻ ڪري، ٻيڙي وچ سير ۾ هلي ويندي هئي، ۽ پوءِ وڏين مشڪلاتن سان مقابلو ڪرڻو پوندو هوس.

ملاحن ۾ ذميواريءَ جو احساس تمام گهڻو هوندو هو. هڪ ڀيرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاملو طئي ڪرڻ ڪان پوءِ، واپاريءَ جي مال جي حفاظت ڪرڻ هو پنهنجو فرض سمجهندو هو. ۽ ان ڪي سمنڊ جي طوفانن ۽ تاريڪين ۾ بچائڻ لاءِ پنهنجي جان جي بازي لڳائيندو هو. ساموندي سفر تي ملاح جي نندڻ يا بيپرواهي ٻيڙيءَ ٻوڙ ثابت ٿيندي هئي. جيڪي ٽوٻا اتفاق سان وچ پاڻيءَ ۾ ڦاسي پوندا هئا، ته ملاح ٻيڙي ڪاهي وڃي هنن جي واهر ڪندا هئا. ملاح ڪيتروئي ماهر ۽ هوشيار هوندا هئا، پر ٻيڙيءَ جي واٽ هو سونهن جي صلاح سان مقرر ڪندا هئا.

٣- **سونهون** (رهبر، معلم). سونهون، ساموندي رستن ۽ سمنڊ جي حالتن ڪان پليءَ پٽ واقف هوندو هو. هن ڪان سواءِ سمنڊ جو سفر خطري ڪان خالي نه هوندو هو، ۽ ڪناري تي پهچڻ ۾ وڏين مصيبتن ۽ دشوارين سان دوبدو ٿيڻو پوندو هو. ڪي سونهان، انهيءَ خيال ڪان ته وڻجارا گهبرائجي نه وڃن، هنن ڪي سمنڊ جي ڪنارن واري ڪيفيت ته ٻڌائيندا هئا، باقي وچ سمنڊ ۾ جيڪي خطرا ۽ خوف هوندا هئا سي نه ٻڌائيندا هئا. هو ملاحن ڪي سمنڊ جي حالتن جي خبر ڏيندا ۽ خبردار ڪندا هلندا هئا، جنهنڪري ٻيڙي ڪيترن مشڪلن، طوفانن ۽ تيز وهڪرن ڪان بچي پار پهچندي هئي. جڏهن سونهون خاطري ڏيندو هو ته هاڻي سمنڊ مانيٽو آهي ۽ ڪو انديشو ڪونهي، تڏهن مسافر به اطمينان سان سمهي پوندا هئا، ۽ ملاح پڻ آرام ڪندا هئا.

٤- **ٽوٻو** (غواص، پوچارو). هي ٽيون هٽي، سمنڊ جي تري مان تمام قيمتي جواهر، هيرا، سپون، ماڻڪ ۽ موتي ڪڍي ايندا هئا. اهي شيون اونهي سمنڊ ۾ جهجهي انداز ۾ هونديون هيون. جي ٽوٻا اونهي سمنڊ ۾ پهچي کوجنا ڪندا هئا، سي هيرن ۽ موتين جا ڍڳ ميڙي ايندا هئا. هنن ڪي انهن جي قيمت ۾ ايتري دولت ملندي هئي، جو هو مالا مال ٿي ويندا هئا. ٽوٻا پنهنجي منهن تي شيشي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ٻوٽاڙو (توپ) چاڙهي اونهي سمنڊ ۾ تري تائين پهچندا هئا. هنن کي تيز وهڪرن ۽ ڪارن ڪُنن سان مقابلو ڪرڻو پوندو هو. جيڪي ٽوٻا جوشيلي سمنڊ ۽ تيز وهڪرن ۾ ڦاسي پوندا هئا، تن کي ملاح مدد ڪري ڪڍي ايندا هئا. ٽوٻا پنهنجون شيون واپارين کي وڪڻندا هئا.

٥- **فرنگي.** هي ولايتي چور هئا، ۽ وچ درياءُ يا وچ سمنڊ ۾ جهازن ۽ ٻيڙين تي حملو ڪندا هئا. ان وقت ملاح ۽ سونهان به پنهنجو ڪم ۽ جايون ڇڏي جهاز ۾ لڪي ويندا هئا، جهاز ۽ ٻيڙيون سمنڊ جي رحم ڪرم تي رهجي ويندا هئا.

٦- **چور.** چور انهن جاين جي تاڙ ۾ هوندا هئا، جتي مائڪ ۽ موتي رکيا ويندا هئا. ان ڪري واپارين جون چوريون ٿينديون رهنديون هيون.

٧- **صراف ۽ جوهري.** هو سون جا پارکو هئا ۽ پتل پروڙي ويندا هئا. هو سادن سودن ۽ اڻ آزمودگار وڻجارن کي، چالاڪي ڪري سون جو ملهه به گهٽ ڏيندا هئا. ڪي نالي جا صراف هئا، جي سون پرکي ڪونه ڄاڻندا هئا. واپارين کي انهن کان خبردار رهڻو پوندو هو. فقط جوهري ئي هيرن جواهرن کي سڃاڻندا ۽ انهن جو قدر ڪندا هئا، ۽ اوتري قيمت ڏيندا هئا. اهي نه هجن ته جواهرن جو واپار رولي ۾ پئجي وڃي. ڪچ ڪائي کي هيرا موتي ڪري وڪڻندڙن کي به اهي پڪڙيندا هئا.

٨- **وينجهار.** هي هيرن ۾ سنهڙا سوراخ ڪيندا هئا، جو ڏاڍو باريڪ ۽ نفيس هنر آهي. جهڙو تهڙو ڪاريگر اهو ڪم ڪندي هيرا ڀڃيو وجهي. ان وقت سنڌ ديس ۾ غربت ۽ ڏڪار جون اهڙيون حالتون اچي ٿيون، جو ماڻهن کي پيٽ ڀرڻ لاءِ ڪونه هو، ته هيرا جواهر پائڻ جو شوق ڪٿان ڪندا. ان ڪري وينجهارن پنهنجا دڪان ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنڍو بند ڪري ڇڏيو هو. هو آبدار موتين جا ٻه پارڪو هئا، ۽ اکين تي خوردبين چاڙهي، موتين جي ڪنارن ۽ پاسن جي چڪاس ڪري، انهن جو ملهه مقرر ڪندا هئا.

٩- **وڻجاري** (واپاريءَ جي زال). گهر ۾ رکيل مڙس جا موتي ۽ هيرا ڪڍي اٿلائيندي پٿلائيندي هئي ۽ ٻي افعالائيءَ ڪري بعضي بعضي ڪو هيرو يا موتي ڀڃي وجهندي هئي. ائين ٿي وڃڻ تي هوءَ نه افسوس ڪندي هئي ۽ نه پڇتاءُ، ۽ نه وري صراف وٽ وڃي، اهي ٽڪرا ڳنڍرائڻ جي ڪُتي ڪندي هئي ان ڪري اهو لکن جو هيرو ٽڪڻ جو ٻه نه رهندو هو. جڏهن هن جو مڙس سامونڊي سفر تي ويندو هو، تڏهن هوءَ روزانو ٽيهريءَ جو درياءَ شاهه تي اکا وجهي، ڳچيءَ ۾ پاند پائي، هن جي واپسيءَ لاءِ دعائون پنندي هئي. جيئن ئي هن کي معلوم ٿيندو هو ته مڙس تڙ تي پهچي ويو آهي ، ۽ محصول مان به جند ڇڏائي اٿس، تڏهن هوءَ خوشيءَ ۾ ڀرجي جشن ملهائيندي هئي.

## واپار جون شيون

١- موتي، مائڪ، لعل، جواهر، هيرا، سپون.

٢- ڪاٺو.

٣- شيهو.

٤- لونگ، ڦوٽا، ڪپڙو.

٥- داڻا (اناج).

## ٻيڙيءَ لاءِ ٻيا لفظ.

١- نيهه،

٢- جهاز يا جهاج.

٣- غراب = وڏو ٻيڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴- مَڪَري.

۵- ڊنگي.

٦- ترازو = ننڍي، هلڪي ۽ تکي ٻيڙي.

٧- ڇِتُرَ = ڇيتيون ڇيتيون ٽيل جهاز.

٨- وڏاندريون = وڏيون ٻيڙيون.

٩- پاڪڙي.

١٠- هوڙاڪ.

**ٻيڙيءَ جي ساز سامان ۽ جدا جدا حصن جا نالا**

١- سڙهه.

٢- دوربيني.

٣- ڦرهو يا تختو.

۴- لاڇو = رسا يا نوڙيون.

۵- اولو = ٻيڙي هلائڻ جو ڳن.

٦- ٻوٽاڙو = ٽوبي جي پائڻ لاءِ ڪاٺي جو ٽوپ.

٧- ڪوهو = سڙهه ٽنگڻ جي ڪاٺي.

٨- سونهڻ = ڪاٺ جي چپر.

٩- سڪاڻ.

١٠- ننگر يا لنگر = ٻيڙيءَ کي بيهارڻ لاءِ لوه جو اوزار.

١١- ناتاري = لوهي لنگر.

١٢- ڪِيرُ = ڪِلو.

١٣- ترهو.

١۴- پڳهه = رسو، جنهن سان لنگر سان ٻيڙي ٻڌي ڪناري وٽ بيهاربي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٥- ناڙي = چمڙي جي نوڙي.

١٦- ونجهه.

١٧- ڏَڄُ، وانٽي يا جهنڊي.

**سمنڊ لاءِ ٻيا لفظ**

١- اوڙاه = ٻيانڪ سمنڊ، وڏو سمنڊ.

٢- عميق = اونهو سمنڊ.

٣- نيڊو = اونهو سمنڊ.

٤- سائر.

٥- نير.

٦- ٻار.

٧- کارو.

٨- اونهون.

**بندرن جا نالا**

١- پور بندر (ڪاٺياواڙ).

٢- عدن (عربستان)

٣- لنڪا (سلون).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد نجف علي شاه "كمتر" نقوي

# سر سريراڳ جي لغت

اڄوڪي محفل ۾ دستور مطابق شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي سر سريراڳ مان هڪ بيت پيش ڪري، ان بيت جي صرف هڪ لفظ جي باري ۾ تقابلي مطالعو پيش ٿو ڪريان - اهو بيت هيءُ آهي:

وِٽا جي عـــمـــيق ڏي، مُنه ڪائو ڏيئي،
تن سپون سُوجهي ڪڍيون، پاتارن پيهي،
پسندا سـيـــئي، اَمُلَ اکـــڙين سين.

هن بيت ۾ شاه صاحب لفظ "ڪائو" استعمال ڪيو آهي. جيڪڏهن اسين "ڪائي" جي معنيٰ متعين ڪرڻ جي لاءِ، رسالي جو مطالعو ڪنداسين ته معلوم ٿيندو ته شاه صاحب اهو لفظ ساڳي هجي ۾، هڪ ڪان وڌيڪ معنائن ۾ استعمال ڪيو آهي؛ تنهنڪري ٻڌايل بيت ۾ لفظ "ڪائو" جي معنيٰ مقرر ڪرڻ جي لاءِ شاه صاحب جي رسالي جو مطالعو ڪريون. مثال طور ساڳئي سر سريراڳ ۾ شاه صاحب فرمائي ٿو ته:

ڪائو ڪمايومِ، موتي مون نه وَٽِجئا،
سـيـهي جو سيد چئي، وکر وهايومِ،
مهـڙو حال سندومِ، توه تنهنجي اَبهان.

هن بيت مان ظاهر آهي ته هتي شاه صاحب "ڪائو" مان مراد ورتي آهي شيشو، مصنوعي يا ڪوڙو هيرو، يا سچ جو نمد يعني ڪچ وغيره. جيڪڏهن مون تي نه وسهو ته آءٌ خود شاه صا... زبانيءَ

اوهان کي ٻڌايان تہ اهو لفظ "ڪانئو" شاهہ صاحب انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. ساڳئي سر سريراڳ ۾ آهي تہ:

اڳهئو "ڪانئو" ڪَچُ، ماٽڪن موت تي،
پلئہ پايو سچُ، آچيندي لڄ مران.

ساڳئي سر ۾ ٻئي هنڌ ارشاد ٿو ٿئي تہ:

مانَ پچنئي سپِرين، چت م چيتاريج،
ڪيج ڪانئي ڪچ کي، ڪوڙ مَ ڪمائيج،
وڻج وهائيج، سپ سوداگر سچ جو.

هاڻي تہ اوهان کي يقين ٿي ويو هوندو تہ شاهہ صاحب جي خيال موجب "ڪانئو" لفظ جي اهائي معنيٰ آهي، جا مون اوهان کي ٻڌائي. ليڪن اها معنيٰ ابتدا ۾ ٻڌايل بيت سان ٺهڪي نٿي اچي تنهنڪري رسالي جو وڌيڪ مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ شاهہ صاحب لفظ "ڪانئو" کي هڪ ٻي معنيٰ ۾ بہ استعمال ڪيو آهي. ساڳئي سر سريراڳ ۾ ارشاد ٿو ٿئي تہ:

ڪوڙين جي ڪانئو ٿي، سمنڊ ڪين سُڪن،
پاڻيءَ سين پيڪُ ڪيو، تيلاهہ وڻجارن،
لالون سي لهن، جنين سوڙدو سچ سين.

هن بيت ۾ "ڪانئو ٿيڻ" جي معنيٰ ٿيندي، لاتِ ڏيڻ، ڪَر ڏيڻ، يا پاڻيءَ جو گهٽجي وڃڻ. ان جي ثابتيءَ طور سر ڌهر مان هي بيت پيش ڪريان ٿو.

سُڪي ڍور ڍيون ٿئو، ڪنڌيءَ ڏنو ڪانئو،
سو پاڻي پٽيهل ۾، اڳيون نہ آئو،
مازهن ميڙائو، ڪهين ڪهين پيٽيين.

اڳئين بيت ۾ شاهہ صاحب "ڪانئو ٿيڻ" جو فعل استعمال ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، ليڪن هن بيت ۾ ”ڪائو ڏيڻ“ استعمال ڪيو اٿس، پر معنيٰ ساڳي اٿس. انهيءَ معنيٰ سان لفظ ”ڪائي“ ڪي شاه صاحب رسالي جي سر ڏهر ۾ هيئن استعمال ڪيو آهي.

جان واهڙ ۾ وهُ، تان تون مَچ نه موٽيين،
ڪائي ۾ ڪوه ڪريين، سندو موٽڻ پهُ،
سِرَ متي سهُ، مهميزون ملاحن جيون.

انهيءَ بيت مان به ثابت ٿيو ته شاه صاحب ”ڪائي“ جي معنيٰ پاڻيءَ جي لاتِ يا ڪر ڏيڻ ورتي آهي. ايتري تحقيق ڪرڻ مان ثابت ٿيو ته ”ڪائو“ جون گهٽ ۾ گهٽ به معنائون آهن. هڪڙي شيشو، ڪوڙ يا ڪچ، ۽ ٻي پاڻيءَ جي لات يا ڪَرَ. انهيءَ بحث کان پوءِ آءٌ وري پنهنجي ٻڌايل اصلي بيت ڏانهن واپس ٿو اچان، جنهن ۾ شاه صاحب فرمايو آهي ته:

”وٽا جي عميق ڏي، منهه ”ڪائو ڏيئي“.

هاڻي اسان کي ڏسڻو آهي ته ”مُنهِ ڪائو ڏيئي“ مان شاه صاحب جي اصل مراد ڇا آهي؟ آيا اُهي سامونڊي سوداگر منهن تي شيشو ڪوڙ يا ڪچ چاڙهي ويا يا پاڻيءَ جي لات ڏانهن منهن ڪري سفر تي سنبريا؟ مرحوم شاهواڻيءَ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي لکيل شاه صاحب جي رسالي ۾ ”ڪائو“ جي معنيٰ ٻوٿاڙو يا اهو شيشو لکي آهي، جيڪو ٽوپا ٽبي ڏيڻ وقت منهن تي چاڙهي ڇڏيندا آهن. گويا سندن مطلب هي آهي ته وڻجارا ٽوبن وارو خاص لباس، جيڪو هن وقت رائج آهي ۽ جنهن جي منّهن واري حصي ۾ ڪائي يا شيشي جو هڪ خول هوندو آهي، جنهن جي پاڻ سان ٽوبو اکيون پٽي سمنڊ جي هر شيءِ ڏسي سگهندو آهي، سو پائي ويا. آءٌ نٿو چئي سگهان ته اڄ کان اڍائي يا ٽي سئو سال اڳ ۾، سمنڊ جي ٽوبن لاءِ اهڙو لباس ايجاد ٿيل هو يا نه؟ ليڪن منهنجي خيال موجب مُنهِ ڪائو ڏيئي“ واري جملي مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”منهن ڏيڻ“ جي معنيٰ سمجهڻ ۾ شايد ڪو اشتباه پيدا ٿيو هجي، ڇو جو جيڪڏهن ”مُنهِ ڏئي“ مان مراد منهن ڏڪي واري مراد ورتي ويندي تہ پوءِ شايد مرحوم شاهوانيءَ ۽ ڊاڪٽر گربخشانيءَ واري معنيٰ صحيح اچي بيهندي، پر جيئن تہ منهنجو موقف اهو آهي تہ شاہ صاحب جي ڏکين لفظن جي معنيٰ خود شاہ صاحب ڪان پڇجي تہ ان مان شڪ شبهو ختم ٿي ويندو ۽ اسان کي اڄ ڪان اڍائي سؤ ورهيہ پراڻي سنڌي زبان، جنهن کي اڄوڪو پوچ سمجهي نٿو سگهي، تنهن جي سمجهڻ ۾ زياده آساني ٿي پوندي، تنهنڪري اڄو تہ انهيءَ اشتباه کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ڏسون تہ شاہ صاحب ”مُنهُڏيئي“ وارو فعل يا ”مُنه ڏيڻ“ واري مصدر کي ڪهڙي نموني استعمال ڪيو آهي. سر سامونديءَ ۾ شاہ صاحب چيو آهي تہ:-

اســــــان اَڏار، آٿي اَونگ چاڙهـئـــــــا،
مُنهُ ڏيئي مـون آئيـا، سَمـهـان ســيـارا،
اَيــــرن ســـــيــــڪـــــارا، پسي وَرَ ٻين جا.

هن بيت ۾ ”مُنهُ ڏيئي اچڻ“ جي معنيٰ نڪري ٿي، سامهون اچڻ يا منهن جي طرف اچڻ، جيڪڏهن قارئين ڪرام انهيءَ معنيٰ تي متفق نہ هجن تہ هڪ ٻيو مثال پيش ڪندس. سر ڪوهياريءَ ۾ هڪ بيت آهي تہ:-

پرتوو پنهـــوءَ جو، سُهـــائي ســـيـــاهُ،
”مُنه ڏيئي“ مـــون آئيــو، رنگا رنگي راهُ،
پهـــــرين ڏيندا پاهُ، پوءِ رڱيندا رڱ ۾.

هاڻي تہ سيني کي خاطري ٿي وئي هوندي تہ ”مُنهُ ڏيئي اچڻ“ جي مــــعنيٰ برابر مُنهن جي طرف اچڻ آهي. اڃان بہ پوري پوري پڪ ڪرڻ جي لاءِ شاہ صاحب جو سر ڪيڏاري مان هڪ بيت پيش ڪريان ٿو، جنهن ۾ شاہ صاحب ”مُنهَ“ جي معنيٰ طرف استعمال ڪئي آهي. انهيءَ بيت ۾ شاہ صاحب فرمايو آهي تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳجهــڙين ڳارو، راتيــان ڏيهــان رڻ ۾،
پـٽيون پچن پاڻ ۾، تـہ ڪِنه مَنهِ ڪيـڏارو،
ڪـائن ڪڳمــارو، ڪائـر پيـو ڪنو ٿـيي.

هن بيت مان بہ صاف ظاهر آهي تہ ”منه“ جي معنيٰ طرف آهي، انهيءَ سڄي بحث جو حاصل مطلب هي آهي تہ ”مُنهَ“ جون ٻہ معنائون آهن: هڪ چهرو ۽ ٻي طرف.”مُنهُ ڏئي اچڻ“ جي معنيٰ ٿيندي طرف ڏئي اچڻ. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن بيت ۾ ”مُنهُ ڏيئي وڃڻ“ ڪم آيو هجي تہ ان جي بہ معنيٰ ٿيندي طرف ڏئي وڃڻ. تنهنڪري جي هن بيت ۾ ”وٺا مُنهِ ڪائو ڏيئي“ استعمال ٿيل آهي تہ ان جي معنيٰ اها بہ نڪري سگهندي تہ پاڻيءَ جي لاٿيا ڪَرَ ڏيڻ واري طرف ويا. يعني جيڪڏهن توهي کي خبر پوندي تہ سمنڊ ۾ فلاڻي جاءِ تي پاڻيءَ ڪجهہ لاٿِ ڏني آهي تہ هو ماڻڪ ميڙڻ جي لاءِ انهيءَ طرف جو رخ ڪندو، ڇو جو سيڪو ٽبي ڏيڻ وارو فطرتاً اها ڪوشش ڪندو تہ ٽبي ڏيڻ وقت پاڻيءَ جي سطح ۽ تري جي وچ ۾ ٿورو مفاصلو هجي تہ آسانيءَ سان تر تائين پهچيِ اتان سپون ميڙي اچي متاڃري تي گڏ ڪري.

انهيءَ خيال کي تقويت پهچائڻ جي لاءِ، سنڌ جي جاگرافي بہ تائيد ٿي ڪري. ياد رکڻ گهرجي تہ شاه صاحب سنڌ جي سامونڊين جو جن بندرن يا تڙن ڏانهن واپار جي سانگي وڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي تن ۾ پور بندر ۽ ڪنيات وغيره آهن، جيڪي سنڌ جي ڏکڻ طرف آهن، جيئن تہ پراڻي زماني ۾ سنڌ جي ٻيڙين ۽ غوراٻن ۾ انجڻ هڻڻ جو رواج اڃان تائين ڪونہ پيو هو ۽ سمورو سفر بادباني يا سڙهہ وارين ٻيڙين ۽ غوراٻن جي ذريعي ڪيو ويندو هو. تنهنڪري ظاهر آهي تہ جيڪي بادباني ٻيڙيون اُتر ڪان ڏکڻ جي طرف سفر ڪنديون، تن کي سمنڊ جي بيٺل پاڻيءَ ۾ هلائڻ جي لاءِ اتر جو واءُ موزون ٿيندو ۽ وري جڏهن اهي ٻيڙيون واپس پنهنجي وطن ورڻ جي ڪنديون تہ جيئن تہ اهي ڏکڻ ڪان اُتر طرف وينديون. تنهنڪري انهن جي لاءِ ڏکڻ جي هوا وڌيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارائتي ٿيندي، انهيءَ سبب جي ڪري سنڌ جا سڪائيا به اتر جو واءُ لڳڻ سان يعني سياري جي موسم ۾ پنهنجون ٻيڙيون سفر تي نيندا هئا ۽ اتي وٽج واپار ڪري وري جڏهن واهوندا ورندا هئا يا ڏکڻ جو واءُ لڳندو هو، يعني اونهاري جي مند ۾ واپس وطن ورندا هئا. ان باري ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي مان ثابتيو پيش ڪرڻ مناسب آهن. سر سريراڳ ۾ چيل آهي ته:

ڪوها ڪال ڪٽي، اُن وڏا اُتر آسري،
آلا جُهري مَ اُن جي، اولي جي اٿي،
وٽجارن وٽي، وڪر وڏو ٻيڙين.

وري سر سامونڊيءَ ۾ شاه صاحب فرمائي ٿو ته:-

لڳي اُتر هير، سامونڊين سڙهه سنباهيا،
ننگر ڪٽي ناڪئا، تئا سٽاوا سير،
هِنيڙي نِتَ اُڪير، ڪاري ڪيڙائن جي.

ساڳئي سر ۾ ٻئي هنڌ به ساڳئي مفهوم جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿو ٿئي ته:

آئي اُتر مُندَ، هنيين اُڏڪو نه لهي،
وٽين لاڄو بند، پيهر مڪين مڪيون.

وري به سر سامونڊيءَ جو بيت آهي ته:

ڏني ڏياري، سامونڊين سڙهه سنباهيا،
اُن ڪي مند اُتر جي، اوچتي آئي،
وٽجارن وائي، آهي پَرين پار جي.

اهو ته هو وڃڻ جو بيان. وري اُتان ورڻ جي باري ۾ به شاه صاحب واهوندن يا ڏکڻ جي واءَ جي بيان ۾ فرمايو آهي ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لــــڳي اُتـــــر اوهَرئــــــا، واهُنــــــدي ورن،
آءٌ گـهـٽـوئي گـهـوريان، سـودو سـامـونڊن،
اگهڻ جن اچن، عــــــيـــــــد وَرَ تي اُن کي.

انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ سامونڊي ڏياري ڏسي، پوءِ جڏهن اتر جو واءُ لڳندو آهي، يعني سياري جي مند ايندي آهي تڏهن سپون ڪڍڻ ۽ ماڻڪ ميڙڻ جي لاءِ سمنڊ جو سفر ڪري وڃي ڪنڊ ڪيڙيندا آهن. ظاهر آهي تہ سياري جي موسم ۾ پاڻيءَ جو زور هميشه گهٽبو آهي، درياهن جو سمنڊ ۾ ڇوڙ بند ٿي ويندو آهي، تنهنڪري پاڻي ڪَر ڏئي يا "ڪائو" ڏئي لهي ويندو آهي ۽ سـمـنـڊ ۾ مـاٺـو ٿي ويندو آهي، تنهنڪري اهائي موسم سمنڊ ۾ سفر جي لاءِ زياده موزون سمجهي ويندي آهي، انهيءَ ڪري ئي شاه صاحب فرمايو آهي تہ "وٺا جي عميق ڏي مُنهِ ڪائو ڏيئي" ان جي مناسب معنيٰ اهائي ٿيندي تہ پاڻيءَ جي لاٽ جي طرف منهن ڪري ويا يا جنهن طرف پاڻي گهٽ ڏٺائون، انهيءَ طرف ويا.

آخر ۾ آءٌ عرض ڪندس تہ مون هيءَ معنيٰ قارئين تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي، پر لغت جي هڪ معمولي طالبعلم جي حيثيت ۾ لغت جو هڪ مسئلو، هن دانشورن جي محفل ۾ پيش ڪري، پنهنجي طرفان ان جو حل بہ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، تي سگهي ٿو تہ ان مسئلي تي ڪن صاحبن کي اعتراض بہ هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد منظور نقوي

# سر سريراڳ جي موسيقي

منهنجي مقالي جو عنوان آهي، سر ”سريراڳ“ جي موسيقي. هن کان اڳ آءٌ پنهنجن مقالن ۾ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمه جي راڳن جي باري ۾ ٻڌائي چڪو آهيان ته حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ جن راڳن کي جاءِ ڏني آهي، انهن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. انهن مان هڪڙا اهي راڳ آهن، جن جو ذڪر بر صغير هندو پاڪ جي موسيقيءَ جي پراڻن ڪتابن ۾ ملي ٿو، ٻيا اهي راڳ آهن جيڪي سنڌ ۾ حضرت شاهه لطيف جن جي زماني ۾ ڪم وبيش رائج هئا ۽ ٽيان اهي راڳ آهن جن جو مؤجد حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي مڃيو وڃي ٿو. اڄ هن محفل ۾ جنهن راڳ جو ذڪر ڪيو ويندو، انهيءَ جو ذڪر موسيقيءَ جي قديم ڪتابن ۾ به ملي ٿو، اهو آهي سِريراڳ.

سريراڳ حضرت شاه لطيف جي رسالي جي راڳن جي عام ترتيب موجب چوٿون راڳ آهي، جيڪو ڪنيات کان پوءِ ۽ ساموندڙيءَ کان اڳ ڳايو ويندو آهي. سريراڳ جي بيتن ۽ واين ۾ ڪٿي به حضرت شاه لطيف جن سريراڳ جو نالو نه استعمال ڪيو آهي، جيئن سارنگ، ڪيڏاري، معذوريءَ وغيره جو ٿيل آهي.

هن راڳ جو اصل نالو شريراڳ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي حضرت يا جناب راڳ. هن راڳ جي نالي مان ئي ظاهر آهي ته هن راڳ کي وڏي ادب سان شري يا سِري چوندا هئا. هاڻي اهو لفظ ڪثرت استعمال جي ڪري شري مان ڦري سري تي پيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم زماني ۾ هن راڳ کي خاص راڳڻ ۾ شمار ڪيو ويندو هو، بلڪ سريراڳ نالي هڪ ٺاٺ به هوندو هو، جنهن مان سريراڳ ۽ انهيءَ انگ جا ٻيا راڳ به نڪرندا هئا. ”ٺاٺ“ سرن جي انهيءَ خاص ترتيب کي چئبو آهي جنهن مان ساڳئي انگ جا ڪيئي راڳ نڪرندا آهن. آنجهاني گربخشاڻي شاهه جي رسالي ۾ هن راڳ بابت لکي ٿو ته ”سريراڳ مول ڇهن راڳڻ مان هڪ آهي“. جنهن مان معلوم ٿيو ته قديم زماني ۾ هن راڳ کي موسيقيءَ ۾ خاصي اهميت حاصل هئي. ڪجهه وقت پوءِ سريراڳ کي ڪافي ٺاٺ مان ڳائيندا هئا، پر جڏهن کان ڳائڻ وارن ديپڪ راڳ ڳائڻ ڇڏيو، تڏهن کان هن راڳ جي سرن ۾ به ٿورو ڦيرو اچي ويو، ۽ هن راڳ جي رکب کي ڪومل ڪري ڳائڻ لڳا ۽ موجوده زماني ۾ شايد انهيءَ سبب جي ڪري سريراڳ کي پوربي ٺاٺ جو راڳ تسليم ڪري ڳايو ٿو وڃي. پوربي ٺاٺ جي سرن جي ترتيب هي آهي:

کرج، ڪومل رکب، تيور گنڌار، تيورمڌم، پنچم، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد. سريراڳ ۾ انهن سرن مان به سر – گنڌار ۽ ڌيوت آروهي يعني ويندي وقت نه لڳندا آهن ۽ ايندي وقت سڀ سر لڳندا آهن. ان ڪري هن راڳ کي اوڊو سمپورن راڳ چوندا آهن. اوڊو سمپورن هئڻ جي حالت ۾ هن راڳ جي آروهي امروهي هيئن ٿيندي.

آروهي: کرج، ڪومل رکب، تيورمڌم، پنچم ۽ تيورنکاد.

امروهي: کرج، ڪومل رکب، تيور گنڌار، تيورمڌم، پنچم، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد. هن راڳ جو وادي سر، يعني شاهه سر، رکب آهي جنهن جو استعمال هن راڳ ۾ واضح هوندو آهي ۽ سموادي سر يعني وزير سر پنچم آهي، جيڪو وادي سر کان پوءِ ٻئي نمبر تي استعمال ٿيندو آهي. هن راڳ کي شام جي راڳڻ ۾ ليکيو ويندو آهي ۽ گهڻو ڪري رات جي پهرئين پهر تائين ڳائبو آهي. اهوئي سبب آهي جو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمت جي رسالي جي ترتيب ۾ به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن راڳ کي ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ ڪنيات ڪان پوءِ رکيو ويو آهي. ڪيئي راڳ اهڙا به آهن جن کي هن راڳ جي انداز تي ڳايو ويندو آهي ۽ ڪيئي راڳ اهڙا بہ آهن جيڪي هن راڳ سان مشابهت بہ رکن ٿا. سريراڳ جي همشڪل راڳن مان هڪڙو راڳ آهي گوري ۽ ٻيو ريوا. راڳ ترون يا تربيني بہ سريراڳ جي انداز ۾ ڳايو ويندو آهي.

جيئن تہ سريراڳ ۾ ڪومل رکب ۽ ڪومل ڌيوت، تيور گنڌار ۽ تيور نکاد لڳن ٿا، ان ڪري هن راڳ کي ڳائڪ ۽ نائڪ سنڌي پرڪاش يعني سنڌي روشنيءَ جو راڳ تسليم ڪن ٿا. جيئن تہ لڪشن سنگيت لکڻ وارو پنڊت چتر خود هن راڳ جي لڇڻ ۾ هيئن لکي ٿو تہ:

سريراگ گني بکاني، پوربي ميل ڪو جاني
آروهن ڌاگا بن ڪر وادي سر رکب ماني
گوري مالوي ترون پوروي ڪي سو هت پارجا
پانچ شبہ چتر اندر پرست مت پرماني
من هر پوپال جيت ڪليان همير هيم پوريا
شام ڪهت ڪلپ درم تن پرماني
ڱن ساگر به ڳؤ ماتو گمڀير سنڌ گوگو او
ڪليان ڪنڀه پاؤ پت مت پرماني

مطلب هي تہ سريراڳ پاؤ پت جي طريقي سان سنڌي راڳ آهي. هتي هيءَ ڳالهہ بہ قابلِ فخر آهي تہ جڏهن کان برصغير هندو پاڪ جي موسيقي ترتيب ۽ تحرير ۾ آئي، تڏهن کان سنڌي راڳن جو پتو ملي ٿو، جنهن مان ثابت آهي تہ قديم زماني کان سنڌ جي راڳن کي تسليم پئي ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ جي راڳن کي يا ڳائڻ جي انداز کي راڳن جي ذڪر ۾ جاءِ پئي ڏني وئي آهي.

سريراڳ جيتوڻيڪ هڪ عام ورتاءَ جو راڳ آهي، مگر تنهن هوندي بہ سندس شڪل قائم ٿيل آهي ۽ انهيءَ سبب جي ڪري سندس شڪل هر همشڪل راڳ کان جدا ٿيو پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها تہ هئي سريراڳ جي راڳداريءَ ۾ حيثيت. پر هاڻي ڏسڻو آهي تہ سريراڳ جي حضرت شاه عبداللطيف جي محفل سماع ۾ ڪهڙي حيثيت آهي. انهيءَ سوال جو جواب هي آهي تہ هن راڳ جي محفل سماع ۾ اهائي حيثيت آهي، جيڪا راڳداريءَ ۾ آهي. خود حضرت شاه عبداللطيف جي ڪلام جي هڪ داستان تي سريراڳ جو عنوان ئي انهيءَ ڳالهہ جو دليل آهي تہ اهو راڳ راڳداريءَ مان ئي ورتل آهي. فرق آهي تہ صرف هيءُ تہ هڪ تہ راڳداريءَ جا راڳ درميانہ سرن ۾ آهن، پر لطيفي محفل ۾ اهي ئي راڳ مٿين سرن ۾ ڳايا ويندا آهن ۽ ٻيو تہ راڳداريءَ جا راڳ آروهيءَ کان شروع ٿيندا آهن يعني انهن راڳن ۾ هيٺين سرن کان مٿي وڃبو آهي پر لطيفي محفل ۾ اهي ئي راڳ امروهيءَ کان ڳايا ويندا آهن يعني مٿين سرن کان هيٺ اچبو آهي. ٽيون فرق هي آهي تہ راڳداريءَ ۾ راڳ جي شڪل کي اجاگر ڪرڻ لاءِ آلاپ تي زور ڏيندا آهن، پر شاه جي راڳ ۾ لفظن تي وڌيڪ زور ڏنو ويندو آهي. شاه جي راڳ ڳائڻ وارن لاءِ اهو ضروري آهي تہ راڳ جي شڪل کي ڦٽڻ نہ ڏين، ڇو جو ائين ڪرڻ سان نفس مضمون ۽ موسيقيءَ جو تاثر ٻاڻ ۾ نہ ٿهڪي ايندا ۽ انهن جو مجموعي تاثر بي پايان وجداني ڪيفيتن جو حامي ٿي ويندو ۽ ان سان گڏ حضرت شاه صاحب جي هر راڳ جي جدا جدا شڪل نظر ايندي. موجوده زماني ۾ حضرت شاه عبداللطيف جي هر راڳ کي تقريباً ساڳئي انداز ۾ ساڳي چال سان ڳايو ويندو آهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو يمن ڪلياڻ ۽ ڪنڀات ۾ سريراڳ ۽ ساموندي‌ءَ ۾ ڪو فرق نظر نٿو اچي. جيڪڏهن حضرت شاه عبداللطيف جو ڪلام هڪ ئي طرز تي ڳائڻ جهڙو هو تہ ان کي ٽيهن سرن ۾ ترتيب ڏيڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممتاز مرزا

# سرُ سامونڊي: سنڌ جي عهد رفته جو الميه داستان

شاه عبداللطيف رحه جو اڪثر ڪلام، تصوف جي نڪتن روحاني رازن ۽ رمزن جي قطع نظر ظاهري طرح سنڌ جي مشهور عشقيه قصن تي مَبني آهي. مثلاً: سسئي پنهون، عمر مارئي، ليلا چنيسر، مومل راڻو، سهڻي ميهار ۽ نوري ڄام تماچي وغيره. شاه جي ڪلام جي مقبوليت جو سبب اهي ئي قصا آهن، جن جي خبر سنڌ جي ننڍي وڏي کي آهي؛ ۽ جي اڪثر ڪري رهاڻين ۽ ڪچهرين ۾ عوام جي دلبستگيءَ جو مرڪز آهن. شاه صاحب کان اڳ ۾ توڙي سندس ڪن همعصر شاعرن ۽ پوءِ جي شاعرن انهن سيني قصن کي پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي، پر لفظن جي پُوڄ، طرزِ ادائگي ۽ حسنِ بيان ۾ جيڪا ڪمال درجي جي خوبي شاه جي ڪلام ۾ ملندي سا ڪنهن ٻئي شاعر ۾ ورلي ملي. انهيءَ بنيادي خوبيءَ ڪري ئي پيتائي بزرگ سنڌي عوام جي دل و دماغ تي ڇانئجي ويو.

شاه صاحب، جن قصن ۽ ڪهاڻين تي پنهنجو ڪلام چيو آهي، انهن تي زوردار ۽ اثرائتو ڪلام تڏهن ئي چيائين جڏهن خود سير و سياحت دوران، بجنسي اهي گس پنڌ، گهٽ گهيڙ، لڪ لانگها، پتون پاٽا، آثار ۽ اُهڃاڻ ڏٺائين. ورنه اهي قصا عام هئا، ننڍي هوندي به ٻڌا هئائين، پٽ تي ويهي، يا هالن ۾ رهي انهن تي ڪلام چئي سگهيو ٿي، پر اهو ڪلام اهڙو رقت انگيز ۽ اثرائتو نه ٿئي ها، جهڙو هن وقت آهي. انهيءَ ڪلام ۾، جنهن جو بنياد محض ٻڌل ڳالهين تي هجي ها، ان ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصنع جي جهلڪ نظر اچي ٿي، پر جيئن تہ شاهہ سير و سفر ۾ اهي ڏک ڏاکڙا خود برداشت ڪيا ۽ انهن سورمين ۽ سورمن جو ويس ڌاري، پوءِ انهن کي ڳايو، جنهن ڪري شاهہ صاحب جو سمورو ڪلام حقيقي رنگ ۾ رنگجي ويو.

شاهہ جي سمورن سُرن ۾ جيڪو سوز ۽ فراق پوريءَ شدت سان بيان ٿيل آهي، تنهن جو وڏي ۾ وڏو سبب محض اهي عشقيہ داستان آهن، جن جو اختتام الميو آهي؛ پر هڪڙو "ساموندي" ئي اهڙو سُر آهي، جنهن جي پس منظر ۾ نہ ڪو داستان آهي ۽ نہ ڪي ظاهري واقعو، جنهن جي بناء تي شاعر پنهنجي ڪلام ۾ ايڏي سوز ۽ فراق، انتظار ۽ اوسيئڙي جي تصوير چٽي آهي. پوءِ اهو ڪهڙو سبب آهي، جو شاهہ جي هن سُر ۾ سوز ۽ فراق جو جذبو چوٽ چڙهيل آهي؟ اسان جي خيال ۾ اهو سبب هو ملڪ جي ان وقت جي سياسي، اقتصادي ۽ معاشي بدحالي، جنهن شاهہ صاحب جي حساس طبيعت تي تمام گهڻو اثر ڪيو. ان وقت جي تباهہ حاليءَ جو جيڪو نقشو سندس اکين آڏو هو سو اشاريت ۾ انهيءَ سُر ذريعي ئي بيان ڪيائين، جنهن مان سنڌ جي انهيءَ دور جا مڪمل اهڃاڻ ۽ آثار اسان کي ملن ٿا.

پنهنجي دعويٰ جي ثبوت ۾ ساموندي‌ءَ مان حوالا ڏيڻ کان اول بهتر آهي تہ اسين شاهہ جي دور ۾ سنڌ جي داخلي توڙي خارجي، سياسي، معاشي ۽ اقتصادي حالتن جو جائزو وٺون، جيئن حالات سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

### شاهہ جي دور جا مشهور تاريخي واقعا

١٦٨٩ع: شاهہ جي ولادت.

١٦٩٩ع: ڪئپٽن هئملٽن سنڌ ۾ آيو، ۽ سموريءَ سنڌ جو سفر ڪري، اُن دور جي حالتن کي پنهنجي سفر نامي ۾ بيان ڪيائين.

١٧٠١ع: ميان يار محمد ڪلهوڙي اورنگزيب کان پروانو حاصل ڪيو ۽ اتر سنڌ ۾ دائود پوٽن کي شڪست آئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٧١١ع: ميان يار محمد ڪلهوڙي اتر سنڌ ۾ پنهنجي طاقت وڌائي.
١٧١٩ع: ميان يار محمد ڪلهوڙي وفات ڪئي، ۽ پٽس ميان نور محمد ڪلهوڙي "خدا يار" جو لقب اختيار ڪيو.
١٧٣٦ع: ميان نور محمد ڪلهوڙو سنڌ جو صوبيدار ٿيو.
١٧٣٩ع: سنڌ تي نادر شاه ڪاهه ڪئي، ۽ سنڌ ايران جي ماتحت ٿي.
١٧٥٠ع: سنڌ، احمد شاه دراني جي افغان بادشاهت ۾ شامل ڪئي ويئي *.
١٧٥٢ع: شاه صاحب جي وفات.

شاه صاحب جي ولادت وقت، سنڌ دهلي جي مغل شهنشاهت سان لاڳو هئي. دهلي حڪومت طرفان ڪونه ڪو نمائندو، سنڌ تي صوبيدار جي حيثيت سان مقرر ٿيندو هو. اهو پنهنجو وارو وڃائي واپس وڃي ته مٿان ٻيو. انهيءَ ريت سنڌ تابعداري ۾ لاڳيتو تقريباً ڏيڍ صدي تائين (١٥٩٢-١٧٣٩ع) مختلف تاجدارن ۽ صوبيدارن جي هٿن ۾ ڦرندي گهرندي رهي. حد ته اها آهي جو شاه صاحب جي وقت ۾ سنڌ ماڳهين ٻن حصن ۾ ورهايل هئي ۽ مٿس ٻه صوبيدار مقرر هئا. سنڌ جي انهيءَ صورت حال سبب هتي جو عوام آهستي آهستي پنهنجي اڳئين اوج کي وڃائيندو رهيو، ۽ ٻيٽين ۽ ٽيٽين ڍلن جي ادائگيءَ سبب سنڌ جي اقتصادي ۽ معاشي حالت پڻ ڪمزور ٿيندي ويئي.

قدرتاً جغرافيائي حالتون به اهڙيون بنجي چڪيون هيون جو دريائي آمدرفت کي پڻ نقصان رسيو، ۽ جنهن ملڪ جي واپاري عظمت جو ڏاڪو سڄيءَ دنيا تي هو، اهو ڏينهون ڏينهن پوئتي پوندو ويو. شاه صاحب جي ولادت کان ستهٺ انهٺ سال اڳ (١٤- ١٦١٣ع) سنڌ ۾ "نڪولس وٿنگٽن" نالي هڪڙو سياح آيو ۽ ٺٽي جي واپاري عظمت کان

* "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" از ڊاڪٽر ايس. پي. ڇٻلاڻي. سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٨ع ص ص ٢٤٩- ٢٥٠.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متاثر ٿي، پنهنجي سفرنامي ۾ لکيائين تہ ”هندستان جو ڪوبہ شهر ٺٽي کان واپار ۾ وڌيڪ ناهي (١)“. سترهين صدي (٦٢-١٦٣٥ع) جي انگريزي ڪوٺين جي منتظمن بہ ٺٽي جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو آهي. هو لکن ٿا تہ ”ٺٽي ۾ ڪورين جا اٽڪل ٽي هزار خاندان آباد هئا. انهن جو گهڻو حصو چونڪڙيءَ تي اڇيل ڪپڙو - يعني ڪيس ٺاهي ٿو، جو ترڪي ۽ ايران ۾ گهڻو ٿو وڪامي. هتي جا واپاري انهن کي گهڻي تعداد ۾ ڪانگو (ايران جي ڪانگن بندر) ۽ بصري جي بندرن ڏانهن موڪليندا آهن (٢)“ . مانريق نالي پورچگيز سَياح - جنهن ١٦٤١ع ۾ سنڌو درياءَ جي رستي لاهور کان ٺٽي تائين سفر ڪيو ۽ هڪ مهينو ٺٽي ۾ رهيو. لکي ٿو تہ ”ٺٽو هڪ وڏو صنعتي مرڪز ۽ مکيہ بندر هو، جنهن ۾ سدائين جهازن جون قطارون بيٺيون هيون. اهي جهاز هر قسم جو سامان ايشيا ۽ پورچو گال جي مختلف حصن ڏانهن کڻي ويندا هئا“. هن واپاري بندر ۽ صنعتي مرڪز جي زوالِ جي ابتدا سترهين صدي عيسوي جي ٽي چوٿائي (١٦٥٠ع کان ١٦٧٥ع) ۾ ٿي. شاه جي ولادت کان فقط ڏهہ ورهيہ پوءِ ١٦٩٩ع ۾ اليگزينڊر هئملٽن سنڌ ۾ آيو ۽ لکي ٿو تہ ”منهنجي اچڻ کان ٽي سال اڳ، يعني ١٦٩٦ع. ٺٽي ۾ هڪ اهڙي سخت پليگ پئي هئي، جنهن ٺٽي جي شهر ۽ انَ جي پسگردائي تي ايڏو اثر ڪيو، جو رڳو ٺٽي ۾ سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙي جا اَسي هزار ڪاريگر مري ويا (٣). انهيءَ پليگ سنڌ کي صنعتي طور قريب قريب ختم ڪري ڇڏيو. ١٦٦٧ع ۾، درياهہ جي پيٽ ۾ رڌ ڄمي وڃڻ ڪري، ٺٽي جو دريائي واپار پوٺو پوندو ويو ”ٺٽي جو واپار، جو اڳي تمام گهڻو هو سو هاٿي پوئتي پوڻ لڳ، ڇاڪاڻ تہ درياهہ جو پيٽ ريتجڻ سبب خطرناڪ ٿي ويو، ۽ ڏينهون ڏينهن ٽانگهو ٿيندو پئي ويو“. ١٦٩٢ع ۾ جڏهن اليگزينڊر هئملٽن ٺٽي ۾ داخل ٿئي ٿو تڏهن، اتي

(١) بالڪرشنا. هندستان ۽ انگلستان جا هڪبئي ۾ واپاري لاڳاپا.

(٢) دانورس - دي پورچگيز اِن انڊيا ١٨٩٤. جلد اول ص ٥٠٨.

(٣) هئملٽن ”اڪائونٽ آف ايسٽ انڊيز“ ص ٥٧.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڏنل منارن ۽ جاين جا کنڊر ڏسي نهايت متاثر ٿئي ٿو.

مطلب تہ پورالي مهراڻ جي آرن ڪري، شاه جي ابتدائي دور ۾ ٺٽي جي واپاري، صنعتي ۽ اقتصادي عظمت ختم ٿي وئي. سڄو شهر ويران ٿي ويو. شهر جو منظر نهايت ڏک پهچائيندڙ هو. جتي اڳي محل محلات هئا، اتي فقط مٽيءَ جي جهوپڙين جو ميڙ بنجي ويو ۽ آدمشماري ٻن هزارن کان بہ گهٽجي ويئي. سندس سمورو شان ۽ ٺٽ ختم ٿي ويو ۽ سندس ”قديم بزرگيءَ جو اعزاز“ کسجي ويو.

ٺٽي کان پوءِ ٻئي نمبر تي ”لاهري بندر“ هو، جو نڪولس وٿنگن جي چوڻ موجب، ٺٽي کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي هو. لاهري بندر چوڏهين صديءَ ۾ ابن بطوطہ ڏٺو، ۽ پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو تہ لاهري بندر هڪڙو تمام وڏو بندر هو، جتي يمن ۽ فارس (عربستان ۽ ايران) ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو واپار سانگي ايندا هئا. منجهانئس اٽڪل سٺ لکن جو محصول گڏ ٿيندو هو.

لاهري بندر سترهين صديءَ ۾، هندستان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪ مکيہ لنگهہ هو. هي بندر نهايت مشغول بندر هو ۽ هندستان جي پرڏيهي واپار ۽ سنڌ جي سامونڊي واپار جو وڏو مرڪز هو. جنهن پورچوگيزن، انگريزن ۽ ڊچن کي ڇڪي سنڌ ۾ آندو. ان جو ڪنارو نهايت سٺائو هو جتي ٻن سون کان ٽن سون ٽنن جا جهاز،جي ان وقت تمام وڏا ليکيا ويندا هئا. مال لاهڻ ۽ چاڙهڻ لاءِ اچي بيهندا هئا.

پورچوگيزن جو سرڪاري روزنامچو لکندڙ ”انٽونيو بوڪارو“ (١٦٣١ع) لکي ٿو تہ ”هي بندر تمام وڏو هو ۽ سندس آدمشماري بہ تمام گهٽي هئي“. انگريزي ڪوٺين وارا بہ ساڳي ڳالهہ جي تائيد ڪن ٿا تہ ”سندس اڏاوت جيتوڻيڪ چڱي ڪانہ هئي، تڏهن بہ منجهس ڪافي آدم آباد هو ۽ ضرورت جون سموريون شيون جهجهي انداز ۾ دستياب ٿي سگهنديون هيون“. ”خلاصة التواريخ“ جو مصنف- جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اورنگزيب وٽ آفيسر هو. لکي ٿو تہ لاهري بندر سنڌ جو مکيہ بندر آهي. موتين ۽ ٻين شين کان مشهور شهر آهي. هن بندر تي اٽڪل ۴۰۰۰ جهاز ۽ ٻيڙيون هڪ ئي وقت لنگر انداز ٿي سگهن ٿيون.

پر افسوس، درياء شاه جي ريٽ هن آباد ۽ وسندڙ شهر کي پڻ تباه ڪري ڇڏيو. سترهين صديءَ جي آخري ڏاري درياء جو پيٽ واريءَ ۽ رڙ سان لٽجي ويو، ۽ انهيءَ بندر تائين دريائي آمد و رفت مشڪل ٿي پيئي، جنهنڪري آهستي آهستي سندس واپار ۽ بندر واري اهميت ختم ٿي ويئي.

اها آهي شاه کان ڪجهہ اڳ واري دور ۽ شاه جي ابتدائي دور ۾ سنڌ جي حالت. آهستي آهستي رهي ڪهي حالت بہ تباهيءَ جي حد تائين پهچي ويئي، جو جڏهن شاه پنهنجي قوهہ جوانيءَ واري وقت ۾ سير و سفر سانگي ساموندي ۽ بحري بندرن جو مشاهدو ڪيو، تڏهن اڳئين اوج واري وقت جي بدل ڳالهين جي روشنيءَ ۾ برباد شهرن ۽ بندرن جا آثار ڏٺائين. جتي سون ۽ موتين جو واپار هلندو هو، اتي لوهارن کي ڪٽ ڪٽيندي ڏٺائين. يقيناً انهيءَ نظاري مٿس بيحد اثر ڪيو هوندو.

سنڌ کي تباهيءَ جي حد تائين پهچائڻ ۾ جغرافيائي ۽ اتفاقي حالتن کان سواءِ وڏو سبب سنڌ جي سياسي حالت بہ هئي. خاص ڪري ١٧٠١ع کان ١٧٣٩ع وارو دور قابل ذڪر آهي. ١٧٠١ع کان اڳ بہ وقت جي خود مختيار ڪلهوڙي حاڪم ميان يار محمد، جنهن هندستان جي ڪمزور مغل بادشاهت جو وَجهہ وٺي، خود مختياريءَ جو اعلان ڪيو هو. تنهن جو سمورو وقت جنگين ۾ گذريو. پر ١٧٠١ع کان پوءِ باقاعدي سنڌ جو حاڪم بنجڻ کان پوءِ سندس سمورو عرصو اندروني لڙاين توڙي ٻاهرين سان وڙهندي گذريو. ڪانئس پوءِ سنڌ جو ٻيو مشهور حاڪم ميان نور محمد هو. جنهن جي پڻ سڄي عمر جنگين ڪندي گذري. ميان نور محمد جون دائودپوٽن سان جنگيون، قلات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بروهين تي حملا- ويندي سنہ ١٧٣٨ع تائين سنڌ جو دور اهڙو هو، جنهن ۾ مسلسل جنگيون ٿينديون رهيون. انهن جنگين سبب وقت جا حاڪم ملڪي انتظام رکي نہ سگهيا. جنگين جي خرچ جو بار عوام جي مٿان پيو. رهي کهي ڪسر نادر شاه جي حملي پوري ڪري ڇڏي. نادر شاه جو حملو، قدرت جي طرفان هڪ عظيم عذاب هو، جنهن جيڏانهن ٿي قدم رکيو سو هنڌ تاخت و تاراج ٿي ويو ٿي. هڪ طوفان تباهي هو، جنهن تهذيب ۽ انسانيت جا سر سبز باغ ويران ڪري ڇڏيا. نادرشاهي حملي سنڌ جي باقي همت کي ختم ڪري ڇڏيو. هن نادري لشڪر سڄي ملڪ ۾ ڦرلٽ مچائي ڏني، ڪوگهر، ڪو ماڻهو سندن چيره دستيءَ ۽ ظالمانہ ڦرلٽ کان آجو نہ رهيو. امير، غريب، شريف ۽ لچ هڪ ئي مصيبت ۾ گرفتار هئا. سنڌ جو سمورو خزانو انهيءَ دور ۾ اڳيئي ختم ٿي چڪو هو. آقي باقي نادر شاه ڪروڙها رپيا ڏنڊ طور پاڻ سان کڻي، آباد علائقن کي ويران بنائيندو وڃي پنهنجي ملڪ ٿانيڪو ٿيو.

مٿئين بيان جي روشنيءَ ۾، هاڻي هڪ طرف تہ سنڌ اقتصادي ۽ سياسي لحاظ کان انتهائي بدحال ٿي چڪي هئي، ۽ سمورو ناڻو سميٽجي، ڏن طور وڃي ٻاهرين خزانن ۾ جمع ٿيو تہ ٻئي پاسي جغرافيائي تبديلين، خصوصاً درياءَ جي ريٽجڻ ۽ رخ بدلجڻ سبب زرعي حالت تباه ٿي چڪي هئي. عوام ۽ خواص داڻي داڻي لاءِ محتاج هئا. وڏا ۽ واپاري شهر ڦٽي ناس ٿي ويا هئا. شرافت ۽ انسانيت مفقود ٿي چڪي هئي. ذهين طبقي جا فرد ڀڄي وڃي ٻين ملڪن ڀيڙا ٿيا. بک ۽ بيڪاري عوام جي گردنن تي مسلط هئي. امن امان جو نالو بہ نہ رهيو هو. سلامتيءَ جون سڀ راهون مسدود ٿي چڪيون هيون. اهڙي دور ۾ شاهہ، جو حقيقت جو ترجمان، فطرت جو نقيب ۽ پنهنجي ماحول ۽ دور جو راوي هو، سو انهن حالتن کان متاثر نہ ٿيو هوندو ڇا؟ ۽ ڇا انهن حالتن کي پنهنجي ڪلام ۾ بيان نہ ڪيائين؟ جيڪڏهن جواب نفيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ پوءِ هڪ فطري شاعر لاءِ، جي شرط شروط لڳايا وڃن ٿا، انهن جو پابند شاهه صاحب نظر نٿو اچي، ۽ اسان کي يقين ڪرڻو پوندو تہ شاهه بہ محض هڪ تصوراتي ۽ تخيلاتي شاعريءَ ۾ غرق هو. پنهنجي حال مستيءَ ۾ ڪيس وطن جو ويچار ئي ڪونہ هو ۽ پوءِ شاهه متعلق اُهي دعوائون تہ هو جذبه حب الوطني کان سرشار هو ۽ مشاهدي نگار شاعر هو، سڀ اسان کي ڇڏڻيون پونديون، پر اسان کي يقين آهي تہ انهيءَ ڳالهہ تي شاهه صاحب جو ڪوبہ محقق ۽ شارح متفق نہ ٿيندو. ۽ اسان کي اهو بہ يقين آهي تہ شاهه صاحب انهن مڙني حالتن کي ڏٺو، پرکيو ۽ پروڙيو، ۽ پنهنجي لاثاني ڪلام ۾ آندو آهي.

رسالي جي جملي سُرَن تي نظر ڪرڻ سان اسان کي ماضي ۽ حال متعلق واضح نموني ۾ جي بيت ملن ٿا، اُهي سُر سامونڊي ۽ سندس پر واري سُر سريراڳ هيٺ آيل آهن، جي انهيءَ سموري ماحول جي منظر نگاري ڪن ٿا، پر اشاريت واري انداز ۾.ڇا شاهه صاحب جا هي بيت اسان جي انهيءَ حجت جي دلالت نٿا ڪن تہ.

نہ سي تڙ هوڙاڪ، نہ وايُون وڻجارن جون،
سرتيون! سامونڊين جا، اڄ پڻ ڇِڪيم چاڪ،
مارِينُهون فراق، پاڙيچيون پرين جا.

---------

ويا سي اُوهري اوءِ، مون کي ڇڏي ماڳهين،
جڳن جا جڳ ٿيا، تِئا نہ موٽيو ڪوءِ،
گوندر ماريندوءِ، ويچاريءَ وِڻن جو.

بازارين ۽ بندرن ۾ سُڃ ڏسي چيائين تہ:

ننگر ۽ ناريون، پڳهہ ڪٽي پنڌ پيا،
بندر بازاريون، سُڃا سامونڊين ري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه صاحب وري بہ اُميد نٿو لاهي، انهن جو انتظار ڪندو رهي ٿو، جن سان روح رهاڻ ڪرڻي اٿس:

جيـــڪــــر اچي هاڻ، تہ ڪريان روح رُچنديون،
آيل ڏولئي ساڻ، هوند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان.

ٻاهرين ملڪن سان ٿيندڙ واپار کي ياد ڪندي چيائين تہ:

لنڪـــا لنڪـــا ڪن، لئي لنڪـــا جي اوهَريا،
سُئي سـون لنڪـا جو، سک نہ سـامـونڊين،
پِرهَ پکـــــي چوڙيا، ڪـــاري ڪـــيـــڙائن،
وڏي ٻـاڳ پڙَن، جي کهـيـا ڪارونيـار ڏي.

مضمون جي لحاظ سان سُر سريراڳ پڻ هن سُر جو ڏوڙي آهي، جنهن ۾ پڻ انهيءَ انتظار، فراق ۽ ڏک سان ڀريل بيت ملن ٿا. ۽ غافل اڳواڻن کي جن قوم ۽ ملڪ کي تباه ڪرڻ ۾ ڪا ڪَسر ڪانہ ڇڏي، ۽ جن جي غلط رهنمائي، وطن عزيز کي سخت مصيبتن ۾ مبتلا ڪيو، تن کي تنبيهہ ڪيائين تہ:

پاڻ پرائـو چاڙهيــــــو، وڪــــر وڻجارا،
اَچي لهـــريون لڳيـــون، ٻيـــڙيءَ ٻـــارا،
جاڳو جي جارا! تہ تڙ تـوائي نہ تـــــئي.

ملڪ ۾ لائق ماڻهن جي کمي، اشرافن ۽ حق پسندن جي نہ هجڻ تي، شاه صاحب ماتم ڪندي، هيءُ بيت چيو آهي تہ:

ويا سي وينجهـــار، هيـــرو لعل ونڏين جي،
تنين سندا پوئيـــان، سِيـــهي لهن نہ ســـار،
ڪُٺين ڪِچُ لهـــارَ، هاٿي اُنهين پيـــــٽين.

هي بيت انهيءَ نظاري جا اُهڃاڻ ڏئي ٿو جڏهن آباد شهر ويران بنجي چڪا آهن. اصل ۾ اشراف يا تہ افراتفري واري دور ۾ ختم ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪا آهن. يا تہ انهيءَ جاءِ تي، نقل ۾ گهٽ درجي جي ماڻهن اڳي قدم ڄمايو آهي. جن وٽ اشراف ۾ لڄ جي وچ ۾ ڪو فرق نہ آهي. عالمن ۽ فاضلن جي عدم موجودگي، جاهلن جو صاحب اختيار هجڻ جو شديد احساس پڻ هن بيت ۾ ظاهر آهي.

اسان تمام ٿورا بيت ڏيئي، پنهنجي نڪتي نظر جي وضاحت ڪئي آهي. هن سُر مان صوفيانہ راز ۽ رمزون، ۽ عارفانہ نڪتہ جيڪڏهن شاه جي شارحن بيان ڪيا آهن تہ اهي پڻ پنهنجي جاءِ تي صحيح آهن. جيئن تہ شاه صوفي طريقي موجب پنهنجو پيغام ٻين تائين پهچائڻ گهريو ٿي، تنهنڪري سندس سموري ڪلام مان اهو رنگ بہ نمايان ملندو، پر ساڳئي وقت شاه جي ڪلام ۾ تمثيلي طور ٻيا داستان پڻ بيان ٿيل آهن. تنهنڪري اسان جو مٿي بيان ڪيل نڪتي نظر پڻ نظر انداز ڪرڻ جهڙو ڪونهي.

اولا ڪـٽي اوءِ، پکهــ چوڙي پنڌ تــيــا،
آيل ! ســامــونڊين جي، آه آڙانگي جوءِ،
ڪڏهن ڏسنديس روءِ، وري هن اکين سين.

--------

جي ويڙم اڄ، سي ڪڏهن ايندا. مان ڳري،
پريان جي هن پار ڏي، وڃي ڏونڪي ڏڄ،
سامونڊيڪو ڏجهہ، ماءِ مارينڊم ڪڏهن.

--------

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنواريـن،
آديسي اُٿي ويا، مـڙهيـون مـون مـارين،
هوءِ! جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.
(شاه).

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل

# شاهه جي ڪلام ۾ تصوف جون رمزون

گهڙو ڀڳو، مُنڌ مُئي، وسيلا ويا،
تهان پوءِ سُئا، سهڻيءَ سڏ مهيار جا.

شاهه ڀٽائي رحه پنهنجي ڪلام ۾ وک وک تي تصوف جا ڳوڙها خيال ۽ راز استعمال ڪيا آهن، جن کي رڳو اُهي ماڻهو پروڙي سگهن ٿا، جن کي شاه صاحب جي انهن رمزن جي خبر آهي. شاهه صاحب جيڪو تصوف ڪتب آندو آهي، سو ويدانتي تصوف نه آهي، جيئن ڪي ماڻهو سمجهي رهيا آهن ۽ ائين لکيو به اٿن؛ بلڪه خالص اسلامي تصوف آهي، جنهن جو واسطو قرآن ۽ حديث سان آهي. شاه صاحب هڪ اهل الله، عارف بالله ۽ ولي الله هو. دنيا ۾ نبين جي اچڻ جو سلسلو ختم ٿيڻ بعد، ولي انهن جا جاءِ نشين ٿي آيا. ولي دنيا ۾ انسان جي رشد ۽ هدايت جي لاءِ ايندا آهن ۽ شاه صاحب به انهيءَ لاءِ آيو هو ته ماڻهن کي خدا، رسول ۽ قرآن جون ڳالهيون ٻڌائي دڳ تي لڳائي، تاڪه هو خدا جو قرب حاصل ڪن ۽ وصول الي الله حاصل ڪن. شاهه صاحب جو سڄو ڪلام ڏسبو ته اهڙين ڳالهين سان ڀريو پيو آهي ۽ خود شاهه صاحب انهيءَ بابت پنهنجي ڪلام ۾ اسان کي چتاءُ ڪري ڇڏيو آهي ته:

تو جي بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

يعني شاهه صاحب جي چوڻ جو مطلب آهي ته سندس ڪلام محض شاعري نه آهي، رڳو بيت ڪين آهن، پر انهن ۾ قرآن جو تفسير سمايل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ۾ ڪيترائي ولي آيا، تن مان ڪن وعظ جي ذريعي خدا تعاليٰ جي واٽ ڏيکاري تہ، ڪن نصيحت جو طريقو اختيار ڪيو، مگر شاهہ صاحب شاعريءَ کي اظهار جو ذريعو بڻايو ۽ شاعريءَ ۾ اسلام کي پيش ڪرڻ لاءِ تصوف کي استعمال ڪيو. شاعريءَ کي زماني کان وٺي مذهب سان لاڳاپو رهيو آهي. تنهنڪري الاهيات جو مختلف نوعيت سان شاعريءَ سان تعلق رهيو آهي. اها ڳالهہ سنسڪرت، عربي، فارسي وغيره شاعريءَ ۾ صدين کان وٺي نظر اچي ٿي. مذهب ۾ شاعريءَ جيڪو اثر پيدا ڪيو تنهن جون ٻہ صورتون آهن، هڪ تہ مذهب جا حڪم احڪام ۽ اسلامي دنيا جا واقعا صاف صاف لفظن ۾ نظم ڪيا ويا، جيئن مولوي ابوالحسن يا مولوي ضياء الدين ٺٽويءَ وغيره ڪيو. ٻيو مذهب اسلام کي ٻئي پيرايي ۾ وٺي وچي شاعريءَ جو وڳو پهرايو ويو، يعني شاعريءَ ۾ تصوف استعمال ڪيو ويو. پهريائين اسلام سان تصوف جو لاڳاپو پيدا ڪيو ويو، پوءِ شاعريءَ کي تصوف جي لاءِ ڪم آندو ويو. ڇاڪاڻ تہ شاعريءَ جي لاءِ ان کان وڌيڪ سٺي ٻي ڪا واٽ نہ هئي ۽ نہ تصوف شاعريءَ کان وڌيڪ بهتر ڪو ٻيو وڳو پائي سگهي ها. شاهہ ڀٽائي رح بہ پنهنجن بيتن ۾ اهو طريقو اختيار ڪيو ۽ تصوف کي ڪتب آندو. اسلام جي صاف ۽ سڌين ڳالهين کي تصوف جي ڳوڙهن ۽ پيچيدن طريقن سان پيش ڪيو جهڙو هن بيت ۾:

گهڙو ڀڳو، منڌ مئي، وسيلا ويا،
تهان پوءِ سُئا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.

هيءُ بيت سر سهڻيءَ ۾ آهي ۽ انهيءَ نموني جا ڪيترا بيت ساڳئي سر ۾ آهن. ان مان ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ شاه صاحب اجايو بيتن کي دهرايو آهي، بلڪہ شاه صاحب تصوف جي جنهن نڪتي کي سمجهائڻ گهري ٿو، تنهن کي مختلف نمونن سان بيان ڪري، اُن جي اهميت ظاهر ڪري ٿو. شاه صاحب جي انهيءَ بيت جي لفظي معنيٰ ۽ تصوف جون رمزون بيان ڪرڻ کان اڳي ڪجهہ نڪتا انهيءَ بيت بابت اوهان جي آڏو رکجن ٿا، تاڪ بيت کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان ۾ "وَ نَفَخۡتُ فِيهِ مِن رُوحِي" جو راز سمايل آهي. يعني الله تعالى پنهنجو روح ان ۾ ڦوڪيو آهي ۽ اهو روح بيچين آهي ته خاڪي قلب مان نڪري، جتان آيو آهي وري اتي وڃي. "كُلّ شيءٍ يَرجعُ اِلىٰ اَصلِهِ" يعني جيڪا شيءِ جتان آئي آهي اتي موٽي ويندي. مگر دنيا جا اسباب ۽ وسيلا طالب کي مطلوب سان ملڻ ۾ روڪين ٿا. دنيا، جا درياءَ جي مثال آهي، تنهن جي هن پَر اچڻ کان پوءِ جسم ۽ ٻيا اسباب حجاب ٿي پيا آهن. جيئن سهڻي درياءَ جي هن پَر تان مطلوب کي ملڻ لاءِ حيلا ٿي ڪيا پر جيسين اهي حجاب نه ٿٽا، تيسين ميهار جا سڏ ڪين ٻڌائين.

تعلق، حجاب است بي حاصلي،
چو پيوندها بگسلي، و اصلي.

يعني لڳ لاڳاپا بيڪار حجاب آهن، جڏهن انهن پيوندن کي ڇڇين ته خدا تعالى سان واصل ٿين.

ٻيو نڪتو هيءُ به ياد رکڻو آهي ته روز ازل کان جيڪو وعدو طالب، مطلوب سان ڪري آيو آهي، سو به نڀائڻو اٿس. انهيءَ جي ڳهڻي اپٽار شاه صاحب سُر مارئيءَ ۾ ڪئي آهي ته:

الست بربکم، جڏهن ڪن پيوم،
قالو بلىٰ قلب سين، تڏهن تت چيوم،
تهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

ساڳي ڳالهه سُر ڪوهياريءَ ۾ به ڪئي اٿس:

پهرين تون پاريج، پارڻ پوءِ پنهونءَ تي،
ٻول مَ وساريج، هو جو ڪيئي هوت سين.

انهيءَ وعدي کي پوري ڪرڻ لاءِ طالب بيچين آهي ۽ سڀ ٻنڌڻ ٽوڙي، واصل بالله ٿيڻ ٿو گهري؛ پر اها مدعا حقيقي فنا کان سواءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل ٿي نٿي سگهي. سالڪ کي، حق سبحانهُو و تعاليٰ کي ڏسڻ ۾ ايترو غرق ٿي وڃڻ گهرجي جو پنهنجي ذات ۾ سڀني شين کي ڀلجي وڃي. جيسين سالڪ ماسوا جي قيد ۾ ڦاٿو پيو آهي ۽ پنهنجي خوديءَ جي قيد کان ڇٽو نہ آهي، تيسين فنا در فنا کي حاصل نہ ڪندو ۽ وصولِ الي الله کان پري رهندو. سهڻي ڪيئن انهن وسيلن کي ٽوڙي، قرب ٿي حاصل ڪري، تنهنجو اظهار ڏنل سٽ ۾ شاه ڀٽائي رح ڪيو آهي.

ٽيون تہ شاه صاحب بقا ۽ فنا جو نُڪتو بہ پيش ٿو ڪري. انسان جي جسم ۾ روح ڦوڪيو ٿو وڃي "وَ نَفَخت فِيهِ مِن رُوحِي". انسان جو جسم فاني آهي ۽ روح غير فاني. هن ڀَر يعني دنيا ۾ جسم جو نشو و نما ٿو ٿئي. يعني فاني شيءِ جو فاني دنيا ۾. ليڪن روح، جو غير فاني آهي، سو غير فاني دنيا ۾. يعني ٻئي جهان ۾ جتان هو آيو هو وڃي پنهنجي اصل سان ملڻ ٿو گهري "كل شيءِ يرجع الا اصله" اهو ان وقت ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن فاني شيءِ، فاني دنيا ۾ فنا ٿئي تہ پوءِ روح آجو ٿي پنهنجي اصل سان وڃي ملندو. تنهنڪري فنا ٿيندڙ شين جو هڪبئي سان لاڳاپو رهي ٿو ۽ غير فاني شين جو پاڻ ۾ واسطو رهندو آهي. جيئن روح (طالب)، مطلوب (جتان روح اصل آيو هو) ۽ غير فاني جهان، اهي ٽيئي ابدي آهن؛ يعني انهن کي بقا آهي، باقي جسم، جو فاني آهي ۽ هيءَ دنيا ۽ ان جا وسيلا اهي سڀئي فنا ٿيندڙ شيون آهن، انهن سڀني ڳالهين جي اپٽار شاه صاحب ڏنل بيت ۾ ڪئي آهي.

گهڙو ڀڳو، منڌ مئي وسيلا ويا،
تهان پوءِ سئا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.

هن جي لفظي معنيٰ ٿيندي تہ گهڙو ڀڄي پيو. ڇاڪاڻ تہ ڪچو هو، جنهن جي ڪري پاڻيءَ لڳڻ سان ڀُسي، ڀُري ڀڄي پيو ۽ جيڪي بہ دنيا جا وسيلا هئا، جهڙوڪ: ڪچو گهڙو، هٿ پير هڻڻ جي اٽڪل ۽

سهڻيءَ جي همت ۽ بي ڏپائي سڀ ختم ٿي ويا، ۽ ازل، يعني سهڻي مري ويئي (زال ضعيف ٿيندي آهي، تنهنڪري ڪمزوري جو نشان ليکي ويندي آهي ۽ ضعيفي محبوب کان پري رکندڙ شيءِ آهي). تنهن کان پوءِ هن ميهار جا سڏ ٻڌا، يا هن جي ڪنن تي ميهار جا پڙلاءَ پهتا. هاڻي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته انهيءَ لفظي معنيٰ، مطلب ته ظاهر ڪونه ڪيو، اٽلندو مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو. مرڻ کان پوءِ سڏ ڪيئن ٻڌائين! يا اهي سڏ ڇا هئا؟

اهو سڄو بيت تصوف جي رمز ۾ چيل آهي، تنهنڪري ان کي تصوف جي لفظن ۾ ئي سمجهڻ گهرجي ته سمجهه ۾ اچي سگهي. مٿي جيڪي ٻه نڪتا بيان ڪري آيا آهيون، تن کي هتي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.

شاهه ڀٽائيءَ رح جي هيءَ خصوصيت آهي ته هو هميشه تمثيلات کان ڪم وٺندو آهي. هن بيت ۾ سهڻيءَ ۽ ميهار جو بيان آهي، وسيلن ۽ درياهه ۾ غرق ٿيڻ جا اشارا آهن ۽ مرڻ ۽ مرڻ کان پوءِ سڏ ٻڌڻ جو ذڪر آهي.

سهڻي گهڙي تي پنهنجن هٿن پيرن هڻڻ سان، باوجود اونداهيءَ ۽ آڌيءَ رات هجڻ جي، هڪ ڪمزور زال هوندي به، بنا ڊپ ڊاءَ جي درياهه جي دهشت، لهرين جي زور ۽ تک، طوفان ۽ واءَ جي تيزي، دريائي خوفناڪ جانورن جي مقابلي ۾ همت ڪري ميهار کي گڏجڻ ويندي هئي. شاه صاحب اهي سيئي ڳالهيون آنديون آهن مگر تمثيل طور. سهڻي طالب آهي ته ميهار مطلوب. طالب پنهنجي مطلوب تائين پهچڻ ۾ دنيا جا حيلا وسيلا ٿو ڪتب آڻي، جهڙوڪ سهڻيءَ جو وجود، گهڙو، سهڻيءَ جي هٿ پير هڻڻ جي اتڪل، جيئن ترڻ ۽ ٻڏڻ مهل ڪيو آهي ۽ سهڻيءَ جي همت ۽ بي ڊپائي. اهي سيئي ظاهري دنيا جا اسباب هئا پر اهي سڀ ڳالهيون اصل ۾ روڪون هيون، حجاب هئا، جن حقيقت ۾ خدا سان ملڻ ۾ رنڊڪون پيئي وڌيون. جيئن شاهه صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خود سُر سهٽيءَ ۾ انهيءَ جي تشريح ڪئي آهي.

ڳـهـڙو ٻـڳو تـہ ڳـهـوريو، ڀاٽان هو حـجاب.

خدا تائين پهچڻ جو مـفـهـوم ائين نـہ آهي جيئن عـام مـاڻهـو سـمـجهن ٿـا، تـہ هڪ مـاڻهـو ٻئي وٽ لنگهي وڃي. اِتي رسـتـو لنگهي، مسافري ڪري، ڪنهن وٽ پهچڻ نـہ آهي، جيئن دلي جي آسري سهٽي ميهار وٽ پهچندي هئي. خدا جو قرب ۽ وصول الي الله، هڪ مڪان مان منتقل ٿي ٻئي ۾ وڃڻ سان حاصل نٿو ٿـئي، ڇاڪـاڻ تـہ الله تعـالـيٰ جي صفت ئي آهي "لَيسَ كَمِثلِهِ شَيءٌ وَ هُوَ السمـيع البـصـير". مخلوق مـان ڪوبہ ان جو مثل نٿو ٿي سگهي. الله تعاليٰ نـہ جسم آهي ۽ نـہ جسم جي ڪا صفت آهي، باوجود انهيءَ جي بنان ڪـن ۽ اک جي تعلق جي ٻُڌي ۽ ڏسي ٿو. ساڳيءَ طرح قرب ۽ وصول ۾ بہ جسم ۽ مڪان جي تعلق کان سواءِ مـوصـوف آهي. تـنهنڪـري مجازاً جيتـوڻـيڪ مطلوب کي حـاصل ڪرڻ لاءِ اِهي وسيلا نظر تي آيا پر حقيقت ۾ اهي حجاب هئا.

اهل طريقت ۽ اهلِ تصوف جو دستور آهي تـہ الله تعاليٰ جي قرب حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا ۽ دنيا جي شين کي پنهنجو مقصد نـہ بڻائيندا آهن، بلڪ اهي مـاڻهـو جيـڪي ائين ڪندا آهن، سي الله تعـاليٰ کـان پري ٿي پوندا آهن. تنهنڪري جيڪڏهن الله تعاليٰ جي حضوري ۽ قرب گهرجي تـہ ٻن ڳالهين جي گهرج آهي. هڪڙو نفساني جذبات، حيواني رجحانات ۽ جاهلي تصورات تي قابو پائي، انهن کان شريعت جي مطابق ڪم وٺڻ؛ ٻيو مصيبتن ۽ تڪليفن کي برداشت ڪرڻ ۽ خدا جي رضا جي طلب کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بنائڻ. انسان جڏهن الله تعاليٰ تائين پهچي ٿو تـہ الله تعاليٰ پنهنجي توفيق سان ان کي نزديڪي عطا فرمائي ٿو، جنهن کي تصوف ۾ وصول الي الله ٿو چئجي. اهو تڏهن ٿو ٿئي، جڏهن انسان مخلوقات جي ٻنڌڻ ۽ لاڳاپي کان آجو ٿـو ٿئي. انهيءَ حالت جو نالو فنا آهي، تنهنڪري وصول ۽ فنا جي ساڳي معنيٰ ٿي ۽ واصل انهيءَ کي چئبو آهي جو فـاني آهي ۽ سـاڳي معنيٰ قرب جي بہ آهي. حـضـرت غوث اعظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تعليم آهي تہ جڏهن بندو مخلوق کان، خواهشن کان، نفس کان، ارادي کان، دنيا ۽ آخرت ۽ آرزوئن کان فنا ٿي پوي ٿو ۽ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي نٿو گهري ۽ سڀ شيون هن جي دل مان نڪريو ٿيون وڃن تہ هو خدا سان واصل ٿيو پوي. انهيءَ روشنيءَ ۾ شاهہ صاحب جي بيت کي ڏسو ”گهڙو ڀڳو، منڌ مئي، وسيلا ويا“. يعني سڀ ڪجهہ فنا ٿي ويو، پوءِ اڳتي ڇا ٿو ٿئي؟ حديث قدسيءَ ۾ چيل آهي تہ ”منهنجو مومن بندو منهنجو قرب ٿو گهري تہ آءٌ هن کي پنهنجو دوست ٿو ڪريان ۽ هن جو ڪَن ٿيو پوان جنهن سان هو سٽي ٿو ۽ هن جي اک ٿيو پوان جنهن سان هو ڏسي ٿو، هن جو هٿ ٿيو پوان جنهن سان هو جهلي ٿو ۽ پير جنهن سان هو هلي ٿو“. انهيءَ روشنيءَ ۾ شاهہ صاحب جي ٻيءَ سٽ کي جاچيو: ”تهان پوءِ سُئا سهٽيءَ سڏ ميهار جا“. يعني جڏهن حجاب جا پردا يعني دنيا جا ظاهري اسباب ٽٽي پيا، يا فنا ٿي ويا تڏهن طالب ۽ مطلوب هڪ ٿي پيا ۽ طالب کي مطلوب جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا.

من تو شدم تو من شدي، من تن شدم تو جان شدي،<br>
تا ڪڪس نہ گويد بعد ازين، من ديگرم تو ديگري.

فنا ٿيڻ کان پوءِ واصل بالله ٿيڻ جي مسئلي کي، شاهہ صاحب جا بجا پنهنجن سرن ۾ ظاهر ڪيو آهي.

مري جيءُ تہ ماڻئين، جانب جو جمال.

هيڪر هئڻ ڇڏ، تہ اوڏي ٿئين عجيب کي.

پاڻ وڃايم پانهنجو، ٻئي پريان جي پاس.

مُنڌ مرڻان پوءِ، پهچندي پنهونءَ کي.

رهي نالو سائينءَ جو - كل من عليها فان و يبقىٰ وجه ربك ذوالجلال والا كرام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر عطا محمد ”حامي“ خيرپوري

# سر سهڻيءَ جو روحاني راز

اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ اهل - دل درويشن ۽ باڪمال بزرگن جو ڪلام گهڻو ڪري تمثيلي رنگ ۾ هوندو آهي، جنهن جي ذريعي هو پنهنجي پيغام جو پرچار ڪندا آهن. شاه صاحب بہ پنهنجي هر هڪ سر ۾ تمثيلن سان پنهنجو پيغام پهچايو آهي. سر سهڻيءَ ۾ تہ علي الاعلان چئي ٿو ڏئي تہ:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نِئو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

هو پنهنجي بيتن جي ذريعي اهي آيتون پيش ٿو ڪري، جيڪي حقيقي راهہ تي وٺي ٿيون هلن ۽ هادي بڻجي محبوب حقيقيءَ سان ملائڻ جو ذريعو ٿيون بڻجن.

”سهڻيءَ“ مان مراد اهو سالڪ آهي، جيڪو هن دنيا جو دهشتناڪ درياه ٽپي، پنهنجي حقيقي محبوب يعني مدني ميهار سان ملڻ ٿو چاهي. درياه جا خوفناڪ منظر اهي مصنوعي مذهب آهن، جيڪي هميشہ خطرن جا طوفان ڪڙا ڪيو بيٺا آهن. ”ڏمر“ ۽ ان جو خاندان نفساني خواهشون ۽ تعلقات جا طلسم آهن، انهن سڀني مصيبتن کي منهن ڏئي پار پوڻ لاءِ پڪي دلي يعني حقيقي رهبر جي ضرورت آهي. حقيقي رهبر خدا جو آخري ڪتاب آهي.

”ڪچي دلي“ مان مراد شريعت جا ڪوڙا شارح آهن، جيڪي پنهنجي قياس آرائيءَ سان هڪڙي دين جا ٽيهتر فرقا بڻائي وينا آهن ۽ ڦيڻ پسي ڪير وڃائي وينا آهن. شاه صاحب خود شڪايت ڪئي آهي تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪا رچ ڪنيار جا، پڪي نهائين،
مون کي تنائين، پيلو پاڳي آئيو.

الله پاڪ ۽ ان جا سمورا نبي سڳورا سچا آهن. مگر ظاهر پرست عالمن پنهنجي راءِ سان تفسير لکي، دين حنيف ۾ ايڏي تحريف ڪري ڇڏي آهي، جو رسول پاڪ جا امتي هڪ نموني جي نماز به پڙهي نٿا سگهن. انهن ئي ڳالهين کان متاثر ٿي شاه صاحب پنهنجي زماني جي رواج موجب ڪوبه ظاهري ۽ رسمي مرشد قبول نه ڪيو ۽ اويسي رهي، فقط عشق جي اڳواٽيءَ هيٺ گمراهيءَ جي طوفانن مان تري، پار وڃي پهتو.

"مينهين" مان مراد اهي سچا صحابي ۽ پڪا پوئلڳ آهن، جيڪي پنهنجي قول ۽ فعل تي پورا رهي، هتي آخرت جي پوک پچائي، اجر عظيم جا مستحق ٿيندا ۽ سهڻي سائينءَ جي صدقي، قيامت ۾ ڪر کڻي بيهندا.

چاهڪ چري، تار تري، آيون مستي ڪُن،
ڪوڙئين ڪر ڪٽنديون، ساهڙ جي سمن،
مينهيون ساڻ امن، پرچي پار لنگهينديون.

---------

چاهڪ چري، تار تري، آيون مستي ڪوهه،
سٽي سڌ ساهڙ جو، راضي ٿينديون روح،
مينهيون ساڻ صبوح، پرچي پار لنگهينديون.

سهڻي ۽ ميهار اهي عاشق ۽ معشوق آهن، جن کي ڪائنات جي خالق، ازل جي ڏينهن کان وٺي معنوي حسن ۽ حقيقي عشق جي دولت سان مالا مال ڪيو آهي.

ساهڙ جا سينگار، اڻ لکئا اڳي هئا،
نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا ڀي پچار،
ملڪنئا مهند هئي، توڏيءَ جي تنوار،
محبت ساڻ ميهار، لايائين لطيف چئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهڻيءَ کي سينگار، اڻ لکئا اڳي هئا،
ڪن فيڪون ڪان هئي، نڪا ٻي پچار،
مرڪي ساڻ ميهار، لايائين لنءُ، لطيف چئي.

سهڻي ۽ ميهار ٻئي طالب ۽ مطلوب انهيءَ پرت جي روحاني پيچري جا پانڌيڙو آهن، جيڪو ازل کان قائم آهي ۽ هن جسماني جهان ۾ به تيستائين قائم رهندو، جيستائين هن ڪائنات جو ڪاروبار هلندو. سهڻي اهو طالب آهي جنهن جو مطلبو اهڙو مجازي محبوب آهي، جنهن جي نينهن جي نوازش ميثاقي آهي ۽ جيڪو سيني جو سهارو ۽ عالم جو آسرو آهي.

توڏي توڙائين، نينهن نوازي سهڻي،
ڳچيءَ هار حبيب جو، لائق لذائين،
سوٽڙ سونائين، جيڏانهن عالم آسرو.

اهڙي محبوب حقيقيءَ جو حسن لازوال ۽ بي مثال آهي، جنهن کي به هن جو حقيقي جلوو نصيب ٿيندو، اهو پنهنجي حال کان بيحال ٿجي، بيخوديءَ ۾ اچي ويندو ۽ پنهنجي جان ۽ مال قربان ڪرڻ ۾ دم جي دير نہ ڪندو.

جيڪي ڏنو مان، سو جي ڏنو جيڏئين،
گهر ورنين سان، هوند گهڻن گهوري ڇڏئا.

اهڙي بي مثال محبوب جي محبت به باڪمال آهي. سندس سڪ جو ڪو سنڌو ڪونهي. ايتري قدر جو زمان ۽ مڪان جا تعينات به ٽٽي تا وڃن.

نڪو سنڌو سور جو، نڪو سنڌو سڪ،
عدد ناهي عشق، پڇاڙي پاڻ لهي.

سالڪ پنهنجي محبوب جي محبت ۾ سدائين سرشار رهي ٿو. ڪيس ڪڏهن وصال نصيب ٿو ٿئي تہ ڪڏهن فراق ۽ ڦوڙائي جي حالت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ رهڻو پوي ٿو. مطلب ته هن کي بسط ۽ قبض جي ٻنهي حالتن مان گذرڻو پوي ٿو. قبض واري حالت ۾ سندس اندر مان آدمان اٽن تا ۽ مڪمل وصال حاصل ڪرڻ لاءِ سندس اڪير ايتري وڌي وڃي ٿي، جنهن جو اندازو لڳائڻ مشڪل ٿيجيو وڃي.

ڪـــــامـــــان، پچان، پچران، لڇان ۽ لوچان،
تن ۾ تَنئُس پرينءَ جي، پيـــــان نه ڏاپان،
جي سمنڊ منهن ڪريان، ته سُرڪيائي نه ٿئي.

سالڪ کي محبوب حقيقي سان ملي، هميشه هڪ ٿي رهڻ لاءِ ٻن قسمن جي مصيبتن سان منهن ڏيڻو آهي. هڪ ته دنيا جي دوئي واري درياه ۾ ڪثرت جا ڪن ٽپي وحدت جي واديءَ ۾ وڃڻو آهي. ٻيو نفس اماره (ڏم) جون خواهشون خاڪ ڪري، اطمينان جو مقام حاصل ڪرڻو آهي. انهن ٻنهي حالتن ۾ وڏي مجاهدي ۽ سخت محنت جي ضرورت آهي. حرص جي ٻيڙين بلائن کان بچي نڪرڻ ۽ شيطاني وهمن کي وڃائڻ لاءِ سمورا غير حقيقي تعلقات ترڪ ڪرڻ آسان ڳالهه ناهي. اهڙي منزل ماڻڻ لاءِ شريعت جي شاهراه تان طريقت جا مرحلا طئي ڪري، معرفت جو ملڪ ڏسڻو آهي ۽ اتان ئي حقيقت جي هنج ۾ وڃڻو آهي. اهوئي سبب آهي جو شاه صاحب تلقين ٿو ڪري ته:

ساري سڪ سبق، شريعت سندو سهڻي،
طريقتان تڪو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن کي.

مٿيون چارئي منزلون تڏهن ئي ماڻي سگهبيون، جڏهن غير ۽ گمان وڃائي، هڪڙي محبوب جو تصور ڪبو ۽ ان جي هستيءَ ۾ پنهنجي هستيءَ کي حل ڪبو.

هاري رکج حق، سانيارا ساهڙ جو،
خواب خيـــــال خطرا، تنين ڏيج ترڪ،
ڪرين غير غرق، ته مشـــاهدو ماڻئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي مشاهدي ماڻڻ لاءِ جان جي بازي لڳائڻي پوندي. سمورا وهم ۽ وسوسا وڃائي، متي مهراڻ ۾ ٽپو ڏيڻو پوندو.

ڪـــهـــڙيا سي چڙهـئـــا، ايهين اتـــيـــئي،
مـــئي مـــتي مـــهـــراڻ ۾، پَئُہ ٽپـــو ڏيئي،
تہ مـــيـــهـــار مليـــئي، سنيـــوڙو ســـيـــٽـــاهہ سين.

واقعي جيڪڏهن سالڪ سچي سڪ جو سفر ڪري ٿو ۽ محبت جي گهير ۾ گهري ٿو پوي تہ پوءِ محبوب حقيقي بہ هن کي نٿو وساري.

پيچن جي مـــيـــهـــار کي، پڇي سي مـــيـــهـــار،
ترهو تـنين بار، عـــــشق جنين کي آڪرو.

سالڪ جيستائين عقل ۽ ادراڪ جون سرحدون لتاڙي، وجداني ڪيفيت ۾ نٿو اچي، تيستائين ڪيس مجازي وسيلن جي ضرورت رهي ٿي ۽ هو انهن جي ذريعي پنهنجي مـقـصـد حـاصل ڪرڻ جي ڪوشش تـو ڪري. سـهـڻيءَ وانگر درياهہ تري ميـهـار سان ملڻ لاءِ پڪي دلي جي ضـرورت پوي ٿي، ليـڪـن جيـڪـڏهن پڪي جي بدران هڪ مـصنوعي ڪچي دلي ڪـان ڪـم ورتو تـو وڃي تہ اهو لـهـرين ۾ لوڙهي تـو ڇڏي. انهيءَ حـالت ۾ صرف سچي محبت جي وجداني ڪيفيت ئي ڪـم اچي ٿي، جيـڪـا ميـهـار سـان مـلائي حـقـيـقي منزل تي پهچائي ٿي. اهڙيءَ ڪيفيت لاءِ شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

ڪـهـڙو پڳو تہ ڪـهـورئو، آسـر مَ لاهيج،
"لاتقنطوا من رحـمـت الله" ترهي ان تريج،
حـبـيـبـاڻي هيج، پسين منهن مـيـهـار جو.

نہ فـقط ايتـرو پر سـمـورن وسـيلن جي عـدم مـوجودگي ۾ ۽ پنهنجي هستيءَ جي ترڪ تي وڃڻ سان بہ حقيقي وصال حاصل ٿئي ٿو ۽ سالڪ شهادت جي درجي تي پهچي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گــهـــڙو پڳو، منڌ مُئي، وســيــلا وئا،
تهـان پوءِ سُئا، سـهـڻيءَ سڏ مـيـهـار جا.

سالڪ جڏهن فنا جا سمورا مرحلا طئي ڪري بقا جو ماڳ ماڻي ٿو ۽ نفيءَ مان نڪري اثبات ۾ اچي ٿو، تڏهن ڪيس ڪثرت جي بدران وحدت ئي وحدت نظر اچي ٿي ۽ هر شئي ۾ حقيقي محبوب جو مشاهدو ماڻي ٿو.

سيت پچار پرينءَ جي، سيت هوت حـضـور،
ملڪ مِڙوئي منصور، ڪُهي ڪهندين ڪيترا؟.

هيٺئين بيت ۾ به ساڃيوئي "وحدت الوجود" جو راڳ آلاپيو ويو آهي.

ســاهڙ ســا ســهـڻي، ســائر پڻ ســوئي،
آهي نجوئي، ڳجهـــ ڳجهـــاندر ڳالهـــڙي.

انهيءَ حلاجي حال ۾ اچڻ کان پوءِ هو ڪنهن جي به ڪاڻ نٿو ڪڍي. سندس خود داري جو اهو عالم آهي، جو ٻڌڻ پسند ڪري ٿو، پر ڪنهن جي احسان کڻڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي.

ســـپـــريان جي ٿرهي، ٻڏي هٿ مَ لاءِ،
صـبـاح تان چونداياءِ، اســان تو اُڪارئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افسوس جو ان تي ڪنهن تنقيد به ڪانه ڪئي. سچي سنڌ مان صرف محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن جو هڪ خط مليو آهي ۽ بس. ان مان صاف ظاهر آهي ته موجوده نسل جا اديب شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ادب کان منهن موڙيندا پيا وڃن ۽ شايد سندن خيال موجب لطيف تي ٿيندڙ ڪوبه ادبي ڪم انهيءَ لائق ڪونه آهي جو ان جو غور سان مطالعو ڪجي ۽ ان جي تعريف يا تنقيد تي پنهنجو قيمتي وقت ضايع ڪجي. بهرحال اهي همت شڪنيءَ واريون ڳالهيون منهنجي عزم کي متزلزل ڪري نٿيون سگهن. تنهنڪري اڳوڪي محفل ۾ به آءٌ پنهنجي ڪتاب "ٻاروچي ٻوليءَ" جي هڪ لفظ جو مطالعو پيش ٿو ڪريان.

شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ سر سهڻيءَ ۾ هڪ لفظ استعمال ڪيو آهي "اڪو". اهو لفظ سر سهڻيءَ کان سواءِ، سچي رسالي ۾ يا ائين چوان ته مرحوم شاهوانيءَ واري رسالي موجب، سر سهڻيءَ جي به صرف انين داستان کان سواءِ ٻئي ڪنهن به هنڌ ڪم ڪونه آندو ويو آهي. سر سهڻيءَ ۾ اهو لفظ ڇهه دفعا استعمال ڪيو ويو آهي. ٻه دفعا "آڪو" ۽ چار دفعا "اڪي" جن ڇهن بيتن ۾ اهو لفظ آيل آهي، اهي ڇهه ئي بيت ڊيڻ طوالت جو سبب ٿيندو، تنهن ڪري آءٌ صرف هڪ هڪ سٽ انهن بيتن مان اهڙي ڏيان ٿو، جنهن سٽ ۾ اهو لفظ استعمال ٿيل آهي. شاه صاحب فرمائي ٿو ته:

١- جي ڪچي ساڻ ڪهن، آڪو تن اوباهين
٢- آڪو ته آڪو، ڪچو آيم ڪم
٣- اُڪاريين آذار، آرا آڪي وارين
۴- آڪي متي آسري، روح ڏنو ريلو
۵- آڪي جا احوال، معلم ٿئا مهراڻ ۾
٦- ساهڙ کي سچي، آڪي جي احوال جي

جيئن تہ معنيٰ ۽ اشتقاق تي بحث ڪرڻ ڪان اڳ ۾، انهيءَ لفظ جي صحيح پڙهڻي مقرر ڪرڻي آهي. تنهن ڪري اڇو تہ اول املا تي بحث ڪريون. بمبئي ڇاپي واري ڪريمي رسالي ۾ هر جاءِ تي ”آنڪو“ لکيل آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ مرحوم شاهواڻيءَ ”آڪو“ لکيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جن جامع سنڌي لغات ۾ ”آنڪو“ ۽ ”اڪو“ ٻئي لفظ جدا جدا جاين تي ڏنا آهن. جامع سنڌي لغات جي صفحي نمبر ٦٣ تي ”آڪو“ جي تشريح هن طرح ڪئي وئي آهي. ”آڪو جمع اڪا صفت، (پراڪرات، آڪو، سنسڪرت آ= نہ + پَڪُت = پڪو) اڻ پڪل، ڪچو، خام، پيلو، آنڪو، (متيءَ جو ٿانءُ) ”آڪي جا احوال، معلوم ٿيا مهراڻ ۾“ (شاه). ڦتل (ڪير) ڪتو ٿيل، سواد ڦريل، بدبودار، اڻ وڻندڙ، خراب. (عربي، عاق). نافرمان، بي چيو، فسادي، باغي، ڦريل. ساڳئي ڪتاب جي ساڳئي صفحي تي ”آڪو ٿيڻ“ مصدر جي معنيٰ هن طرح بيان ڪئي وئي آهي. ”آڪو ٿيڻ معنيٰ بي سواد ٿيڻ (ڪير): ڪتو ٿيڻ: ڦِتي پوڻ“.

ساڳيءَ لغت جي صفحي ٧٩ تي ”آنڪو“ جي باري ۾ هيئن لکيل آهي. ”انڪو، جمع آنڪا، مذڪر، صفت، اڻ پڪل (دلو)، ڪچو (دلو)، پيلو ”جي ڪچي ساڻ ڪهن، آنڪو تن اوباهين“ (ساه): آڪو ڪير، آڪو ڪو: اوانڪو“. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هن لفظ کي ”آڪو“ لکي ان جي معنيٰ جي باري ۾ لکيو آهي. ”آڪو، پراڪرت=آڪو، سنسڪرت، اپڪو معنيٰ اڻ پڪل دلو، ڪچو گهڙو“.

انهيءَ سڄي بحث مان اهو معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ڪتابن موجب انهيءَ لفظ جون بہ پڙهڻيون آهن. ”آڪو“ ۽ ٻي ”آنڪو“- هاڻي هڪ مسئلو اهو بہ پيدا ٿي پيو تہ شاه جي رسالي ۾ هن لفظ جي ڪهڙي پڙهڻي مقرر ڪجي؟ ان باري ۾ جيئن تہ ڪتاب هڪ ٻئي سان متفق نہ هئا، تنهن ڪري اهو ضروري ٿي پيو تہ سنڌ جي ٻهراڙين جو سفر ڪري اهو معلوم ڪجي تہ ڳوناڻا انهيءَ لفظ کي ڪهڙيءَ طرح ڪم ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئين؟ ان لاءِ سڀ ڪان پهرين ڪنيارن ڪان پڇا ڳاڇا ڪيم. انهن ۾ پيڙو فقير ڪنير بہ شامل آهي. ليڪن معلوم ٿيو تہ هن وقت ڪنيارن ۾ اهو لفظ مستعمل ڪونهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾، قديم سنڌي زبان ۾ اهو لفظ ڪنيارن جي اصطلاحات ۾ رائج هجي. جيڪڏهن تسليم ڪجي تہ ائين هو، تڏهن بہ هي لفظ هن وقت ڪنيارڪي ڪم ۾ بلڪل متروڪ ٿي ويو آهي. ٻئي طرف مون ڪي اهو لفظ سنڌ جي ڀاڱين ۾ خاص طور تي ۽ ڳوٺاڻن ۾ عام طرح استعمال ٿيندڙ ٻڌڻ ۾ آيو ۽ اڄ تائين اهو لفظ "آڪو" جي هِجي ۾ ڪم اچي رهيو آهي. تنهنڪري شاه صاحب جي رسالي ۾ بہ هن لفظ جي صحيح هِجي "آڪو" هئڻ گهرجي ۽ نہ "آنڪو".

هاڻي اچون تہ ڏسون تہ هن لفظ جو اشتقاق ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ مٿئين لکت مان اوهان کي اهو معلوم ٿي چڪو هوندو تہ ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ صاحب موجب اهو لفظ پراڪرت ڀاشا جي لفظ "آڪو" يا سنسڪرت جي لفظ "اَپڪُت" يا "اَپڪو" مان نڪتل آهي، ليڪن اسين اهي اشتقاق تڏهن تسليم ڪريون جڏهن "آڪو" جي صحيح معنيٰ "اڻ پڪل، اڌ پڪل، پيلو يا ڪچو نڪر جو ٿانءُ هجي". جيئن تہ هن ڪان پوءِ ايندڙ بحث مان اوهان کي معلوم ٿي ويندو تہ "آڪو" جي اها معنيٰ بلڪل ظني، قياسي، ۽ غلط آهي، تنهنڪري انهيءَ لفظ تي پراڪرت ڀاشا ۽ سنسڪرت جو مٿي ٻڌايل اشتقاق لڳي نٿو سگهي. هتي اهو جملو معترضہ بيان ڪرڻ ضروري آهي تہ ڪنهن وقت جي سنڌي زباندانن جي ذهن ۾ اهو پڪو خيال ويٺل هو تہ سڀڪو سنڌي لفظ، سنسڪرت، پراڪرت، اپڀرنش يا ٻي ڪنهن ڀاشا مان حاصل ڪيل آهي، تنهنڪري سيڪنهن سنڌي ڏکئي لفظ جو اشتقاق انهن ئي ٻولين مان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي. حالانڪہ هن ڪتاب "ٻاروچي ٻولي" جي مطالعي مان اهو صاف ظاهر ٿي ويندو تہ اهڙي غلط ڪوشش جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري، بعض جاين تي فاش غلطيون ڪيون ويون آهن. منهنجي خيال موجب اهو مسئلو اجا حل طلب آهي ته آيا سنڌي ٻولي هندي ٻولين ۽ ڀاشائن جي پيداوار آهي يا سنڌي زبان بجائي خود هڪ بنيادي ۽ معياري زبان آهي، جنهن ۾ هندي ڀاشائن، عربي، فارسي ۽ دنيا جي ٻين به گهڻين ئي ٻولين جا لفظ اهڙيءَ خوبيءَ سان سمائجي ويا آهن جو اڄ اهو معلوم ڪرڻ ئي مشڪل آهي ته ڪهڙو لفظ نج سنڌي ٻوليءَ جو آهي ۽ ڪهڙو لفظ ڌاري ٻوليءَ جو منجهس شامل ٿي سائنس هڪ ٿي ويو آهي؟

ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جن جي جامع سنڌي لغات موجب، جيتري قدر عربي لفظ "عاق" جو تعلق آهي ته اهو بيت جي معنيٰ مدنظر، "اڪو" جي اشتقاق هئڻ جو وڌيڪ حقدار آهي.

هاڻي اچو ته هن لفظ جي معنيٰ تي ڪجهه غور و فڪر ڪريون. اوهان صاحبن کي معلوم آهي ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هن لفظ جي معنيٰ "اڻ پڪل يا اڌ پڪل، ڪچو يا پيلو ٺڪر جو ٿانءُ"، تصور ڪري ان مطابق سنسڪرت ۽ پراڪرت ڀاشا مان ڪونه ڪو اشتقاق ڳولي ڪڍيو. جامع سنڌي لغات ۾ ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جن به ڪنهن حد تائين ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي پيروي ڪئي آهي. ان لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي قصور وار ٺهرائي نٿو سگجهي. ڇو جو ڊاڪٽر صاحب جن هڪ عام لغت لکي آهي ۽ فن لغات جي اصولن موجب هڪ لفظ جون جيتريون به معنائون ٿي سگهن ٿيون، اهي سڀ لغت ۾ لکيون آهن. پر جيئن ته هي ڪتاب ٻاروچي ٻولي عام لغت جي باري ۾ نه پر خاص شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمت جي رسالي جي باري ۾ لکجي رهيو آهي، تنهنڪري اهو منهنجو فرض آهي ته آءٌ رسالي جي ڪنهن به اهڙي لفظ، جنهن جون عام لغت ۾ هڪ کان وڌيڪ معنائون هجن، ته انهيءَ لفظ جي اها خاص معنيٰ مقرر ڪريان، جيڪا بيت جي سياق سباق ۽ لطيف جي منشا جي وڌيڪ نزديڪ هجي.

آءٌ پنهنجي موقف جي تائيد ۾ ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن جي جامع سنڌي لغات جو اهو حوالو ڏيڻ به ضروري ٿو سمجهان، جنهن ۾ "آنڪو" توڙي "آڪو" ٻنهي لفظن جي هڪ ئي معنيٰ "آڪو ڪير، قتل يا ڪتو ٽيل ڪير، سواد ڦريل، بدبودار ۽ اڻ وڻندڙ" لکيل آهي. ٻئي طرف سنڌ جي ڀاڱين ۽ ڳوٺاڻن ۾ اڄا تائين لفظ "آڪو" مستعمل آهي، جيڪو ڪير، ڏڌ، ڏونري يا ٻي ڪنهن به پاروٽي شيءِ جي باري ۾ ڪم آندو ويندو آهي. هن وقت اهو لفظ خراب بانس، يا بدبوءِ يا ڪنيءَ ڌپ جي معنيٰ ۾ رائج آهي. جيئن ته "پيٽ ۾ آڪي ڌپ ٿي وئي آهي" يا "ڪير آڪو ٿي ويو آهي ۽ هاڻي استعمال جي قابل نه رهيو آهي" وغيره. هاڻي جيڪڏهن اسين مٿي ڄاڻايل بيتن ۾ "آڪو" جي معنيٰ ڪچو، پيلو اڻ پڪل يا اڌ پڪل دلو وٺنداسين ته پوءِ اهڙي معنيٰ بيت جي فصاحت ۽ بلاغت جي خلاف ٿي ويندي. ڇو جو آڪو سان گڏ شاهه صاحب ڪچو به ڪم آندو آهي. جي آڪو ۽ ڪچو جي معنيٰ ساڳي آهي ته پوءِ علم عروض جي قاعدي موجب ان کي توارد ڇئي سگهجي ٿو. هڪ فصيح ۽ بليغ شعر ۾ توارد عيب ڪري ليکيو ويندو آهي. هونئن به شاهه صاحب جهڙي بلند پايه شاعر جي لاءِ ساڳئي شعر ۾ ساڳي معنيٰ وارا ٻه مختلف لفظ استعمال ڪرڻ معيوب آهن ۽ شاهه صاحب جي معياري شاعريءَ لاءِ شايان شان ڪونه آهن.

ان سڄي بحث مان انهيءَ نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن آڪي جي خاص معنيٰ، بدبودار، خراب بانس يا ڪني ڌپ وارو ۽ اڻ وڻندڙ ۽ ان جي اصطلاحي معنيٰ ڪنو، خراب، گندو، اڻ وڻندڙ، قابل نفرت ۽ ناقابل استعمال تسليم ڪئي وڃي ته اها معنيٰ بيت جي سياق و سباق موجب ٺهڪي ايندي ۽ شاهه صاحب جي بلند پايي شاعريءَ جي معيار مطابق پوري هوندي. منهنجي انهيءَ موقف جي تائيد انهيءَ ڳالهه مان به ٿئي ٿي ته تڪ اڃلائڻ کان اڳ ۾ جيڪو "آخ" جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواز ڪڍجي ٿـو ۽ ڪنهن خراب شيءِ جي ڪـائڻ جي ڪري يا سـخت بدبوءِ اچڻ جي ڪري جيڪڏهن الٽي يا ڦـٿـ اچڻ جو خيال ٿـيندو تہ ان کي "اوڪارُو" يا "اوڪ" چيـو ويندو آهي. اهي ٻئي نفـرت ڀـريا آواز صوتي لحاظ سان "آڪو" جي برادريءَ جا ڀيا معلوم ٿين.

تنهن ڪري آءٌ انهيءَ راءِ جو آهيان تہ "آڪو" جون ٻلي ٻيون بہ ڪيتريون ئي صحيح معنائون هجن، پر هتي بيتن جي مناسبت سان اهائي معنيٰ موزون ۽ معتبر ٿي سگهي ٿي جيڪا آءٌ اوهان کي ٻڌائي چڪو آهيان. •

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جناب سيد "منظور" نقوي

# سرسهڻيءَ جي موسيقي

آءٌ هن کان اڳ پنهنجن مقالن ۾ ٻڌائي چڪو آهيان تہ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمت پنهنجي ڪلام کي سرن ۾ انهيءَ لاءِ وراهيو آهي تہ جيئن اهي داستان جدا جدا موسيقيءَ ۾ ڳائي سگهجن. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ سڄو شاه جو ڪلام هڪ ئي سر ۾ هجي ها، پر حضرت شاه لطيف راڳ جي ماهر جي طبيعت اهو گوارا نہ ڪيو، ان لاءِ رسالي کي سرن ۾ تقسيم ڪيو ويو. اڄ اسين جنهن سر جي ويچار ڪري رهيا آهيون، اهو آهي سر سهڻي.

موجوده دور جي رسالن ۾ انهيءَ کي "سهڻيءَ" جو عنوان ڏنو ويو آهي، پر ڪن قديم نسخن ۾ انهيءَ سر کي "توڏيءَ" جي عنوان سان بہ لکيو ويو آهي. توڏي ۽ سهڻي ٻئي لفظ انهيءَ داستان ۾ موجود آهن، پر ڪنهن بہ راڳ جي نالي سان نہ ڪتب آندا ويا آهن، جي اسين توڏيءَ کي "توڙي" يا "تودي" تصور ڪريون تہ پوءِ اهي ٻئي راڳ سمجهيا ويندا. مگر توڙي ۽ سهڻيءَ جي ڳائڻ جي انداز ۾ زمين آسمان جو فرق پئجي ويندو ۽ اهو معلوم نہ ٿي سگهندو تہ هن سر جي ماهيت ڇا آهي. آيا ڪيس توڙي راڳ ۾ ڳايو وڃي يا سهڻيءَ راڳ ۾؟ ان ڪري سهڻيءَ ميهار جي قصي کي نگاه ۾ رکندي هن راڳ کي سهڻي راڳ ئي تصور ڪجي ٿو، ڇو جو حضرت شاه لطيف جن هن سر ۾ "سهڻيءَ ميهار" جوئي قصو بيان ڪيو آهي.

راڳ سهڻي، قديم موسيقيءَ جي ڪتابن يا گرنٿن ۾ ڪٿي بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتو ملي، ان مان ظاهر آهي تہ هي راڳ، سهڻيءَ ميهار جي قصي جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ ئي ايجاد ٿيو آهي، ۽ جي سهڻيءَ ميهار جي قصي کي خالص سنڌي قصو تصور ڪيو وڃي تہ پوءِ وثوق سان چئي سگھبو تہ هيءُ راڳ بہ سنڌ ۾ ايجاد ٿيو ۽ هيءُ راڳ بہ سنڌي آهي.

سنڌ ۾ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمہ جن جي مزار تي شاه جا راڳي، شاه جي راڳ جي پهرئين پور کي سهڻي راڳ ڪرڻ کان پوءِ ختم ڪندا آهن ۽ دعا گھرندا آهن. سهڻيءَ جو سر، آڌيءَ رات کان پوءِ ختم ڪيو ويندو آهي، جنهن مان بہ ثابت آهي تہ هي راڳ "توڙي" نہ پر "سهڻي" آهي. ڇوجو سهڻيءَ راڳ جي ڳائڻ جو وقت ئي آهي آڌي رات کان پوءِ جو وقت. هاڻي اچو تہ راڳداريءَ جي لحاظ سان هن راڳ کي پرکيون.

راڳداريءَ جي جديد ڪتابن ۾ هن راڳ کي سرن جي لحاظ سان "مارووا ٺاٽ" مان نڪتل راڳ تصور ڪيو وڃي ٿو. مارووا ٺاٽ مان نڪتل مشهور ٻارنهن راڳن مان ڇهن راڳن کي شام جا راڳ ۽ باقي ڇهن راڳن کي صبح جا راڳ تسليم ڪيو ٿو وڃي. منجھند کان وٺي آڌيءَ رات تائين جي راڳن کي رات جا يا شام جا راڳ ليکيو ويندو آهي ۽ آڌي رات کان منجهند تائين جي راڳن کي صبح جا راڳ ليکيو ويندو آهي. ان ڪري مارووا ٺاٽ جي هن راڳ کي صبح جي راڳن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، ڇو جو هي راڳ آڌيءَ رات کان پوءِ ڳايو ويندو آهي.

راڳ سهڻي کاڏو راڳ آهي، يعني انهيءَ راڳ ۾ ويندي يا ايندي فقط ڇهہ سر لڳندا آهن. ستون سر پنجم يعني "پا" هن راڳ ۾ نہ لڳايو ويندو. هن راڳ جو شاه سر يعني وادي سر "ڌيوت" يا "ڌ" آهي ۽ وزير سر يعني سموادي سر "گنڌار" يعني "گا" آهي. هي راڳ آترانگ ۾ شڪل ناهي ٿو. يعني موٽڻ جي سرن ۾ هي راڳ نہي ٿو. هن راڳ جي شڪل ڌيوت ۽ گنڌار جي سرن جي سنگت سان وڌيڪ خوبصورت لڳي ٿي. جيئن تہ هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت آڌي رات کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ آهي، ان ڪري پوئينءَ رات جي راڳ هئڻ جي ڪري مٿين سرن تي گهڻو زور رهندو آهي، ڇو جو راڳ جو قاعدو آهي ته جيئن جيئن رات پڇندي آهي، تيئن تيئن مٿين سرن تي زور رهندو آهي. پر جيڪڏهن هن راڳ سهڻيءَ کي وچولن سرن ۾ ڳائبو يا وچ وارن سرن تي زور ڏبو ته پوءِ راڳ سهڻي ڦري راڳ پوريا تي پوندو.

راڳ سهڻيءَ جي آروهي امروهي هيءَ آهي.

آروهي: سا- ري - گا - ما - ڌا- ني - سا

آمروهي: سا- ني - ڌا- ما- گا- ري- سا

جيئن ته حضرت شاه لطيف جا راڳ ڪثرت استعمال ۾ سرن تي ڌيان نه ڏيڻ سبب سڀ هڪ جهڙا ٿي ويا آهن، ان ڪري سر سهڻيءَ کي شاه صاحب جن جي ٻين راڳن کان جدا ڪرڻ البت مشڪل آهي. جيڪڏهن راڳ سهڻيءَ کي آروهي امروهي مطابق شاه جي راڳ جي انداز ۾ ڳايو وڃي ته هي راڳ به انهيءَ ڏس ۾ بهترين ثابت ٿي سگهي ٿو.

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمه جن جي رسالي جي سرن جي ترتيب ۾ ڏائي ٿي ته راڳداريءَ جي لحاظ سان هن راڳ کي سر سامونڊيءَ کان پوءِ رکي، ڪيس سندس جائز مقام ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن هن راڳ کي رسالي ۾ پهرين جاءِ ڏني وڃي ها ته پوءِ شاه جو راڳ به آڌي رات کان پوءِ ئي شروع ڪري سگهجي ها، ان ڪري شام جي راڳن ڳائڻ لاءِ ڪوبه وقت ميسر نه ٿي سگهي ها. والسلام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

# سر سارنگ جو تهذيبي ۽ سماجي پس منظر

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ عظيم فنڪار ۽ آفاقي شاعر آهي، جنهن جي شاعرانه ڪلام جو وجود اسان جي ثقافتي تاريخ ۾ هڪ حيرت انگيز ڪرشمي ڪان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ناهي. سنڌس فن جي همہ گيريت جو اهو شان آهي جو اهو بيڪ وقت زندگيءَ جي ڪيترن ئي شعبن تي اثر انداز ٿيو ۽ ان منجهان ڪيتريون اڻمٽ روايتون اسريون. هن ديسي ڌنن ۽ ڪلاسيڪيءَ جي آميزش سان سرن ۾ جانداري ۽ دل آويزي پيدا ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي سنگيت کي ڦهريون ڀيرو آبدار ۽ دلنشين بنائڻ واري تجربي جي روايت جي بنا وڌي. ازانسواءِ سنڌس شاعريءَ جو اهو اعجاز آهي جو ان وسيلي سنڌي ادب ۾ صحتمند ۽ آفاقي قدرن جي روايت مقبول بنجي اسري. نه رڳو ايترو بلڪ هن پنهنجي سرت ۽ ڄاڻ سان ٻوليءَ کي هڪ لازوال سگهہ عطا ڪئي. مطلب ته سنڌس فنڪارانه ڪاوش قوم جي ذهن ۽ ذوق کي هر طرح سان جلا بخشي. اسان جي فنڪار جي تخليق هڪ اهڙي تثليث جي مصداق آهي، جنهن ۾ فن، فڪر ۽ لسان ٽنهي جو جوهر شامل آهي. هن جو فن نه رڳو ان دور جي ثقافتي زندگيءَ کان ڀرپور ٿيو آهي، بلڪ ان جو ترجمان به آهي ۽ پنهنجي دلپذير آداب ۽ آواز سان معاشري تي به ساڳي وقت اثر انداز ٿيو.

ڪنهن جي ڏاهپ ڀري گفتار آهي ته "سهڻي سخن ۽ تاثير جو نالو ئي ادب آهي". اعليٰ صفت شاعر پنهنجي پڙهندڙ کي فقط اهو محسوس ڪرائيندو آهي ته انسانيت سڀني کان بلندتر مقصد آهي. اديب زندگيءَ جو اپياس تعصبات Prejudice کان هٽي فقط هڪ انسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حيثيت سان ڪندو آهي، جنهن سان ئي ادب ۾ آفاقيت جو پهلو نکري بيهندو آهي. شعر جا عموماً ٻه پهلو ليکيا ويندا آهن، جن کي ظاهري ۽ باطنيءَ جي نالن سان الڳ ڪيو ويجي ٿو. پهرين ۾ شعر جي ٻولي، جوڙجڪ ۽ ظاهري محاسن شامل آهن ۽ ٻئي ۾ وري شعر جون باريڪيون حسن تخيل ۽ ان مان پيدا ڪيل اثر بيان ڪيا ويندا آهن.

اسان وٽ ڪلام سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ هڪ افسوسناڪ روش ابتدا کان ئي هلندي اچي ٿي، جنهن ۾ شاگردن ۽ طالبن کي اندروني ۽ باطني رازن کان روشناس ڪرڻ تي زور ڏنو ويندو آهي، جنهن مان فقط ڪلام جي تصوفانه پهلوءَ جي تشريح مقصود هوندي آهي. اهڙيءَ طرح شاه لطيف کي صوفي شاعر چئي، سندس ڪلام کي عملاً ”تصوف جي دائري“ ۾ قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. پر ياد رکڻ گهرجي ته تصوف ۾ زندگيءَ جي سيني پهلوئن ۽ گوشن کي ڪڏهن به اجاگر نه ڪيو ويو آهي. انجي برعڪس جيڪڏهن لطيف جي رسالي جو مطالعو ڪبو ته اها ڳالهه پليءَ پت معلوم ٿيندي ته شاعر انساني زندگيءَ کي فقط هڪ صوفيءَ جي نگاهه سان ڪونه ڏٺو آهي بلڪه سندس شاعري سموري انساني حيقت تي محيط آهي، جنهن ۾ ان جا ڪئين رنگ روپ منعڪس ٿيل ملن ٿا.

آئون ائين چوڻ کان انڪار ته ڪونه ڪندس ته شاه لطيف جي ڪلام جو بنياد صوفيانه فڪر تي رکيل نه آهي، بلڪه منهنجي چوڻ جو مقصد صرف ايترو آهي ته هن پنهنجي شاعرانه اظهار لاءِ ڀرپور زندگيءَ ۽ آن جي مادي ۽ جذباتي پهلوئن جي تصويرن کان مدد ورتي آهي ۽ ڪيس پنهنجي زماني ۾ حياتيءَ جا ظاهري ۽ باطني، حقيقي ۽ روايتي، جيترا به روپ نظر چڙهيا آهن، تن تي نظر رکندي، انهن سان ئي ڪلام جو تاڃي پيٽو تيار ڪيو اٿس. اهوئي سبب آهي جو سندس خيالات سراسر تصوف تي ٻڌل هئڻ جي باوجود به خشڪ ناهن. هن بعض ٻين شاعرن وانگر پنهنجو زور طبع صرف تصوفيانه نڪتن ۽ رموز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي بيان ڪرڻ ۾ نہ لڳايو آهي، جنهن ڪري سندس ڪلا ۾ هڪ سچي جذبي لاءِ لگن ۽ تڙپ معلوم ٿيندي ۽ اهو هڪ اهڙي عشق ۽ ولولي سان ٽمٽار ٿيل ملندو، جنهن ۾ فلسفي بجاءِ رومان جي لغار آهي. شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۾ اشاريت Allegory ڪان ڪم ورتو ويو آهي، ليڪن ٻين صوفي شاعرن ۽ شاهہ لطيف جي روش ۾ هڪ واضح ترين فرق ظاهر ظهور نظر اچي ٿو. سندس اشاريت ۾ هڪ عمومي رنگ جهلڪا ڏئي رهيو آهي. ليڪن اسين ٻئي طرف ڏسنداسون تہ ايران جي وڏن وڏن صوفي شاعرن جي اشاريت جو فن بہ خصوصي ۽ تهيل جڙيل آهي، جنهن جو اختراع علم ڪلام جي نقطن جو پرورده آهي. انگريزي شاعر ملٽن جي ”فردوس گمشده“ جي بہ ساڳي حالت آهي، جنهن جي اشاريت ايتري تہ پيچيدي آهي، جنهن سندس شعر کي فقط ذهن رسا ۽ دقيق بنائي ڇڏيو آهي.

شاهہ عبداللطيف جي فني نگاهہ، انهن کان بلڪل علحده آهي. هن فقط عام زندگيءَ مان ئي اشارا ڪنايا وٺڻ پسند ڪيا آهن ۽ اهوئي سبب آهي جو جڏهن هو ڪا اخلاقي تعليم ڏيڻ گهري ٿو تہ اها بيحد تصور آفرين بنجي پوي ٿي. جيئن تہ ان ۾ سماج جي ڏٺل وائٺل ڪا جهلڪ يا فطرت جي پهلوءَ جو ڪو رنگ هوندو آهي، ان ڪري پڙهندڙ پنهنجي ذهن ۾ هڪ چٽي تصور ويهارڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو ۽ جنهن جي مدد ذريعي هو تخيل جي نزاڪت تائين آسانيءَ سان پهچي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح شاه لطيف جو کهڙو بہ سر يا داستان پڙهندا تہ ان ۾ توهان کي حياتيءَ جون ننڍڙيون ننڍڙيون شيون ڏيکاري ڏينديون ۽ انهن ۾ بظاهر عام ۽ معمولي شين ۾ هڪ وسيع مفهوم سمايل هوندو آهي جو ڪڏهن جذباتي تہ ڪڏهن اخلاقي تہ ڪڏهن سماجي ۽ ڪڏهن وري معاشي هوندو آهي. اسين سر سارنگ جي بيروني (ٻاهرين) زندگيءَ جي تصوير ٺاهينداسون تہ ان جو اندازو ڪجهہ هيئنءَ ريت هوندو، جنهن ۾ شاعر جي زماني جي تهذيب ۽ معاشرت جو پورو پورو عڪس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمايل ملي ٿو. ان سر ۾ سنڌي زندگيءَ جو جيڪو روپ بيان ڪيو ويو آهي، سو مينهن جي آمد سان واسطو رکي ٿو. انسان ته انسان پر پکي پکڻ به خشڪ ساليءَ کان پريشان آهن. جيئن ئي آسمان ۾ برسات جا آثار نمودار ٿين ٿا تيئن ئي ماڻهن جي مرجهايل چهرن تي هڪوار رونق موٽي اچي ٿي ۽ سندن خواهشون ڪر موڙي جاڳي پون ٿيون. پوري سماج ۾ ولولو پيدا ٿي وڃي ٿو. شاعران دور جي معاشرت ۾ رهندڙ مختلف فردن ۽ سندن سوچ ۽ رغبتن کي نهايت ڪمال خوبيءَ سان چٽيو آهي، مالوند، هاري ناري، وريتيون، وانديون، بي واهه ۽ بي سهارا زالون فرقت ۾ انتظار جون گهڙيون ڪٽيندڙ عاشق ۽ محبوب انهيءَ خوشگوار ساوڪ ڀري ارزاني موسم ۾ سيڪنهن جي تڙپ ۽ خواهش جي تڪميل جو جذبو جاڳي پوي ٿو! ڪلام جي ابتدا هيئين بيت سان ٿئي ٿي.

آڳــمــئــو آهي، لڳهـــ پس لطيف چئي،
وٺــو مــينهن وڏ ڦــڙو، ڪڍو ڏڻ ڪاهي،
ڇن ڇڏي پٽ پئــو، ســمــر سنبــاهي،
وهـو م لاهــي، آســــــرو الله مـــــــان.

شاعر چوي ٿو ته لوڪو! ڏسو ته آسمان ۾ ڪارونيار ٿي آهي ۽ ڪڪر هيٺ لهي آيا آهن، وڏڦڙو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو آهي ۽ مايوس ٿي ويهڻ ۽ سستي ڪرڻ جو هاڻي ڪوبه سبب نه رهيو آهي. ڏهن تان نڪري سنوان پٽ ۽ پوٺا هلي وسايو. هر ڦار ڪٽي هلو ۽ زمين ڪيڙڻ ۾ دير نه وجهو! ان بعد سانوڻ يعني ته وسڪاري جي رت ۽ عوامي زندگيءَ ۾ ڪهڙا رنگ رچي وڃن ٿا. شاعر مختلف بيتن ۾ نهايت عمدگيءَ سان اهو بيان ڪيو آهي، ايتري قدر جو ان زماني جي ثقافتي حالت جو هڪ نهايت دل پسند پڇائيندڙ ۽ خوبصورت نقش ابري اچي ٿو. جڏهين سارنگ جا ڏينهن ورڻ تي هوندا، تڏهن اپ ۾ وڃن، ڳوٺن جي

گهوگهٽن کي ٻڌندي، تان تہ جڏهن برسات جي موج لڳندي، تڏهن وچي مس مس هرکو سک جو ساهہ پٽيندو ۽ هر جاءِ بهاري ٿيندي ڪڏون ڪوٻا ۽ ترايون پاڻيءَ ۾ ير جي تار ٿينديون. سک ۽ آسودگيءَ جو نظارو عام جام ڏسڻ ۾ ايندو. اناج جون گنديون ڀرجي وينديون. ڪير ۽ مکڻ جام ٿيندو. صبح ساجهر گهر ڏجاڻين جو چاڏين ۾ ڏڌ ولوڙڻ جي جُهوجهو جو گهرن اندران آواز پيو ٻڌبو. گسن تي گاهہ ٿيندا ۽ هر جاءِ وسون ٿينديون مال ميو متارو ٿيندو ۽ ٽلندو وسن ڏانهن ويندو ڏسبو. ڏنار چاهہ ۽ چوچ مان آواز ڪڍندا گسن تان لنگهبا ڏسبا. بوندن وسندي مال وري ڀڃندو وٿاڻ ڏانهن واپس ورندو. مينهون ۽ ڍڳيون سرهائيءِ مان آل جال ڪير ڏيڻ لڳنديون ٻيو تہ ٺهيو ڪتر ماديون ڍور بہ ميون مست ٿي هليو اچو ڪير ڏهائين. سارنگ ۾ هرکو مستيءَ ۾ جهومندو ڏسڻ ۾ پيو اچي. غريب غربو، هاري ناري سيڪو خوش پيو ڏسبو. آسوديون ۽ سنگهار عورتون جتي پنهنجن گهرن ۾ پيون مرڪنديون ٽلنديون، اتي غريب پورهيت زالون پنهنجن جهڳين ۾ وهندي ڀليون پيون ڀانئبيون. ڪکرن جي قرب سان گاهن گلن جون گلزاريون لڳيو وڃن. ميها، چيڙ، تنگيون ۽ ڪنيون عام جام ٿيو وڃن. سنگهار عورتون ان سمي چس چاهہ سان مرکيو گلن جا هار پايو پاڻ سينگاريو وتن. برسات وسڻ کان پوءِ غريب وانڍين زالن جا چنا ٿمڻ لڳندا ۽ اهي بي سهارا عورتون پريشان گذارڻ لڳنديون ۽ اڳوٽا گهاريل خوشيءَ جا ڏينهن ياد ڪندي انهن جا نيڻ بہ ٿمڻ لڳندا. اهڙيءَ طرح شادي شده ۽ وريتيون عورتون بہ موسم ۾ آس لڳائي وينيون هونديون، تہ سندن ورن ڪڏهن ٿا موٽن، جيڪي روزگار جي سٽي سان ڪانئن جدا ٿي پري هليا ويا هئا.

متي ذڪر ٿيل، سانوڻ مند ۾ ماڻهن جي حالت جي عڪاسيءَ جون جابجا تصويرون اسان کي ڪلام ۾ ملن ٿيون، جيڪي انهن پڙهندڙن ۾ بہ ڪشش پيدا ڪن ٿيون، جن ماڳهين زندگيءَ جو اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روپ ڪڏهن پسيو به نه هجي ۽ اهڙيءَ طرح هرڪو انهن ڪان بيحد لطف اندوز ٿئي ٿو. صرف ٻه ٽي بيت پيش ڪجن ٿا.

بر ونا تر ونا، ونيون ترايون،
پڙ جون پتن تي، ڪن ولوڙا وايون،
مکڻ ڀرين هٿڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏهن سامهيون، ٻولايون رايون،
ٻانهيون ۽ ٻايون، ٻکي سُنهن ٻنهنجي.

--------

اڄ پڻ اتر پاري ڏي، ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏ ڦڙو، ٿهڪن ٿيون ٽاريون،
لٿين بک لطيف چئي، ڏايون ٽاساريون،
ڀچنديون ڀتاريون، وري وٿاڻ آيون.

اهڙيءَ طرح ڪافي بيت فقط اهڙا آهن، جن ۾ صرف حيات جي چهل پهل ۽ معاشري جي مصروفيات جو نقش چٽيل آهي. دراصل شاهه لطيف جو ڪلام داخلي ۽ خارجي ٻنهي پهلوئن جو هڪ متوازن ۽ سهڻو ميلاپ آهي. اسان جي مشرق جي وڏن وڏن شاعرن جي شاعري به فقط داخلي جذبن جي اظهار تي ٻڌل آهي. جنهن جي برعڪس لطيف جو ڪلام انساني ماحول ۽ فطرت مان ٿي رهنمائي وٺي ٿو ۽ انهن جي پس منظر ۾ ئي انساني جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪري ٿو. جيڪڏهن اسين سندس هر خيال لفظن ۽ هر جنس جذبن وارن بيتن کي مسلسل گڏي لکنداسون ته اهو معنوي طور يقينن ڪنهن فطرت ڪش انگريزي سانيٽ جو هوبهو مشابهه بنجي پوندو. جنهن جي تائيد مٿين ٻن بيتن مان به ٿي سگهي ٿي.

مثال طور هي بيت به پڙهو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگهہ ميهون،
آڙيون ابر آسري، تازا تنوارين،
سِپون جي سموندِ ۾، نئين سج نهارين،
پلر پيارين، تہ سنگهارن سک ٿئي!.

جڏهن سارنگ جي موسم اچا آئي ڪانہ هئي تڏهن انسان ان لاءِ ڪيڏو نہ بيتاب هئا. ماڻهو تہ ٺهيو پر پسون بہ پيا برسات لاءِ واجهائيندا هئا. چڻ تہ ساري فطرت ان جي آمد لاءِ سراپا انتظار جي مورت بنجي وئي هئي!.

اهڙيءَ طرح جت ڪٿ شاعر زندگيءَ جي پهلوئن کي آشڪار ڪرڻ لاءِ فطرت کي بہ پنهنجو همر نوا بنايو آهي ۽ جنهن جي مصوريءَ سندس ڪلام جي حسن کي دوبالا ڪري ڇڏيو آهي. چڻ تہ انسانن جي خوشيءَ سان فطرت بہ مستيءَ ۾ جهومي نچي رهي آهي.

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪيا برجن سين،
ساز سارنگيون سرندا، وڄائي برچنگ،
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڌام تي.

يا وري:-

سارنگ سائي ست، جهڙي لالي لاک جي،
اُو سي اڀن انگيا، جئن سي چنيءَ چٽ،
برسو پاسي پٽ، پريائين ڪَن ڪراڙ جا.

سر سارنگ جي اڪيچار بيتن ۾ شاعر فطرت جي حسن کي کولي بيان ڪيو آهي. ڪڪرن سان سارو آسمان ڇنيو پيو آهي. ڪارونيار رچائيندڙ ڪارا سرمائي بادل، چٽ چٽ نڪتل بادل، ڳاڙها رتا بادلونيءَ جي رئي تي نڪتل چٽن جهڙا خوبصورت بادل، وڄن جي چمڪات سان بادل پيڪن تا ۽ ڳاڙهي بجليءَ ۾ آسمان ڪنوار سمان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنجو پوي. گجگوڙن جو آواز سرندن جي وڄڻ وانگر پيو لڳندو آهي ۽ ڪڪر اوهيرا ڪريو تذين صراحين مان پاڻي ڌرتيءَ تي پيا وهائيندا آهن. ڪڪرن جون قطارون رنگينيون لايو بيهن، جن جي سهڻي سٽا کي ڏسيو سيني جون اکيون ۽ دليون ٽڙيو پون. مطلب ته لڳاتار اهڙا بيت آهن، جن ۾ خوشين ۾ مخمور تي وڃڻ هڪ قدرتي امر آهي. ليڪن شاعر جڏهن جمالياتي اوت ۾ عام انساني جذبن جي ترجماني ڪري ٿو، تڏهن سندس شعر ۾ هر درجي جو تاثير پيدا ٿي وڃي ٿو.

اڄ پڻ اتر پاري ڏي، ڪڪر ڪي چوٽي،
مندائتي مينهن جي، ڪنوڻ نه ڪوٽي،
آءُ لالڻ موٽي، گهوريا رسڻ ڏينهڙا.

فضا ۾ هرڏي حيات کي مست ڏسي عاشق جي دل ۾ به ارمان پيدا ٿئي ٿو، جنهن خيال کي شاعر پنهنجي بيت ۾ نهايت اثرائتن ٻولن ۾ بيان ڪيو آهي. خوشحاليءَ ۽ فارغ الباليءَ ۾ زندگي بسر ڪرڻ انسان جي هر دور ۾ تمنا رهي آهي. هاڻوڪي دور جو انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪهڙين ڪهڙين شين جي حاصلات چاهي ٿو، تنهن کان ته هرڪو پڙهندڙ واقف آهي. ليڪن ان دور ۾ آسودگيءَ جي خواهشن کي لطيف ڪهڙن نه اثرائتن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. سوبه ٻڌو!

اڱڻ تازي، ٻاهر ڪنڌيون، پڪا پٽ سُنهن،
سرهي سيج، پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هون برابر ڏينهڙا.

برسات جي موضوع تي شاهه لطيف اولين طور عام ذهني ڪيفيت جي مصوري ڪئي آهي ۽ ان بعد آسپاس ۾ موجوده خاص خاص ڪردارن کي چونڊي ماحول جي تصوير کي مڪمل ڪيو اٿس.

”مالوند عورت“ به هن سُر ۾ لطيف جو هڪ خاص ڪردار آهي، جنهن جي ارمانن، انديشن، سوچن، اميدن ۽ آسرن کي ڪمال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبصورتيءَ سان بيتن ۾ چٽيو ويو آهي.

ڪانڌ! مَ وڪڻ ڪنڍيون، ڏڻ سيوئي ڏار،
اَپريون سَيريون پانهنجون، سسيون سڀ سنيار،
پٽ ڇڏي ڇن پٽي، وڃي ولهارن وار،
تہ اچي اگڻ ٻهار، سرلا ڪندي سڏڙا.

خوشيءَ وقت محبتي جوڙا پاڻ ۾ هيج ڪيج لاڏ ڪوڏ ڪرڻ ڪان سواءِ رهي نہ ٿا سگهن. قرب ۽ محبتون بہ وندين تہ هڪ ٻئي تي حيلا ۽ حجتون بہ هلائين. ان بيت ۾ مالوند جي زال بہ پنهنجي ڪانڌ کي ڏورن وڪڻڻ ڪان باز رکڻ لاءِ منٿ ڪري رهي آهي.

ازانسواءِ سر سارنگ ۾ عاشق ۽ محبتين ڪان سواءِ بيواهہ زالون ۽ ورن ڪان اڪيلو گهاريندڙ زالون بہ شاعر جي خاص ڪردارن ۾ شامل آهن، جن جي درد مندانہ ڪيفيت ۽ سقيم حالت کي ماحول جي پس منظر ۾ شاعر پيٽيو آهي ۽ انهن جي اهڙي عڪاسي ڪئي آهي، جو هرڪا دل ڏک ۾ پرجيو اچي.

اندر جهڙ جهور وهي، ٻهر برسي بوند اپار،
وٺ جنين جي يار، سي اوڪاٽين نہ اڪيون.

---------

ڪٽڪن ڪانڌ چٽ ڪيو، جهڙ پسيون جهچن،
وري واندين اڏيا، پڪاسي م پسن،
اتر ڏاهي اَن جا. تہ ڪنهن کي ڪارون ڪن،
وارث وري تن، اچن شال اون ڪري.

مٿين ٻين بيتن مان هڪڙي ۾ عاشق ۽ ٻئي ۾ ور ڪان وڇڙيل عورت جي حالت زار ۽ ڪيفيت کي بيان ڪيو ويو آهي. چند بيتن ۾ هڪ اهڙي ڪردار کي بہ بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو عوام جي خوشيءَ ۾ خوش ناهي. اهو آهي ڏڪاريو يا واپاري؛ موسم جي بهاريءَ ۾ اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واحد فرد ئي رنج محسوس ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ سوڪهڙو هجي ها تہ هو سانديل اناج مهانگو ڪري وڪڻي ها ۽ شاعر اهڙي عوام دشمن ڪردار تي ڦٽڪار وڌي آهي. اسان جي شاعر جي عام ماڻهن سان جيڪا Commitment آهي، سا سندس دور کان اڳ يا پوءِ مغرب جي ڪنهن بہ شاعر وٽ ناهي. هن ساري عمر عام ماڻهن سان گڏ گهاريو ۽ گهرن اندر ۽ گهرن کان ٻاهر سندن مادي روحاني ۽ جذباتي زندگيءَ ۾ جن بہ شين سان واسطو رهيو، تن جو مطالعو ڪيائين ۽ پوءِ سندن خيالن کي مختلف سرن ۾ نغمي جي صورت ۾ ڳايائين. اهوئي سبب آهي جو هن جي هر بيت ۾ ماڻهن جي دلين جي ڌڙڪن موجود آهي. جنهنڪري لطيف جي شاعريءَ کي هيئت ۽ روح جي لحاظ کان فقط غنائي Lyrical poetry چوڻ ئي مناسب ٿيندو.

شاه جي رسالي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو تہ شاعر زياده تر درد جي ترجماني ڪئي آهي. سندس ڪلام تي هڪ مناس پيري درد ۽ گداز جي ڪيفيت طاري ٿيل آهي، سر سارنگ جي بہ بنيادي طرح ساڳي خاصيت آهي. ان دليل جي ثبوت ۾ هيٺ ڏنل بہ شعر ڪافي ٿيندا.

مينهان ۽ نينهان. ٻئي اڪر هيڪڙي،
بادل ٿي بيهان، جي آگم اچڻ جا ڪري.

---------

وسڻ اڪڙين جيئن، جي هوند سگهين مينهن،
تہ هوند راتو ڏينهن، بس بوندون نہ ڪرين.

شاعريءَ ۾ الميہ ڪيفيت جي برجستگيءَ کي قادر الڪلاميءَ جو معيار قرار ڏنو ويو آهي، جنهن جا شيڪسپيئر جي ڊرامن ۾ اڪيچار مثال ملن ٿا لطيف جي شاعريءَ ۾ سوزوگداز جي ڪائنات خلقيل آهي، هن هميشه انساني امنگن ۽ احساسن کي ڳايو آهي. هو هڪ اهڙو موسيقار معلوم ٿئي ٿو، جنهن جي تنبوري جي تان مان ڪڏهين تکا تہ ڪڏهن وري ڪومل سرنڪرن ٿا. سندس شاعريءَ جي

روح مان هڪ ڳنڀير سڪون ملي ٿو. ايتريقدر جو جوش ۽ ولولي ۾ به ماٺائيءَ جي هڪ لهر جو احساس ٿئي ٿو.

آئون شروعءَ ۾ ان ڳالهه جو تذڪرو ڪري چڪو آهيان ته شاهه ڀٽائيءَ جي شاعري پوري انساني زندگيءَ سان عبارت آهي، جنهن ۾ ان جا مختلف روپ ڀهروپ آهن ۽ روزمره جي فطري مشغولين جو ان ۾ هڪ نهايت حسين جميل پاڇو آهي. سرسارنگ ته اول کان آخر تائين اهڙن مثالن سان ڀريل آهي، جنهن ۾ شاعر جي پنهنجي زماني جي تهذيب ۽ معاشرت جو حقيقي عڪس ملي ٿو ۽ اهوئي سبب آهي، جو مانوس فضا ۽ بي تڪلفانه ماحول ڪي ڏسندي پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ بي انتها پنهنجائپ ۽ قربت محسوس ڪن ٿا ۽ اهوئي سندس شاعريءَ جي مقبوليت جو واحد سبب آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ صوفي به آهي ته شاعر به آهي ۽ اهي ٻئي خصوصيتون سندس شخصيت جو اڻ مٽ حصو بنيل آهن انڪري هن جي شاعريءَ ۾ سادگي ۽ احساس جي خلوص سان گڏ روحانيت به آهي. ڪلام ۾ جتي دنيوي حقائق جو بيان آهي، اتي الله تعاليٰ جي يڪتائي جو ذڪر آهي ۽ سر سارنگ ۾ به نبي ڪريم ﷺ جن سان والهانه عشق جو به اڪثر بيتن ۾ اظهار ملي ٿو. تاهم سندس خيال ڪٿي ڪهڙو به هجي، ليڪن ان جي شاعرانه وجود جو سبب محض عوام سان لڳاءُ ۽ قربت محسوس ٿئي ٿي. تصوفانه ڪلام ۾ به شاعر جو اصلي تخاطب عوام سان ئي آهي. هن جو مقصد صرف پنهنجي نفس جي تسڪين ۽ واردات ڪي اظهار ڪرڻ ناهي، بلڪ هو عام انسانن ڪي دلسوزي ۽ اخلاص سان صحيح انسان ٿي رهڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ حيات جي ابدي مسرت کان ڪين آگاهه ڪري ٿو.

برسات جي موضوع تي سر سارنگ ۾ پندرهن سٽن تي مشتمل هڪ ڊگهو بيت شاعرانه تخيل سبب سيني حلقن ۾ ڏاڍو مقبول رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هن ۾ وطن لاءِ دعا ۽ عوام سان محبت جو لافاني خيال سمايل آهي، ليڪن ان جو ڪئنواس ايترو تہ وسيع آهي، جو شاعر نهايت چابڪدستيءَ سان ساري دنيا جي وسعت کي پنهنجي احاطي ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ اشارن ئي اشارن ۾ ساري دنيا جو نقشو اکين اڳيان لهرائي ڇڏيو اٿس. ڪن سنڌي نقادن ان کي اسلام جي عالم ۾ پکڙجڻ ۽ رحمت الاهي جي نازل ٿيڻ سان بہ مشابهت ڏني آهي.

انهيءَ نظم نما شعر جو تخليقي حسن تہ پنهنجي جاءِ تي آهي ئي بي مثال؛ جيڪو فني وصفن جو اعليٰ نمونو نظر اچي ٿو. ليڪن ان کان علاوه اهو شاعر جي فڪر تي بہ دلالت ڪري ٿو تہ سندس اندر ۾ عالم گيريت ۽ آفاقيت آهي. جڻ تہ فطرت جي حسن کي ساراهيوئي ان ڪري اٿس، جو انسان جي اندر جي آئيني ۾ ان جي سونهن سمايل آهي ۽ شاعر انساني عمل هٿان ڪائنات کي خوبصورت ڏسڻ چاهي ٿو. انڪري ئي هو حق ۽ سچ جو پانڌي ٿي، انسانن کي گويا هدايت ٿو ڪري تہ هو ڌرتيءَ تي امن قائم ڪن.

سائيم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر گهاتوءَ جو فڪري پس منظر

ادب ۽ ان جي ڪنهن به صنف جي مطالعي يا پرک يا ڪنهن به قـوم ۽ ملڪ جي ادبي تاريخ جي تجزبي يا تحـرير لاءِ رڳو ادب جو مطالعو ڪافي نه آهي. جهڙيءَ ريت ڪنهن ملڪ جي سياسي تاريخ جي پَرک ۽ لکڻ وقت ان جي اقـتصاديات، جاگـرافي، سمـاج، ثـقافت ۽ ادب جو مطالعو ڪرڻ ۽ ان کي پس منظر ۾ رکڻ ضروري آهي، تهڙيءَ ريت ڪنهن به ادبي تحرير جي اڀياس ۽ پرک ويل، ان ملڪ جي ان دور جي سياست، سماج ۽ اقتصاديات جو مطالعو به ضروري ٿيو پوي.

اديب يا شاعر جي داخلي احساسن ۽ جذبن تي خارجي حالتن ۽ واقعن جو اثر ٿئي ٿو. اچا به ائين چئي سگهجي ٿو ته خارجي ۽ ٻاهرين حالتن ۽ واقعن جي مشاهدن مان ئي فنڪار جا داخلي احساس ۽ جذبا اتپن ٿين ٿا يا محـرڪ وٺن ٿا ۽ اُڀار ۾ اچن ٿـا. ان خارجي مـاحـول، پنهنجي آس پاس ۽ عـوام جي زندگيءَ جي تجربن مـان ئي، فنڪـار پنهنجي تخليق لاءِ ڪچو يا خام مال Raw Material حاصل ڪري ٿو ۽ ان خام مـال کي ئي پنهنجي فني هيئت جي قـالب ۾ ڍالي، پنهنجي ذات سان سنواري، فـڪر ۽ خيال جي رنگ روغن سان سينگاري هڪ بامقصد شـئي جي روپ ۾ پيش ڪري ٿـو. ان ڪري ڪوبه اديب يا فنڪـار تيسين ڪا سهڻي ۽ سڦل تخليق نـه پيش ڪري سگهندو آهي، جيسين هو عوام ۽ عـوامي زندگيءَ سـان ويجهو ۽ ڳوڙهو ناتو نـه رکندو آهي، ۽ ان جي تجربي جو تت ۽ نچوڙ نـه ڇاڻندو آهي. ذات جو اهڙو استـعـمـال ئي ڪنهن فنڪار کي سچو ۽ عظيم فنڪار بڻائيندو آهي. ان سـبب ئي هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عوام ۾ مقبول ٿئي ٿو ۽ عوامي فنڪار جو درجو ماڻي ٿو. هن جي تخليق ۾ عوام جي زندگيءَ، سماجي ۽ ثقافتي چال ڍال، جذبن، احساسن ۽ امنگن جي اپٽار، سچائيءَ ۽ خلوص سان ڪيل هوندي آهي.

فن ۽ فڪر جو پاڻ ۾ اڻ تٽ لاڳاپو هوندو آهي. تخليق جي ڪابہ صنف ان ڪان آجي نہ آهي. ان ڪري شاعريءَ جي ذات بہ فن ۽ فڪر جو هڪ سنگم هوندو آهي. فڪر ۽ خيال، يعني فنڪار جون داخلي ڪيفيتون، خارجي حالتن، پنهنجي ماحول، آسپاس، ۽ عوامي زندگي (سياسي، سماجي ۽ ثقافتي پهلوئن سان) جي تجربن جي مشاهدي جي نچوڙ مان اتپن ٿين ٿيون، ۽ اُبار يا محرڪ وڻن ٿيون. ان ڪري ڪنهن بہ اديب، شاعر يا دانشور لاءِ ٻہ رستا هوندا آهن. هو يا تہ عوام دوستيءَ جي ڏگ لڳندو آهي، يا دشمنيءَ جي راه وٺندو آهي. وچين يا عرف عام ۾ غير جانبداري واري واٽ منافقيءَ جو مظهر هوندي آهي، يا ڪم همتي ۽ اخلاقي جرات جي اڻاٺ جي عڪاسي ڪندي آهي، يا وري قومي بي حسي ۽ تجاهل عارفانہ جو ثبوت هوندي آهي. ڪوبہ سچو ۽ عظيم فنڪار اها وچين واٽ نٿو وٺي سگهي. پر جيڪڏهن ڪو فنڪار اهڙي واٽ وٺڻ جي آزمائش ڪري بہ ٿو، تہ اهو عظمت ۽ مقبوليت جي افق تان لهندڙ سج جيان تيز تيز غروب ٿي، گمنامين جي اوڙاهن ۾ غرق ٿي ٿو وڃي. گذريل ويجهڙائيءَ وارين قومي، لساني، ثقافتي ۽ ادبي بقاءَ ۽ احياءَ جي تحريڪن ۾ ڪيترائي فنڪار ۽ تخليق ڪار عوام دوست ٿي اڀريا، پر جيئن ئي هو عملي طرح ڪتجي ويا، يا مصلحت ڪان ڪم وٺي پاسو ڪري ويا، تيئن ئي تخليق جي دنيا مان غائب ٿي گمناميءَ جي تاريڪين ۾ دفن ٿي ويا، ۽ اڄ رڳو ماضيءَ جي يادگيرين جي حوالي سان ڄاتا وڃن ٿا جو اهو پڌائي ٿو تہ عوام جو ساٿ ۽ دوستي، انهن جي ترجماني ۽ جانبداري فن جي سچائي، عظمت ۽ امرتا لاءِ لازمي گهربل شرط يا بندشون آهن. زندگيءَ جي تجربن ۽ ان جي مشاهدن ويل سچو فنڪار عوام ۽ ملڪ جي ماضيءَ ڪان بہ بي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر ۽ اڻ ڄاڻ نٿو رهي. تخليق ڪار، فنڪار ۽ دانشور لاءِ ماضي هڪ فضول يا اجائي وٿ نہ آهي. هو حال جي حالتن کي ماضيءَ جي لاڳاپي ۽ تسلسل سان ڏسندو آهي ۽ آئينده لاءِ سوچ جو سفر طئي ڪندو آهي. ان ڪري سچو ۽ عظيم شاعر سدائين پنهنجي عوام لاءِ هر زمان ۽ هر مڪان جو شاعر سڏبو آهي.

شاه لطيف بہ هڪ عظيم، سچو ۽ مجيل عوامي فنڪار هو ۽ آهي. سندس رسالي جو مطالعو پڌائي ٿو تہ سندس شاعريءَ جو پس منظر ۽ فڪر جو محرڪ، ان وقت جون سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي حالتون هيون. ان دور جي عام ۽ عوامي زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن جو نچوڙئي سندس شاعريءَ جو موضوع آهي، جنهن کي ماضيءَ سان ڳنڍيو ويو آهي. سندس سر گهاتو بہ ان حقيقت ۽ تجزيي کان ٻاهر نہ آهي.

شاه جو دؤر انتهائي شورش وارو ۽ سياسي گهوٽالن جو دور هو. مغل شهنشاهيت ڀُري ڀِرِي پڪڙي ختم ٿيڻ کي رسي چڪي هئي. مقامي ڪلهوڙو خاندان اُسري اقتدار هٿ ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هو، ۽ گهڻي ڀاڱي ڪاميابي ماڻي چڪو هو. هر طرف جنگيون ۽ گهرو لڙايون هيون، جن ملڪ جي معاشي حالت بد کان بدتر ڪري ڇڏي هئي. مٿان نادر شاهہ، احمد شاهہ ابدالي ۽ مدد خان جي ڦرين، لٽ مار ۽ قتل و غارت سنڌي سماج کي نهوڙي ڇڏيو هو. ان اقتدار جي منتقليءَ واري عبوري دور، ۾ سنڌي عوام مسلسل ڌارين حاڪمن جي يا تہ جبر ۽ ڏاڍ جو شڪار رهيو هو، يا انهن جي استحصال کان آجي ٿيڻ لاءِ عملي طرح لڙائيءَ ۽ ويڙهہ جي عمل ۾ رڌل هيو. انهن حالتن ۽ واقعن جو شاهہ اکين ڏٺو شاهد هو.

ان دور جي سيني واقعن ۾ اهم ۽ خاص واقعو، جنهن شاهہ کي گهڻو متاثر، مُتحير ۽ متحرڪ ڪيو ٿو ڏسجي، سو شاهہ عنايت جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهادت آهي. ڏاريئي سياسي اقتدار، مقامي موقعي ۽ مفاد پرستن جي ساٿ، جنهن سازش ۾ ڪميٽائپ سان جهوڪ جي صوفيءَ کي شهيد ڪيو، سو تاريخ جو اڻمٽ مثال آهي. ان ويل شاهه جي عمر ٢٨ سال ڄاڻائي وڃي ٿي. شاهه جي شارحن ۽ مفسرن مطابق هو ان شهادت کان گهڻو متاثر ٿيل هو. لطيف، عنايت جو همعصر به هو ته صحبتي به. شاهه اڪثر پنهنجي بزرگ ڏاڏي شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي درگاهه تي ويندو هو. هُن ئي ان تي مقبرو اڏرايو هو. شاهه عنايت جي ميران پور واري جهوڪ، بلڙيءَ کان ڏيڍ ٻن ميلن جي پنڌ تي آهي. ان ڪري هن سنڌ جي ٻن عظيم شخصيتن جو پاڻ ۾ ميل ملاقات رهندو هو. شاهه جي شارحن مطابق، سندس هيءُ مشهور بيت شاهه عنايت جي شهادت جو رد عمل آهي.

سَيَت پَچار پرينءَ جي، سَيَت هوت حضور،
مُلڪ مڙئي منصور، ڪُهي ڪُهندين ڪيترا؟.

سر رامڪليءَ ۾ "اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين....." وارن بيتن بابت به اڪثر مفسر ۽ محقق ان راءِ جا آهن ته اهي شاهه عنايت جي شهادت ۽ جهوڪ جي ويرانيءَ تي چيل آهن.

هاڻي ان وقت جي، ٿوري دير مٿي ڄاڻايل سياسي حالتن ۽ واقعن کي خيال ۾ رکو. شاهه عنايت جي شهادت، جهوڪ جي جنگ ۽ دائري وارن فقيرن جي جنگي حڪمت عمليءَ کي ويچار ۾ آڻيو. جا ويڙهه جي اتڪل ۽ حرفت اڄ واري گوريلا ويڙهه جو اڳاتو ۽ اڻ گهڙيل نمونو ٿي لڳي ۽ پوءِ سر گهاتوءَ کي پڙهو. ته توهان کي ان پنيان ڪارفرما شاهه جي فڪر، سنيهي ۽ سبق سمجهڻ ۾ ڪابه ڏکيائي نه ٿيندي.

انهن سياسي حالتن ۽ سماجي ۽ معاشي گهوٽالن ۾ ڪوبه سچو دانشور يا مفڪر پنهنجي قوم يا عوام کي جو سنيهو، سبق ۽ فلسفو يا فڪر ڏئي سگهي ٿو، ان جو ورنن ئي اسان کي سر گهاتوءَ ۾ ملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو. رڳو لفظ ڳهاتوءَ جي معنيٰ ۽ مراد کي ئي ڏسو، هي لفظ ڳهات مان نڪتو ۽ ٺهيو آهي. ڳهات جي معنيٰ آهي مهل يا موقعو، ريب فريب، ۽ مارڻ يا جان وٺڻ. ڳهاتو لفظ انهن ٽنهي معنائن جي ميلاپ جي مراد بيان ڪندڙ نموني استعمال ڪيو ويو آهي. ان مان مطلب آهي اهڙو ويڙهو يا ويڙهاڪ، جو موقعو مهل ڏسي، دشمن کي دوکي ۽ آسري ۾ رکي، مٿس موتمار حملو ڪري کيس ماري. اها هڪ جنگي حڪمت عملي آهي، جا جهوڪ جي شهيدن پاڻ کان تمام گهڻي وڏي ۽ هٿياربند فوج سان مقابلي ۽ مزاحمت ۾ ڪتب آندي هئي. جڏهين دشمن وڏيڪ تعداد ۾ وڏيڪ سگهارو، ۽ وڏيڪ هٿياربند هوندو آهي ته حرفت ۽ حڪمت عمليءَ واري جنگ ئي ڪامياب ويندي آهي ۽ اتي عام رواجي جنگي فن ۽ مهارت ڪم نه ايندا آهن. ان وقت هڪ مسلسل ۽ جاري جنگ جوٽي ويندي آهي. ڌاريي تسلط، حاڪميت ۽ استحصال کان ڇوٽڪاري جي جنگ ڏکهي، حرفت واري، حڪمت عمليءَ سان ڀرپور هوندي آهي.

جِن جُهڳا پائين جهول ۾، ايئن نه مرن مَڇ،
سَہَر ڏارِ سمنڊ جا، ڪي راوَن رڳيون رَڇ،
هي ڇارون ۽ ڇِڇَ، اجا اوڙاهه اڳاهون ٿيو.

لطيف، جهوڪ واري واقعي کان متاثر ۽ متحرڪ ٿي، سر ڳهاتو چيو، ان جي پٺيرائي هن بيت مان به ٿئي ٿي. جهوڪ جي تباهيءَ ۽ ويرانيءَ، دائري جي ختم ٿيڻ، شاهه ۽ فقيرن جي شهادت بعد، جو جهوڪ جو منظر يا حال هوندو، ان جو نقش هن بيت مان ملي ٿو.

نه ڪا بُوءِ بازار ۾، نڪا چِلر چِٽ،
جِتي ڏنيرين جي، اڳي هئي اکٽ،
سي پِڙ پَسيو پَٽ، ماڙهو وڃن موٽيا.

هي علامتي بيت، جهوڪ ۽ جهوڪ جي واقعي جي ئي عڪاسي ڪري ٿو، نه ته ڇهن مهاڻن جي مرڻ تي ڪا مياڻي سُڃي، ٻُسي يا پڙيانگ نه ٿي ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـورڙي جي ڪهـاڻي ڪي شـاهه جنهن نموني ۽ انداز ۾ پيش ڪيوآهي، سا خود علامتي اظهار جو نادر نمونو آهي. ڇهن مهاڻن ڪي، جي سگهارا ۽ صحتمند آهن، مگر مڇ هڙپ ڪري وڃي، پر ستون، جو نبل ۽ معذور آهي، ان ڪي ماري مات ڪري. شاهه سائين چوڻ اِهو ٿو چاهي تہ دشمن ڪي مات ڪرڻ لاءِ رڳو سگهہ ۽ سرير جي سچائي ڪافي نہ آهي، پر عقل، حرفت ۽ حڪمت عملي گهربل آهي، جنهن جي مورڙو علامت آهي.

سنڌ جي سياسي مفڪر، دانشور ۽ شاهه جي شارح جي- ايم- سيد بہ سر سارنگ ڪي علامتي شاعريءَ ۾ شامل ڪيو آهي، جيئن سندس اڪثر سر آهن. سـائينءَ جي خيـال ۾ ڪلاچي سنڌ ۾ ڏارئي سر ڪار ۽ سياسي مرڪز جي علامت آهي، جنهن ۾ ڦاسي، سنڌ جو مظلوم ۽ محڪوم عوام لقمو ٿيندو ٿو وڃي. مگر مڇ مان ڌاريو حاڪم يا سياسي اقتدار مراد آهي. ڇهن ڀائرن مان مراد اهي هٿ ٺوڪيا صاحب اقتدار آهن، جي اقتدار ۽ امارت جي لوڀ لالچ ۾، هوش عقل ۽ نيت جان بہ وڃائي ٿا ويهن. مورڙو ان مظلوم ۽ غريب پيڙيل عوام جي علامت آهي جو ڌارين جي ڏاڍ، جبر ۽ استحصال خلاف عمل ۽ جدوجهد ۾ مشغول آهي. ان علامتي پس منظر ۾، ان وقت جي سياسي صورت حال هيٺ عوام جي حالت ۽ ان سان ٿيندڙ زور، جبر، ظلم ۽ استحصال جو ثبوت، هن بيت ۾ ڏسو:

ڪو جو ٿهر ڪلاچ ۾، جو گهـڙي سو نئي،
خبـــر ڪونہ ڏئي، تہ رڇ ڪڄاڙي رندبيا.

اقتدار جا پوڄاري، ڌاريا فاتح ۽ حڪمران، جا ڪاڏا بہ پنهنجي لوڀ ۽ لالچ جي ڄار ۾ ڦاسي، آقائن جي هوس جو بک ٿي ٿا وڃن، پر مظلوم ۽ پيڙيل عوام پنهنجي مسلسل جدوجهد ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش واري جنگ سان ڌاريي حاڪم (مگر مڇ) ڪي ماري مات ٿا ڪن، ۽ قوم ڪي آزادي ۽ ڇوٽڪاري جي نعمت بخشي خوشين ۽ خوشحالين سان سرشار ٿا ڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھورِيندي گھور پيا، اگھور گھوريائون،
مَيڪرَ مارياَئون، ملاحن منهن سنرا.

سائينءَ جي خيال مطابق شاهہ لطيف، سر گھاتوءَ ۾، مظلوم عوام ۽ محڪوم قوم مان ڏاريي حاڪم جابر ۽ ظالم جي خوف ۽ ڀؤ کي ختم ڪرڻ ۽ ڪيس ان خلاف، اٿي کڙي ٿيڻ جو سنيهو ۽ سبق ڏنو آهي. ڀِٽائيءَ جو هڪ ٻيو شارح ۽ محقق مرحوم پروفيسر اڪرم انصاري سر گھاتوءَ بابت چوي ٿو تہ هن سر ۾ شاعر، دشمن تي سوڀ پائڻ لاءِ، اڻ ٿڪ ڪوشش، جنگي مهارت ۽ چاڻ، مضبوط ۽ اجيت وسيلن جي هوند کي ضروري ڄاڻايو آهي. انصاري مرحوم مطابق شاهہ چوي ٿو تہ سوڀ ۽ آزاديءَ لاءِ جوکي کڻڻ ۽ سِر جي سودي ڪرڻ کان بہ نہ گھبرائجي. اڻ ٿڪ جدوجهد، مسلسل عملي حرڪت، سک ۽ آرام حرام ڪرڻ، ڪُڏي وڃي دشمن سان دوبدو ٿيڻ، اهوئي سر گھاتوءَ جو فلسفو آهي.

ائين جا لَڏو لوڏَ، ايءَ پَر گھاتوئڙن جي،
ڪَنَ ڪلاچيءَ ڪوڏ، سک نہ ستا ڪڏهين.

ڀِٽائيءَ جي هڪ ٻي پارکا، معتقد، قابل احترام مرحومہ ايلسا قاضي بہ سندس سر گھاتوءَ ۾يان اهوئي فلسفو ڪار فرما بيان ڪيو آهي. جدوجهد ۽ عمل ۾ نهايت ڏکھو ۽ اونهو وڃو، رڳو مٿاهين ۽ مٿاڇري جدوجهد ۽ هلچل مان ڪجهہ نہ ورٺو آهي. مرحومہ مطابق سوڀ جي آدرشن ماڻڻ لاءِ رشتا ناتا ۽ لڳ لاڳاپا نظر انداز ڪرڻا پوندا آهن، ڇو جو اُهي من جي مراد ماڻڻ ۾ رنڊڪون ۽ رڪاوٽون ثابت ٿيندا آهن. اهڙي حڪمت عمليءَ، ارادن، ۽ جدوجهد سان ڏاڍ ۽ جبر جي علامت، مگر مڇ کي ماري ماروئڙن ۽ ملڪ تي سرهائي ۽ سرسائي آٽي سگھجي ٿي.

جان گِھڙندا گھاتُئا، تان رَڇن ڏهو رگَ،
سڳايون ۽ سگَ، ڪَلاچيءَ ڪيرُ ڪَري.

ٿوري ۾ اهو آهي، شاهہ جي سر گھاتوءَ جو فلسفو، پيغام ۽ فڪري پس منظر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد اسماعيل شيخ

# سر گهاتو

رسالي جي هن سُر ۾ مکيه ڪردار ”گهاتو“ آهن، جيڪي سنڌ جي ڏاکڻي ساموندي ڪناري تي، ڪلاچيءَ ۾ رهندا هئا. سمنڊ انهن جي ڪيتي هو، جنهن تي سندن جياپي جو مدار هو. رسالي ۾ گهاتن جون وصفون هن طرح بيان ڪيون ويون آهن: اهي سمنڊ جي ويرن ۽ وهڪرن جا ڄاڻو هئا، مندن ۽ موسمن جا پارکو، اونهن اوڙاهن جا تارو ۽ ٿهري ڪُنن جا فاتح هئا. ٻيڙيون هاڪاري، مڇي مارڻ سندن مشغلو هو. نه رڳو سُکيا ستابا هئا، پر پنهنجي راڄ ۽ قبيلي جا اڳواڻ ۽ انهن جي پرگهور لهندڙ به هئا. طوفاني لهرن ۾ ترڳڻ ۽ ساموندي آفتن سان مقابلو ڪري انهن کي ماري مات ڪرڻ سندن لاءِ چڻ ته راند هئي. انهن جون اهي ئي وصفون هيون جن جي ڪري پنهنجي ڪڙم قبيلي ۽ راڄ ڀاڳ ۾ هر دلعزيز هئا.

پر جڏهن ڪلاچي جي ڪُن تي ڪنهن وڏي مانگر مڇ اچي مارو ڪيو، تڏهن ملاحن جو سمنڊ ۾ ٻيڙين هاڪارڻ جو سلسلو بند ٿي ويو. مڇ جو مارو ڪُن تائين محدود نه هو، پر آسپاس وارين ڄاڙن ۽ ڇڇن ۾ به سندس حملا ٿيڻ لڳا. ملاحن جو روزگار بند ٿي ويو، سمنڊ ۾ سندن آزاديءَ سان اچ وڃ به ختم ٿي وئي. ملاحن تي ڏکيا ڏينهن اچي ويا. اهڙي وقت ۾ سورهيه گهاتن، مڇ سان مقابلي جو ارادو ڪيو.

وڏڙن ۽ آزمودگار ملاحن، گهاتن کي مشورو ڏنو ته اوهين جيڪي تياريون ڪري مڇ سان مقابلي لاءِ سنبريا آهيو، سي ناڪافي آهن. ڇو ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ائين نہ مرن مڇ، جيئن جُهڳا ٻانيو جهول ۾".

پر ڳهاتن، جن کي پنهنجي طاقت تي ناز هو، يا جن تي پنهنجي ڪڙم قبيلي جي ڪفالت جو بار هو، تن مڇ کي مارڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي سمنڊ حوالي ڪيو. اهائي سورهين جي صفت آهي تہ ساه جو سانگو نہ ڪن.

شايد ايڏي وڏي مڇ سان مقابلي جو ڪين نہ آزمودو هو ۽ نڪي ان آفت جي طاقت جو اندازو هو، انهيءَ ڪري مڇ ڪين ماري پنهنجو قوت ڪري ڇڏيو ۽ سندن ڪي بہ صلاحيتون ڪم نہ آيون.

ڪَهہ اڳيان ڳهاتو ڳيا، ڳهوري نہ ڄاڻن،
سار پر نہ سِگهيا، جنهن پر مڇ مرن.

---------

ڳهنگهرئا ڳهڻ ڄاڻ، موڙهي مت مهائين،
وئا ڳڏجي وير ۾، پئا منهن مهراڻ،
اڳيان پويان تاڻ، وئا ويچارن وسري.

سر ڳهاتوءَ ۾ آيل بيتن ۽ مضمون، توڙي بيان ڪيل پس منظر جي روشنيءَ ۾ لفظ "ڳهاتو" جي معنيٰ کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ٿي تہ ڳهات ۾ وهندڙ، شڪار جي ڳهات ڪندڙ. دشمن جي ڳهات ۾ ويٺل ۽ شڪاري. پر جيئن تہ سڄي رسالي ۾ فقط هن سُر ۾ لفظ ڳهاتو ڪم آيو آهي، تنهن ڪري اهو لفظ سامونڊي شڪاري لاءِ ڄڻ تہ مخصوص آهي. غوطي خوري بہ انهن شڪارين جي زندگيءَ لاءِ ضروري آهي، تنهن ڪري ڳهاتو جي معنيٰ ڳهوتا هٽندڙ، غوطي خور يا ٽوٻير بہ چئي سگهجي ٿي. هن سر بابت مشهور عوامي روايت "مورڙي ۽ مڇ" واري قصي جي مشهور ڪردار "مورڙي" کي بہ ڳهاتو نہ چيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو جسماني معذوري سبب پاڻيءَ کان بلڪل پري هو.

جيتوڻيڪ مڇ جي مارجڻ جا اشارا رسالي جي ڪن بيتن ۾ موجود آهن تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـــتـــو آهين مڇ، تلهـــا تـــو تـــونا هٽين،
تو جا پـــانئي اڇ، تنهن پاٽيءَ پنا ڏينهـــڙا.

---------

گهـوريندي گهـور پئـا، اگهـور گـهـوريائون،
مـــانگر مـــاريائون، مـــلاحن منهن سنرا.

ليڪن ان جو تفصيل اسان کي ”مورڙي - مانگر مڇ“ واري قصي مان ملي ٿو. مورڙو، گهاتن جو پاءُ، پر جسماني طور ڪمزور ۽ معذور، پائرن جي ڪتئي تي پلجندڙ، نڪمائي سبب گهر ۽ لوڪ جي طعنن مهڻن جو شڪار، جيڪو گهر ڇڏي پنهنجي ذهانت سان پر گهر وچي آسودو ٿيو هو. پائرن جي مارجڻ ۽ قبيلي جي بيوسيءَ جي خبر سندس غيرت کي للڪاريو، تڏهن پنهنجن پائرن جي ويري مڇ کان انتقام ونڻ جو پهه ڪيائين. اهائي غيرت فردن ۽ قومن جو قيمتي ورثو آهي. جيڪي به فرد ۽ قومون وير ونڻ واري جذبي کان محروم رهيون، اهي تباهيءَ کي پهتا ۽ تاريخ جي دفتر ۾ سندن نالو نشان به نه رهيو. ائين چئجي ته وير ونڻ زندگيءَ جي علامت آهي. عين دين به اهو آهي ته ايمان به اهو. خود اسلامي تاريخ به اهڙن مثالن سان ڀرپور آهي. تنهنڪري هن داستان ۾ به مورڙي جو ڪردار جڻ ته زندگيءَ جي علامت بنجي ابري ٿو. پر چوندا آهن ته ”پلاند پراڻو ٿئي ئي ڪونه“ سو مورڙي به جوش جي بجاءِ هوش کان ڪم ونئي هڪ طرف سمنڊ ۾ مانار اچڻ جو انتظار ڪيو ته ٻئي طرف مڇ کي مارڻ جا وسيلا گڏ ڪرڻ شروع ڪيا. جڏهن اها مند پرجي آهي، تڏهن للڪاريائين ته:

مـــتـــو آهين مڇ، ٿلهـــا تـــو، تـــونا هٽين،
تو جا پـــائين اڇ، تنهن پاٽيءَ پُنا ڏينهـــڙا.

اهو بيت ڪن رسالن ۾ هن طرح به آيل آهي ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تلهــو تــيــو تــونا هٽين، مــتــو آهين مڇ،
باب تنهنجي رڇ، لکيــــا لوح قلم ۾.

هن بيت ۾ مڇ جي خوني ڪارنامن جو نتــيجو ظاهر آهي تہ ڪيس نيٺ ملاحن جي رڇن ۾ ڦاسي سزا ڀوڳڻي آهي.

جيــئن تون هڏ نہ مــوتيــو ڀلو ڀلو مڇ،
جا تو ڏني اڇ، تنهن پاٽيءَ پنا ڏينهــڙا.

مڇ جي موت جو جيڪو مورڙي چار پکيڙيو، ان مڇ جو انت هن طرح آندو:

تان تون مڇ نہ موٽئو، جان جر هئڙو سير،
آڏا هٽي ڪير، گهٽ ٻئي مهليئي گهاتئين.

آخرڪار مڇ ماري، ملاح سرخرو ٿيا.

گهوريندي گهور پيا، اگهور گهوريائون،
مــانگر مــاريائون، مــلاحن منهن سنرا.

لطيف سائين، نہ فقط مانگر مڇ لاءِ، پر اهڙن ڪردارن جي خلاف غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو آهي. مثال طور:

مــاري مــرين شــال! ڏٻ وجنئي ڏيپــون،

-------

جاڳو جاڙيجا، لاڪــو تــو لوڙهيــون هٽي.

-------

اڄ گــهـــرجين آءُ، پڊامـــاٽي پنرا،
لوڙهيـون لڪ مـتـاءُ، ويرين واتون لائيـون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر تنوير عباسي

# سر گهاتوءَ جو اڀياس

گهاتوءَ جو موضوع سڀ کان پهريائين شاهه لطيف وٽ ٿي باقاعدي سر جي صورت ۾ ملي ٿو. هن کان اڳ وارن رسالن مثلا ميين شاهه عنايت يا شاهه لطف الله قادريءَ وٽ، ان موضوع تي سر ته ٺهيو پر هڪ بيت به نه ٿو ملي.

تنهن هوندي به اهو موضوع سنڌي شاعريءَ لاءِ تمام پراڻو آهي. سنڌيءَ جي تمام اوائلي شاعريءَ ۾ شيخ چوهڙ جي سماع جي محفل ۾ ڳايل سنڌي بيتن مان هڪ بيت گهاتوءَ جي موضوع تي آهي. اهو هيٺينءَ طرح آهي ۽ شاهه جي رسالي ۾ به آهي.

جو گهڙي سو نئي، ڪو جو ڦهر ڪلاچ جو،
خبـــــر ڪونه ڏئي، رچ ڪڇاڙي رنديو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب اهو بيت سنه ١٥٠۴ع کان اڳ جو آهي، ۽ سمن جي دؤر جو آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته ”ڪلاچيءَ جي ڪن“ ۽ گهاتوءَ جو موضوع پندرهين صديءَ عيسويءَ ڌاري شروع ٿيو. سنڌيءَ جي اساسي شاعريءَ ۾، قاضي قادن، شاهه لطف الله قادريءَ، ميين شاهه عنات ۽ خواجه محمد زمان لنواريءَ واري وٽ ان موضوع تي هڪ به بيت نه ٿو ملي، پر شاهه ڪريم بلڙيءَ (١٥٣٠) واري جي ڪلام ۾ به بيت گهاتوءَ جي موضوع تي ملن ٿا، جيڪي مرزا قليچ بيگ جي رسالہ ڪريمي ۾ موجود آهن. اهي بيت هيٺينءَ ريت آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلاچيءَ جي ڪُنان، مـوتي ڪونہ آئيو،
ڪِني رچ وڃائيا، ڪِني توبہ تاءِ.
(بيت ٧١).

ڪُن ڪلاچيءَ پار، سڌ نہ سُجهي سـاتئين،
گـهاتوئن سندا مـڪڙا، ڪي تڙ ٻئي نهـار.
(بيت ٧٢).

متو وهڻ ڪن ڪري، ٻيجي سنيويون ساڄ،
مـون وجهندي واجهہ، پرين پيا نہ پن ۾.

---------

سـڌ نہ سـجي سـاتئين، ڪُن ڪلاچي پار،
ڪہ ٻي تڙ نهـار، گـهـاتن سندا مـڪـڙا.

شاهہ ڪريم وٽ ”ڪُن“ ”ڪلاچي“ ۽ ٻين لفظن سان گڏ لفظ ”گـهاتو“ پڻ ملي ٿـو جيـڪـو اڳتي هلي هن نيم تاريخي داسـتـان توڙي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي سُر جو عنوان بڻيو.

شاهہ لطيف پهريون شاعر آهي، جنهن هن نيم تاريخي قصي کي هڪ الڳ سر ۾ بيان ڪيو ۽ ان جو هڪ مستقل عنوان ”گهاتو“ ٿيو.

سر ”گـهاتوءَ“ جي ڪهاڻيءَ جو سورمو هڪ جذڙو ۽ معذور نبل ۽ نحيف مـهاڻو مورڙو آهي. شاهہ لطيف جي اڪثر سورمن وانگر هيءُ ڪردار بہ سنڌ جي عام، غريب ۽ پورهيت طبقي جو آهي، جنهن پنهنجي معذور هجڻ جي باوجود بہ، ڪلاچيءَ جي خطرناڪ ڪن ۾ وڃي هڪ طاقتور مانگر مڇ کي مات ڪيو ۽ پنهنجي ڀائرن جو بدلو ورتائين.

مورڙي ميربحر ۽ ارنيسٽ هيمنگوي جي ”پوڙهي ۽ سمنڊ“ Old Man and Sea ۾ مشابهت آهي. ٻئي ڪمزور ۽ نبل آهن. ٻنهي وٽ وسيلا ۽ ذريعا ڪونهن. هڪ اڪيلو سمنڊ ۾ اڪيلو ڪاهي ٿو پوي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ پيو ڪلاچيءَ جي خطرناڪ ڪن ۾ گهڙي تو پوي. جدوجهد، عزم، توڙي فطرت سان هم آهنگي ٻنهي ڪهاڻين جي ڪردارن وٽ آهي. پر همينگوي جي پوڙهي، ۽ شاهہ جي مورڙي جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ وڏو فرق آهي، فرق نہ پر تضاد آهي. اهو تضاد آهي روش Attitude جو. هيمنگوي جو پوڙهو، سخت جدوجهد کان پوءِ مانگر مڇ کي ماري تہ سگهي ٿو، پر جيستائين موٽي ڪناري تي پهچي ٿو، تہ سمنڊ جون مڇيون ان مانگر مڇ جو ماس کائي ٿيون وڃن، ۽ هو فقط مانگر مڇ جو ڪرنگهو کڻي نڍال ۽ بيحال ٿي ڪناري تي پهچي ٿو. هيمنگوي وٽ پوڙهي جي مسلسل جدوجهد جو ڦل ڪجهہ بہ ناهي. هن وٽ جدوجهد لازمي تہ آهي، پر ڦل کان سواءِ (شايد ان ڪري ئي هن خودڪشي ڪئي) پر شاہ لطيف جو مورڙو پنهنجي جدوجهد کان پوءِ بہ، پنهنجي ڀائرن جي لاشن جا ڪرنگها حاصل ڪري، پنهنجي فتح تي خوش ٿو ٿئي.

”بري تي ٻج“ سُر گهاتوءَ جو روح آهي. اهو جملو ازلي ۽ ابدي جدوجهد جو نشان آهي، جيڪا جدوجهد آهي برائيءَ خلاف - پوءِ برائيءَ خلاف چڱائي ڀلي ڪمزور هجي، نٻل هجي، معذور هجي، پر بري تي ٻج ڪرڻي آهي.

سر گهاتوءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ ٻيو اهڃاڻ آهي عملي جدوجهد جو - جتي ”گهڻ چاڻ“ يعني علامہ منجهي ٿا پون، اتي هڪ جڏڙو، نٻل نحيف ۽ ڪمزور بازي کٽي ٿو وڃي - ڇو تہ هو رڳو ”چاڻ“، ”علم“ يا ”سوچ“ ۽ فڪر تي نہ ٿو ٻاڙي، پر ان سان گڏ ”عمل“ پڻ ڪري ٿو، جدوجهد ٿو ڪري.

دشمن ڪيڏو بہ طاقتور هجي، رڳو علم جي ذريعي ان کي مات نہ ٿو ڪري سگهجي، پر علم سان گڏ عمل بہ کپي. گهاتو شاہ لطيف جي سپني سرن کان ننڍو سر آهي، جنهن ۾ فقط ١٧ بيتن جو هڪڙوئي

داستان آهي، ۽ آخر ۾ هڪڙي ئي وائي اٿس. هن سر ۾ ڪهاڻيءَ جي سورمي موررڙي جو نالو به نه آيو آهي ۽ هو رڳو پس منظر ۾ آهي. شروعاتي ٽي بيت موضوع جي تعارف طور آهن. ڪلاچيءَ جي ڪن جي ڦهر جي باري ۾ ٻڌائن ٿا. پهرين بيتن ۾ شاه لطيف ”گهڻ چاڻ“ جي ترڪيب گهڙي آهي. اها ترڪيب گهڻي پڙهيل، عالم، يا علامه جي معنيٰ ۾ اچي ٿي. بيت هڪ چٽو ۽ خوبصورت عڪس آهي.

ماڪ پيچاين مولهيا، متان رات پئي،
اوليون اجهڻ لڳيون، وئا ونجهه وهي،
ڪلاچئا ڪهي، ڪڏهه ڪونه آئيو.

چوٿين بيت کان وٺي، موررڙي ۽ سندس ڀائرن جي وڇوڙي جو ذڪر شروع ٿئي ٿو ۽ موررڙي جي احساسن ۽ جذبن جي اپٽار ملي ٿي.

ڀائرن ڀيرو نه ڪيو، ادن ڪي اوير

موررڙي جي ڀائرن جي غير موجودگي ۾ اداسيءَ ۽ ويرانيءَ جي وايو منڊل کي چٽڻ لاءِ شاهه لطيف هڪ ٻيو خوبصورت عڪس ڏنو آهي.

نڪا بوءِ بازار ۾، نڪا چلر چٽ،
جتي ڏنيرين جي، اڳي هئي اڪٿ،
سي پڙ پسئو پٽ، مازهو وڃن موٽئا.

گهاتن جي، سورمن جي، يا بهادرن جي هلتي، چال ۽ لوڏ پري کان پڌري آهي:

آئين جا لڏو لوڏ، اي‍ءَ پر گهاتوئڙن جي،
ڪُن ڪلاچي ڪوڏ، سڪ نه ستا ڪڏهين.

۽ ان کان پوءِ، پندرهين بيت ۾، موررڙي جي سوڀ جو ذڪر ته اچي، پر تڏهن به موررڙي جو نالو نه ٿو اچي، شاهه لطيف ان سوڀ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ اجتماعي سوچ تي سڏي. هڪ مورڙي جي سورمي پرستيءَ واري رجحان کي ريتي هو اجتماعي سورمن "ملاحن" جي تعريف ٿو ڪري.

گھوريندي گھور پئا، اگھور گھورياڻون،
ميڪر مارياڻون، ملاحن مُـه سنرا.

آخري بيت ۾ شاهہ لطيف خبردار ٿو ڪري تہ مڇ جي مارڻ لاءِ جدوجهد معمولي نہ آهي، ان لاءِ مڪمل تياري کپي ۽ ان کي سولو نہ سمجهيو وڃي.

جئن جهڳا پائين جهول ۾، ايئن نہ مرن مڇ،
سپر ڏار سمنڊ جا، ڪي راڻون رڳيون رڇ،
هي ڇارون ۽ ڇڇ، اجا اوڙاهہ اڳاهون ٿئو.

هن سر جي اڪيلي داستان جي اڪيلي وائي، ان داستان جي مرڪزي خيال کي Reinforce ٿي ڪري. هن سڄي سر مان شاهہ لطيف جو مقصد آهي "بري تي بڇ".

ڪاهي وڃو ناڪئا، ڪريو بري تي بڇ

۽ هن سر کي ان وائيءَ تي ختم ڪرڻ کان پوءِ جيڪو تاثر قائم ٿئي ٿو، اهو بہ اهوئي آهي تہ: "بري تي بڇ ----".

بري تي بڇ هر حال ۾ ڪرڻي آهي. پوءِ جي ڪو معذور، منڊڙو، جڏڙو، مورڙو هجي، تڏهن بہ هن کي جدوجهد ڪرڻي آهي ۽ جتي "گهڻ ڇاڻ" گهنگرجي ٿا وڃن، جتي مهاڻن جي مت موڙهجي ٿي وڃي، اتي ميڪر کي ماري، ملاحن جا منهن سنرا ٿيو وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر گھاتوءَ جي ڊرامائي تشڪيل

يوناني زبان ۾ فن شاعري کي "Poietica" (پوئيٽيڪا) ۽ شاعر کي "Poietes" (پوئيٽس) سڏيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي صنعتڪار يا ٺاهيندڙ (Maker). قديم يوناني اَدب تي جيڪڏهن نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته فن شاعري هڪ نهايت وسيع ۽ همہ گير معنيٰ وارو لفظ آهي، جنهن ۾ فقط شاعريءَ جون جملي صنفون شمار نه ڪيون ويون آهن؛ پر نثر نگاريءَ جا مختلف قسم به اُن ۾ شامل ڪيل آهن. اهڙيءَ ريت چئُ ته ڪل اصناف اَدب، فن شاعريءَ جي دامن ۾ سميٽجي وڃن ٿا. انهيءَ ڪري يونان جي عظيم مفڪرن ۽ ودوانن ڊرامي نگاري کي به شاعريءَ جي گلدستي جو هڪ گل تصور ڪيو آهي. انهن جي راءِ موجب "تمثيلي شاعري ۽ ڊرامو ٻئي هڪ ڳالهہ آهن".

يوناني اَدب ۾ افلاطون ۽ ارسطو اُهي همہ گير شخصيتون آهن، جن جي فڪر ۽ فن کي نه فقط اُن دؤر ۾ مقبوليت حاصل رهي آهي، پر هر دؤر ۾ اُنهن جا افڪار ۽ شاهڪار علمي دنيا کي متاثر ڪندا رهيا آهن. افلاطون جو فڪر انگيز شهپارو ريپبلڪ (Republic) ۽ ارسطو جي ناياب تخليق (Poetica) پوئٽيڪا اَدبي دنيا ۾ روشنيءَ جا اُهي سرچشما آهن جن مان يوناني علوم و فنون جون اهڙيون باڪون ڦٽي نڪتيون، جن جڳ کي جرڪائي ساجهہ ۽ سوجهري جون ڏياتيون ٻاري ڇڏيون. انهن ٻنهي سچ جي سوچ ۽ لوچ رکندڙ مفڪرن جو قول آهي ته: "ڊرامو تمثيلي شاعري آهي ۽ تمثيلي شاعريءَ جو مقصد آهي جذبات کي اُڀارڻ". هي ٻئي عالم نه فقط شاعريءَ جي عظمت جا قائل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، پر سندن سامهون هر تخليق شاعري آهي. هو شاعريءَ کي ملڪوتي ۽ خدائي ڪلام تصور ڪن ٿا ۽ شاعر کي (فيلسوف) جو رتبو عطا ڪندي سندس ڪلام کي الهامي قرار ڏين ٿا.

يوناني مفڪرن جي مٿين قولن جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن اسان سنڌ جي سچاڻ ۽ سدا سرهي شاعر شاهه عبداللطيف رحه جي آفاقي ڪلام کي پرکينداسين ته اِها ڳالهه بخوبي معلوم ٿيندي ته سندس ڪلام نه فقط ملڪوتي، خدائي ۽ الهامي آهي پر سندس تمثيلي شاعريءَ سان سينگاريل سُرَ هڪ قسم جا "ڊراما" آهن، جن ۾ يونان جي عظيم ڊرامي نگارن اسڪائيلس (Aeschylus)، سوفوڪليز (Sophocles) ۽ يوريپڊيز (Euripides) وانگر مڪمل ڊرامائي خصوصيتون ۽ جملي عنصر مثلا ڪهاڻي (Plot) ڪردار نگاري (Characterisation) مڪالما يا گفتگو (Dialogue) هار سينگار ۽ زيبائش (Costume) ۽ مقصديت يا مرڪزي خيال (Central Idea) موجود آهن.

جيتوڻيڪ شاهه صاحب جي تمثيلي شاعريءَ جي زمري ۾ آيل سڀ سر هڪ قسم جا ڊراما لڳن ٿا، پر جيئن ته اڄ اسان ڪي سر گهاتوءَ جي حوالي سان گفتگو ڪرڻي آهي، انهيءَ ڪري اڄ اسان کي ڏسڻو آهي ته هن سر ۾ ڪيتري قدر ڊرامائي عنصر موجود آهن ۽ شاه صاحب جي بصيرت افروز نگاه ڪيتري قدر ڊرامي جي اهم جزن کي اُجاگر ڪيو آهي.

**تعارف:** سر گهاتو شاهه صاحب جي رسالي جو سورهون سر آهي، جو فقط هڪ داستان تي ٻڌل آهي ۽ رسالي جي پاڻيءَ وارن سرن سريراڳ، سامونڊي ۽ سارنگ کان پوءِ هيءُ چوٿون سر آهي، جنهن ۾ شاهه صاحب مورڙي ۽ مڇ جي تمثيلي ڪهاڻي آندي آهي.

**ڪهاڻي** (Plot): شاهه صاحب هن هڪ ئي داستان تي مشتمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪانڪي ڊراما (One Act Play) جي ڪهاڻي آرنيسٽ هيمنگوي جي جڳ مشهور ناول "The old man and the sea" وانگر مهراڻ جي مهاساگر مان ئي شروع ڪئي آهي ۽ سڄي ڪهاڻيءَ جو تاڃي پيٽو مهاساگر جي وسيع ڪنواس (Canvas) تي اڻندي ڪهاڻيءَ کي اتي ئي اختتام پذير ڏيکاريو اٿس. ڪهاڻيءَ ۾ موجن ڀريو مهراڻ مستيءَ ۾ ڏيکاريل آهي. اڄ درياهه جي دهشت ڏسي وڏا وريام، داناءَ توڙي سڄاڻ بہ هوش وڃائي ويٺا آهن. اڄون پڳون پهريل ملاح يعني مورڙي جا ڀائر وڏا ڀالا کڻي ڪلاچيءَ جي ڪُنَ ۾ ڪاهي پيا آهن. ڀائرن موٽ نہ ڪئي، ادن دير لاتي. هيءَ موچاري تولي شايد ڪُنَ ورائي جهلي آهي. مورڙي جا ڀائر مهاساگر ۾ سمائجي ويا. سندن اڇون پسيل پڳون ۽ ڀيڙين جا ونجهہ ۽ اولا وهڪري ۾ لڙهڻ لڳا. ڪلاچيءَ جي ڪن ۾ اهڙو ڪو قهر پيو ڏسجي جو، جيڪو گهڙي تو سو مور نٿو موٽي.

ماڪ ڀڄاين مولهيا، مٿان رات پئي،
اوليون اُجهڻ لڳيون، ويا ونجهہ وهي،
ڪلاچيان ڪهي، ڪڏهين ڪونہ آئيو.

حضرت شاہ صاحب ڪهاڻيءَ کي الميہ يعني Tragical بنائيندي ان ۾ يوناني الميہ ڊرامن جون بہ خصوصيتون بيان ڪيون آهن. پهرين خصوصيت آهي مکيہ ڪردارن جي بهادري ۽ سورهيائيءَ جا ڪارناما ۽ ٻي گهاتوئن جي گهر وارين جي واتان وڃوڙي جا ورلاپ. حضرت شاهہ صاحب انهن مهراڻي ميندڙن جي توليءَ کي ڇڳير يعني ڪلنگيءَ وارا ۽ خاصي ڪير يعني موچاري جماعت سان تعلق رکندڙ ڪري مخاطب ڪيو آهي. اهڙي طرح سان هنن جوڌن جوانن جي سورهيائيءَ جو ذڪر آندو اٿس. ٻئي پاسي گهاتوئڙن جي گهر واپس نہ اچڻ سبب سندن ونيون ۽ وهيون وڃوڙي جا ورلاپ ۽ جدائيءَ جا آلاپ ڏيندي نجهري ۾ نهوڙيل ڏيکاريون اٿس. فرمائي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تريون پسان نہ تار ۾، جهڳا جاءِ نہ ڪن،
مادر! ملاحن، ماڳ نہ ڏويا مڪڙا.

يا ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

گهاتو گهر نہ آئيا، وڏي لڳين وار،
هيس جنين هار، سي موڙي چڙهيا مڪڙا.

شاهہ صاحب سر سريراڳ ۽ ساموندڊيءَ ۾ پڻ وڻجارن جي وهن جي پرين لاءِ پچار جو ذڪر ڪندي فرمايو آهي.

نہ سي تڙ هڙاڪ، نہ وايون وڻجارن جون،
سرتيون ساموندين جا، اڄ پڻ چڪيم چاڪ،
مارينم فراق، پاڙيچيون پرين جا.

حضرت شاهہ صاحب جي آڏو انهن ڪونڌرن ۽ ڪوپن جي وڏي عزت ۽ احترام آهي. سندس خيال ۾ هنن جي جدائي نہ فقط انسانن لاءِ پر سڻائي سمنڊ ۽ مئي متي مهراڻ لاءِ پڻ افسوس ناڪ آهي. ايتري قدر جو سندن وڇوڙي جي غم ۾ دادلو درياءُ بہ سڪي ڀيلائيون ٿي ويو آهي ۽ چوڌاري واريءَ جا ڍڙا لڳي ويا آهن.

جتي گهوريو گهاتئين، تتي واريءَ ٻٽ،
سهسين ساٽيءَ مٽ، سر سڪو سونگي گيا.

شاهہ صاحب غم والم جي تصوير چٽيندي اهڙو ساڳيو خيال سر ڪيڏاري ۾ پڻ ڏيکاريو آهي تہ ڪيئن نہ حسن مير حسين جي شهادت تي ماڻهن، مرن ۽ ملڪن ماتم ڪيو ۽ شهزادن جي شهادت تي پکين پاڻ پتوڙيو.

حسن مير حسين کي رنو تن تولن،
گهر ماڙهين، جهنگ مروئن، اڀن ۾ ملڪن،
پکين پاڻ پڇاڙيو، تہ لڌيو هوت وڃن،
آلا! شهزادن، سويون ڏئين، سچا ڏٽي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر گھاتوءَ جي مطالعي کان پوءِ اهو اندازو بخوبي لڳائي سگھجي ٿو تہ هن سر جي سڄي ڪهاڻي مذڪوره ٻن ڳالهين جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ آخر ۾ ڪهاڻيءَ کي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪرڻ لاءِ شاه صاحب انهيءَ معرڪي جو ذڪر آندو آهي جنهن ۾ ڪلاچيءَ جي ڪن ۾ رهندڙ ميڪر يا مانگر مڇ کي مارڻ جا سانباها ٿين ٿا. مورڙو ۽ سندس ساٿي جيڪي گهاتوئڙن جي جدائيءَ کان پوءِ هڪ پلڪ لاءِ بہ آرامي ٿي نہ ويٺا هئا ۽ سک جي ننڊ نہ ستا هئا. سي مڇ کي ڳوليندي ڪن ۾ ڪاهي پيا، بري تي ٻڇ ٿي آخر ميڪر ماري سرها ٿيا.

گھوريندي گھور پيا، اگھور گھوريائون،
ميڪر مارياٺون، ملاحن منهن سنرا.

**ڪردارنگاري** (Characterisation) : ڊرامي ۾ ڪهاڻيءَ کان پوءِ ڪردارنگاريءَ جي اهميت سڀ کان وڌيڪ مڃي وڃي ٿي. ارسطو پنهنجي ڪتاب "Poetics and Rhetoric" ۾ ڪردارنگاريءَ کي ڊرامي جو ٻيو مکيہ عنصر قرار ڏنو آهي. حضرت شاهہ صاحب سر گھاتوءَ ۾ جن ڪردارن کي آندو آهي تن ۾ سڀ کان پهرين مورڙي جي انهن ڇهن ڀائرن جو تعارف ڪرائيندي کين ماهرن کان مٿي ۽ سورمن کان سرس ڪري ڏيکاريو اٿس.

ڪهنگهريا گهڻ ڇاڻ، موڙهي مت مهائيين،
ويا ڪَڏجي وير ۾، ڀيا منهن مهراڻ.

شاه صاحب کين ڪٽي ڇڳير تہ ڪٽي گھاتو ۽ گھاتوئڙا ٻڻ ڪري سڏيو آهي.

ڪالهہ ڪلاچيءَ ويا، ڇتيون ڪٽي ڇڳير،
ڀائرن ڀيرو نہ ڪيو، آدن کي آوير.
يا
گھاتو گھر نہ آئيا، وڏي لڳين وار.

گهر ۾ گهاتوئڙن جا، تا مارينم تاڪ، وغيره

جيئن تہ موروڙي ۽ سندس پائرن جو ڏنڌي جي لحاظ کان مڃي مارڻ سان واسطو رهيو آهي، انهيءَ ڪري شاه صاحب کين ڪسب جي خيال کان ملاح پڻ ڪري ڪوٺيو آهي.

مادر! ملاحن، ماگ نہ ڍويا مڪرا.

حضرت شاه صاحب جيءَ وسيع النظري ۽ ڪردارنگاريءَ تي پختي گرفت جو بهترين مثال اهو آهي جو مڇي وٺي وڪڻندڙن، سونگين يعني محصول اگاڙيندڙن ۽ مدارن يعني ڪوٺيدارن کي بہ نہ وساريو اٿس. فرمائي ٿو:

جتي گهوريو گهاتوئين، تتي واريءَ بٺ،
سهسين ساٿيءَ مٺ، سر سُڪو سونگي گيا.

يا

مون اُڌاريا مڇڙا، الله! گهاتو آڻ،
ميان مدارن سين، مونکي قادر وجهہ م ڪاڻ.

شاهہ صاحب جي ڪردارنگاريءَ جو هيو وڏو ڪمال اهو آهي جو سندس مک ڪردار پاڪيزه ۽ وڏيءَ وصف وارا آهن. جڏهين ملاحن ۽ گهاتوئن جون گهر واريون سندن وڇوڙي جي ڪري ورلاپ ڪن ٿيون تڏهن هو ماءُ سان مخاطب ٿين ٿيون:

مادر! ملاحن، ماڪ نہ ڍويا مڪرا.

يا

مادر! ملاحن جا، ويني سهان سور،
مونکي ڪري ملور، اونهي ويا اوهري.

ڏٺو ويندو تہ دنيا ۾ ماءُ جو ڪردار سڀ کان اهم ۽ عظيم ليکيو ويندو آهي. شاه صاحب رسالي جي ڪيترن سرن ۾ ماءُ جي ڪردار کي مادر - ماءُ يا امڙ جي مختلف نالن سان پڻ آندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت شاه صاحب جي ڪردارنگاريءَ تي جيڪڏهن مجموعي نظر وجهبي ته احساس ٿيندو ته شاه صاحب نه رڳو سنڌ جي مختلف ڌنڌن سان واسطو رکندڙ، ڪاسبين ڪان واقف آهي پر سنڌس ڄاڻ ايتري قدر ته وسيع، مڪمل ۽ همه گير آهي جو ان ڌنڌي سان وابستا بين ڪردارن جي مخصوص نالن کي پڻ اجاگر ڪري ٿو. ساڳئي وقت شاه صاحب جا مختلف ڪردار نه رڳو باهمت، بردبار ۽ بهادر آهن پر هو ساڳئي وقت باشعور ۽ اخلاق جا مجسما پڻ آهن. جيتوڻيڪ هن سر ۾ مهاڻن گهاتوئن ۽ ناڪئن جو ذڪر آندل آهي، پر انهن ڪردارن کي شاه صاحب هڪ طرف عزم و استقلال جا پيڪر ڪري ڏيکاريو آهي ته ٻئي طرف فرض شناس ۽ مقصد ميڙڻ لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائيندڙ جوڌا ڪري پيش ڪيو آهي.

**گفتگو يا مڪالما** (Dialogue) : ڊرامي جو ٽيون اهم جزو يا مکيه عنصر ڊائيلاگ يا گفتگو آهي. ڊرامي جو ليکڪ هر ڪردار کي گفتگوءَ جي ذريعي نروار ڪري ٿو ۽ مڪالمن جي معرفت سندن اندروني جذبن ۽ احساسن کي اجاگر ڪري ٿو. هن سر ۾ پڻ شاه صاحب گهاتوئڙن جي گهر وارين جي واتان گفتگو پيش ڪندي سندن دلي ڪيفيتن ۽ اندروني احساسن کي اجاگر ڪيو آهي. شاه صاحب انهن گهاتوئن جي گهر وارين جي واجهائڻ ۽ جدائيءَ ۾ آلاپڻ جو منظر نهايت پر درد لفظن ۾ پيش ڪيو آهي. هڪ ناڪئي جي زال گهاتوءَ جي گهر نه اچڻ سبب پنهنجي ماءُ سان هيئن مخاطب ٿئي ٿي:

تريون پسان نه تار ۾، جهڳا جاءِ نه ڪن،
مادر! ملاحن، ماڳ نه ڏويا مڪڙا.

ٻئي هنڌ چوي ٿو:

كالهہ ڪلاچيءَ ويا، گهاتو ڪري گهور،
مــادر مــلاحن جا، ويني ســهــان ســور،
مُنڪي ڪري ملور، اونهي ويا اوهري.

سندن آلاپ ۽ ورلاپ تہ ڏسو! ڪيڏو نہ انهن ۾ درد ۽ سوز سمايل آهي جو پڙهندي دل کي جهڙي اچيو وڃي ۽ اندر مان آه ٿي نڪري. شاه صاحب جي گفتگوءَ جو هيءُ انداز جنهن کي پاڻ مرادي گفتگو چئبو آهي، پين سرن مثال ليلا چنيسر ۽ سر سامونڊيءَ ۾ پڻ آندل آهي. شاه صاحب سر سامونڊيءَ ۾ وڻجارن جي وهن جي پاڻ مرادي گفتگو هن انداز ۾ آندي آهي.

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سپرين، رهڻ تان نہ رهن،
آءُ جهليندي ڪيترو، آيل سامونڊين،
پکهہ چوڙي جن، وڃا پيـــڙا پار ۾.

**لباس يا پوشاڪ:** (Costumes) ڪهاڻي، ڪردارنگاري ۽ گفتگوءَ کان پوءِ ڊرامي ۾ لباس يا پوشاڪ جي زيبائش ۽ سينگار کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي. اهل يونان وٽ ڊرامن جي پيشڪش مهل ٻين ڳالهين کان علاوه لباس يا پوشاڪ جي زيبائش ڏانهن پڻ خاص طرح توجهہ ڏنو ويندو هو. مختلف ڪردارن جون اهي پوشاڪون روايتي انداز جون ۽ ڪافي وزني هونديون هيون ۽ هنن ۾ تلهين گادين وارا ڪوٽ ۽ صدريون يا ٽوپيون ۽ خاص قسم جا جوتا هوندا هئا. جن جي پائڻ سان اهي ڪردار ملوڪ ۽ موچارا لڳندا هئا ۽ انهيءَ قسم جو شاهي ٺاٺ باٺ وارو لباس سندن جسم تي ٺهڪي ايندو هو. ان کان علاوه هو مختلف قسمن جا نقاب (Masks) پڻ پهريندا هئا، جن سان انهن ڪردارن ۾ وڏيڪ شان ۽ مان پيدا ٿيندو هو. يونان جي عظيم ڊرامي نگارن مان اسڪائيلس جو انوکو ڪردار اوريسٽس (Orestes) سوفوڪليس جو، اجاڪس (Ajax) ۽ يوريپيڊس جو ميڊيا (Medea)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي زنده جاويد ڪردار آهن، جن ڪي سندس لباس جي مخصوص انداز ڪري شهرت حاصل ٿي.

حضرت شاه عبداللطيف رحہ پڻ پنهنجي مختلف تمثيلي سرن ۾ ڪردارن جي لباس ۽ پوشاڪ جو ذڪر آندو آهي ۽ انهيءَ ذريعي سان پنهنجن ڪردارن جي سجاڳپ ڪرائي آهي. مثال سر ليلا چنيسر ۾ ليلا جي هار سينگار جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو اٿس.

سونا ڪُر ڪَنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هار،
ٻانهوتا ٻانهن ۾، سينڌ سٽيا وار،
تيلانه پيءَ پچارِ، ڪانڌ منهنجي ڇڏي.

اهڙيءَ طرح سر مومل راڻي ۾ مومل ۽ سندس سرتين جي لباس ۽ زيبائش جو ذڪر هيئن ڪيو اٿس.

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها! هو هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن اچن نيش،
لالڻ جي لبيس، آتڻ اکر نہ اجهي.

يا

جهڙا پانن پن، تهڙيون سالون مٿن سايون،
عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهٽو مشڪ سين، سندا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين، لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهہ مرڪيس من، سوڍي سين سڳ ٿيو.

ساڳئي سر ۾ شاه صاحب سامي فقير جي سجاڳپ ڪرائيندي سندس پوشاڪ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو هنن لفظن ۾ نقش چٽيو آهي.

آءُ لانگوٽيا لال! ڪنهن پر ڏٺئي گجريون؟

يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامي سيلو سر تي، مالا موچاري.

يا

سائي سال ڪلهن تي، سامي سون سري.

يا

سڄ سياٽي جا ڪري، ساميءَ سائي روءِ،

اڇي تي عطر جي، منجهان مڳٿ بوءِ.

سر گهاتوءَ ۾ شاه صاحب نه صرف ملاحن يعني مورڙي ۽ پائرن ڪي "مولهيا" يعني اڇون پڳون پهريل ۽ هٿن ۾ "ڇتيون" يعني مڇي مارڻ جا وڏا پالا ڪنيل ڏيکاريو آهي پر سندن رڇ پڻ رنگيل ۽ پختي يا مضبوط ڏور جا نهيل ڏيکاريا اتس. فرمائي ٿو.

جان گهڙندا گهاتوئا، تان رڇن ڏهو رنگ،

سڳائيون ۽ سنگ، ڪلاڇيءَ ڪير ڪري.

يا ٻئي هنڌ فرمائي ٿو.

جئن جهڳا پائين جهول ۾، ائن نه مرن مڇ،

سهر ڏار سمنڊ جا، ڪي رائون رڳيو رڇ،

هي ڇاڙون ۽ ڇڇ، اڃان اوڙاهه اڳاهون ٿيو.

**مقصديت:** حضرت شاه صاحب هن سر ۾ پڻ هڪ ڳوڙهي تمثيل رچي آهي. سندس آڏو هيءُ سنسار مهاساگر سمان آهي، جنهن ۾ انسان مورڙي ۽ سندس پائرن جيان پيا گذارين. سندن اندر ۾ مانگر مڇ يعني "نفس" موجود آهي. انسان جي اندر ۾ حرص ۽ هوس جو ڪُن هر وقت جولانيون پيو هڻي. طمع ۽ لالچ جو ڪو ڪاٿوئي ڪونهي. اهو نفس جبراً انسانن (مورڙي ۽ سندس پائرن) کي به ذليل ۽ خوار ڪري ماٺهيي مان ڪڍيو ڇڏي. شاه صاحب انهيءَ بري ٽي بڃ ڪرڻ جي تلقين ڪندي، هن سر ۾ سالڪ کي نفس مارڻ لاءِ ڪشالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ۽ وڏاندري ويڙهه جوڻ جو سبق ڏنو آهي. فرمائي ٿو.

ڪاهي وجو ناڪئا! ڪريو بري تي بڇ،
گهاتو گهر نه آيا.

حضرت شاه صاحب هن سر ۾ انسان ڪي عزم و استقلال جو پيڪر بنجي نفس سان جنگ جوڻ جي تلقين ڪندي، ڪيس جدوجهد ڪرڻ ۽ ارڏي ۽ اڙانگي نفس ڪي مارڻ لاءِ ڪي رستا ۽ راهون ڏسيون آهن. سندس خيال ۾ انسان جي اندر ويٺل مڇ ڪي مارڻ لاءِ فقط عبادت ۽ رياضت ڪافي نه آهي پر تَنَ ڪي تسيا ڏئي مٺي متي مهراڻ ۾ ٽپي پوڻو آهي ۽ مڇ يعني نفس ڪي نابود ڪري سالڪ ڪي مالڪ اڳيان سرهو ٿيڻو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر ڪاموڏ جي تمثيل

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جو ڪلام، ظاهر ۾ تہ انهن داستانن تي مشتمل آهي، جيڪي اسان جي سنڌ جي بعض سگهڙن ۽ شاعرن جي ڪلام جي اڪثر زينت ٿيئي رهيا آهن، پر جيتريقدر، ڪلام جي تاثر ۽ عوام پسنديءَ جو تعلق آهي، ڀٽائيءَ گهوٽ جو ڪلام مڙني کان ممتاز ۽ برک آهي. حضرت مسيح جي معجزي جي، انهيءَ کان وڏيڪ ٻي ڪهڙي حقيقت هئي، جو "قُم باذن الله" (يعني اُٿ خدا جي حڪم سان) جي ڪلمي ۾ ڪتب آيل الفاظ اُهي ئي آهن، جي صدين کان وٺي اڄ سوڏو لغات ۾ موجود رهندا تا اچن، پر اُنهن جي معنوي ڪيفيت، شدت ۽ اثر وٽس ايتريقدر تہ وڏي ويو هو، جو مئلن ۾ بہ جان پئجيو تي ويئي.

هڪ ڪامل طبيب ۽ هڪ زبردست حڪيم وانگي شاهہ صاحب پڻ پنهنجي قوم جي مريض افراد جي رڳ سڃاتي، ڪين اُها پُڙي ٿو پياري، جنهن جي پيئندي، اُهي آب حيات جو مزو محسوس ڪرڻ لڳن تا؛ جنهن جي پيئندي هنن جي قلب مان ڪينو ۽ ڪدورت ڪورجيو، ٻاهر نڪرڻ لڳي ٿي، جنهن جي پيئندي، هنن جو ڀِتو ٻاٽي ٿيڻ لڳي ٿو ۽ اڪين مان آب تهہ تهہ تمڻ لڳي ٿو ۽ اهڙيءَ ريت هنن جو من وڃو پريان سندي پيچري تي پوي، جيئن شاهہ صاحب پاڻ بہ فرمائي ٿو تہ:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، سندي پريان پيچري.

اِها هڪ واضح حقيقت آهي تہ نلها قصا ۽ داستان سسئي ۽ پنهونءَ، سهڻيءَ ۽ ميهار، عمر ۽ مارئيءَ، هير ۽ رانجهوءَ، ليلا ۽ چنيسر، مومل ۽ راڻي، نوريءَ ۽ ڄام تماچيءَ وغيره جا، اسان جي دل تي وقتي طور تہ پنهنجو اثر وجهي سگهن ٿا، پر اسان جي قلب جي دائمي ڪايا پلٽ جو ڪارڻ ڪڏهن بہ بڻجي نٿا سگهن. البت، جڏهن لوهہ جو پاسو، ڪنهن پارس سان لڳي ٿو، تڏهن لوهہ بہ هميشه لاءِ سون بڻجو پوي. اِهو ڪم، هڪ ڪامل ڪيمياگر جو آهي، جو لوهہ يا پاري کي هميشه لاءِ سون بڻائي ڇڏي.

ساڳيءَ ريت، اِهو بہ هڪ ڪامل اُستاد جو ڪم آهي تہ هو ڪن بيجان لفظن ۾ جان وجهي ۽ فرضي افسانن ۽ داستانن کي، زنده حقيقتن جو روپ بخشي. اِهوئي هڪ زنده ڪرشمو آهي، جنهن اسان جي ڀٽائي گهوٽ کي عوام پسنديءَ جي سطح تي نيئي پهچايو آهي.

هڪ مشتاق مصور وانگي، اسان جي ڀٽائي گهوٽ، مصنوعي ۽ فرضي خاڪن ۾ اُهو حقيقي رنگ ڪٽي ڀريو آهي، جو اسان جون دليون، پؤنر بڻجي، مٿن ڀيرا ڏيڻ لڳن ٿيون. باطن ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام تي حقيقت جو رنگ ايتريقدر حاوي آهي، جو مجاز جي اضافتن جي ضرورت ئي محسوس نٿي ٿئي. وري ظاهر ۾ ڏسو تہ سندس ڪلام ۾ مجاز ۽ حقيقت گڏجي، هڪ نهايت خوشگوار امتزاج پيدا ڪري وڌو آهي، جنهنڪري سندس ڪلام، مجاز ۽ عاشقانه ترنگ جي باوجود، پنهنجي عارفانه دائري کان ٻاهر نٿو نڪري. اهڙيءَ ريت مجاز توڙي حقيقت پسند طبيعتن کي، پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي لطف ۽ سرور بخشي ٿو. اِهو مجاز ۽ حقيقت جو امتزاج ئي آهي، جنهن شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ سوز ۽ گداز جو انداز دوبالا ڪري وڌو آهي.

رسالي جي ڪنهن بہ سُر کي کڻو ۽ اُن کي جاچي ڏسو. هر ڪنهن سر ۾ اوهان کي سنڌ جي مشهور ۽ مقبول داستانن جي ڀڻيان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت جو هڪ بي پايان درياهہ موجون ماريندو نظر ايندو. جيڪي بہ تمثيلون ۽ تلميحون آهن، تن مان حقيقت جو رنگ صاف نمايان ٿي رهيو آهي.

مثال طور، اسان هتي رسالي جي هڪ سر ”سر ڪاموڏ“ جو ذڪر ڪنداسين. جنهن ۾ ظاهري طرح تہ شاهہ صاحب، سنڌ جي هڪ مشهور ۽ مقبول عام قصي، ”ڄام تماچيءَ ۽ نوريءَ“ کي ڳايو آهي، پر جيڪڏهن اُن جي پس منظر کي غور سان جاچي ڏسبو تہ صاف نظر ايندو تہ شاهہ صاحب، الله پاڪ جلشانهُو جي پنهنجي مٺي محبوب محمد مصطفيٰ (صلعم) جن سان عشق ۽ محبت جو بيان ۽ آنحضرت صلعمؐ جن جي سرور ڪائنات، سيد المرسلين، شفيع المذنبين، رحمت للعالمين، محبوب سبحاني هئڻ جون توجيهون ۽ تمثيلون، نهايت دلنشين ۽ دلگداز انداز ۾ پيش ڪيون آهن.

سر ڪاموڏ ۾ شاہ صاحب، ڄام تماچيءَ جي الله پاڪ سان، نماڻي نوريءَ جي آنحضرت صلعم جن سان، سمين سومرين ۽ ڄام جي پين پَٽ راڻين جي جليل الشان ۽ اولوالعزم اَنبياء ڪرام سان، ڪينجهر جي مهاڻن جي عرب جي ماڻهن، آنحضرت صلعم جن جي قوم ۽ سندن اُمتين سان ۽ ڪينجهر جي عرب ملڪ سان نسبت ۽ تمثيل ڏني آهي.

جهڙيءَ ريت هڪ تمثيل نگار يا ڊرامي نويس، پنهنجي تمثيل يا ڊرامي جي مهاڳ ۾، اُنهيءَ تمثيل يا ڊرامي ۾ حصو وٺندڙ سورمن ۽ سورمين وغيره جي نالن جي فهرست پيش ڪندو آهي، تهڙيءَ ريت شاهہ صاحب پڻ پنهنجي هر سُر جي ڪنهن نہ ڪنهن بيت ۾ اهڙو صاف اشارو ڪيو آهي، جنهن مان اها خبر پئجي سگهي تہ شاعر، اُن داستان يا تمثيل جي سورمي يا سورميءَ مان اصل مراد ڪهڙي ورتي آهي.

سُر ڪاموڏ جو هيٺيون بيت ڏيان تي رکو، جنهن مان اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت واضح آهي تہ ڄام تماچيءَ مان مراد، اُنهيءَ ڄام تماچيءَ جي نہ آهي، جيڪو سمي گهراڻي جو حاڪم ٿي، گذريو آهي، بلڪ اُهو ڄام تماچي، خود الله پاڪ جلشانهُو آهي، جنهن کي نہ ڪنهن ڄڻيو ۽ نہ هن ڪنهن کي ڄڻيو. ارشاد ٿئي ٿو تہ:

نہ ڪنهن ڄايو ڄام کي، نڪو ڄام وياءُ،
نَنڍيءَ وڏيءَ گندريءَ، سين آه سياءُ،
لَمر يَلِدْ وَلَمْ يُولد، ايءُ نجابت نياءُ،
ڪِبرُ، ڪِبرياءُ، تخت تماچيءَ ڄام جو.

ساڄيءَ ريت، نماڻي نوريءَ يا غريب گندريءَ مان مراد، ڪينجهر واري نوري نہ آهي؛ بلڪ اهو صاف اشارو آنحضرت صلعم جن ذاتهن آهي. ارشاد ٿئي ٿو تہ:

هٿين پيرين آرڪٽين، مُنهن نہ مهاڻي،
جيئن سڳو وچ سُرندڙي، تيئن راڻين ۾ راڻي،
اصل هئي ان کي، اَهلَ ڄاماڻي،
سَمي سُڃاڻي، پيڙو ٻَڌُس ٻانهن ۾.

---------

نہ وَڏي، نہ وِڪٽي، نہ ماري، نہ ڏاري،
ڪارو وِڏائين ڪوه ۾، نِرتون نهاري،
سائي پَر پاري، جا گهر سمي جي سڄي.

اسلامي تاريخ جي ورق گرداني ڪندي، جيڪڏهن آنحضرت صلعم جن جي نبوت واري زماني کان اڳ، عرب ملڪ جي حالت، جو بيان پڙهبو تہ معلوم ٿيندو تہ عرب ملڪ، ڪفر ۽ الحاد جو بجنسي هڪ آکاڙو بڻجي چڪو هو، چوڏاري شيطنت جون چيره دستيون هيون، دنيا پر جون خرابيون، بداخلاقيون ۽ بد رسمون، عرب ملڪ ۾ اچي جمع ٿيون هيون، ايتريقدر جو خود شيطان کي بہ شه اچيو ٿي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ صاحب ان جاهليت واري زماني ۾، عرب قوم ۽ اُن جي حالت جو نقشو هينئن ريت ٿو چٽي.

ڪِڪيءَ هاٺيون ڪاريون، ڇِڇيءَ هاٿا ڇَڄَ،
پاند، جنين جي پاند سين، لڳو تئي لڄ.

---------

ڪاريون، ڪوجهيون ڪُوَڙيون، مور نہ موچاريون،
وٺي ويٺيون واٽ تي، ڪڪيءَ جون ڪاريون.

---------

ڇاريون، ڪاريون، ڇڄ، ڇيريون، جن جي محبت ميءَ ساڻ،
رَهن، وِهن سِر پانڌيين، سيئي بدبوءِ هاڻ،
لَڏڙن جئن لطيف چئي، پاڻيءَ وجهن پاڻ.

عرب جي اهڙيءَ جاهل قوم مان، جنهن لاءِ شاه صاحب چوي ٿو تہ "پاندُ جَنين جي پاند سين، لڳو تئي لڄ"، اُنهيءَ حاڪم حقيقيءَ جي نظر انتخاب اهڙيءَ ريت وڃي هڪ صحرائي يتيم ۽ پنهنجي محبوب، حضرت محمد صلعم جن تي پيئي. جهڙيءَ ريت هڪ گهمري ڪينجهر ڍنڍ جي ڪپ تي سير ڪندي، ڄام تماچيءَ جي نظر وڃي نوريءَ تي پيئي، هن جو نوراني چهرو ۽ پاڪ پيشاني ڏسي، مٿس مفتون ٿي پيو هو.

ڄام تماچي آئيو، مَٿي تڙ تناه،
اڇي پيس اوچتي، نوريءَ تي نگاه،
تنهن ڪي گندري چوڻ گناه، جنهن جي جهوليءَ چنڊ جُهلي پيو.

نوريءَ جي سونهن ۽ سوبيا، حُسن ۽ حياءَ جي تعريف ڪندي، شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تهڙو ڪينجهر ۾ ڪين پيو، جهڙي سونهن سندياس،
هتين، پيـــرين، آرڪـــڻين، مُنهن نہ مـــهـــاڻي،
جئن سڳو وچ ســـــرندڙي، تئن راڻين ۾ راڻي.

---------

ڪـو جو ڪامڻ مـي، آهـي اڪـــــــــــڙيـن ۾،
تـــن تمـــاچيءَ ڄام جو، نـــاپُون پـــايـــو نـــي،
عـــشق ايئن ڪري، جئن ڄارو ڄامَ ڪَلِي ڪيــو.

اگرچہ آنحضرت صلعم جن، اُنهيءَ ئي عرب قوم سان تعلق تئي رکيو، جنهن جي هر پير ۽ جوان، خورد ۽ ڪلان، ضلالت ۽ گمراهيءَ جي گرداب ۾ غوطا پئي کاڌا، پر تاريخ جا ورق شاهد آهن تہ آنحضرت صلعم جن ڪڏهن بہ عرب قوم جي جهالت ۽ ڪفر وارين رسمن ۾ رواجن ۾ شرڪت نہ فرمائي. رضاعت کان بِعثت وارو زمانو، پنهنجي مالڪ حقيقيءَ جي عبادت ۽ رياضت ۾ بسر ڪيائون. ساڳيءَ ريت، شاه صاحب ارشاد ٿو فرمائي تہ اگرچہ نوري نماڻي، ڪينجهر ڍنڍ جي ڪپ تي رهندڙ ڪارن ۽ ڪوجهن مهاڻن جي ڌيءُ هئي، تڏهن بہ ڄائي ڄم کان وني:

نہ وَڍي، نہ وڪٽي، نہ ڪٽي منجهہ ڪاري،
اُهج، سُهج، ساهميون، ڌُريان نہ ڌاري،
سائِي پَر پاري، جا گهر سمي جي سَپجي.

ڄام تماچيءَ کي، نوريءَ جي نينهن جو ناوڪ اهڙو لڳو، جو ماڙين ۽ محلاتن، ڪوٽن ۽ قلعن کان سندس روح ڪَتو ٿي پيو ۽ هاڻي ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي، پنهنجي ماهپاري محبوب جي جهوپڙيءَ جي سامهون خيما کوڙي ويهي رهيو. "تَنبو تيرنهن ماه، ڪَتو ڪينجهر ڪَنڌِيِن".

اگرچہ آنحضرت صلعم جن کان اڳ، الله پاڪ جلشانهُو، پنهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيا به ڪيترائي جليل الشان ۽ اولوالعزم انبياء ڪرام دنيا ۾ مبعوث فرمايا، پر رحمتہ للعالمين، خاتم النبيين، سيد المرسلين، شفيع المذنبين، سرور ڪائنات جي لقب سان، اُن صحرائي يتيم آنحضرت صلعم جن ڪان سواءِ ٻيو ڪوبه سرفراز ٿي نه سگهيو.

ساڳيءَ ريت، شاهه صاحب چوي ٿو ته اگرچه، ڄام تماچيءَ جي حرم ۾، اڳيئي ٻيون به گهڻيون ڏاڍي پوڻيون، سميون ۽ سومريون موجود هيون، پر تنهن هوندي به، غريب ڳنڌريءَ جي مقابلي ۾ ٻي ڪابه پَٽ راڻي، ڄام جي دل تي اَثرانداز ٿِي نه سگهي. اُنهن پَٽ راڻين جي وچ ۾، نماڻي نوريءَ جي حيثيت اهڙي هئي، ”جئن سڳو وچ سرندڙي، تئن راڻِن ۾ راڻي“. نماڻي نُوريءَ، جي حُسن ۽ جمال، عشق ۽ محبت، ادب ۽ حيا، نمانائيءَ ۽ نهٺائيءَ، نياز ۽ نئڙت، ڄام تماچيءَ کي نِمائي وڌو. ارشاد ٿئي ٿو ته:

مهاڻيءَ جي من ۾، نه ڳِيرب، نه ڳاءُ،
نيڻن سين، ناز ڪري، ريجهايائين راءُ،
سَمون سَينُ ملاءُ، هيريائين حرفت سين.

---

نُوريءَ جي نياز جو، عجب اَجهل هوءِ،
سمون سِرُ سَين ۾، مي موريڻو سوءِ،
اَچِئو اِيين، پوءِ، حجت پڳي راڻيين.

---------

ڪوءِ سميون، ٻن سومريون، جي اچن اُونچي ڳات،
ور سي ڪنجهر ڄائيون، جَن تماچيءَ جي تات.

اولوالعزم ۽ جليل الشان اَنبياء ڪرام، الله پاڪ جلشانهُو سان پنهنجي پنهنجي نبوت جي دؤر ۾، ڪئين حجتون هلايون، ڪئين گهمرا، متن ۽ سندن اُمتن تي، اِلاهي عتاب پڻ نازل ٿيا. اُنهن جا مثال به

آنحضرت خاتم النبيين جن جي آڏو هئا. تنهنڪري حضرت صلعم جن مڙيئي حجتون ۽ دليل، عرض ۽ معروض ترڪ ڪري، مشيتِ ايزديءَ ۽ رضا الاهيءَ جي آڏو سرِ تسليم خم ڪندا رهيا ۽ اهڙيءَ ريت سيد النبياء جو خطاب، حق سبحان هُو، تعاليٰ ڪان حاصل ڪيائون. ايڏي مرتبي ۽ درجي حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ بہ ڪڏهن خداوند ڪريم سان حجت ۽ گستاخي نہ ڪيائون. اُنلو عرض ڪرڻ لڳا.

تون سمون، آءٌ گندرِي، مون ۾ عيبن جوءِ،
پَسي راڻين رُوءِ، متان ماگر مَتين.

---------

تون سمون، آءٌ گندري، مون ۾ عيب اَپار،
پَسي لِيءَ لغار، متان ماگر مَتيين.

---

تون سمون، آءٌ گندري، مون ۾ عيبن لِک،
ڪارڻ رب اَلک، متان ماگر مَتيين.

---

تون تماچي تَڙ ڏٺي، آءٌ مهاڻي مي،
مون ڪي ڏهاڳ مَ ڏي، آءٌ جا نالي سُيس تُنهنجي.

هيڏانهن ڄام تماچيءَ، غريب گندريءَ کي پنهجين پَٽ راڻين کان بہ وڌو درجو بخشيو آهي ۽ اُن جي عشق ۽ محبت ۾ پاڻ فدا ڪيو بيٺو آهي ۽ هوڏانهن نماڻي نُوري آهي، جا اڃان بہ هيٺانهين وٺيو. ڪيس منٿون ۽ آزيون پيئي ڪري تہ ”پَسي مِڻڪي ڏيءُ. متان ماڇر مَتين“. ڇا لاءِ جو، ڪيس خبر آهي تہ ڊول تَنين جي ڊار، هيٺانهين هلن جي“.

آنحضرت صلعم جن کي، الله پاڪ جي طرفان جڏهن نبوت جو منصب تفويض ٿيو ٿو، تڏهن اُنهيءَ ساڳيءَ عرب قوم جو بخت بالا ٿي پيو ٿو. اُنهيءَ قوم جو فرد، گاه بگاه، بارگاه ايزديءَ ۾ سر تسليم خم ڪرڻ لاءِ پهچي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيءَ ريت جڏهن چار تماچي، ماڇر جي مهاڻن ڪان، نوريءَ جو سڳ ٽو چڪي، تڏهن انهن مسڪينن لاءِ منڊل ٿيو ٿا وڃن. سمون چار، انهن ڪارن ڪوجهن مهاڻن سان، نوريءَ جي طفيل سوين سهج ٿو ڪري؛ ڪين مڙيئي محصول معاف ٿيو ٿا وڃن ۽ ڪينجهر ڍنڍ جي امداد ڪين مَهر ٿيو ٿي ملي. شاهه صاحب چوي ٿو ته:

ڪاڄ جَنين جو ڪکيون، مال جنين جا مڏ،
سمي سيئي سيڻ ڪيا، هيٺا جنين جا هڏ،
چار! پرتيئي لَڏَ، سانگين جي، سيد چوي.

---

پاند جَنين جي پاند سين، لڳو ٿيئي لڄ،
سمون چار سُهجَ، ايو ڪري انِ سين.

---

گند جَنين جي گوڏِ ۾، پاهوڙا پينار،
انين کي انعام، ماڇر مڙيوئي ٿيو.

چار تماچي، نوريءَ سان پرڻجي اَرٺجي، ان کي آڻيو ٿو پنهنجي محلات ۾ ٽڪائي. اُتي اويل سويل، مهلو ڪمهلو، ويچارا مسڪين مهاڻا، پنهنجي نياڻيءَ جي ماڙيءَ تي ٻه ڪنهن روڪ ٽوڪ جي اچڻ وڃڻ لڳن ٿا ۽ گاه بيگاه سمي جو سلام ڀرڻ اچن ٿا.

گند جنين جي گوڏ ۾، متن تي مُوڙيون،
اَچن سنيوڙيون، سمي جي سلام تي.

---

ٿيا تماچيءَ چار سين، مهاڻا محرم،
ننڍيءَ وڏيءَ گندريءَ، متي ماڙيءَ ڏمَ،
جي ڪِنجهر، جي رم، سي سَڀ انعامي ٿيا.

آنحضرت صلعم جن جي معراج شريف جو ذڪر ٻه شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب نهايت دل ڇهائيندڙ انداز ۾ ڪيو آهي، جنهن جي تمثيل هيٺينءَ ريت آهي:

هڪ ڏينهن ڄام تماچيءَ، پنهنجي سڀني راڻين کي نياپو موڪليو ته شام جو سڀ تيار ٿي ويهجو، پوءِ جيڪا به راڻي ڪيس وڻي، ان کي پاڻ سان گڏ شڪار تي وٺي ويندو. نياپو ملندي ئي، ٻيون سڀ راڻيون، هار سينگار ۽ ويس وڳي ڪرڻ ۾ هڪٻئي کان گوءِ کڻڻ لڳيون؛ پر ويچاريءَ نوريءَ نه ڪيو هار، نه سينگار، موريو اباڻا لَٽا ڪري ويهي رهي. شام جو جڏهن ڄام تماچي حويليءَ ۾ گهڙيو، تڏهن هرڪا پٽ راڻي، فخر سان اُونچو ڳاٽ ڪري، ڄام کي نازن ۽ نخرن سان ريجهائڻ لڳي.

"سميون ڪري سينگار، راءُ ريجهائڻ آئيون"

--------

سڀ سميون، سڀ سومريون، سين ڳچيءَ هس،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيائون وس،
ڏول تنين جي ڪس، هيــــنــــانهين هلڻ جي.

--------

سڀ سميون، سڀ سومريون، سين ڳچيءَ هار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڇايائون وار،
ڏول تنهين جي ڏار، هيــــنــــانهين هلڻ جي.

ڄام تماچي، نوريءَ جو نياز ۽ نئڙت ڏسي، مٿس موهت ٿي پيو ۽ ٻين راڻين، سمين ۽ سومرين جي هار ۽ سينگار، ويس ۽ وڳي، فخر ۽ ناز کي ٻَن هٽي، غريب گندريءَ جي ٻانهن ۾ وجي هٿ وڌائين:-

گند جنين جي گوڏ ۾، پاڃوڙا پوشاڪ،
اُنين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

اهڙيءَ ريت، سڀني پٽ راڻين جي حجت ڀڃي ڀيئي ۽ ڄام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تماچي نوري نماڻيءَ کي ساڻ ڪري، اچي گاڏيءَ ۾ پنهنجي پرسان ويهاري ٿو.

پاپوڙو پيش ڪيو، نئون نوريءَ نيئي،
حاضر هيون هڪيون، سميون سپيئي،
نوازي نيئي، گاڏيءَ چاڙهي گندري.

ڄام جي اها نوازش ڏسي، ويچاري نوري، وڏيڪ نهٺائي ۽ نماڻائي ڏيکارڻ لڳي ۽ ڄام کي عرض ڪرڻ لڳي ته:

ڪو ڏينهن ڪينجهر ڪنڌين، تون تماچي تڳ،
اُونچو تيوم اڳَ، مون ڪَرَ ملاحن ۾.

هاڻي، ڄام تماچي ۽ نوري، ٻئي ڄڻا گڏ، ڪينجهر ڍنڍ تي اچن ٿا، جتي جو نظارو، شاهه صاحب اجهو هيئن ٿو چٽي:-

هيٺ جَرُ، مٿي ميڄر، پاسي پرين سندام،
ڪوڙين ڪاخ سڏام، اَڻ سڏو ڪونه رهيو.

---

هيٺ جَر، مٿي ميڄر، پاسي ۾ وٽراهُ،
اچي وچي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءُ،
لڳي اُتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

هيٺ جَر، مٿي ميڄر، ڪنڌيءَ ڪونر ترن،
ورئي واهُوندن، ڪنجهر ڪستوري ٿئي.

ڄام تماچيءَ جي اُلفت ۽ دلبستگي، ارادت ۽ محبت جو اهو عالم آهي، جو هُو پيرن پَر بيهو، نماڻي نوريءَ کي مورچل سان واءُ ٿو هڻي:

تهڙو ڪينجهر ۾ ڪين ٻئو، جهڙي سونهن سنديا س،
مورچل مٿانس، اَپو تماچي تي هڻي.

وري ڄام تماچي ۽ نوريءَ جي شڪار جو منظر، شاهه صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيئن ٿو چئي:-

مي هٿ ۾ مـــــڪـــــڙي، چام هٿ ۾ چار،
سڄو ڏينه شڪار، ڪينجهر ۾ ڪالهہ هئو.

هاڻي، ڄام ۽ نوري، ٻئي گڏجي اچو ٿا ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي لهن. اتي شاهي نقيب جي مناديءَ جو آواز ٿو اچي تہ:

پڪا پڪاريـو، ڄام تمـاچي آئيـــــــــو،
گندر لاهيـــــــــو، گندريون! آتڻ اُجاريـو،
ڪينجهـر قـراريو، سمي سـام بخشـئي.

اهو نظارو ڏسي، مسڪين مڇيرن جا ڪاٽ اونچا ٿين ٿا. پنهنجي ڄائيءَ جي ايڏي عزت ۽ آدر ڏسي، مهاڻن جا ٻار مرڪڻ لڳن ٿا. وڏن ننڍن ۾ پڇارون پئجو ٿيون وڃن. مهاڻا ۽ مهاڻيون ڄام تماچيءَ کي دعائون ڏيڻ لڳن ٿيون.

پڪن پوءِ پڇار، ڄام تماچي آئيـــــــــو،
مـــرڪن مـــلاحن جا، مـــتي ٻانديءَ ٻار،
وڏي ڄام ڄمار، جنهن مِياڻيون موڪيون!

ور سهاڳڻ، سا جڳ سهاڳڻ! نوريءَ جي نئڙت ۽ نياز ۽ مٿس ڄام تماچيءَ جي بي انداز راز کي ڏسي، ساروئي جڳ، اَچو ٿـو نوريءَ جو سلامي ٿئي. خود پٽ راڻيون، سميون ۽ سومريون ۽ پيون ٻايون، دايون، ٻانيون، پڻ غريب گندريءَ جي آڏو نمڻ ۽ انهيءَ جا پير چُمڻ لڳن ٿيون:

سـمي جي سـهـاڳ جو، مـينڍو ڳتـو مي،
جن وهڻ نـہ ڏني وٽ ۾، تـيـا سـلامي سي،
عـالم انعـامي ڪيـو، نوريءَ نيـاز ڪري.

اهڙيءَ ريت، نماڻي نوريءَ، پنهنجي نماڻائيءَ ۽ نيـاز سـان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريهي ريبي، ڄام تماچيءَ کي پنهنجيءَ محبت ۽ چاه جي ڄار ۾ ڇڙڪنيو ڪٿي قابو ڪيو. هينئر ڄام تماچي، فقط نالي جو ڄام هو. ڇا لاءِ جو هاڻ هن پنهنجو سموروئي اختيار، ڪٿي نوريءَ جي حوالي ڪيو ۽ نتيجي ۾ سڄوئي عالم، نوريءَ جو ئي مِڪو ميڃڻ لڳو. نوريءَ به وجهه وٺي، سڄي عالم کي ڪٿي انعامي ڪيو. پنهنجن توڙي پراون کي خوب ورساياڻين ۽ نوازياڻين. اتي شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

هيـــري هَٿَ وڌائين، ويهي ســـاتين وچ ۾.

نــوازش نــوريءَ جي، آهــي تمــاچيءَ تــائـين،
گندگيءَ گـوشـو ڪيـو، عطر اوَت اوتيـائين،
اَنڌا، منڊا آئيـــا، ســخا سَڌ ڪيـــائين،
پَسو، جُود جوان جو، ڪو هنڌ ڪونه مَتيائين،
موتِي، ميڃيءَ هَٿ تي، ڪوڏين جئن ڪديائين،
مــاڻڪَ، مــيــاڻين ۾، ڇِلرن جئن ڇَٽيـائين،
ڏيئي ســوَن ســوال ۾، رُپي راند ڪيـــائين،
فـيـروزا فـقـيـرن تان، گـهـوري گـهـوريائين،
اُتي عـــبـــداللطيف چئي، اُڇلي اَمُلَ ڏنائين.

تاريخون شاهد آهن ته ڪٿي ته ڪليم الله کي، طورسينا تي نعلين سميت چڙهندي، عتاب الاهي ٿو نازل ٿئي ته ”اي موسيٰ هيءَ ادب جي جاءِ آهي! پيرن مان جُتي لاهي، پوءِ اڳتي وَڌ“، ته ڪٿي معراج تي تشريف نِيندي جڏهن آنحضرت صہ جن عرش برين تي قدم مبارڪ رکندي، نعلين شريفين جون کَهيون ٿا ڪولين ته آواز ٿو اچي ته ”اي محبوب! اِهي روڪُون ۽ ٽوڪُون، تنهنجي لاءِ ناهن! نعلين مبارڪ سُوڌو آسمانن تي هلبو آءُ. جو هيڏانهن هڪ لمحي جيتري دير به شاق ٿيو ٿي گذري.

اِهو آهي عالم، سيد المرسلين جي نياز ۽ نئزت جو ۽ مٿن الله

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪ جي بي پناه راز ۽ الفت جو، جنهن لاءِ شاهه صاحب فرمائي ٿو تہ:

"ڍول تنين جي ڍار، هيئنانهين هلن جي".

تاريخون شاهد آهن تہ اڪثر انبياءَ ڪرام، پنهنجيءَ اُمت جي ارڏاين ۽ انحرافين سبب، مٿن عذاب الـلـهيءَ جي طلب ڪئي آهي، پر سبحان الله، هيڏانهن رحمت للعالمين آهن، جن پنهنجن دشمنن سان پڻ وڏا وَڙ ٿي ڪيا ۽ اُنهن لاءِ پڻ بارگـاه ايزديءَ ۾ بار بار دعـائون ٿي گهريون.

آنحضرت صلعم جن کي جڏهن زور پـريو ٿـو وچي تہ "اي حبيب! گهر جيڪي گهرڻو هجيئي! تہ جواب ٿو ملي تہ مونکي پيو ڪجهہ بہ نہ گهرجي، ڇا لاءِ جو تنهنجو ڏنو، مون کي سڀڪي آهي؛ مون کي تہ فقط تون ئي ٿو گهرجين! تنهنجو لطف ۽ ڪرم، اڳيئي مومن تي بي پايان آهيَ؛ منهنجا سڀ ڪارج، اڳئي تو سڪاريا آهن:

"ڪوڙين ڪاجَ سِڌام، اَڻ سڌو ڪونہ رهيو".

تنهن تي وري حڪم ٿو ٿئي تہ "اي محبوب! توکي ڪجهہ نہ ڪجهہ مونکان گهرڻو ئي پوندو، انهيءَ لاءِ تہ عامن کي، طالب ۽ مطلوب، عاشق ۽ معشوق، مالڪ ۽ بندي جي وچ ۾ ڪو فرق يا امتياز معلوم ٿئي. تڏهن لاچار ٿي، آنحضرت صلعم جن، پنهنجي گنهگار اُمت جي شفاعت جو عرض ڪرڻ فرمائين ٿا -- جنهن تي:

تخت، بخت، تڙ، تماچي، نوريءَ کي نمن،
ڏنيس ڏيه ڏٽين، معـافيءَ جي مهـر هٽي.

سـاڳيءَ ريت، ڄام تماچي، بنه آتو آهي تہ نوري، مون کـان ڪجهہ نہ ڪجهہ گهري؛ پر نوريءَ جو اِهوئي جواب آهي تہ "اي تڙ ڌڻي! آءٌ توکان ڇا گهران؟ تون منهنجو آهين، تہ سڀڪجهہ منهنجوئي آهي: "ڪوڙين ڪاج سِڌام، اڻ سڌو ڪونہ رهيو".

اِهو جواب ٻڌي، ڄام کي خود پنهنجي بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس ٿيڻ لڳي ته ۽ هن کي پنهنجي حڪومت توڙي حاڪميت جي هستيءَ جو پايو. خود متزلزل نظر اچڻ لڳي ته: تنهنڪري هو نوريءَ کي ٻيهر عرض ٿو ڪري ته مون کان تون ڪي گهر ته جيئن عامن لاءِ حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ امتياز جو پردو حائل رهي سگهي. جنهن تي نماڻي نوريءَ، سوال جي اهميت سمجهي، تڙ ڏٺيءَ کي نه ڪيو سوال زر زيور جو ۽ نه پٽ پٽيهر جو. سندس سوال بنهه سادو ۽ سليس هو. ڄام کي عرض ڪرڻ لڳي ته:

تون تماچي تڙ ڏٺي، آءٌ گندري غريب،
تو سين ڄام قريب، ڪي ڏَنَ ڇڏائي ڏيج مون.

تڙ ڏٺي ته اڪيئي وينو هو آتو: فقط سوال ڪرڻ جي دير هئي. مهاڻن تان نه فقط مڙيئي محصول معاف ٿي ويا، بلڪ سڃوئي ڪينجهر، ڪين مرحمت ٿي مليو.

هاڻي ته ويچارن مسڪين مهاڻن جون ويهه ئي گيهه ۾ هيون. غريب گندريءَ جي طفيل، ڄام وٽ آويل سويل سندن وهي واٽ ٿي:

ڄارا ۽ ڪارا، مال جنين جو مڪڙيون،
تماچيءَ جي ٽڪئي، اچن سوارا،
مي ميڇيءَ وارا، سمي سيئي سيڻ ڪيا.

ساڳيءَ ريت، انهيءَ عرب قوم، جنهن ڪان ڪنهن وقت شيطان به پناهه ٿي گهري، جا نازءِ نخرا، انگل ۽ آرا، الله پاڪ، پنهنجي مٺي مرسل محمد ميرﷺ جي صدقي سَنا ۽ اُن جي محابي، سندس قوم سان وڏا وڙ ڪيا ۽ پال پلايا:

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪوڙيون، مور نه موچاريون،
اُنين جون آريون، سمي ريءَ ڪير سهي؟

هن حڪايت جو چيهه، شاهه صاحب، اچي انهيءَ حقيقت تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو آهي تہ هوڏانهن جڏهن ڄام تماچيءَ، نوريءَ تي نوازش ڪئي، تڏهن ئي هن جو (ڄام جو) نالو هنڌين ماڳين مشهور ۽ معروف ٿيو: ۽ هيڏانهن جڏهن غريب گندريءَ تي، ڄام تماچيءَ پنهنجي شفقت جو هٿ ڌريو، تڏهن ئي هو ماٺهو بڻي.

ساڳيءَ ريت، هڪ طرف الله پاڪ جلشانهُو، جڏهن محمد مصطفيٰ صلعم جن کي پنهنجو منو محبوب بڻايو، تڏهن ئي سارو جڳ سندن سلامي بڻيو. ٻئي طرف الله پاڪ جي وحدانيت ۽ ربوبيت، تڏهن ئي جڳ ۾ جلوه گر ٿي، جڏهن آنحضرت صلعم جن، وحدانيت ۽ ربوبيت جي راهہ ۾، جڳ جي رهبري ڪئي. ارشاد ٿئي ٿو تہ:

نوريءَ جي نوازئو، ٿيو تماچي تي،
گاڏي چاڙهي گندري، ماڙهو ڪئو مي،
ڪنجهر چوندا ڪي، تہ سچ سيائي ڳالهڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪمتر سمجهي ٿو ۽ انهن کي ڪمتر ڏسڻ چاهي ٿو. تنهنڪري هو ٻين انسانن کي چپي ۽ چيڀاٽي ٿو. قرآن ڪريم ۾ جيترو تڪبر کي ڌڪاريو ويو آهي، اوترو ٻي ڪنهن بدخصلت کي نه ڌڪاريو ويو آهي. فرمان الاهي آهي: "الله تعاليٰ ڪنهن به آڪڙ باز هٺيلي کي پسند نٿو ڪري". ٻيءَ جاءِ تي انسان کي غرور کان بچڻ لاءِ جهٽڪيندي فرمايو ويو آهي: "زمين تي آڪڙجي نه هل - ائين ڪرڻ سان نڪو تون ايڏو طاقت ور ٿي پوندين، جو تنهنجن پيرن جي زور سان زمين ۾ ڪڏا پئجي ويندا ۽ نڪي تنهنجو قد وڌي وڃي جبلن کي پهچندو" يعني تون اهو پنجن فوٽن جو عاجز انسان رهندين پوءِ آڪڙ ڇا جي؟ ٻئي طرف قرآن ڪريم جي سوره الفرقان ۾ الله جي نيڪ بندن جون جيڪي وصفون بيان ڪيون ويون آهن، تن ۾ سڀ کان پهرين نياز ۽ نوڙت کي ساراهيندي فرمايو ويو آهي: "رحمان جا ٻانها اُهي آهن، جيڪي زمين تي عاجزيءَ ۽ نوڙت سان ٿا هلن". متڪبر ۽ مغرور ماڻهو خلق توڙي خالق ٻنهي کي ناپسند آهي، مگر نيازمند ۽ خاڪسار انسان خدا توڙي خلق جو محبوب ٿو ليکجي. تنهنڪري حضرت ڀٽ ڌڻي پنهنجي رسالي ۾ نياز ۽ نوڙت جي زوردار تلقين ڪئي آهي. بلڪ صحيح معنيٰ ۾ ڏٺو وڃي ته محبت ۽ نوڙت ڀٽ ڌڻي جي رسالي جي تاڃي پيٽي جي حيثيت ٿيون رکن. سارو رسالو هڪ طرف محبت جي موتين سان معمور آهي ته ٻئي طرف عاجزيءَ جو آواز ۽ ٻانهن جي ٻولي آهي. ڀٽائيءَ ڪٿي پنهل پرچائڻ لاءِ سسئيءَ جي روپ ۾ صدائون هنيون آهن، ڪٿي راڻو ريجهائڻ لاءِ مومل ٻنجي مهر مڱي اٿس، ڪٿي سمي ڄام کي سرچائڻ لاءِ نوري ٻنجي نياز ڪيو اٿس، ڪٿي ميهار سان پريت جو پيچ پائڻ لاءِ سهڻي ٻنجي صدائون هيون اٿس، ته ڪٿي چنيسر ڄام جي چت راضي ڪرڻ لاءِ ليلا ٻنجي ليلائيون ڪيون اٿس.

عام طرح ماڻهو تيل قليل، ڦٽي ڦوڪارا ڪري سمجهي ٿو ته "هم چو ماديگري نيست" مگر جڏهن هو وڏائي ٿو ڪري ته ڄڻ خدا

جي ڏمر کي دعوت ٿو ڏئي، مالڪ اهڙي ٻانهي کان منهن موڙيو وجهي.

ان حقيقت جو اظهار ڪندي ڀٽ ڌڻي سر ليلان چنيسر ۾ فرمائي ٿو:

سونا ڪَر ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هار،
ٻانهوتا ٻانهن ۾، سينڌ سٽيا وار،
تيلاهه پيئي پچار، ڪانڌ منهنجي ڇڏيي.

ٻئي طرف ٻانهي جو اخلاص ۽ نياز رب کي ڏاڍو وڻي ٿو. بندو جڏهن عاجزي اختيار ڪري، ٻانهپ جي ٻولي ٿو ٻولي ته اهڙي ايري ۽ اٻالي انسان تي مالڪ مهربان ٿيو پوي ۽ مٿس عنايتن جا انبار ٿيو وڃن. بقول ڀٽ ڌڻي:

نڪي ٻانهڙين ۾، نڪي ڳر هئوم،
نه مون سينڌ نه سرمون، نه سينگار ڪيوم،
تيلاهه ڪانڌ سندوم، رُکوئي رءِ ڳڙي.

انسان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن حيلن وسيلن، عقلمندي ۽ حرفت بازي تي ٻانور ڪري سمجهي ٿو ته مون جهڙو ذهين، فطين ۽ صاحب ڪمال ٻيو ڪير هوندو! انهيءَ تصور سان هو پنهنجي مالڪ کي ناراض ڪريو وجهي، مگر جڏهن هو سمجهي ٿو ته مون وٽ ڪجهه به ڪينهي. جيڪڏهن مالڪ پنهنجو ڪرم نه ڪري ته منهنجون سڀ تجويزون ۽ تدبيرون بيسود آهن. انهيءَ سوچ واري انسان تي مالڪ مهر جي نظر ڌري، ڪيس ڌهرا دان عطا ٿو ڪري. ڀٽ ڌڻي اها حقيقت بيان ڪندي فرمايو آهي:

الا! ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
ڀوريون ڀتارن سين، ڪليو ڪير پين،
مون سان مون پرين، ڀورائيءَ ۾ ڀال ڪيا.

ماڻهو نيڪي ڪري مغرور ٿئي، تنهن کان ته اهو گنهگار چڱو، جيڪو ڪوتاهين سبب قادر کان ڪنبندو رهي. لطيف فرمايو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھوريو سو سھاڳ، جنھن ۾ پسين پاڻ کي،
ڏوري لھــ ڏھاڳ، جنھن کر لاھو داسـڙو.

مالڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ ھرڪو حيلن ھلائڻ کان ڪونہ ٿو گھٽائي. سمي جي سھاڳ ماڻڻ لاءِ ھرڪا آسائتي آھي. ھر ڪو پنھنجي پر ۾ خوب عبادتون ڪري، پاڻ وٽائڻ لاءِ ھٿ پير ھٽي ٿو. مگر مالڪ صرف ۽ صرف انھيءَ کي پنھنجو ڪندو. جيڪو پنھنجو وجود وساري، نوڙت جي نڪ بنجي، داتا جي در تي وڃائجي ٿو وڃي:

سـيئي سـھـاڳڻـيـون، سـيـني ڳچيءَ ھار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سھسين ڪن سينگار،
ڊول تنين جي ڊار، ھيـنـاھيـون ھلن جي.

خدا جي ذات سان ڪنھن جي بہ حجت نٿي ھلي. سچي بندگيءَ جي تقاضا اھا آھي تہ انسان ڪتي ۽ ڪنبي، ڏڻي ۽ ڏري. جيڪو پنھنجي عمل تي ناز ٿو ڪري ۽ حجت ٿو ھلي، تنھن جو نتيجو ھي ٿو نڪري:

چٽي چنيـسـر ڄام سين، ليـلا! لڪاءِ م تون،
اي ڪانڌ ڪنھن جو نہ ٿئي، نڪا مون نہ تون،
رُنديون ڏٺـيـون مـون، ان در مـٽي دادليـون.

٢) دنيا جي چمڪ تي ماڻھوءَ جو موھجڻ.

دنيا جو ڪارخانو اھڙين خطرناڪ، مگر بظاھر چمڪدار شين سان ڀريو پيو آھي، جن کي مرغوبات نفس چئجي ٿو. انسان، جڏھن انھن شين جي ظاھري رنگ ۽ رونق تي مـوھجي، حق ۽ ھدايت جي واٽ ڇڏيو ڏئي، تڏھن ھو، درحقيقت تمام گھاٽي جي سودي ۾ گرفتار ٿو ٿئي. پٽ ڏٺي اھڙن انسانن لاءِ ڀٽائي ھنڌ چيو آھي:

ڦـريا پسي ڦـيڻ، ڪـرين ڪـيـر نہ چڪيـو،
دنيـــا ڪارڻ دين، وڃائي ولھـــا ٿـــيـــا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خود قرآن انهن جي ڪيفيت بيان ڪري ٿو تہ اُهي ڄاڻي ٻجهي حق کان منهن ڇو ٿا موڙين، فرمائي ٿو. يعني "چند سڪن ڪمائڻ خاطر اهو ٻڏو ڪم ڪن ٿا". پٽ ڏٺي سر ليلان چنيسر ۾ ان مڪريلي مايا جي ڦند ڦير کان با خبر ڪندي فرمائي ٿو:

مٽيو ناهہ مٽيون، جو تون پسي هار هر ڪئين،
اصل آهي اڳهين، سندو ڪوڙ ڪٽيـــــــــــون،
ان گهوڙن هئين گهٽيون، دوستان دور ڪيون.

شيطان ۽ خود انسان جو پنهنجي نفس، ماڻهوءَ کي ترغيب ٿو ڏئي تہ دنيا جي پر ڪشش ۽ چمڪدار لذتن کي حاصل ڪري وٺ. ماڻهو جڏهن انهن چٽن تي چريو ٿي،"ترڪيو ڪريو پوي تہ پوءِ پڇتائي ٿو تہ هاءِ هي ڪهڙو هاڃو ٿيو، جو مون کي نفس نهوڙي وڌو، خسيس شيءِ جي عيوض وڏي وٿ وڃايم. پٽ ڏٺي ليلا جي واتان چورائي ٿو:

مـٽـئي تي جي هئـا، تن چٽن ڦـيـريم چت،
هار ڪـتـينديس هوڏ ۾، نيـبـہ تـيندم نت،
ڪونروءَ جو ڪرت، مونهان متانهون ٿيو.

عام طرح انسان، زيب زينت خاطر، ناجائز طريقن سان مال ميڙي آسودو ٿيڻ ٿو چاهي. مگر جڏهن ان مال جي عيوض مالڪ جي ذمر جو مستحق ٿو بڻجي، تڏهن ڏاڍو پڇتائي ٿو ۽ ان مال کي پنهنجي لاءِ وبال تصور ٿو ڪري. لطيف انهيءَ حقيقت جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو:

تو جو پـانيـو هار، سـو سـورن جو سگرو،
چنيـسـر چت ڪـٽي، تـيـو پورهيت جو پار،
اوڻت جو آچار، ڪانڌ ڪنهين سين م ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رب جي ذات ستار العيوب بہ آهي تہ غفار الذنوب بہ. هو اسان جي هزارين نالائقين هوندي بہ اسان کي نوازي ٿو ۽ اسان جا ڏک ڏکي ٿو. سندس انهيءَ نذر نوازيءَ جو ذڪر ڪندي ڀٽ ڌڻي چوي ٿو:

جي مون موڙهي مت، تہ تون پاڻ سڃاڻج سپرين،
اصل اواين جا تون عيب ڍڪين تو آت،
ايءَ پر تنهنجي پت، جڻن ولهيون ڍڪين ولها.

اسان جي لاءِ حاجت روائي ۽ مشڪل ڪشائيءَ جو در اهو ۽ فقط اهو آهي. جيئن حضرت امام اعظم پنهنجي دعا ۾ چيو آهي: "جيڪڏهن معاف ڪندين تہ تون ئي ان جو مجاز ۽ مختيار آهين پر جيڪڏهن تون ٺڪرائيندين تہ پوءِ ٻيو ڪهڙو در آهي، جتان منهنجي دستگيري ٿيندي؟" ساڳيءَ طرح ڀٽ ڌڻي ٻاڌائي ٿو تہ:

اوڳڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا،
جئن تو رسڻ سنديون روح ۾ تئن مون پيٽي ناه پتار،
سائينءَ لڳ ستار، ميٽ مدايون منهنجيون.

**٥) آخري اميد:**

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي "جيڏو الله تيڏو آسرو"

اسلامي عقيدي موجب انسان کي الله جي رحمت مان نا اُميد ٿيڻو ناهي. ڀلي ڪٿي چارئي پلئہ چڪ ۾ هجنس يا سندس گناہ پهاڙن کي پهتل هجن. مگر جڏهن هو پشيمان ٿي پنهنجي ڪئي تي پڇتائي ٿو ۽ اڳتي لاءِ سنئين واٽ وٺڻ جو پهہ پچائي، گذريل خطائن جي معافي طلبي ٿو تہ سباجهو سائين سندس مديون معاف فرمائي، مٿس مهر جا هٿ تو ذري. جيئن قران ڪريم ۾ آهي "لاتقنطور من رحمت الله - ان الله يغفر الذنوب جميعا" يعني "الله جي رحمت مان هرگز نا اُميد نہ ٿيو. بيشڪ الله سمورا گناهہ معاف فرمائيندڙ آهي. ڀٽ ڌڻي جڻ ساڳي آيت جو ترجمو ڪندي چوي ٿو:

جي ليـــلائي نـہ لهين، تـان پڻ ليـــلائيج،
آسـرم لاهيج، سـڄڻ ٻاجهـيندڙ گـهـٽـو.

ٻانهـو جڏهن پنهنجون سڀ وڃائون وساري، هيٺـائيءَ جا هٿ کٽي ٻاڌائي ٿو تہ مالڪ مٿس مهر جا هٿ ڌري، کيس پنهنجي قرب ۽ رضا سان نوازي ٿو، جڏهن راڻو مٿس راضي ٿو ٿئي. تہ پيٽ ڏٽي ان کي واڌايون ڏيندي چوي ٿو:

ليـــلان! لڄ م ايتــرو، اتي ســـور ٻهـــار،
ڍولو اڱڻ پار، ڪانڌ ڪمــيــٽيءَ آئيــو.

نـہ رڳو اڱڻ ٻهـار، بلڪ اهو ايڏو تـہ عظيم احـســان ۽ وڏو وڙ آهي، جو شڪر ادائي طور توکي مٿانئس نڇاور ٿي وڃڻ گهرجي:

ليـــلان لڄ م ايتـــرو، اتي اڱڻ ســـور،
ابو ڏاڏو گـهــور، پاڻ ســوڌو پرينءَ تان.

----------

# سر ليلا چنيسر ۾ ڊرامائي عنصر

عالمي ادب ۾ شيڪسپيئر کي جو ممتاز ۽ مٿاهون درجو مليل آهي، تنهنجو ڪارڻ سندس تخليق ڪيل اُهي ڊراما آهن جيڪي آزاد نظم ۾ لکيل آهن. شيڪسپيئر اُنهن ڊرامن ذريعي نہ صرف اُن وقت جي ماحول ۽ معاشري جي ترجماني ڪئي آهي پر اهڙا ڪردار بہ تخليق ڪيا اٿس جيڪي اڄ بہ زنده جاويد آهن ۽ شيڪسپيئر جي ادبي ساک ۾ اضافو آڻيندڙ ثابت ٿيا آهن.

سنڌ جي سدا حيات شاعر حضرت شاه عبداللطيف رحہ پڻ پنهنجي رسالي جي مختلف سرن ۾ سنڌي ساهت کي اهڙا ڪردار عطا ڪيا آهن، جيڪي (اسان جي) اڄ بہ هن خطي جي تاريخ ۾ امر بنيل آهن. جيتوڻيڪ شاهہ صاحب کو ڪهاڻي نويس جي حيثيت نٿو رکي ۽ نہ وري سندس مطمع نظر قصا گوئي آهي، تاهم تمثيلي طور تي، رسالي ۾ جيڪي قصا ۽ ڪهاڻيون بيان ڪيون اٿس، سي پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي ڪونہ ڪو پلاٽ ضرور رکن ٿيون. اهڙيءَ طرح چئي تہ شاهہ صاحب رسالي جي سرن کي بي ساختگيءَ جي عالم ۾ سنگيت ڊرامن جي صورت ڏئي ڇڏي آهي.

شاهہ صاحب جي رسالي جو هڪ پرڏيهي عالم ۽ محقق ڊاڪٽر ايڇ - ٽي سورلي پنهنجي شهره آفاق تصنيف شاه عبداللطيف آف ڀٽ ۾ لکي ٿو تہ: ”ڪڏهين ڪڏهين اهو طريقو وڌي

"Some times it would appear better, if the poems were arranged in the manner of the Classical Greek Drama-where the Soliloquies of the chief actor are answered by the

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

wise words of the "importial spectator" Such as occurs in the plays of Aeschylus, Sophocles, and Euripdes (1)".

بهتر ٿو لڳي تہ بيتن ڪي اهڙي نموني سان نظم ڪيو وڃي جو اُهي يونان جي ڪلاسيڪي ڊرامن جون سڪون لاهين. جن ۾ مکيہ ڪردار، جي پنهنجو پاڻ سان گفتگو جو هڪ بي ريا پسندڙن جي سياڻن سخنن ذريعي جواب ڏنل هجي. جهڙيءَ طرح يونان جي عظيم ڊرامي نگارن اسڪائيلس، سافو ڪليز ۽ يوريپيڊز جي ڊرامن ۾ نظر اچي ٿو".

ڊاڪٽر سورلي جي مٿئين حوالي سان اسان جيڪڏهن شاهہ صاحب جي رسالي جو مطالعو ڪنداسين تہ اسان کي رسالي جي اڪثر سرن ۾ ڊرامائي عنصر نمايان نظر ايندا. خصوصاً سر ليلا چنيسر جي مطالعي ڪان پوءِ اسان سولائيءَ سان هيءُ نتيجو قائم ڪري سگهون ٿا تہ حضرت شاهہ صاحب هن سر کي چڻ تہ تن ايڪٽن وارو سنگيت ڊراما ڪري جوڙيو آهي. جنهن ۾ هيٺيان ڊرامائي اجزاء واضح نظر اچن ٿا.

١- پلاٽ يا رٿا ٢- ڪردار ٣- مڪالما يا گفتگو ۴- مقصديت.

١- **ڪهاڻي**: شاهہ صاحب "ليلا چنيسر" جي مڪمل قصي کي پنهنجي سر ۾ سمائڻ ۽ سميٽڻ بدران، مقصد خاطر ڪهاڻيءَ جو فقط اُهو حصو کنيو آهي، جنهن ۾ ڊرامائي پهلو وڌيڪ نمايان آهن. شاهہ صاحب ڪهاڻيءَ جي وڏي حصي کي ڇڏيندي سر جي ابتدا ليلان جي هار تي هرکجي پنهنجي ڪانڌ چنيسر کي ڪاوڙائي هٿان وڃائڻ سان ڪري ٿو. جيئن پهرئين داستان ۾ نظر اچي ٿو تہ:

مٿبي تي موهجي، موڙهي! ڪيئہ مرڪ،
ڇڏي چنيسر چام سين، وڌو تو فرق،

1. SORLEY H.T. Dr. SHAH ABDUL LATIF OF BHIT". Oxford University Press. LONDON 1940- Page No. 250.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري وٺو ورق، آيُئـــــــــــــم ڏنءُ ڏهاڳ جو!.

ليلا پنهنجي گيرب ۽ گاءَ سبب ڪئونرو جو هار قبولي جڏهن چنيسر ڄام کي مٽبي تي متيو ۽ کيس ڏهاڳ جو ڏنءُ نصيب ٿيو، تڏهن منجهس پڇتاءُ ۽ ڪئي تي افسوس جو جيڪو جذبو پيدا ٿئي ٿو تنهن کي لطيف سائينءَ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

مــٽــيــون وجهــان مچ ۾، هائي هٿــان هار،
پــري جي پــتــار، تہ مــيــريائي مــان لهــان.

ڊرامي ۾ ڪهاڻيءَ جي ڪاميابيءَ جو سهرو ٻن خاص عنصرن تي هوندو آهي جي آهن ١- ڪشمڪش ۽ ٢- انتظار. حضرت شاهہ صاحب انهن ٻنهي عنصرن کي هن سر ۾ اُتم درجي تائين اُڀاريو آهي. ڪهاڻيءَ جي ٻن مکيہ ڪردارن ڪئونروءَ ۽ ليلا جي وچ ۾ هار جي عيوض چنيسر سان هڪ رات جي رهاڻ لاءِ ڪشمڪش سان جيڪو تاثر اُڀريو آهي، سوئي ڪهاڻيءَ کي ڪاميابيءَ جي ڪڙيءَ تائين پهچائڻ ۾ واهر ڪري ٿو. انهيءَ ڪشمڪش ۾ جيتوڻيڪ ليلان شڪست کائي ٿي ۽ ظاهري طرح ڪئونرو ڪامياب ٿئي ٿي جيئن ڀتائي گهوٽ ليلا جي زباني اعتراف ڪرايو آهي تہ:

ڪئونروءَ جو ڪرت، مونهــا مـتـاهون ٿـيـو
يا
چنيــــســــر چت ڪـٽـي، ٿـيـــو پورهيت پار

پر ساڳئي وقت ليلان جي باطن کي ان صدمي کان پوءِ سَجاڳ ڏيکاريو اٿس ۽ هوءَ برملا چئي ٿي ڏئي تہ:

گــهـورئو ســو ســهــاڳ، جنہ ۾ پسين پاڻ کي!
ڏوري لَهُ ڏهاڳ، جہ ڪر لاهر داســـــــــــڙو.

ڪهاڻيءَ ۾ شاهہ صاحب ڪشمڪش کان پوءِ انتظار جي ڪيفيت کي ٻڻ خوب چٽيو آهي. ليلان کي جڏهن جدائيءَ جو داغ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دامنگير ٿئي ٿو ۽ هو ڪرهو ڪاهي چنيسر جي حويليءَ جي آڳهہ ۾ اچي محبوب جي ميڙائي لاءِ واجهہ وجهي ٿي ۽ آخري گهڙيءَ تائين ڪارون پڪارون ڪندي نا اُميد ٿي موٽي مائٽاڻي ديس وڃي ٿي، اُن وقت پڙهندڙ تي جيڪا انتظار جي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي، تنهن پڻ ڪهاڻيءَ کي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪيو آهي. ليلان جي زباني انتظار ۽ بيچينيءَ جي اُن ڪيفيت کي شاهہ صاحب هنن لفظن ۾ چٽيو آهي.

تان! ڪا وائي وار، دلاسي جي داسڙا!
تون منهنجو ولهو، آئون تو ۾ طمعدار،
ڏکي ڏول! گذار، لڄ مهجي لوڪ ۾.

آخر ليلا جون ليلاڻيون چنيسر جي چت کي چورين ٿيون. هو محبوب جون منٿون مڃي، مدايون ميٽي، ولهين جو واهر ۽ اڙين جو آڌر ٿي موٽي سپرين جي سٽ ۾ محبوبن سان اچي ميلو ڪري ٿو. جيئن شاه صاحب فرمايو آهي.

ليلا! لڄ م ايترو، اَٿي سور پهار،
ڏولو اگڻ پار، ڪانڌ ڪميڻيءَ آئيو.

مجموعي طرح ڪهاڻيءَ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهچون ٿا تہ حضرت شاه صاحب سنڌ جي هن رومانوي قصي کي پنهنجيءَ پر ۾ تمثيلي طور اهڙيءَ طرح چٽيو آهي جو فقط بيتن کي اڳي پوءِ بيهارڻ سان، اهڙي سنگيت ڊرامي جي تشڪيل ڪري سگهجي ٿي؛ جيڪو مٿي بيان ڪيل يونان جي عظيم ڊرامي نگارن يا شيڪسپيئر جي آزاد شاعريءَ ۾ لکيل ڊرامن سان مد مقابل ٿي سگهي ٿو.

**ليلا چنيسر سُر جا ڪردار:** پلاٽ يا رٿا کان پوءِ جي تشڪيل لاءِ ڪردارئي وڏي اهميت رکن ٿا. حضرت شاه صاحب هن سر ۾ ڪردارن جي چونڊ اهڙي نموني ڪئي آهي جو ڊرامي جي اُصولن موجب تورن ڪردارن سان رٿا کي ڪاميابيءَ جي ڪناري تائين پهچائي سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه صاحب سڄي سر ۾ فقط چار ڪردار ڪم آندا آهن. جي آهن: ١- چنيسر ٢- ليلان ٣- ڪئونرو ۴- جکرو وزير.

**چنيسر:** چنيسر کي لطيف سائينءَ ڪٿي راجا ته ڪٿي راءِ، ڪٿي سردار ته ڪٿي ڄام ڪري سڏيو آهي. ڪن هنڌن تي وري ليلان سان سڳ جي حوالي سبب پتار، ناڪر، ڪانڌ، ڍول ۽ داسڙو ڪري مخاطب ڪيو آهي. فرمائي ٿو.

راجا ريساٽو گهڻو، ستاٽو سردار

يا

چوڏس چنيسر ڄام جو، ڏيهان ڏيه ڏهڪار

يا

چنيسر پتار، حيلو ڪئو هار جو،

يا

چنيسر ڪانڌاءِ! تان مون هئن نه پائيو.

ليلان: شاه صاحب ليلان کي سهاڳڻ، سوڀي، منڌ ۽ وڏيري ڪري سڏيو آهي. جڏهن ڪانئس غفلت وچان چنيسر کي مٽبي تي مٽڻ جو ڏو ڪم ٿو ٿئي ته پوءِ شاه صاحب ڪيس، ڏهاڳڻ، موڙهي، پوري، ولهي، مسڪين ۽ معذور ڪري مخاطب ڪيو آهي. فرمائي ٿو:

ڍولي ڍيلياس، تيس ڏهاڳڻ ڏيهه ۾!

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

مٽبي تي موهجي، موڙهي! ڪيئي مرڪ.

---------

سارج سيئي، ليلان! لکڻ پنهنجا.

---------

ليلان حيلا ڇڏ، جي تون سوڀي! سڪين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪوُنرو:** شاهه صاحب ڪوُنروءَ کي پڻ مختلف روپن ۾ پيش ڪيو آهي. مثلاً جڏهن هوءَ ليلان وٽ گهرو ڪرت ڪرڻ لاءِ پانهي ٿي بيهي ٿي ۽ چنيسر جي سيج وڃائڻ جو ڪم حوالي ٿئيس ٿو، تڏهن شاهه صاحب ڪيس ”پورهيت“ ڪري مخاطب ٿيو آهي. ”چنيسر چت ڪٽي، ٿيو پورهيت جي پار“. وري جڏهن ڪوُنرو پنهنجي حرفت سان هار جي عيوض چنيسر کي هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي، تڏهن ليلان جي زباني سندس سچاڻپ هنن لفظن ۾ ڪرائي ٿو:

ڪوُنروءَ جو ڪرت، مونهان مٿانهون ٿيو،

يا

ڪوُنرو ڪانڌ سندوءِ، دست ڪئو داسڙو.

**جکرو:** سردار جکرو، چنيسر ڄام جو هوشيار ۽ عقلمند وڏو وزير هو. ڪوُنرو ۽ سندس ماءُ مرڪي، جڏهن چنيسر کي هٿ ڪرڻ لاءِ واجهه وڌا، تڏهين چنيسر کي ڳالهه مڃائڻ خاطر جکري سردار کي وچ وسيلو ڪري موڪلين ٿيون. هو ڪوُنروءَ کي قبولڻ لاءِ چنيسر وٽ ميڙون منٿون ٿو ڪري، پر چنيسر هن جي هڪ به نٿو مڃي. حضرت شاهه صاحب جکري وزير کي ڏيريدار يا ديري ڏٽي ۽ سردار ڪري سڏيو آهي. جکري جو تعارف هنن لفظن ۾ ڪرائي ٿو:

جر هارئو ٿي جکري، جڏهه رنو ڏيريدار،
ڊولي تڏهن ڊيلين، سوپي! ٿي نه سار،
چنيسر پتار، حيلو ڪئو هار جو.

**مڪالما يا گفتگو:** ڪنهن ڊرامي جي تشڪيل ۾ پلاٽ ۽ ڪردارن کان پوءِ مڪالمن يا گفتگوءَ کي وڏي اهميت حاصل هوندي آهي. حضرت شاهه صاحب سر ليلان چنيسر جي بيتن کي اهڙي انداز سان منظوم ڪيو آهي، جو اُهي ڊاڪٽر سورلي جي عين خيال موجب ڪردار جي پنهنجو پاڻ سان گفتگو جو بهترين مثال پيش ڪن ٿا. حضرت شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب اهڙي قسم جي مڪالمن ڪي رسالي جي ٻين سرن ۾ پڻ سمايو آهي. مثلاً ”سر سهڻيءَ“ ۾، مکيه ڪردار سهڻيءَ جي هڪ سياڻي صلاحڪار سان گفتگوءَ کي نصيحت آموز انداز ۾ هن طرح پيش ڪيو اٿس.

صلاحڪار:

متان گهڙين سهڻي! اڄ درياه ۾ دم،
ڪاري رات ڪُنن ۾، کهڙو اٿئي ڪم،
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي وارين.

سهڻي ان سياڻپ ۽ ساڃاهه واري سخن جو جواب هن طرح تي ڏئي.

پڇي پاڙي واريون، ڪوه ڪريندو ڏم،
ڪاري رات ڪنن ۾، آه ڪاڻيارن ڪم،
هيءُ هڏو ۽ چم، گهورئو محب ميهار تان.

سر ليلان چنيسر ۾ پڻ مڪالمن يا گفتگو جو اهو انداز گهڻن هنڌن تي نظر اچي ٿو. مثلاً: ليلا جڏهين ڪؤنروءَ وٽ نو لکو هار ڏسي هرڪجي وڃي ٿي، تڏهين شاه صاحب هڪ ”بي ريا پسندڙ“ جي واتان ليلا کي هنن لفظن ۾ هدايت ڪري فرمائي ٿو:-

مٺيي متي موهجي هاري! ڳيڙءِ هار،
ڪوڙين ڪئا ڪيترا، انهين خر خوار،
پري ويو ڀتار، آيئه ڏنءُ ڏهاڳ جو!

ليلان جواب ۾ هار تي هرڪجڻ جو سبب ۽ ڪؤنروءَ جي چالاڪ طبع جو ذڪر هيئن تي ڪري:-

مٺيي متي جي هئا، تن چتن ڦيريم چت،
هار ڪتنديس هوڏ ۾، نيبهه تن ۾ نت،
ڪؤنروءَ جو ڪرت، مونهان متاهون ٿئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**مقصديت:** سر ليلان چنيسر جي مجموعي طرح مطالعي کان پوءِ، اسان هن نتيجي تي ٿا پهچون تہ حضرت شاه صاحب هن سر جي معرفت ڪيترائي روحاني راز ۽ رموز عيان ڪيا آهن. سندس مقصد آهي تہ انســـان، الله پاڪ جي هڪ حـــسين تخليق آهي، جنهن تي خالق ڪائنات کي ناز آهي. هو چاهي تـو تہ تخليق ڪيل انسان سندس آڏو نيـاز ۽ نوڙت ســان هلي، پر جيـڪـڏهن اها تخليق، پنهنجي خالق جي فرمانبردار نٿي رهي ۽ دنياوي لوڀ ۽ لالچ جو شڪار ٿي ان کي وساري ٿي ويهي تہ پوءِ خالق بہ ان تخليق کان منهن موڙي ٿو وڃي. ان صورت ۾ هزارين حيلن ســان بہ هو نٿو پرچي. هتي چنيـسر مـان مـراد خالق ڪائنات جي آهي ۽ ليلان هڪ اهڙو انسان آهي جيڪو پنهنجي گيرب ۽ گاءَ سبب، خالق جي پيار کان محروم ٿيو، نفرتن جو مرڪز بنجيو وڃي، آخر نياز ۽ نوڙت، نماڻائي ۽ سادگي، ليلائڻ ۽ ليلاتڻ کان پوءِ هو پنهنجي رب کي ريجهـائڻ ۽ ور جي وصل کي وري حـاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪميٽي
جي ڇيپايل سالگره مخزن ۾
موضوع وار مضمونن جو
# انتخاب
# شاه جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخدوم امير احمد

# شاهہ جي ڪلامہ ۾ توحيد ۽ رسالت جي اپٽار

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح اسلام جو هڪ وڏو دائي، دين جو نقيب ۽ مذهب جو بي غرض مبلغ آهي. سندس سامهون جيڪو نصب العين آهي، اهو هيءُ تہ خالق ۽ مخلوق جي وچ واري ٽٽل رشتي يا تعلق کي جوڙي، وڇڙيل ٻانهي کي پنهنجي حقيقي محبوب يا مالڪ سان ملائي ڇڏي. شاهہ صاحب جي مشن کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ اسان پڙهندڙن کي سفارش ڪريون ٿا تہ هو انهيءَ وقت جي تاريخ کي ضرور نظر مان ڪڍن، ۽ شهنشاهہ اورنگزيب جي هن دنيا کي ڇڏڻ کان پوءِ مغلن جي سلطنت جي ڪمزوري، سنڌ ۾ افراتفري، ڪلهوڙن ۽ ٻين سنڌ جي رهاڪن جون جنگيون، الله وارن جا ڪوس، نادر شاهہ جي ڦر لٽ ۽ احمد شاهہ ابداليءَ جي چڙهائي وغيره واريون سڀ حالتون سامهون رکي، پوءِ شاهہ صاحب جي ڪلام جو مطالعو فرمائين تہ يقين اٿم تہ شاهہ صاحب جي شعر جي اصل حقيقت آئيني وانگر اچي سامهون بيهندي.

شاهہ ڀٽائي رح جي ڏينهن ۾ سنڌ جي بعينہ اها حالت هئي جيڪا ٻنهي جهانن جي سردار، محبوب مدني، محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جي ڏينهن ۾ عرب ملڪ جي هئي. اهيئي غير يقيني حالتون، اها ئي بدامني، اهوئي ظلم، زوري ۽ زبردستي، اهائي خانہ جنگي وغيره. يقيناً ڀٽائي صاحب انهن حالتن کان متاثر ٿيو هوندو، ۽ سندس روشن ذهن ۽ فڪر رسا حقيقت کي پروڙي ورتو تہ هنن حالتن کي بہ اهوئي ڪيميا جو نسخو اثر ڪري سگهندو، جنهن آنحضرت صلعم جي زماني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ عـرب قـوم جي ذريعي سـاري دنيـا جي ڪايا پلٽي ڇڏي هئي. اهو ڪيميا جو نـسخو آهي ”قرآن حڪيم“. پر وري هي مشڪل سامهون آيو تـه ”زبان يا من ترڪي و من ترڪي نـمي دانم“. يعني قرآن حڪيم جي زبان عربي ۽ سنڌي عوام عربي زبان کان غيرواقف. انهيءَ مشڪل کي حل ڪرڻ لاءِ شـاهـ صاحب وري مولانا جلال الدين رومي رحـ جي رهنمائي قبول ڪري ”خوشتر آن باشد کـه سر دلبران، گفتـه آيد در حديثِ ديگران“ واري زرين اصول تي عمل ڪري ڏنو ۽ قرآن پاڪ جو پيغام سنڌ جي عام طور مشهور قصن ڪهاڻين، جهڙوڪ سسئي پنهون، سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچيءَ وغيره جي لباس ۾ قرآن پاڪ جو پيغام پهچائڻ شروع ڪري ڏنو. ان سان گڏ ٻڌندڙن کي بـه خبردار ڪيائين تـه ”بيت م ڀانئيو ماڻهئا، اهي آيتون آهين“. نتيجو توهان اسان سڀني جي سامهون آهي. هڪ مولوي صاحب ڪيڏو بـه آتش بيان يا شيرين زبان ڇو نـه هجي، پر سندس وعظ يا نصيحت ماڻهو هڪ ڪن کان ٻڌي، ٻئي ڪن کان ڪڍي ڦٽي ڪن ٿا. پر شاهـ صاحب جي ڪلام کي هرهڪ سنڌي، پڙهيل توڙي جاهل، شهري يا ديهاتي، جديد تهذيب جو دلدادو هجي يا قديم تهذيب جو علمبردار، مسلمان هجي يا غير مسلم، پنهنجي دل جي گهراين ۾ جاءِ ڏئي ٿو. شاهـ جي بيتن جا سوين مصرع ضرب المثل بنجي چڪا آهن ۽ سنڌ جي ٻار ٻار جي زبان تي آهن.

هن مختصر تمهيد کان پوءِ اسان پنهنجي اصل مقصد تي اچون ٿا. مون خدا جي فضل سان شاهـ جو رسالو اول کان آخر تائين نـه فقط پڙهيو آهي، پر غور سان پڙهيو ۽ انهيءَ جو اردو ترجمو پڻ ڪيو آهي، تتهنڪري عليٰ وجه البصير يعني پوري غور و خوض کان پوءِ هن راءِ تي پهتو آهيان تـه شاهـ صاحب جي رسالي جو پهريون سر ڪلياڻ، رسالي ۾ متن جي حيثيت رکي ٿو ۽ باقي سڄو رسالو سندس تشريح ۽ توضيح آهي. هن سُر ۾ شـاهـ صاحب اسلام جي نـهايت اهم ۽ بنيادي قدرن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توحيد ۽ رسالت جي اپٽار ڪئي آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي تہ ڪلمي پاڪ لا اله الا الله محمد الرسول الله جي وضاحت ۽ تشريح آهي. اسلام ۾ ڪلمي طيب کي اولين اهميت حاصل آهي. هيءُ ڪلمو اسلام جو منشور يا ميني فيسٽو آهي. هن ڪلمي جي چاڻ سان انسان ڪفر جي برادريءَ مان نڪري اسلام جي برادريءَ ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. هن ڪلمي ادا ڪرڻ سان هڪ غلط ڪار انسان جون سڀ غلطيون ۽ خطائون ميسار جي وڃن ٿيون ۽ سندس نالو خدائي جماعت "حزب الله" ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. ڪيس قرآن ڪريم جي اها خوشخبري ٻڌائي وڃي ٿي تہ "اِلا اِن حِزِبَ الله هُمُ الغالبون ۽ هُمُ المفلحون". يعني ڪن ڏئي ٻڌو تہ "الله جي جماعت جا ماڻهو ئي غالب آهن ۽ اهيئي ڪامياب آهن". ڪيس اها بہ دلداري ڏني وڃي ٿي تہ "ولا تهنو ولاتحزنوا و انتم الاعلون ان ڪنتم مؤمنين"، يعني اوهين نڪي سست ٿيو نڪي غمگين، توهين سربلند آهيو، بشرطيڪ توهان ايمان تي قائم هوندا".

اسلام جي سيني قدرن جهڙوڪ صدق، توڪل، رضا، صبر، تحمل، عزت النفس وغيره جو اصلي سرچشمو اهوئي ڪلمو پاڪ آهي. ڪلمي پاڪ جي انڪار کي اسلامي شريعت ۾ شرڪ چئبو آهي ۽ شرڪ اسلامي قانون موجب وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي. جيئن تہ قرآن ڪريم ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو: "اِن الله لاَ يَغفر اَن يشرڪ بہ وَ يَغفِرُ مادوُنِ ذالِڪ لِمَن يَشاءُ". انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ الله شرڪ جو ڏوهہ نہ بخشيندو، باقي انهيءَ کان سواءِ ٻيا ڏوهہ، جنهن کي گهرندو تنهن کي بخشيندو. شاهہ صاحب اسلام جي سڀ کان اهم قدر توحيد جي اپٽار اِجهو هنن لفظن ۾ ٿو فرمائي:

اول الله عليم اعليٰ، عالم جو ڌڻي،
. قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهہ قديم،
والي واحد وحدہ، رازق رب رحيم،
سو ساراہ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي شاهہ صاحب جي رسالي جو پهريون بيت آهي. جيڪڏهن رسالي کي غور سان پڙهبو تہ پتائي صاحب توحيد جي مختلف پهلوئن تي پنهنجي مخصوص انداز ۾ جابجا روشني وجهندو رهيو آهي. شاهہ صاحب ٻڌائي ٿو تہ اسان جو پروردگار جنهن تي اسان ايمان آڻيون، سندس ٻانهپ جو اقرار ڪيو آهي، سو نهايت رحيم ۽ ٻاجهارو آهي، سندس ٻاجهہ ۽ مهربانيءَ جي ڪا حد ڪانهي:

١- الله جيئن ناٿوءِ، تيئن مون وڏو آسرو،
خالق تنهنجي ڪاند جو، پرو پاند نہ ڪوءِ،
نالو رب سندوءِ، رهيو آهہ روح ۾.
٢- جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ اوڏيائي مڱان،
ريءَ ٽنيين ريءَ ٽوٽئين، تون ڇپر تون ڇانءُ،
ڪچاڙو ڪهانءُ، توکي معلوم سڀ ڪا.
٣- ڏمرجي تہ بہ ڏي، پرچي تہ پاٽ پري،
جُنگ جکري ڪي، ٻئي چڱايون چت ۾!

پر ساڳئي وقت شاهہ صاحب خبردار بہ ڪري ٿو تہ متان پنهنجي پروردگار جي رحم ۽ ڪرم کي ڏسي مغرور ٿيو آهين. ڇاڪاڻ تہ هڪ طرف جيڪڏهن سندس نالو رحمان ۽ رحيم آهي تہ ٻئي طرف وري قهار ۽ جبار بہ آهي. متان هن دربار ۾ گستاخي ڪري هميشه لاءِ ڌڪجي وڃين. هن در تي هميشه نياز ۽ نئڙت قبول پوندا آهن. گيرب ۽ گاءَ جي هتي ڪابہ گنجائش نہ آهي:

١- مٽيو وجهان مچ ۾، هائيءَ هٽي هار،
صبح سک سيد چئي، ڪرئين ڪوهہ قرار،
راجا ريساٽو گهٽو، ستاٽو سردار،
چوڏس چنيسر چام جو، ڏيهان ڏيهہ ڏهڪار،
ناڪر اکئين نار، مٽئين تي ٽي مَتيئي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢- ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون اُبوجهن جون، سپڙ ڇام سهي،
جــــــــو راءِ وٺ رات رهـــــــــي،
تنهـــ جُکي، جان کيستـــان نہ ٿـــئي.

شاهہ صاحب اهو ٻڌايو آهي تہ توحيد جو عقيدو انسان جي فطرت جي تقاضا آهي. پنهنجي پروردگار کي- جوئي انسان جو حقيقي محبوب ۽ مطلوب آهي- تنهن کي ڳولي لهڻ لاءِ انساني فطرت هميشه بيقرار رهندي آهي. فرمائي ٿو:

١- نکا کن فيکون هئي، نکو لڳ لحم،
بنيــــــــو هو نہ ٻت ۾، اجان کي آدم،
مون توهين سين سڱ، اها ساڃاهہ سپرين.

٢- "الست بربکم" جڏهن کن پيـــوم،
"قـالوا بلىٰ" قلب سين، تڏهن تت چيــوم،
تهين وير کيــوم، وچن ويڙهيــچن ســان.

٣- سنهيءَ سڱيءَ سبيو، مون ماروءَ سين ساهہ،
ويٺي ساريان سومرا، ڳولاڙا ۽ ڳاهہ،
هنيون منهنجو هُت تيو، هت مٽي ۽ ماهہ،
پکن منجهہ پساهہ، قالب آهيم ڪوٽ ۾.

انهن ۽ انهيءَ قسم جي ٻين بيتن ۾ شاهہ صاحب قرآن پاڪ جي انهيءَ آيت "و اذاخذربک من بني آدم من ظهورهم ذريتهم و اشهد هم علىٰ انفسهم الست بربکم قالوا بلىٰ شهدنا ان تقولوا يوم القيمه انا کنا عن هٰذ غافلين" جو پيغام پهچائي رهيو آهي.

هن سلسلي ۾ شاهہ صاحب اهو بہ ظاهر کيو آهي تہ انسان کو فطري گنهگار ناهي بلک فطرتاً معصوم ۽ گناهن کان پاک آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مومن دنيا جي گندي ماحول ۾ اچي پنهنجي اصليت وساري ڇڏي ٿو. انسان کي گهرجي تہ هو هر حالت ۾ پنهنجي اصل حالت نہ وساري ۽ گندي ماحول ۾ بہ دامن گناهن کان پاڪ رکندو اچي، متان پنهنجي حقيقي محبوب ۽ مالڪ اڳيان کيس شرمندو ٿيڻو پوي. ارشاد ٿئي ٿو:

١- سونهن وڃايم سومرا، ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهہ حسن ريءَ.
٢- سونهن وڃايم سومرا، هتي اچي هاڻ،
ڪيئن لهنديم ڪاڻ، حسن مون هت ويو.

اهڙيءَ طرح شاهہ صاحب رب پاڪ جي هڪ هڪ ڳڻ جي پنهنجي رسالي ۾ اپٽار ڪئي آهي. اسين طوالت جي خوف کان "مشتي نمونہ خروار" (يعني خرار جي جنس ڏسڻ لاءِ هڪ لپ ڪافي آهي) تي اڪتفا ڪريون ٿا. وڌيڪ لاءِ شاهہ جي رسالي جو مطالعو ضروري آهي.

ڪلمي پاڪ جي ٻئي جزي يعني محمد رسول الله بابت بہ شاهہ صاحب پنهنجي رسالي ۾ گهڻوئي ڪجهہ فرمايو آهي. مثلاً:

١- جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهين جوڙيائين،
خاوند خاص خلقي، محمد مڪائين،
"انا مولاڪ و انت محبوبي" ائين اتائين،
ڏِکي ڏنائين، ٻئي سرائون سيد کي.
٢- جڪري جهڙو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهن ۾،
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
"فڪان قاب قوسين او ادنيٰ" ميسر تيس مڪان،
اي آگي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم ههڙو.
٣- جڪرو جس ڪرو، پيا مڙيئي مير،
جيان ٿي جڙيو جڪرو، تئان نہ پڙيا پير،
متي هن خمير، اصل هئي ايتري.

هن بيت جي پوئين سٽ قابل ذڪر آهي. شاهه صاحب رسول ڪريم صلعم جي تعريف جو درياءُ ڪوزي ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. افسوس جو مضمون جي تنگي تفصيل جي اجازت نٿي ڏئي نه ته ڏيکاريون ها ته شاهه صاحب هن هڪ سٽ ۾ فصاحت، بلاغت ۽ شاعريءَ جو ڪيڏو نه ڪمال ڏيکاريو آهي. اها ۽ انهيءَ قسم جا ٻيا ڪيئي بيت شاهه صاحب کي ٻين شاعرن کان ممتاز ڪن ٿا.

آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن جي تعريف ۾ شاهه صاحب جو هيٺيون هڪ بيت ٻئي ٻين شاعرن جي دفترن کان زياده وزني آهي:

برو هو ٻنيور، آرياڻيءَ اجاريو،
چوريون چرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور،
اچي لاٿو لوڪ تان، هاڙهي ڏٺي هور،
آرياڻي اتور، جنهن ڏکيون ڏک وهاريون.

ڄاڻڻ وارا ڄاڻن ٿا ته هي بيت قرآن شريف جي حضور پاڪ جي باري ۾ ڪيل وصف جو نهايت حسين تفسير آهي.

شاهه صاحب جي نظر ۾ فقط زبان سان ڪلمو پاڪ پڙهڻ ڪافي نه آهي بلڪه "اقرار باالسان" يا زباني اقرار سان "تصديق بالقلب" يا دل سان مڃڻ به لازمي آهي، بلڪ دراصل اصلي شيءِ تصديق قلبي آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو زبان سان ڪلمو شريف پڙهي ٿو پر سندس دل مطمئن ناهي ۽ دل. دغا ۽ فريب سان ڀرپور آهي ته انهيءَ کي ڪلمو پڙهڻ مان ڪوبه فائدو ناهي.

١- ان پر نه ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪونائيين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر ۾ آذر آهيين.
٢- منهن تہ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث، ڪڏي ڪوهه نه ڇڏيين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلمي پاڪ يعني توحيد ۽ رسالت جي اقرار جون ڪهڙيون تقاضائون آهن ۽ هڪ مسلمان تي ڪهڙا فرض عائد ٿين ٿا. شاهه صاحب انهيءَ ڪان به ٻڌندڙن کي آگاهه ٿو ڪري، پهرين ڳالهه ته ڪلمي گو مسلمان کي ڪڏهن به پنهنجو سر غير خدا وٽ نائڻو ناهي. ارشاد آهي:

وحده "لاشريڪ لهُ" جان ٿو چئين ايئن،
تان مڄ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن،
سو تون وڃيو ڪيئن، نائيين ڪنڌ ٻين کي.

ٻي ڳالهه ته ڪلمي پڙهندڙ کي الله ۽ رسول جي هر فرمان کي اکين تي رکي ان تي عمل ڪرڻو آهي:

وحده "لاشريڪ لهُ"، چئي چوندو آءُ،
فرض واجب سنتون، تنئون ترڪ م پاءِ،
توبه سندي تسبيح، پڙهڻ ساڻ پڇاءِ،
نگا پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راهه سونهاءِ،
پريان سندي ڳالهڙي، هيءَ هيين سين لاءِ،
ته سندي دوزخ باهه، تو اوڏيائي نه اچي.

هن ۾ هن آيت ڏي اشارو آهي ته "ان الذين آمنو و عملو الصالحات ڪانت لهم جنت الفردوس نزلاً فيها". جنهن مان ظاهر آهي ته ايمان سان گڏ عمل صالح به ضروري آهي.

رسول پاڪ جي اصحابي حضرت وهب بن حنبه ڪان ڪنهن ماڻهوءَ سوال ڪيو ته جڏهن پاڻ سونهارن جو ارشاد آهي ته "لا اله الاالله جنت جي ڪنجي آهي ته پوءِ عملن جي ڪهڙي ضرورت؟" اصحابي سڳوري وراڻيو ته "ميان! جيڪڏهن ڪنجيءَ کي ڏندا هوندائي ڪونه ته اها ڪلف ڪيئن لاهيندي؟ ائين سمجهه ته ڪلمو شريف جنت جي ڪنجي آهي ۽ عمل صالح انهيءَ ڪنجيءَ جا ڏندا آهن."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه صاحب تاڪيد ٿو فرمائي تہ هيءَ دنيا دارالعمل آهي. جيڪي ڪجهہ ڪرڻو آهي اهو اتيئي ڪرڻو آهي نہ تہ سڀاڻي يعني قيامت ڏينهن سواءِ پشيماني ٻيو ڪجھہ بہ نہ ورندو.

١- هيءَ هَڏَ وهاڻي تون، ڪڙهہ ڪالهوڻي ڏينهن کي،
اتي اور ارت سين، ويـهـــــــــم ويـهاڻـي،
تہ صراف سڀاڻي، موتائي هٽئي نہ منهن ۾.
٢- هيءَ هڏ وهاڻي، جان ڪتين تان ڪت،
ڪو پنهنجي عيد کي، پيري ڪج پرت،
متان روئين رت، سيان وچ سرتئين.
٣- ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين، ستي ساهيين هڏ،
سيان ايندءِ اوچتي، عيد اگهاڙن گڏ،
جت سرتيون ڪندئي سڏ، ات سڪندينءَ سينگار کي.

شاهہ صاحب هيءَ بہ تنبيهہ ٿو ڪري تہ عمل صالح بہ تڏهن قبول پوندا جڏهن اهي اخلاص ۽ سچيءَ نيت سان ڪيا ويندا:

١- چاوت پائي چت ۾، سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، دڪو داخل نہ ڪيو.
٢- محبت پائي من ۾، رنڍا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.

شاهہ صاحب ڀٽائي رح جو ڪلام هڪ اٿاهہ سمنڊ آهي جنهن ۾ جيترايون ٽٻيون هڻبيون، اوترو ئي هيرن ۽ جواهرن سان دامن پربي رهندي. قصو مختصر تہ شاهہ صاحب وچڙيل انسان کي ورائي وٿاڻ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ حضرت انسان الله جو نائب ۽ نمائندو آهي. سندس مشن اها آهي تہ خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ جيڪو رشتو آهي تنهن کي ڇڃڻ کان بچائي قائم رکجي. ائين نہ ٿئي تہ ٻانهو دنيا جي لذتن ۽ عشرتن ۾ محو ٿي پاند پسائي ويهي رهي ۽ پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبوب حقيقيءَ کي منهن ڏيکارڻ جهڙو بہ نہ رهي. هن مقصد لاءِ شاهہ صاحب توحيد ۽ رسالت جي پرچار کي وڏي ۾ وڏي اهميت ڏني ٿو ۽ انهن کان سواءِ ٻيا جملي اسلامي اقدار انهيءَ جي چوڌاري ڦيرائيندو رهي ٿو.

آخر ۾ اسين پنهنجي هن مضمون کي شاهہ صاحب جي هڪ سوال ۽ انهيءَ جي جواب تي ختم ڪريون ٿا. شاهہ صاحب جو هڪ بيت آهي تہ:

مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
ايا ائين چون، مچڻ پاند پسائيين.

انهيءَ تي شاهہ صاحب سوال ڪري ٿو تہ:

پيو جو پاتار، سو ڪيئن پسڻ کان پالهو رهي،
سالڪ مون سيڪار، ڪو پهہ انهيءَ پاند جو.

هن سوال جو جواب شاهہ صاحب پاڻ ئي ڏئي ٿو تہ:

ڪر طريقت تڪيو، شريعت سڃاڻ،
هِيون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ڄاڻ،
هوءِ ثابوتي ساڻ، تہ پُسڻان پالهو رهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضياءُ الدين - ايس - بلبل

# شاهه جي ڪلام ۾ اسلامي قدر

اڄوڪيءَ صحبت ۾ اسان ڪي شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام جي گونا گون خوبين ۽ خاصيتن مان رڳو ان جي اسلامي قدرن جي اپٽار ڪرڻي آهي.

شاهه جي ڪلام جي هن خاص پرک وٺڻ لاءِ علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب محترم جي ترتيب ڏنل نسخي کي سامهون رکيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻين سيني نسخن کان اهو وڌيڪ تحقيق ڪيل ۽ ذهني ارتقاءَ يا اُپار جي اينهاڀ تي ٻيهاريل آهي. هي نسخو سنڌي ادبي بورڊ، حيدراباد، سال ١٩٦١ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو آهي ۽ آسانيءَ سان ملي سگهي ٿو. بقول محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان صاحب بلوچ، ”هن اشاعت ۾ شاهه جي مستند ڪلام جي سلسليوار سٽاءَ ۽ ترتيب کي خاص طرح مد نظر رکيو ويو آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان شاهه جي ڪلام جو هي پهريون مرتب ڪيل نسخو آهي، جنهن ۾ شاعر جي ذهن ۽ فڪر جي تدريجي ارتقا جو خاڪو نسبتاً صاف نظر اچي ٿو. تنهنڪري هن وزندار راءِ جي آڌار تي شـــاهه جي ڪلام جي جاچ پڙتال لاءِ هي خاص نسخو چونڊيو ويو آهي. ائين ڪرڻ سان اها ابتدائي الجهن بہ دور ٿيو وڃي تہ شاهه جي ڪلام ۾ ڪهڙو ڏاريو ڪلام گڏجي مسجي ويو آهي، ۽ ان کي ڪيئن چند ڇاڻ ڪري خارج ڪيو وڃي.

هر ڪنهن ملڪ کي ڪنهن اهم دور ۾ هڪ غيبي زبان عطا ڪئي ويندي آهي. جيئن جرمنيءَ ۾ گوئٽي جي حيثيت آهي، تيئن انگلنڊ ۾ شيڪسپيئر جي ۽ فارسيدانن لاءِ مولانا رومي آهي. هندستان ۾ امير خسرو چوٽيءَ جو شاعر هو ۽ ان جو روح روان هو. سنڌ لاءِ شاهه ڀٽائي ساڳيءَ طرح آهي. هو نہ رڳو اولين ۽ بهترين شاعر آهي پر مانُ سمجهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو تہ آخرين شاعر آهي جنهن جو مَٽ ۾ ثاني پيدا ڪونہ ٿيٺو آهي. بقول جناب اي. ڪي. بروهي، ”هن ائين ڳايو ۽ وڄايو جيئن ٻئي ڪنهن بہ نہ ڳايو وڄايو، ڇا هن ڪان اڳ ڇا هن ڪان پوءِ. انسان جي انهيءَ تڙپ ڪي جيڪا عالمگير حياتيءَ جي سڏ جو جواب هوندي آهي، هن ڪان وڌيڪ ۽ ابتڙ اثرائتي انداز ۾ ٻئي ڪنهن بہ هڪ ايمان واري ماڻهوءَ، تلاش حق واري ڪيفيت جو نقشو نہ چٽيو آهي“. وڌيڪ لکي ٿو تہ، ”هن نہ رڳو سنڌ جي روح جي گهرين تقاضائن ۽ تمنائن کي آواز بخشيو پر هو سنڌ جي قسمت ۽ تقدير جو ترجمان پڻ بنجي پيو“. جنهن ۾ هن رتيءَ ماتر بہ وڌاءُ نہ ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ سوڌو اسان شاهہ جي ڪلام جي بي پايان بحر مان ماڻڪ موتي لعل ڳولهيندي نٿا ڍاپجون.

ان ڪان پوءِ ڏسڻو آهي تہ اسلامي قدر ڪهڙي معنيٰ ۽ مفهوم رکن ٿا. جيئن تہ هي ٻٽو لفظ آهي تنهنڪري ان جي پهرين ڀاڱي جي ڇڪاس ونجي ٿي.

**اسلام:** اسلام منجهان مراد آهي دين فطرت جي. قرآن ڪريم فرمائي ٿو ”الله جي بناوت ۾ ڪڏهن بہ تبديلي نہ ٿي اچي سگهي. اهوئي سچو ۽ نيڪ دين آهي. پر اڪثر انسان اهڙا آهن جو هن حقيقت ڪان بيخبر آهن“ (٣٠-٢٩). سورة فاتحہ جي تفسير لکندي امام الهند مولانا ابو الڪلام آزاد بہ ”مالڪ يوم الدين“ جي شرح ڪندي دين کي فطرتي بدلي ۽ مڪافات جي مفهوم ۾ پيش ڪيو آهي ۽ ان کي ڪائنات هستي ۽ ان جي عام قوانين نظام ۽ ٻنڌڻ جي برابر ڪري بيهاريو آهي. ڪائنات هستيءَ جو عالمگير قانون هي آهي تہ هر حالت ۾ ڪوئي نہ ڪوئي اثر ۽ خاصيت موجود آهي ۽ انهن جو هڪڙو خاص لازمي نتيجو پڻ ٿئي ٿو. پنهنجي ڪتاب ”الدين يُسر“ ۾ مولانا جعفر شاهہ ندوي قلواروي لکي ٿو تہ: ”اسان جي زبان ۾ دين جو ترجمو عموماً مذهب ڪيو وڃي ٿو، حتيٰ ڪہ قرآن حڪيم جي متعدد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترجمن ۾ بہ دين جي لاءِ لفظ مذهب استعمال ڪيو ويو آهي. هي ترجمو نهايت ناقص ۽ محدود مفهوم جو حامل آهي، بلڪہ غلط نہ ٿيندو جيڪڏهن چيو وڃي تہ ان ترجمي سان دين جو سارو روح ڪچلجي وڃي ٿو".

ڪتاب (١) جي صفحي ٤١ تي دين ۽ مذهب جا ست ڪن بنيادي فرق بيان ڪيا آهن جي ڏسڻ وٽان آهن. تنهنڪري هت بہ اسلامي قدرن کي دين فطرت جا اصول سمجهڻ گهرجن. هاڻي ڏسڻو آهي تہ لفظ "قدر" جي معنيٰ ڇا آهي:

**قدر:** قدر جي لغوي معنيٰ آهي خدا تعاليٰ جو اندازو ڪرڻ، خدا تعاليٰ جو حڪم ڏيڻ، هڪ چيز کي ٻيءَ چيز تي قياس ڪرڻ (٢). مگر مغربي مفڪرن وٽ مفهوم ئي الٽو آهي. جيمس ڊريور جي علم النفسيات جي لغت (٣) مطابق قدر کي (Value) "وئليو" ڄاڻايو ويو آهي ۽ ان جي معنيٰ ٻڌايل آهي تہ ڪنهن مقرر ماڻ موجب وزني ڪٿ. ويبسٽر جي لغت (٤) ۾ سو مفهوم کي ڪجهہ وسيع ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ اهو جيڪو ٻيءَ ڪنهن شيءِ کي ڪارائتو يا قابل قدر بنائي. اهو ئي سبب آهي جو مغربي مفڪرن وٽ اهي وٽ ماڻ ۽ ڪٿون مٽجڻ يا ميٽجڻ واريون مجيون ٿيون وڃن ۽ انهن کي دائمي قرار نہ ٿو ڏنو وڃي.

شاهہ عبداللطيف جي فن جي هڪ جائزي ۾ (٥) علامہ آءِ - آءِ قاضي صاحب قبول ٿو ڪري تہ هر هڪ فنڪار ساڳي چيز جو پنهنجي پنهنجي وٽ ۽ وسعت آهر تجربو حاصل ٿو ڪري ۽ هر هڪ جي دنيا

(١) مطبوعات اداره ثقافت اسلاميه لاهور. سال ١٩٥٥ع.

(٢) بيانُ اللسان، تاليف قاضي زين العابدين سجاد ميرٺي، مڪتبه علمية قاضي واڙه ميرٺ، سال ١٩٥٥ع.

(3) A Dictionary of Psychology by James Drever, Penguin Reference Books, 1962.

(4) Weblster's Giant Illustrated approved Dictionary by Joseph Devlin, N. Y.

(5) Shah Abdul Latif, An introduction to His Art by Allama I. I. Kazi, 1961.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الڳ الڳ آهي، ايتري قدر جو هر هڪ لاءِ هرڪو نظارو ۽ آواز ۽ بوءِ ۽ ذائقو بہ جدا جدا آهي، پر تڏهن بہ فني تخليق جي قيمت ۽ قدر ڪٿڻ لاءِ ڪي آزمائشون ضرور مقرر ڪرڻ ۾ ايندڙيون. ڪتاب جي ١٦ صفحي کان وٺي هن سڳوري اهي آزمائشون بيان ڪيون آهن، جن ڪي دائمي قدر چئجي تہ هرج نہ آهي. هن سڳوري هڪ چوپڙيءَ ۾ قرآني قدرن جو پڻ ذڪر ڪرڻ فرمايو آهي، جو پاڪستان بنجڻ واري جذباتي ماحول مطابق آهي. الله تعاليٰ هر چيز جو ڪو وزن ۽ حد مقرر ڪرڻ فرمائي آهي. هاڻي سوال آهي تہ قراني قدرن جو ڪو ادب سان بہ واسطو آهي ڇا؟. هن سوال جي جواب ڏيڻ لاءِ اسرار احمد خانِ سهاوري ايم - اي، ايل ايل - بي، پروفيسر اسلاميہ ڪاليج گوجرانوالہ پنهنجي ڪتاب ادب ۽ اسلامي قدر (١) ۾ ڪوشش ڪئي آهي.

انهيءَ اعتراض جو جڻ تہ ادراڪ ڪندي شاهہ ڀٽائيءَ اڳيئي جواب ڏيئي ڇڏيو آهي تہ "تو جي بيت ڀائيان سي آيتون آهن، وڃئو لوَن لائين، پريان سندي پار ڏي". حقيقت ۾ اهو اعتراض ئي تڏهن تو پيدا ٿئي، جڏهن اسان مغربي مفڪرن جي انڌي تقليد ڪندي علم ۽ ادب جي سرچشمي کي آسمان جي بجاءِ ڌرتيءَ تي ڳولهيون ٿا ۽ ان کي معاشرتي اقتصادي ماحول، شعور يا تحت الشعور، تجربي، خود آگاهي، خود اظهار ۽ گفتگوءَ جي تمنا وغيره جو پابند بنايون ٿا. ائين چو ٿا ڪريون، تنهن جا بہ سبب آهن، هڪ تہ هيءُ آهي تہ اسان مان هڪ گروهہ مولانا عبيدالله صاحب سنڌيءَ جي صلاح جي برخلاف طوفان انقلاب پنهنجي ساحلن اندران اٿارڻ جي عيوض ڌارئي ديس مان ان کي ڍوڪي آڻڻ جي ڌن ۾ لڳل آهي، ۽ ٻيو سبب هيءُ آهي تہ ڊان جي ليکڪ مسٽر سٽاريڪس (٢) جي قول موجب غلاميءَ جي زنجيرن ٽٽڻ کان اڳ ۾ اسان اهڙي تہ اخلاقي تباهيءَ ۾ وڃي ڇڪا هئاسون، جو پنهنجا قدر،

(١) ادب اور اسلامي قدرين، مڪتبہ چراغ، راه ڪراچي، ١٩٦٠. ڏسو صفحو ٣٠ کان.

(2) Satiricus writing in Daily Dawn, dated 8.5.66.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روايتون، ريتون ۽ رسمون وساري سياسي آقائن جي قدرن، روايتن، ريتن ۽ رسمن کي پنهنجو ڪري ورتو هئوسون. ائين ڪرڻ لاءِ اسان کي گر اهو ڏسيو ويو تہ اسان دقيانوسي خيال ڇڏي ترقي پسند خيالن جا مالڪ بڻجي رهيا آهيون. اهوئي سبب آهي جو ڪيترائي ايشيا ۽ افريقا جا گروهہ پنهنجو اصلوڪو رنگ ۽ ڍنگ وڃائي انهيءَ ڪانءَ وانگر ٿي ويا آهن، جو نہ مور بڻجي سگهيو ۽ جنهن پنهنجي چال بہ وساري ڇڏي.

علم ۽ ادب جي باري ۾ تفصيل سان مغربي مفڪرن جي خيالن کي جاچڻ لاءِ اسان کي هينري هڊسن جو ڪتاب (ادب جي اڀياس جو تعارف) (١) ۽ آءِ -اي رچرڊس جو ڪتاب (ادبي تنقيد جا اصول) (٢) مطالعو ڪرڻ گهرجي.

علم بابت بہ مغربي علم النفسيات جو باب گمراهہ ڪندڙ آهي. ان مطابق علم جي جاءِ دماغ آهي ۽ دماغ جا چار طبقا، فرنٽل لوب، ڪورٽيڪس، سيريبرم ۽ سيريبيلم بنايا ويا آهن. انهن مان اڏ شعور ۽ اڏ لاشعور جي حڪمرانيءَ هيٺ ڄاڻايا ويا آهن. رڳو ٿورڙو وقت ٿيو جو مئڪڊوگل "گيسٽالٽ سئڪالاجي" مطابق هن ائٽمي نظريہ يعني جزياتي نظريہ جي جاءِ تي انساني جسم جي سڄي رد عمل جو تصور ڪڙو ڪيو آهي. روس جو پروفيسر پولاءُ تہ دل جو قائل ئي نہ آهي، ۽ جنهن کي يورپ وارا دل ٿا سڏين ان کي هو بدن جو هڪ واڌارو ٿو سڏي. هوڏانهن ڪانٽ ثابت ڪيو تہ حقيقي اشياءَ جو حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي.

مسلم مفڪرن جو جيڪو قلب بابت نظريو آهي، سو اڃ سوڌو خود پاڪستان ۾ ڪنهن بہ قلمبند نہ ڪيو آهي. پوءِ اسان جو ڪهڙو ڏوهہ ڇئبو؟ جيڪڏهن اسان علم ۽ ادب لاءِ اجا ڌرتيءَ ماتا تي وتون ريڙهيون پائيندا.

(1) Introduction to the study of Literature by Henry Hudson.
(2) I. A. Richard's Principles of Literary criticism, London. 1960.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**قلب ڇا آهي:** اسلامي تخيل مطابق قلب گوشت جو هڪ اهو لوٿڙو آهي، جنهن جي ڪاري ٿيڻ سان سڄو انساني تن بدن خراب ٿي وڃي ٿو. اهو لوٿڙو ٽن ڪُنڊن جي وچ ۾ ٿئي ٿو. هڪ ڪُنڊ آهي پيشانيءَ جي وچ ۾ ۽ ٻي ڪُنڊ آهي کاٻي پاسي واري ٻٻي جي هيٺان ۽ ٽين ڪُنڊ آهي ساڄي پاسي واري ٻٻي جي هيٺان. انهيءَ ٽڪنڊي ايراضيءَ ۾ دماغ جو اڳيون لوٿڙو (فرنٽل لوب) پنهنجي غده تخامپ سميت اچي ٿو، اکيون نڪ، تارون، نڙي، زبان، غده ورقيہ، غدة الجنين يا توشہ، غشاءَ الصدر، حجاب منصف صدر، ڦڦڙ جو درمياني حصو، شهہ رڳ، دل، شريان اعظم (يعني اورطيٰ) ۽ جگر جو ڪجهہ حصو اچي وڃن ٿا. اهو آهي قلب جنهن کي مومن جي عرش جو تخت گاهہ سڏيو ويو آهي ۽ جنهن کي صوفي اجاري اهڙو آئينہ دار بنائيندا آهن، جو ان ۾ نور جو پاڇو نمودار ٿي وڃي. خود رسول خدا صلي الله عليه وسلم انهيءَ قلب جي علم جي واڌاري لاءِ دعا گهرندو رهيو تہ "و قل رب زدني علما". ياد رکڻ گهرجي تہ حضرت جبرئيل سڄو سينو پاڪ چاق ڪري صاف ڪيو هو ۽ رڳو دل کي ڌوتو هو. جڏهن اهو قلب ڪارو ٿي وڃي ٿو، تڏهن ماڻهو اکين هوندي انڌو ۽ ڪنن هوندي ٻوڙو ٿي وڃي ٿو ۽ هن جي دل تي مُهر خاموشيءَ جي لڳي وڃي ٿي. علم جي طلب عبادت جو وڏو جزو قرار ڏنو ويو آهي. سٺ سالن جي عبادت کان هڪ ساعت جو فڪر زياده مفيد چيو ويو آهي.

صوفي سگورا انهيءَ قلب کي سلطان الاذڪار جي ذريعي سالم ۽ قوي بنائي عقل ڪُل سان ڳنڍين ٿا ۽ مراقبي جي وسيلي مقام محمديءَ تائين پهچي دم پٽين ٿا. چاڪاڻ تہ جيستائين ماڻهو ان تائين نٿو پهچي تيستائين ابوالعجبي جي احاطي اندر هوندو آهي.

جڏهن هي نظريو ونبو تڏهن ئي ڪجهہ ازلي ۽ ابدي ۽ دائمي ۽ لازمي قدر ثابت ٿي سگهندا. لاهور ۾ ١٥ آل پاڪستان تاريخي ڪانفرنس جي موقعي تي ٧ اپريل ١٩٦٣ع تي مسٽر ڪارنيلس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ ڀٽائيءَ جو طره امتياز سندس غيور هجڻ آهي، ۽ سڄي رسالي ۾ هن طبع سليم سان سنجيده نموني ۾ غيرت اسلامي کي اڀارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ سمورا قدر قرآن ۽ حديث مان ورتا اٿس.

ڪجڻ ڪامڻ، وهہ جون وٿيون پيڻ، دوڳ ديڳ ۾ وجهي تپائڻ، سر نيزي پاند اچلڻ، ڪند تي ڪاتي وهائڻ، مچن ۾ ڳچين جا ڳچ جلائڻ، سهٽيءَ کي ٻوڙڻ ۽ وچ درياه ۾ جاندارن هٿان هن جا ڀاڱا ڪرڻ، سسئيءَ جا پير پٿون ڪري برپٽ ۾ رلائي مارڻ، مومل جو چڪيا تي چڙهڻ، راءِ ڏياچ جو سر وڍائي ويهڻ، مارئيءَ جو قيد ۾ عذاب ڪائڻ، رکن جون خوامخواه دائودي ديون ڪرڻ وغيره وغيره سڀ غيرت کي اڀارڻ لاءِ جهنجهوڙيون چئجن تہ بجا ٿيندو. افسوس جو ڪن حلقن انهن ۾ سڌڙمر ڏٺو ۽ ائين سمجهيو تہ شاهہ جسماني عذاب مان ٻڌ ڌرم يا عيسائي مذهب جي راهبن وانگر لذت ٿو محسوس ڪري. سنڌ جي صوفين ۽ شاعرن ۾ شاهہ ڀٽائيءَ جي غيرت اسلامي، اتم ۽ اولين شمار ٿيڻ جي لائق آهي. شاهہ جي رسالي ۾ دائمي قدرن ۾ اهو ٻهريون قدر سمجهڻ گهرجي.

**اسلامي قدرن جي اپٽار:** هاڻي ڏسڻو آهي تہ پنهنجي ڪلام ۾ شاهہ ڀٽائيءَ سچ پچ اسلامي دائمي قدرن جي اپٽار ڪئي آهي، يا رڳو اسان جو حسن ظن انهن کي ڀانپي رهيو آهي ۽ ٻيو مڙيوئي ٺيو خير؟ منهنجي ناچيز راءِ ۾ شاهہ ڀٽائي ڄاڻي ٻجهي، کليو کلايو انهن جي اپٽار ڪئي آهي ۽ اهڙيءَ طرح ڪئي آهي، جو پڙهندڙ بہ ڀليءَ ڀت محسوس ڪري تہ انهن جي اپٽار ٿي رهي آهي. اسلامي قدرن کي قبول ڪرڻ لاءِ اول تہ شاهہ صاحب ميثاق جي واعدي جي حجت ٿو وٺي:

”ٻهرين تون ڀاريج، ڀارڻ ٻوءِ ڀنهونءَ تي،
ٻول مر وساريج، هو جو ڪيوءِ هوت سين“.

قالوبليٰ جو ٻول ياد ڏياري، ٻهرين وعدي وفائي ڪرڻ سبق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ڏئي، ۽ چوي ٿو تہ پوءِ انسان اها اميد ڌاري تہ هن کي خوف ۽ حزن
آڏو ڪونہ ايندا ۽ خدائي رهنمائي نصيب ٿينديس.

"موني مران م ماءُ، موتڻ ڪان اڳي مران،
لڃي لالن لاءِ، شال پونديس پير تي".

هت اشارو آهي تہ ايمان آڻڻ ڪان بعد ان تي مرڻ تائين قائم
رهجي ۽ ائين نہ تہ وري ڪهمرائيءَ ۾ گهلجي وڃجي. شاهہ صاحب پير
تي پوڻ، رند تي پوڻ، ٻهي ڪي هٿان نہ ڇڏڻ، نينهن جون نڪون ٻڌڻ،
وغيره اشارن سان اسلامي قدرن کي ڇهتي پوڻ جو سبق ڏنو آهي.

"مُنڌ نہ منجهان تن، پسي لڪ لڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سکي سسئي".

هت اسلامي قدرن جي قبول ڪرڻ جي همت ۽ دليريءَ تي
اشارو ڪيو ويو آهي، ۽ تبع تابعين يعني ڪاهوڙين جي نقش قدم تي هلڻ
جي هدايت ڪئي وئي آهي. پر انهن ڪان بہ اڳتي وڌي اصل منڊ ڪي ونڻ
جي تلقين بہ ڪيل آهي تہ:

"صبر ۽ شڪر کي ڪاڌي آءٌ ڪندي،
آهيان جنهن سندي، سر تہ گهرجي ساڻ مون".

شاهہ چوي ٿو تہ اسلامي قدر تڏهن چٽا پٽا ٿيا جڏهن آريائي
آيو. چوي ٿو:

"جڏهن پيئي باس، جبر هوت پنهونءَ جي،
اديون آريچن جا، وٺن مُکا واس،
آيل پَني آس، پنهون آيو ڪيچ ۾".

تڏهن ڪولي ٿو چوي تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ساري سک سبق، شريعت سندو سهٽي،
طريقتان تکو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن جو".

قالو بليٰ جي ٻول مان ڪو اتساهہ وٺڻ وارو نہ هجي، تہ پوءِ ان کي بعثت نبوي متاخرين جو واسطو وڌو ويو تہ هن جي ڏنل تعليم تي عمل ڪيو وڃي. چوي ٿو:

"برو هو پنيور، آرياڻيءَ اُجاريو،
لاتو سڀ لوڪ تان، هاڙهي ڏٺي هور،
چوريون چُرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور،
اَيو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏک وهاريون".

پنهونءَ کي پنهنجو ڇٽ يا نقش ڪري وٺڻ مان اهائي مراد آهي تہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ڏنل علمي ۽ عملي تعليم تي هلڻ. جن بہ ان تعليم ۾ پنهنجي طرفان واڌارو ڪيو، يا ان کي مروڙي ڪنهن ٻيءَ اوڻ ۾ عقل تي بيهاريو جڻ تہ ان کي بهتر بنايو، تن جو صرافن دڪو ئي داخل نہ ڪيو. پر جن آمنا صدقنا چئي ٻنان چون چرا جي من ۾ محبت پائي رنديا روڙيا، تن جو صرافن اڻ توريو ئي اگھائي ڇڏيو. ٻين نبين جي امتن بہ ڪاپاٽين وانگر ڪتيو تہ سهي، پر خاتم النبين جي امت سيباڻي طرح ڪتيو ۽ انهن ڪتيو جن هٿن مان پَهي کي نہ ڇڏيو. هت پَهي جي عام رواجي معنيٰ ڪپہ جي پوٽي نہ آهي، پر اهو لفظ شڪار مان ورتل آهي. پهي ان پيچري کي چئبو آهي جنهن مان شڪار اڃي لنگھندو آهي ۽ شڪاري ان کي تاڙي ويهندو آهي. اها پهي آهي صراط المستقيم جي ۽ امت محمديءَ کي وچ واريءَ امت جو لقب ڏنو ويو آهي. محمد ڪارڻي، صلي الله عليه وسلم جي لاري لڳڻ لاءِ صلاح ڏني وئي تہ:

"لڙ م لاڙائو تيو، ور چوندبيندي وچ،
آهي ايءُ اهچ، هاڙهي هلنديـن جو".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن مثالي بيتن مان ظاهر ٿيو ته شاهه ڀٽائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ پاڻ ئي اسلامي قدرن کي قبول ڪري ونڻ جو سبق سموهي ڇڏيو آهي. انهن بيتن مان وعده ميثاق کي پارڻ جو ٻيو نمبر اسلامي قدر چوڻ گهرجي. ٻهريون نمبر قدر اسلامي غيرت کي نهرايو ويو آهي. ٽيون نمبر اسلامي قدر آهي ٻرجهلي گهوٽ جي اوٽ ونڻ. يعني رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي تعليم تي هلڻ. انهن ٽن وڏن اصولن کان پوءِ سر ڪلياڻ ۾ ٻيا به ڪيترا ئي اسلامي قدر آندا ويا آهن جهڙوڪ: توحيد، رسالت، يوم قيامت، هن دنيا جو آخرت جي کيتي هجڻ، شرڪ کان پاسو ڪرڻ، سلوڪ اختيار ڪرڻ، مجاهده ڪرڻ، مراقبو ڪرڻ، وحدت الوجود کي مڃڻ، وحدت ۾ ڪثرت جو قائل ٿيڻ، قرباني ڪرڻ، مرڻ مان مشاهدو ماڻڻ، خدا کي اعليٰ محرڪ مڃڻ، راز جو رکڻ، شراب طهورا جي سڪ رکڻ، جهاد اڪبر ڪرڻ، ذڪر ڪرڻ سان الله کي اوڏڙو ٿيڻ، رضا تي راضي رهڻ، شڪر ۽ صبر ڪرڻ، لوچڻ ۽ لهڻ وغيره وغيره. انهن کي وري ٻين سُرن ۾ جدا جدا نمونن ۽ پيراين ۾ آڻي چٽو ۽ ڪُليل ڪيو ويو آهي. مثال طور عشق الاهيءَ جي آڙاهه ۾ ائين ڪڏي پوڻ کي، جيئن پتنگ مُچ ڪري مَچ ۾ ڪامي ويندا آهن، آندو ويو آهي پر نينهن جون نڪون ٻڌيون وجن ته بهتر ٿيندو، سو به پڻ ٻڌايو ويو آهي. نِڪ آهي سَرن يا ڪکن جي پيڙهه جبڪا ڪچي ڪوهاڏي واري پاٽيءَ جي موڪ تي رکي ويندي آهي. انهيءَ لاءِ ته اوتيل پاڻي ڪاڏ ڪري وري واپس وڃي ڪوهاڏي ۾ نه پوي، پر اڪٽي هلي ٻنيءَ کي ريجائي گاهه يا اناج اپائي نفع بخش ثابت ٿئي. زندگيءَ جو اهو هڪ اهم شرط آهي. انهن قدرن جا بيت به ڏيڻ ۽ مختلف ورنن ۽ ور وڪڙ بيان ڪرڻ ۽ شرط کولي لکڻ هڪ وڏو ڪٿن ڪم اهي، جنهن لاءِ داستان ڪارا ڪرڻا پوندا تنهنڪري هت اختصار کان ڪم وٺي رڳو اشارا ڏنا ويا آهن. عاقلان را اشاره بس است.

من آنچه شرط بلاغ است با تومي گويم،
تو ازان خواهي پند گير خواه ملال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توحيد ۽ رسالت

محمد شفيع عمرالدين
ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد

# جي تو بيت ٻانئيا

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جهڙن بلند مرتبي ۽ عالي همت اهل الله بزرگن جو ڪلام، شاعرائي بي معنيٰ خيالن کان پاڪ هوندو آهي. سندن ڪلام جو مقصد انسان ذات جو تعلق الله تعالي سان جوڙڻ ۽ غير الله کان توڙڻ هوندو آهي. سندن اقوال بلڪل قرآن شريف ۽ سنت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي موافق هوندا آهن. انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته سندن اقوال ۽ ڪلام انهيءَ صحيح معيار ۽ نظرئي سان ڏسون. جيڪڏهن ڪو انسان سندن ڪلام جي موقعي ۽ محل کي نه سمجهندو ته هو گمراهي ۽ صحيح عقيدن جي خرابيءَ جو باعث بڻبو.

حضرت ابن عربي رحمة الله عليه هڪ وڏي درجي جو صوفي ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. سندن مقولو آهي ته: "جيڪو انسان اسان جي درجي جو نه آهي ۽ اسان جي مقام تائين رسائي نه اٿس تنهن کي اسان جي ڪتابن جو مطالعو حرام آهي".

حضرت شاهه صاحب رحه جي ڪلام جو صحيح مقصد سمجهڻ لاءِ آءٌ مناسب سمجهان ٿو ته هڪ باڪمال صوفي بزرگ حضرت مولانا روم رحمت الله عليه جو حوالو پيش ڪريان. پاڻ پنهنجي مشهور ڪتاب مثنوي شريف جي باري ۾ فرمائين ٿا:

١- هر دڪاني را ست بازار دگر
مثنوي ما دڪان فقر است.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢ـ مـــثنوي مـــا دڪان وحـــدت است
غيـــر وحـــد هر چه بيني آن بت است.

١ـ يعني بازار ۾ هر قسم جي جنس جا دڪان ڏار ڏار هوندا آهن. ساڳيءَ طرح مختلف ڪتابن جا مقاصد به جدا جدا هوندا آهن. اسان جي مثنوي انهيءَ سچي فقيريءَ ۽ سچي تصوف جي واٽ ڏيکارڻ لاءِ آهي، جنهن جو لاڳاپو شريعت سان آهي.

٢ـ مثنويءَ جو مقصد هي آهي ته بندن جو تعلق الله تعاليٰ وحدهٗ "لاشريڪ لهٗ" سان جوڙجي ۽ غير الله ۽ شرڪ جيڪي صحيح رستي ۾ بت بنيو بيٺا آهن تن کان توڙجي.

حضرت شاهه صاحب رحه جو ڪلام مبارڪ به اسان کي انهيءَ ساڳيءَ واٽ تي هلائڻ گهري ٿو، جيڪا حضرت مولانا روم رحه بڌائي رهيا آهن. غور سان ٻڌو. حضرت شاهه رحه سندن ڪلام جي باري ۾ صاف صاف فرمائين ٿا ته:

"جي تو بيت ڀانيا، سي آيتون آهين،
نِئو من لائين، پريان سندي پار ڏي".

يعني اسان جو ڪلام جيڪو تنهنجي نظر ۾ ٿلها بيت نظر اچن ٿا، سو اِئين هرگز نه آهي. اسان جا بيت ته "آيتون آهين"، يعني اهي بيت "نصيحت ۽ عبرت" جي سبقن سان ڀريل آهن. انهيءَ لاءِ ته تون نصيحت ۽ عبرت حاصل ڪري پنهنجو تعلق الله تعاليٰ سان جوڙين.

حضرت شاهه صاحب جا حڪمت ڀريا شعر پڙهڻ سان دل تي عجيب تاثرات ۽ ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي، تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته حضرت شاهه سائين پنهنجي ڪلام جي باري ۾ جيڪي فرمايو آهي سو ئي عين اسلام آهي.

گذريل سال عرس مبارڪ جي موقعي تي مون شاهه صاحب رحه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪلام مبارڪ جي حوالن سان اها حقيقت جٽي طرح پيش ڪئي هئي ته حضرت شاهه صاحب رحه انسان ذات کي اها تعليم ڏني آهي ته:

١ـ الله تعاليٰ وحدهٗ "لاشريڪ لهٗ" کي هڪ ڪري مڃو ۽ توحيد تي محڪم رهو.

٢ـ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم تي ايمان آڻيو ۽ سندن پيروي ڪريو.

٣ـ صحابه ڪرام رضي الله عنهم سان عقيدت منديءَ جو ثبوت ڏيکاريو.

٤ـ شريعت جا سڀ فرض، واجب ۽ سنتون استقامت سان بجا آڻيو.

٥ـ قيامت جي ڏينهن جي حساب ڪتاب جو اونو رکو ۽ انهيءَ ڏينهن لاءِ نيڪ عمل ڪريو.

٦ـ الله تعاليٰ جو ذڪر جهجهو ڪريو.

٧ـ موت کي نه وساريو.

٨ـ الله تعاليٰ جي رحمت کان نااميد نه ٿيو.

اهڙي ڀلاري مجلس ۾ سندن ڪلام مبارڪ جي روشنيءَ ۾ انهن اسلامي قدرن جي ڪجهه وڌيڪ وضاحت ڪرڻ جي جرئت ڪريان ٿو: شال قبول پوي!

(1) عمل جي ضرورت

هيءَ دنيا دارالعمل يعني عملن ڪرڻ جي جاءِ آهي. "الدنيا مزرعة الاخرة" اوهان ٻڌو هوندو. يعني دنيا آخرت جي کيتي آهي. اڄ جيڪو پوکبو سو سياڻي لڻبو:

"گندم از گندم بروید جو ز جو،
از مکافاتِ عمل غافل مشو".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٺڪ پوکي ڪٽڪ لڻبي ۽ جو پوکي جَو لڻبا. ساڳي ريت نيڪ عملن جي جزا الله تعاليٰ جي خوشنودي ۽ بهشت آهي ۽ برن عملن جي سزا الله تعاليٰ جو ناراضپو ۽ دوزخ آهي، انهيءَ ڪري حضرت شاهه صاحب رحه هيءَ حياتي وڃائڻ کان دلنشين انداز ۾ روڪين ٿا:

"سي تو ويهي وڃايا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
ارٽ اوڏي نه ٿئين، پوري، پوري سيئَن،
ڪنڌ ڪـٺنديئين ڪئن، اگڻ عجيبن جي".

(ڪاپائتي).

يعني: هيءَ تورن ڏينهن جي حياتي نيڪ عمل ڪرڻ لاءِ آهي، مگر تون نيڪ عملن جي اوڏو به نٿو وڃين. سڀاڻي قيامت جي ڏينهن جڏهن هن فاني دنيا ۾ ذري پرزي برابر ڪيل نيڪي ۽ بديءَ جو اعمال نامون تنهنجي آڏو هوندو.

"فَمَن يعمِلَ مثقَالَ ذَرَة خَيراَيَرَه وَ مَن، يَعمَلَ مِثقَالَ ذَرة شَرايَرَه"

(الزلزال آيت ٧-٨)

(ترجمو: پوءِ جيڪو ڪندو هڪ ذري برابر نيڪي هو ان کي ڏسندو ۽ جيڪو ڪندو هڪ ذري برابر بدي هو ان کي به ڏسندو.)

ان ڏينهن بندن کي سندن ڪيل نيڪ ۽ بد عملن جي جزا ۽ سزا ملندي. توکي "ڪتڻ سندا" برباد ڪيل ڏينهن ان وقت ياد پوندا ۽ تون شرم ۽ ندامت کان ڪنڌ مٿي ڪٽي نه سگهندينءَ.

حضرت شاهه صاحب رحه جي هن شعر ۾ حياتيءَ جي مقصد ڏانهن توجهه ڇڪايل آهي ته هي ڏينهن "ڪتڻ" يعني نيڪ عمل بجا آڻڻ لاءِ آهن. قرآن حڪيم جو ارشاد آهي:

"خَلقَ المَوتَ وَ الحَيٰوةَ لِيَبلُوَ کُم اَيکُم اَحسَنُ عَملا" (الملڪ: آيت ٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ترجمو: (الله) موت ۽ حياتيءَ کي پيدا ڪيو تہ اوهان کي آزمائي تہ اوهان مان ڪنهن جا عمل سٺا آهن.)

ايمان آڻڻ کان پوءِ، ايمان جو عملي ثبوت اعمال صالحہ بجا آڻڻ سان ڏيڻ گهرجي. ڪي بزرگ تہ انهي راءِ جا آهن تہ ايمان جي تڪميل نيڪ عمل ڪرڻ سان ٿئي ٿي. ثبوت لاءِ قرآن مجيد جي هڪ بي آيت پيش ڪجي ٿي جنهن ۾ ايمان سان گڏ عمل جو ذڪر آهي:

"اِنَ الله يُدخِلُ الذينَ امَنُوا وَ عَمِلُو الصّٰلحتِ جَنّٰتٍ تجرِي مِن تحتِهَا الاَ نهرا" (الحج: آيت ـ ١۴)

(ترجمو: بيشڪ الله انهن ماڻهن کي، جن ايمان آندو ۽ سٺا ڪم ڪيا، تن کي (جنت جي) باغن ۾ داخل ڪندو، جن جي هيٺان نهرون وهندڙ هونديون.)

اچو تہ همت سان حضرت شاهہ صاحب رحہ جي نصيحت تي عمل ڪري "ڪتڻ سندا ڏينهن" برباد نہ ڪريون.

"ڳالهہ ٿا ڪن تہ حضرت ابو القاسم قشيري رحہ، حضرت بوعلي دقاق رحمة الله عليه کي سندن وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ هو بلڪل بيقرار آهن ۽ روئي رهيا آهن. ڪائنن دريافت ڪيو ويو تہ: سائين! هن بيقراريءَ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ شايد اوهان دنيا ۾ واپس وڃڻ گهرو ٿا! بزرگ جواب ڏنو تہ: هائو! دنيا ۾ واپس وڃڻ تہ گهران ٿو مگر دنيا جي مصلحت ڪاڻ نہ ۽ نہ انهيءَ لاءِ تہ اتي موٽي وڃي ڪچهرين جو سينگار بڻجان. بلڪ ان لاءِ تہ اتي پهچي همت جو سندرو بڌي، لٺ هٿ ۾ کڻي هڪ هڪ در تي وڃي ماڻهن جا در کڙڪائيان ۽ کين سڏي ٻڌايان تہ اي انسانو! اهڙي غفلت اختيار نہ ڪريو (جهڙي ڪريو وينا آهيو). اوهان نٿا سمجهو تہ اوهان ڪهڙيءَ ذات کان غافل ٿيا آهيو". (مڪتوبات معصوميه، ص ١٠٧)

اهي ڪتڻ سندا ڏينهن تڪڙا گذري رهيا آهن. بقول حضرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امام رباني مجدد الف ثاني رحہ: "عمل جو وقت گذري رهيو آهي، ۽ هر هڪ سيڪنڊ جو گذري پيو اهو عمر کي گهٽائي رهيو آهي، ۽ موت جي مقرر گهڙيءَ کي ويجهو آڻي رهيو آهي. جيڪڏهن اڄ خبردار نہ ٿيو، تہ سڀاڻي مرڻ کان پوءِ حسرت ۽ ندامت کان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو. تنهنڪري احتياط ڪرڻ گهرجي تہ حياتي جا اهي ٿورا ڏيهاڙا شريعت مطابق گذري وڃن، تہ نجات جي توقع ٿي سگهي. هي وقت شريعت جي حڪمن تي هلڻ جو آهي. عيش ۽ آرام جو وقت آئنده اچڻ واري حياتي ۾ آهي. عمل جو هي وقت عيش ۽ آرام ۾ وڃائڻ ائين آهي جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي فصل کي پچڻ کان اڳي ڪچو ڪائي ڇڏي ۽ فصل لڻڻ جي موسم ۾ فصل کان بلڪل محروم رهي.

(مڪتوب: ص ٨٩، دفتر دوم)

## آخرت جو ڏينهن

آخرت جو ڏينهن مٿان وساريو اٿو. ياد رکجو:

"ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين، سڀتي ساهيين هڏ،

صبح ايندءِ اوچتي، عيد اگهاڙن گڏ،

جِت سرتيون ڪنديئي سڏ، ات سڪنديئين سينگار کي".

(سر ڪاپائتي).

انهيءَ "اوچتي اچڻ واري ڏينهن" جنهن کان حضرت شاه صاحب رحہ ڊيڄارين ٿا، انهيءَ ڏينهن:

اِنَّ الابرَارَ لَفِي نَعِيم. (انفطار آيت ١٣)

(ترجمو: بيشڪ نيڪ ماڻهو نعمتن ۾ هوندا.)

وَ اِنَّ الفجَارَ لَفِي جَحِيم. (انفطار: آيت ١٤)

(ترجمو: ۽ بيشڪ بدڪار دوزخ ۾ هوندا.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڏينهن جنهن نيڪوڪار کي اعمال نامون سندس ساڄي هٿ ۾ ملندو، اهو بيحد خوشيءَ جي ڪري پنهنجن دوستن خواه ٻين کي سڏ ڪري چوندو:

هَآؤُ مُ اقرَعِ وَ ڪِتٰبِيَه

اِني ظَنَنتُ اَنِي مُلٰقٍ حِسَابِيه.

(الحاقة: آيت ١٩-٢٠)

(ترجمو: اچو! منهنجو اعمال نامون پڙهو. بيشڪ مون کي يقين هو ته آءٌ (قيامت جي ڏينهن پنهنجن عملن جو) حساب ڏيندس.)

فَهُوَ فِي عيشَة راضِيَة

فِي جَنة، عالية قُطوُ فُهاَ دَانِيَة.

(الحاقَة: آيت ٢١-٢٣)

(ترجمو: پوءِ وڻندڙ عيش ۾ بهشت ۾ هوندو، جنهن جا ميوا جهڪيل هوندا. کيس چيو ويندو:)

ڪُلوُا وَآشرَبُو هَنِيئاً بِها اَسلَفتُم فِي اَلاَ يامِ الخَالِيةِ (الحاقة آيت ٢٤)

(ترجمو: مزي سان کائو ۽ پيو انهن (نيڪ عملن) جي بدلي جي اوهان گذريل وقت (دنيا) ۾ ڪيا هئا.

انهيءَ ڏينهن بدڪار کي اعمال نامون ڪاٻي هٿ ۾ ملندو. هو ان وقت پڇتائيندو ۽ چوندو:

يٰلَيتَنِي لَمِ اُوتَ ڪِتبِيه

وَ لَمَ اَدرِ مَا حِسَابِيَه

يٰلَيتَهَا ڪَانَتِ القَاضِيَة

مَا اَغنيٰ عَنِي مَاليَه

هَلَڪَ عَنِي سُلٰطَنِيَه.

(الحاقة: آيت ٢٥-٢٩)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ترجمو: هاءِ افسوس! مون کي منهنجو اعمال نامون نہ ڏنو وڃي ها، ۽ آءٌ نہ سمجهندو هوس تہ ڪو حساب ڪتاب ٿيندو. هاءِ! اهو (موت) منهنجو خاتمو ڪرڻ وارو هجي ها. منهنجو مال ڏن بہ منهنجي ڪجهہ ڪم نہ آيو. مون کان منهنجي حڪومت بہ برباد ٿي ويئي.)

هو حسرت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا هوندو تہ حڪم ملندو:

خُذُوه فَغلوُهم. (الحاقة: آيت ٣٠)

(ترجمو: ان کي پڪڙيو ۽ ڪيس طوق پهرايو.)

ثم الجَحِيمِ صَلوهُ (الحاقَة:) آيت ٣١)

(ترجمو: پوءِ ان کي دوزخ ۾ وجهو.)

ثم في سِلسِلَة ذَرعُها سَبعُونَ ذِرَاعافَاسلُكو (الحاقة: آيت ٣٢)

(ترجمو: پوءِ اُن کي هڪ زنجير، جنهن جي ڊيگهہ ستر گز آهي، اُن سان جڪڙيو.)

اِنَه كَانَ لاَ يوُ مِنُ بِالله العَظِيمَ. (الحاقة: آيت ٣٣)

(ترجمو: بيشڪ هو الله تي يقين نہ رکندو هو، جو وڏي عظمت وارو آهي.)

### سڦلو سودو

ٻنهن جهانن جي ڪاميابيءَ لاءِ حضرت شاهہ صاحب جو تجويز ڪيل دستور العمل ٻڌو:

"ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪج، آٿي اور الله سين،
ڪِ تون دغا دل مان، صاحب وٽي سچ،
محبت سندو من ۾، ماڻڪ ٻارج مچ،
اِن پر اٿي اچ، تہ سودو ٿئي سڦرو".

يعني هر قسم جي باطل ۽ ڪوڙ کان ڪنارو ڪريو. "ڪوڙ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچ" مان مراد سڀ غير شرعي ۽ سنت جي خلاف ڳالهيون آهن. ان ۾ ڪفر شرڪ ۽ ريا به اچي وڃن ٿا. انهن سڀني ڳالهين کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي.

"فَاجتَنِبوا لِرجَسَ مِنَ الاَوثَانِ وَ اجتَنِبُوا قَولَ الزوا". (الحج: آيت ـ ٣٠)

(ترجمو: پوءِ بتن جي ناپاڪيءَ کان بچو ۽ ڪوڙي ڳالهه کان به پرهيز ڪريو.)

الله سان اوريو. سچا ايماندار ٿي الله جي عبادت ڪندا رهو. عبادت ۾ پهريائين فرض نمازون اچن ٿيون.

"ڪڍ تون دغا دل مان." دل کي دغا، فريب، ڪوڙ، تڪبر، ريا، ڪفر، شرڪ ۽ ٻين سڀني برائين کان پاڪ ڪريو.

حنفَاءَ لله غير مشرِ ڪِينَ بِه" (الحج: آيت ٣٢)

(ترجمو: خالص الله جا ٿي رهو. اُن سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪريو.)

حديث شريف ۾ آيو آهي ته "بي شڪ الله تعاليٰ اوهان جي صورتن ۽ مال کي نٿو ڏسي، بلڪ هو اوهان جي دلين ۽ عملن کي ڏسي ٿو".

اسان ظاهري بدن کي ته سنن ۽ صاف ڪپڙن سان ڍڪيون ٿا. انهيءَ لاءِ ته گندن ۽ ميرن ڪپڙن جي پائڻ ڪري سوسائٽي جي نظر مان ڪري نه پئون. مگر افسوس ته دل جنهن تي عالم الغيب جي نظر آهي، تنهن کي گندن خيالن ۽ برن عقيدن کان پاڪ نٿا رکون. اسان کي جڳائي ته دل، جا منظر گاهه ڪبريا آهي تنهن کي سڀني برين خصلتن کان پاڪ صاف رکون ۽ ڪيس تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي جذبات جي رنگ ۾ رنگيون. "صاحب وٺي سچ" الله تعاليٰ کي ته سچ وٺي ٿو-اوهان سچ جا حامي ٿيو:

"يَا ايهَا اِلذينَ اَمَنوا اَتقَا اللهَ وَ كونُوا مَعَ الصلدِقِينَ". (التوبه: آيت ١١٩)

(ترجمو: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄندا رهو، ۽ سچن سان گڏ رهو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيامت جي ڏينهن سچائي ۽ صداقت فائدو ڏيندي!

" قَالَ اللهُ هٰذَا يَومَ يَنفَعُ الصـٰدِقِينَ صِدقُهمُ لَهُمِ. جنت تَجرِي مِن تَحتِهَا الآنهٰرُ خٰلِدِينَ فِيهَا اَبَدارَضيِ الله عَنهُم وَرَضُوا عَنه ذالِک الفَوز العَظِيمُ." (المائده: آيت ١١٩)

(ترجمو: الله تعاليٰ فرمائيندو آهي، هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ سچن کي انهن جو سچ ڪم ايندو. انهن لاءِ (جنت جا) باغ آهن، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. انهن باغن ۾ هميشه رهندا انهن کان الله راضي ٿيو ۽ هو اُن کان راضي ٿيا. هيءَ وڏي ڪاميابي آهي.)

"محبت سندو ....... ٻارج مچ،" دل ۾ الله جي محبت جو وڏو جذبو رکو. انهيءَ محبت جي ڪري احڪام الله ۽ احڪام الرسول جي بجا آوري آسان ٿيو پوي.

سچي مومن جي اها نشاني آهي:

والَذِين امَنوُا اَشَدَ حبا لله. (البقره: آيت ١٦٠)

(ترجمو: ۽ ايمان وارن کي تہ الله سان ئي، وڏيڪ محبت هوندي آهي).

الله تعاليٰ سان سچي محبت ان جي چٽبي جو حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي پيروي ڪندو.

قُل اِن كُنتُم تُحِبوُنَ الله فَاتَبِعُونِي يحبِبكم اللهُ وَ يَغفِر لَكُم ذُنو بَكُم وَ اللهُ غَفُورُ رَحِيم. (آل عمران: آيت ٣١)

(ترجمو: چئو تہ جيڪڏهن اوهان الله سان محبت رکو ٿا تہ منهنجي تابعداري ڪريو تہ اوهان سان بہ الله محبت ڪري ۽ اوهان جا گناهہ بخشي ڇڏي ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. "ان پر ..... سودو سقرو ٿيندو" انهي دستور العمل تي هلندئو تہ اوهان ٻنهي جهانن ۾ ڪامياب ٿيندؤ ۽ حساب آسان ٿيندو. محض حساب ڏيکاري ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو.)

"فَسَوفَ يُحاسِبُ حِسَاباً يسِراً". (الانشقاق: آيت ٨)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آخري نصيحت

نصيحت لاءِ موت جي يادگيري ۽ سڪرات جون سختيون ڪافي آهن. عقلمند اهو آهي جو موت کي سڀ کان وڌيڪ ياد ڪري ۽ سڀني ڪمن کان وڌيڪ ان جي تياريءَ ۾ رڌل رهي. ڪهڙي خبر ته اها گهڙي ڪڏهن اچي سهڙي. انهيءَ ڪري ان جي تياريءَ ۾ هر وقت لڳو رهڻ گهرجي. اچو ته الله تعاليٰ جا شڪر گذار بندا ٿيون، غير الله کان منهن موڙي، ان ڏانهن متوجهه رهون. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

لَئِن شَكَرتُم لَأَزِيدَنَّكُم وَلَئِن كَفَرتُم إِنَّ عَذَابِي لَشَدِيدٌ." (ابراهيم: آيت ٦)

(ترجمو: البت جيڪڏهن اوهان شڪر گذار ٿيندؤ ته ضرور توهان کي وڌائيندس ۽ جيڪڏهن ناشڪري ڪندؤ ته بيشڪ منهنجو عذاب (۽ گرفت) سخت آهي:)

سڀئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري هاڄ تو".

----

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توحيد ۽ رسالت
محمد شفيع عمرالدين
(ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر)
حيدرآباد - سنڌ.

# حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه ۽ سندس حڪمت ڀريو ڪلام

سنڌي ٻوليءَ جي بلند مرتبي ۽ خاص و عام جي مقبول، ولي الله ۽ صوفي شاعر، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي ڪلام جي باري ۾ عرض ڪندي مونکي پنهنجي ڪم علمي ۽ ڪمزورين جو پورو اعتراف آهي، بلڪه حقيقت تہ هيءَ آهي تہ اهل علم حضرات جي موجودگيءَ ۾ آءٌ پاڻ کي مصر جي انهيءَ پوڙهي زال کان گهٽ سمجهي رهيو آهيان جيڪا ڪچي سٽ جو ڦررو ڪٽي، حضرت يوسف عليه السلام جي خريدارن جي صف ۾ اچي شامل ٿي هئي.

توحيد جي تعليم ۽ سچي درويشي، حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي مڪمل طور پيروي ڪرڻ جو نالو آهي:

”مَپندار سوري ڪہ راهِ صفاءِ
توان يافت جز برپئي مصطفيٰ“

درويشيءَ جي واٽ انهيءَ پيرويءَ کانسواءِ ملڻ ممڪن نہ آهي. اسوه حسنه جو پهريون ڏاڪو آهي بندن جو تعلق الله تعاليٰ سان جوڙڻ ۽ کين توحيد جي تعليم ڏيڻ. حضرت فريد الدين عطار رحہ اسان کي پنهنجي پالڻهار ڏانهن متوجہ ڪرڻ لاءِ فرمايو آهي:

”حمد بي حد مَر خدائي پاڪ ر
آنکہ ايمان داد مُشت خاک را (پند نامہ)

۽ حضرت شيخ سعدي رحہ جو فرمودو آهي:

”بنامِ جهاندار، جان آفرين،
حڪيم سخن بر زبان آفرين“. (بوستان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ءِ پڻ فرمايو اٿن:

"شڪر و سپاس و منت و عزت خدائي را،

پروردگارِ خلق و خداوند ڪبريا،

دادار غيب دان و نگهدار آسمان،

رزاق، بنده پرور و خلاق رهنما". (قصائد)

هائي الله تعاليٰ جي حمد حضرت شاهه صاحب رحہ جي زباني ٻڌو. فرمائين ٿا:

"اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،

قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهه قديم،

والي، واحد، وحدهٗ، رازق رب رحيم،

سو ساراه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،

ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون".

سبحان الله! الله وحدهٗ لاشريڪ لهٗ جون وصفون نهايت سهڻي پيرائي ۾ ذڪر ڪيون اٿن. شعر پڙهندي اسان جو ڌيان قرآن مجيد جي ڪيترين ئي آيتن ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿو. مثلاً:

قُل هُوَ الله اَحد (اخلاص: آيت ١)

هُوَ الاول والاخر والظاهر ولباطن و هو بڪل شيءِ عليم. (الحديد: آيت ٣)

فان ربڪ غفور رحيم. (الانعام آيت ١٤٦٠)

تبارڪ الذي بيده الملڪ و هو عليٰ ڪل شيءِ قدير. (الملڪ: آيت ١)

والله خير الرازقين. (الجمعه: آيت ١١)

و اِن الله هو العلي الڪبير. (الحج: آيت ٦٢)

الحمد الله رب العالمين. (فاتحه: آيت ١)

**حضرت رسول ڪريم ؐ تي ايمان آڻڻ جي تعليم:** حضرت سيدنا آدم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عليه السلام کان نبوت جو سلسلو شروع ٿي حضرت سيدنا محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم تي ختم ٿيو. هاڻي قيامت تائين ڪوبہ نبي اچڻو نہ آهي. اسان سڀني کي اها حقيقت معلوم آهي تہ اسلام جو بنياد پنجن ڳالهين تي رکيل آهي. تن مان پهرين ڳالهہ آهي توحيد ۽ رسالت جو زبان سان اقرار ڪرڻ ۽ دل سان سچو مڃڻ. يعني ڪلمون شريف "لا الله الا الله محمد رسول الله" چوڻ. يعني الله تعاليٰ کانسواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي. ۽ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن ان جا موڪليل رسول آهن. حضرت سيدنا رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي بعثت کان پوءِ سڀني انسانن لاءِ جيڪي قيامت تائين پيدا ٿيندا رهندا، الله تعاليٰ جي رضامندي ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ جي فقط اها هڪ واٽ کليل آهي، تہ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم تي ايمان آڻي، سندن اسوه حسنہ مطابق هن عارضي حياتيءَ جا چار ڏهاڙا گذارجن. حضرت ڀٽائي رحمت الله عليه انسان ذات کي ان واٽ ڏانهن سڏي رهيا آهن:

"جوڙي جوڙ جهـــان جي، جڏهن جوڙيائين،
خاوند خاص خلقي، مـحـمـد مـڪـائين،
ڪلمـون تنهن ڪريم تي چٿـو چايائين".
(سر ڪلياڻ)

وري زوردار لفظن ۾ تاڪيد ڪن ٿا:

"م ڪي هيج م هوج، ترس م، تاڻ جهـاز کي،
چئو ڪلمـون محـمـد تي، تہ اڪيـان اچي اوج،
سُهڪي پَٽ سبوجهہ، تنهنجي مَڪي ڏُڪي مڪڙي"
. (سر سريراڳ)

يعني هن سنسار جي خطرناڪ سُمنڊ مان زندگيءَ جي جهاز کي آخرت جي ڪناري تائين سلامتيءَ سان پهچائڻ جو فقط هڪ ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طريقو آهي تہ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم تي ايمان آڻجي، ۽ نيڪ اعمال بجا آڻجن.

"خلاف پيمبر ڪسي ره گزيد
کہ هرگز بمنزل نخواهد رسيد" (سعدي رحہ)

**حضرت صحابہ ڪرام رضہ سان عقيدتمنديءَ جي تعليم:** سيني اصحاب سڳورن ڪان حضرات خلفاءِ راشدين وڌيڪ ڀلارا آهن ۽ باقي سڀ اصحابي سيني امتين ڪان وڌيڪ بلند مرتبي وارا آهن، سندن مرتبي کي ڪوبہ امتي پهچي نٿو سگهي:

رَضِيَ اللهُ عَنهُمۡ وَ رَضوُا عَنهُ (المجادله: آيت ـ ٢٢)

الله انهن ڪان راضي آهي ۽ هو الله ڪان راضي آهن. قرآن مجيد جي اها آيت سندن وڏي شان لاءِ شاهد آهي.

"منهنجا اصحاب رضہ مون وٽ آسمان جي تارن وانگر آهن،
انهن مان جنهن جي بہ پيروي ڪندؤ هدايت پائيندؤ"

اهو فرمان رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم سندن عظمت ۽ بزرگي جي ٻي شهادت آهي. سندن عزت، بزرگي ۽ عظمت جيڪا حضرت ڀٽائي رحمت الله عليه جي دل ۾ آهي سا هن بيت مان ظاهر آهي:

"جوڙي جوڙ جهان جي، پاڻ ڪيائين پروار،
حامي، هادي، هاشمي، سردارين سردار،
سونهي صحابن سٺ ۾، منجهہ مسجد مٽيادار،
چارئي چڱا چوڏار، هئا هيڪاندا حبيب سين".

(سر ڪلياڻ)

**شريعت تي هلڻ جي تعليم:** الله تعاليٰ ۽ الله تعالي جي آخري پيغمبر صلي الله عليه وسلم کي مڃڻ ڪان پوءِ هر ڪلمي گو ڪان اها تقاضا ڪئي وڃي ٿي تہ هو شريعت جي سيني حڪمن تي پابنديءَ سان عمل ڪري. ايمان آڻڻ ڪان پوءِ شرعي حڪمن تي عمل ڪرڻ فرض

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رح فرمايو آهي تہ: ”قيامت جي ڏينهن اهو سوال ٿيندو تہ ڇا اوهان شريعت جي حڪمن تي هليا؟“ بهشت جو ملڻ ۽ دوزخ ڪان نجات شريعت جي پيروي تي منحصر آهي. انبياءِ عليهم السلام، جي سڀ مخلوق ڪان ڀلارا آهن، تن بہ مخلوق کي شريعت ڏانهن سڏيو آهي، ۽ نجات جو دارومدار شريعت جي پيروي تي رکيو اٿن. حضرت شاهہ ڀٽائي رحمت الله عليه بہ اسان کي شريعت تي هلڻ جي تلقين ڪري رهيا آهن:

”وحدہٗ لاشريڪ لہٗ چئي چوندو آءُ،
فرض، واجب، سنتون، تنئون ترڪ م َ پاءِ،
توبهہ سندي تسبيح، پڙهڻ سان پچاءِ،
نِگا پنهنجي نفس کي، ڪا سئين راه سونهاءِ،
تہ سندي دوزخ باهہ، تو اوڏيائي نہ اچي.
(سر ڪلياڻ)

يعني بندن کي گهرجي تہ الله تعاليٰ کي هڪ ڪري مڃين. شرڪ ۽ ڪفر ڪان ڪنارو ڪن، ۽ توحيد جي سبق تي ثابت قدم رهن. شريعت جا سڀ فرض، واجب ۽ سنتون بجا آڻيندا رهن، ۽ الله تعاليٰ جا سڀ حق ۽ ان جي مخلوق جا سڀ حق بجا آڻين. پنهنجن گناهن ڪان توبهہ ۽ استغفار ڪندا رهن، غفلت کي ڇڏي پنهنجي نفس کي شريعت جي سنئين واٽ تي هلائين. جيڪي بندا انهيءَ دستور العمل مطابق پنهنجي حياتي گذاريندا ۽ حقوق الله ۽ حقوق العباد بجا آڻيندا رهندا، اُهي دوزخ جي باهہ ڪان بچي ويندا ۽ بهشت ۾ داخل ٿيندا. ڪم همت انسان کي شريعت تي هلڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ارادي سان ڪيس سهڻي جو مثال ٻڌائن ٿا، جا پنهنجي محبوب جي ملاقات لاءِ درياہ پار ڪرڻ جي ڪوشش ان وقت ڪري رهي آهي، جنهن وقت رات اونداهي آهي، درياہ جي پاڻي ۾ تکو وهڪرو ۽ زور شور آهي، مگر هوءَ هڪ ڪچڙي

جي سهاري درياه ۾ گهڙي ٿي. انهيءَ مثال بيان ڪرڻ بعد ڪم همت انسان جي حوصله افزائي هن ريت ڪئي وڃي ٿي:

"ساري.سک سبق، شريعت سندو سهٽي،
طريقتان تکو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن کي".
(سر سهٽي)

يعني دنيا مان ايمان صحيح و سلامت وٺي وڃڻ ۽ آخرت جو دائمي سرور ۽ الله تعاليٰ جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ بندي کي شريعت جو علم حاصل ڪرڻ ۽ ان مطابق زندگي بسر ڪرڻ ضروري آهي. طريقت، معرفت، حقيقت ۽ شريعت کان ٻاهر ڪي شيون نہ آهن. اهي شريعت جا جزا آهن ۽ شريعت جي پابندي سان حاصل ٿي سگهن ٿا.

**قيامت جو ڏينهن:** شرعي حڪمن جي بجا آوريءَ کان غافل انسان کي حضرت شاهہ صاحب رحہ قيامت جي ڏينهن جي يادگيري ڏياري ڪيس انهيءَ ڏينهن لاءِ نيڪ عملن جي سرمايي گڏ ڪرڻ جي هدايت ڪن ٿا:

"يوم يفر المرءُ من اخيه، جت ڀڄندا ڀاءُ،
توکي اَرس اڪڙين ۾".
(سر سريراڳ)

هن شعر ۾ قرآن مجيد جي هيٺين آيت ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪايو ويو آهي:

يومَ يفر المرءُ من اخيه، وامه و اَبيه،
وصاحبه و بنيه، لڪل امريءٍ منهمَ
يومئذ شان ينغيه. (عبس آيت ٣٤-٣٧)

اَن ڏينهن ماڻهو پنهنجي سڳي ڀاءُ، پنهنجي ماءُ، پنهنجي پيءُ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي گهر واريءَ ۽ پنهنجن پٽن کان ڀڄندو. هر شخص جي اهڙي حالت هوندي جا ان کي ٻين کان بيپرواه ڪري ڇڏيندي.

انهن آيتن جو هي مطلب آهي تہ قيامت جو ڏهاڙو ڏاڍو ڏکيو هوندو. اُن ڏينهن سڀ ڪنهن کي پنهنجي ڇوٽڪاري جو فڪر دامنگير هوندو. ڪوبہ ٻئي ڪنهن جي مدد لاءِ آماده نہ ٿيندو، توڙي ويجهو عزيز هجي. مثلا ان ڏينهن هڪ ضرورتمند مڙس پنهنجي دل گهري زال وٽ ويندو، جنهن جي لاءِ هن دنيا ۾ هر قسم جو خطرو پاڻ تي هموار ڪري ڪيس هر طرح جو سک ۽ آرام پهچايو هوندو. ان کي چوندو تہ، ”مونکي پنهنجي عذاب کان ڇوٽڪاري لاءِ فقط هڪ نيڪي درڪار آهي، تون پنهنجي نيڪين مان مونکي هڪ نيڪي ڏي تہ آءٌ عذاب کان ڇٽي وڃان“. مگر سندس زال کيس جواب ڏيندي تہ آءٌ ائين ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نہ آهيان. تہ وانگر مونکي بہ نيڪين جي ضرورت آهي. هن جواب ٻڌڻ بعد مڙس کي جيڪا مايوسي ٿيندي سا بيان ڪري نٿي سگهجي. جيڪڏهن انهيءَ مايوسي جو صحيح اندازو اسان هن جهان ۾ لڳائي سگهون تہ هڪ لمحي لاءِ بہ انهيءَ ڪٺن گهڙيءَ کي نہ وساريون. مگر افسوس جو هن چار روزه زندگي جي نشي ۾ انسان اهڙو غافل ٿي وڃي ٿو جو پنهنجي اهل و عيال خاطر هو الله تعاليٰ جا احڪام ۽ الله تعالي جي رسول ﷺ جا فرمان فراموش ڪري ڇڏي ٿو ۽ گهر وارن کي خوش رکڻ لاءِ حلال ۽ حرام جي تميز وساري ڇڏي ٿو. انهن جي سک ۽ آرام خاطر ڌن ۽ دولت ميڙڻ جي فڪر ۾ لڳو رهي ٿو. شال اهو غافل انسان هن جهان ۾ هوش کان ڪم وٺي تہ ڏکيو وقت ڪيس ڏسڻ نصيب نہ ٿئي. پنهنجي زال کان مايوس ٿي هو پنهنجي پياري پٽ وٽ ويندو، ۽ کيس چوندو تہ، ”منهنجا عزيز پٽ! اي منهنجي جگر جا ٽڪر! اي منهنجي اکين جا نور! ڇا توکي اهو وقت ياد آهي جڏهن آءٌ دنيا ۾ توسان نهايت ئي سهڻو ورتاءُ ڪندو هوس، ۽ توکي ياد هوندو تہ آءٌ تنهنجو ڪهڙو نہ سنئو پيءُ هوس“ پٽ جواب ڏيندو تہ، ”هائو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابا، مونکي تنهنجون سڀ پلايون ياد آهن". هاڻي پيءُ پنهنجي دل جي ڳالهه کيس ٻڌائيندو ته "منهنجا پٽ! مونکي توکان فقط هڪ نيڪيءَ جي طلب آهي، تون اها مونکي پنهنجي نيڪين مان ڏي ته منهنجي عذاب کان ڇوٽڪاري جي صورت نڪري اچي". مگر پٽ جواب ڏيندو ته، "بابا سائين آءٌ ڇا ڪريان، توهان وانگر مونکي به پنهنجي ڇوٽڪاري جو فڪر لڳل آهي. اهڙي حالت ۾ مونکي نٿو جڳائي ته پنهنجي ضرورت کي وساري توهان کي هڪ نيڪي ڏيان. آءٌ ائين هرگز ڪري نٿو سگهان". ويچارو هتان مايوس ٿي پنهنجي ماءُ وٽ ايندو ۽ ان کي چوندو ته "اي منهنجا پيارا ماءُ! مونکي فقط هڪ نيڪي پنهنجين نيڪين مان عطا ڪر ته آءٌ عذاب کان ڇٽي وڃان". مگر افسوس صد افسوس، اهو ماءُ به هڪ نيڪي ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿيندو، ۽ ان ڏينهن ماءُ جي ضرورت کان پنهنجي ضرورت کي مقدم سمجهندو. هاءِ! انسان هن جهان ۾ آخرت ۾ ڪم اچڻ وارن عملن تي دنياوي شغلن کي ترجيح نه ڏئين ها ته قيامت جي ڏينهن اهڙي پريشاني کان بچي وڃي ها، هر هنڌان مايوس ٿيندڙ هڪ نيڪيءَ جو گهرجائو پنهنجي جٹڻ واري امڙ وٽ ويندو، جنهن دنيا ۾ پنهنجي سک ۽ آرام کي وساري ان جو رات ڏينهن اونو رکيو هوندو. مگر امڙ به هن ڳالهه تي هرگز آماده نه ٿيندي ته ڪٿي پنهنجي هڪ نيڪي پنهنجي پياري پٽ کي ڏيئي. اها به مجبوري جو اظهار ڪندي ته، "منهنجا پٽڙا! مونکي به اڄ پنهنجي ڇوٽڪاري جو فڪر پريشان ڪري رهيو آهي". اتان هو پنهنجي قسمت آزمائي لاءِ پنهنجي پياري پيءُ جي خدمت ۾ حاضر ٿي، هڪ نيڪيءَ جو سوال ڪندو. مگر پيءُ به انڪاري جواب ڏيندو.

"چو از احوال قيامت دي نينديشي،
کي خال بي خبران سخت زاري خواهد بود.
بهشت مي طلبي از گنه نپر هيزي،
بهشت منزل، پرهيزگار خواهد بود.
گز رز باطل و مردانه حق پرستي کن،

زِحق پرستي بهتر چہ ڪڪار خـواهد بود". (سعدي رحہ)

يعني اوهان قيامت جي ڏينهن ڪان چونتا ڍچو؟ انهيءَ ڏينهن، جيڪي دنيا ۾ غفلت ۾ زندگي گذارين ٿا، تن جو سخت بڇڙو حال ٿيندو. توهان کي بهشت جي تمنا تہ آهي، مگر اوهان گناهن ڪان نٿا بچو، حالانڪ بهشت ۾ نيڪ ۽ پرهيزگار ايمان وارا ويندا. اوهان کي گهرجي تہ فضول ڳالهين کي ڇڏي نيڪ بندن وانگر الله تعاليٰ جي بندگي ڪريو. ان جي حڪمن جي بجا آوري ڪريو. ان ڪان مٿي ٻي ڪابہ ڳالهہ ڪانهي.

حضرت شاهہ صاحب جي قيمتي نصيحت تي ڌيان ڏيو. آئينده اچڻ واري دائمي حياتيءَ لاءِ ڪجهہ سرمايو نيڪ عملن جو گڏ ڪري وٺو. غفلت کي ڦٽو ڪريو. غفلت برباد ڪندڙ آهي. مرڻ ڪان پوءِ انسان پڇتائيندو، مگر انهي پڇتائڻ مان ڪجهہ بہ نہ ورندو.

"ستي نہ سرندياءِ، ڪر پچار پرين جي،
وهامي ويندياءِ، گهـٽا هٽِندين هتڙا".
(سر ڏهر)

**موت کي نہ وسار:** موت کي ياد رکڻ ڪري دنياوي غفلت دور ٿئي ٿي ۽ دل شريعت تي هلڻ ڏانهن لاڙو ڪري ٿي، تنهنڪري موت کي نہ وسارجي.

"جئڻ نہ آهي جڳ ۾، ڏينهن مڙوئي ڏون،
ساجن سهي سڃاتو!"

ٿورو دنيا جي بي ثباتيءَ تي غور ڪريو. هي زندگي تڪڙي گذرندي وڃي ٿي. هڪ انسان ڪالهہ ٻار هو، اڄ جوان ٿيو، وڏي لاڏ ڪوڏ سان سندس شادي رچائي ويئي، دوستن يارن مبارڪون پيش ڪيون. وقت تڪڙو گذري ويو. مٿان اچي موت ڪڙڪيو، عزيز ۽ دوست ۽ خويش واقارب ڪيس قبر ۾ دفن ڪري آيا. هي آهي زندگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شروعات ۾ پچاڙي، جنهن بابت شاهه صاحب رح فرمائين ٿا:

"ڪڏهين مڙهه مقام ۾، ڪڏهين ڳاڙهو گهوٽ
سندو واريءَ ڪوٽ، اڏي اڏيندين ڪيترو؟
(سر ڏهر)

مرڻ وارو نيڪ عملن کان سواءِ هن دنيا مان ڪجهه به پاڻ سان کڻي نه ويندو.

"هي سڀ هلڻ هارا، ڪونه رهندو ڪو هت جيڏيون،
اڏيا رهندا اتهين، هي سڀ ماڳ موچارا".

وري پنهنجي مخصوص انداز ۾ حضرت شاهه صاحب جن قرآن مجيد جي اُن آيت ڏانهن ڏيان ڇڪائين ٿا جنهن ۾ موت جو ذڪر آهي.

"ڪل نفس ذائقة الموت، سمجهج اهي اشارا،
ڪونه رهندو، ڪو هت جيڏيون".
(سر ڏهر)

هن شعر ۾ قرآن مجيد جي هن آيت جو ذڪر آهي:

ڪل نفس ذائقة الموت، و انماتوفون أجورڪم يوم القيامة فمن زحزح عن النار و ادخل الجنة فقد فاز، و ماالحيوة الدنيا الا متاع الغرور. (آل عمران: آيت - ١٨٥).

"هر ساهه وارو موت جو مزو چکڻ وارو آهي، ۽ اوهان کي قيامت جي ڏينهن پورو پورو بدلو ملندو. پوءِ جيڪو دوزخ کان دور رکيو ويو ۽ بهشت ۾ داخل ڪيو ويو سو ئي ڪامياب ٿيو. دنيا جي زندگي، سواءِ دوکي جي سرمائي جي، ٻيو ڪجهه نه آهي".

**آخرت جو ثمر:** موت کي ياد رکي انسان کي آئيندي ايڻ واري دائمي زندگي لاءِ نيڪين جو ثمر گڏ ڪرڻ ۾ هرگز غفلت کان ڪم نه وٺڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اڳيان اُونداهي جو، ٿمر ساڻ ڪجي،
جاڳو جو شان جيڏيون".
ڪڻ ٿون قوت قبر جو، گهٽو ٿو گهرجي،
جاڳو جو شان جيڏيون".
(سر سريراڳ)

حضرت شاهه ڀٽائي رحمت الله عليه جي نصيحت تي عمل ڪندي انسان کي هر وقت آخرت جو فڪر ڪرڻ گهرجي. الله تعاليٰ فرمايو آهي: يا يهاالذين امنوا اتقوا الله و لتنظر نفس ما قدمت لغد، واتقوا الله ان الله خبير بما تعلمون (الحشر: آيت - ١٨)

اي ايمان وارو، الله کان ڊڄو ۽ سيکنهن انسان کي ڏسڻ گهرجي تہ هن سڀاڻي لاءِ اڳتي ڇا موڪليو آهي ۽ الله کان ڊڄو، ڇاڪاڻ تہ جيڪي اوهان ڪريو ٿا اُن جي الله کي سڌ آهي.

**استقامت جي ضرورت:** شريعت تي هلڻ لاءِ پڪو ارادو ۽ استقامت ضروري آهي. الله وارا عام واقعات کي اکين جي آڏو رکي انسان جو ذهن بلند پايہ نصيحتن ڏانهن منتقل ڪندا آهن. ڏسو تہ ڪيئن نہ حضرت شاهه صاحب سهڻي جون تڪليفون ۽ سندس همت بيان فرمائي انسان کي استقامت جو سبق ڏيئي رهيا آهن:

"سياري سيہ رات ۾، جا گهڙي وسندي مينهن،
هلو تہ پڇون سهڻيءَ، جا ڪر ڇاتي نيهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، ميهار ئي من ۾".
(سر سهڻي).

يعني سياري جي رات آهي. سخت سيءُ آهي. مينهن وسي پيو، ڏاڍي اونداهي آهي مگر سهڻي انهن سڀني تڪليفن جي پرواه نہ ڪندي پنهنجي محبوب جي ملڻ لاءِ درياه ۾ گهڙي پوي ٿي. جڏهن هڪ فاني هستي سان محبت ڪندڙ سهڻي جي ايتري قدر استقامت آهي تہ اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان جيڪو الله تعاليٰ سان محبت رکي ٿو تنهن کي اعليٰ درجي جي استقامت رکي نيڪ عمل بجا آڻڻ گهرجن.

و الذين آمنوا اشد حباًلله (البقرة آيت ١٦٥)

ايمان وارن کي الله سان تمام گهڻي محبت آهي.

**الله تعالي جو ذڪر:** محبت جي تقاضا آهي ته الله تعاليٰ جو ذڪر گهڻو ڪجي، ۽ ان جا سڀ احڪام بجا آڻجن. انهيءَ ذڪر جو فائدو حضرت شاهه صاحب کان ٻڌو:

"تو جنين جيٰ تات، تن پڻ آهي تنهنجي،
فاذ ڪروني اذڪر ڪم، اي پروڙج بات.
هت ڪاتي ڳڙ وات، پيچڻ پر پرين جي".
(سر ڪلياڻ)

هن شعر ۾ قرآن جي هن آيت جو ذڪر آهي.

فاذ ڪروني اذڪر ڪم واشڪروالي ولا تڪفرون (البقره - آيت ١٥٢)

پوءِ مونکي ياد ڪريو، آءٌ به اوهان کي ياد ڪندس، ۽ منهنجو ذڪر ڪريو ۽ ناشڪري نه ڪريو. يعني الله تعاليٰ کي هميشه ياد ڪندو رهجي ۽ سڀ فرض عبادتون بجا آڻيون رهجن. مسنونه ذڪر اذڪار، تلاوت قرآن مجيد وغيره ڪندو رهجي. الله تعاليٰ پنهنجن ياد ڪندڙن کي ياد ڪري ٿو ۽ ڪين ٻنهي جهانن جي سعادتن ۽ ڀلائين سان نوازي ٿو. الله تعاليٰ جو ذڪر آخرت جي عذاب کان نجات جو باعث ٿيندو. ذڪر ڪندڙ حقيقت ۾ جيئرو ۽ ذڪر کان غافل مثل مرده آهي. الله تعاليٰ جو ذڪر وڏي شيءِ آهي. دلين کي سڪون ۽ اطمينان ذڪر کان سواءِ ميسر نه آهي:

"هتان ڪٿي هت، جن رکٿو سي رسيون،
ساجن سونه سرت، وڪائين ويجهو گهٽو".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني جنهن انسان بي فائده دنياوي تعلقات ٽوڙي الله تعاليٰ سان تعلق قائم ڪيو ۽ سندس ذڪر و فڪر ۾ شاغل ٿي ويو سو ڪامياب ٿيو. خالي هن ڏس ڏي قدم کڻڻ جي دير آهي. ڪاميابي جا در کليا پيا آهن، انهيءَ ڪري حضرت شمس تبريز رحه ائين چوڻ ۾ حق بجانب آهن ته:

"مادر دو جهان غير خدا يار نداريم،
جُز يادِ خدا هيچ دگر ڪار نداريم".

**اميد ڀريو پيغام:** سهٽيءَ جي مثال کي سامهون رکي غفلت ۾ زندگي برباد ڪندڙ انسان کي حضرت شاهه سائين اميد ڀريو پيغام ڏين ٿا:

"گهڙو ڀڳو ته گهوريو، آسر مَ لاهيج،
لاتقنطوا من رحمة الله، ترهي ان تريج،
حبيباڻي هيج، پسين مُنهن ميهار جو".

هن بيت ۾ قرآن مجيد جي هيٺين آيت ڏانهن اشارو آهي.

قل ايعبادي الذين اسرفو اعلیٰ اَنفسهم لاتقنطوا من رحمة الله، اِن الله يغفر الذنوب جميعاً، انه هو الغفور الرحيم. (الزمر: آيت ٥٣)

منهنجن بندن کي چؤ ته جن پنهنجي جانين تي ظلم ڪيو آهي سي الله جي رحمت کان مايوس نه ٿين. بيشڪ الله سڀ گناهه بخشيندو. بيشڪ هو بخشڻهار ۽ رحم وارو آهي. هن آيت ۾ الله تعاليٰ پنهنجي بيحد رحمت ۽ معافيءَ جو اعلان فرمايو آهي، جا سخت کان سخت مايوس العلاج مريض لاءِ اڪسير شفا جو حڪم رکي ٿي. الله تعاليٰ سڀ گناهه معاف ڪري سگهي ٿو. ڪيس ڪوبه روڪڻ وارو نه آهي، مگر بندي کي گهرجي ته نااميد نه ٿئي. الله تعاليٰ ڏانهن رجوع رهي. پنهنجين گذريل غلط ڪارين کان باز اچي، استغفار ۽ توبهه ڪري، ان جا حڪم بجا آڻيندو رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

و اَنيبواَ اِلي ربکم و اَسلمو الهٗ.   (الزمر: آيت - ٥٤)

۽ اوهان پنهنجي رب ڏانهن رجوع ٿي وڃو ۽ ان جي فرمانبرداري ڪيو.

عقيدتمنديءَ جو ثبوت: آخر ۾ آءٌ عرض ڪندس ته حضرت شاهه صاحب جن سان عقيدتمندي جو ثبوت سندن حڪمت ڀريئي ڪلام تي عمل ڪرڻ سان ڏيئي سگهجي ٿو، ۽ سندن حڪمت ڀريئي ڪلام جو خلاصو هي آهي ته بندي کي پنهنجي حياتي الله جي عبادت ۽ ذڪرُ و فڪر ۾ گذارڻ گهرجي، ۽ شريعت جي حڪمن تي هلڻ گهرجي. الله تعاليٰ ۽ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جا سڀ حڪم مڃڻ گهرجن. ڇاڪاڻ ته:

"صلح جن سڄڻ سين، سيج ماڻيندا سي،
الذين امنوا وڪانوا يتقون، ان پر آيا جي،
نيئي نونڌن تي، ڏکي چڙهي چاڙهيا".
(سر آسا).

شيخ عبدالرزاق "راز"

# شاهہ جي ڪلام ۾ اسلامي قدر

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ شاهہ عبداللطيف شريعت جو پورو پابند ۽ اسلامي نظريات جو هڪ وڏو شارح ٿي گذريو آهي ۽ سندس طريقي ڪار، علم و عمل کي عروج تي پهچايو. جنهنڪري هن جي ظاهري ۽ باطني زندگيءَ ۾ ڪو فرق ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. زهد و تقويٰ جي صفتن، حقيقتن جي معرفت ۽ وحدت وجودي وصفن کيس هڪ اعليٰ مقام بخشيو. سندس ڪلام جي هر بيت ۾ حقائق ربانيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نٿو ملي. سندس شعر ۾ الله تعاليٰ جي لاتعداد احسانن جو تفصيل سان بيان موجود آهي. شاهہ لطيف ٻهريائين موحد ۽ ان کان پوءِ سُخن فهم هو. هو ٻهريائين عارف ۽ پوءِ سخن سنج هو. ٻهريائين سرزمين سنڌ جو هڪ وڏو مجدد هو، ۽ ان کان پوءِ هڪ مفڪر هو. انهيءَ نموني هو ٻهريائين مسلمان، ۽ ان کان پوءِ شاعر هو. کيس قرآني آيات کان بخوبي واقفيت هئي ۽ حديث شريف جو رموز و نڪات جي کيس چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي. ولايت جو انحصار ٻن شين تي مبني آهي: هڪ ايمان ۽ ٻي تقويٰ. شاهہ صاحب جي زندگيءَ جي جائزي کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ منجهس ايمان ڪامل سان گڏ، مڪمل تقويٰ موجود هئي، تنهنڪري شاهہ صاحب ٻهريائين عارف بالله ۽ ان کان پوءِ عالم ۽ فاضل هو.

دين جو مکيہ ۽ اهم ترين جزو عقيدو آهي. جنهن جي ڪري دل ۽ زبان سان اقرار ڪرڻو آهي تہ الله تعاليٰ ۽ رسول اڪرم جنهن چيز جي جهڙي نموني خبر ڏني سا بلڪل صحيح ۽ درست آهي. انهيءَ اقرار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ اسلامي قدرن ۽ نظرين جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اهڙن رجحانن جا لاتعداد مثال ملن ٿا، جن سان قلب جي صفائي ٿئي ٿي ۽ دماغ ۾ روشني پيدا ٿئي ٿي، ۽ اسلامي قدرن جي وضاحت بدڻ ڪان پوءِ معلومات حاصل ٿئي ٿي. حضرت جنيد فرمايو آهي تہ "انسان ذات تي ٻيا سڀ رستا بند ٿي ويا، سواءِ ان جي تہ هو رسول الله صلي الله عليه وسلم جي نقش قدم تي هلي". تنهنڪري اطاعت رسول اڪرم هڪ لازمي اسلامي قدر آهي ۽ رسول جي ذات عالم ڪائنات لاءِ باعث رحمت آهي.

بهرحال رسالت جو مجموعي لوازمات سان اقرار ڪرڻ هڪ اهڙو اسلامي قدر آهي، جنهن ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ اسلامي نظريہ ۽ رجحان يا قدر جي نشو و نما ٿيڻ ناممڪن آهي. شاهه جي ڪلام ۾ قرآني حڪمتن جا اهڙا بي بها خزانا موجود آهن، جن جي برڪت سان اسان شاهه جي ڪلام ۾ اسلامي قدرن جو چڱي طرح تجزيو ڪري سگهون ٿا. بهرحال منهنجو موضوع جناب رسالت ماب جي رسالت متعلق آهي، تنهنڪري منهنجو سمورو ڌيان انهيءَ بنيادي ۽ اهم اسلامي قدر تي مرڪوز رهندو ۽ رسول اڪرم جن جي بعثت جو بيان پڻ ضروري ٿيندو. حضور جن فرمايو آهي تہ آءٌ "مَڪارمُ الاخلاق" جي تڪميل جي لاءِ موڪليو ويو آهيان. انسان پنهنجي رهڻي ڪرڻي، معاملات ۽ افڪار جي پيش نظر پنهنجي ماحول ڪان متاثر ٿئي ٿو ۽ ماحول بذات خود انسان جي رجحانات جي پيداوار ٿئي ٿو. اهي رجحانات سندس ڪردار جي تشڪيل جو سبب بڻجن ٿا. انسان جي ڪردار جي باعث اعمال جي بهتريءَ جي صورت پيدا ٿئي ٿي. اعمال ئي چڱو ۽ خراب ماحول پيدا ڪن ٿا، جنهن جو اثر معاشري تي پوي ٿو ۽ معاشري جا افراد انهيءَ ڪان بہ متاثر ٿين ٿا، تنهنڪري هڪ بهتر معاشري کي پيدا ڪرڻ لاءِ اخلاق جي ضرورت آهي، جنهن جي وسيلي صحيح ڪردار جي تشڪيل ٿئي ٿي. جڏهن انسانيت هڪ انڌيري غار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ موت جو انتظار ڪري رهي هئي. انسانيت جي پنيءَ تي ظلم ۽ تشدد جا تير وسڻ لڳا. جڏهن انساني دنيا مان اخلاق جا سڀ اقدار متجي ويا ۽ هر طرف جبر و استبداد جو سمنڊ موجزن هو. ان وقت:

”خاوند خاص خلقي، محمد مڪائين،
ڪلمو تنهن ڪريم تي، چتو چايائين“.

ان وقت ڪنهن اهڙيءَ طاقت جي ضرورت هئي، جا دنيا جي ظلم و ستم جو مقابلو ڪري، ان کي صفحہ هستي تان متائي انصاف و عدل، اخوت ۽ مساوات جون راهون هموار ڪري. انهيءَ ڪري ئي حضور اڪرم ﷺ جن کي مبعوث ڪيو ويو. بعثت جو بہ سبب اهو هو تہ ”مڪارم الاخلاق“ جي تڪميل ۽ انساني معاشرو، جو حيوانيت جي سطح تي پهچي چڪو هو، تنهن کي صحيح مقام تي پهچايو وڃي:

”اَنَا مَولاَڪَ وَ اَنتَ مَحبُوبِي، ائين اتائين،
ذِڪي ڏنائين، ٻئي سرائون سيد چئي“.

وجہ تخليق نہ فقط دنيا جي سينگارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ عمل ۾ آئي، پر آخرت کي سينگارڻ بہ مقصود هو. دنيا کي سينگارڻ لاءِ انساني ڪردار کي نظر ۾ رکيو آهي، ڇاڪاڻ جو افراد جي ڪردار سان معاشري جي تشڪيل ٿئي ٿي ۽ معاشري کي بهتر بنائڻ لاءِ اخلاقيات جي ترقي ۽ ترويج جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

”فڪر کن در راهِ نيڪو خدمتي“ يعني خدمت جو جذبو ئي انسانيت کي بام عروج تي پهچائي ٿو.

دور جاهليت جي تاريخي پس منظر کي ڏسي شاهہ جي فقط هڪ مصرع يعني: ”تان مچ محمد ڪارڻي نرتئون منجهنا نيهن“ تي غور ڪجي تہ رسول اڪرم جي حيات طيبہ جو هڪ صاف نقشو اکين آڏو اچي وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عدل و انصاف ۽ اخوت و مساوات، انسان دوستي ۽ همدرديءَ جو هڪ اهڙو منشور پيش ڪيو ويو جنهن کي دنيا جي تاريخ ڪڏهن به فراموش نٿي ڪري سگهي. اهڙن اخلاقي رجحانن جو شارح هڪ اهڙي شخصيت جو مالڪ هو جنهن کي جاهليت جي زماني جي ماڻهن به "امين ۽ صديق" ڪري تسليم ڪيو. جنهن وقت امن و عافيت ۽ آزاديءَ جي دولت جو ڪو نشان به ڪونه هو، تڏهن:

"محمد رسول چئي، مسلمان ٿئا،
عاشق عبداللطيف چوي، انهيءَ په پيا".

انهن اهو رستو اختيار ڪيو جنهن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ رسول اڪرم جن کي مبعوث ڪيو ويو، انهيءَ ڪري عدل و انصاف جو هڪ حقيقي روح قائم ٿيو. معاشري ۾ ڪنهن به ظلم و تشدد کي جاءِ ملي نه سگهي، جنهن عربي ۽ عجميءَ جو فرق مٽائي ڇڏيو. هڪڙي انسان کي ٻئي انسان تي جيڪڏهن فضيلت آهي ته فقط تقويٰ جي لحاظ کان، جنهنڪري هر قسم جي عبوديت ۽ غلامي کان نجات حاصل ٿي. قرآن ڪريم بار بار تاڪيد ڪري فرمايو آهي ته نبي اڪرم مڙني جهانن ۽ سڀني قومن جو رسول آهي. جنهن وٽ عرب ۽ غير عرب جي، ڪاري ۽ گوري جي ڪا تفريق ڪانه آهي. انهيءَ ڪري ئي رسول الله خاتم النبيين سڏائڻ جا مستحق آهن. سندن رسالت الله جي طرفان مَبعُوث رسالتن جي خاتم آهي، جنهن کان رنگ و نسل ۽ زبان جي اختلاف جي باوجود دنيا جي سڀني قومن جنهن نموني ماضيءَ ۾ هدايت ورتي. ساڳيءَ طرح قيامت تائين سڀني قومن جي لاءِ هدايت آهي. واضح رهي ته سابقه پيغمبرن جون تمام صلاحيتون رسول اڪرم جن جي ذات گراميءَ ۾ هڪ هنڌ جمع ڪيون ويون.

اسلامي، عقيدي و ايمان ۽ عبادات ۾ اخلاق به آهي ۽ معاملات به عقيدو ۽ ايمان انسان ۾ اهو شعور پيدا ڪري ٿو ته هڪ خالق ۽ ربّ

آهي جو بصير ۽ عليم آهي يعني "اول الله، عليم، اعليٰ عالم جو ذاتي، قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهه قديم" جو ازل کان به اڳ آهي ۽ ابد کان پوءِ به قائم رهندو. هن کي پنهنجي قدرت آهي جنهن تي هو قادر آهي، جنهن کان انسان جي ڪابه شيءِ پوشيدي ڪانه آهي، سندس بارگاهه مان نيڪ عملن جو چڱو صلو ملي ٿو ۽ خراب ڪمن لاءِ برو بدلو ملي ٿو.

"روزا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
اوکو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي".

اهڙو شعور ڪنهن صاحبِ ايمان ۽ عالم باعمل جي شخصيت جي تصوير پيش ڪري ٿو ۽ انهيءَ نموني ئي هڪ صحتمند معاشري جو بنياد قائم ٿئي ٿو. دنيا ۾ هر عمل جا ٻه رخ ٿين ٿا: هڪ روحاني ٻيو مادي، جن جو تعلق عبادات ۽ معاملات سان هڪ جهڙو آهي. مادي خوشحاليءَ سان گڏ، روحاني تسڪين لاءِ ايثار و اخلاق جي ضرورت آهي. مخلوق سان سهٹو سلوڪ، اخلاقيات جو بنيادي پٿر آهي. سچائي، وعدي وفائي، قناعت ۽ انصاف، صبر و شڪر جهڙا عناصر، اخلاقيات ۾ داخل آهن.

"اَلستَ بِربِّکُم، جڏهن ڪن پيوم،
قَالُوا بَلٰيٰ قلب سين، تڏهن تت چيوم".

وعدي وفائيءَ جي ڪهڙي نه سهڻي تصوير پيش ڪئي ويئي آهي. اقرار ڪرڻ کان پوءِ عهد شڪني ڪهڙي نموني ممڪن ٿي سگهي ٿي. قناعت ۽ تسليم و رضا جي متعلق:

"سون برابر سڳڙا، ماروءَ سندا مون،
پٽولا پهنوار کي، عمر آڇ مَ تون".

دولت ۽ مال کين گمراه ڪري نٿو سگهي ۽ هو پنهنجي فقيريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ مگن آهن. انهيءَ نموني شاهه لطيف جي ڪلام ۾ اسلامي رجحان ۽ اقدار جاءِ بجاءِ پکڙيا پيا آهن جن مان هڪ هڪ جي هڪڙي هڪڙي رجحان تي ڪتاب لکي سگهجن ٿا ۽ اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو ته شاهه لطيف هڪ عالم باعمل هو، جنهن جي تصوف عملي زندگيءَ جو سبق ڏنو آهي، جنهن روحانيت ۾ ماديت کي سموهيو آهي ۽ انسانيت جي هر طبقي جي ترجماني ڪئي آهي، جنهنڪري هو اسلامي قدرن جي شارح سان گڏ هڪ اسلامي جمهور جو شاعر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولوي محمد ابراهيم "انيس" مُهيري

# شاهہ جون "آينون"

سنڌ جو زنده جاويد مفڪر شاعر، شاعرن جو سرتاج سيد "عبداللطيف شاهہ" رحمت الله عليه، جنهن کي هن دنيا مان رحلت ڪندي ٻہ سؤ سال گذري چڪا آهن، سو اڄ بہ هر خاص و عام، پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل جي زبان ۽ ذهن تي حاوي آهي.

جهڙيءَ طرح حياتيءَ ۾ شاهہ صاحب وٽ مريدن، معتقدن ۽ محبن جو ميلو لڳو پيو هوندو هو، ساڳيءَ طرح ٻہ سؤ سال گذرڻ بعد بہ سندس مزار تي "حواليه من ڪل فج عميق" جا هر روز، ماه بماه ۽ سال بسال ميلا لڳا پيا آهن. معلوم ٿو ٿئي تہ جيستائين هي دنياوي گنبذ قائم آهي، تيستائين سندس نالو ساهہ وارن جي ڪنن ۾ وڄندو رهندو. حقيقت آهي تہ جيڪي انسان الله جي عشق ۽ محبت ۾ مري ويا آهن، ۽ پنهنجو نفس ماري پوءِ مري ويا آهن، سي سدا حيات ۽ زنده آهن.

"هر گز نميرد آنکہ دلش زنده شد بعشق،
ثبت است بر جريدهء عـــالم دوام مـــا".

شاهہ صاحب عام شاعرن وانگر محض فنڪار نہ هو، بلڪ باعمل، متشرع ۽ مُصلِح باهمي اتحاد و اتفاق جو حامي هو.

پوءِ يا للعجب! نهايت ارمان سان چوڻو ٿو پوي تہ اسان جي همعصر اهل قلم حضرات کي ڇا ٿي ويو آهي جو نوآموز شعراء طفلان مڪتب کي مٿي کڻي، شاهہ صاحب سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائڻ جي بيسود ۽ بيهودي جدوجهد ڪري رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"چہ نســـــبت خاڪ را با عـــــالم پاڪ"

ڇا انهن کي بروز محشر خداوند آڏو بيهڻو نہ آهي؟ جي ها، تہ پوءِ هو انهن اڳيان فرطِ ندامت سبب پنهنجو منهن مٿي ڪيئن ڪري سگهندا. جي نہ، تہ انهن تي ڪابہ ميار نہ آهي.

شاهہ صاحب رحہ روحانيت جي معراج تي پهتل هو. زندگيءَ جي هر هڪ تحرڪ ڏک ۽ سک، وصال ۽ فراق، محبت ۽ الفت کان بخوبي واقف هو. مطلب تہ شاه صاحب رحہ جي شخصيت ۽ شعر و شاعري، ڪنهن بہ وضاحت ۽ تعريف جي قابل احتياج نہ آهي.

اڪثر شعراءِ پنهنجي ڪلام جي خود ثنا ڪندا آهن، جن مان خاص ڪري حضرت مولانا رومي رحہ پنهنجي پارسيءَ زبان ۾ مثنويءَ کي قرآن ڪوٺيو آهي. مولانا رومي جي اها دعويٰ ڪيتري قدر صحيح يا غير صحيح آهي، تنهن تي بحث ڪرڻ جي هينئر ضرورت نہ آهي. اهڙيءَ طرح شاهہ صاحب رحہ بہ پنهنجن بيتن کي آيتون سڏيو آهي:

"تو جي بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نيـــــو من لائين، پريان سندي پار ڏي".

اڄوڪي مجلس ۾ ناظرين ۽ قارئين ڪرام کي ثابت ڪري ڏيکاريندس تہ شاهہ صاحب رحہ جي اها دعويٰ ڪيتري قدر صداقت تي مبني آهي.

هتي هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ قرآن مجيد ڪلام الاهي آهي. جيڪو وحي جي معرفت خاتم النبيين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن تي نازل ٿيو. جنهن کي اڄ تائين چوڏهن سؤ سال گذري چڪا آهن، مگر ڪنهن بہ انسان اهڙو فصيح ۽ بليغ، جامع مانع ڪلام نہ جوڙيو آهي ۽ نہ ٺاهي سگهندو. عرب جا فصيح ۽ بليغ شاعر ۽ اديب اهڙو ڪلام پيش ڪين ڪري سگهيا. آخرڪار مجبوراً ڪين اقرار ڪرڻو پيو تہ هيءُ ڪلام ڪنهن مافوق الانساني طاقت جو آهي. قرآن مجيد جو اهو هڪ عظيم معجزو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ صاحب رحہ اها دعويٰ ڪين ڪئي آهي تہ رسالو ڪلام الله آهي يا سنڌي زبان ۾ قرآن آهي. ليڪن شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ "منهنجا بيت، آيتون آهين".

"آيت" عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ "نشاني" آهي، جنهن سان منزل مقصود تي پهچي سگهجي. البت بنا ڪنهن طويل تحريف ۽ تاويل جي، شاهہ جي ابيات کي جاچبو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ سهڻيءَ طرز تي قرآن مجيد جي ترجمي جو حق ادا ڪيو ويو آهي. اهو شاهہ صاحب جوئي ڪمال آهي. شاهہ رحہ جي رسالي جي سمورن بيتن تي تحقيقي نظر اُڇلائبي، قرآن مجيد جي آيتن جي سياق سباق ۽ شان نزول سان بيتن کي ڀيٽبو، تہ سچو رسالو قرآن مجيد جو شرح يا تفسير ۽ ترجمو نظر ايندو. ٻهر ڪيف آئون قرآن مجيد جون آيتون ۽ انهن جو تحت لفظي ترجمو ۽ انهيءَ ترجمي سان مناسب شاهہ رحہ جا بيت پڙهندڙن آڏو پيش ڪريان ٿو.

هو الله الموفق.

قرآن: اَلحمدلله رب العالمين اَلرحمٰن الرحيم. مالڪ يوم الدين.

ترجمہ: حمد ۽ تعريف جو لائق هڪ الله آهي. جو مهربان ۽ ٻاجهارو آهي. قيامت جي ڏينهن جو مالڪ آهي.

شاهہ: اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهِ قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون.

قرآن مجيد: اِياڪ نعبد و اِياڪ نستعين.

ترجمو: خاص تنهنجي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شــــاه : تو در آيس راڃيـــــا! ٻيـــــا در ڏيئي ٻن،
ڪهان جا ڪماچ سان، سا سڻ سباجها ڪن،
جا مڱ منهنجي من، سا توکي معلوم سڀ ڪا.

ٻيـــــا در ڏيئي ٻين ڪي، آيس تـنـهنجي در،
ســـونهـــارا ســـورٺ ور! ڪا منهنجي ڪر،
ڀـــلا ڀـــيـــري ڀـــر، ڀائي ڀاند ڀينار جو.

ڇاڪي وڃيـــــو ڇو، ڀيلي ٻيـــــهين ٻين جو،
وٺ ڪــنـجڪ ڪــريم جي، جڳ جو والي جو،
ســهڪو هوندو سو، جنهن جو عـشق الله سـان.

قرآن مجيد: اِهدنا الصراط المستقيم

ترجمو: اسان کي سڌيءَ واٽ تي هلاءِ.

شاه : زمر، زخرف سومرا! حمد جنهين جو هنڌ،
اهدنا الصراط المستقيم، اي ٻنهوارن ٻنڌ،
ٻاري لاهيين ٻند، تہ مِلان ماروءَ ڄام کي.

قرآن مجيد: صراط الذين اَنعمتَ عليهم.

ترجمو: انهن جي واٽ جن تي نعمت ڪئي آهي.

شــاه : ســـاري رات ســبــحـــان، ڄاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي ”عــبــداللطيف“ چئي، مِٽيءَ لڏو مـــان،
ڪــوڙين ڪــن ســـــلام، اڳه اڇيـــــو اُن جي.

ٻـانـهپ جو ٻيـــــڙين ڀر، وکـــــــر وڌائون،
مـــوتي مـــعـــرفت جا، ســـچا ســـوديائون،
اَلتائب من الذنب ڪمن لاذنب لهٗ، اي ڪٿ ڪتيائون،
انهيءَ جي آئون، برڪت ٻار لنگهـــائيـــان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرآن مجيد: غير المغضوب عليهم ولا الضالين.

ترجمــو: انهن جي واٽ تي نہ هلاءِ، جن تي تنهنجو ڏمر تي چڪو آهي يا جيڪي گمراه ٿي ويا آهن.

شــاه : ڪَر ڪــاريندو سي، مــاٺــو جنين پريتــٽــون،
جوش جلايا جي، مــاري تن مــات ڪيــو.

---

جي خبر ٿي خرن کي، تہ مون کي ڪندا ڪوه،
صـــورت ســـپـــرين جي، ڏني ڪونهي ڏوه،
لـــوريءَ لـــڳـم لـــوه، جنـــين رت رئـــارئـــو.

قرآن مجيد: و الاتُخزنا يوم القيامة. اِنک لاتخلف الميعاد (آل عمران).

ترجمو: ۽ قيامت ڏينهن اسان کي خوار نہ ڪج، بيشڪ تون وعدي خلافي نہ ڪندو آهين.

شــاه : سَتـــر ڪج ســتـــار، مـــتـــان عـــيب اُپـتـــئين،
ڍڪج ڍڪـڻـــهـــار، ڏيئي پاند پناه جو.

---

سَتــرُ ڪر ســتـــار، آئون اگــهـــاڙي آهيـــان،
ڍڪين ڍڪـڻـــهـــار، ڏيئي پاند پناه جو.

قــرآن مــجيــد: ڪِرامــاً ڪاتِبين يعـملون مــا تـفـعلون.

ترجمو: جيڪي توهان ڪريو ٿا، ڪرامن ڪاتبين اهو ڄاڻن ٿا.

شــاه : ڪاتب جو لکن، ســو مــتــان وڃڻ وســارئين،
جهـڙي تهـڙي ڳالهہ کي، جوڙيو جمع ڪن،
حــرف جي حـســاب جا، چيـنـيـو چِت رکن،
ڪراماً ڪاتبين يعلمون ماتفعلون، تالو نورانين،
تون پـاڙوسي تـن، جنهين وين نـہ وســـــري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرآن مجيد: الله الذي رفع السموات بغير عمد. (الرعد)

ترجمو: الله اهو آهي جنهن آسمانن کي بنا ٿنڀن جي مٿانهون ڪيو.

شاه: جيڏو تنهنجو نانءُ، پاڇهه به اوڏيائي مڱان،
ري ٿنڀين، ري ٿوڻين، تون ڇپر تون ڇانءُ،
ڪڇاڙو ڪهانءُ، توکي معلوم سڀ ڪا.

قرآن مجيد: أولم يسيروا في الارض فينظروا كيف كان عاقبة الذين من قبلهم. كانو أشد منهم قوة و آثار والارض و عمروها أكثر مما عمروا اها.

ترجمو: ڇا زمين تي گهمي نٿا ڏسن ته ڪانئن اڳين جي عاقبت ڪهڙي ٿي، حالانڪ اهي ڪانئن طاقت ۾ وڌيڪ هئا ۽ زمين کيڙيائون ۽ آبادي ڪيائون، ايتري جو هن ڪان به اوتري آبادي نه ٿي.

شاه: ڪيڏانهن ويا سنگهار، جي هئا هن پيٽين،
ڏور ته ڏوريون يار، پيلي پنهين ڪنڌئين.

---

اڏي اڏي اوڏ، ويا ڇڏي پيٽيون،
ٽڪاٽا ۽ ٽول، پيا آهن پٽ ۾.

قرآن مجيد: مَن كان يريد العاجلة مجلنا له. فيها مانشاءُ لمن نريد ثم جعلناهُ جهنم. (بني اسرائيل).

ترجمو: جيڪو دنيا ٿو گهري، ان کي جيترو گهرن ٿا ڏيئي ٿا ڇڏيون، وري ان لاءِ دوزخ مقرر ٿا ڪريون.

شاه: طمع جي تنوار، متان ڪرئين مڱڻان،
ڏکي ڪندءِ ڏار، ڏيئي ماٿڪ مٺ ۾.

قرآن مجيد: و اِذا سمعوا ما أنزل اِلي الرسول ترا اعينهم تفيض من الدمع مما عرفوا من الحق.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترجمو: ۽ جڏهن پڌن، جيڪي رسول ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي، تہ تون انهن جي اکين کي ڏسندين تہ ڳوڙها ڳاڙي رهيون آهن. هن ڪري جو انهن حق کي سڃاتو.

شاه : ڪتيون ڪين ڪِسَنِ، ڪنهن جنهن آگم اپيون،
پنيون پنبڻين وچ ۾، ڪوري جيئڻ ڪامن،
لاتون ڪيو وسن، لالن لاءِ "لطيف" چئي.

قرآن مجيد: في قلو بهم مرض، فزادهم الله مرضا. ولهم عذاب آليم بما ڪانوا يڪذبون.

ترجمو: انهن جي قلبن ۾ مرض آهي. پوءِ الله انهن جي مرضن کي وڌائي ڇڏيو ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. هن لاءِ جو انهن ڪوڙ ڪيو.

شاه : منهن تہ آهريان ٿي اجرو، قلب ۾ ڪارو،
ٻاهران زيب زبان سين، دل ۾ هچارو،
ان پر ويچارو، ويجهو ناهہ وصال کي.

قرآن مجيد: وَ عسيٰ اَن تڪر هوا شيئا و هو خير لڪم. وَ عَسيٰ اَن تحبوا شيئا و هو شر لَڪم.

ترجمو: شايد اوهان کي هڪ شيءِ بري لڳي حالانڪ اها اوهان لاءِ چڱي هجي ۽ ڪا شيءِ اوهان کي چڱي لڳي ۽ توهان جي حق ۾ بُري هجي.

شاه : سڄڻ سڄيون ڪن، لوڪان ليڪي ونگيون،
سندي سپرين، پر پروڙڻ ڏاڪڙو.

---

پريان سندي پار جي مٺڙيئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، ڇڪين جي چيت جي ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرآن مجيد: فيغفر لمن يشاءُ وَ يعذب من يشاء. (آل عمران).

ترجمو: پوءِ جنهن کي گهري بخش ڪري ۽ جنهن کي گهري عذاب ڏي.

شاه: بر وڏو بار گهڻو، ويجهو نه وٽڪار،
ليڙن جو "لطيف" چئي، ڪنيو منڌ مدار،
وٽندن ته وڙ ڪندا، نه ته اڳين جي اختيار،
ڪاڏي تيو ڪوهيار، ڪيڏانهن ڪٽي هتڙا.

قرآن مجيد: ربنا فغفرلنا زنوبنا و ڪفر عنا سعيا تناه. (آل عمران)

ترجمو: بيشڪ اڄ ڏينهن مون انهن کي سندن صبر جي جزا ڏني. تحقيق اهي ڪامياب آهن.

شاه: ڪم ڪمندن ڪتيو، هارايو هوڙهن،
چکيو نه چوندن، هو جو ساءُ صبر جو.

قرآن مجيد: يا اَيها الناسُ اتقوا ربڪم و اخشو يوما لايجزي والدعن ولدهي و لا مولودهو جاز عن ولده شيئا.

ترجمو: اي انسانو! اوهان پنهنجي رب کان ڊجو ۽ ڊجو ان ڏينهن کان جو نه جزا ڏيندو پيءُ پنهنجي پٽ کي ۽ نه اولاد پنهنجي پيءُ کي ڪنهن شيءِ جي جزا ڏيئي سگهندو.

شاه: نه ڪو ڪيچ پنيور، نه ڪو مائٽ منڌ جو،
هور مڙيئي هن کي، هوتن ڪونهي هور،
زاريءَ ڏاران زور، هلي ڪونه حبيب سين.

قرآن مجيد: والوزن يومئذن الحق. فمن ثقلت موازينه، فاولائڪ هم المصلحون.

ترجمو: ان ڏينهن تور الله جي هٿ ۾ هوندي. پوءِ جنهن جا عملنامي وارا پڙ ڳرا ٿيندا، پوءِ اهي ڇوٽڪاري وارا هوندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شــــــاه: ڪَمي سي آئيـــــون، ڪري تند تنوار،
اٽل اوڏانهين ٿـــئي، جيـــڏانهن پرين پار،
ڪاپائتي قـــرار، منجهـــان پوٽي آٽيـــو.

قرآن مجيد: قل لن يصيبنا الا ماڪتب الله لناه مولنا (توبہ)
ترجمو: چئو تہ هرگز نتي پهچي اسان کي مگر اهو جيڪي الله لکيو
آهي، جو اسان جو موليٰ آهي.

شـــــــاه : توٽي ولاڙون ڪرين، توٽي هلين وک،
لکئي منجهـــان لِک، ذرو ضـــايع نہ ٿـــئي.
لکيـــو منجهـــ نراڙ، قلم ڪيـــاڙيءَ نہ وهي،
پاڙيو ويئي پاڙ، جيـــڪي لالڻ لکيـــو لوح ۾.

جتي جيـــتـــريون، لکيـــون لوح قلم ۾،
تِتي تيـــتـــريون، گـــهـــڙيون گـــهـــارڻ آئيـــون.

قرآن مجيد: و من الناس من يقول آمنا بالله و باليوم الاخر و ما هم
بمؤمنين. يخدعـــون الله و الذين آمنوا ومـــا يخدعـــون اِلا
اَنسفهم وما يشعرون.

ترجمو: ڪي اهڙا بہ ماڻهو آهن، جي چون ٿا تہ اسان الله ۽ قيامت
جي ڏينهن تي ايمان آندو. حالانڪہ اهي مومن نہ آهن. هو
ائين ٿا سمجهن تہ اسان الله ۽ انهيءَ تي ايمان آڻڻ وارن
سان ٺڳي ٿا ڪريون، ليڪن هو نِتا چاڻن تہ پاڻهين پاڻ
سان ڌوڪو ڪري رهيا آهن.

شـاه : اِن پر نہ ايمان، جيئن ڪلمي گـو ڪوٺـائيين،
دغا تنهنجي دل ۾، شـــــرڪ ۽ شـــــيطان،
منهن ۾ مـــــســلمــــــان، اندر آذر آهيين.

قرآن مجيد: لن تنالوا البر حتيٰ تنفقوا مما تحبون.

ترجمو: توهان، هرگز نيڪيءَ کي نٿا پهچي سگهو، جيستائين پنهنجي پسنديده شين کي خرچ نہ ڪندا.

شاه : هيئون حال پرائيو آديسين احوال،
نانہ ڪيائون نفس کي، ڪري جان زوال،
لن تنالوا البر حتيٰ تنفقوا مما تحبون، پاڻ ڪيائون پامال،
نانگا ٿيا نهال، گر کي گڏيا ڪاپڙي.

قرآن مجيد: ان الذين يخشون ربهم بالغيب.

ترجمو: تحقيق اهي ماڻهو، جيڪي الله کان اڻ ڏٺي ڏڄن ٿا.

شاه : خيئون خشيت خوف ۾، ڪيئون ڪيني کي قتلام،
ڏڄن ڏاءِ الله جي، ڪهن ڪونہ ڪلام،
اِن الذين يخشون ربهم بالغيب، اي پروڙج پيغام،
خطرو لاهي خام، گر کي گڏيا ڪاپڙي.

قرآن مجيد: وما خلقت الجن ولانس اِلا ليعبدون.

ترجمو: مون، جنن ۽ انسان کي رڳو پنهنجي عبادت لاءِ ئي پيدا ڪيو آهي.

شاه : زيئون زاهد زهد سين، پختا ٿيا پچي،
ڪڍي ڇڏيائون ڪڙهہ مان، ڪوجهي ڳالهہ ڪَچي،
ابنا عبادت ۾، مانجهي مست مچي،
وَما خلقت الجن والانس، سُڻو سد سچي،
اَڪنڊ سان اچي، گر کي گڏيا ڪاپڙِي.

قرآن مجيد: ولا تقولوا ثلثة. اِنتهوا هو خيرلڪم.

ترجمو: نہ چئو تہ ٽي آهن. ان ڳالهہ کان پاڻ کي روڪيو، ان ۾ اوهان لاءِ چڱائي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شــــــاه : سُجَ وسـنـدي تـن كـٺـي، جوش جلايا جي،
طالب جي تحــقــيق جا، نينهن تنين وٺ ني،
تيـــــڏي پسي تـي، هُو تان آهي هـكـــــڙو.

قرآن مجيد: وَ في اَنفسكم اَفلا تبصرون. وَ الله بكل شيءٍ محيط.

ترجمو: الله، اوهان جن نفسن ۾ آهي، ڇا پوءِ نٿا ڏسو. الله هر شي کي گهيرو ڪندڙ آهي.

شـــــاه رح: ووڙيم سڀ وٿـــــاڻ، يار ڪارڻ جت جي،
و الله بكل شي مـــحـــيط، اي آرياڻي اهڃاڻ،
ڇو وڃين وٽڪـــــار، هت نه ڳولئين هوت کي.

---

لڪـــو ڪين "لطيف" چئي، ٻاروچو ٻي پار،
نائي نيڻ نهـــــار، تـه تو ۾ ديرو دوست جو.

قرآن مجيد: و الله عليٰ كُل شيءٍ قدير. اِن الله كان بكم رحيما.

ترجمو: الله هر شيءِ تي قادر آهي، تحقيق الله، توهان تي مهربان آهي.

شـاه : وڏي سگهـ سنڌياءِ، تون ٻاجهن ڀـريو آهين،
مـونَ تان مـهـر مَ لاهه، آئون تنهنجي آهيـان.

قرآن مجيد: من يعمل سوءِ يجزبه ولا يجدله من دون الله وليا.

ترجمو: جيڪو بُرائي ڪندو، تنهن جي سزا پائيندو ۽ الله کان سواءِ ڪوبہ پنهنجو مددگار ۽ حمايتي نه لهندا.

شــــــــــاه: تـو ري تـاري نـاه، ڪـا والـي تـوري واه،
ســاهڙ جي صــلاح، تن کي ڪـيـي تار مـان.

---

تـن کي ڪـيـي تار مـــان، صلح ســـاهڙ جو،
ات آڏو اچي ڪينڪي، ٻيليـــپـــو ٻئي جو،
ميهار ڪڄ منهنجو، ڪو اوکو انهيءَ آر مان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرآن مجيد: اِنا عرضنا الامانت عليٰ السملوات و الارض و عليٰ الجبال فابين اَن يحملنها. فحملهٔ الانسان اِنه، ڪان ظلوماً جهولاً.

ترجمو: اسان زمين ۽ آسمانن تي امانت (کڻڻ جو بار) پيش ڪئي، پر هنن ضعف سبب امانت کڻڻ کان انڪار ڪيو، پوءِ انسان اُن کي کنيو، تحقيق انسان ظلم ڪندڙ ۽ اڻ ڄاڻ آهي.

شاهه: اديون آءُ اڄاڻ، مون سگهه سڄاڻي نہ ڪيو،
هوند نہ پيم هيتري، ڪوهياري سين ڪاڻ،
رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايم جت سان.

مون هي چند آيات ۽ انهن سان مناسب شاهہ صاحب جا ابيات في الحال پيش ڪيا آهن. اگر حياتيءَ وفا ڪئي، مشيت ۽ اعانت شامل حال رهي، تہ پوءِ ان بابت ڪتابي صورت ۾ ڪافي مواد پيش خدمت ڪندس.

سَر اهيئي ساڳيا، پکي ٻيا ٻيا،
جن لئو تي لاتيون ڪيون، سي ويچارا ويا،
پاڻوندر پيا، اچي ڪينجهر ڪنڌيين.

قدر وارا ڪم ٿيا، کُٽا خريدار،
پاٽيئڙ جي پرکڻا، ويا سي وينجهار،
عينڪ پائي اکين، لهن سيکنهن سار،
صرافنئون ذار، ماڻڪ ملاحظو ٿئي.

جي صرافن لڌيو، تون پڻ لڌ ج سون،
قدر لهندين ڪونہ، نيئي ڳڏيندئي ڳڏونءَ سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاھہ جي نظر ۾ انسان جو تصور

ڪائنات جا اسرار بي انتها آهن ۽ جيتري انهن جي ڦولهہ ڪبي، اوتري قدر مونجهاري ۾ پئبو، جنهن ڪري ڀٽائي صاحب فرمايو آهي تہ:

”اونهي تنهن عميق جي، واري ڇڏ وماس“.

انهيءَ ڪائنات کي صوفين پنهنجي اصطلاح ۾ ”عالم اڪبر“ ڪري سڏيو آهي، ۽ انسان، جو ڪائنات جو جزو آهي، تنهن کي ”عالم اصغر“ ڪري چيو اٿن. جيڪي بہ ڪائنات ۾ موجود آهي، تنهن جو اختصار انسان ۾ موجود آهي. تنهن ڪري انسان سيني ممڪنات (ممڪن يا ٿيندڙ شين) جو مجموعو ۽ مصدر آهي. انهيءَ حالات ۾ انسان جي وجود جا اسرار بہ لامتناهي ۽ غير محدود آهن، جيئن شاه صاحب فرمايو آهي تہ:

نڪا اِبتدا عبد جي، نڪا انتها،
جن سڃاتو سپرين، سي وڃڻ ڪي ويا.

انهيءَ ڪري صوفين وٽ مشهور حديث آهي تہ ”من عرف نفسه فقد عرف ربه“ (جنهن پاڻ کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو).

باوجود انهيءَ رتبي جي انسان ٻن متضاد (مخالف) طاقتن جي وچ ۾ آهي. منجهس ملڪوتي طاقتون بہ آهن تہ بهيمي (يعني مِرُن جون) طاقتون بہ. جيڪڏهن بهيمي طاقتون زور پئجي ويون تہ انسان پسونءَ جي درجي کان بہ هيٺ ڪري پوندو. پر جيڪڏهن ملڪوتي قوتون قابض ٿيون تہ مَلڪن جي درجي کان بہ مٿي چڙهي ويندو. جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فارسي واري چيو آهي تہ:

آدمي زاده طرفه معجونيست،
از فرشته سرشته و از حيوان،
گر کند ميل اين شود به ازين،
ور کند ميل آن شود به ازان.

تنهنڪري انهن متضاد طاقتن جي وچ ۾ هميشه جنگ جاري آهي. جنهن پنهنجي نفس کي ماري مات ڪيو، تنهن گويا وجود جو ورق ورايو، ۽ پاڻ کي اِلاهي حضور جي لائق ثابت ڪيو. اهڙو ماڻهو روحاني ترقي ڪندي ڪندي، آخر اهڙيءَ حد ڪي پهچي ٿو، جتي ان کي ڪامل انسان چئجي. صوفين جي نظر ۾ ڪامل انسان فقط رسول الله صلعم ئي آهي، جو پنهنجي ڪمال ۽ قرب سبب اهڙيءَ حد تي پهتل آهي. جو نڪي عاشق آهي نڪي معشوق، ۽ نڪي خالق نڪي مخلوقُ. انهيءَ باري ۾ شاه لطيف فرمائي ٿو:

عاشقَ چوءِ مَ ان کي، مَ ڪي چوءِ معشوق،
خالق چوُ مَ خام تون، مَ ڪي چوءِ مخلوق،
سلج تنهن سلوڪ، جو ناقصيائي نگيو.

اهڙي حبيبي حقيقت، جنهن کي صوفي "حقيقت محمدي" ڪري چوندا آهن، خواجه محمد زمان لنواري واري هن طرح بيان ڪئي آهي.

عجب جهڙي آهہ، حقيقت حبيب جي،
نڪين چئبو سو ڏٺي، نڪين مخلوقا،
شفق جي ساڄاءِ، جامع ليل و نهار کي.

گرهوڙي صاحب وري ان جو وستار هن طرح ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وصف جنهن ورنهه جي، متو مور نه آهه،
سسئي، سهٽي مون پرين، مارئي محبوبا،
پاڙي مون پرينءَ جي، مجنون مشتاقا،
حقيقت حبيب جي، عجب جهڙي آهه،
جامع ليل و نهار کي، شفق جي ساڄاءِ،
آگو چؤ مَ ان کي، نڪين مخلوقا.

اهو سالڪ، جو انهيءَ منزل کي رسي ٿو، تنهن ڳويا توڙ ڪيو ۽ اهو آهي انسان جي ڪمال جو شان، جو بشري عارضن جي فنائيت بعد نصيب ٿئي ٿو. جيئن شاه فرمائي ٿو.

نابوديءَ نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو،
صورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پڻ سيئي،
ڪبي اتِ ڪيهي، ڳالهه پريان جي ڳجهه جي.

اهڙي قسم جو قرب ۽ اتصال، عبد ۽ معبود جي وچ ۾ راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل جي قصي ۾ نمايان آهي. ان ۾ هڪ وڏي تمثيل رکيل آهي، جنهن جي ايثار انهن بزرگن ڪئي آهي، جي اسلامي تصوف جي اسرارن کان واقف آهن. جيڪي طالب آهن، سي انهن جي روحاني وارثن وٽان يا سندن ڪتابن مان پروڙين. اها تمثيل شاهه جي هيٺين ٻن بيتن مان ايتري قدر عيان آهي، جو وڌيڪ بيان جي ضرورت نه اٿس. ڪي رند اهو راز پروڙين.

(١)

نرتي تند نياز سين، ٻرائي ٻيجل،
راجا رتولن ۾، اونائي امل،
راز ڪيائين راءِ سين، ڪنهن موچاريءَ مهل،
انا احمد "بِلاميم" چئي، سين هنئي سائل،
ڪنهن ڪنهن پيئي ڪل، ته هر دوئي هيڪ ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢)

ڪنهين ڪنهين مـاڙهئين، پيـئي ڪل ڪائي،
"الانسـان سـري و انا سـره" ورتي ايءَ وائي،
راجا راڱائي، هـردوئي هيڪ تـيـا.

اهڙي اعليٰ درجي حـاصل ڪرڻ لاءِ دائمي جدوجهـد جڳائي. ٿتيءَ ٿڌيءَ ڪاهڻ گهرجي. جيڪڏهن ويسلائي ٿي ته مقصود هتان هليو ويندو.

ٿتيءَ ٿـڌيءَ ڪاه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
مـتـان ٿـئي اونداه، پيـر نـه لهين پرينءَ جو.

--------

واقف نـه وٽـڪـار جي، اڳ نـه ڏيهـم ڏنـوم،
ڏونـگـر ڏوراپـن سين، ڪاتيءَ ري ڪـنـوم،
جيلاه محب مُنومِ، تي ڇِلون ڪريان ڇپرين.

--------

هتـان ڪـٽي هُتِ، جن رکـيـو سي رسـيـون،
ساڄن سونهن سُرت، وِکان ٿي ويجهو گهڻو.

--------

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولانا غلام محمد "گرامي"

# پيهي جان پاڻ ۾

ماڻهو سڀ نہ ماڻهو، پکي نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

انسان، تخليقي ارتقا جي آخري تصوير آهي؛ يا چئجي تہ "انسان" مادي مظاهر ۽ مناظر جو ارتقائي ۽ انتهائي قالب ۽ مجسمو آهي، ۽ خالق ڪائنات جي جمال پسند ۽ حسن آفرين جذبہ تخليق جو انتهائي حسين ۽ پُر جمال، متنوع ۽ رنگين شاهڪار آهي. "خلقَ الاَ دَمَ عليٰ صورتہ" جو بہ اهوئي مطلب آهي. آدم جي، الله جي صورت تي تخليق ۽ ترڪيب ٿيل آهي، ۽ الله جميل آهي ۽ انسان بہ جميل آهي. خالق ڪائنات تخليقي هنرن ۽ ڪاريگرن ڪي، پهاڙن جي هيبت خيز بلندي، آسمان جي بلند رفعت ۽ ناقابل تسخير مسافت، سج چنڊ ۽ تارن جي گونا گون نوراني ضيا پاشي، نباتات ۽ گلن جي باليدگيءَ ۽ عطربيزيءَ، حيوانن جي مختلف النوع مظاهر، عادات، اشڪال ۽ معاش ۾ استعمال ڪيو آهي ۽ ان کي "عالمِ اصغر" سڏيو ويو آهي. پر انسان جو، انهن سڀني چيزن ۽ تخليقي ڪارنامن ۽ تعميري ڪاريگرين جو جامع آهي ۽ جو نقاش فطرت جي انتها متنوع مزاج ۽ حسن آفرين جذبہ تخليق جي مورت آهي، تنهن کي "عالم اڪبر" سڏيو ويو آهي. جيئن "الله اڪبر" آهي، تيئن "انسان بہ اڪبر" آهي. جيئن الله ۽ ان جي ڪمال جو ڪو اندازو نہ آهي، تيئن انسان ۽ سندس جمال جو بہ ڪو شمار ڪين آهي. جيئن الله "لاشريڪ" آهي، تيئن انسان بہ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امتيازي تخليق ۽ معنوي عظمت جي لحاظ سان "لاشريڪ" آهي. جيئن چيو ويو آهي تہ "الله چاهيو تہ ڪيس سجاتو وڃي، تہ پوءِ آدم کي پيدا ڪيائين". گويا آدم اهو "آئينہ حق نما" آهي، جنهن ۾ الله تعاليٰ جو ڪمال ۽ جمال هُو بهو، بلا ريب و فريب، بلاڪم و ڪاست منعڪس ٿين ٿا، جنهن ۾ "حق" تجلي ريز ٿئي ٿو، ۽ جو حق جي انعڪاس جو متحمل ٿئي ٿو، جو حق جي منتشر ڪمال ۽ جمال کي هڪ هنڌ منظم ۽ مجتمع ڪري ٿو، جنهن ۾ "حق" ڏسجي ٿو، جنهن سان حق ڏسجي ٿو. "و لقد ڪَرمنا بَني آدم" جو تاج بہ انسان جي ان عظمت ۽ عزت جي پاڪر آهي: "لَقد خَلقنَا الانِسانَ فِي اَحسَنِ تَقويِم" انسان جي حسن تخليق ۽ اقوام پسنديده ڏانهن اشارو آهي، ۽ تخليق ۽ تڪريم جا ضمير سڌا سنوان "خالق اڪبر" ڏانهن آهن گويا "انسان" جو دست قدرت جي تخليق آهي، ان تائين "اير غير" جي دسترسي جو ڪو احتمال ڪونہ آهي. سندس مادي ۽ خاڪي جسم جي ڳوهڻ وارا فضيلت مآب فرشتا سڳورا آهن. پر سندس معنوي زندگيءَ جو مبدءِ فيض، خود خالق ڪائنات آهي، ۽ سندس روح جو خروج ۽ دخول براه راست الله جي حڪم سان آهي. ٻين جو گذر سندس روح تائين مشڪل آهي. بقول اقبال:

لحد مين ڀي يهي غيب و حضور رهتي هين.

شاه چيو:

اڇي عزرائيل، سٽي جاڳائي سئي،
ٿي ڊوڙائي دليل، تہ پنهونءَ ماٺهو موڪليو.

عزرائيل فقط جسم کي ڇهي ٿو، پر روح تائين سندس رسائي ڪانہ ٿي ٿئي. اهو جيئن الله جي امر سان خاڪي جسم ۾ آيو آهي، تيئن الله جي امر سان ٻاهر نڪري ٿو، ۽ اها حقيقت ظاهر ٻين حضرات کان گهٽو مٿي آهي. مولانا رومي فرمايو آهي تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتِصال بي تَڪيَف بي قياس،

هست رب الناس را با جانِ ناس!

عبد ۽ معبود جو ربط ۽ ضبط نهايت نازڪ ۽ لطيف ۽ بي ڪيف آهي. حضرت علي ڪرم الله وجهه فرمايو آهي: "مَن عَرَفَ نَفسَهٗ فَقَد عَرفَ رَبهَ" جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. ۽ شاهه صاحب چيو:

پنهنجو آهين پاڻ، آڏو عجبين ڪي!

اڄ سائنس ۽ فلسفه ماديات جو دور ۽ زور آهي. سائنسدان سرگردان آهن ته زندگي ڇا آهي؟ ڪائنات ڇا آهي؟ ۽ خالق ڪائنات جي حقيقت ڇا آهي؟ نظام شمسي ڇا آهي؟ پر انهن جو "علم ۽ عقل" محدود آهي، ۽ هو ڪوريئڙي وانگر پنهنجي پيٽ مان ڪڍيل تاڃين ۽ ڄارن ۾ خود ڦاسي چڪا آهن، ۽ هميشه ڦاٿا رهندا. ان طرح فلسفي ويچارا اصطرلاب ۽ ليبارٽريءَ ڪان سواءِ، پنهنجي عقل جي گهوڙي تي چڙهي ڏڪا ٿا هڻن ۽ بقول رومي "انهن جا پير ڪاٺ جا آهن!" انهن جو ڪنهن سنئينءَ راهه تي پهچڻ ناممڪن آهي، اهي سائنس، فلسفي، عقل، علم، دماغ، قلم، ڪتابَ ۽ ظاهري نظر سان هن "ڪائنات" کي سمجهڻ گهرن ٿا. هزارين ورهيه گذري ويا. بقول اڪبر الـه ابادي:

ليڪن خدا ڪي بات، جهان ٿي وهان رهي!

ٽيون گروهه آهي صوفياءِ ڪرام جو، جي عقل ۽ علم کان گهٽو مٿي، "ذوق" حال ۽ وجدان سان انهن مسئلن کي سمجهن ٿا. فلسفي ۽ سائنسدان جو پرواز اتي ختم ٿئي ٿو ته زندگي ڇا آهي؟ پر صوفي چوي ٿو ته "زندگي ڇو آهي؟" هو چون ٿا ته "ڪائنات ڇا آهي؟" صوفي چون ٿا ته "ڪائنات ڇو آهي؟" ان جي غايت تخليق ڇا آهي؟ ڪنهن پيدا ڪئي آهي؟ ۽ ڪنهن جي لاءِ هي ايترو مانداڻ منڊيو ويو آهي؟ نباتات ۽ حيوانات ۽ جمادات ۽ طبقات الارض ۽ فلڪيات جي نظري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قياسي، وهمي ۽ ظني علوم کي دنيا ”سائنس“ سڏي ٿي ۽ انهن کي ”سائنٽيفڪ نظريات“ سڏي ٿي. حالانڪ ”وجدان ۽ ذوق، باطن ۽ بصيرت“ ڪان سواءِ اسان جا حواس ناقابل اعتبار ۽ ساقط الاعتبار آهن. هڪ سگوري چيو آهي ته ”جڏهن هڪ دفعو منهنجا حواس غلطي ڪن، ته اهي هميشه لاءِ ناقابل اعتبار سڏي سگهجن ٿا. اسان جون اکيون چاٽي ٻجهي ٻه واريءَ جي رڻ کي بحر مواج ڏسن ٿيون“. اسان جون اکيون، فضا جي لا انتها پور کي نيري رنگ جو گنبذ نما آسمان سمجهن ٿيون. حالانڪ هو رڄ آهي، پاڻي نه آهي ۽ هي فضا آهي. اهو رنگ اسان جي اکين جي ڪوتاهيءَ جو رنگ آهي. في الحقيقت آسمان نيرو ڪين آهي ۽ آسمان جي اها حقيقت ڪانه آهي جا نظر اچي ٿي. موجوده سائنس جو پرواز، اسان جي ”عقل ۽ نظر“ يعني ظاهري اکين تائين آهي، جن جو حال اهو آهي جو رڄ کي پاڻي ۽ فضا کي نيرو آسمان ٿيون سڏين. انهن جي حقيقت، دل جي بصيرت سان سمجهي سگهجي ٿي.

دل بينا ڀي ڪر خدا سي طلب،
آنک ڪا نور دل ڪا نور نهين.

علامہ اقبال، ”اک جي نور“ کي ”نور“ نٿو سمجهي گويا سائنس جي نظريات کي مڃي ته ٿو، پر چوي ٿو ته دل بينا جي ضرورت آهي. ان طرح شاه ڪريم چيو آهي ته:

اي ڪن ڳاڙهان وڪڻي، پيا ڪي ڪن ڳنهيج،
تنين ساڻ سنيج، سندي پريان ڳالهڙي!

چوي ٿو ته هن ڪائنات کي چو ٿو ڪولين ۽ ڦولين؟ ڪائنات ۽ ان جي خالق جي حقيقت توکي پنهنجي ”دل“ مان پوندي. سج، چنڊ، تارن، زمين ۽ مريخ جي معاملات ۾ تون چو ٿو پوين؟ انهن ۾ ڇا رکيو آهي؟ اهو ”عالم اصغر“ آهي. تون ”عالم اڪبر“ يعني ”انسان“ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. اهو پتو ”پاڻ“ مان پوندئي! رسول الله صلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الله عليه وسلم فرمائيندا هئا "رجعنا من جهاد الاصغر الي جهاد الاكبر" يعني "ننڍي جهاد کان وڏي جهاد ڏانهن موٽياسون". شاهہ لطيف ٺو چوي تہ:

اصـغر ڏي آهين گـهـٽـا، تون اکبـر ڏي آءُ!

اهو "عـالم اکبـر" کيـر آهي؟ اهو "انسـان" آهي ۽ ان کي سمجهڻ وڏي سائنس آهي ۽ اها سائنس، قلم، ڪتاب، ڪاغذ، ڪاليج ۽ ان جي ناليج جي مادي دنيا کان مٿي آهي. "اوراق" نہ گهرجن، پر "ادراڪ" گهرجي. بقول رومي:

صـد کتـاب و صـد ورق در نار کن
روئـي دل را جانـب دلـدار کـن!

شاهہ چيو:

اکـر پڙهہ الف جو، ٻيـا ورق سڀ وسـار،
اندر ڪـٽي اجار، پنا پڙهندين ڪيـتـرا!

ڪهڙي ڪاتب ٻيو ڪرين، مٿي ٻڻ ٻيهہ،
جي ورق وارين ويهہ، تہ اکر مڙيئي هيڪڙو!

هن علم کي علم ڪامل چوڻ بہ غلط آهي. الله تعاليٰ فـرمـايو آهي: "وما اُتيتم مِنَ العِلم الا قَليلا" گويا اسان کي قليل علم مليو آهي ۽ "ظلوما جَهولا" جي پاکر بہ سر تي آهي. هڪ جاهل، ظالم ۽ ڪم علم ماڻهوءَ جو پرواز ڏسو، جو پنهنجي چئن فوٽن جي دنيا کي ڇڏي وڃي سج چنڊ سان مٿو هنيو اٿس! بقول سعدي:

تو کـار زمين را نکو سـاختي،
کـہ با آسـمـان نيـز پرداختي.
کنز قدوري ڪافيہ، جي پڙهي پروڙين سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَرَ منڍي ماڪوڙي ڪوهہ ۾، پيئي ڪڇي اَپ.

منڍي ماڪوڙي ڪوهہ ڪان ٻاهر ڪاٻہ دنيا نٿي ڏسي ۽ نٿي مڃي. اهو ساڳيو حال آهي علم ظاهريءَ ۽ علم ماديءَ جو! موجوده انسان اڃان ناتجربيڪار ۽ نابالغ آهي. سندس سمجهہ اڃا سالم ڪين ٿي آهي. سندس نقل و حرڪت ٻاراڻا ٻانبڙا آهن. اهو انسان ترقي پذير آهي. ترقي ڪندي ”فوق البشر“ يا ”انسان ڪامل“ جي درجي تي پهچندو، يعني بالغ ۽ تجربيڪار ٿيندو. عامل ۽ عالم، فهيم ۽ دانشمند ٿيندو، علم ڪامل ۽ عقل ڪامل جو صاحب ٿيندو. موجوده الف، ب، ت جي مَڪتبي دنيا مان نڪري، هڪ آزاد دنيا ۾ ساهہ کڻندو. ساري ڪائنات کي مسخر ڪندو. سج ۽ چنڊ کي پنهنجي تابع ڪندو. سمنڊن جي پيٽ کي چيريندو، جبلن کي ٺوڪرن سان لوڏيندو ۽ چوندو:

نہ مين جهان ڪي لئي هون، نہ آسمان ڪي لئي،
جهان هي ميري لئي، مين هون بس خدا ڪي لئي.
اقبال (ٿوري تصرف سان)

پوءِ پنهنجي غايت تخليق تي سوچيندو. اهو سوچڻ سندس لاءِ مناسب ٿيندو. هو ڪائنات ۽ ۽ خالق ڪائنات تي غور ڪندو ۽ پوءِ چوندو تہ:

پيـــــهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

اِن ”انسان ڪامل“ لاءِ اقبال چيو آهي:

پري هي چرخ نيلي فام سي منزل مسلمان ڪي
ستاري جس ڪي گردراهہ هون، وه ڪاروان تو هي

شاهہ جو انسان ڪامل، اقبال ڪان گهڻو مٿي آهي. اقبال جي چرخ نيلي فام جي جواب ۾ چوي ٿو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪو عرش نہ اپ ڪو، زمين ناهہ ذرو،
نڪو چارو چنڊ جو، نڪو سج سرو،
اتي آديسين جو، لڳو دڳ درو،
پري پين پرو، ناٿ ڏٺائون نانهہ ۾!

اقبال جو "پري هي چرخ نيلي فام سي" ۽ شاهہ جو "پري پين پرو" غور طلب آهي. شاهہ، "انسان ڪامل" جو انتهائي مقام اتي ٿو ٻڌائي، جتي نہ عرش آهي، نہ اپ، نہ چنڊ جو چارو، نہ سج جو سرو، ۽ ان مقام کي "پري" سڏي ٿو. پر شاهہ جي "پري" کا پاڻ کان "پري" ڪين آهي. شاهہ ٿو چوي؛

وڃين ڇو وٽڪار، هت نہ ڳولين هوت کي،
لڪو ڪين لطيف چئي، پاروچو ٻيءَ پار،
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو!

نطشي، اقبال ۽ برگسان جا "انسان ڪامل" ۽ "فوق البشر" متعلق نظريات اوهان کي معلوم آهن. نطشي جي نظر ۾ "نيپولين" جهڙو شرابي، بدمست، آوارو، رنگين مزاج، خوني ۽ جنگجو ماڻهو "فوق البشر" آهي، ۽ برگسان ويچارو زمان ۽ مڪان جي واديءَ ۾ گم ۽ غرق آهي. ان جي افڪار مان نطشي پنهنجو "فوق البشر" بونا پارٽ کي بنايو آهي.!

اقبال جو انسان ڪامل، گستاخ ۽ بيباڪ، شوخ ۽ شنگ، دريده دهن ۽ زبان دراز آهي. هو الله سان هم ڪلام ٿئي ٿو، پر آداب ڪلام کان جاهل! هو الله تي چوٽون ٿو هڻي ۽ ٽوڪون ٿو ڪري.

زبان آدم خاڪي زبان تيرا هي يا ميرا؟

ٻئي هنڌ:

اپنا گريبان چاڪ، يا دامن يزدان چاڪ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر شاھہ انسان ڪامل لاءِ چوي ٿو:

جڪري جهڙو جوان، جڙيو ڪين جهان ۾،
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
تنهن آڳي جا احسان، جنهن هادي ميڙيم هڙو.

شاھہ جي بشر ڪامل جا اوصاف نطشي ۽ اقبال جي فوق البشر جي وصفن سان پيٽيو.

آديسين ادب، آهي اکڙين ۾،
نسب تن جو ناھہ ڪو، نڪو تن حسب،
سامين کي سيپين پرين، روح ۾ آهي رب،
ريءَ لانگوٽيءَ لب، پاڇي رکن نہ پاڻ لئي!

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو تہ:

بک وڏائون بگرين، جوڳي ڪندا جُڃ،
طلب نہ رکن طعام جي، اوتيو پين اُڃ
لاهوتين لطيف چئي، من ماري ڪيو مُڃ،
سامي جهاڳي سُڃ، وڃي، وَسئَن کي ويجها ٿيا!

ٽئين هنڌ فرمائي ٿو:

گندي ۽ گراهہ، جنين سناسين سانديو،
تنين ڪان الله، اڃان اڳاهون ٿيو.

شاھہ جو انسان ڪامل گهٽو متي آهي:

ڪيچي ڪاچوتي، نانگن پڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موتي،
تنين جي چوتي، پورب ٿيندي پڌري!

انسان ڪامل لاءِ ائين چيو ويو آهي تہ هو ظاهري ”موت“ ۽ ”حيات“ تي بہ قابض ٿيندو ۽ ”موت“ ڪيس نہ ماريندو. شاھہ چيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا!

جيئڻا اڳي جي جيئا، جڳ جڳ سي جيئڻ،
موتي ڪين مرن، مرڻا اڳي جي مئا!

افلاطون جو بشر ڪامل هڪ حجره نشين "ملا يا رڍ" آهي، جنهن مان نہ دشمن کي ڀئو، نہ سڄڻ کي آسرو، پر شاهہ جو "بشر ڪامل" بازور آهي:

هڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال م ڍار!

مولانا روميءَ جو بشر ڪامل بہ ذرا بيباڪ ۽ گستاخ آهي، جنهن فرمايو اٿس:

بزير ڪنگره ڪبرياش مردانند،
فرشتہ صيد، پيمبر شڪار، يزدان گير!

پر شاهہ جو بشر ڪامل، صابر، خاموش طبع ۽ اديب آهي:

آديسين ادب، آهي اڪڙين ۾!

پڇاڙيءَ ۾ ايترو ٻڌائڻ مناسب ٿو سمجهان تہ بشر ڪامل جو مذهب ڇا هوندو؟ نطشي، عيسائيت جا ڄوڙا لاٿا آهن. رومي ۽ اقبال، مذهب، نسل، رنگ ۽ ذات پات جي تفريق کان ٻاهر ٿا بشر ڪامل مڃين. شاهہ صاحب جو بہ "بشر ڪامل" ائين آهي.

نڪو ڪم ڪفّارسين، نڪا مسلماني من!

رومي چوي ٿو:

مِلت عشق زهمہ دين ها جدا است،
عاشقان را مذهب و مِلت خدا است.

اقبال جو بشر ڪامل جڏهن خدا جي نزديڪ وڃي ٿو، تڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا بندي سي خود پوڇي، بتا تيري رضا ڪيا هي؟

موجب، خدا، بندي جي رضا طلبيءَ لاءِ مجبور آهي. مگر شاهه پنهنجي بشر ڪامل لاءِ چوي ٿو تہ:

نرتي تند نياز سين، ہرائي ہيجل،
راز ڪيائين راءِسين، ڪنهن موچاريءَ مهل،
اَنا اَحمد بلا ميم چئي، سڻن هئين سائل،
ڪنهن ڪنهن پيئي ڪل، تہ هر دوئي هيڪ ٿيا!

وري ٻئي نموني ۾ شاهہ، بشر ڪامل جو حال بيان ڪيو آهي:

ڪنهين ڪنهين ماڙوهين، پيئي ڪل ڪائي،
رسيا جي رمز ڪي، تن پارسي پائي،
الانسان سري وَاَناسره، ورتي ائين وائي،
راجا راڳائي، هر دوئي هيڪ ٿيا!

"وحدت الوجود" ۽ "وحدت الشهود" جي لفظي تعبيرات ۾ راجا ۽ راڳائي، عبد ۽ الله، احمد ۽ احد جا بحث ڏسڻ گهرجن ۽ مڪتوبات امام رباني ۽ محي الدين ابن عربي اندلسيءَ جا ڪتاب ڏسجن.

شاهہ جو انسان ڪامل هميشہ حجت، دليل، فخر ۽ ناز ڪان پري آهي:

حجت هوت پنهونءَ سان، مون ڪميڻيءَ ڪيهي
هو جا پائين پير ۾، تنهن جُهيءَ نا جيهي.

شاهہ جو انسان ڪامل اياز آهي، جو فرمانبردار ۽ نياز وارو آهي، جو محمود ۾ محو آهي ۽ محمود ان ۾ گم آهي. الله پنهنجي محبوب لاءِ چوي ٿو تہ:

لَو لاکَ لَمَا خَلَقت الاَ فَلاکَ!

پر عبد چوي ٿو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَنا عَبده و رسوله،

رومي چوي ٿو تہ:

”گــفـــتــــه او گــفـــتــــه الله بود
گـــرچه از حلقـــوم عـــبـــدالله بود“

قرآن چوي ٿو تہ:

”ما يَنطِقَ عَنِ الهَوىٰ، ان هوَ اليٰ وَحي يوحيٰ“

اقبال چيو آهي تہ:

”قاري نظر آتا هي، حقيقت مين هي قرآن“

انسان ڪامل، مجسمه مذهب، مجسمه دين، مجسمه عرفانُ، مجسمه اسلام هوندو، جنهن ۾ دُئي نہ هوندي ۽ نہ ڪفر هوندو. ان جي دور ۾ اسلام ڪتابن ۾ نہ هوندو، پر مجسمه اسلام هوندو. ”صبِغَة الله وَ مَن اَحسَن من الله صبغَة الله“ جي رنگ ۾ رنگيل هوندو ۽ ”انا الحق“ چوڻ جو مجاز هوندو. جيئن لوهہ باه ۾ سڙي، ڳاڙهو ٿي ”انا النار“ چئي سگهي ٿو. سندس خاصيت ساڙڻ واري ساڳي باهہ واري رهي ٿي. شاه صاحب فرمائي ٿو:

مـــونا طور ســـينا، سندا سناسين
ســجدي ۾ ســيـــد چئي، گـــوڏا گـــودڙين
فَكانَ قابَ قَوسَينَ او ادنيٰ، تا نانگا ايئن نمن
خَر مـــوسيٰ صَعــقــا، تــا جوڳي جُنگ جلن
بي يمشي بي يَنطِق، تـــا اهڙي چال چلن
بي يَســمَع بي يبــصــر، تــا اهڙي روش رَون
سيـد چئي سندين، ڳالهہ پڇين تـو ڪـهڙي!

جن جو هلڻ، ڳالهائڻ اُٿڻ، ويهڻ، ٻڌڻ سڀ الله جي تصرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان هوندو، ۽ هو الله ۾ فنا هوندا اهي مجسمه اسلام هوندا. قرآن ڪاغذن ۾ نه هوندو، پر قلبن ۾ هوندو، قرآن مجسمه انسان ۾ ڳم ٿي ويندو ۽ "قاري نظر آتا هي حقيقت مين هي قرآن" جو مظهر هوندو. ان وقت نه ڪفر موجوده صورت ۾ هوندو نه اسلام رسمي طرح سان هوندو. عبد ۽ الله صوري ۽ معنوي رنگ ۾ هڪ ٻئي کي ويجهو هوندا:

عاشق ڇئو م ان کي، م کي ڇئو معشوق
خالق ڇئو م خام تون، م کي ڇئو مخلوق.

اهو نه خالق آهي نه مخلوق، آئيني ۾ پنهنجي صورت صاف نظر اچي ٿي، پر ان صورت کي ماڻهو نٿو سڃاڻي، پر ان آئيني جي صورت کي به "صورت انساني" ضرور سڃاڻي ٿو! اهو انسان "آئينہ حق نما" هوندو. اهو معاملو ڳجهه آهي، جنهن متعلق شاعر، عالم، فلسفي، صوفي، سڀ حيرت ۾ غرق آهن. احد ۽ احمد. عبد ۽ الله، آئيني ۽ صورت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ شاه صاحب فرمائي ٿو:

نابوديءَ نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو
مورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پڻ سيئي
ڪبي ات ڪيهي؟ ڳالهه پريان جي ڳجهه جي.

اها ڳجهي ڳالهه به شاه ڪئي آهي ته:

نڪا ابتدا عبد جي، نڪا انتها!

برناردشا اڳ ۾ مهاتما ٻڌ کي انسان ڪامل سڏيو ۽ پوءِ پڇاڙيءَ ۾ استالن کي بشر ڪامل سمجهيو اٿس. پر اسان جو شاه چوي ٿو ته مڙس جي ڳالهه هڪ.

ڀڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين
هئا اڳهين ڳڏ، پر ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل گل پسي گـودڙيا، گـهـٽـا ۾ پـائـيج
سـوئي سـڃاڻيج، ”هي“ هو آهي هيـڪـڙو!

---------

ســاهڙ ســا ســوهـڻي، ســائر پڻ ســوئي
آهي نجوئي، ڳجهـ ڳجهــاندر ڳالهـــڙي!

---------

پيــــــهـي جان پاڻ ۾، ڪـيـم روح رهاڻ
تـہ نـڪـو ڏونگر ڏيهـ ۾، نـڪـا ڪيچين ڪاڻ
پنهـون ٿـيس پاڻ، ســسـئي تان سـور هـٽـا!

---------

ڪـيـڏانهن ڪـاهيـان ڪـرهو، چوڏس چـٽـاٽو
منجهـئي ڪـاڪ ڪـڪـوري، منجهين لـڌاٽو
راٽـو ۽ راٽو، ريءَ راٽـي پيـــو ناهـ ڪـو!

---------

ڪـانهي ٻي تنوار، ملڪ مـڙيوئي مـيندرو

---------

اسين ســڪــون جن ڪي، سي تان اسين پاڻ
هاٿي وچ گـمـاڻ، صـحـيح سـڃاتا سـپـرين!

عبد ڪامل پڇاڙيءَ ۾ ”هو“ بنجي ويندو. شاهہ ڪان وڏيڪ ان نظريي ڪي ڪنهن بہ بيان نہ ڪيو آهي. اقبال فرمايو آهي:

ڪـہ يہ ٹوٹا هوا تاره مـہ ڪـامل نہ بنجائے.

شاهہ چيو:

نـڪـا ابتـدا عـبـد جي، نـڪـا انتـهـا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل

# انساني اخلاق ۽ ڪردار

اڄڪلهہ جا ڪيترا اديب مغرب جي غلامانہ ذهنيت جو شڪار آهن. مغرب جا اديب اخلاق کي اضافي رسم ۽ رواج سمجهن ٿا. انهن جو چوڻ آهي تہ هر دور ۽ هر ملڪ ۾ اخلاق جو نظام بدلجندو رهيو آهي. زمانو بدلجندڙ حالتن سان گڏوگڏ اخلاق جي معنيٰ ۽ مطلب کي بدلائيندو رهيو آهي ۽ بدلائيندو رهندو. پر جيڪڏهن علمي نقطي نظر سان ۽ فلسفہ اخلاق جي ڪسوٽيءَ تي مٿئين نظريي کي پرکبو تہ انهيءَ چوڻيءَ جي صداقت ظاهر ٿي پوندي.

اخلاق جي جائزي وٺڻ کان اڳ ادب ۽ اخلاق جي لاڳاپن کي سمجهي پنهنجي موضوع ڏانهن اڳتي وڌبو تہ وڌيڪ مناسب ٿيندو.

جڏهن اسين ادب ۾ زندگي جي عوامل کي اڳيان رکنداسين تہ لازمي آهي تہ اسان کي تعميري ادب پيش ڪرڻو پوندو ۽ اهڙيءَ حالت ۾ اهو تخريبي جراثيم کان پاڪ ۽ صاف هوندو. اسان کي زندگيءَ جي حسن ۽ قبح جي پهلوئن کي اڳيان آڻڻو پوندو؛ تمدن ۽ معاشرت، اخلاق ۽ ڪردار، تعمير ۽ ارتقا جي سيني ڳالهين کي پيش نظر رکڻو پوندو، ۽ انهيءَ نقطي نظر کان بيان جي صفائي، خيالات جي پاڪيزگي، هيئت جي جدت ۽ مواد جي بصيرت ۾ زندگيءَ جون جهلڪيون نظر اينديون. انهيءَ قسم جو ادب زندگي جي ويجهو هوندو آهي ۽ اهڙي ادب کي ئي ادب برائي زندگي چئبو آهي. اهڙي ادب ۾ صداقت، سوز ۽ گداز، رحم ۽ ڪرم، احساس ۽ جذبي جو هجڻ لازمي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙن ئي عنصرن سان زندگيءَ جي تعمير ٿئي ٿي ۽ اهڙي ادب کي ئي تعميري ادب چئبو آهي يا ادب برائي زندگي سان تعبير ڪبو آهي.

زندگيءَ جو مفهوم ڏاڍو وسيع آهي، جنهن جي تعبير جا مختلف پهلو آهن. انهن مان اخلاق جو تعلق سڀ کان ويجهو آهي. ان جي فقدان کان زندگي کي زندگي نہ چئي سگهبو. هن جي انتشار کان زندگي عجب شيءِ بنجو ٿي وڃي. اخلاق زندگي جو مظهر آهي ۽ انسانيت جو آئينو آهي. انهيءَ حقيقت کان انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي تہ اخلاق ۽ زندگيءَ جو ربط مشترڪ حيثيت رکي ٿو ۽ انهيءَ پهلو کان ادب ۽ اخلاق جا چيڙا ملندا نظر اچن ٿا.

انهيءَ نقطي نظر کان اسان جي ولي الله ۽ زنده جاويد شاعر شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ اسان کي اهڙو ادب پنهنجي شاهڪار "شاه جي رسالي" ۾ پيش ڪيو آهي.

اسان جي اڄوڪي مذاڪري جو عنوان آهي "شاه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار". انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار، تعميري ادب جو هڪ ضروري جز آهي ۽ شاه صاحب ان کي جابجا پنهنجن سرن ۾ نمايان ڪيو آهي. هن موضوع تي خيالن جي اظهار ڪرڻ لاءِ اسان کي عالم انساني جي اخلاق تي غور ڪرڻو پوندو. جي سڄي بني آدم ۾ ٿورو گهڻو نظر اچن ٿا. جهڙوڪ عبادت، انساني مساوات، راستي بازي، عدل ۽ انصاف جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ، ملڪي ۽ قومي مفاد جي حفاظت ڪرڻ، نيڪين جي پابندي ۽ بڇڙاين کان بچڻ ۽ ڪردار جي اهميت. اهي ۽ انهن جهڙيون ڪي ڳالهيون جي انساني جماعت ۾ قريب قريب هڪجهڙيون ملن ٿيون. جڏهن اسين انهن عام اخلاقن تي غور ڪريون ٿا ۽ شاهہ صاحب جي ڪلام تي نظر وجهون ٿا تہ هڪ سرسري مطالعي مان ئي آسانيءَ سان فيصلو ڪري سگهون ٿا تہ شاه عبداللطيف ڀٽائي هڪ مسلمان ۽ صوفي شاعر هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن پنهنجي ڪلام جي ذريعي اهڙي اخلاق جي تعليم ڏني آهي جا سڄي دنيا جي انسانن لاءِ عموماً ۽ مسلمانن لاءِ خصوصاً اهميت رکي ٿي.

**عبادت:** اسين سڀ ڪان اڳي عبادت کي ونون ٿا. شاه صاحب نهايت سهڻي نموني ۾ انسان کي خدا جي عبادت لاءِ تاڪيد ٿو ڪري ۽ ان جي نتيجي کان آگاه ٿو ڪري. جيڪي غفلت ۾ ستا پيا هوندا آهن، تن کي سجاڳ ٿو ڪري ته ننڊ ۾ پئجي رهڻ کان ڪجهه حاصل ڪري نه سگهندين، تنهنڪري اٿي عبادت ڪر:

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ٿئي.

سر ڪلياڻ ۾ عبادت لاءِ جيڪي چيو اٿس، تنهن جو اندازو هيٺين بيتن مان ٿي سگهي ٿو:

وحدهٗ لا شريڪ لهٗ، چئُه چوندو آءُ،
فرض واجب سنتون، تنئون ترڪ مَ پاءِ،
توبهه سندي تسبيح، پڙهي سا پچاءِ،
نانگا پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راه سونهاءِ،
سيپريان جي ڳالهڙي، ڪي هنئين سين لاءِ،
ته سندي دوزخ باه، تو اوڏيائي نه وڃي.

ساڳئي سر ۾ بئي هنڌ فرمائين ٿا:

وحدهٗ لا شريڪ لهٗ، جن اُتو سين ايمان،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، قلب ساڻ لسان،
اوءِ فائق ۾ فرمان، اوتڙ ڪنهن نه اوليا.

سر سريراڳ ۾ چون ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي، مٿيءَ لڏو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، آڳهه اچيو اُن جي.

عبادت هر مذهب ۽ ملت جو هڪ فرض آهي. آتش پرست باه ذريعي، يهودي ۽ عيسائي پنهنجي پنهنجي طريقي سان ۽ ڪي قومون مورتين کي اڳيان رکي عبادت ڪن ٿيون. شاه صاحب عبادت جي فرض کي اسلام جي طريقي تي ادا ڪرڻ جي تعلم ڏني آهي، جهڙوڪ فرض، واجب ۽ سنتون جي لفظن مان ظاهر ٿو ٿئي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ دوزخ جي باهه ويجهي ڪين ايندي.

**توحيد:** جيڪڏهن عبادت جي حقيقت تي غور ڪبو ته ان جو بنياد توحيد تي ثابت ٿيندو. توحيد جو مطلب هي آهي ته انسان نه رڳو الله کي ئي هڪ سمجهي بلڪ پنهنجي ڪردار، افڪار ۽ اعمال ۾ پڻ يڪساني يعني توحيد پيدا ڪري. ڪردار ۽ اعمال ۾ توحيد پيدا ڪرڻ وحدت فڪر تي منحصر آهي. وحدتِ فڪر ان وقت تائين ممڪن نه آهي، جيسين سڄي ڪائنات جي ڪثرت کي وحدت جي طرف رجوع نه ڪيو ويو آهي. ڪائنات ۾ ڪثرت ۽ وحدت جو لاڳاپو اهڙو آهي، جهڙو ٻج ۽ وڻ جو. ٻج هڪ هوندو پر اُن جي صورت ۽ شڪل اهڙي هوندي آهي جنهن کي ڏسي اندازو نه ڪري سگهبو ته ان ۾ ڪهڙي قسم جو وڻ لڪل آهي. نه اهو معلوم ٿي سگهي ٿو ته اهو ڪهڙي ول جو ٻج آهي: گلاب يا سورج مکي جو. نه اها خبر پوي ٿي ته هن ٻج ۾ انب، ليمي يا نم جو وڻ لڪل آهي. پر جڏهن هن ٻج کي هڪ خاص طريقي سان زمين ۾ پوکي پاڻي ڏنو وڃي ٿو ته ان ٻج جي وحدت مان وڻ جي ڪثرت ظاهر ٿئي ٿي. هن تمثيل مان ثابت ٿئي ٿو ته وحدت فڪر جو واسطو وحدتِ وجود سان آهي ۽ وحدت وجود مان جيترو وحدت انساني ۽ وحدت ڪائنات ثابت ٿئي ٿي ٻئي ڪنهن، اصول مان نٿي ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ صاحب هڪ صوفي شاعر هو. صوفين جا ٻہ گروهہ آهن. هڪ وحدت الوجود وارا ۽ ٻيا وحدت الشهود وارا. شاهہ صاحب وحدت الوجود جو قائل هو. وحدت الوجود جي مسئلي کي شاهہ صاحب جنهن انداز سان پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي، تنهن مان هي مشڪل مسئلو آسان ٿي پيو آهي. جيئن شاهہ صاحب فرمائين ٿا:

سو پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اَکِهين ڳنڍ، پر ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

وحدت تان ڪثرت ٿئي، ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀل
هو هلاچو هل، بالله سندو سڄڻين.

---

ايڪ قصر در لک، ڪوڙين سهس ڳڙکيون
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

---

ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجون، لکن لک هزار
جيءَ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار
پريم تنهنجا پار، کهڙا چئي ڪيئن چوان.

توحيد يا وحدت الوجود جو هيءُ فائدو آهي تہ عبادت جي وقت، انسان جو خيال سواءِ خدا جي ٻئي ڪنهن پاسي ڀٽڪڻ نہ گهرجي.

هاڻي شاهہ صاحب جي ڪلام مان بعض اهڙا مثال پيش ڪريون ٿا جي تمام عالم انساني جي لاءِ هڪ جهڙا فائديمند آهن.

**مساوات:** مساوات، انسان اخلاق جو اهو بلند درجو آهي، جنهن ڪان بهتر ۽ برتر ڪو مرتبو نہ آهي. هن سلسي ۾ اهو بہ ظاهر ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجي ته مساوات انساني جي تبليغ دنيا جي سيني مذهبن ۽ قومن ۾ سڀ کان اڳي اسلام ئي ڪئي آهي ۽ اهو اسلام جي برتريءَ جو سڀ کان وڏو ثبوت آهي. اقبال پنهنجي شڪوه ۾ چيو آهي:

ايڪ هي صف مين کڙي هوگئي محمود اياز

نه ڪوئي بنده رها اور نه ڪوئي بنده نواز.

غور ڪري ڏسبو ته اسلام جو اهو اصول سڄي بني نوع انسان جي لاءِ رحمت جو سبب آهي ۽ اڄ دنيا جي هر قوم ۾ اهو احساس پيدا ٿي چڪو آهي ته سڀ انسان انساني حقن ۾ بلڪل مساوي آهن. شاهه صاحب وٽ اهو خيال جدا جدا نموني ۾ ملي ٿو، مثلاً: سر سارنگ ۾ فرمائين ٿا:

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

هن بيت ۾ شاهه صاحب جتي سنڌ کي دعا ڪئي آهي، تتي سڄي عالم کي به دعا ۾ شامل ڪيو اٿس. هن بيت مان نه رڳو مساوات جو پتو پوي ٿو بلڪه خود شاهه صاحب جو ڪردار به ان مان ثابت ٿئي ٿو.

**ڪردار:** انساني ڪردار ئي اصل ۾ انسان جي اها صفت آهي، جا هن کي بلند کان بلند تر به ڪري سگهي ٿي، ۽ ذليل خوار به ڪري سگهي ٿي. هڪ فارسيءَ جي استاد چڱو چيو آهي:

آدمي زاده طرفه معجون است
از فرشته سرشته وز حيوان
گر کند قصد اين شود بد ازين
وز کند ميل آن شودي ازان

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جيترو زور ڪردار تي ڏنو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اوترو شايد ٻئي ڪنهن موضوع تي نه ڏنو هجي. مثلاً مارئي، سسئي، ليلان، نوري، سهڻي، مومل، عمر، پنهون چنيسر، تماچي، ميهار ۽ راڻو وغيره. شاهه صاحب جا خاص ڪردار آهن. شاهه صاحب پنهنجي هر ڪردار جي خصوصيتن کي چمڪائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي. ان مان شاهه صاحب جو هيءُ مطلب آهي ته ڪردار سان ئي انسان، انسان بنجي ٿو. شاهه صاحب جي هر ڪردار جو تفصيل هن جي هر هڪ سر مان ملي ٿو. اصل ۾ ڪردار ئي هڪ اهڙو راز آهي، جنهن مان اخلاق، اخلاق بنجي ٿو ۽ اخلاق ۽ ڪردار مان ئي ڪا قوم عظمت ۽ جبروت حاصل ڪري سگهي ٿي.

اسين شاهه صاحب جي رسالي مان فقط مارن جو ڪردار مارئيءَ جي زباني نقل ڪريون ٿا:

اي نه مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين سون تي،
اڇي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانه ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙين سين نه مٽيان.

خود مارئيءَ جي ڪردار ۾ حب الوطني به شامل آهي. حب وطن به هڪ عام انساني ڪردار آهي. حضرت بلال حبشي هجرت ڪري مدينه طيبه اچي ويو هو. پر اضم جبل جو ذڪر پنهنجن شعرن ۾ ضرور ڪري ٿو، جتي هو رڍون ۽ ٻڪريون چاريندو هو. هن جي شعرن مان مڪي معظمه جي محبت پيئي بکي. مارئي جو به شاهه صاحب اهوئي حال ڏيکاريو آهي.

واجهائي وطن کي، آءُ جي هت مياس،
گور منهنجي سومرا! ڪج پنهوارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، منجهان ولڙن واس،
ميائي جياس، جي وڃي مڙهه مليرر.

**ذخيره اندوزي:** هيءَ هڪ اهڙي لعنت آهي جا جيڪڏهن ڪٿي ڦٽي نڪري ٿي ته انسان جي ايذاءَ جو سبب بڻجي ٿي. مثلاً اسان جي زماني ۾ اڄڪلهه جا مهانگائي نظر اچي رهي آهي، سا ذخيره اندوزي جي ڪري ئي آهي. غريب ماڻهو ۽ وچولي درجي جا ماڻهو ذخيره اندوزي جي سبب بيحد پريشان آهن. ذخيره اندوزيءَ جو رجحان نئون ڪونه آهي، بلڪ شاه صاحب جي زماني ۾ به ان جو پتو پوي ٿو. جهڙوڪ سر سارنگ ۾ شاهه صاحب ان جي مذمت ڪندي فرمائين ٿا:

حڪم ٿيو بادل کي، ته سارنگ سات ڪجن،
وچون وسڻ آئيون، تهه تهه مينهن ٿمن،
جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن،
پنجن منجهان پندرهن ٿيا، ائين ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهن مان، موذي سڀ مرن،
وري وڏي وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چوي سين، آهه توهه تنهنجي آسرو.

**رب ۽ روٽي:** لين کي اقبال پيغمبر نان و شڪم سڏيو آهي. دنيا ۾ هڪ اهڙو طبقو به آهي، جنهن کي انساني زندگيءَ جي لطافتن سان پري جو به واسطو ڪونهي، حالانڪ حياتيءَ جون اهي لطافتون معاشري جي لاءِ نهايت ضروري آهن. مثلاً فڪر ۽ خيال جو انهن جي ميلاپ سان وڏن وڏن ايجادن جو واسطو آهي، پر نان ۽ شڪم جا پوڄاري انهيءَ قسم جي ضرورتن کي نظرانداز ڪن ٿا. شاهه صاحب روٽيءَ کي روٽيءَ جوئي مقام ڏنو آهي ۽ ربّ کي ربّ جي مقام تي سمجهيو آهي؛ پر روٽي ۽ ربّ جي هڪبئي سان ڀيٽ ڪانه ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته اها ڀيٽ عقل جي برخلاف آهي. تنهنڪري شاهه صاحب سر رامڪلي ۾ فرمائين ٿا:

گولا جي گمراه جا، جوتا سي جوڳي،
قتل سي ڦوڳي، جني شڪم سانديا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳئي سر ۾ ٻئي هنڌ چون ٿا:

جن سنياسين سانڍيو، گنڍي ۾ گراه
اُنهيءَ ڪان الله، اچا اڳاهون ٿيو.

عام انساني قدرن مان صلح ۽ تواضع به آهن. هن بابت شاهه صاحب جيڪو فيصلو ڏئي ٿو، سو ٻڌو:

نمي ڪمي نهار، ڏمر وڏو ڏک،
صلح ۾ سڀ سک، جي سنواريا سمجهين.

**مال انديشي:** سڀني حيوانن ۾ انسان کي جيڪو شرف حاصل آهي، سو انهيءَ ڪري آهي ته هو هر ڪم جو مال يعني انجام اڳيئي سوچي ٿو وٺي. انسان کان سواءِ دوراند يشي، سعي و محنت ڪنهن جاندار جو فرض نه آهي. هن باب ۾ شاهه صاحب جو فرمائڻ ائين آهي ته:

تانگهي ۾ تاڻي، ٻَڌ پنهنجو ترهو
اونهي ۾ آڻي، ڪونه ڏيندو ڪو پيو.

ٻئي هنڌ فرمائين ٿا ته:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نه ڏسين پرين جو.

انهن ٿورن مثالن مان، جي شاهه جي ڪلام مان پيش ڪيا ويا آهن. انساني اخلاق ۽ انساني ڪردار جي ڪيفيت جو معيار صاف سمجهه ۾ اچي ٿو. جيڪڏهن انهيءَ موضوع کي شاهه صاحب جي ڪلام مان مڪمل طور تي اخذ ڪيو وڃي ها ته هڪ ضخيم ڪتاب تيار ٿي سگهيو ٿي. هن مقالي جي گنجائش مطابق شاهه صاحب جي ڪلام مان ڪي ٿورا عنوان چونڊي هن موضوع تي مختصر اشارا ڪيا ويا آهن:

اگر درخانه کس است، حرف بس است.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رشيد احمد "رشيد" لاشاري

# محسن انسانيت

انساني اخلاق ڇا آهي؟ تنهن جي باري ۾ موجوده ائٽمي دور ۾ ڏينهون ڏينهن نوان نوان نظريا پيش ڪيا وڃن ٿا. مثلاً ڪن جو چوڻ آهي تہ اسين جنهن کي اخلاق سڏيون ٿا، سو اسان تي مڪمل نموني سان آسمان مان نازل ڪونہ ٿيو آهي، بلڪ انسان جي زندگي پنهنجن اونداهين ۾ هميشه سُڪون ۽ ڇوٽڪاري جا ذريعا تلاش ڪندي رهي ٿي. رد ۽ قبول جي هڪ لڳاتار عمل جي ذريعي، انساني اخلاق جو واڌارو ٿيو آهي ۽ دنيا جو ڪوبہ پيغمبر اخلاق جي باري ۾ آخري اکر نہ چئي سگهيو آهي.

انهيءَ جديد نظريي ۾ ڪيتري قدر صداقت موجود آهي، تنهن جو فيصلو هر اهل دل ۽ اهل ايمان پاڻهي ئي ڪري سگهي ٿو. مونکي فقط هيءُ ثابت ڪرڻو آهي تہ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ پنهنجي ڪلام ۾ جنهن انساني اخلاق ۽ ڪردار جو ذڪر ڪيو آهي، سو انهيءَ جديد نظريي جي حمايت ڪري ٿو يا ماڳهين ڪنهن اهڙي عظيم شخصيت جي پيرويءَ لاءِ سڏي ٿو، جنهن کي سراپا اخلاق ۽ "خُلقٌ عظيم" يعني اخلاق جي انتها يا آخري اکر تسليم ڪيو ويو آهي.

"شاه جي رسالي" جي هڪ هڪ اکر منجهان صاف ظاهر آهي تہ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ، جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي اخلاق کي اخلاق جو "آخري اکر" ڪري سڏيو آهي. جديد نظرين جي مطابق انساني زندگي پنهنجن اونداهين ۾ بيشڪ سڪون ۽ ڇوٽڪاري جا ذريعا تلاش ڪندي رهندي، پر ساڳئي ئي وقت جيستائين انساني اخلاق جي جامعيت ۽ آخري اکر هئڻ جو تعلق آهي، سو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي سيرت مبارڪ کان سواءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان کي ڪٿي هنڌ ڪٿي به نظر نہ ايندو ۽ نہ وري حضورجن کان پوءِ ڪنهن نئين اخلاق يا نئين پيغمبر جو ظهور ٿي ممڪن آهي:

جڪرو جس ڪرو، ٻيا سڀ انيراءَ
جٿائين ڳهڙيو جڪرو، تٿائين نہ ٻيا
مِني تنهن ماڳا، اصل هئي ايتري.

جڪري جي استعاري منجهان، متان ڪو هيءُ اعتراض اٿاريندو هجي تہ حضرت شاه صاحب جن پنهنجي انهيءَ بيت ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو نالو مبارڪ تہ نہ آندو آهي، بلڪ جادم جڪري نالي هڪ سردار جي تعريف ڪئي اٿس تہ ان جي جواب ۾ شاه صاحب جن علي الاعلان وري هيٺن ٿا فرمائين تہ:

جڪرو جس ڪرو، ٻيا مڙيئي مَل،
سمي جي سهاڳ جي، ڪهين نہ پوي ڪل،
مِني أن مرسل، اصل هئي ايتري.

غور ڪرڻ جي ڳالهہ آهي تہ سمو جڪرو چئي حضرت شاه صاحب "مرسل" جي لفظ سان بلڪل وضاحت ڪن ٿا تہ هيءُ اُهو مرسل آهي، جنهن جي اخلاق جي باري ۾ قرآن پاڪ ۾ خود الله تعاليٰ جي ذات جا اهي لفظ موجود آهن تہ "اِنکَ لَعلَيٰ خُلق عظيم" يعني تحقيق تنهنجو اخلاق سڀني کان بلند ۽ متاهون آهي. اهڙيءَ طرح رب پاڪ جو هيءُ بہ ارشاد آهي تہ "لَقَد ڪَانَ لَکُم فِي رَسُول الله اُسوَة حَسَنَة ط" (يعني سچ پچ توهان جي لاءِ الله جو رسول سُٺو نمونو آهي).

حاصل مطلب، رَبّ پاڪ جي اِرشاد مطابق انساني اخلاق جي باري ۾، حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ذات مبارڪ سڀني کان بهتر نمونو ۽ آخري اکر آهي، ۽ پاڻ سڳورن جي "خُلق عظيم" کان پوءِ، قيامت تائين هِن دُنيا ۾ انساني اخلاق جو ڪوبہ نئون نمونو يا نئون نظام هرگز پيدا ٿي نٿو سگهي. انهيءَ لاءِ شاه صاحب جن فرمايو آهي تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مٿي اُن مُرسل، اصل هُئي ايتـــــري".

شاه صاحب جن جي اخلاقي تعليم موجب، انسان کي سڀ کان اڳ الله تعاليٰ جي ذات پاڪ کي سندس صِفات سان گڏ مَڃڻو آهي. مگر الله جي توحيد بہ اُن وقت تائين هرگز مڪمل نہ آهي، جيستائين "وَمَا خَلَقْـات اَلاَ فـلاڪ لولاڪ لما" جي ارشـاد مطابق، نرت ۽ نينهن وچان حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڪائنات جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ يا سَبب تسليم نہ ڪيو وڃي. نہ رڳو ايترو، پر حضرت شاه صاحب جن نهايت سختيءَ سان تنبيهہ ٿا ڪن تہ انساني اخلاق جي سلسلي ۾ جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي "خُلق عظيم" کان سـواءِ ٻئي ڪنهن جي هدايت هرگـز قبـول نـہ ڪرڻي آهي، ۽ حـضرت محـمـد مـصطفيٰ ﷺ جي رب پاڪ جي دروازي کـان سـواءِ ٻئي ڪنهن بہ دروازي اڳيان هرگز نہ جهڪڻو آهي:

وَحدَهُو لاَشَرِيڪَ لهُو"، جان تـو چَئين ايئن،
تہ مَڃ محمد ڪارڻي، نِرتئون منجهان نينهن،
تان تون وڃيـو ڪيـئن، نائين سِر ٻيَن کي؟

مـوجود، دنيـا ۾، ڪي مـاديت جا پوئلڳ، ڀل تہ حـضور عليه الصلواة والسـلام جن جي اخلاق کي حرفِ آخر تسليم نہ ڪن ۽ انهن کي انسانيت جي مِن مُحسن اعظم جي مقدس زندگيءَ ۾ ڀل تہ هزارين اوڻايون نظر اچن، پر حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه انهيءَ محبوب مَدنيءَ جي شان جي خلاف هڪڙو اکر ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي. بلڪ ڀاڻ علي الاعلان هيئن ٿو فرمائي تہ:

جڪرا! جئين شال، تنهنجو ڪنين مَدو مَ سُڻان
جئـين تــو اَچي ڪــال، نــالائــق نَوازيــا

حضرت شاه صاحب جن جي تعليم موجب، انساني اخلاق جي باري ۾ اسين حضـور عليـه الصلواة والسـلام جن جي اخلاق کي بلڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪمل ۽ عالم انسانيت لاءِ حرف آخر سمجهون ٿا ۽ سمجهندا رهنداسين.

هوءَ جا گهوري گهوٽ جي، تنهن کي ڇَري ڇُونَ
ٻَرا تنين پون، ڏِنو جن اکين سين.

شاه جي رسالي ۾ اسان کي انساني اخلاق جو اهڙو ڪوبه پهلو نظر نٿو اچي، جو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اخلاق حميده ۾ موجود نہ هجي ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ اسان کان اڳ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي وجود مبارڪ کي، سڀني اخلاق سان سينگاريو. حضور جن جي تعليم ۽ تربيت قرآن پاڪ سان ڪئي ويئي ۽ سڄي دنيا جي تهذيب ۽ تاديب سندن وجود مبارڪ جي وسيلي ظهور ۾ آئي، ۽ پاڻ انساني اخلاق جو هڪ جامع ۽ مڪمل نمونو آهن. مگر انهيءَ انسانيت جي تڪميل، ماديت جي پيٽ پرائيءَ سان نہ، پر روحاني غذائن جي لافاني لذتن سان ئي ٿي سگهي ٿي، ۽ اهوئي انساني اخلاق جو سڀ کان پهريون اُصول آهي، ۽ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ پڻ ماديت جي پيٽ ڀَرائيءَ جي بدران، روحاني غِذا حاصل ڪرڻ تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. فرمائين ٿا:

جِئن ٿا ڀُڃن اَن کي، تِئن جي ڀڃن اَلله
تہ رِڙهي لَذائون راه، لَنگهنُ لکَ "لطيف" چئي.

شاهہ صاحب جن جي اخلاقي تعليم، اِنساني زندگيءَ جو مقصد فقط "روٽي لنگوٽي" مقرر نٿي ڪري، پر اُن جي بدران روحاني غِذا کي سڀ کان مقدم ٿي سمجهي:

جنهن سَناسي سانديو، گندي ۽ گِراهُ،
اُنهنءَ کان اَلله، اَڃا آڳاهون ٿيو.

شاه صاحب جن جي اخلاقي تعليم مطابق، سَچو پَڪو انسان فقط اُهو ٿي سگهي ٿو، جيڪو ٿورو کائي، ٿورو هَنڊائي، ٿوري تي راضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي، پيٽ پنيان لڳي، پنهنجي عزت ۽ خودداري نہ وڃائي ۽ دنيا جون سَڏون ڪڏهن بہ ساڻ نہ ڪٽي. ڇاڪاڻ تہ بُک ۽ بيروزگاري، دنيا جا هنگامي مسئلا ڪنهن بہ وقت ختم ٿي سگهن ٿا ۽ ضرور ٿيندا، پر سَچا انسان اُهي آهن، جيڪي:

وڃين وينا رهن، سانجهي رهن سمهي،
پيٽ نہ هيريائون پانهنجا، چوري ساڻ چپن،
بک مَرندي، بِکيا، ڪنهن ڪان ڪين گهرن،
ڦکي فقيرن، ماڳيان پِني ماٽ جي.

انهن ڪامل ڪاپڙين جي باري ۾، حضرت شاه صاحب جن هيئن بہ فرمايو آهي:

ڦوٽ ڪَڙايا ڪاپڙي، بُک جَهليائون بوءِ،
ويا نيرانا نِڪري، جوڳي منجهان جوءِ،
اَوسَر آجا اُوءِ، اَٿي گوندر گڏيا.

يعني، بک جو نعرو، خودپرستي يا پيٽ پوڄا ۾ شامل آهي ۽ انسان جيستائين انهيءَ پيٽ پوڄا کان بيزار ٿي، الله جي عشق ۾ بک ۽ اُڃ جون خواهشون ترڪ نٿو ڪري، تيستائين اُن کي انسانيت جو معيار ڪڏهن بہ حاصل نٿو ٿئي، جنهن جي باري ۾ حضرت شاه صاحب جن فرمائين ٿا تہ:

پوڄا ڪَرمَ پاڻ کي، پَل پوڄا کان پاڻ،
ڄاڻي ڄڏي ڄاڻ، پُر تون پُورب پار ڏي.

اهڙيءَ طرح حضرت شاه صاحب جن جي ڪلام ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اخلاق حميده جي پيش نظر هر هنڌ انسانيت جي معيار بلند ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي، ۽ اُهي ڳالهيون جيڪي انسانيت کي ڇيهو رسائين ٿيون، تن کان پَري رهڻ لاءِ نهايت سختيءَ سان منع فرمائي اٿن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه صاحب جو اخلاق، دولت کي هڪ هٿ ڪَنو ڪري، ظلم ۽ زبردستيءَ جي وسيلي انسان ذات جي محنت ۽ مزوديءَ کي هضم ڪرڻ ۽ مظلوم طبقي جي مٿان ڏنڊي جي زور تي حڪومت هلائڻ جي سخت خلاف آهي ۽ پاڻ دنيا ۾ عَدل ۽ انصاف، مساوات ۽ انسانيت جي تنظيم جا قائل آهن. ۽ انهيءَ نظريي جي پيش نظر دنيادار ظالمن کي الله جي عدل ۽ انصاف جو خوف ڏياريندي، فرمائين ٿا:

واهڙ! پَريون مَ پاءِ، تو پڻ ليکو ڏيڻو،
سَدا ساوڻ ڏينهڙا، هِيئهر نہ هونداءِ،
وِهاٽي ويندَاءِ، اوير اُتاهان لهي.

شاه صاحب جن پنهنجي زماني ۾ جڏهن ظلم ۽ زبردستيءَ ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو ڏسن ٿا. ۽ ڪين ظالمن جي ظلم ۾ ڪنهن بہ قسم جي گهٽتائي ڏسڻ ۾ نٿي اچي، ۽ ڪيترائي مظلوم پنهنجي اندر جون آهون ۽ دانهون پاڻ سان گڏ ڪٺي، هن ظلم جي وهڪري ۾ لڳاتار لڙهندا نظر اچن ٿا. تڏهن شاه صاحب جي اندر مان بہ هڪ قسم جي آه نِڪري ٿي ۽ فرمائين ٿا:

واهڙ، وهين مَ شال! سُکي پيلاٽيون ٿيين،
پَسان تنهنجي پيٽ ۾، لاٽا، لوٽ، ليار،
جيئن تو سَڀ جمار، آسائتيون پوڙيون.

شاه صاحب جي اخلاقي تعليم، سَراسر سَچ تي مبني آهي. ۽ پاڻ "دروغ مصلحت آميز بہ از راستي فتنہ انگيز" جا هرگز قائل نہ آهن. بلڪ هر حالت ۾ محبت جو ماڻڪ وٺجي، سَچ جو سودو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ علي الا علان هيئن ٿا فرمائين:

کُوڙ ڪماءِ مَ ڪَچ، اُتي اورِ الله سين،
ڪَڏ تون دغا دل مان، صاحب وَٽي سچ،
محبت سندو من ۾، ماڻڪ پارج مَچ،
اِن پَر اُتي اچُ، تہ سودو ٿيئي سَڦرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه صاحب جن جيتوڻيڪ هر انسان سان سچ ڳالهائڻ ۽ سچ جي سودي ڪرڻ جي تعليم ڏين ٿا، پر ساڳئي وقت ابليس صفت انسانن سان "صُلح ڪل" جا قائل هرگز نہ آهن ۽ اهڙن ماڻهن جي صحبت، ڏيتي ليتي ۽ دوستيءَ کان پڻ سختيءَ سان منع ڪن ٿا. جهڙڪي منهن ۾ مسلمان ۽ اندر ۾ ابليس آهن، ۽ انهن وٽ سچ ۽ سچن ماڻهن جو ڪوبہ قدر ڪونهي:

جي نہ سڃاڻن سچ کي، ويهہ مَ تنين وٽ،
امُل ڪي اڌ ڪري، پاڻان هَٽندا پَٽ،
مهر تنين وٽ مٽ، جي پارکو پارس جا.

---

ويٺي جنين وٽ، ڏکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ئي مَٽ، جا حاصل هوءِ هزار جي.

شاه صاحب جن اهڙن انسانن کان ايڏا تہ متنفر ۽ بيزار آهن، جو فرمائين ٿا:

منهن تہ آهيريائي اُجرو، قلب ۾ ڪارو،
ٻاهران زيب زبان سين، دل ۾ هَچارو،
ان پر ويچارو، ويجهو ناهہ وِصال سين.

ٻاڻ "Diplomacy" يعني دورنگي ۽ دوبينائيءَ جي سخت مخالف آهن ۽ فقط مسلماني يعني اسلام جي صحيح ۽ سالم واٽ اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪن ٿا ۽ فرمائين ٿا:

تون ڪا ڪاني پاءِ، وَنين ۾ وصال جي،
دوبينائي دور ڪري، معرفت ملهاءِ،
سپيريان جي سونهن ۾، رُخنو ڪين رِهاءِ
اک اشهد چاءِ، تہ "مسلماني" ماڻيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه صاحب جن جنهن انسانيت جي تعليم ڏين ٿا، اُها انسانيت، ڪنهن خاص نسل، خاص فرقي يا خاص نظريي وارن ماڻهن تائين محدود نہ آهي، ۽ نہ وري شاه صاحب جن جو اخلاق اسان کي اهو ٿو سيکاري تہ اُنهيءَ مظلوم کي هرگز مظلوم نہ سمجهو، جيڪو توهان جن محدود ۽ مخصوص نظرين جو مخالف هجي، ۽ انهيءَ ظالم سَرمايي دار انسان سان هر وقت نيڪي ڪريو، جيڪو توهان جي محدود ۽ مخصوص نظرين جو محافظ ۽ سرپرست آهي. بلڪ حضرت شاه صاحب جن جو اخلاق وڏي واڪي هيئن ٿو پُڪاري:

چڱن سان چڱائيون، اِئين سڀڪو هوءِ،
تو جيئن ڪري نہ ڪوءِ، بُڇن سان ڀلائيون.

شاه صاحب جن جي ذات تي رحمة اللعالمين جي اَخلاق جو ايڏو تہ اثر آهي، جو پاڻ عالمِ انسانيت ۾، هر حالت ۾ صلح ۽ امن جا قائل آهن ۽ ڪنهن سان بہ جنگ جهيڙو ڪرڻ نٿا چاهين. جيئن تہ سندن ارشاد آهي:

اَڻ چوندن مَ چئو، چوندن چيو وسارِ،
اَنئي پَهر اَدب سين، پر اِهائي پار،
پايو مُنهن مونن ۾، غربت سان گذارِ،
مُفتي مَنجهہ وِهارِ، تہ قاضي ڪاٽيارو نہ ٿيين!

يا وري سندن هيءُ فرمان تہ:

هُو چوندي تون مَ چئو، واتان ورائي،
اگ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

پر ساڳئي وقت سندن اِهو اخلاق مظلومن، بيڪسن ۽ الله تعاليٰ جي نيڪ بندن لاءِ تہ بلڪل عام ۽ وسيع آهي تنهن هوندي بہ سندن اَمن پسند طبيعت اِهو ڪڏهن بہ گوارا نٿي ڪري تہ ڪو ظالم ۽ سرمايي دار انسان پنهنجي دولت ۽ طاقت جي زور تي، دُنيا جي نادار ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مظلوم اِنسانن تي پل تہ پنهنجي ڏاڍ ۽ ڏمر جو ڏنڀو وَسائيندا رهن، پر اُنهن جي اڳيان ڪڏهن بہ ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍجي ۽ ڪين ظلم ۽ زبردستيءَ جي عام اجازت ڏيئي ڇڏجي. بلڪ حضرت شاهہ صاحب جن دُنيا جي غريبن ۽ مظلومن کي نِنڊ مان ڏونداڙي اُٿارين ٿا ۽ فرمائين ٿا:

بَندرِ جان ٻِئي، تہ سُڪائيا مَ سمهو،
ڪَپر تو ڪُنِ ڪري، جئن ماٿي منجهہ مَهي،
ايڏو سُور سَهي، نِنڊ نہ ڪجي ناڪئا!

ساڳئي وقت پاڻ پنهنجن غريبن ۽ مظلومن کي وقت جي نزاڪت ۽ حالت مطابق، ظلم جي مقابلي ڪرڻ جي پڻ تلقين ڪن ٿا ۽ هيئن ٿا فرمائين:

ڪڏهن ٿِجي ٻَڪرو، ڪڏهن ٿِجي ڪات،
ڪڏهن پئجي ڪَن ٿي، ڪڏهن ٿجي وات.

شاهہ صاحب جن جي اَخلاقي تعليم موجب، اِنسان کي پنهنجي ذاتي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن بہ اڳرائي نہ ڪرڻي آهي، پر جڏهن ڪو ظالم سندس حق تلفي ڪري ڪيس هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جي سازش سِٽي ٿو، تہ پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ اُن مظلوم اِنسان کي ڪڏهن بہ خاموش نہ رهڻو آهي. بلڪ ڪاريهر نانگ وانگر ڪيس اهڙو ڏنگ نڪاءِ ڪرڻو آهي، جو يا تہ اُٿئي مَري يا سَڄي عمر صحت لاءِ سڪي:

ڀهرين ڪاري نانگ جي، ڪو ڄر ڪيل ڇيڙ ڪري،
جي هٽي ڏنگ ڏسائيو، تہ ويجهو تان نہ وَري،
جيڪي ٿپ مَري، جيڪي سڪي صِحت کي.

اِنهيءَ غيرت ۾ خود داري واري جذبي ۾، هر مظلوم اِنسان بَرابر جو شريڪ آهي، ۽ اُن ۾ ڪمزور ۽ طاقتور، سنهي ۽ ٿُلهي ۽ بيمار ۽ صحتمند جو ڪوبہ فرق ڪونهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَنهـــان پـــانءِ مَ سَپَ، وِياءَ واســـينگن جا،
جَنين جي جهـــرّپ، هاٿي هَنڌان ٿي نـہ چُري.

مختصر ڳالهہ تہ شاهہ صاحب جن جو سچو رسالو اخلاقي تعليم سان ڀرپور آهي ۽ سندن ڪلام جو هر هڪ لفظ قرآن پاڪ جي تعليم جي عين مطابق ۽ جناب سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليـہ وسلم جن جي ”خُلقُ عظيم“ جو أجريل آئينو آهي ۽ شـاهہ صـاحب جو هيءُ بيت انهيءَ دعويٰ لاءِ هڪ مڪمل دليل آهي:

جي تو بيت ڀـــانئـــيا، سي آيتـــون آهين،
نيــــــو مَن لائين، پريان سندي پار ڏي!.

ڊاڪٽر مدد علي قادري
شعبه عربي، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد

# شاهه لطيف ۽ سنڌي ٻولي

هر زبان جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ زياده تر ٽن هستين جو هٿ رهيو آهي. اهي آهن: لغوي، نحوي ۽ شاعر. لغويءَ جو ڪم آهي زبان جي بنياد، ٻين زبانن سان لاڳاپي، الفاظ جي تاريخ و تبديل ۽ صحيح استعمال لاءِ معلومات فراهم ڪرڻ. نحويءَ جو ڪم آهي زبان جي جملن جي ساخت، الفاظ جي نوعيت، ترڪيب ۽ عمل جي معلومات ميسر ڪرڻ. شاعر جو ڪم آهي الفاظ کي مهل، موقعي ۽ محاوري مطابق سليس طريقي سان استعمال ڪرڻ.

لاکيڻو لعل لطيف، سنڌ جو لاثاني شاعر ٿي گذريو آهي. اسان جڏهن سندن رسالي جو گهرو مطالعو ٿا ڪريون ته اسان کي ٻليءَ پت معلوم ٿئي ٿو ته هو سنڌي ٻوليءَ جو پاسبان ۽ معمار هو. هن اڪيلي سر سنڌي ٻوليءَ جي ٻوٽي جي اها آبياري ڪئي آهي، جا ڪنهن ٻيءَ زبان جي ٻوٽي جي، سندس لغوين، نحوين ۽ شاعرن جي باهمي تعاون سان ٿي هجي.

ٻين زبانن جي ادبي تجزيي ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته انهن مان ڪيتريون زبانون آهن، جن کي فروغ ڏيڻ ۾ لغت جي ماهرن، نحو جي استادن ۽ شاعرن پنهنجون صلاحيتون ڪم آنديون آهن. عربي ۽ سنسڪرت زبانن جو مثال وٺو. قديم عربي ادب ۾ اسان کي هرهڪ صنف جا وڏا نامور ملن ٿا. لغت ۾ ابوالاسود الدؤلي، الڪسائي الثعلب ۽ الفراء، نحو ۾ سيبويه، ابو علي الفارسي ۽ ابن جنيؒ، شاعرن ۾ امرؤالقيس، طرفه، لبيد ۽ متنبي وغيره. اهڙيءَ طرح سنسڪرت زبان جي علم لغت ۾ ياسڪ مني (نرڪت ڪتاب جو صاحب) Vedic glossary،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نحــو ۾ پانني مني (اسـتـاذيائي جو صـاحب) ۽ شـاعـريءَ ۾ ڪوي ڪاليداس وغيره.

ليـڪـن سنڌي ادب ۾ شـاه جي دور تائين يا شـاه صـاحب جي ڏينهن ۾ اسـان کي فـقـط نامـور شـاعـر ئي ملن ٿـا. لغوين ۽ نحـوين جو ڪوبہ ذڪر ڪونہ آهي. اسان جو ان ڪري فرض آهي تہ اسان پنهنجي زبان جي ادب جو چڱي طرح جائزو وٺون. موجوده حالتن ۾ سنڌي زبان جي عروج کي ڏسي اسان کي تسليم ڪرڻو پوندو تہ شاه عبداللطيف سنڌي ٻوليءَ جو معمار آهي.

شاه صاحب جي شعر جو منهنجو گهڻو مطالعو ڪونہ آهي. فقط چند سُرَ، سرسري طرح پڙهيل آهن. ان اڻپوري معلومات جي بناء تي بہ آءٌ ان چيز جو قـائل آهيـان تہ شاه عـبداللطيف رحـہ پنهنجي ٻوليءَ جو واقـعي معمـار آهي. چند چيزون جي مون شاه عبداللطيف رحـہ ۾ ڏٺيون آهن سي هيٺ ڏجن ٿيون.

(الف) **الفاظ**: شعـر ۾ بہ چيـزون سمـايل هونديون آهن: (١) خيـال (٢) الفاظ.

شاعر جي حساس دل ۾ ڪيتريون ڪيفيتون، امنگ ۽ جذبات ايـرن ٿـا، انهن کي مناسب موقـعن تي، صحـيح الفـاظ ۾ ظاهر ڪري، پڙهندڙن جي دل ۾ ساڳيائي احساس پيدا ڪرڻ، اهو شاعريءَ جو وڏو اعجاز آهي. شاه صاحب جا جهڙا آهن حـڪمت ۽ فلسفي ڀريا خيال، اهڙائي آهن سندس الفـاظ عمـدا ۽ وزندار. سندس ڪلام ۾ هر ڪنهن قسم جا لفظ موجود آهن:

١- فصيح، خالص ۽ عام فهم لفظ: شاه صاحب شعـر ۾ خالص سنڌي زبان جا لفظ استعمال ڪيا آهن. عام و خاص اهي سمجهي سگهي ٿـو. ازانسواءِ اهي عام ماڻهن جي روزمره جي استـعمـال ۾ مروج آهن. انهن کي اهڙي تہ سليس عبارت ۾ استعمال ڪيو اٿس، جو هرهڪ انسـان جي واتان بيـسـاختہ نڪـريو وڃي تہ "سچ ٿـو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوي". فصيح الفاظ جي فهرست ۾ عوامي ۽ ڪاسبين جي لفظن جو شمار ڪري سگهجي ٿو. ڪڏهن هاري، سندس هر، ڏاندن، فصلن، موسم، رونبي ۽ لاباري جو ذڪر ٿو ڪري ته ڪڏهن ڍڪڻ ۽ سندس متعلق اوزارن جو ذڪر ٿو ڪري. ڪڏهن لوهار، سندس ڌوٽي، سنداڻ ۽ مطرقي جو ذڪر ٿو ڪري. اهڙي طرح ڪتي، ڪنير، رازي، ڪوري، درزي، نيرولي، مهاڻي ۽ ملاح جي ٻولي ٿو استعمال ڪري.

سنڌي زبان جي لهجن مان شاه صاحب گهڻي حد تائين لاڙي لهجي ڪي استعمال ڪيو آهي، ليڪن ان سان گڏوگڏ سِري، وچولي، ڪوهستاني ۽ ٿري لهجن ڪي ٻه نه وساريو اٿس.

٢- غريب: ڪي اهڙا لفظ جي.فقط خاص طبقي جا ماڻهو سمجهي سگهن. شاه صاحب ڪيترا غريب الفاظ ڪم آندا آهن، جي گهڻو ڪري الاهيات، تصوف، فلسفي سان تعلق رکن ٿا.

٣- نادر: ڪي اهڙا لفظ، جي ٿوري حد اندر استعمال ٿين. شاه صاحب چند نادر الفاظ ٻه اندا آهن.

٤- مترادف، هم معنيٰ لفظ: شاه صاحب وٽ لفظن جو وڏو ذخيرو آهي. هڪ معنيٰ لاءِ ڪيترائي لفظ ڏنا اٿس. ائين چوڻ بجا ٿيندو ته شاه صاحب سنڌي زبان کي دقة التعبير (Minnteness of Ex-planation) بخشي آهي. تير لاءِ پيلو، سِيلو، لوهه، ڪان، ٻاڻ ۽ سَرُ وغيره. بهادر لاءِ مانجهي، بانڪو، وير، ڪوپو، مهائي، جُنگُ ۽ گهوٽ وغيره. شراب لاءِ ڪڪوه، مَنڌ، سَرو ۽ مي وغيره.

چند مثال: تير لاءِ

سَرو جو سجئو سڄٽي، پيهر ٻاڻ پري،
چمڪيو سو چوهه مان، ڪڙ ڪڙ ڪانُ ڪري،
جيرا جگِر بڪيون، لنگهي پيو پري،
لڳو جي جڙي، تاٽيان تير نه نڪري.
(يمن ڪلياڻ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ۾ سر، ٻاڻ، ڪان سڀ مترادف لفظ آهن، معنيٰ اٿن تير.

ڪانارٿا ڪٽــــڪن، جنين لوهہ لڳن ۾.
(يمن ڪلياڻ).

هت لوهہ جي معنيٰ تير آهي.

شراب لاءِ:

م ڪر سڌ سَري جي، جي تون تاريين توهہ،
پيــتي جه پاسي ٿـــيي، منجهـــا رڳن روح،
ڪاتِي چکُ ڪَڪــوهُ، لاهي سـر لطيف چئي.
(ڪلياڻ).

هن ۾ ڪَڪوهَ ۽ سَرو ٻنهي جي معنيٰ شراب آهي.

مَنڌ پيـئندي مـون، سـاڄن سـهي سـڃاتو.

هتي وري منڌ، شراب جي بدران استعمال ڪيو اٿس.

٥- ٻين ٻولين جا لفظ: شــاه صــاحب جي رســالي جي مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿيندو تہ هن ڪيترائي عربي، فارسي، سنسڪرت، بلوچي، مڪراني، ترڪي ۽ رومي لفظ ڪم آندا آهن.

(ب) لفظن ۾ تبديلي ڪرڻ: شــاه صــاحب ڌارين ٻولين جا ڪيــترا لفظ تہ اصلوڪي صـورت ۾ ڪم آندا آهن؛ ليــڪن ڪن ڪي ڦيرائي سنڌي بنايو اٿن. آءٌ انهن کي مـسـند (سنڌي بنايل) سڏيندس. مثال:

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانــب مـــنـهــنجي جِيَ ۾، آزار جا انـــواع،
(يمن ڪلياڻ).

هت "آزار" ۽ انواع" فارسي ۽ عربي جا لفظ ڦيرائي ڇڏيا اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گجر کي گجمير جون، تارَنِ ۾ تَبَرون،
هٽي حاڪمن کي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پسو پرڏيهين جون.
(مومل راڻو).

زبرون، ضربون مان ورتو اٿئن. ضرب جي معنيٰ آهي ڏڪ.

منيس! جهل مهار، ڪنيس! ڪام م ڪرهو،
مون نماڻيءَ جي نِجهُري، پيرو ڪج پتار!
ساڄن! توهانُ ڏار، ڏنم ڏينهن قيام جو.
(ديسي).

ساڄن يا سجن سنسڪرت جو لفظ آهي، ان کي ڦيرائي ساڄن ڪيو اٿس.

### (ج) ڪيترا نوان لفظ ٺاهڻ

(١) مرڪب بنائڻ سان: (By Compounding) ڪيترين چيزن کي انهن جي ساخت مطابق نالو ڏئي، سنڌي زبان جي استعداد کي وڌايو اٿن. مثلاً ٻيڙي. سپ جا ٻه پڙ ڏسي ڪيس نالو ڏنو اٿن ”ٻيڙي“.

ٻاڙو پئي نه ٻيڙي، مٿو منهن لڱوس.

(٢) پچاڙين ڳنڍڻ سان: شاهه صاحب ڪن اسمن جي پويان پچاڙيون ڳنڍي نوان لفظ ٺاهيا آهن. مثلاً ڪانارئو=ڪان لڳل.

چوري چنگ، ٻنگ لهي، حبيبن هنيوس،
ٻجهان، ٻاڻ لڳوس، ڪانارئو ڪرَ ڪٽي.
(يمن ڪلياڻ).

(د) معنوي تبديلي آڻڻ (To bring semantic change) شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب ٻين ٻولين مان ڪيترا نوان لفظ اڌارا وٺي، انهن جي معنائن ۾ تبديليون آڻي، سنڌي ٻوليءَ کي معنوي خوبين سان سينگاريو آهي.

الله ڪارڻ، اوٺيا! ڪرها م ڪاهيو،
جانب جڏي جيءَ جو، اڳاندو آهيو،
لڳاپو لاهيو، متان منهنجو سپرين.
(سر ديسي).

هت عربي جو لفظ ”جانب“ ڪم آندو اٿن، جنهن جي اصلوڪي معنيٰ آهي پاسو يا طرف. شاهه صاحب ان جي لڳ ڀڳ سندس معنيٰ پرين يا محبوب ورتي آهي.

(ح) **معنائن کي نئون رنگ ڏيڻ:** (To bring new shades of meaning) شاه صاحب ڪن معنائن کي نئون رنگ ڏنو آهي:

مومل کي مجاز جا، اکين ۾ الماس،
نہ ڪا عام نہ خاص، جي وٺا سي وڍئا.
(سر راڻو).

شاه صاحب هن شعر ۾ مجاز جي معنيٰ ورتي آهي محبت، ۽ الماس جي معنيٰ ورتي آهي تيز. حالانڪ مجاز جي معنيٰ عام طرح ورتي ويندي آهي ناز، ۽ الماس جي معنيٰ هيرو.

(و) **صنائع بدائع:** سخن کي مؤثر بنائڻ لاءِ شاعرن کي صنعتون ڪم آنديون آهن، جن کي صنائع بدائع چئبو آهي. اهي آهن تشبيهہ، استعارا، ڪنايه، مجاز، تجنيس، مراعاة نظير، ايهام، لف و نشر وغيره. شاه صاحب بہ بيشمار صنعتون ڪم آڻي، نہ فقط شعر کي دلڪش ۽ جاذب بنايو آهي، پر زبان کي بہ مزين ڪيو اٿس. مثلاً:

لوئيءَ ۾ لائون، مون ماروءَ سين لڌيون.

---

جي ڪاڪ ڪکورڻا ڪاپڙي، تن لهي نہ لالي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِنَ ٻنهي مصراعن ۾ تجنيس خطي استعمال ٿيل آهي.

ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو ڪئو.

هت "ور" لفظ جون ٽي معنائون آهن، مڙس، ڦيرو، مڪر، اهڙيءَ صنعت کي ايهام چوندا آهن.

انهن اسباب جي بناء تي آءٌ چئي سگهان ٿو ته شاه صاحب عليه الرحمت سنڌي ٻوليءَ جو معمار هو.

آخر ۾ آءٌ هڪ گذارش ڪندس ته شاه صاحب جي الفاظ جي معنيٰ ۽ تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته لغت لطيفي لاءِ هڪ بورڊ وجود ۾ اچي، جو سندس لغت کي سهيڙي. هن ڏس ۾ سنڌ جا مايه ناز اديب ۽ لاثاني لغوي جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب، بهترين رهنما ٿيندا؛ انهن صاحبن جي زير نظر بورڊ تشڪيل ۾ اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم سيد نجف علي شاه "ڪمتر" نقوي

# شاهه: سنڌي ٻوليءَ جو معمار

شاعري انساني فطرت جي هڪ اهم تقاضا آهي. هرڪو ماڻهو اها ڪوشش ڪندو آهي تہ هو جيڪا بہ ڳالهہ ڪري، سا سندس علم ۽ ڄاڻ مطابق، جيتري قدر ٿي سگهي اوتري ڦدر سهڻن ۽ پسنديده لفظن ۾ بيان ڪري؛ اظهار بيان جي حسين ترين طريقي کي ئي "شاعري" چيو ٿو وڃي.

اها ڳالهہ عالم آشڪار آهي تہ شعر جي ابتدا، حدي خواني، مال جي هونگارڻ، ٻارن کي لوليون ۽ پلهاڻا ڏيڻ، هرن ۽ هلر ڪاهڻ وقت ڍڳن کي شاعرانہ ڍنگ تي هڪلون ڪرڻ کان ٿيندي، وڃي لڙائيءَ جي ميدان تي رجز پڙهڻ ۽ شهيدن تي پار ڪڍڻ يا مرثيه خوانيءَ تائين پهتي. ظاهر آهي تہ ابتدائي شعر، اهڙي زماني ۾ چوڻ شروع ڪيا ويا هئا جڏهن اڃان لکڻ پڙهڻ جو رواج ڪونہ پيو هو، يا جيڪڏهن صورتخطي رائج هئي بہ ڪٿي، تہ بہ اها خواص تائين محدود هئي ۽ اوٺارن، ڌنارن، هارين، عورتن ۽ سپاهين تائين ڪانہ پهتي هئي. اهڙي طرح شاعريءَ جي ابتدا اهڙن ماڻهن وٽان ٿي، جيڪي نہ صرف اڻ پڙهيل هئا پر علم عروض جي بندشن کان بہ بلڪل آزاد هئا. جڏهن انساني ذهن ۽ شعور ڪجهہ پختگيءَ ڏي مائل ٿيو، تڏهن ڪن سمجهدار ماڻهن، اُنهيءَ پراڻي شاعريءَ جي مختلف قسمن تي نظر ۽ اُنهيءَ جو مطالعو ڪري، اهڙن شعرن لاءِ ڪي خاص قاعدا، قانون ۽ ڪي بندشون رائج ڪيون، ۽ انهن قاعدن کي "علم عروض" جو نالو ڏنائون.

انهيءَ تمهيد مان اهو بخوبي معلوم ٿي ويو تہ پهرين شعر ۽ پوءِ علم عروض وجود ۾ آيو، ۽ علم عروض جو بنياد عوامي شعر تي

رکيو ويو. ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ اهي عوامي شاعر ئي آهن جيڪي علم عروض جي پابندين کان يڪسر آزاد آهن ۽ خود علم عروض اهڙن شاعرن جو محتاج آهي.

شاه عبداللطيف ڀٽائي بہ هڪ اهڙو عوامي شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ تي علم عروض جي بندشن جو ڪوبہ اطلاق ٿي نٿو سگهي، ۽ هي اهڙو شاعر آهي جنهن جي شاعريءَ کي مشعل راه بنائي سنڌي شاعريءَ جي لاءِ علم عروض مرتب ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ شاه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ عظيم معمار آهي ۽ هرڪو ذي شعور انسان مون سان انهيءَ ڳالهہ تي متفق هوندو تہ سنڌي زبان جي معيار کي قائم ۽ برقرار رکڻ ۾ ڀٽائي گهوٽ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

اسان کي اڄوڪي محفل ۾ صرف انهيءَ ڳالهہ تي غور ڪرڻو آهي تہ شاه صاحب سنڌي زبان جي حسين محل جي تعمير ڪيتري قدر صحيح، ۽ ڪهڙي بهتر طريقي سان ڪئي آهي. اهو شاه صاحب جي سلجهيل دماغ جو هڪ سونهري ڪارنامو آهي جو شاه صاحب سنڌي ٻوليءَ جي عمارت اهڙي تہ خوبصورتيءَ سان تيار ڪئي آهي جو ان ۾ امير ۽ غريب، پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل، زميندار ۽ هاري، شاهوڪار ۽ مزدور، شاه ۽ گدا، عالم ۽ جاهل، مطلب تہ هر ڪه و مه هڪجهڙيءَ دلچسپيءَ جو اظهار ڪري رهيو آهي.

اهو فطرت جو اصول آهي تہ هر ماڻهوءَ جي پسند پنهنجي پنهنجي هوندي آهي. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ سرمائيدار کي وڻندي، تہ غريب کي ان ساڳيءَ ڳالهہ کان نفرت هوندي، جي ڪنهن ڳالهہ ۾ هاريءَ کي دلچسپي هوندي تہ زميندار کي اها ڳالهہ اصل پسند ڪانہ ايندي، مطلب تہ هر ڪنهن انسان جي پسند جدا جدا هوندي آهي. ليڪن شاه صاحب سنڌي زبان جي جادو بيانيءَ کي اهڙي تہ سهڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نمونـي سـان پيش ڪيـو آهي، جو ان ڪي مـختلف مـزاجن جي مـاڻهن هڪجهڙو پسند ڪيو آهي.

شـاه صـاحـب سنڌي ٻوليءَ جي ٻمـاڙ ۾ ٻي خوبي اها رکي آهي جو ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي ترميم يا تنسيخ جي ڪابہ گنجائش ڪانہ ڇڏي اٿس. انهيءَ عمـارت جي معمار جي قابليت جو اندازو انهيءَ مان لڳائي سگهـجي ٿـو تـہ جي انهيءَ جاءِ مـان ڪابہ هڪـڙي پراڻي سِرَ ڪڍي، ان جي جاءِ تي اوهين ڀلي ڪٽي سنگ مرمر هڻو. ليڪن يقين ڄاڻو تہ پٿر انهيءَ جاءِ کي بد صورت بنائيندو، ۽ ڪنهن بہ قيمت تي اُنهي پراڻي سِر جو نعم البدل ڪونہ ٿي سگهندو. مرحوم علام آءِ - آءِ - قاضي صاحب جن پنهنجي هڪ مقالي ۾ انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪري چڪا آهن تہ "شعر جي ڪلاسيڪل هئڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ان شعر ۾ الفاظ اهڙيءَ قابليت ۽ خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيل هجن، جو انهن مـان ڪوبہ لفظ پنهنجي جاءِ تان هٽـائڻ ناممڪن هجي، ۽ جيڪڏهن ان شعر مان ڪو لفظ ڪڍي ان جي جاءِ تي ڪو ٻيو لفظ ڪم آڻجي تہ نہ صرف شعر جو مفهوم ۽ معنيٰ بدلجي وڃي، پر شعر جي اها ندرت ۽ خوبصورتي بہ پنهنجي جاءِ تي قـائم رهي نہ سگهي". علامہ مرحوم جي انهيءَ راءِ جو اطلاق، شاه صاحب جي بيتن تي بلڪل ٺهڪي ٿو اچي.

ليڪن آءٌ بغير ڪنهن بہ شڪ ۽ گمان جي، دعويٰ سان ائين چوڻ جي جرات ٿـو ڪريان تہ شاه صاحب جي شعر جو هڪـڙو لفظ پنهنجي جاءِ تان هٽائڻ، يا ان جي جاءِ تي ڪو ٻيو لفظ استعمال ڪرڻ تہ هڪ وڏي ڳالهہ آهي، پر شاه صاحب جي استعمال ڪيل لفظن جي صرف زيرن زبرن ۽ وقفن يا ڪامائن جي بدلائڻ سان بہ بيت جي معنيٰ بدلجيو وڃي، يا ٻين لفظن ۾ آءٌ ائين چوان تہ شـاه صـاحب سنڌي زبان جي محل جي تعمـيـر ۾ اهڙي تہ خوبي رکي آهي، جو ان عـمـارت تي جيـڪـڏهن جدا جدا زاوين کـان نگاه ڪبي تہ نوان نوان نظارا نظر ايندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ذهن ۾ ڪيترا اهڙا مثال آهن، جن جي پيش ڪرڻ سان آءٌ اهو ثابت ڪري سگهندس ته صرف زبر يا زير بدلائڻ سان، يا وقفي يا ڪاما جي اڳيان پٺيان ڪرڻ سان، شعر جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ ڪافي فرق پئجيو وڃي. جيڪڏهن اهڙا گهڻا مثال پيش ڪندس ته مضمون ڊگهو ٿي ويندو، تنهنڪري هن نشست ۾ صرف ٻه مثال پيش ڪرڻ تي اڪتفا ٿو ڪريان. سر سريراڳ ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

وڃينءَ جان ويهي، جَرِ پَلَئُہ پائيـــــــان،
تڙ ٻيڙا گهر سپرين، اوسَهِ اِيَ پيئي،
وڻجارو سين وڪرين، سرها سيئي،
حرمت ساڻ حبيب جي، سُونگڻا نه سيئي،
پاڻهِ اُو پيهي، ڪندہ ڪيــــڙائو آئيـا.

هن سڄي بيت کي ڇڏي، جي صرف هڪ محاوري تي غور ۽ فڪر ڪبو ته معلوم ٿيندو ته صرف زيرن ۽ زبرن جي بدلائڻ سان ڪيتريون مختلف معنائون نڪري سگهن ٿيون. اهو محاورو آهي ”جَرَ پَلَئُہ پائيان، انهيءَ جملي کي جيڪڏهن هيئن پڙهبو ته ”جَرَ پَلَئِہ پائيان“ ته ان جي معنيٰ ٿيندي ته، ”پاڻي پلاند ۾ وجهان“. پر جي ساڳئي جملي کي ”جَر پَلَئہَ پائيان“ ڪري پڙهو ته ان جو مطلب ٿيندو ته ”پاڻيءَ ۾ پلاندُ وجهان“ اچا ٻه جي ٽئين طرح اهو اکر استعمال ڪبو ته ”جَرَ پَلَئہُ پائيان“ ته انهي جو مفهوم ٿيندو ”پاڻيءَ کي پلاند وجهان“، يا ”پاڻيءَ کي منت ڪريان“. وري ٻه جي پَلَئُہ واري همزي جي مٿان پيش جي بدران زبر ڏبي، يعني ”جَرَ پَلَئَہ پائيان“ ته سڄو جملو واحد مان ڦري جمع جي صيغي ۾ وڃي پوندو. جنهن جو مطلب ٿيندو ته ”پاڻيءَ کي اِلاهي پلاند وجهان“، يا ”پاڻيءَ کي تمام گهڻيون منٿون ڪريان“.

انهيءَ سڄي بحث مان، اهو واضح ٿي ويو ته صرف هڪڙي محاوري جي زيرن زبرن کي تبديل ڪرڻ سان، هڪڙي محاوري جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چار معنائون حاصل ٿي ويون. هاڻي اهو پڙهڻ وارن جو فرض آهي ته هو بيت جي مطابقت موجب، اهڙي پڙهڻي اختيار ڪن، جو انهيءَ محاوري جي معنيٰ، بيت جي سياق سباق مطابق ٺهڪي اچي. اهڙي نموني جا ٻيا به ڪيترا بيت رسالي ۾ موجود آهن، جن جي تشريح ڪرڻ، طوالت جو باعث ٿيندو. هتي صرف ٻه بيت شاهديءَ طور پيش ٿو ڪريان:

ڳجر ڳاروڙين، اچيو آڏي اُڀيي،
"متان پيئي تن"، ٻڌا ٻاڻ هٽن جي.

---

"وير ۾ لاهي ويهه"، متي آرِ اوڙاه جي،
پسي پاڙي واريون، ڪج انديشو ايهه،
ويندو نه پسين ڏيهه، پترڻ هُن پار متي.

ساڳي طرح شاه جي رسالي ۾ اهڙا ٻه ڪئين بيت آهن، جن ۾ صرف "ڪاما" جي اڳيان پٺيان ڪرڻ سان معنيٰ ۾ زمين آسمان جو فرق پئجو وڃي. اهڙن بيتن مان مثال جي طور تي صرف هڪ بيت جي تشريح ڪريان ٿو. سر مومل راڻي ۾ هڪ بيت آهي ته:

رُسَ مَ رُسَڻُ گهورئو، پرچ، مَ وانءُ پري،
ماريس قت فراق جي، جِهَتَ جي ذري،
لالن جي لطيف چئي، سونهائي سري،
آيَس تو ڳري، ته سودا سکياڻي ٿيان.

انهيءَ بيت جي پهرين سٽ ۾ آهي ته "پَرچ مَ وانءُ پري"، اتي جيڪڏهن "پرچُ" کان پوءِ وقفو ڏيئي پوءِ "مَ وانءُ پري" پڙهبو (پرچُ، مَ وانءُ پري) ته معنيٰ ٿيندي ته "مون سان راضي ٿي ۽ مونکي ڇڏي پري نه وڃ، پر جي "پرچ مَ، کان پو ڪاما ڏئي ۽ "وانءُ پري" پوءِ پڙهبو (پرچُ مَ، وانءُ پري) ته ان جي معنيٰ پهرين معنيٰ جي بلڪل ابتڙ ٿي ويندي، يعني "مون سان راضي نه ٿي ۽ پري هليو وڃ".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ نموني جا ٻيا بہ ڪيترا بيت رسالي ۾ موجود آهن. مثلاً

"اوڙاهِ وڻا نہ ورڻا"، آءٌ تہ مـــاري ويڻ،
ڪري سامونڊي سيڻ، جسي جارَ ڀرائيو.

---

ٻلر لڳو ٻاڻُ، پسو جوءِ جرا تـــئي،
سا مُنڌ "مري نہ جئي"، پئي پڃاڙي پاڻُ،
سسئي سورن ساڻُ، سنيوڙي سيد چئي.

---

عـاشق عـزازيل، پيـا مـڙيئي سَڏڙيا،
منجهان سڪ سبيل، "لعنتي لعل تيو".

انهيءَ سڄي بحث مان، لطيف جي ڪلام جي طالبن جي اڳيان هڪ مسئلو اهو بہ پيدا ٿو ٿئي تہ رسالي جي هرهڪ بيت جي صحيح پڙهڻي مقرر هئڻ ضروري آهي، ۽ لفظن جي معنائن جو تعين هئڻ بہ ناگزير آهي. جيڪڏهن ڪنهن بہ تحقيق ڪرڻ واري کي الله پاڪ اهڙي توفيق عطا ڪرڻ فرمائي تہ پوءِ عام ماڻهن کي بہ سنڌي ٻوليءَ جي هن عظيم معمار جي پيغام سمجهڻ ۾ آساني ٿي پوندي ۽ جيڪي ماڻهو رسالي جي پيچيدي ۽ تقريباً متروڪ ٿيل زبان سمجهڻ کان قاصر آهن، سي بہ شاهه صاحب کي آسانيءَ سان سمجهي سگهندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم غلام رسول بلوچ
ليڪچرر سنڌي آرٽس ڪاليج، حيدرآباد.

# سنڌ جي ٻوليءَ جو معمار

ڪُن فيڪون جي اِشاري سان قائم ٿيل ڪائنات ۾ جيسين حُسن ۽ خوبي، سونهن ۽ سوڀيا، ناز ۽ نزاڪت، قرب ۽ ڪشش قائم هوندا، تيسين انساني حساس دليون پنهنجن احساسن ۽ امنگن، خوابن ۽ خيالن، جوش ۽ جذبي کي لفظي جامو پهرائي، شعر جي صورت ۾ پيش ڪنديون رهنديون. موج ڀريئي مهراڻ نہ رڳو سنڌو ماٿر جي سر زمين کي سرسبز ۽ شاداب ڪيو آهي پر سنڌ جي واديءَ مان سينڌ وانگر وهندڙ سنڌو درياه جي رومان پرور ۽ من موهيندڙ منظر سنڌي علم و ادب جي اُج ۽ اُسات اُجهائيندي سنڌي ساهت کي سهنج ۽ سهڪار پڻ بخشيو آهي. اَڄ سنڌي ٻوليءَ ۾ علم و ادب ۾ جا محبت جي مستي، نينهن جا نعرا، عشق جون آهون ۽ پريم جون پڪارون سمايل آهن، سي حقيقت ڪري هن ئي ڀونءِ جو ڀيد آهن ۽ هن ئي سر زمين جي رهندڙن جا الستي آواز.

مهراڻ جي ماٿر ڪيئي سهڻا سخنور ۽ شيرين زبان شاعر پيدا ڪيا آهن جن هن حيرت ڀري واديءَ ۾ هميشه علم جي جوت جاڳائي انساني دلين کي روشن ۽ منور بڻائي ڪيو آهي. شاه، سچل، سامي، بيدل ۽ بيڪس جڻ تہ هن اٿاهہ سرشتي جا ترجمان آهن جن تصوف جي رنگ ۾ رچي منڙي محبوب جو مشاهدو ماڻيو ۽ پنهنجي پرينءَ کي پسيو ۽ پسايو آهي. لطيف رحہ تاريخ جي جنهن شاندار دور سان واسطو رکي ٿو سو سنڌي علم ادب جو سونهري دؤر پڻ آهي. ڪلهوڙا دؤر ۾ يا ان کان اڳ سنڌي علم و ادب ۾ جن عالمن عرفان جا موتي پکيڙيا آهن تن ۾ قاضي قاضن رحہ، شاه ڪريم رحہ، مخدوم نوح رحہ، شاه عنايت رحہ، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، علامہ ابو الحسن ٺٽوي وغيره جا نالا اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃن ٿا. پر سنڌي ٻوليءَ جي معمار جي حيثيت ۾ لطيف رحه پنهنجي ذڪر ڪيل متاخرين ۽ متقدمين شعراء ۾ اظهر من الشمس آهن. ڪانئس پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي پيڙهه پڪي ڪرڻ ۾ علامه ابوالحسن ٺٽويءَ جون خدمتون قابل تعريف آهن. جنهن سنڌي ٻوليءَ جي پهرين الف - ب جوڙي اسان تي وڏو احسان ڪيو. جو اڄ اسان وٽ اُهو پراڻو قلمي ڪلام موجود آهي.

شاه عبداللطيف رحه جي شاعري سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪنهن ڪرشمي کان گهٽ نه آهي. لطيف رحه جي شاعريءَ ۾ اندر جا اُڌما ملن ٿا. اُنهن کي لفظي لباس پهرائي پيش ڪرڻ لطيفي ذات ۽ ڏاهپ جو ئي حصو آهي. لطيف رحه پنهنجي شاعريءَ ۾ درياه جي سير ۽ سنڌا، ڪنڌيون ۽ ڪنارا، پر ۽ پڪون، ڪچا ۽ ڪيٽيون، جهر ۽ جهنگ، ٻيلا ۽ هڙيون، ڍنڍيون ۽ ڍورا، واهه ۽ واهڙ، ڪڙيا ۽ ڪسيون، ڪيٺ ۽ ڪڙا، ميدان ۽ ماڙيون، ٿر جون ٽٽون ۽ ٽڙا، ٻڪر ۽ ٻاٽڙيون، سر ۽ توها، ڏهر ۽ ڏنيون، ڪس ۽ ترايون ته ڪوهستان جا ڏونگر ۽ ڏيل، لڪ ۽ لاهيون، چوٽيون ۽ چاڙهيون، ڪس ۽ پيچرا، راهون ۽ رند ته لاڙ جا ڦاٽ ۽ ڦڙها، ڪارو ۽ ڪيڙانو، ڏيڻ ۽ ڏاڻ جو نهايت ئي سهڻين لفظي صنعتن ۽ ترڪيبن، تجنيسن ۽ استعارن، تشبيهن ۽ تمثيلن ۾ پيش ڪندي منجهن اهڙو ته موسيقيءَ ۽ ترنم جو روح ڦوڪيو آهي جو اڄ به پڙهڻ کان پوءِ انسان تي وجداني ڪيفيت طاري ٿيو وڃي.

لطيف رحه سنڌي ٻوليءَ جي معمار جي حيثيت ۾ جي نيون لفظي ترڪيبون ۽ نوان لفظ گهڙيا آهن سي نه رڳو رسالي جي سونهن ۽ سينگار آهن. پر سنڌي ٻوليءَ لاءِ خزاني جون پريل خزينون پڻ آهن. جن مان اڄ به اسان جا اديب ۽ شاعر پاڻ کي مالا مال ڪندي جڳ کي جرڪائي رهيا آهن. لطيف سائين پنهنجي هرهڪ بيت ۾ ڪانه ڪا نئين لفظي ترڪيب يا ڪونه ڪو نئون لفظ ضرور ڪم آندو آهي - مثلاً.

وڄهه واڻازئن تي "ميخاني جي ماڪ"

"وٺي واٺاڙئن" کي، تان پيـــاري پرک،

مـونکي ٿــا مــارين، "لِـئـا لهــارن جا".

پِکين نہ پرچن، دا روئـــان دورگـــيـــا.

ٻکي ٻنٺـون ٿـئي، وهہ گــاڏيون وٺيـون.

اهڙي نموني سان لطيف سائينءَ جيڪي نوان لفظ گهڙيا آهن سي بہ رسالي ۾ بي انت موجود آهن، مثلاً.

تڙ مـــان اَوتڙ يا سُتـــڙ.

وڻ مــان وڻاه – وڏو کيمَ وڻاه! اُونچا ڏونگر مَ ٿـيـو،

نيڻ مان نيڻاه – ٿمو مَ، نيڻاهَا! تہ پير نهاريان پريءَ جو،

سونهون مان اَسونهين – آهي اَسونهين جي، مٿي تو ميار،

ڪار يعني ڪم مــان ڪارٽي، ناقص مــان ناقــصـئـا،

ســـار مــــان اَســـاري ۽ چاڻ مــــان اَچاڻ.

اُجاڳو، اَچاڻ! ڪيــءَ نہ ڪمــيــٽــن جنءَ،

اَســاري! اِهڙيءَ پَر پِيــءَ ڪيچين سين ڪاڻِ،

ٻانهي چايو ٻاڻ، ٿي سڃيون راتيون سمهين.

هونـدن مــان هــوندئــا، هــونـدئـا هـوت پري،

اُوڏو آ اَڻ هوند کي، ساڄن تِن سَاري لاسين لڏين جي.

ننڊ مان ننڊا، ننڊا نياڳن کي، اُوپالا اڇن،

قطار مان قطارئا، قطارئا ڪال وئا توڏا وٺان توهہ، وغيره وغيره.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف سائين جو سچو ڪلامُ تجنيس حرفي سان سينگاريل نظر اچي ٿو. رسالي جي ڪن ڪن بيتن ۾ تہ تجنيس جي تڪرار سبب جيڪا موسيقي (Rythm) پيدا ڪئي وئي آهي تنهن تہ صحيح معنيٰ ۾ لطيف رحہ جي ڪلام کي ڪمال بخشيو آهي، مثلاً .

جوڙي جوڙ جهـــان جي جڏهين جوڙيائين.

پهــرين ڪاتي پاءِ! پيچ پوءِ پريتـــڻـــو.

وٽ وٽ وٽيءَ ۾، مَٽ مَٽ منڊ پئـــــو.

جهـڪـو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

ڏونـگـر! تـون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪـريـن.

لطيف سـائينءَ پنهنجي شـاعـريءَ کي سـينگارڻ لاءِ ڪيـئي تشبيهون ڪم آنديون آهن - مثلاً،

وَهسَن واڙيءَ ڦل جيـئن، مـحـبـتي مچ لاءِ،
چڙهيـــو چڪـــاسن چاءِ، آڳ پرنديءَ آئيــا.

وهسن واڙيءَ ڦل جيـئن، مـحـبـتي مچ لاءِ،
آئـي پاڻ آڙاءِ، ڪـــٽـي ڪـــوريءَ وچ ۾.

ڏونـگـر تـون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايـون ڪـريـن،
مـون تن اندر تيئن وهين، جيئن وڻ وڏي واڍو،
اِي ڪرم جو ڪاڍو، نات پٿر ڪير پٽ ڪري.

جيئن سي ڪوهيءَ نار، وهن واريءَ گـاڏئان،
هينئـڙو پريان ڏار، نبـيـريانس نـہ نبـري.

جهڙا پانن پن، تهڙيون سالون مٿن سائيون.

لطيف هڪ لغت آهي، ٻوليءَ جو اَڻ کٽ ۽ عميق بحر آهي، هڪ انسـائيـڪلوپيـڊيا آهي، جنهن کي هن مـختـصـر مقـالي ۾ پيش ڪرڻ مشڪل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي

# لغت ۽ معنيٰ

جناب صدر! معزز حضرات! السلام عليڪم

ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ جي طرفان اڄوڪي ادبي سيمينار ۾، سر سسئي معذوريءَ جي مطالعي جو پروگرام رکيل آهي. اها سڀني صاحبن کي خبر آهي تہ مون پنهنجي سڄي حياتي شاهہ صاحب جي ڪلام جي ڏکين اکرن جي معنيٰ جي تحقيق ڪندي گذاري آهي، تنهنڪري اڄوڪي محفل ۾ بہ آءُ لغت جي موضوع تي پنهنجا چند خيالات اوهان حضرات اڳيان پيش ڪندس.

صاحبِ صدر! اها ڳالهہ ڪنهن کان بہ ڳجهي ڪانهي تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ پنهنجي رسالي ۾ جيڪا سنڌي ٻولي استعمال ڪئي آهي، سا اڄ کان اٽڪل ٽي سؤ سال اڳ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. ظاهر آهي تہ هر ويهن يا پنجويهن سالن گذرڻ کان پوءِ ٻوليءَ ۾ ٿورو يا گهڻو ڦيرو ضرور ايندو آهي ۽ هن وقت ٽي سو سال گذري وڃڻ کان پوءِ شاهہ صاحب واري قديمي سنڌي ٻوليءَ ۽ اڄ ڪلهہ جي عام شهري سنڌي زبان ۾ زمين ۽ آسمان وارو تفاوت پئجي ويو آهي. شاهہ صاحب پنهنجي رسالي ۾ جيڪا ٻولي ڪم آندي آهي، ان ٻوليءَ جا هزارها نيٺ سنڌي لفظ اڄ ڪلهہ جي مروج شهري سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ڪونہ ٿا ڪيا وڃن ۽ انهن نيٺ سنڌي اکرن جي عيوض ۾ ٻين ٻولين جا هم معنيٰ لفظ استعمال ٿي رهيا آهن. هن وقت اهو رجحان اهڙيءَ منزل تي پهچي ويو آهي جو اهڙي رجحان کي صرف روڪڻ لاءِ بہ سڄي حياتيءَ جي جدوجهد ناڪافي ٿيندي. انهيءَ رجحان کي ختم ڪري وري شاهہ

صاحب واري سنڌي ٻولي کي شهري استعمال ۽ ادبي ۽ درسي ڪتابن ۾ رائج ڪرڻ تہ ايڏو مشڪل ڪم آهي، جنهن جو هن وقت تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. موجوده وقت جي نهايت اهم ضرورت انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ شاه عبداللطيف جي رسالي ۽ سندس زبان کي اهڙيءَ طرح محفوظ ڪري وجهجي جو ايندڙ نسل نہ صرف انهيءَ قديم سنڌي زبان مان استفادو حاصل ڪري سگهي، پر انهيءَ قديم ٻوليءَ جي ڏکين اکرن جي معنيٰ بہ سمجهي سگهي. مون هن مضمون ۾ شهري سنڌي ٻوليءَ جو اصطلاح صرف انهيءَ ڪري استعمال ڪيو آهي جو مون کي ۽ گهڻن صاحبن کي اها خبر آهي تہ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي ڪن مخصوص حصن ۾ اجان تائين بہ شاه صاحب واري سنڌي ٻولي گهڻي ڀاڱي ڳالهائي ٿي وڃي.

انهيءَ مختصر تمهيد کان پوءِ آءٌ اوهان صاحبن جي اڳيان، شاه صاحب جي رسالي جي سر معذوريءَ جو هڪ بيت پيش ٿو ڪريان. سر سسئي معذوريءَ جي پهرئين داستان جي پهرئين بيت ۾ شاه صاحب فرمائي ٿو تہ:

هلندي هوت پنونہ ڏي، کِهجن کي کوتيون،
پهڻ ٽنين پٽ ٿـيـي، جي لئي لالڻ لوئـيـون،
سڀ سهيليون سڪ کي، چنجهيون ۽ چوٽيون،
ٻانيڻ ٿي ٻوٽيون، تہ ڪتا ڪينئي ڪيچ جا.

هن هڪـڙي ئي بيت ۾ کِهجن، ڪـوتيـون، پَٽَ، لوئـيـون، چنجهيون، چوٽيون، ٻوٽيون ۽ ڪِينَئِي وغيره اهڙا لفظ ۽ اصطلاح آهن، جيڪي هن وقت جي شهري، درسي ۽ ادبي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهايا ڪونہ ٿا وڃن ۽ انهن لفظن جي عيوض ۾ سندن هم معنيٰ لفظ ٻين ٻولين مان وٺي انهن کي استعمال ڪيو پيو وڃي. هاڻي جيڪڏهن آءٌ هر هڪ اکر جي ويهي تشريح ڪندس ۽ مثال ڏيندس تہ مضمون ايڏو وڏو ٿي ويندو جو ان جي پڙهڻ لاءِ هن ادبي سيمينار جو سڄو وقت بہ ناڪافي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو، تنهن ڪري آءٌ هي انهيءَ بيت مان صرف هڪڙي اکر ”پَٽَ“ جو تقابلي مطالعو پيش ٿو ڪريان. اهو ننڍڙو اکر، سنڌي ”الف بي“ مان صرف ٻن حرفن ”پ“ ۽ ”ٽ“ تي پيش آيل آهي. جيتوڻيڪ زيرن، زبرن ۽ پيش جي اختلاف سان انهن ٻن حرفن جي ميلاپ مان سنڌي زبان جا ڪيترا لفظ ٺهيا آهن، جي رسالي ۾ عام طرح استعمال ٿيل آهن. مثلاً ”پَٽَ“ رسالي ۾ ستاويهه دفعا استعمال ٿيو آهي ۽ ”پَٽِ“ ويهه دفعا، پُٽُ، پُٽَ ۽ پِٽ“ وغيره انهن کان سواءِ آهن. پر جيئن ته اڄ اسان ڪي صرف ”پَٽَ“ جو مطالعو پيش ڪرڻو آهي، تنهن ڪري جي اسين شاه جي رسالي جو تقابلي مطالعو ڪنداسين ته معلوم ٿي ويندو ته اهو لفظ ”پَٽُ“ شاه جي رسالي ۾ ٻارهن دفعا استعمال ٿيو آهي ۽ ٽن معنائن ۾ ڪم آيل آهي. شاه جي رسالي موجب پَٽُ لفظ جي پهرين معنيٰ آهي پوٺو يا اهڙو زمين جو سنئون سڌو ٽڪرو، جنهن ۾ ڪوبه ڊنڊ، ڊورو، جبل، پهاڙ، ٻِٽ يا دڙو دڪ ۽ گهاٽو جهنگ يا وڏا وڻ نه هجن. اهو مفهوم اڄ ڪلهه جي شهري زبان ۾ ”ميدان“ جي لفظ مان ورتو پيو وڃي ۽ ڳالهائڻ ۾ به گهڻو ڪري ميدان جو اکر استعمال پيو ٿئي، جيڪو اکر ظاهر آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو ڪونهي پر ڪنهن ٻي ڌاري ٻوليءَ مان ورتو ويو آهي. پَٽُ لفظ جي انهيءَ ٻڌايل معنيٰ ۾، رسالي ۾ جيڪي بيت ملن ٿا، سي هي آهن. پهريون بيت معذوريءَ جو جيڪو اڳ ۾ به پڙهي آيو آهيان ته:

هلندي هوت پنونه ڏي، کُهڃن ڪي ڪوٽيون،
پهڻ ٽنين ”پَٽَ“ ٽيي، جي لئي لالڻ لونيون،
سڀ سهيليون سڪ ڪي، چُنجهيون ۽ چوٽيون،
ٻانيڻ ٿي ٻوٽيون، ته ڪتا ڪِينئي ڪيچ جا.

سر سهڻيءَ ۾ شاه صاحب فرمائي ٿو ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري رات، ڪچو گهڙو، نہ ڪا سِيڙهہ ساڻُ،
وڃهي، ويرم نہ ڪري، پريان ڪارڻ پاڻ،
محبت کي مهراڻُ، سُڪي سِپ پَٽُ ٿئو.

مرحوم شاهواڻي صاحب، پنهنجي رسالي جي سر سريراڳ ۾ شاهہ صاحب جو هڪ بيت هن طرح ڏنو آهي:

جهنگ ڪامي "پَٽُ" ٿيو، لٽي چوران لِڪَ،
وئي وجودان نڪري، جيڪا دڙي دِڪَ،
هڪ سڄڻ ٻي سِڪَ، ٻئي پهتا پاڻ ۾.

ساڳئي مضمون وارو هڪ ٻيو بيت بہ سر ڪاموڙيءَ ۾ ملي ٿو:

جهنگ ڪامي پٽ ٿيو، لٽي چوران لِڪ،
سيڪڙوءِ سڪ، ٻئي گڏيا پاڻ ۾.

وري شاهہ صاحب سر يمن ڪلياڻ ۾ چوي ٿو تہ:

محبت جي ميدان ۾، ڪر پڙاڏو "پَٽُ"
سر سوريءَ، ڏڙ ڪنگري، متان ڪڇين ڪَٽُ
عشق نانگ نِپٽُ، خبر ڪاڏن کي پوي.

انهن سيني بيتن ۾ لفظ "پَٽُ" پونو يا ميدان جي معنيٰ ۾ آيل آهي. رسالي جي مطالعي مان اها خبر پوي ٿي تہ ڪن بيتن ۾ شاهہ صاحب اهو لفظ "پَٽُ" ڪِشتي يا پنڻ جي پيالي جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ڪيو آهي. جن بيتن ۾ "پَٽُ"، پنڻ واري ٿانءَ جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي، اُهي بيت هي آهن.

سُر بلاول ۾ آهي تہ:

سما! تو سِر جَٽُ، نہ تہ ٻاگارا پرس ٻيا،
ڳهڻ تنهنجي ڳجڙي، اچي جال جڳٽُ،
جن جيهوئي پَٽُ، تن تيهائي ٻِڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري سر رامڪليءَ ۾ انهيءَ ساڳئي لفظ مان ساڳيو مفهوم هن طرح ادا ٿئي:

پٽن ڪين پَٽَ ڪٽي، گهرن ڪين گهرا،
مهيسي مخلوق جي، اُيين دور درا،
پڇن توءِ شرعا، جيئن اندر عدالت آن جي.

ساڳئي رامڪليءَ ۾ آهي ته:

پٽن جو "پَٽَ" ڪٽي، سو جي سڃاڻن،
نه بر ۾ بيڪ لهن، پهر نه پٽن ڪاپڙي.

ساڳئي ئي سر رامڪليءَ ۾ وري ارشاد ٿو ٿئي ته:

سڳيون، سيلهيون، ڳيرون، نيئي ٽول ٽڳو،
"پَٽَ" هٽي پٽ سين، پيري جن پڳو،
لاهوت جن لڳو، سي مڙهيان مور نه نڪتا.

شاه صاحب جي رسالي جي مطالعي مان لفظ "پَٽَ" جون به معنائون ته اوهان صاحبن جي اڳيان واضح ٿي چڪيون، پر اجا به جي رسالي تي گهري نظر وجهبي ته وڌيڪ انڪشاف ٿيندو ته لفظ "پَٽَ" هڪ ٽين معنيٰ ۾ به استعمال ٿيل نظر ايندو. هن ڪان پوءِ آءٌ جيڪي بيت پيش ڪندس، انهن جي پڙهڻ ۽ پڙهڻ سان خبر پوندي ته شاه صاحب لفظ "پَٽَ" سان ريشم يا ريشمي ڪپڙي جي معنيٰ به ورتي آهي. سر مارئيءَ جي داستان ٽيئن جي وائيءَ ۾ آهي ته:

لوئيءَ ۾ لائون، مون ماروءَ سين لڌيون،
سون برابر سڳڙا، پانهنجي پڏائون
سو ڪينءَ "پَٽَ" پرهيان سومرا، گهورئو عمر جو آءٌ ... الخ

ساڳئي سر مارئيءَ ۾ ٻئي هنڌ شاه صاحب فرمائي ٿو ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون مارو، سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مونکي ٻانهَن ٻڌائون،
عمر جو آئون، ڪينءَ "پٽُ" پرهيان سومرا.

سر مارئي ۾ ٻئي هنڌ ٻه اهو ساڳيو اکر "پٽُ" ريشم يا ريشمي ڪپڙن جي معنيٰ ۾ استعمال ڪندي شاه صاحب چيو آهي ته:

"پٽ" نه پرهيان سومرا، جان ڪي تان جيان،
آءٌ ڪينءَ لوئي لاهيان، ڪارڻ ڀن ڏينهان،
جان سين ٿي جيان، ڪاڻ نه ڪنديس ڪو ٻيو.

صرف هڪ اکر "پٽُ" جي انهيءَ مطالعي مان اهو بخوبي معلوم ٿي ويو ته شاه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ عليه الرحمت، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ننڍڙي ۽ مختصر لفظ کي پنهنجي زنده جاويد ڪلام ۾ مختلف معنائن ۽ قسمين قسمين مفهومن ۾ استعمال ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ بنيادي زبان ۽ شاهوڪار ٻولي هئڻ جو ناقابل تنسيخ دليل پيش ڪيو آهي. شاه جي رسالي جو جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪبو ته منجهس اهڙا انيڪ مثال موجود ملندا.

آءٌ اها ڳالهه تسليم ٿو ڪريان ته زماني جو موجود دور تکي ڊوڙڻ جو دور آهي. هن وقت جيڪو تکو نه ڊوڙندو سو پنهنجي منزل مقصود کي پهچي ڪونه سگهندو. سياڻن سچ چيو آهي ته "جيڪو پڄندو سو پُڄندو". ليڪن آءٌ ايترو عرض ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان ته علم ادب ۾ خاص طرح لطيف ادب ۾ جلد باز تيڻ سان ڪجهه به هٿ حاصل ٿي ڪونه سگهندو. لطيفيات ۾ جيڪڏهن هرهڪ اکر تي ٻيهي ۽ ترسي، غور ۽ تدبر ڪبو ته معنيٰ ۽ مطالب جا اڻ ڪٽ انبار ملي سگهندا ۽ شاه لطيف جي ڪلام کي تکڙو تکڙو پڙهي وڃڻ سان ڪوبه مقصد ملي ڪونه سگهندو. اجوڪي سر سسئي معذوريءَ جي صرف هڪ اکر تي تدبر ڪرڻ سان اها خبر پئجي ويئي ته لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هڪ هڪ اکر ۾ ڪئين مفهوم پوشيده آهن، ۽ هتي ڪک جي هيٺان لڪ پيو آهي. مون کي اهو ڏسي تعجب ٿيندو آهي ته ڪچهرين ۾ ڪيترا ماڻهو جيڪي پاڻ کي شاه جي ڪلام جا پارکو سمجهندا آهن، سي محفلن ۾ شاه صاحب جا بيت هڪ ٻئي جي پٺيان پڙهندا ويندا آهن ۽ اُنهن بيتن جي سطحي ۽ مٿاڇري تشريح ڪندا ويندا آهن. آءٌ انهيءَ راءِ جو آهيان ته جيڪڏهن اهي قابل ۽ فاضل اديب شاه جي رسالي جي هر هڪ بيت جي هر هڪ اکر تي ٻيهي فڪر ۽ تدبر ڪندا رهن ته ڪين اهڙا ۽ ايترا ته مطلب حاصل ٿي ويندا جو انهن جي بيان ڪرڻ لاءِ زندگيون به ناڪافي پيون محسوس ٿينديون.

گهڻن دوستن کي اهو معلوم آهي ته آئون شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمت جي رسالي جي لغت تي، اٽڪل ٽيهن سالن کان وٺي تحقيق ڪري رهيو آهيان. انهيءَ لغت جو سڄو مواد مهيا ٿي ويو آهي. هن وقت لغت کي ڪتابي صورت ۾ لکڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو اٿم. ڪتاب جو نالو ”ڀاروچي ٻولي“ رکيو اٿم. جيئن ته منهنجو پسنديده موضوع لغت آهي، تنهنڪري شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هن ٻه سؤ ارڙهين ورسيءَ جي موقعي تي، ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز جي طرفان، مقرر ڪيل مڪالمي ۾ سُر يمن ڪلياڻ جي مطالعي جي باري ۾ جيڪي موضوع مقرر ڪري ڏنا ويا آهن، انهن مان، لغت جي موضوع تي هي مضمون، جيڪو مذڪوره ڪتاب ”ڀاروچي ٻولي“ جو هڪ ورق آهي، سو معمولي اضافي سان اوهان صاحبن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جو فخر حاصل ٿو ڪريان. شاه صاحب، سر يمن ڪلياڻ جي داستان ستين جي وائيءَ ۾ فرمايو آهي ته:

”عاشق اَنگهَن چڙهيا، ٻئو سيڪو ڀڃي“

مون کي اڄوڪيءَ محفل ۾ صرف هڪ لفظ ”انگهن“ تي بحث ڪرڻو آهي. اوهان جي دلچسپيءَ لاءِ اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته شاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب پنهنجي سڄي رسالي ۾ ڪل پنجونجاه هزار الفاظ استعمال ڪيا آهن. انهن پنجونجاه هزارن لفظن مان چار هزار نَو سؤ پنجتيهہ لفظ اهڙا آهن، جيڪي الف سان شروع ٿين ٿا. الف سان شروع ٿيندڙ اٽڪل پنجن هزارن لفظن ۾ "انگهَن" جو لفظ صرف هڪ دفعو ڪم آندل آهي. جيتوڻيڪ اهو ساڳيو لفظ پنجن ٻين بہ جاين تي استعمال ڪيو ويو آهي، ليڪن انهن جي اِملا ۾ ڪجهہ تفاوت آهي. انهن پنجن ئي جاين تي "گهہ" جي عيوض ۾ "گاف" ڪم آندو ويو آهي، ۽ لفظ "انگن" ڪري لکيو ويو آهي. اها خبر تہ شاه صاحب ڪي هوندي تہ "انگهن" ۽ "انگن" ٻہ جدا جدا لفظ آهن. يا دراصل اهو هڪڙوئي لفظ آهي، جو لکڻ وارن ڪٿي "انگهن" تہ ڪٿي "انگن" ڪري لکيو آهي.

ايترو تہ اسين وثوق سان چئي سگهون ٿا تہ، جنهن وقت شاه صاحب جو رسالو لکيو ويو هو، ان وقت سنڌي زبان جي موجوده صورتخطي رائج ڪانہ هئي. ان وقت جا سڀ سنڌي ڪتاب عربي يا فارسي "الف - بي" مطابق لکيا ويندا هئا. باقي سنڌي زبان ۾ اهڙا اکر، جيڪي فارسي يا عربيءَ ۾ رائج ڪونہ آهن، مثلاً "ٻ"، "ڄ"، "ڳ"، "گهہ" وغيره، تن لاءِ، ان وقت جي ڪتابن پنهنجي طرفان ڪي نشانيون مقرر ڪري، ڪتابت ڪئي، پر جيئن تہ اُهي نشانيون ڪنهن تعليمي اداري يا ڪنهن مرڪزي ادبي جماعت جي طرفان مقرر ڪري، شاگردن کي سيکاريون يا لکايون ڪونہ ويندڀون هيون، تنهنڪري هر هڪ ڪاتب اهي نشانيون پنهنجي مرضيءَ سان مقرر ڪري لکندو ويندو هو. ان جو واضح ثبوت اهو آهي تہ ساڳئي حرف لاءِ ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب هڪڙيون نشانيون مقرر ڪيون. برٽش ميوزيم لئبرريءَ واري قلمي نسخي، "بياض سنڌيءَ" ۾ ساڳئي حرف لاءِ ڪي ٻيون نشانيون قائم ڪيل آهن، ۽ پٽ شاه واري قلمي نسخي يا ٻين قلمي نسخن ۾ ساڳئي حرف لاءِ وري ٽئين قسم جون نشانيون رائج ڪيل آهن. اهڙيءَ حالت ۾ اهڙو قلمي نسخو جي انهيءَ ساڳئي ڪاتب ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهايو وڃي، جنهن اهو لکيو هوندو ته ممڪن آهي ته اهو صحيح طريقي سان پڙهي سگهي، باقي جي هن وقت جي پڙهيل ماڻهن کان اهي قلمي رسالا پڙهايا ويندا ته نه صرف ڪين جهوني زماني واري صورتخطي پڙهڻ ۾ تڪليف ٿيندي، پر عين ممڪن آهي ته هو ڪي لفظ غلط به پڙهي وڃن، تنهنڪري جن به صاحبن پراڻن قلمي نسخن تان شاه جو رسالو موجوده صورتخطيءَ ۾ نقل ڪيو آهي، تن ڪي نه صرف دشواريون پيش آيون آهن، پر انهن ڪٿي ڪٿي غلطيون به ڪيون آهن. انهيءَ ڳالهه جي ثابتيءَ لاءِ مون وٽ ڪافي مثال موجود آهن، پر ڇاڪاڻ جو اهو بحث اجوڪي موضوع کان ٻاهر آهي، ان ڪري ۽ مضمون جي ڊگهي ٿي وڃڻ جي خوف کان مثال پيش ڪري نٿو سگهان. اهو به هڪ مستقل موضوع آهي، جنهن تي ڪتاب "ٻاروچي ٻولي" جي تمهيد ۾ مڪمل بحث مثالن سميت پيش ڪيو ويندو.

تنهنڪري آئون انهيءَ راءِ جو آهيان ته مون اوهان صاحبن جي اڳيان جيڪو لفظ "انگهن" پيش ڪيو آهي، اهو لفظ به قلمي نسخن ۾ مختلف ڪتابن ڪٿي "گهه" ۽ ڪٿي "گ" سان لکيو آهي، ۽ منهنجو اهو خيال آهي ته رسالي ڪي موجوده صورتخطيءَ ۾ منتقل ڪرڻ وارن عالمن، انهيءَ ڳالهه تي ڪو خاص توجهه ڪونه ڏنو ۽ جتي ڪين اهو لفظ "گهه" سان لکيل نظر آيو، اتي انهن "گهه" سان لکيو، ۽ جتي انهن کي "گ" سان لکيل نظر آيو اتي انهن "گ" سان لکيو آهي. جيتوڻيڪ لفظ "انگهن" يا "انگن" جي تقابلي مطالعي کان پوءِ، اهو بالڪل واضح ٿيو وڃي ته اهي ٻئي لفظ بلڪل ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ٿيا آهن، ۽ انهن جي محاوري ۾ استعمال جو طريقو به بلڪل هڪجهڙو آهي. جيڪڏهن هڪڙي اکر جي معنيٰ ۽ طريقه استعمال ساڳيو آهي ته پوءِ انهيءَ لفظ جي املا ۾ فرق هئڻ بلڪل غير موزون پيو لڳي، تنهنڪري ايندڙ نسلن لاءِ اهو انتهائي ضروري آهي ته رسالي جي لکڻ وقت، انتهائي غور ۽ فڪر کان ڪم وٺي، رسالي جي هر هڪ لفظ جي پڙهڻي درست ۽ صحيح لکجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي آئون اوهان جي اڳيان، انهن ڇهن ئي بيتن جي انهن سٽن کي پيش ٿو ڪريان، جن ۾ اهي لفظ استعمال ٿيل آهن. انهن جي پڙهڻ کان پوءِ، اوهين يقيناً قائل ٿيندؤ ته اهو لفظ هڪڙوئي آهي، جيڪو مختلف املائن ۾ لکيو ويو آهي.

١- سر يمن ڪلياڻ جي داستان ستين جي وائيءَ ۾ آهي ته:

"عاشق "انگهن" چڙهئا، ٻيو سيڪو ٻجي"

٢- سر سسئي آبريءَ جي داستان ستين جي اٺين بيت ۾ آهي ته:

"هوت هلندڙ ڪتيو، جن "انگن" چاڙهيو انگ"

٣- سر حسينيءَ جي داستان ستين جي تيرهين بيت ۾ آهي ته:

""انگن" چاڙهي انگُ، رُوندي سا رت ڦڙا"

٤- سر حسينيءَ جي داستان نائين جي ٻاويهين بيت ۾ آهي ته:

""انگن" چڙهئو آئون، جو نالو ڳيڙءِ نيه جو"

٥- سر رپ جي داستان ٻئي جي چوٿين بيت ۾ آهي ته:

"وئو ٻاروچو نڪري "انگن" چاڙهي انگ"

٦- سر سامونڊيءَ جي داستان پهرين جي ارڙهين بيت ۾ آهي ته:

""انگن" چاڙهي انگ، وئو وڻجارو اوهري"

انهن ڇهن ئي بيتن جي مطالعي مان معلوم ٿيو ته صرف سر يمن ڪلياڻ واري وائيءَ ۾ "گهه" جي استعمال سان لفظ "انگهن" لکيو ويو آهي. باقي پنجن ئي بيتن ۾ "گ" جي استعمال سان لفظ "انگن" ڪم آندو ويو آهي.

هاڻي اچو ته مختلف سنڌي لغتن جو مطالعو ڪري، انهيءَ لفظ جي معنيٰ کي مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب پنهنجي لغات لطيفيءَ ۾ "انگهن" جي لفظ جو ڪوبه ذڪر ڪونه ڪيو آهي. پاڻ صرف لفظ "انگون" لکي، ان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ ”سوري“ ڪيا اٿن. آنجهاني ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ به پنهنجي غريب اللغات ۾ ”گهہ“ جي استعمال سان ”انگهن“ جو لفظ لکيو ئي ڪونہ آهي. هن صرف ”گ“ جي استعمال سان ”انگن“ چڙهڻ جي معنيٰ ”مصيبت يا آزار ۾ پوڻ“ لکي آهي. ٻئي طرف آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب ”گ“ جي استعمال سان ”انگن“ ۽ ”انگهن“ چڙهڻ، ”گهہ“ جي استعمال سان لکي، ان جي معنيٰ ڪئي آهي. ”انگهہ“ جي معنيٰ سنسڪرت ۾ ”اَنڪُ“ يعني ”ڪنڊو“ لکي اٿس، ۽ ”انگهن“ چڙهڻ جي معنيٰ ۾ لکي ٿو، ”انگهن“ تي چڙهڻ، ڪناري يا سوريءَ تي چڙهڻ ۽ عذاب ۾ پوڻ. مرحوم شاهواڻي صاحب مختلف جاين تي مختلف معنائون ڪيون آهن، جن جو مفهوم گهٽ ڪري ساڳيو آهي. يمن ڪلياڻ جي وائيءَ ۾ ”عاشق ”انگهن“ چڙهئا ٻئو سيڪو ٻچي“. اتي ”گهہ“ سان ”انگهن“ جو لفظ ڪتب آڻي، ان جي معنيٰ ڪنڊو، سوري، يا تڪليف لکي اٿس. سسئي آبريءَ واري بيت ”هوت هلندن ڪئو جن ”انگن“ چاڙهئو انگ“ ۾ جيتوڻيڪ پاڻ متن ۾ اصل لفظ ”گ“ جي استعمال سان ”انگن“ لکيو اٿس، ليڪن انهيءَ جي معنيٰ ۾ لکيو اٿس. ”انگهن“ ”گهہ“ سان. وري سر حسينيءَ جي بيت ”انگن چاڙهي انگ“، روندي سا رت ڦڙا“ ۾ انگن جي معنيٰ ڦاهي چاڙهائي اٿس. سر حسينيءَ جي ٻئي بيت ”انگن چڙهئو آءُ، جو نالو ڳيڙهُ نيه جو“ ۾ انگن جي معنيٰ لکي اٿس، ڦاسيءَ تان، سوريءَ تان. سر سامونڊيءَ جي بيت، ”انگن چاڙهي انگ، وئو وڻجارو اوهري“ ۾ ”انگن“ جي معنيٰ ”انگهن“ (گهہ) سان، تڪليف ۽ سوري ڪئي اٿس. وري سر رپ جي بيت ”وئو ٻاروچو نڪري، انگن چاڙهي انگ“ ۾ به معنيٰ لکي ٿو ڦاسيءَ.

انهيءَ سڄي بحث مان اهو ثابت ڪرڻ مقصود آهي تہ اصل لفظ ”انگهن“ ”گهہ“ سان آهي. ڇاڪاڻ جو مٿئين مثال مان اها خبر پئجي وئي آهي تہ جيڪڏهن ڪٿي ”انگن، گ“ سان لکجي ويو آهي تہ به ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي معنيٰ ۽ مفهوم بلڪل "انگهن" وارو ساڳيو آهي. پر جيڪڏهن ڪاتبن جي مختلف لکڻين جي ڪري ڪٿي ڪٿي "انگن" لکجي ويو آهي تہ ان باري ۾ رسالي کي نئين صورتخطيءَ ۾ منتقل ڪرڻ وارن جو فرض هو تہ هو صاحب پاڻ تحقيق ۽ تجسس ڪري، سندن راءِ موجب جيڪو لفظ درست سمجهڻ ۾ اچي ها. سو جيڪڏهن هڪڙيءَ ئي املا ۾ لکن ها تہ، رسالي جي قارئين کي بيتن جي معنيٰ سمجهڻ ۽ مفهوم کي پرکڻ لاءِ ڪي بہ پيچيدگيون ۽ دشواريون پيش نہ اچن ها. ۽ اهڙيءَ طرح صحيح صورتخطيءَ واري طريقي رائج ڪرڻ جي ڪري، موجوده نسل کي رسالي سان وڌيڪ دلچسپي پيدا ٿي پوي ها.

انهيءَ بحث کان پوءِ، آئون نفسِ مضمون ڏي رجوع ڪندي، لفظ "انگهن" ۽ "انگن" جي باري ۾، آخري ۽ ناقابل ترديد ثبوت، جناب ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جن جي لکيل جامع سنڌي لغات سان پيش ڪريان ٿو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي لغت ۾ ٻنهي لفظن، "انگهن" ۽ "انگن" تي جامع بحث ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب واحد لفظ "انگهہ" جي معنيٰ ڪئي آهي. ڪاٺيءَ جي ڪُت يا ورپل نوڪ ۽ انگوڙي. "انگهن چڙهڻ" جي معنيٰ ڪئي اٿن، "سوريءَ تي چڙهڻ". ٻئي طرف ڊاڪٽر صاحب واحد لفظ .انگ" جمع "انگون" (گ) جي استعمال سان لکي، ان جي معنيٰ لکي اٿن "انگهہ" (گهہ) سان: چير: سوري ۽ ڦاهي. ڊاڪٽر صاحب جن ٻنهي لفظن جي معنيٰ ۽ استعمال کي چڱيءَ طرح سمجهڻ جي لاءِ، ٻنهي جاين تي شاه جي بيتن جي هڪ هڪ سٽ بہ مثال طور لکي آهي. اهي سٽون آئون اوهان جي اڳيان پيش ڪري چڪو آهيان.

انهن ثابتين جي آڌار تي اسان کي انهيءَ نتيجي تي پهچڻ ۾ ڪابہ هٻڪ ڪانہ ٿيندي تہ اصل واحد لفظ "انگهہ" (گهہ) سان آهي، جنهن کي ڪٿي ڪٿي "انگ" (گاف) بہ لکيو ويو آهي. پر جتي بہ انگ (گاف) سان استعمال ٿيو آهي، اتي بہ ان لفظ جي معنيٰ "انگهہ" (گهہ) سان ڪئي وئي آهي. هاڻي جنهن صورت ۾ اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ٻنهي لفظن جي املا ۾ اختلاف هوندي به، انهن جي معنيٰ ۽ محل استعمال ساڳيو هجي ته پوءِ ڇو نه انهيءَ اکر جي املا "گهه" سان مقرر ڪئي وڃي، تنهنڪري آئون انهيءَ راءِ جو آهيان ته اصل ۾ صحيح لفظ "انگهه"، "گهه" سان آهي. جتي به اسان کي ڪاتيءَ جي ڪُت يا وريل نوڪ يا انگوڙيءَ لاءِ ڪو متبادل لفظ استعمال ڪرڻو هجي ته اتي، "انگهه" "گهه" سان استعمال ڪجي، ۽ "گ" جي استعمال سان لفظ انگ کي غلط قرار ڏئي ان جي استعمال کي ترڪ ڪيو وڃي.

منهنجي انهيءَ دعويٰ جي ترديد ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته "گهه" جو اُچار ڪجهه ڳرو آهي، تنهنڪري ڪثرت استعمال جي ڪري "گهه" جي جاءِ تي "گاف" ڪم اچي رهيو آهي. ان باري ۾ آئون عرض ڪندس ته جن به اديبن جو ڀهراڙيءَ سان ڪجهه تعلق آهي، انهن کي بخوبي معلوم آهي ته ڳوٺاڻي زبان ۾ اڄ تائين انهيءَ لفظ جي "گهه" متروڪ نه ٿي آهي ۽ هن وقت تائين اهو لفظ "انگهه" استعمال ٿئي ٿو، نه ڪي "انگ" ٻيو اعتراض اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڇاڪاڻ جو شاعر لفظ "انگ" ڪم آندو آهي، غلط العام فصيح جي مصداق "انگهه" جي جاءِ تي "انگ". به استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ ان جو استعمال جائز ٿي سگهي ٿو. ان اعتراض جي جواب ۾ عرض ڪندس ته هڪ ته منهنجي خيال موجب شاه صاحب لفظ "انگهه" استعمال ڪيو آهي ليڪن ڪاتبن جي غلطيءَ ۽ سنڌي زبان جي هاٺوڪي صورتخطيءَ رائج نه هئڻ سببان بعض قلمي رسالن ۾ اهو لفظ "انگ" لکجي ويو آهي. ٻيو ته شاه صاحب جي رسالي ۾ لفظ "انگ" بجاءِ خود، اڳ ۾ ئي گهٽين معنائن ۾ ڪتب آندل آهي. مثلاً انگ معنيٰ تقدير جو لکيو: "انگ" معنيٰ چِٽُ يا نقش: "انگ" معنيٰ عضوو يا بدن جو ڪو ڀاڱو وغيره وغيره. جيئن ته اڳيئي لفظ "انگ" ڪيترين ئي معنائن جو حامل آهي، ۽ جيڪڏهن اجان به انهيءَ ساڳيءَ املا واري لفظ "انگ" کي هڪ وڌيڪ معنيٰ لاءِ استعمال ڪنداسون ته، رسالي جي صرف انهي هڪڙي لفظ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ ڪڍڻ ۾، خيالات ايتري قدر تہ تقسيم تي ويندا جو ڪا منزل اهڙي بہ اچي ويندي، جنهن ۾ قاري شايد صحيح معنيٰ جو تعين نہ ڪري سگهي ۽ ممڪن آهي تہ غلط معنيٰ ڪڍي ويهي.

لغت جي عالمن مان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب کان سواءِ ٻين سيني عالمن انگهن لفظ جي مفهوم مطابق معنيٰ تجويز ڪئي آهي ۽ لفظ جي اصل حقيقت ڏي ڪنهن بہ نظر ڪانہ ڪئي آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ، سنڌ جي ڳوٺن ۾ اڄ تائين اهو رواج آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن، خاص طور تي سياري جي موسم ۾، ڳوٺائن مان ڪو هڪڙو ماڻهو يا ٻہ - ٽي ڄڻا گڏجي ڦندڙ خريد ڪري ان جو گوشت ڳوٺن ۾ وڪڻندا آهن. اهڙي گوشت جي ڪاروبار ڪي ”مهادي“ ڪرڻ بہ چئبو آهي، ڇاڪاڻ جو ڳوٺاڻا پيشيور ڪاسائي ڪونہ هوندا آهن. تنهنڪري وٽن گوشت ڪي وڍڻ ڪٽڻ لاءِ ڪي اوزار ۽ گوشت کي ڪنڍن ۾ لٽڪائڻ لاءِ ڪي دڪان وغيره ڪونہ هوندا آهن. تنهنڪري ڇا ڪندا آهن جو جانور کي ڳوٺ کان ٻاهر ڪنهن وڻ جي هيٺان ذبح ڪري، ان جي کل لاهي، پوءِ ان جا ڀاڱا ڪندا آهن. يعني هر هڪ عضوو وڍي جدا جدا ڪندا آهن. اڌيءَ جي عيوض ۾ ڪا ٻُڌي آٽي رکندا آهن. ان جي هيٺان تڏو وڇائي ان تي گوشت وڍيندا آهن. جنهن عضوي جو گوشت بنائڻو هوندو، سو اڌيءَ تي رکي ان کي وڍيندا ويندا آهن ۽ ننڍا ننڍا وڍيل ٽڪرا هيٺ تڏي تي گڏ ڪندا ويندا آهن. باقي جيڪي عضوا يا ڀاڱا ٿوري دير لاءِ رکڻا هوندا آهن، تن کي مٽيءَ، ماڪوڙين ۽ ٻين ڪيڙن وغيره کان بچائڻ لاءِ، انهي وڻ جي انگهن يا ڪتن ۾ لڙڪائي ڇڏيندا آهن. ٻڪريءَ يا ڇيلي کي تہ سير وجهڻ کان پوءِ يڪدم ڪنهن وڻ جي انگهہ يا ڪت ۾ لڙڪائي پوءِ ان جي کل لاهيندا آهن ۽ ڀاڱا ڪندا آهن.

شاه عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمت، سنڌ جي انهيءَ نهايت پراڻي رواج کي زنده ۽ برقرار رکڻ جي خيال سان اهو لفظ ”انگهن“ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڙهڻ، استعمال ڪيو آهي. انهيءَ محاوري جي معنيٰ ٿيندي، ڪُسڻ ۽ وڍجڻ کان پوءِ سالم حالت يا عضون ۽ ٻاڱن جي صورت ۾، وڍيندڙ ۽ ڪهڻ واري جي مرضيءَ جي مطابق ڪٽن "انگهن" يا ڪنڍن ۾ لڙڪڻ. انگهن چڙهڻ جي مجازي معنيٰ، راه خدا ۾ شهادت کان پوءِ سر جو نيزي تي چڙهڻ بہ ٿي سگهي ٿي. هن محاوري جي معنيٰ قاسيءَ تي چڙهڻ بلڪل غلط آهي.

ياد رکڻ گهرجي تہ اها منهنجي راءِ نہ آهي، پر شاه صاحب جي رسالي جي مطالعي مان سيکو معلوم ڪري سگهي ٿو تہ، وڍجڻ، ڪسڻ، ٻاڱا ٿيڻ ۽ سسيءَ جو نيزي تي چڙهڻ جي باري ۾ شاه صاحب گهٽو ئي ڪجهہ فرمايو آهي. مثلاً، وڍ وهلو ٿيءُ ساعت صبر نہ سهان، "ڪسڻ جو قرار اصل امامن سين"، "ٻاڱا ٿيندي سوهٽي، ۽ "سسي نيزي پاند، اُچل تان اڏ تبي". وغيره وغيره.

آخر ۾ آئون ايترو چوڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان تہ، جيتوڻيڪ هن وقت تائين، شاه جي رسالي جا ڪيترائي نسخا شايع ٿي چڪا آهن، ليڪن افسوس جو انهن مان ڪنهن بہ رسالي کي مستند هئڻ جو درجو نٿو ڏيئي سگهجي، مون کي اهو معلوم ڪري خوشي ٿي آهي تہ ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز جي طرفان، ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جن، هڪ مستند نسخي شايع ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. ان باري ۾ آئون اڳي بہ ڪيترن ئي مضمونن ۾ انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيندو رهيو آهيان، ۽ هن مضمون ۾ بہ متيون مثال پيش ڪري، ڊاڪٽر صاحب جن کي مؤدبانہ گذارش ٿو ڪريان تہ، رسالي جي انهيءَ مستند نسخي جي املا، صورتخطي، حتيٰ ڪہ زيرن زبرن ۽ اعراب وغيره تي بہ خاص طرح توجهہ ڏئي، پوءِ اهو نسخوشايع ڪرائين، ۽ جيڪڏهن واقعي اهڙو صحيح، مستند ۽ مقرر شده املا مطابق شايع ٿي وڃي تہ پوءِ ٻئي ڪنهن بہ مصنف کي اهو اختيار نہ هئڻ گهرجي جو ڪوبہ ماڻهو انهن پڙهڻ ۾ ڪابہ ڦير ڦار ڪري سگهي.

ان طرح سان رسالي جي پڙهڻ وارن کي وڏي سهوليت ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندي ۽ نوان قاري، رسالي سان وڏيڪ دلچسپي ڏيکاريندا. هن وقت عام پڙهندڙ شاه صاحب جي رسالي سان گهڻي دلچسپيءَ جو اظهار صرف انهيءَ ڪري نٿا ڪن جو موجوده رسالن جي لفظن ۾ املا ۽ صورتخطيءَ جي پيچيدگين، رسالي جي معنيٰ کي منجهائي وڌو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد عمر چنڊ

(ٻہ سؤ اٺين ورسي ١٩٦٠ع)

# شاه جي ڪلام ۾ عشق جو تصور

جيڪڏهن اڳيون زمانو هجي ها تہ آئون سنئون سڌو عشق مجازيءَ جي تصور کان آڻي عشق حقيقيءَ تائين جذباتي روايتي دليلن سان مقالي کي ڪٽي پورو ڪيان ها. پر اڄ هڪ ذميدار نقاد جي لاءِ علمي توضيح ۾ حقيقت پسندي ناگزير آهن. انهيءَ ڪري ڊپ اٿم تہ متان ڪنهن ذاتي غلط تصور جي بناء تي غلط بيانيءَ کان ڪم وٺي، شاه صاحب جي روح اقدس يا سامعين ڪرام جي دل آزاري ڪريان. بهرحال، بقول رومي:

زانکہ دل جوهر بود گــــفـــتي عـــرض،
پس طفـــيل آمـــد عـــرض جوهر غرض.

عشق جو جيتوڻيڪ سيڪنهن شاعر وٽ آراڌو تصور هوندو پر بهــر صــورت ان جي اصليت وري بہ هڪ ئي آهي. اهو بقــول سگمنڊ فرائڊ، جنسي جذبي کان شروع ٿي، سڄي نوع انسان جي حياتيءَ تائين ترقي ڪندو ٿو وڃي. اڄ خود طبعيات بہ عشق ۾ نفرت کي نظر انداز نٿي ڪري سگهي. طبــعــيـــات جي آڌو ســڄي ڪائنات جو نظام Attraction and Repulsion تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن ڪوبہ سيارو يا ستارو انهن ڪشش جي حدن کان ٻاهر نڪري وڃي تہ سندس وجود انهيءَ پل ۾ ختم ٿي ويندو. مرحوم خليفي عبدالحڪيم ”فڪر اقبال“ ۾ ابن عربيءَ جي ڪتاب ”حڪمت الاشراق“ تان نقل ڪيو آهي تہ ”هر بلند نور کي هيٺئين نور تي غلبو ۽ اقتدار حاصل آهي ۽ هيٺيون نور مٿئين نور سان محبت ٿو رکي ۽ گويا سندس وصل جو خواهان آهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ قهر و مهر Attraction and Repulsion سان نظام عالم جو وجود قائم آهي". هر قسم جي حقيقي ترقي عشق جي ئي بدولت ٿي سگهي ٿي. پر شرط اهو آهي تہ مطلوب، طالب کان ارفع هجي. ڇو تہ عشق حقيقيءَ جو رجحان هميشه ڪمال ڏي هوندو آهي. پر پرينديئي عشق حقيقي جو تصور ڪرڻ بي معنيٰ آهي. ابتداء جي لاءِ ضروري آهي تہ مطلوب متشڪل هجي. متشڪل شيءِ جو حسن ئي اسان جي دل ۾ لاڪس محبت تو پيدا ڪري. انهيءَ ڪري هو عشق حقيقي توڙي هوَس پرستي جنس کان شروع ٿي ٿئي. اهڙي عشق کي صوفيانہ اصطلاح ۾ عشق مجازي چئبو آهي. اهو رڳو شاه صاحب تي ٻڌل ڪونهي پر هڪ فنڪار، شاعر، صوفي توڙي فلسفي عشقِ مجازيءَ جي منزل مان ٿو لنگهي.

نفسياتي نقطي نگاه سان ڪا عادت جيڪڏهن ناخوشگوار آهي يا جي ڪنهن خواهش جي تڪميل جي آس نٿي رهي تہ اها عادت يا خواهش پنهنجي آسودگيءَ لاءِ نيٺ هڪڙو نئون رستو ڪٽي سفر ڪندي. جيئن پاڻيءَ جي وهڪ اڏو جيڪا رنڊڪ اچي وئي تہ هو پنهنجو وهڪرو ٻئي پاسي بدلائي پنهنجي وهڪ جو سلسلو جاري رکندو. انهيءَ کي نفسيات ۾ انتقال چئبو آهي. عشق، جيئن مٿي ٻڌايو ويو- مجاز کان شروع ٿئي ٿو. پر جڏهن سندس جنسياتي خواهش جي تڪميل نٿي ٿئي تہ هو پنهنجو رستو بدلايو وجهي ۽ عشق حقيقي ڏي لاڙو ٿيو پويس. ڀهريائين ڀهريائين اهو انتقال منهنجي خيال موجب، رڳو "انا" جي تسڪين لاءِ هوندو آهي. پر ٻوءِ وجدان ۽ عشق حقيقيءَ ۾ بدلجو وڃي.

انهيءَ ساڳئي انتقال جي مسئلي جي وضاحت لاءِ اسان وٽ فلسفيانہ دليل اهو آهي تہ "خداوند رب العزت هر شيءِ کان زياده خوبصورت ۽ مڪمل آهي ۽ چئني پاسي ڪيس پنهنجوئي ڪمال ٿو نظر اچي". انهيءَ ڪري هو عاشق بہ پاڻ آهي تہ معشوق بہ پاڻ، جيئن شاه صاحب فرمايو:

پاڻ ئي پسي پاڻ کي، پاڻ ئي محبوب،
پاڻ ئي خلقي خوب، پاڻ ئي طالب تن جو.

۽ جيئن تہ خدا کان وڌيڪ ٻي ڪابہ شيءِ حسين ۽ مڪمل ناهي، انهيءَ ڪري ڪنهن بہ شيءِ کي ٻي شيءِ مان اهو لطف حاصل نٿو ٿئي جيڪو عشق الاهيءَ مان.

مشکل حکايتي ست کہ هر ذره عين اوست،
ليکن نمي توان کہ اشارت باو کنند.

هيءَ طبعي دنيا انهيءَ ڪري حسين ٿي لڳي جو اها روح ڪائنات جي زندگيءَ جو اظهار ٿي ڪري ۽ سيئي زنده هستيون انهيءَ ڪري حسين ٿيون لڳن جو هو پنهنجي زندگيءَ جو مظهر هونديون آهن. حسن جا ڪئين درجا آهن پر انهن سڀني جو اصل اهوئي حسن مطلق آهي. حسن منفرد بدلجندڙ ۽ فاني آهي پر الاهي حسن ابدي آهي. انهيءَ لحاظ کان هر حسين شيءِ ابدي آهي، ڇو تہ اها الاهي حسن ۾ شريڪ آهي. هر حسين شيءِ جو نظارو صوفيءَ کي حسن ازلي جي ياد ٿو ڏياري:

ايڪُ قصر، دَرَ لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

ابنِ سينا جي آڏو ڪائنات جي هر شيءِ ناقص آهي ۽ حصول ڪمال جي لاءِ ڪو شان طالب ڪمال يا حصول ڪمال جي سعيي ۾ وڌڻ ويجهڻ ۾ ارتقاء جو راز مضمر آهي ۽ انهيءَ جذبہ تخليق و ارتقاء جو نالو عشق آهي.

عشق کے مضراب سي نغمہ تارِ حيات،
عشق سے نور حيات، عشق سے تارِ حيات.

اريجنيا جي فلسفي، مشاهدي ۽ تجربي جو نچوڙ اهو آهي تہ هر هڪ زنده شيءِ ڪنهن اهڙي شيءِ مان ٿي پيدا ٿئي، جا اڳ زنده هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ دنيا جنهن کي اسين ڏسي سگهون ٿا حياتيءَ واري دنيا آهي. تنهنڪري لازمي طرح سندس اتصال يا خروج ڪنهن وجودِ اولين کان عمل ۾ آيو آهي ۽ اهو وجود اهوئي آهي جنهن کي اسين خدا ٿا سڏيون. هر اها شيءِ جا اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پنهنجي وجود کي بحيثيت هڪ جسماني شيءِ جي انهيءَ قوت جي ذريعي سان قائم ٿي رکي جا ڪيس خدا کان مليل آهي. پر جيڪڏهن اها قوت جنهن تي مڙني شين جي هئڻ جو مدار آهي، هٽائي ڇڏجي ته انهن شين جي رجوع پنهنجي اصل ڏانهن لازمي آهي. خدا انسان جي روح کي پنهنجي نور جي هڪ قطري مان پيدا ڪيو آهي ۽ انهيءَ قطري جي تخليق جو مقصد اهو آهي ته جنهن سمنڊ مان نڪتو هو آخر ان ۾ وڃي ملي. اهو آهي فعل و جذب جو مسئلو، جو مسلمان صوفين ۾ عام آهي. جو شاهه صاحب ۽ سندس روحاني مرشد مولانا جلال الدين رومي، ٻنهي وٽ بدرجه اتم موجود آهي. عارف روميءَ جي مثنوي مسئله انفصال کان شروع ٿئي ٿي. مثنويءَ جو پهريون شعر آهي:

بشنو ازني چون حکايت مي کند،
و ز جدائيها شکايت مي کند.

اهو ساڳيو خيال ساڳين ئي لفظن ۾ شاهه وٽ به موجود آهي:

وڍيل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري،
هُن ٻن پنهنجا سارِيا، هو هنجهون هڏن لءِ هاري.

مارئيءَ کي تمثيلي روپ ڀرائي روح جي وجود تي ويچاربو ته شاهه به افلاطون ۽ رومي جي انهيءَ ما بعد الطبعياتي نظريي جو قائل نظر ايندو ته "آفرينش کان اڳ روح کي حسن مطلقه جي حضوري نصيب هئي":

نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا هونگ نه هون،
سڄڻ انهيءَ ساعت ۾، ٻيٽي ڏنوسون،
مون تن تڏاهڪون، ملي ملاقات ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عارف روميءَ جو خيال آهي تہ هر روح خدا کان جدا ٿي اسفل سافلين ۾ ويجو پوي. شاه صاحب وٽ انهيءَ حالت جي لاءِ "قيد الماء" جو اصطلاح آهي.

قيد الماء ڪهن، سو مون پاند پيو،
"جف القلم بماهو ڪائن،" وهي قلم ويو،
اي قضا ڪم ڪيو، جيئن تر مارو آءُ ماڙيين.

خليفي عبدالحڪيم، حڪمت روميءَ ۾ لکيو آهي تہ "انسان کي گهري نفسي ڪيفيت ۾ انهيءَ جو اڻ لکو شعور ٿيندو آهي تہ هو عالم آب و گل ۽ جهانِ رنگ ويو جو رهاڪو ڪونهي. ڪيس ياد ناهي تہ اهو گلشن ۽ نشيمن ڪٿي هو پر تہ بہ اوڏانهن وڃڻ جي تار سندس روحانيت جو سرمايو آهي. هو هتي زور مس سان مجبوراً رهي ٿو ۽ سندس دل اصل وطن لاءِ واجهائيندي رهي ٿي".

الا! ائين مَ هوءِ، جيئن آءُ مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڇنم ڏينهڙا.

--------

قيد الماء تيوم، هت اڙانگي گهاريان،
هِناڪ جسمي والفواد لَديڪُم، هنيون هُت سندوم،
قادر شال ڪندوم، منيڙائو سين مارئين.

قرآن شريف ۾ ارشاد ٿيو تہ ڪل شيءِ يرجع الي اصلهہ - عارف روميءَ جو خيال آهي تہ سڄي ڪائنات انهيءَ ڪري ارتقاء ڏي مائل آهي، جو هو خدا ڏي عود ڪرڻ ٿي گهري. هن تنزلاتي ۽ تدريجي نظام ۾ اهو جذبو، جو جزن ۾ اتحاد ٿو پيدا ڪري سو عشق جو جذبو آهي. پر رڳو جزن جو جوڙ ۽ جهان جو نظام، زندگي ۽ ڪائنات جو مقصد ڪونهي. هر ذري جو مقصود عروج و سعود الي الله آهي. مادي ڪان خدا تائين هڪ تمام وڏي منزل آهي. جنهن بہ هستيءَ کي خدا ڏي واپس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچڙو هوندو، انهيءَ کي قدم بقدم ترقي ڪرڻي پوندي. آخري منزل خدا سان وصالِ ڪامل آهي. جنهن تي وجود جو ڪوبہ تصور قابلِ اطلاق ڪونهي. صوفين وٽ خدا ڏي واپس موٽڻ جي عام، ظاهري ۽ شرعي معنيٰ نہ پر ذاتِ الاهيءَ ۾ واصل ۽ ساڻس يڪ رنگ و يڪ آهنگ ٿيڻ آهي جنهن کي اسان وٽ فنا في الله چئبو آهي. مولانا روم جو خيال آهي تہ اعليٰ جي عشق ۾ فنا ٿيڻ فنا نہ پر ارتقاء جو ذريعو آهي. شاھ صاحب جو خيال آهي تہ ابديت ۽ عظمت ٻئي فنا في الله تي وجڻ ۾ آهن.

تہ ڪر ڪيڻن سئي، جي سير نہ گهڙي سهڻي،
هِت حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهن تان نہ هئي،
جُڪي تنهن چري ڪئي، جو ڏنُس اُنَ ڏهي،
سهڻيءَ کي سيد چئي، وڏو قُربَ ڪهي،
هُنهِين هوند مئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٿيا.

مولانا روم چيو آهي تہ ”عاشق فنا ٿي معشوق جي اعليٰ صفتن کي پاڻ ۾ جذب ٿو ڪري“. شاه صاحب چيو:

نابوديءَ نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو،
مورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پڻ سيئي،
ڪبي اُت ڪيئي، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي.

وري چوي ٿو:

گهڙو ڀڳو تان گهوريو، ڀاڻان هو حجاب،
واجبَ وچي وجود ۾، رهيو روح رباب،
صاحب ريءَ صواب، آئون گهٽوئي گهوريان.

اتي اچي اسان کي هڪ ٻئي مسئلي کي منهن ڏيڻو ٿو پوي. يعني شاه صاحب وٽ ان منزل جي حصول بابت ڪهڙو خيال آهي؟ شاه صاحب وٽ جيتوڻيڪ حصول مقصد جي لاءِ ڪوشش فنا تائين پهچي ٿي وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هو حصول جو خواهان ناهي.

بقول اقبال:

تو نہ شناسي هنوز شـوق بميـردز وصل،
چيست حياتِ دوام؟ سو فتنئہ نا تمام.

هڪڙي حڪيم الاهيءَ جو قول آهي تہ انسان جي هر حالت ۾ بي اطمينانيءَ ٽوٽ جو احساس سندس الاهي الاصل هئڻ جو کليو کلايو ثبوت آهي. سندس اصل خدا جي اکٽ ۽ لا محدود صفات مان آهي. جيڪي لامحدود هستيءَ واري روح مان پيدا ٿيون آهن. سندس مقصود پڻ لامقصود هستي آهي. انهيءَ ڪري ڪيس ڪابہ محدود شيءِ مطمئن نٿي ڪري سگهي. هو سيڪنهن محدود جي حصول کان پوءِ منجهائنس بيزار ٿيو پوي. انسان ڪنهن ٻيءَ مخلوق وانگر مطمئن هئڻ پسند بہ نٿو ڪري.

وسن ۽ وهسن، ڏيهاڙي ڏسڻ لاءِ،
ڏسي ڏسي آئيون، تہ بہ تلاشون ڪن،
ڍاپيو نہ ڍاپن، پسڻ منجهان پرين جي.

افلاطون جي آڏو بهترين زندگي عمل ۽ مقاصد آفرينيءَ جي زندگي نہ پر عقل ڪل جو تماشائي ۽ حق جو متلاشي ٿيڻ آهي. اقبال خدا سان بہ وصال ڪامل جو خواهشمند ڪونہ هو جو عام طرح صوفين جو مقصود آهي. اقبال "شوق بميرد ز وصل" واري عقيدي تي نهايت پختو آهي. جيڪڏهن انسان خدا ۾ اهڙيءَ طرح ضم ٿي وڃي، جهڙيءَ طرح مينهن جي بوند دريا ۾ پئجي پنهنجي وجود ۽ خوديءَ تان هٿ ڌويو ويهي. اهڙي قسم جي فنا، حيات ابديءَ جو حصول نہ پر عدم آهي. ٻين لفظن ۾ خدا جي ذات کان انسان جي خوديءَ جو فراق ابدا دائم ۽ قائم رهڻ گهرجي. جوتہ جڏهن بانسري بانس کان وڇڻي يا وڇيل هوندي، تڏهن ئي وائي ڪري سگهندي. اقبال چيو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدريا غلط و با موجش در آويز،
حياتِ جاودان اندر ستيز است.

شاه صاحب چيو:

ڏوريان ڏوريان مَ لهان، شال م ملان هوت،
جيءَ اندر جا لوچ، مڃڻ ملڻ سان مائي ٿئي.

وصل کان پوءِ عشق ختم ٿيو وڃي ۽ زندگيءَ يا ڪائنات ۾ جو هنگامو آهي سو سڀ سڪوت ۾ اچي ويندو. مارئي ملير پهچي قيد وارا ڏينهن ياد ٿي ڪري:

سڪر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾،
وسايم وڏ ڦڙا، مٿي ماڙين مينهن،
واجهائين وصال ڪي، ٿيس ٿهوارون تيئن،
نِيَرَ منهنجو نيهن، اجاري اڄو ڪيو.

صداقت مطلق تي تلاشِ حق کي هڪڙو حڪيم الاهي ترجيح ٿو ڏئي، ڇو ته هو موتيو. منهنجي زندگي طلب جي ڪريئي قائم آهي. جي طلب نه رهي ته آئون به ڪونه رهنديس.

ان سُرڪيءَ سندو ساءُ، پڇج عزازيل کان.

مولانا انهيءَ سفر کي خدا ۾ پڄائي ختم ڪرڻ جو خواهشمند آهي. ڪي اڪابر جن ۾ شيخ اڪبر به شامل آهي. اهو خيال ٿا رکن ته هيءُ سفر ڪڏهن به ختم ڪونه ٿيندو. انسان رڳو ويجهي کان ويجهڙو ٿيندو ويو. غرض ته ”اليه راجعون“ اندر سفر ئي سفر هوندو. ۽ سالڪ همېشه سالڪ تي رهندو. لامتناهي ۽ بي طلبي رڳو الوهيت کي حاصل آهي. مخلوق جي لاءِ وڌندڙ قرب آهي، جنهن جي ڪا حد ڪانهي. انهيءَ سڄي سفر ۾ جيڪو ميلان، جيڪا تقاضا ۽ تڙپ آهي انهيءَ جي لاءِ اسان وٽ رڳو عشق جو ئي اصطلاح آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاسو داگيا
(ٻه سؤ ائين ورسي ۱۹۶۰ع)

# شاهه عبداللطيف
# موهڻ - موهجڻ تي

زندگيءَ جي پرواز ۾ اهي ڪهڙا عناصر آهن جيڪي پرش - استريءَ کي ڪيڪاري سندن سُڌ ٻُڌ وڃايو ڇڏين؟ خاص طور عشق جي ايوان ۾ اُڏامندڙ اُهي ڪهڙا احساس آهن، جيڪي شيدائن کي بيوس بڻايو ڇڏين؟ ساڏارڻ جِيوَ ڇا تي آڪن ڇڪن ٿي پيءَ جنس خاطر ڪشت سهي ٿو ۽ قربانيون ڪري ٿو؟ شاه عبداللطيف، اسان جو عظيم شاعر، انهن مسئلن جو ڪهڙو جواب ڏئي ٿو؟.

شاهه صاحب ولي هو. ڪيس ڄاڻ هئي ته سنسار ۾ نانگن، جوڳين ۽ لاهوتين کان سواءِ ڪلال، ڪنڀار، لوهار، پکي، پسون، درياءَ ۽ ڏونگر به آهن. جن مان گهڻو ڪجهه لاڀ پرائي سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح ڪيس اها به ڄاڻ هئي ته روحاني رازن کان سواءِ حواسي ڇاهنائون به آهن، جي دنيا جي وجود جو بنياد ڪٽي نه به هجن پر ان جو اهم حصو ضرور آهن، جن کي صفا نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

انهيءَ ڪري شاهه صاحب انساني ڀاوَ جي پرک ڪري اهو معمولي پر معنيٰ ڀريو مظاهرو ڏنو ته اهي اکيون، ڪن، نڪ، چپ ۽ چمڙي آهن جي ”موهڻ - موهجڻ“ جو ظاهري بنياد آهن. رنگ ۽ روپ، ساز ۽ ناز ۾ ڪشش آهي، ته مِلڻ جُلڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ ڪارائڻ پيارڻ، اهيئي جيڪي رستا آهن تن سان هڪٻئي تي موهت ٿجي ٿو، ۽ خسيس عنايت ۽ عاجزي، رحم ۽ رعايت جهڙيون خوبيون به موهي سگهجن ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ صاحب نفس پرست نہ هو، انهيءَ چوڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. هو وحدت جو واهي هو. پر تنهن سان گڏ هو ڪلاڪار بہ هو ۽ ڪلاڪار اڪثريت ڪي، ڏئيءَ ڪي، ڪيئن تـو بنه در ڪنار ڪري سگهي؟ حواس، جا ڏئي تـا ڏيکارين، اُهائي دوکو تي ڏئي، اهو دوکو درد تـو پيدا ڪري، اُهو درد آنند لاءِ پتـڪائي تو ۽ آنند وري ائين ئي سمجهجي ٿو تہ حواسن معرفت ئي ملي ٿو. اهو غلط آهي، پر اها پرهل ۽ پر اسرار حقيقت بہ تہ آهي جنهن تي جهان ٽڪي ٿو، جنهن ڪري ڪلپنا اُتپن ٿئي ٿي ۽ جنهن جي آڌار تي ڪلاڪار نوان آڪار خلقي ٿو.

اظهار جي محدود دائري ۾ هوندي بہ حياتيءَ جي هن پرپاوڪ گهٽنا جو مڪمل نموني بيان، جهڙو شاه صاحب ڪيو آهي، اهڙو اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي ٻئي ڪنهن بہ نہ ڪيو آهي. اِها خصوصيت سندس ڪماليت ۾ اضافو ٿي آٿي ۽ اسان جي نظرن ۾ هن جو شان اچا بہ اوچو ٿي ڪري. اهو هو ڪاميابيءَ سان ڪري سگهيو. ڇاڪاڻ جو هن لوڪ ڪهاڻين جو سهارو ورتو، جتان انهيءَ وشيہ تي مصالحو ڪيس سولائيءَ سان ملي سگهيو.

پر هڪ ڪهاڻيءَ جو مکيہ ڪردار اوهين ڏسندا تہ سوال اُٿـاري ٿـو تہ: الجهن جي ابتـدا ڪيئن ٿي؟ نيٺ بہ مـفتـون ڇا تي ٿـيو؟ ڪهڙي ڪارڻ فدا ٿي پاڻ فنا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو؟

سسئيءَ جڏهن ڏنو تہ ڪيچ مڪران جي حاڪم جو پٽ سوين شهزاديون ڇڏي مٿانئس عاشق ٿي پيو، تڏهن اٿيچو اُتر ڏيڻ ڪهڙيءَ بہ زال ذات لاءِ فطرتاً آسـان هو. سـسـئي وري بہ ڌوٻيءَ جي ڌيءَ هئي. اهڙيءَ طرح ڏيسـاور جو سوداگر خاندان وساري، مـال ملڪيت ڦٽو ڪري هڪڙيءَ سهڻيءَ پنيان پاڳل ٿي ڦري. ڪهڙي ڪنيار جي ڌيءَ هن جو عرض نہ اونائيندي؟ پر هنن جو مير مارڻ اهڙو حيرتناڪ واقعو ناهي جهڙو هُنن سـان توڙ نبـاهڻ، باوجود ڪاريءَ رات جو درياءَ ولوڙڻ جي، ڏرتيءَ جو جبل جهـاڳڻ جي. جان ڏيڻ تائين وفـائي نہ وسـارڻ. ائين ڇو ڪيائون؟.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو اُهو ڪٽي ڪاڪ ۾ گهڙڻ جي همت رکي ٿو ۽ هر قسم جي ڏهڪائيندڙ امتحان مان سياٽپ سان پار پئي، ڦندن مان بچي نڪري ٿو، تنهن جي اها جان فشاني بذات خود داد لائق آهي ۽ ڪابہ ناري اهڙي سورهيہ مڙس کي پاڻ ارپڻ ڪرڻ ۾ فخر وٺندي. راڻو هڙو مرد ثابت ٿيو تنهنڪري مومل سياويڪ طور هن کي پنهنجو ڪيو. پر "راڻي لاءِ رڙي، ويئي وهامي راتڙي" اها تات ڇا لاءِ؟

هيرن ۽ موتين تي زالون هرک هاريندڙيون آهن، اها عالم آشڪار ڳالهہ آهي. عورت جي اها پنهنجي ڪمزوري آهي. ليلان بہ ائين ڪيو ۽ ڪؤنروءَ ان جو فائدو ورتو. پر پوءِ نراسائيءَ جو سبب؟ نوري، جيڪڏهن ٻين وانگر ڪاري، ڪوجهي، بدبوءِ ڀريل مهاڻي هجي ها تہ ڄام نوازيس ها ڇا؟ نہ. ڇاڪاڻ تہ روش راڻيءَ جهڙا ٿي لڳس، اهل ڄاماڻي هيس، تڏهن سمي سڃاتس. پر اهو ڇا هئو، جنهن سان تماچيءَ کي جڪڙي قابو ڪيائين؟ مارئيءَ جو ماروءَ ڏانهن مائل رهڻ ڇنجي ڪٿي تہ رسم رواج جو لحاظ آهي. جنهن سان مائٽن جيڪر پلؤ پڌس تنهن سان ئي لائون لهڻ – اها مٿس اخلاقي پابندي هئي. پر اها ساراه جوڳي جريت جا عمر جي لالچن جا لڪ لنگهائي سگهي، سا ڪٿان آئي؟ مختصر هن طرح تہ محبت ۾ ڪامڻ، پڇرڻ ۽ پڇڻ آهي، جفائون آهن. جانيءَ ڪان سواءِ جيرا، جگر، بڪيون جلندا آهن، جدائي وڍيندي، چيريندي ۽ چچريندي آهي. اِهو برابر آهي. پر اِهو سيڪجهہ پوءِ ٿو ٿئي. سوالن جو سوال آهي.

"لڳو ڪيئن لطيف چئي، ڇپر ڇاتيءَ ساڻ!"

موهڻ – موهجڻ لاءِ شاه صاحب اکين کي ٻين حواسن کان زياده جوابدار نهرائي ٿو، ڇو تہ سڄڻ جي سڃاٽپ پهرين نيڻن سان ٿيندي آهي؛ بره جي باه اول اتان دکندي آهي. چوي ٿو:

اکين کي آهين، عجب جيهيون عادتون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪا ڳالهہ، نہ ڪو اطلاع، نرڄيون ڪنهن ڪان پڇن ڪونہ، چوڻ ٻنان وچو مامرا منڊين، پراين سان اڙجن. پوءِ بہ ڪُنيون ڪچن ڪونہ، دل ديواني ڪيو پيون ڦرن. ڏسن تہ وهسن پيون، ڍاپن ئي ڪونہ. رُسن تہ وسن پيون، وري پاڻمرادو تاڻين ۾ ڪين بہ پيون. ڇا آهي؟ نيڻن جو ذاتي سياءُ ئي آهي نيهن ڪرڻ، نظرون هڻڻ. ڪٿي ڪپيا تہ خلاص. پوءِ ٽُڪ ئي هڪ: جيڪي ڏنو مون، سو ٻئي ڪنهن نہ ڏٺو. جي ڏٺو تہ مون جيان مُٺو. ڇا ڏنائون؟.

ڪٿي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر.

ڪي نرمل نيڻ اڪيون ٺارين، ڪي مجازي نيڻ اندر ٻارين، ڪن جو چمڪو چوري، ڪن جي گهور گهائي. ڪن جون اکيون جهڙيون چلڪندڙ ترارِيون، ڪن جا نيڻ جهڙا قاتل ٻاڻ. سهڻيءَ ڪي ميهار جي ماڻڪين ٻوڙيو. سسئيءَ ڪي پنهونءَ جي ٻنهي چشمن دلبند ڪيو. مومل جي تارن ڪيترن کي تمام ڪيو. نوريءَ ڪامي اکين سان تير هنيا. عام طرح ترڇين نگاهن جا ڏنگ لڳندا آهن. تڏهن بہ انهن نيزن جي نوڪن اڳيان سجدو ڪرڻ لاءِ سوين تيار آهن! .......... وڏو اهڃي.

صـــــورت تنهنجي، سڀ جڳ مـــــوهيـــــو!

لالائيءَ لڄايو آهي - پوءِ اها جانب جو جمال ڏسي آئي هجي يا ميندي لڳائي آندي هجيس. ڏيل جو ڏيک ڏسو: مُنهن موچارو، پيشاني پيئي نت ٻهڪيس. سچ چنڊ سان ڪا پيٽ؟ جسم جو جنسار جاچيو: ڳات اُبو، ڪيهَرَ جيئن ڪَرُ ڪٽي، مُچون ملهہ موڙي يا وري هي ننڍڙا تِرَ ۽ خال ۾ سنهي لڪِ، نڪ سنئين، ڪجل ڀنل نيڻ، ڏني هوش ئي هليو ٿو وڃي. بس، سونهن پسڻ ڪان پري، ڳالهہ ڪرڻ ڪان ٻاهر. ڪٿي ڪو ثاني ڪونهيس.

”جاتي ڪاتي محبوبن جي، آهہ حسن جي هاڪ“.

هاٿي سهسين سينگار جو مشاهدو ماٿيو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪاڪُلُ ڪالَ ڏنوم، رُخساري تي روپ سين".

ماريو آهي انهن زلفن پنل، چنبيلي تيل سان تَرڪيل، سينڌ ڪڍيل سٽيا وار. سون ورني چمڙي ۽ لال لب. سينگار اهڙو جهڙو شاديءَ جو سينگار. سونا ڪُرَ ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هار، ٻانهوتا ٻانهن ۾. ويس ورن ڪهڙا؟ ڪهنبا ڪپڙا، گلابي رنگ جا وڳا، پانن جي پنن جهڙا ساوا وستر؛ آها! ڏسي نشو چڙهيو وڃي. ازانسواءِ جيئن رواجيءَ ۽ غير رواجي ڏيان ڇڪائيندو آهي تيئن حد سينگار جي مقابلي ۾ وري اڻ سينگاريل نوريءَ جو فرق ڏسو جنهن پنهنجي شخصي دلربائيءَ سان فتح پاتي.

چلڻ جي گت بہ وٽي ٿي. سندس پيرن تي هلڻ، وک کڻڻ، پنڌ ڪرڻ جي ڪهڙي واکاڻ ڪجي. هلڻ جي لوڏ ئي پڌري. نڪرڻ سان رستا بہ روشن ٿيو وڃن. سڄي زمين "واه واه" چيو اٿي. اچڻ سان سُور ئي وسريو وڃن. جان جيان جيڪر اهي پير نہ ڇڏيانس! ........ ۽ باقي؟

"آن جي ڏٺي جيڏيون، پنهونءَ جي پاٻوهہ".

مٺي مرڪ، نرم نِهارَ، سانتيڪا اشارا، ڪنڌ جو لوڏڻ، جو خوش آمديد چئي آجيان ڪري، تہ ٻيهر پريو ڳالهائو جو منهن ۾ مسڪراهٽ آئي. اهڙي پاٻوهہ ڪنهن کي نہ ڇڪيندي؟ پاٻوهہ، جا جڻ گهري ڪجهہ ڪونہ ٿي پر وٺڻ لاءِ هر وقت آسائتي آهي ۽ ملڻ تي صد مرحبائون مڃي شڪرانا ادا ڪندي وتي. پريتم جي هڪڙي پاٻوهہ سان ئي سڀ ڏک ڏور ٿيو وڃن، او! بهاري هوائون بہ موٽ ڪايو اچن! انهيءَ لقاءَ ڏسڻ بعد ٻيا حواس بہ ميدان ۾ لهيو اچن.

"مَنَ پيندي مون، ساجن سهي سڃاتو".

متان سمجهو تہ هن معاملي ۾ چکڻ جو حواس ڪو گهٽ جاءِ تو والاري. ٿي سگهي ٿو تہ شروعات ئي چپ جي سواد سان ٿي ٿئي. چَکي جيڪا ميهار ڏهي ڏنسَ، تنهن سهٽيءَ کي چريو ڪيو. سسئي بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُرڪيءَ جي چشڪي تي پاڻ وڃائي پنهونءَ جي ڪڏ پيئي. مارئي مهي ۽ ماڪيءَ لاءِ ٿي سڪي. مومل اڪروٽ، ڏاڪون ۽ ڪيروليون آچي راڻي جي دل سرڪائڻ لڳي. گهڻن سڪايلن ڪي ته، جيئن هميشه ٿيندو آهي، پريل پيالو متوالي ڪرڻ لاءِ مفيد آهي. ائين ڪيئن تو ٿئي؟ ائين ته نه آهي ته ذائقي سان گڏ مربي پنهنجي موهه جي لرزش جو به ذرو ڏيو ڇڏي، جو وجهو اندر راڳا ڪري؟

آواز جو اثر به عبرتناڪ آهي:

”هُوءِ هونگارون، پون پڪارون، تڙ تڙ دوس تنواري“.

عشق جي ”آهه“ اثاريندي آهي. سهڻيءَ ڪي چڙن جي ڪڙڪي تي خوش ڪيو. سسئي هوت جون هڪلون جهٽيندي وڏندي تي ويئي. ڪي سڪڻا سڏ سڻي به راضي ٿيو وڃن. پر بهترين مثال جو شاه صاحب ڏنو آهي سو آهي ٻگائڻ جو، جنهن ۾ جنس ڏانهن ڪابه رغبت ڪانهي، جنهن ۾ ڪابه نفساني چڪ ناهي، جنهن ۾ صرف سُرُ ٻڌي سرت وڃائي ويهڻي آهي. اهو انهيءَ ڪري ٿو ٿئي جو راڳ يا ساز جي سريليءَ تانَ جو تاثير، جي ٿيو ته ماجرا رواجي موهڻ - موهجڻ ڪان مٿي هلي ويندي آهي، ۽ ان جو زوردار ڌڪو سڄي جسي ۽ جان ۾ چائنجي، ٻڌندڙ جي ڪايائي پلٽي ڇڏيندو آهي.

”رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سيڪنهين“.

لاشڪ اهڙي نتيجي لاءِ هڪ طرف آواز ڪيندڙ جي ڪلا گهرجي ۽ ٻئي طرف ان جو پڇاڻ ڪندڙ به. بيجل اهڙي ته ڪمال سوز سان ساز وڄايو ۽ راءِ ڏياچ اهڙي ته بيخوديءَ جي حالت ۾ اهو ٻڌڻ جو بي اختيار ٿي چوڻ لڳو: ”چارڻ! تنهنجي تنوار هاڻي تپائي ڪنيو آهي. چئو ڇا ڪپيئي؟ رڳو هي هڪ مٿو ڇو؟ هتي ڪروڙ سِرَ هجن ته اُهي به هڪ هڪ ڪري وڍي ڏيانءِ، هي ڌڙ به ڪڻ، گهر به ڪڻ، ملڪ سڄوئي تو مٿان گهوريو. گهٽ گهري مون ڪي لڄي نه ڪر“. بيجل جي تندن،

ٻنهي جي تنتن کي ايتــرو تـہ ســيـتــيــو ۽ ڇيـڙيو جو اُن ”ڇرپائي“ جي چوڪٺ مان ٻاهر نڪرڻ ٻنهي لاءِ ڪٺن ٿي پيو ۽ ٻئي ان جي اپريل آگ ۾ پسر ٿي ويا.

جڏهن ويجهڙائيءَ جو انيو ”حد کان وڌيڪ تيز ٿي ويندو آهي تڏهن از خود ٻين حــواسن ســان گــڏ سنگهڻ جو حــواس بہ پنهنجي موجودگي ڄمائيندو آهي. خبر ناهي ڪٿان، جتان ڪٿان، هر چيز مان، انگ انگ مــان هلڪي وٺندڙ بوءِ نڪرندي معلوم ٿيندي آهي ۽ آهستي آهسـتي ان سرهاڻ ســان ليپيتجي پاڻ ڳنوائڻ سولو ٿيو پوي. سڳنڌ بہ انهيءَ ڪري موهڻ - موهجڻ جو هڪ وڏو ذريعو آهي. نوريءَ اڄڻ سان عطر جي اوت شروع ڪئي. سهٽيءَ کي محبتي ميهار مان بوءِ بهار جي ٿي آئي. سسئيءَ کي بہ وڻ وڻ مان آريءَ ڄام جو واس پئي آيو. ٻين جي دل ٿي تہ پرين جي پيرن جي پٽي لڳن کي لڳايون! اوطاقن ۾ اگر ٻاري، بدن عَ ِ سان تازو ڪري، چوٽيون چندن سان چڪ ڪري ۽ سيج گلن ڦلن ســان ســرهي ڪري - مــومل ائين ٿي راڻي کي قــابو ڪيــو. تنهنڪري تہ شاه صاحب مشورو ڏئي ٿو تہ منٺار سان مڪا ميلي ڪان اڳ.

”ڪـتــوريءَ ڪـٹــو، مـڙهي مـڙهج منهن ۾“.

جسـمـانـي ڇهاءُ موهڻ - مـوهجڻ جي سلسلي ۾ آخرين ڪڙي آهي، انتهائي منزل آهي جنهن لاءِ ٻيا سڀئي حواس تحرڪ ۾ اچن ٿا.

”هڪيو هوئج هوشيار، ڪنوڻ ڪوندي اوچتي“.

- - - - - - - -

”آءُ ڇيــائون اڄ“، ڪــٽــي هوت هنج ڪيــو.

- - - - - - - -

”هٿ پريان جي هٿ ۾، ڳچيءَ پايو ٻانهن“.

- - - - - - - -

”رکــي ڳل ڳلــن تــي، رهون ســـپ رچن“.

”مر هيڪاندا هون، تَنَ جنين جو طالبو“.

اُهو حسن اُتاولي ڪرڻ کان سواءِ ڪڏهن نہ ڇڏي. ڏسو تہ ڪيئن نہ ميلاپ من ماندو ڪيو اٿن:

”جي هيان هوت پنهونءَ سين، مون جئن ملاقات“.

---------

ويو پاروچو نڪري، انگن لائي انگ (سسئي).

---------

جيڏيون منهنجي جيءَ سين، راٿي رڻ ڪيو (مومل).

---------

ڇُرن ڇُڪن ڇت ۾، سدا منجهہ سرير (مارئي).

پنهنجي جاءِ تي جيءَ جي انهيءَ جوش کي، جنهن لاءِ ڪو عقل، مت، شرم وڃائڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي. پل موهت ٿيڻ جي پچاڙي ڪوٺجي، پر اِهو جو سچ آهي تہ:

”ان تڙ منجهان تِڪ، ڏني پاڻ اُڃ تئي“.

سو هن لنؤ لنؤ جي لوچ کي معنيٰ ئي ٻي ٿو ڏئي. ہ جِيوَ پياس لاهڻ لاءِ جو تڙپن پيا، تن جي اُها اندر جي اُڃ موهت ٿيڻ جو پاڻ باعث بنجيو پوي؛ ڇو تہ خود اُها اُسات. اُها وصل لاءِ واجهہ. ٻين حواسن کي بہ جنبش ۾ آڻيو ڇڏي. انهيءَ خيال کان گوڏي گڏ ويهڻ جي هن اجهاڳ سڪ کي جي ”موهڻ - موهجڻ“ جو بنياد سڏجي ٿو تہ بہ غلط نہ آهي.

جنهن جي روبرو رهڻ سان بيماري اُڏاميو وڃي، سرير ۾ سگهہ اچيو وڃي، جنهن جي پاسي ۾ ويهڻ سان سڀ غم گم ٿيو وڃن. اُهو جي: ”سانيارا سڏ ڪيو. اُيا چونم اچ“. تہ اِها ڪوٺ ئي اپار اٿل پيدا ڪري، سچو ڏڙ ڏوٿيو ڇڏي، سموري ديهہ ڏڪيو نچيو اُٿي، ايتري قدر جو انهيءَ مَن - اُجل ۾ پيون اوٿايون بہ ڇپيو وڃن. ۽ پوءِ:

وچ مَ پوءِ وصال ۾“، لِڪَ مَ پوءِ ليـاڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپن جيئن ڇاڻا، تون پڻ هوئج تن جيئن.

توڙي ڪٿي سڀ حواس پوريءَ طرح همتائيندڙ جواب ڏين ته اُهو بس آهي ڇا؟ شاهه صاحب جو خيال آهي ته سواءِ حواسن جي ٻيون به ڪي چيزون آهن جي موهڻ - موهجڻ ۾ مکيه پارٽ ادا ڪن ٿيون. مثلاً.

رات سهائي، ڀون سنئين، پرت نئين پنڌ پُور.

اوجل جل واري ڍنڍ، پاسي ۾ وٽڪار. ڪنڌيءَ وٽ ڪنول پيا ترن، اتر جو واءُ پيو لڳي ۽ پاسي پرين سندام! ڪير ٿو چوي ته قدرت به موهڻ - موهجڻ ۾ پنهنجو هٿ نه ٿي وجهي؟ ورلي ڪو پٿر دل ملندو جو چوڏهينءَ جي چنڊ جي اچاڻ ۾ قرب جا ڪڪر روڪي سگهندو يا مينهوڳيءَ جي گهمر ۾ ٻت جي آلاڻ ۽ ڪوساڻ کي ياد نه ڪندو. نوريءَ ڪينجهر جي دلڪش نظارن ۾ رهي راءُ ريجهايو. سهڻيءَ ٻيلن ۽ سبز زمين تي ٿي ميهار کي چاهيو. سسئيءَ سمجهيو ته سندم ورَ وٽڪار ۾ وڃي سنياريندي. مارئي وچ ڏسي پٽي پاڻ وندرايو، ڇي: هھڙن منداڻن مينهن وسندي جيڪر ملير ۾ سرتين جي وچ ۾ هجان. وڻجارن جي وڻين سياري جي رات ۾ ٿي سامونڊي کي ساريو. ماحول جي منوهرتا سنهڙي ڪتڪتائي پيدا ڪري فرحتي جذبن جاڳائڻ ۾ واهر ڪندي آهي.

سک وارن طرفان اونداهيءَ راتِ کي ته وچتر مهت ملي آهي. اهو وشواس اٿن ته معشوق خواب ۾ ڪين پاڻ ڏيکاري من وندرائي ويو آهي. انهيءَ ڪري ئي آڌيءَ رات جو هي پور پون ٿا. اُڌما اُٿن ٿا ۽ جوش جاڳن ٿا. تنهنڪري جي شوق وڻٿا آهن، جشن ڪرڻا آهن ۽ مزا ماڻڻا آهن ته اُهي رات جي اونداهيءَ ۾، ماٺ ۾، ۽ اڪيلائيءَ ۾ ئي ممڪن آهن. تنهنڪري تمنا ئي اها اٿن ته: ڪر اُونداهي انڌ، ته ملان محبوبن کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا رمٽيڪ آستان کي پنهنجي مهما آهي.

جهروڪن جهوريو هنيون. ڪوٽين آئون ڪنياس.

مارئي چوي، پکن ڏئي مون ڏينهن ٿيا. سسئي، پنهونءَ جي اوطاقن کي ڏسي پٺي رنو. مومل ماڙين کي چندن سان لنبڻ واجب سمجهيو. سهڻي اُهيئي سانگ ڳوليندي هئي جتي ساهڙ هوندو هو. جانيءَ جي جُوءِ جياري، قلب کي قرار ڏئي، هن ڪان سواءِ آتڻ اڏورو. هي ڪمرا، تنهن ۾ هي پلنگ، هي هنڌ، پٿرائيون، وهاڻا سڀ هن ڪان سواءِ رُڪا. ڏسي پيو جهجهي. هن جي حاضريءَ سان چوڌاري ڀهه ڀهه ٿيو وڃي! يا نالي ۾ به شڪتي آهي:

ڪوڙين ٿيا ڪيترا، نالي تان نثار.

نالي ۾ جادو آهي جنهن جي ڳنهندي نزديڪي ۽ پنهنجائي اچيو وڃي. نالو وٺندي پيو نهال ٿبو آهي، ٻلهار وڃبو آهي، صدقي ٿيڻ ڪان به ڪين ڪيٻائبو آهي. نالو ٻڌي ڪن سرلا ٿيو وڃن، جيءُ يرجو اچي، من پڙڪيو اُٿي. نانءُ، جو چت ۾ پيو چُرندو ۽ هُرندو آهي، سو اُچاريندي پيو آسري ۾ جيئبو آهي، سيني کي سڌ آهي ته ڪيئن نه پنهل، سوڍل ۽ مومل سنڌي جيون جا روماني نالا ٿي ويا آهن. يا، ڪي ڳڻ من موهڪ ٿيندا آهن:

حبيبن هيڪار، منجهان مهر سڏ ڪيو.

ڪيترا ڳڻ ڳٽي ڪيترا ڳڇن؟ جيڪي ٿورا ۽ ڀلايون ٿيون ٿين، جيڪي احسان ۽ سخاوتون ٿيون ٿين، جيڪي مهربانيون ۽ ٻاجهون ٿيون ٿين؛ سي خود بخود من مات ڪيو ڇڏين ۽ انهن جي لطف ٿيندو رهي ته موت ڏيڻ جو ڳڻ ڪير وڃائيندو؟

اچا به شاه صاحب جي ويچار موجب هلت چلت جا ڪي اڻ لکيا قاعدا آهن، جي موهڻ - موهجڻ لاءِ ضروري آهن، جن جي پوئواري نه ڪرڻ سان ڪوشش وئرت وڃڻ جو امڪان آهي. مثلاً:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڙڪي لنءَ نہ سڃاتو، راند ڀاياڻين راز ڪي.

شاه صاحب اُنهن سان شامل راءِ نہ آهي، جيڪي چوندا آهن تہ محبت ٿي ويندي آهي پر ڪبي ڪونهي، پيچ پئجي ويندو آهي پر پائبو ڪونهي. جيئن ٻيا هنر ۽ سکيائون درجي بدرجي عمل ڪندي گرهڻ ڪبيون آهن، تيئن پيار جو سبق بہ ڏيري ڏيري سکبو آهي. سَڌَن ڪرڻ سان، نياپن موڪلڻ سان، نينهن ڪونہ ٿيندو آهي. انهيءَ لاءِ صبر سان، بنا ورچجڻ جي، حرفت سان، بنان دعويٰ ڪرڻ جي، هنيون هيري هٿ ڪرڻو آهي:

محبوبن منٿون ڪري، سکڻ سيکاريوم

۽ ڪيئن دَرَ وٽ، دريءَ تي، گهٽيءَ ۾ دڳ جهلي ويهہ. ٻيل هڪڙو اڱرائي ڪري وڏي، ٻيو سينو ساهي ٻيهي. پوءِ پنيان پئي، زاريون ڪري، محتاجي سلي، اندر اوري، ها ۾ ها ملائي، سنگت پڪي ڪري. دوست اداس هجي تہ ٻيلي ٿجي، ڏکويل هجي تہ دلاسو ڏجي. بيڪس هجي تہ آڌار ٿجي. دل شڪستو هجي تہ دلدار ٿجي. اهيئي صحبت جا مٺا ڏينهن ٿيندا جي پوءِ ڪڏهن نہ وسرندا.

اڪير پيدا ڪرڻ جو هڪڙو طريقو آهي:

ڳجهــــــو ڳالهـــــائي، پرت وڃي پاڻ ۾.

رچندي روح رهاڻ ڪرڻ، وندر ورونهن ۾ وقت گـــذارڻ، اها آهي ريهڻ ريبڻ جي راهہ. ٻن جي منهان منهن رُٺ جُهڻ، سخن جي وار ڦير ۽ لاڳيتي پٽڪار، انهن انمول گهڙين ۾ ٻڏل ٻول، ڪيل قول، آرا ۽ ماٺا اهي سڀ موهہ جو مرڪز آهن ۽ پوءِ بہ يا عمر جياپي جو سهارو ٿي رهندا. اهڙن غنيمت جي موقعن تي گهٽي ڏاهپ ڏيکارڻ، وڙهڻ، اوگڻ دهرائڻ، بي حجائتا ڏوراپا ڏيڻ ڪونہ ٿهندا. اهڙين مهلتن ۾ مخفي جيءَ جون ڳيت ڀريون ڳالهيون ئي ڪرڻ گهرجن جي جيڪر عام ڪي ڪداچت ڪين آڇي سگهجن. ۽ اُهي سڀ هجن لوڪان لڪل، پاڙي

ڪان پري، گوشي ۾ ڪيل. ڪتنبن ۾ سنگتين جي چمي گوئي هميشه جاري رهندي؛ حاسد ۾ ڪارو ڪيڙ دنيا ۾ ڪوڙ آهن. تنهنڪري پڌري پٽ پريم نہ ٿيو نہ ٿيندو. محبتي جوڙن کي سماج ڪڏهن ڪونہ سهندو، انهيءَ ڪري لڪ لڪاءُ ڪرڻ پريم جو پهريون شرط آهي ۽ پريمين جو پهريون فرض.

پيو يار هٺ ڪرڻ جو رستو آهي پاڻ کي گهٽ ۾ هن کي مٿي ڪرڻ. انهيءَ جو شاہ صاحب وَرَ وَرَ تاڪيد ٿو ڪري.

هڪ وار چئو: جيڪي بندو ڪم ڪري، سو مڙوئي ڏوهہ

۽ ٻئي وار تہ: تون پارس، آئون لوهہ، جي سڃين، تہ سون ٿيان.

هڪ دفعي چئو: اڏر، نڏر، ايري، آهيان اسونهين.

۽ ٻئي دفعي تہ: لٺ لائيندو ڪير! مون جيهيءَ معذور کي.

اها دل جي ڪونئرائي ۽ ضعيفائي خود زده چاهڻ آهي، موهڻ جو واهڻ آهي، رمز آهي. هرڪائڻ لاءِ لاچاري ڏيکاري پاڻ ويچارو ڪرڻ چڻ اڳلي کي رحم لاءِ نماڻي درخواست آهي تہ ڪَل اياڻپ ۾ بديون بيشمار منهنجون. هاڻي ظاهر ٿيل عيب ڍڪ، پناہ جو پاند ڏي. هٺ ۽ هوڏ نہ پر نرمائي ۽ نيزاري ئي هن نازڪ ڏي وٺ ۾ مقبول هٿيار آهن. چاڪاڻ تہ غرض توکي آهي تنهنڪري ايمان هُن پاسي رهي تہ نيڪ آهي. هٺ ڪرڻ ڪان پوءِ ان ۾ ڪجهہ متاستا ٿئي تہ خيال ناهي، پر پهرين هرگز نہ، نہ تہ بازي هارائي ويهبي. پر پوءِ بہ جي ڀروسو جمائي حاصلات ڪرڻي آهي، ديا درشتي قائم رکڻي آهي تہ بهتر آهي تہ حق واسطا ڇڏي پاڻ حوالي ڪري ڇڏ ۽ چئو تہ:

مديون پسي منهنجون، شرمايا شيطان.
تو ۾ ٻڌيس ٿي، جي منهن ۾ مديون نہ ڏئين.

ائين ٿو لڳي تہ شاہ صاحب ان چشمي کي دائما تازي رکڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شائقن جي وچ ۾ فراق ذري، حسد ذري ۽ رسڻ ذري جو هئڻ لازمي ٿو سمجهي. اهي بيچين ڪندا آهن ته ناتو پختو به ڪندا آهن. انهيءَ ڪري سڪ جي سندري ڪي جي سوگهو جهلڻو آهي ته پريت جي انهن ريتين کان به واقف رهڻ گهرجي. ۽ سڪ جا ستايل ڪڏهن چنن ته ڪڏهن ڳنڍين، ڪڏهن دَرَ بند ته ڪڏهن ڪليل، ڪڏهن ويڻ، وجڻ نه ملي ته ڪڏهن پاڻيهي پئي دعوت ملي. اهڙا آهن دادلن جا دستور! ۽ هيڏانهن ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾ پاڻ مٿانئس گهورڻ، غفلت ڇڏي اوجاڳا ۽ اوسيڙا ڪيڻ، وات تي سدائين هن جي پچار رکڻ، ڪيس ياد ڏيارڻ ته ٻن تن ڏينهن جو جوين چاڻ ويندو رهيو. عارضي عذابن کي راحت سان برچشم ڪرڻ، انهيءَ اميد تي ته تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي. اهڙا آهن وفادارن جا سلوڪ! ۽ شاه صاحب جي هنن ٻن املهه صلاحن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ جي جاءِ آهي ڇا؟ هڪڙي ته:

دل جو دلبر هڪڙو، گهڻا تان نه ڪجن.

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟

سوال آهي: هيتري قال و قيل کان پوءِ به خاطري سان چئي سگهجي ٿو ته ڇپيت لڳي ڪيئن ٿي؟ جيڪڏهن موهڻ - موهجڻ جي مراد آهي آنند پائڻ، ته خوشيءَ جي سڀ خوراڪ موجود هوندي به مصيبتون ڪٿان اچو منهن ڪين ۽ ڇو؟ شاه صاحب سان جي پورو انصاف ڪرڻو آهي ته "دوکي" ۽ "غيب"جو ذڪر به واجب ٿيندو.

ڪيترو به ڪير ڪٿي ٻن جي دل لڳيءَ يا دل ڀڳيءَ کي سمجهه جي وڪڙ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري، ته به ان جي سيني پهلوئن کي عام فهم ٻوليءَ ۾ تسلي بخش نموني نرنئه ڪرڻ اسميؤ آهي. انساني ورتي، انساني سياڻ، انساني من مستي، اهي گهڻو اونها. ڪافي گونا گون، نهايت نفيس ۽ تمام ترڪڻا جزا آهن؛ جن تي چو طرف جي علحدين حرڪتن جي جدا جدا اثر پوڻ سان اهڙا ته ڀانت ڀانت جا نتيجا نڪرن ٿا جو ڪير به انهن جو انت لهي اعتقاد سان ائين چئي نه

سگھندو تہ اھو ھيئن ٿيو يا ھوندئن ھجي ھا تہ ائين نہ ٿئي ھا. ناممڪن آھي. اھا انساني بيوسي، شاہ صاحب کي چوڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري تہ:

پاڻ نہ آھي جاڻ، مـــانديءَ منڊ پکيـــڙيو.

"وقت" اڏيل آدرش ڊاھيو ڇڏي، ويچار بدلايو ڇڏي، وشواس ڏوڏيو ڇڏي، اتساھ ڍرا ڪري ڇڏي. اھو ھر ڪنھن جو آزمودو آھي. ڏٺي ڏٺي ڳل ۾ ڳل ڪومائجو وڃن، تن جو گلابي رنگ ڦڪو ٿيو وڃي؛ ڏٺي ڏٺي ٽـڏيون ۾ اونداھيـون ۾ جدايون ڏانچي جي رونق ٿي ڦـيـرايو ڇڏين؛ ڏٺي ڏٺي ڪلندڙ اکيون روئيو ويھن. دل ٽپا ڏيندي بيھو رھي. اڳي جنھن جي ادب ۾ انداز تي اڇلون ڏبيـون ھيـون تنھن جي چر پر ھاڻي اڏنگي پيئي لڳندي، جن چوٽين چنچل ڪيو تن ۾ جُون سرنديون نظر آيون! جن نيڻن نھوڙيو تن مان پچيون بہ نڪرنديون آھن! جيڪي بتيءَ جي اولڙي ۾، پريان، دل لپائيندڙ ڏسڻ ۾ آيو سو سج جي روشنيءَ ۾، اڳيان، ڪيڏانھن ويو! خوشبوءِ پٽيان ھيءَ بانس وري ڪتان آئي؟ ٿي ڇا ويو؟ تڏھن چڻ اوچتو سوجھہ اچو وڃي. مون نہ سمجھيو تہ ڪو ائين ھوندو. اَھا عـشق جي راند - او دل، نہ نہ زندگيءَ جي راند. منھنجا مٺا، اھا حقيقت اٿئي تہ جيڪي تو سمجھيو تہ ائين آھي سو ائين نہ رھيو، سو ٻيو ٿي پيو. پر جي اُھو اڳ ۾ سمجھين ھا تہ ھي سڄو کيل ڪيئن کُلي ھا؟ اھا مستوري آھي، جا ڪير قبولي نہ قبولي، اسان کي منجھايو ڇڏي. پر شاہ صاحب انھيءَ بنسبت ائين ٿي ٿو چوي تہ ھي سڀ آھي:

ڪـــــوڙي رانـــــد، ڪـــــوڙو چـتـڪـــو،
ڪوڙي دنيا، ڪوڙا پسارا، ڏينھن مڙيئي ڏون!

انھيءَ ڪري اھو مطلب ڪان سـواءِ ڪونھي تہ شـاھ صـاحب انھيءَ سڄي "موھڻ - موھجڻ" جي عجيب قصي کي قضا جي قلم سان لوح ۾ لکيل امر ٿو ڪوني. جتي انسان آواڪ آھي اُتي ٻيو ڇئي بہ ڇاٿو سگھجي؟.

عبدالڪريم لغاري

# شاه جي شعر جا نفسياتي نڪتا

قدرت پنهنجي ڪمال ڪاريگريءَ سان، انسان جي وجود ۾ ٻه متضاد قوتون موجود رکي، ڪيس هن دنيا ۾ موڪليو آهي. انهن ٻن متضاد طاقتن - روحاني ۽ حيواني - انسان ۾ هميشه، زبردست اضطراب ۽ تلاطم برپا ڪيو آهي. ڪڏهن تہ هو پنهنجي انڌي عقل ۽ منڊي منطق سان اهڙي اوڙاه ۾ ڏڪجي پئي ويو آهي، جتان ڪيس بچائڻ لاءِ هميشه پيغمبرن جي رهبري پئي نصيب ٿي آهي؛ ڪڏهن تہ هو خود ئي پنهنجي سالم عقل ۽ سچيءَ دل سان، زبردست ڪوشش، محنت ۽ مجاهدي سان حيواني طاقتن کي هيٺ ڪري، روحاني طاقت جي رمز پروڙي، عرشين اڏاڻو آهي، جت حقيقت ۽ حق کي پسي، حال ۾ رهيو آهي ۽ پنهنجي "قال" (ڪلام) جي ذريعي بيحالن کي بديءَ کان بچائڻ لاءِ برهہ جي باهہ ٻڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

موجوده زماني جي انسان، پنهنجي ئي افعالن ۽ ڪُڌن ڪرتوتن ڪري، پنهنجي دور ۽ دل ۾ ايڏو تہ اضطراب پيدا ڪيو آهي، جو هو ڪُرڙيءَ وانگر تڙپندو نظر اچي ٿو. ان اضطراب هرسياڻي ۽ سمجهوءَ کي ان ڳالهہ تي مجبور ڪيو آهي، تہ هو نہ رڳو پنهنجي پاڻ ۽ پنهنجي اصل مقصد کي بلڪ انسان ذات، زندگيءَ ۽ ان جي مقصد کي ۽ پڻ ڪائنات ۽ ڪل ڪائنات جي خالق ان مطلق هستيءَ حق تعاليٰ کي چڱيءَ طرح سڃاڻي ۽ سمجهي. پي ڪابہ واهہ نہ ڏسي، هاڻ هو مجبوراً هر حالت ۾ روحاني رهبرن ڏانهن موٽي ٿو (١). روحاني رهبرن ڏانهن

1. A. J. Arbarry: "Sufism", (Ailen and Unwin, 1965) p.s.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"موتڻ" مان مراد سندن "قولن" ۽ "ڪلام" کي پڙهڻ، پروڙڻ ۽ پُرجهڻ آهي. ليڪن ڳالهين ڪندي ڳڙ جي "ميناج" جي پرک نہ تي پوي (١)، ۽ نڪي چکڻ بنا "مَند" جي "منـاڻ" جي ڪا پروڙ پئجي سگهي ٿي. منائي موجود آهي پر بلاشڪ اها بند بہ آهي (٢). جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، سچائي ۽ صداقت، صفائي ۽ پاڪائي ۽ آخر ڪار زبردست ڪوشش جي "ڪنجيءَ" جي ضرورت آهي.

شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ هڪ عظيم شاعر آهي؛ پر بقول هڪ انگريز شاعر "ڪالرج" (Coleridge) ڪوبہ ماڻهو هڪ عظيم شاعر هجڻ سان گڏ، هڪ زبردست فلاسافر بہ آهي (٣). شاه صاحب هڪ فلاسافر بہ آهي. هو زندگيءَ جي فلسفي، زندگي ۽ ان جي حقيقت ۽ ان جي اصل مقصد کي نهايت ئي اعليٰ ۽ واضح نموني ۾ بيان ڪري ٿو ۽ پڻ زندگيءَجي مڙني مصيبتن ۽ مشڪلاتن کان ڇوٽڪاري لاءِ هڪ اهڙو "واحد حل" بہ پيش ڪري ٿو، جنهن کي ڳولي لهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ، اڄ جو انسان زبردست ڪوشان آهي. اهوئي سبب آهي جو شاه نہ رڳو اسان جو، پر سچ آهي تہ انسان ذات جو بہ رهبر آهي (٤).

انهيءَ ڪان اڳ جو ڪجهہ وڌيڪ چئون اسان پنهنجي عنوان تي موتي "نفسيات" يعني "علم نفس" بابت بہ چار گفتا ٻڌايون ٿا، تان تہ اڳتي بيان ڪيل ڳالهين کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي حقيقت ۾ "نفسيات" جي ڪابہ واضح تشريح ڪري نہ ٿي سگهجي. منهنجي خيال ۾، اسان لاءِ فقط هيترو سمجهڻ ئي ڪافي آهي تہ نفسيات يعني "علم نفس" انسان جي قلبي ڪيفيتن، جذبن ۽ احساسن، امنگن ۽ اڌمن ۽ انسان جي صحيح ۽ سالم دماغ ۽ ان جي عملن، سوچ، سمجهہ،

---

١- ڳڙ نہ سچاپي ڳالهين، جان جان ڳڙ نہ کاءِ. (گرموڙي).

2- A. J. Arberry: Sufism", (Allen & Unwin, 1956), p. 7.

3- Quoted by Hudson in "An introduction to the study of literature", (G. G. Harrap & co. London, 1954) p. 93).

4- Hudson: "An indtroduction of the study of literature: p. 95.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويچار ۽ عقيدن ۽ پڻ درجي بدرجي انهن جي ارتقا يا ترقيءَ سان تعلق رکي ٿو. (۱) پر ان تشريح مان منهنجو مقصد اهو هرگز نہ آهي تہ ڪو شاه صاحب، "نفسيات" جا ڪي نظريا پيش ڪري ٿو، يا وري ان جا ڪي قسم ۽ شاخون ٻڌائي ٿو. مطلب فقط هيءُ آهي تہ شاه رح هڪ مبصر بلڪ هڪ ماهر نفسيات وانگر، قوم جي ذهني مرضن کي سڃاتو ۽ قوم جي نفسياتي رڳ جهلي، پنهنجي "ڪلام" جي ذريعي، ان جو اهڙو تہ علاج ڪيو، جو قوم کي جهٽ، نہ رڳو سڪون سريو پر خود شاه صاحب هميشه لاءِ قوم جو حڪيم ۽ حاذق بنجي ويو، ۽ اهو ئي علاج عين روحاني هو.

انهن نڪتن کي ڌيان ۾ رکي، جيڪڏهن شاه صاحب جي ڪلام جو مطالعو ڪبو تہ نہ رڳو متيون حقيقتون واضح ٿي پونديون، بلڪ شاه رحہ جي ڪلام جا سيئي نفسياتي نڪتا بہ نروار ٿي پوندا.

تاريخ شاهد آهي تہ شاه صاحب اهڙي وقت ۾ پيدا ٿيو، جڏهن سنڌ جو صوبو مغل حڪومت جي هٿ هيٺ هو. پر هيءُ وقت اهڙو هو، جڏهن مغل حڪومت جا پيچ بلڪل ڍرا ٿي چڪا هئا، ۽ هاڻ ان جا تختا نڪري رهيا هئا.

هوڏانهن خانه جنگيءَ جي باهہ ڀڙڪي اٿي هئي تہ هيڏانهن طوائف الملوڪيءَ جو ٻارڻ ٻري چڪو هو. مطلب تہ مرڪزي حڪومت جو نظام درهم برهم ٿي چڪو هو ۽ صوبا سپرد خدا جي هئا. مضبوط ۽ مستحڪم حڪومت جي نہ هئڻ سبب، ٻاهريان خواه اندريان حملا جاري هئا، ۽ چند ڏوڪڙن جي طمع تي هزارين ماڻهن کي ماري مات ڪري، آخر سندن گهر ٻار جلائي خاڪ ڪيا پئي ويا. حڪومت جي اهڙين بدانتظامين، ملڪن جي لفنگن ۽ لوفرن کي بہ موقعو ڏنو، اهڙين حالتن ۾، ماڻهن ۾ آرام ۽ اطمينان جو ڪو سوال ئي ڪونہ ٿي اٿيو. بلڪہ هر ڪنهن سر بچائڻ لاءِ ستون پئي ڏنيون ۽ هرڪو جان جي

1- James Ward: "Psychological Principles", (cambridge University Press London, 1952), p-1.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڪي ڪان حيران ۽ پريشان هو. انهن مڙني حالتن جي ڪري، ماڻهن جون وايون اهڙيون تہ بطال ٿي ويون، جو ڪين نہ ڪي پنهنجي ۽ نہ ڪي پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي ڪا پروڙ ٿي پيئي؛ ۽ هو بدحال ۽ پريشان ٿي ڪنهن اهڙيءَ طاقت جي ڳولا ۾ ڊوڙيا ٿي، جا ڪين نجات ڏياري. شاهہ صاحب جي زندگيءَ ۾ ئي، سنڌ ڪلهوڙن جي هٿ آئي، پر ماڻهن کي ڪوبہ آرام نصيب نہ ٿيو. سنڌ پوءِ بہ ڌن پرو رهندي آئي ۽ ڪڏهن تہ ٺيڪن تي بہ نيلام ٿيندي رهي.

اهڙي انتشار ۽ اضطراب جي وقت ۾ شاه صاحب اٿيو ۽ اهو سيڪجهہ پنهنجي اکين پسڻ لڳو. هن محسوس ڪيو تہ قوم کي اهڙي اوڙاه مان ڪڍڻ لاءِ خود انسان، سندس زندگي ۽ ان جي حقيقي مقصد کي سڃاتو ۽ سمجهيو وڃي، پر اهڙيءَ سڃاڻپ لاءِ اول پنهنجي وجود جي پرک ضروري هئي. شاه رحہ اندر ۾ جهاتي پاتي، پنهنجي نفس جو پوريءَ پر تجربو ڪيو ۽ آخر اهڙي ماڳ تي تي بيٺو، جتي هو، "حق" ۽ "حقيقتن" کي اندرين اکين سان ڏسي سگهيو ٿي ۽ بقول هڪ مفڪر جي تہ: جڏهن آئون اهڙي منزل تي پهتس، تڏهن منهنجو آواز، فقط منهنجو آواز نہ هو، مگر ان سان گڏ هڪ ٻيءَ زبردست طاقت جو بہ آواز هو؛ خود شاه رحہ جي آواز سان گڏ، هڪ ٻيءَ طاقت جو آواز گڏيو؛ ڪيس هڪ تار هٿ آئي ۽ ان يڪتار تي هٿ هنيائين. جتان آواز بلند ٿيو تہ:

ڳولا جي گمراهہ جا، جُونا سي جوڳي،
قِتل اُوءِ قوڳي، جنين شڪم سانديا.

- - - - - - - - - - -

گندي ۽ گمراهہ، جه سناسي سانديو،
اُنينءَ ڪان الله، اجا آڳاهون ٿيو.

ملڪ ۾ ان وقت جنگيون ۽ جهيڙا، دنگا ۽ فساد، ڦريون ۽ ڌاڙا محض هوس ۽ ڌن پرستيءَ جي ڪري هئا. شاه صاحب ڪليءَ طرح ڪين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌايو تہ زندگيءَ جو اصل مقصد پيٽ پوڄا نہ آهي. انسان رڳو ڏن پرستيءَ ۽ پيٽ پالڻ لاءِ پيدا نہ ڪيو ويو آهي، پيٽ پالڻ زندگيءَ جي ضرورتن مان هڪ آهي ۽ اها هڪ ضرورت ساري زندگيءَ جو اصل مقصد مُور نہ ٿي ٿي سگهي. قوم لاءِ اهو آواز اجنبي تہ نہ هو، پر حالات جي ڪري اهو آواز عجيب ضرور هو. ماڻهو شاهہ صاحب ڏانهن متوجه ٿيا ۽ هن تار تي هڪ ٻيو هٿ هنيو، جتان آواز ٿيو تہ:

ڪڏهن ڳاڙهو ڳهوٽ، ڪڏهن مڙه مقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏيندين ڪيترو.

----------

فاني ڙي فاني، دنيا دم نہ هيڪڙو،
لَڱي لوڙهہ لتن سين، جوڙيندءِ جاني،
ڪوڏر ۽ ڪاني، آهي سر سيڪنهين.

هڪ فلسفي زندگيءَ جي حقيقت کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ، اَٺ ڪتابن جا پڙهي ٿو ۽ ڪئين ڪاغذ ڪارا ڪري ٿو، تہ بہ مسئلو منجهيل ڇڏي ٿو. نہ ڪي پاڻ سمجهي ٿو ۽ نہ ڪي ٻين کي سمجهائي سگهي ٿو. مگر شاهہ جهڙي شاعر لاءِ اهو بلڪل آسان آهي، تہ هو ان حقيقت کي، نهايت ئي سولي نموني ۾ فقط ٻن سٽن ۾ پيش ڪري سگهي. پر، تڏهن بہ زندگيءَ جو اصل مقصد ڇا آهي؟ ۽ هيءُ هيڏو مانڊاڻ ۽ ٽڪسال ڇا لاءِ آهي؟ قوم. شاهہ صاحب کان اهڙو سوال ضرور ڪيو هوندو ۽ شاهہ رحہ ان جو مڪمل جواب هيئن ڏنو تہ:

ماڻهو گهرن مال، آءُ سڀ ڏينهن گهران سُپرين،
دُنيا تنه دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿيو.

------

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اول آخر آه، هلڻ منهنجو هوت ڏي،
پورهئو سندو پورهيتن، والي! ڪيم وڃاءِ،
سو مون ٽورو لاءِ، جيئن جيئري ملان جت کي.

نيٺ بہ هر ڪنهن کي مرڻو آهي ۽ هيءُ ظاهري مانداڻ هر حالت ۾ ڇڏي، هتين خالي "هوت" جي حضور ۾ حاضر ٿيڻو آهي، "جت نيڪي پڇن نانءُ، ٻيو سڀ وڃهن ٻن" تہ پوءِ جيئري ئي ڇونہ ان جانب جو جمال پسجي، سندس حضور ۾ حاضر ٿجي. سندس قرب، پيار ۽ رضامندو حاصل ڪجي؟

ليڪن جانب جو جمال ڪيئن ماڻجي؟ ان جو قرب ۽ پيار ڪيئن حاصل ڪجي؟ "محبت" کي ماڻڻ لاءِ "محبت" جي درڪار آهي. هتي شاه صاحب جو زبردست فلسفو ظاهر ٿئي ٿو ۽ نهايت ئي اهم نفسياتي نڪتا نکري نروار ٿين ٿا. اسان کي معلوم آهي تہ جڏهن شاه صاحب قوم کي خطاب فرمائي رهيو هو، تڏهن ماڻهن ۾ ڪدورت ۽ ڪلفت ڪاهي پئي هئي ۽ اهوئي سبب هو جو منجهائن ميٺ ۽ محبت بہ بلڪل نکري چڪي هئي. مطلب تہ هرڪو ڪٽو ڪٽو پئي نظر آيو.

ڪوبہ شخص "اڪيلو" رهي نہ ٿو سگهي؛ ڇو تہ معاشري کان ٻاهر هن جي ڪابہ حيثيت نہ ٿي رهي، بلڪہ هو هڪ حيوان بنجي پوي ٿو. شخصَ ملي "معاشرو" بنائين ٿا پر معاشرو ۽ شخص ملي "زندگي" نہ ٿا بنائين؛ بلڪہ هڪ ٻي هستي آهي جا زندگيءَ جي خالق آهي. زندگي فطرت جنهن ۾ ڪل ڪائنات بہ اچي وڃي ٿي "هڪ" آهي ان جو "اصل" "لافاني هيڪڙائي" آهي، "هيڪڙائي" "حقيقتي عشق" جو ٻيو نالو آهي؛ جو ئي قائم ۽ قديم آهي" انسان جو "اصل" بذات خود اها "هيڪڙائي" آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو انسان ذات جي اندر ۾ "عشق" ڊوڙي ٿو، پر اهو "عشق" جڏهن "تون" يعني بئي "جسم" تائين محدود آهي، جو خود "فاني" آهي، تڏهن اهو جسماني عشق،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قطعي محدود ۽ ”فاني“ آهي، بلڪه ”حقيقي عشق“ تائين پهچڻ لاءِ زبردست رنڊڪ ۽ نقصانڪار. ”حقيقي عشق“ تائين پهچڻ لاءِ، هر حالت ۾ اها منزل بغير پلجڻ جي پار ڪرڻي آهي ۽ ان ”جسماني عشق“ کي انسان ذات ڏانهن موڙڻو - بلڪه ڪل مخلوق لاءِ، اها نظر ڏارڻي آهي. جنهن جو ”اصل“ حقيقت ۾ ”هيڪڙائي“ آهي. اتي اهو ”عشق“ ”عشق حقيقي“ بنجي ٿو ۽ اهوئي ”حق تعاليٰ“ جو عشق آهي.

انهن سڀني نڪتن جي مدنظر شاه صاحب کي سڀ کان اول ماڻهن مان ڪينو ۽ ڪلفت ڪڍي، انهن کي يڪجاءِ ڪرڻو ۽ انهن جي دلين ۾ ”قرار“ قائم ڪرڻو هو؛ جنهن لاءِ فرمايائين ته:

ڪٺا منجهه قرار، هئا هيڪاندا سنگ ۾،

سي ڳاهي ڳاهه فراق جي، ڪيا ڏارون ڏار.

انسان جي دل ۾ جڏهن ”قرار“ آهي. جڏهن هن جي دل بُرن خيالن، اجاين وهمن ۽ ويچارن کان واندي آهي، تڏهن سمجهو ته اها ”پيار“ سان ٽمٽار آهي. يا ان ۾ جهٽ پيار پيدا ٿي سگهي ٿو. عين موقعي تي شاه صاحب فرمايو ته:

وڳر ڪئـــــو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،

پسو پکيئڙن، ماڙهنئان ميٺ گهڻو.

هيءَ ڳالهه ياد رکجي ته شاه صاحب کي رڳو ڏس نه ڏيڻا هئا، مگر ان لاءِ ڪيس زبردست مثال به پيش ڪرڻا هئا. مون مٿي عرض ڪيو ته شاه رحه پنهنجي قوم کي پوريءَ طرح پرکيو. هنڌين ماڳين پهتو. ماڻهن جي قلبن ۽ انهن جي ڪيفيتن کي ڄاتائين. سندن ذهنن کي کولي ڦولهي، انهن جي لاڙن کي سڃاتائين. بلڪه هڪ زبردست ماهر نفسيات وانگر انهن جو مڪمل تجزيو ڪيائين ۽ کيس باقاعدي معلوم ٿيو ته هر هڪ ۾ سسئي ۽ سهڻي سمايل هئي. هرڪو مومل جي مجاز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي مـست ٿي نظر آيو؛ مـارئيءَ جي سـيل ۾ ست ۾ ڪنهن ڪي ٻـه ڪو شبهو ڪونـهو. ليلا جي ليلڙائن تي هر ڪنهن ارمان ڪاڏو ٿي. نوريءَ جي نيـاز ۽ نِوڙت تي هر ڪنهن ڪي ناز هو؛ تـه پوءِ شـاهـ جو ٻـه ڪمـال هو جو اهڙوئي آواز ۽ اهڙوئي سـاز پيش ڪيـائين. شـاهـ صـاحب جي نفسيات جو اهو هڪ زبردست نڪتو آهي ۽ اهوئي سبب آهي، جو شاه جلد ئي ماڻهن جي دلين تي هميشه لاءِ ڇانئجي ويو.(١).

اسـان چڱيءَ طرح واقف آهيـون تـه شـاه صـاحب هڪ صـوفي شاعر آهي ۽ "تصوف" سندس شعر جو تاڃي پيٽو آهي. "تصوف" جنهن جو بنياد "توحيد" تي آهي ۽ توحيد تي ايمان جوُ تعلق "عقيدي" سان آهي؛ ان ڪان پوءِ حقيقي ڄاڻ لاءِ جذبو ۽ فطرت جو مطالعو ۽ پڻ "حق" جي لاءِ "عشق" ۽ ان جي تلاش؛ جن جو تعلق دل ۽ دماغ سان آهي؛ ۽ آخر روحـاني ترقيءَ جي آڌار تي درجي بدرجي اهي منزلون پار ڪري، .مـعـرفت" مـاڻڻ ۽ "حق" جي "هيـڪـڙائي" حـاصل ڪرڻ، جنهن "هيڪڙائيءَ" لاءِ، اول "هڙئي" وڃائڻو آهي ۽ جنهن جو تعلق "روح" ۽ "قلبي ڪيفيتن" سان آهي؛ سو سڌو سنئون "نفسيات" جي دائري ۾ داخل آهي. بهرحـال شاه جي ڪلام ۾ تصوف آهي ۽ سندس قصن وارو ڪلام تمثيلي آهي. هت شاه جي نفسيات جو، وري هڪ ٻيو اهم پهلو نروار ٿـئي ٿـو. هڪ نفسـيات جو مـاهر، پنهنجي ڏٺن يا نامڪـمل تجربن جي آڌار تي نفسيات جا ڪي نظريا گهڙي ٿـو ۽ ان جون ڪي شاخون يا قسـم بيان ڪري ٿـو، ۽ اهڙا تـه اڻ پورا اکر ڳالهائي ٿو جن تي ڪيس ٻـه پورو ڀروسو نـه آهي، مگر شاه صاحب نـه رڳو نفسيات جي اهم نڪتن کي سمجهي ٿو، مگر ساڳئي نفسيات، ساڳئي اثر سميت پيش ڪري ٿو.

اسين سندس سورميون عشق جي نشي ۾ ڏسون ٿا. حقيقت ۾ نفسياتي اصولن مطابق، زندگيءَ جي ارتقائي منزلن جي لحاظ کان، اهو

1. H.T. Sorley: 'Shah A. Latif of Bhit' (Oxford, 1940) p. 259.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص مرحلو، مجازي ۽ روحاني مرحلو آهي جنهن کي نفسياتي معنيٰ ۾، زندگيءَ جو خطرناڪ مرحلو به چيو ويو آهي. اسين ڏسون ٿا ته شاهه صاحب انساني فطرت کي به هرگز هٿان نه ٿو ڇڏي، بلڪ پنهنجي سورمين جون کي خطائون ڏيکاري، يڪدم کين ان مرحلي کان مٿي کنيو وڃي يا اڃا به هيئن چئون ته کين ماري وري زنده ڪيو ڇڏي؛ جو ته جيئن مٿي عرض ڪيم ته انسان کي "هيڪڙائي" (حق) حاصل ڪرڻ لاءِ، "هڙئي" وڃائڻو آهي يا مرڻ کان اڳي مري، پوءِ جيئڻو آهي ۽ شاهه صاحب به چوي ٿو ته:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا!.

مذڪور مرحلو آخري مرحلو آهي پر شاهه صاحب جا اهي محض مثال آهن، ان ڪري ڪمال ڪاريگريءَ سان اتان موٽي، پڙهندڙن جي ذهن تي پورو اثر ڄمائي، کين به زندگيءَ جي ان خاص منزل تي وٺي وڃڻ چاهي ٿو؛ جتي انسان بصيرت حاصل ڪري ٿو ۽ روحانيت جو مزو ماڻي ٿو.

ان ساري فلسفي ۽ نفسيات سان گڏ، شاهه جي وڏيڪ نفسيات هتي به ظاهر ٿئي ٿي، جو هو ڪڏهن به ڪنهن قصي کي مڪمل طرح نه ٿو ڳائي بلڪ اهي خاص نڪتا چونڊي ٿو جي نفسياتي آهن ۽ ٻڌندڙن جي ذهن ۾ هڪ زبردست نفسياتي اثر پيدا ڪن ٿا.

انسان قدرتي طرح پنهنجي جنس لطيف ڏانهن مائل آهي. ڪهڙو به ڪنور دل ڇونه هجي، مگر هو عورت جي مٺي ۽ من موهيندڙ آواز تي پگهرجو پاڻي ٿيو پوي. قدرت جو ڪرشمو چئجي يا اهو به عورت جي آواز جو اثر چئجي، جو سندس ڌانهن ۾ زبردست درد ۽ سوز سمايل ٿئي ٿو ۽ ٻڌندڙ تي لازمي آهي ته ان جو هيٺو اثر ٿئي. شاهه جو هت ڪمال هيءُ آهي جو هو پنهنجي قصن واري ڪلام ۾، شروع کان ئي پنهنجي سورمين کان سوز واريون صدائون ڪرائي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن حقيقت کان انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي تہ شاہ صاحب نہ رڳو سسئي يا سهڻي، مومل يا مارئي - بلڪ عورت ذات جي فطرت ۽ سندس نفسيات کان اهڙو تہ واقف آهي؛ جو جڏهن سسئيءَ جي زباني هي لفظ ڪڍي ٿو:

ڏونگر! ڏڪــــوين ڪي، دلاســـا ڏجن،
گــهـٽـو پيچجي تن ڪي، جن وٺان هوت وڃن،
تون ڪيئن سندا تن، پهڻ! پير ڏڪوئيين؟

تڏهن دنيا جي عورت ذات، ان هڪ سسئيءَ ۾ سمايل نظر اچي ٿي ۽ جڏهن سهڻي سوز ڀريي آواز ۾ چوي ٿي:

اديون! سڀ اَندام، ڇڙن منهنجا ڇورڻا،
لارُن جا لنءُ لائي، سا ڪِنءُ آڇيان عام؟
لڳيس جنہ جي لام، سو دلاسا دوست مُهي.

تڏهن سهڻي، گويا عورت ذات جو مثال ٿي بيهي ٿي؛ ۽ هيڏانهن هڪ وڻجاريءَ جي هيءَ وائي تہ ٻڌو:

وڻجاري جي مــــاءِ ! وڻجارو نہ پليين؟
آيو ٻارهين مـاہ ! پُنَ تـو سَفـر سَنبـهي.

پوريءَ دنيا جي وڻجارين جو آواز، هڪ ئي شعر ۾، شاہ جي زباني ظاهر ٿئي ٿو.

شاہ صاحب جي نفسيات جو آخري ۽ اهم نڪتو هيءُ بہ آهي، تہ هو جيتوڻيڪ اسلامي شاعر آهي ۽ اسان کي پنهنجي مذهب تي پابند رهڻ جي تلقين ڪري ٿو؛ تہ بہ هو رڳو مسلمانن جو شاعر نہ آهي. شاہ رحہ خدا جي هڪ اهڙي مخلوق کي مخاطب هو، جا مسلمانن، هندن ۽ ٻڙ ٻين غير قومن تي مشتمل هئي. ان ڪري شاہ صاحب مذهب اسلام، بلڪ هر قوم ۽ ملت جي مذهب جي بنيادي اصولن کي ورتو، جو محض

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"محبت" آهي. ڪائنات "محبت" جي ڪري قائم آهي. انسان جو وجود "محبت" جي ڪري آهي. "محبت" ڪري ڄمي ٿو ۽ "محبت" سان وڌي ٿو؛ بلڪ "محبت" کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي ۽ سندس هر ترقيءَ جو ڪارڻ "محبت" آهي. ۽ آخر بہ ڪيس ان ئي بنياد "محبت" (عشق) ڏانهن ورڻو آهي، جو "حقيقي حق" آهي. اهوئي سبب آهي، جو شاہ رحہ ڪنهن خاص مذهب جي ظاهري ڳالهين کان مٿيرو ٿي ڳالهايو تہ:

مــحـــبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن،
تن جو صــرافن، اڻ توريوئي اگـــهـــايو.

ان نڪتي جي ڪري شاہ صاحب هر قوم ۽ ملت جي دلين تي ڇانئجي ويو ۽ اڄ بہ ڇانيل آهي؛ ڇو تہ هتي شاہ "شاعر انسانيت" بنجيو وڃي؛ اها "انسانيت" جا اڄ جي "امن" لاءِ هڪ "واحد حل" آهي، ۽ جنهن جي تلاش ۾ دنيا سرگردان آهي!.

شاہ صاحب جي ڏسيل "نسخي" پوين تي ڪهڙو اثر ڪيو، تنهن لاءِ اڄ جي ماڻهن جون دليون ۽ زبانون شاهد آهن. حقيقت ۾ شاہ صاحب جو "نسخو" (ڪلام) اڄ بہ اهڙو ئي آهي ۽ اوتروئي مفيد - ڇاڪاڻ تہ ان ۾ اها تہ خاصيت آهي جو پٽي پراڻو نہ ٿو ٿئي ۽ ان جو اثر ڪڏهن بہ ضايع ٿيڻو نہ آهي!.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب خان چنو
ايم–اي– ايل ايل– بي

# شاهہ جو هڪ اهم پيغام

شاعريءَ جي تنقيدي مطالعي جا مکيہ ٻہ نمونا آهن: هڪ سماجڪ (Sociological) ۽ ٻيو درسي (Academic). سماجڪ نموني جو بنياد مادياتي نظريي تي ٻيڌل آهي ۽ درسي نموني جو بنياد آدرشوادي نظريو آهي. مشهور سنڌي ليکڪ جناب موهن گيهاڻيءَ جي لفظن ۾، "مادياتي نظريي موجب هر شاعر پنهنجي دؤر ۾ رهي ٿو. ائين موجوده سماج ۽ اتهاسڪ ڌارائن جو مٿس اثر پوي ٿو ۽ سندس شاعريءَ جو چشمو وقت جي ويچار ڌارا مان ئي ڦٽي ٿو. هو شاعر کي تاريخي ماديت ۽ جدلياتي ماديت جي اصولن جي مدد سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هن ويچار ڌارا جا نقاد شاعر کي انساني ۽ سماجي دنيا جو حصو ڪري ليکين ٿا ۽ مٿس وقت جي ڌارا ۽ حالتن جي اثر ۽ سندس دؤر لاءِ پيغام ۽ سندس وقت ۾ ادا ڪيل رول جي ڪٿ ڪن ٿا". ٻئي طرف، ساڳئي ئي ليکڪ جي لفظن ۾، "آدرشوادي نظريي موجب شعر الهام آهي ۽ ان ڪري نقاد شاعر کي سندس تاريخي پس منظر ۾ نہ ڏسي، کيس مطلق ڪري ليکين ٿا. سندن نظرن ۾ شاعر ۽ شعر جو هن دنيا سان ڪوبہ لاڳاپو نہ آهي ۽ سندن ويچار موجب "خيال جو مطلب خيال سان آهي". هو ائين وهسن ٿا تہ "شاعر جو هن فاني دنيا سان ڪوبہ سنبنڌ ڪونهي". عام طور تي شاهہ جو مطالعو هن نظريي تحت ڪيو ويو آهي جو پنهنجي چند مخصوص فائدن هوندي بہ شاهہ جي حقيقي پيغام لهڻ لاءِ صحيح نہ آهي. مشهور سنڌي نقاد محترم تيرٿ بسنت سچ چيو آهي تہ "خيال جو مطلب خيال ۾ آهي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن فيلسوف يا يوگيءَ جو نظريو ٿي سگهي ٿو، پر شاعر جو هرگز نہ". جو تہ هر شاعر پنهنجي وقت جي پيدائش آهي ۽ هر عظيم شاعر پنهنجي وقت جو سڏ سڻي، ان جي گونج ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين ڪئي آهي. شاهہ هڪ عظيم شاعر آهي، هن تي بہ رايا ٿي نٿا سگهن. ان ڪري ڏسڻو اهو آهي تہ شاهہ جي وقت جو ڪهڙو سڏ هو؟ ۽ شاهہ صاحب ڪهڙي پيغام ذريعي ان وقت جي ضرورت سان پاڻ نڀايو آهي.

شاهہ صاحب جي ولادت ١٦٩٠ع ڌاري ٿي ۽ وفات ١٧٥٢ع ۾. سياسي نقطي نگاهہ کان هي دور سنڌ ۽ مغل طاقت جي زواليت جو دور هو. هن دور جي اوائل ۾ مغلن پاران سنڌ جي مختلف صوبن جهڙوڪ بکر، سيوهڻ ۽ ٺٽي وغيره لاءِ نواب ايندا هئا پر پوءِ مرڪزي حڪومت جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي ڪلهوڙا، جي پهريائين پيري مريديءَ جو ڌنڌو ڪندا هئا، سنڌ ۾ نالي ماتر آزاد حڪومت برپا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ليڪن ارغونن کان وٺي مغلن تائين واري اڍائي سؤ سال مسلسل غلامي پنهنجي اثر ڏيکارڻ کان رهي نہ سگهي. مشهور سنڌي محقق پير حسام الدين شاهہ راشديءَ جي لفظن ۾، "... اڍائي سؤ سالن جي مسلسل تلسط سبب ذهني طرح سنڌ ۾ تنزل ۽ پستي اچي چڪي هئي، آزاد ماحول ۾ دلين اندر جيڪا وسعت ۽ قلب ۾ جيڪا ويڪرائي ۽ ڪشادگي ٿيندي آهي، فڪر ۽ نظر، علم خواهہ عمل ۾ جا بلندي ۽ جز رسي، گهرائي ۽ گنڀيرتائي، حقيقت پسندي يا دوررسي ٿيندي آهي، سا سڀ ختم ٿي ويئي هئي، تنهنڪري رواداريءَ، برادريءَ، ڀائپيسرائيءَ يا هم وطنيءَ جا جيڪي انساني ننگ خواهہ اسلامي انگ، هڪ آزاد قوم ۾ ٿيڻ کپن، اهي سڀ هتان ختم ٿي چڪا هئا. ۽ اهو سڄو خلم انهيءَ احساس ڪمتريءَ جو ٻاريل هو، جيڪا غلاميءَ جي ذلت ۽ پستيءَ جي پيداوار ٿيندي آهي، جنهن جي ڪري غلام قوم جا افراد، پنهنجي انهيءَ احساس مٽائڻ خاطر هڪ غير فطري برتري حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪي مصنوعي ريتيون ۽ رستا پيدا ڪندا آهن، جن مان هڪ طريقو آهي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مذهبي فروعات“ تي خواه مخواه زور ڏجي، مناظري بازي ڪري هڪٻئي مٿان سبقت ۽ برتري حاصل ڪجي، دين ۾ غير ضروري نمائش ڪري مذهب کان وڌيڪ پنهنجي ذاتي پاڪائي ۽ بزرگي جتائجي، قطعي غير اسلامي طريقن جي وسيلي انسانن کي هڪ مذهب ۾ داخل ڪري، ان تي بگل باجا وڄائي، پنهنجي پندار کي آسودگي پهچائجي“. ان دور جي مذهبي جنون واريءَ ذهنيت جو اندازو ان فرمان مان ٿي سولائيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن ذريعي غلام شاهه ڪلهوڙي حڪم ڪيو هو ته ”هن حڪومت جي ڪارڪنن کي معلوم هجي ته عاشورن ۾ ماتم ۽ تابوت وغيره بدعات جي منع ڪن. زالن کي مقامن ۽ باغن ۾ وڃڻ کان روڪين، ماڻهن جي وفاتيءَ وقت روڄ ۽ راڙو ڪرڻ کان منع ڪن. ساهواري جانور جي تصوير ڪڍڻ کان روڪ ڪن. هندن کي چوٽيون رکائڻ، ڌوتيون پائڻ ۽ دڪانن تي گوڏا اگهاڙا ڪري ويهڻ کان منع ڪئي وڃي. مسلمانن کي مٿ کان ننڍي ڏاڙهي ڇڏائڻ، ڏاڙهيءَ جا خط وٺائڻ ۽ مڇن رکائڻ تي بندش وڌي وڃي. هندن کي هولي، پڳت ۾ سرود، شرناءِ، دهل، ناد وڄائڻ کان منع ڪئي وڃي. هندن کي بتن ۽ درياءَ اڳيان سجدو ڪرڻ (مٿو ٽيڪڻ) کان روڪيو وڃي. مٿي ڏيکاريل جملي ڪمن لاءِ عملدار ڪليو ڪلايو سختيءَ کان ڪم وٺي حڪمن جي پوئواري ڪن ۽ انهن جي ڏوهارين کي اهڙيون سزائون ڏين جيئن رعيت مان ڪوبه اهڙو ڪم ڪري نه سگهي. انهن حڪمن ۾ ڪابه انحرافي ٿيڻ نه گهرجي“. ڏيکاءَ پسند مذهبين جي اهڙي ذهنيت جو ئي نتيجو هو جو سنڌ ۾ اهڙيون حالتون پيدا ٿي پيون جن جي صحيح تصوير چٽڻ لاءِ هڪ مسلمان محقق، محترم پير حسام الدين شاه راشديءَ کي پڻ هيٺين لفظن لکڻ تي مجبور ٿيڻو پيو ٿو ته ”سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن ۾ مذهبي ڪشمڪش ۽ تعصب ڏاڍو گهڻو پيدا ٿي پيو هو؛ سنڌ اندر عالمن سڳورن جو هڪ اهڙو طبقو تيار ٿي پيو هو، جنهن تبليغ اسلام لاءِ گهڻي حد تائين تشدد آميز بلڪ غير اسلامي انداز اختيار ڪيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ڪنهن غير مسلم جي واتان الله، محمد ۽ رسول جو لفظ نڪرندو هو تہ ور ڏئي ان کي حلقئہ اسلام ۾ داخل فرمائڻ. يعني مروج مخصوص محاوري مطابق "مشرف بہ اسلام" ڪري پنهنجا "تبليغي" فرائض بجا آڻيندا هئا. انهيءَ جو لازمي نتيجو اهو نڪتو جو سندن طور ۽ طريقي ۽ انهيءَ لفظي قند ۽ قير غير مسلمانن کي ڏاڍي هول ۽ هراس ۾ وجهي ڇڏيو. اهي پاڪ نالا ونڻ تہ درڪنار ۽ بجاءِ خود رهيا، هنن پنهنجي چوٽيءَ ۽ ڏوتيءَ جو خير ۽ تحفظ ان ۾ سمجهيو تہ مرڳو اهي اکر (لفظ) اچارڻ ئي ڇڏي ڏين جن مان خطري جو امڪان هجي. چنانچہ، بين لفظن سان گڏ، "رسو" چوڻ هنن انهيءَ ڪري ڇڏي ڏنو، جيئن دين جا مبلغ ان ۾ "ل" پنهنجي طرفان وجهي ڪو ممڻ نہ مچائي وجهن".

شاه صاحب جهڙي باريڪ بين شخص کان انهن ڏيکاءَ پسندن جا اهڙا قومي يڪجهتيءَ جو خاتمو آڻيندڙ ڪرتوت ڳجها ڪونہ هئا، تنهنڪري هن انهن "منهن ۾ مسلمان، اندر ۾ ابليس" ملن جي بروقت مذمت ڪرڻ پنهنجو اولين فرض ڄاتو. اهوئي سبب آهي جو سندس ملامت جو نشانو سڀ کان وڌيڪ اهوئي طبقو بڻيو. شاه صاحب سندن ڀوڏا اجهو هيئن پيو لاهي:

"ملان ملان مَ چؤ، آهيڙي آهين،
مرونءَ سندي ماس تي، تا ماٽڪ متائين!"

--------

"مُلي مُنو ماءُ، پتو قتو پيٽ ۾،
سچاٽي الله، تبي ڏنائين ڏوڙ ۾!"

۽ ڪين اجهو هن نموني ۾ مخاطب ٿئي ٿو:

"ان پر نہ ايمان، جو ڪلمي گو ڪونائين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيين!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”منهن تہ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث، ڪڏي ڪوہ نہ ڇڏئين!“

---------

”اندر ڪوڙو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي،
اهڙو تلهو ٿانءُ، ڀڃي چونہ ڀورا ڪرين!“

اهڙيءَ طرح سندن مذهبي جنون واري ذهنيت کي چئلينج ڪندي، ٻنائي ٻلارو اجهو هيئن پيو اعلان فرمائي:

”جر تر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،
سيئي شهہ ٿيا، سوريءَ سزاوار،
همہ منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهين؟“

--------

”سيت پچار پرينءَ جي، سيت هوت حضور،
ملڪ مڙيئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا؟“

پر مخالفانہ حالتن هوندي بہ هڪ سچي قوم پرست سنڌي هئڻ جي حيثيت ۾ شاہ صاحب اهو پنهنجو هڪ اولين فرض ڄاتو تہ ان مذهبي جنون کي ختم ڪرڻ لاءِ پوريءَ طرح پاڻ پتوڙي، جيئن سنڌي قوميت جو جذبو وري نئين سر ڦهلجي سگهي. جو تہ محترم پير حسام الدين شاہ راشديءَ جي لفظن ۾، ”انهيءَ مذهبي منافرت ۽ سختيءَ واري پاليسيءَ مان شاہ کي سنڌي وحدت جي ٽٽڻ ۽ ملڪي آزاديءَ جي صلب ٿيڻ جو پڻ وڏي ۾ وڏو امڪان بلڪ جائز خطرو نظر آيو ٿي. ڪيس اهوئي خيال هو تہ انهيءَ قوت ۽ مذهب جي مصنوعي ڏڦيڙ مان افغان حملہ آور، جن مغلن جي پڇاڙيءَ بعد ۾ نادر جي خونخواريءَ کان پوءِ هڪ نئين بلا جيئن مهندان اچي منهن ڪڍيو هو، تن جا پير پختا ٿيندا“. ان لاءِ هن حتي الوسع ڪوشش ورتي تہ ڏيکاءَ پسندن طرفان سنڌي قوم ۾ ڪڙي ڪيل انهيءَ مذهبي ويڇي واريءَ نفاق جي ديوار کي ڀڃي ڀوري ناس ڪري. اهوئي سبب آهي جو هن هندن جي ريتن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسمن، اخلاقن ۽ عادتن، هلت چلت، وهنوار ۽ ويچار جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو ۽ سالن جا سال هندو جوڳين ۽ سنياسين، بيراڳين ۽ سامين، آديسين ۽ ڪلپتين سان صحبت ڪري، هنن جي تڪين ۽ تيرٿن، مندرن ۽ مڙهين جي ياترا ڪئي. مدن پڳت سان سندس گهاٽي سنگت ته عالم آشڪار آهي. هي سڀ ڪجهه انهيءَ دور ۾ ڪيائين جڏهن هندن سان صحبت رکڻ ۽ ساڻن رهاڻيون ڪرڻ ڪا معمولي ڳالهه نه هئي.

شاه صاحب جو اهو قوم پرستيءَ ۽ مذهبي رواداريءَ وارو جذبوئي هو جنهن هن ڪان هڪ مسلمان شاعر هوندي به ڪيترائي اهڙا شعر چورايا جي هندو ڌرم ۽ هندو طرز - زندگيءَ جي عڪاسي ڪن ٿا. نه رڳو عڪاسي ڪن ٿا پر ظاهر پرست مذهبين جي نقطه نگاه کان اسلامي تعليم جي ابتڙ پڻ لڳن ٿا. اهڙا بيت رسالي ۾ ڪي ٿورا ڪونهن. اصل سرن جا سر ملندا. هتي مثال طور ڪي ٿورڙا پيش ڪجن ٿا:

"جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته پر گروءَ جي پار،
هوائون هنگلاج ڏي، ويندي سڀ وسار،
نانگا ناٿ نهار، سامي وڏيءَ سڪ سين!"

---------

"سيوا ڪر سموند جي، جت جر وهي ٿو جال،
سهسين وهن سير ۾، مانڪ موتي لال،
جي ماسو جڙيئي مال، ته پوڄارا پُر ٿئين!"

---------

"ايسون تڙ پوڄين، وهون وڻجارن جون،
آٿيو آڪا ڏين، ڪستوري سموند کي!"

---------

"نانگا نفس پنهنجو، ڪر رضا سان ربود،
غبي ڇڏ غنود، ته رانول رسين رام کي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هر هر ڪن هرنام، ڏؤن ڏمائي ڏوتي،
جن نہ ريجهايو رام، ناٿ نہ نمي تن کي!“

شاهه صاحب جي اهڙيءَ مذهبي رواداريءَ واري پاليسيءَ جو ئي نتيجو هو جو بقول مولانا دين محمد صاحب وفائي، ”هندن کي جو ڪن اکرن (لفظن) اچارڻ ڪري مسلمان ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو، سي بہ شاهه صاحب جي ڪلام کي پنهنجو سمجهي، سنڌ وارن کي پنهنجو سمجهڻ لڳا. ويدانيت جي رنگ ۾ هندن واتان اسلام جون اهي ڳالهيون چورايون ويون، جي هوند مذهبي ماڻهو سموري ڄمار مٿو کپائين تہ بہ هڪ هندوءَ کان ان جو اقرار ڪرائي نہ سگهن. الله جي هيڪڙائيءَ ۽ رسول جي رسالت جي قبوليت ۽ قرآن شريف جون آيتون شاهه صاحب هندن جي واتان ان ريت چوائي ٿو، جيئن هڪ مسلمان چوي يا ان جو اقرار ڪري. هوڏانهن اهي اقرار جيڪڏهن شاهه جي زماني ۾ ڪنهن مذهبي ماڻهوءَ جي اڳيان ڪو غير مسلم ڪري ها تہ جهٽ مٿس مسلمان هجڻ جي فتوي ڏيئي، کيس مجبور ڪيو وڃي ها تہ اٿي اسان جي پر ۾ گڏجي رهہ. صوفيانہ رنگ ۾ سنڌ جي هندن کي ان حد تائين پنهنجي ويجهو آندو ويو، جو هو شاهه صاحب جي ٻوليءَ ۾ اهو سڀ ڪجهہ چوڻ لڳا، جو هڪ پڪو موحد مسلمان ڪليءَ دل سان چئي سگهي“. محترم پير حسام الدين شاهہ راشديءَ سچ لکيو آهي تہ ”.... اهوئي سبب آهي جو مسلمانن کان وڌ، شاهه جي ڪلام جا پارکو هندن منجهہ پيدا ٿيا ۽ ٿيندا رهن ٿا. سرڳواسي ليلا رام، جيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر گربخشاڻي، لالچند امر ڏنومل، ڀيرومل مهر چند، ڪلياڻ آڏواڻي، رام پنجواڻي، فتح چند واسواڻي، پروفيسر جهمٽ مل، ليلورچنداڻي، اتم، گوبند مالهي، تيرٿ بسنت، نارائڻداس، ميوارام ڀمياڻي ۽ ٻين سون هندو مشاهرن جون خدمتون انهيءَ ڏس ۾ ڪير آهي جو وساري سگهي ٿو؟“ اهڙين حالتن ۾ شاهه صاحب جو انهيءَ کان وڌيڪ اهم کهڙو پيغام ٿي سگهي ٿو، سواءِ انهيءَ جي تہ اسين سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جيان هر موقعي تي مذهبي زواداريءَ جو بهترين عملي ثبوت پيش ڪريون. سچ پچ هن جي ڪلام جو نچوڙئي اهو آهي تہ ديس ۽ وطن ڪنهن بي غيرت ڪان وسري سگهندا. ان ڳالهہ کان تہ ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهي تہ ”هن وٽ هندن ۽ مسلمانن جي تميز وطن ۽ قوم جي لحاظ کان ڪابہ ڪانہ آهي“. ڇو تہ هن جو ايمان آهي تہ ”ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟“ ۽ ”جيهاڪي تيها، مون مارو ميحيا“.

شاه صاحب جي اهڙي عظيم پيغام ڪانپوءِ بہ، اهو ڏسي سخت افسوس ٿئي ٿو تہ اسان مان ڪيترا سنڌي هڪ طرف پاڻ کي شاه صاحب جا سچا پوئلڳ سڏائيندي نٿا ٿڪجن تہ ٻئي طرف ڪيترائي اجايا بحث ڇيڙي نفاق جي ٻج پوکڻ کان بہ گريز نٿا ڪن. جنهن قوم ۾ نفاق آهي، ان جو موت يقيني اچڻو آهي. افسوس اهو آهي جو اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ:

”هـهـــڙا هاڃا ٿين، ٻري هن ڀنڀـــور ۾!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد حسين ڪاشف

# موجوده دور ۾ شاھ لطيف جي اهميت

انساني تاريخ جو هيءُ مسلسل عمل رهيو آهي تہ ان جي مختلف دورن ۾ ڪي نہ ڪي سجاڻ ۽ ڏاها دانشور ۽ غير معمولي ذهن جا ماڻهو پيدا ٿيندا رهن، جن جي ان سماج تي نہ صرف گهري پر پنهنجي عمل ۽ سوچ سان ان ماحول تي ڇاپ هوندي آهي. هو پنهنجي تجربي، مشاهدي مطالعي ۽ فڪر جي اها روشني سماج ۾ ڇڏي ويندا آهن جيڪا دائميت جي صورت ۾ هوندي آهي. لطيف سائين بہ سنڌ جي ڏاهپ ۽ سجاڻائيءَ جو اهو هيرو ۽ املهہ موتي آهي جنهن جو فڪر ۽ شعور هڪ بلند مينار جي حيثيت رکي ٿو. جنهن کي اڄ تائين نہ ڪير ڇهي سگهيو آهي ۽ نہ وري ڇهي سگهندو. اهو سنڌ واسين جو ڀاڳ چئجي يا ان کي سندن لاءِ نعمت الاهي تصور ڪجي، جو لطيف جهڙو باڪمال شاعر ۽ بزرگ، ڏاهو ۽ سجاڻ فرد هن واديءَ ۾ پيدا ٿيو.

تاريخ اندر زندگي مختلف خانن ۾ تقسيم هوندي بہ اڪائيءَ جي حيثيت رکي ٿي، جنهنجي جدوجهد جا رخ هڪ ٻئي کان پري هوندي بہ پاڻ ۾ لاڳاپيل هوندا آهن. اها ڪيفيت ان جي هر دور ۾ رهندي اچي ٿي. پوءِ ان جو تعلق ماضيءَ سان هجي يا حال سان، مستقبل ۾ بہ ان جو اهو حال رهندو. زندگي جا اهي ترڪيبي عنصر پنهنجي دور کي متعين ڪن ٿا، ۽ انهن وسيلي ئي سماجوادي نظام جي تشڪيل ٿئي ٿي. اڳتي هلي تاريخ ۾ اهو تهذيب ۽ ثقافت جي شڪل ۾ پڌرو ٿئي ٿو. لطيف جي ڪلام جا تخليقي عنصر جن کي هن پنهنجي تاريخ جي دور مان اخذ ڪيو آهي، انهن کي هر زماني ۾ جاءِ ملي ٿي. پوءِ اهو ڪالهہ جو وقت هجي يا اڄ جو. سندس ڪلام جي جوڙ جڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اها وڏي خوبي آهي، جنهن مان اسان سبق حاصل ڪري انفرادي توڙي اجتماعي طور ڪجهه نه ڪجهه ڪري سگهون ٿا. پر جيڪڏهن لطيف کي محض هڪ شاعر ۽ حقيقت ۽ مجاز جو، ظاهر ۽ باطن جو پيغامبر ڪري تصور ڪيو ويو ته پوءِ اها دائميت واري ڪيفيت جنهن جو تعلق سماج ۽ ان جي نظام سان فرد ۽ اجتماع جي زندگيءَ سان آهي اهو ختم ٿيندو نظر ايندو. اسان وٽ اها وڏي ستم ظريفي آهي جو اسان کي لطيف سولو هٿ اچي ويو آهي. جنهن ڪري بنا ڪنهن سوچ ويچار جي بنا ڪنهن غور ۽ فڪر جي زندگي ۽ ان جي دور جي تقاضائن ۽ حاصلات کي پوئتي ڪري روايت جي بنياد تي سندس ڪلام توڙي حياتيءَ لاءِ ڪئين غلط ڳالهيون بيان ڪندي نٿا ڪسون. جيڪا ڳالهه غور طلب آهي.

دور، وقت، زمانو اهي ٽيئي لفظ پنهنجي اندر وڏي معنيٰ رکن ٿا. جن ۾ خاص محدوديت هوندي به لامحدوديت آهي. سڀ کان اول اهو سوچڻ ضروري آهي ته دور وقت جي نسبت ۾ آهي يا وقت دور جو تعين ڪري ٿو؟ يا ٻنهين جو زماني سان پلاند اٽڪيل آهي؟ هت زماني جو استعمال والعصر جي روشنيءَ ۾ آهي. ڇا مٿين ٽنهين لفظن کي هڪ ئي ڪيفيت ۽ ڪميت ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو؟ اهو نڪتو غور طلب آهي. اتي اهو به سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا وقت گذري ٿو؟ دور گذري ٿو؟ زمانو گذري ٿو؟ غور ڪبو ته انهن مان ڪوبه نه گذريو آهي نه گذرندو. اسان وٽ انهن جي اضافي تقسيم آهي، جيڪا ڏينهن رات، ماهه و سال، صدين ۽ دور جي صورت ۾ ورتي وڃي ٿي. جنهن کي سماجي عمل ۽ ان جا اثر هڪ مخصوص قبا ڍڪائي علحدگيءَ جي صورت ڏين ٿا. اصل ۾ هر دور يا وقت جي وير جنهن جو هو مجموعو آهي سماجي ڪيفيتن ۽ حالتن جو ميڙ آهي جنهن کي نسبتي طور الڳ ڪري تاريخ جو نالو ڏنو وڃي ٿو پوءِ اها ماضي جي هجي يا حال جي. موجوده دؤر جو لفظ وقت جي هڪ خاص تقسيم تي دلالت ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن مان اڄ جو انسان گذري رهيو آهي، جيڪو هڪ سماجوادي نظام جي صورت ۾ به آهي، ته هڪ سماجي قوت ۽ سماجي عمل جي شڪل ۾ به آهي. موجوده سماجوادي نظام جا ترڪيبي عنصر ڪهڙا آهن؟ ان جي هيئت ۽ شڪل ڪهڙي آهي؟ اهو ڪهڙيءَ ريت عمل پذير آهي، ان جي ڪنهن به تشريح جي ضرورت ڪانه آهي.

چاڪاڻ ته انهن ترڪيبي عنصرن ۾ سماجوادي نظام جو سڄو ماڻداڻ اچي وڃي ٿو، جنهن ۾ اقتصادي، سياسي، اخلاقي، مذهبي، ثقافتي، سائنسي مطلب ته سڀ حالتون اچي وڃن ٿيون. جن مان سنڌو ماٿر جو ماڻهو گذري رهيو آهي يا گذاريو پيو وڃي. لطيف جيڪو هن سماج جي بنيادي اڏاوت لاءِ هڪ رهبر جي، هڪ سونهي جي هڪ محافظ جي حيثيت ڪي ٿو، ان جي فڪر ۽ شعور جي لاٿ ماڻهوءَ لاءِ ڪهڙو گس ڏسي ٿي؟ ان ڏاهه جو ڏس ڏيڻ اسان جي ڏاهن ۽ دانشورن جو فرض آهي ته هو حالتن جي بنياد تي اڄ جي ماڻهوءَ لاءِ لطيف جي فلسفي مان ڪا واٽ ووڙين. پر ڏٺو ويو آهي ته اسان وٽ بجاءِ حقيقت پسندي جي هميشه هڪ روپي جهنجهٽ جوجهيرٽو ڦيريو ويو آهي جيڪو اڄ تائين ان ڪير اڪسير مان مقصد جو مکڻ حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. ان ۾ ڏوهه لطيف جو نه پر اسان جو آهي اهڙيءَ حالت لاءِ پاڻ فرمائين ٿا ته:

گهنگهريا گهڻ چاڻ، موڙهي مت مهائين،
ويا گڏجي وير ۾، پيا منهن مهراڻ،
اڳيان پويان تاڻ، ويا ويچارن وسري.
(شاه رحہ).

تاريخ جو وارث عام ماڻهو ان جي زندگي ۽ ان جا حالات آهن. اسان جو معاشرو جيڪو جاگيرداريءَ ۽ سرمائيداريءَ جي شڪل جو آهي، جنهن ۾ طبقاتي چڪتاڻ پنهنجي اوج تي آهي جيڪا ڪنهن به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مستحڪم سماجي نظام ڪي عملي شڪل ڏيڻ ۾ هميشه رڪاوٽ رهي آهي، ان جو ڪوبہ سدباب نظر نہ ٿو اچي. فرد ۾ نہ تعلق انسانيت جي ڪيفيت آهي، نہ تعلق با الله جي ڪا ڳالهہ ۽ نہ وري تعلق ذات تي ڪو غور آهي. ڇڙ ڇڙ ڪـابا واري ڪار آهي جنهن ڪي جڏهين تصور ۾ آڻجي ٿو تہ لطيف جي هيءَ مهميز ياد پوي ٿي:

اچا پٽي جٽين، سـڄڻ ســاري نہ مُٺيين،
وتيـــون وه گـــاڏيون، ڇوري ڇونہ پٽين،
لـڳٽي ڪـونہ هنٽين، ڪـو ڳڻ ٻـاروچن جو.
(شاهہ رحہ)

گذريل ٻن سون سالن جي دؤران اسان جي تاريخ خير جي ڳُولا ۾ شر سان تجربا ڪندي رهي آهي. باوجود هن ڳالهہ جي تہ ابن عربيءَ جو فلسفو اسان جي فڪر جي رهبري جو محور رهيو آهي. اسان لاءِ خير جي عدم موجودگي شر ڪي موجود ڪندي رهي آهي. پوٺتان ڏسندي معلوم ٿو ٿئي تہ انسان جو پنهنجي دؤر ۾ ڪنهن صحيح طرف نہ وڃڻ ڪري خير حادثاتي معلوم ٿئي ٿو ۽ شر جي حيثيت بنيادي معلوم ٿئي ٿي. جڏهن تہ تخليق جو بنيادي جز خير آهي، ۽ معروضي حالتن ۾ شر کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ۾ اسان جي تاريخ هميشه غفلت ڪئي آهي. خود ابن العربي ان جو بنياد شر ڪي قرار نٿو ڏئي. هن جو چوڻ آهي تہ "جنهن کي شر چيو وڃي ٿو اهو اصل ۾ خير جي عدم موجودگي جو نالو آهي". جڏهن تہ هيءَ ڪائنات حق آهي، ان جي تخليق حق آهي، ان جو عمل حق آهي. تہ پوءِ سوال پيدا ٿو ٿئي تہ ان جي حق جي ڦهلاءَ مان جيڪو خير جو مظهر آهي ان ۾ شر جو وجود ۾ اچڻ ڇا جي ڪري ٿئي ٿو؟ يا ڪائنات جي عمل جي امڪاني ۽ اضطراري ڪيفيتن مان اهو وجود وٺي ٿو جيڪي بقول ابن عربي جي خير جي عدم موجوگيءَ ڪري وجود وٺن ٿيون. جيڪڏهن حق مان مراد صرف ذات حق آهي تہ پوءِ ڇا اها محدود آهي؟ نہ اها لامحدود آهي. جنهن مان اهو نتيجو

نڪري ٿو تہ هر شي حق آهي جيڪڏهن ٿوري نرمي اختيار ڪجي تہ حق جو مظهر آهي. جنهن ۾ حق جا اظهار پنهنجي ظهور لاءِ حق جي تنزلات ۽ توجہ جا محتاج آهن. جڏهن تہ هو احتياج پذير آهن تہ پوءِ حق کي انهن کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. لطيف وٽ سماج وادي نظام توڙي زندگي جي عملي صورت ۾ انهيءَ تقسيم جي تعظيم ۽ تڪريم آهي. نڪو ڪم ڪفارسين، نڪا مسلماني من. پاڻ ان جا قائل آهن ۽ پرين جي پنهنجائپ جا ڳولائو آهن. خود ارشـــاد خداوندي آهي تہ "لقـــد ڪرمنابني آدم" لطيف حق کي حق جي نظر سان حق ۾ ڏسڻ جو قائل آهي. پاڻ فرمائين ٿا تہ:

پيـــــهي جان پاڻ ۾، ڪيـم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهـون ٿـيس پاڻ، سسئي تان سـور هئا.

(شاهہ رحہ)

سندن آڏو حق سماجي نظام جي صورت ۾ بہ آهي تہ وجودي ڪيفيت بہ آهي. حسن ۾ بہ حق آهي تہ عشق ۾ بہ حق آهي. عبادت ۾ بہ حق آهي تہ رياضت ۾ بہ حق آهي. جلال ۾ بہ حق آهي تہ جمال ۾ بہ حق آهي. عبد ۾ بہ حق آهي تہ معبود ۾ بہ حق آهي، جنهن لاءِ فرمائين ٿا تہ:

"لهـرن لک لبـاس، پاڻيءَ پسڻ هيـڪـڙو"

ليڪن اسان هر لهر کي الڳ لباس ڏيئي جدا جدا مهرا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. پوءِ اهي زندگيءَ جي نظام ۾ هجن يا زندگيءَ لاءِ حق جي راهہ ڳولڻ ۾ هجن. لطيف جو فلسفو ڪالهہ بہ ان جو انڪاري هو ۽ اڄ بہ ان جي نفي ڪري ٿو. هو همہ کي ۽ ان جي همہ گيريت کي حق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصور ڪري ٿو. جتي زندگيءَ جي نظام لاءِ عدل ۽ انصاف جي ماڻن ۽ ماپن جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، ۽ ان لاءِ هر رڪاوٽ کي پوءِ اها چونه جبل جيڏي هجي ان کي به خاطر ۾ نٿا آڻين.

"آڏو ٽڪر ترا! متان روهه رتيون ٿئين".

ڪوبه سماج ڪنهن به دور ۾ هڪ فارم ۾ نه رهيو آهي، پر بجاءِ هر دور جي تقاضائن جي بنياد تي ان ۾ تبديلي ايندي رهي آهي، جيڪا ان جي صورت کي وجود ڏيندي آئي آهي. يا ائين چئجي ته هر دور ۽ سماج جي ڪُک مان ان جو دور ۽ سماج وجود وٺي ٿو. اسان جنهن دور ۾ هلي رهيا آهيون اهو اڳئين دور جي پيداوار آهي. لطيف پنهنجي دور ۾ جن ڪردارن کي جنم ڏنو ۽ جن حقيقتن جي اپٽار ڪئي، اهي صرف ان وقت لاءِ نه هيون جيئن عام طور تي خيال ڪيو ويجي ٿو. پر بجاءِ ان جي هن هڪ ڏاهي انسان ۽ سماجي مصلح جي حيثيت ۾ انهن فڪري قدرن کي وجود ڏنو جيڪي هر سماجي دور ۾ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ متشڪل ٿينديون رهيون آهن، جن جو تعلق ان دور جي زندگي سان هو ۽ اڄ به انهن جو واسطو سماجوادي نظام سان آهي. ان ڪري لطيف کي هڪ شاعر جي حيثيت ڏيڻ جُز وقتي ڳالهه ٿيندي، جيڪا سوچ انصاف وٺان نه آهي. بجاءِ ان جي اسان کي لطيف جي فلسفي کي زندگيءَ جي نظام ۾ ڏسڻ گهرجي. جڏهن انهيءَ نقطي نظر سان ڏٺو ويندو ته ڳالهه ئي ٻي نظر ايندي. جنهن کي محسوس ڪندي افسوس ٿو ٿئي ته اسان هن عظيم ڏرتي جي عظيم انسان ۽ شاعر ۽ ڏاهي تي ڪيڏا نه وار ڪيا آهن، جن جي ڏکن سبب سندس فڪر ۽ شاعريءَ جو سڄو جسم چُور ٿيو پيو آهي. آخر انهيءَ ماجرا جو ڪير ذميدار آهي؟ اهي ڏاها ۽ برک عالم يا اسان پارا اڌ پڙهيا جن کي لاڪيٽي لطيف جي هڪ سٽ به پڙهڻ ۾ نه ٿي اچي. اسان شيڪسپيئر ۽ ٽيني سن، ملٽن ۽ گوئٽي، رومي، جامي، حافظ ۽ خيام جا حوالا ته ڏيون ٿا ليڪن ڪڏهن اهو سوچيو ويو آهي ته انهن شاعرن ۽ عالمن لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي قومي پرک جو، پڙهڻ جو، شرح ۽ عظمت جو کهڙو معيار قائم ڪيو آهي؟ ان مقابلي ۾ اسان اڃان تائين ان شروعاتي دور ۾ آهيون جيڪو محض لفاظيءَ تي مدار رکي ٿو، ان لاءِ سچي لطيفيات موجود آهي جنهن ۾ سواءِ ڪن ڳاڻ ڳڻين ڏاهن جي لکيتن جي ٻيو سڀ خير آهي.

جڏهين کان علم ادب، شاعري ۽ ان جي لوازمات جي تشريح جو سلسلو شروع ٿيو آهي، تڏهين کان وٺي لطيف تي ڏاها ۽ سڄاڻ توڙي ننڍا وڏا اديب لکندا رهيا آهن. تحفته الڪرام کان وٺي شاهه، سچل، ساميءَ تائين، مقدمه لطيفيءَ کان وٺي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ تائين واري مواد ۾ اسان کي لطيف تي مواد نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ڪن محبت پائي من ۾ رنڍا روڙيا آهن ته ڪن سنهو ڪتي سٽ سڦلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پوءِ ڪن جو ڪاٺو ۽ ڪچ اگهيو آهي ته ڪن جي ماڻڪن ملهه ئي نه ڪيو آهي. لطيف سائين تي هن وقت تائين جو ڪجهه لکيو ويو آهي يا لکيو وڃي ٿو ان کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو!.

١- عالمن اديبن جو اهو حلقو جن شاهه رحه جي شعر ۽ فڪر کي نج تصوف جو غواص ڄاڻايو آهي، جيڪو حقيقت ۾ مجاز، ظاهر ۽ باطن تي مدار رکي ٿو. جنهن جو بنياد داخلي فلسفي تي آهي يا ائين چئجي ته اهو افلاطون ۽ نو فلاطونيت جي فلسفي جي شرح ڪندڙ آهي.

٢- عالمن ۽ اديبن جو اهو گروهه جيڪو لطيف کي تاريخ ۽ تاريخي حالتن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ جو قائل آهي ۽ سندس فڪر ۽ شعر جو بنياد تجربي ۽ مشاهدي تي رکي ٿو ۽ سندس شعر ۾ تاريخي حقيقت ۽ حالتن کي وڏي اهميت ڏئي ٿو ۽ سندس فلسفه شاعري جي توجيه ترقي پسند فلسفي جي روشنيءَ ۾ ڪري ٿو.

٣- عالمن ۽ اديبن جي ٽين لسٽ اهڙي آهي جيڪا اهو خيال ڪري ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ لطيف وٽ زندگيءَ جي ڪنهن بہ فلسفي جو وجود ڪونہ آهي. وٽس صرف هڪ ڳالهہ آهي. جنهن جو تعلق ولايت ۽ روحانيت سان آهي. جنهن لاءِ زندگي جي خارجي اثرن جي ڪا ضرورت ڪانہ آهي. پاڻ جيڪي بہ اصطلاح يا ڪنايو، نالا ۽ نشان، وٿون ۽ وسيون بيان ڪيون اٿن. انهن جي حيثيت استعاري آهي. اصل ۾ پاڻ انهن جي اوٽ ورتي اٿن جنهن جو سماج يا ان جي ماڻهوءَ سان ان جي حالات ۽ حاصلات سان ڪوبہ تعلق ڪونہ آهي.

انهيءَ حيثيت سان اڄ تائين لطيف تي هر مڪتبہ فڪر سوين عنوان ڏيئي هزارين صفحا لکيا آهن، جنهن ۾ ننڍي لکندڙ کان وٺي وڏي لکندڙ تائين سوين عالم اديب، ڏاها ۽ دانشور اچي وڃن ٿا. لطيف تي انهيءَ حيثيت سان لکڻ جو اچڻ وڏي ڳالهہ آهي. جيڪو سندس گهڻ پاسائين شخصيت، فڪر ۽ فلسفي کي ظاهر ڪري ٿو. جنهن ۾ ڀهراڙي جي ڏنار کان وٺي علمي دانشگاهہ جي عالم تائين جا فرد اچي وڃن ٿا ۽ هرڪو اهو محسوس ڪري ٿو ۽ چئي ٿو تہ لطيف منهنجو آهي ۽ هن جو شعر مون لاءِ آهي. اها لطيف جي عظمت جي نشاني آهي جيڪا شايد دنيا جي ٻي ڪنهن بہ شاعر کي نصيب نہ هجي.

جڏهين اهو تسليم ڪيو وڃي ٿو تہ لطيف سنڌي ٻوليءَ، دنيا ۽ ادب جو مهان شاعر آهي تہ پوءِ ان جي هن دور ۾ اهميت جي سلسلي ۾ معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان تضاد ڇو آهي؟ ۽ شعر جي اندر تاريخي حقيقتن لاءِ اختلاف جو سبب ڇا آهي؟ يا اسان مان هر لکندڙ ۽ ڏاهو پنهنجي نالي ۽ ادبي حيثيت مڃائڻ لاءِ ائين ڪري ٿو. يا ان کي ڇوٽ ان ڪري آهي تہ پلئہ ڳالهہ اڳتي هلي ۽ پاڻهي ڇنڊجي ڇاڻجي وڃي ڳاڏي پنهنجي منزل تي بيهندي. جيڪڏهن دور جي اهميت محسوس ڪندي انهيءَ قسم جا خيال لطيف جي شارحن ۽ لکندڙن جي ذهن ۾ آهن تہ پوءِ اهو افسوس جو مقام آهي. لطيف جي اهميت هر دور ۾ مسلم آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متن قلم کڻڻ کان اڳ اسان کي اهو ضرور سوچڻ گھرجي تہ زندگي ڇا آهي؟ اسان جي علم جي حيثيت اضافي آهي يا حقيقي. بصارت ۽ بصيرت ۾، علم ۽ عرفان ۾ صلاحيت ۽ صالحيت ۾، عقل ۽ معقوليت ۾، احد ۽ احديت ۾، واحد ۽ واحديت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ احساس لطيف وهمي عمل آهي يا ان کي تجربي ۽ مشاهدي جي ماڻ ۾ آڻي سگهجي ٿو؟ وغيره اهي ۽ ٻيا اهڙا ڪيئن سوال سامهون اچن ٿا.

ليڪن هن امر کان قطعي انڪار نہ آهي تہ زندگي مسلسل تبديل ٿيندڙ آهي ۽ "ڪل يوم هوفي شان" جو مظهر آهي، جنهن جي هر لمحي ۽ هر ساعت ۾ ارتقا پذير هئڻ ڪري شان نرالو آهي. هن ۾ تبديلي ئي هڪ اهڙو عنصر آهي جيڪو هن کي پنهنجي پيشروڪيفيت کان ممتاز ۽ متاهون ڪري ٿو. اها تبديلي ٿائين جي بہ آهي تہ سالن ۽ دورن جي، جنهن جو تعلق هر وجود جي ڪيفيت ۽ حالات سان آهي. جيستائين هڪ جسم زنده رهي ٿو هن ۾ داخلي تبديلين سان گڏ خارجي حالتن جي بنياد تي بہ تبديلي ٿيندي رهي ٿي. سماج ۾ خوبي ۽ خرابي خير ۽ شر مطلق آهن. ليڪن سندن خارجي اظهار تغير پذير ۽ اضافي آهن. جنهن کي انهن کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. مجرد خيال جيڪو محض خيال آهي" ان جي بہ ان وقت تائين ڪا حقيقت نہ آهي جيستائين ان ۾ ڪا صورت يا اعيان وجود نٿو وٺي ۽ اعيان بہ ان عين جو عڪس آهي جيڪو خارج ۾ وجود رکي ٿو. دور ۽ تاريخ ان جي تقاضا ۽ حقائق تہ هڪ اٽل حقيقت آهن، جن جو انڪار ڪرڻ غلط آهي. ليڪن هت: "مئي هاٿيءَ سين مامرو، اچي پيو اندن" واري ڪار آهي. لطيف کي ڪنهن بہ دور کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. لطيف جي حيثيت ان قوت جيان آهي جيڪا جسم جي جياپي لاءِ ضروري آهي، تيئن لطيف هر دور جي هڪ عظيم قوت آهي. جيڪا خرد ۽ اجتماع کي عمل جو سبق ڏئي ٿي تہ:

"ٿتيءَ ٿڌيءَ ڪاھ، ڪانهي ويل ويهڻ جي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف هر دور جو روح آهي. سماج سان سندس جيڪو رشتو دائميت جي صورت ۾ آهي، ان کي پرکڻ ۽ ان تي سوچڻ جي ضرورت آهي. اسان مان جڏهين ڪنهن ان دائري مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان جو نتيجو صحيح نه نڪري سگهندو. ڇاڪاڻ ته لطيف خود هڪ سماجي دور جي پيداوار آهي ۽ پاڻ شعر ۽ فڪر جا اهي دائمي قدر ڏنا اٿن جن جي هر دور کي ضرورت آهي. اهوئي سبب آهي جو انهن ۾ همه گيريت، جامعيت ۽ زمان ۽ مڪان سان برميچجڻ جي ڪيفيت سمايل آهي. سندس ڪلام جو اهو شعوري عنصر آهي جنهن ڪري سندس فڪر جا ماڻ ۽ قدر هر دور جو ساٿ ڏيئي سگهن ٿا. پوءِ اهو دور ڪلهوڙن جو هجي يا ميرن جو، انگريزن جو هجي يا بعد جو، جمهوريت جو هجي يا آمريت جو، تهذيب جي تاريخ ۽ سماجي جدوجهد ۾ انهن تي غور ڪبو ته اهي اسان کي هر دور لاءِ ڪانه ڪا راه ڏسيندا نظر ايندا.

هر دور يا عهد جا حالات ان جي روح عصر جا ترجمان هوندا آهن، جن ۾ معاشرتي ڪلفتن، انفرادي ۽ اجتماعي لاڙن، ان جي اضطراب ۽ بيچينيءَ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. ان سان گڏوگڏ ان معاشري جي آرزوئن ۽ امنگن جو به اندازو ڪري سگهجي ٿو.

اسان کي انهيءَ نڪتي جي آڌار تي پنهنجي دور جو جائزو وٺڻ گهرجي، ۽ ان بنياد تي رهبري حاصل ڪرڻ گهرجي. هن سلسلي ۾ غور ڪبو ته رسالي جا اڌ کان مٿي بيت انهيءَ امر ڏانهن اوڙڪ ڏيندا نظر ايندا، رسالي جي هر سُر ۾ ان جي پچار آهي. جنهن لاءِ موجوده دور ۾ ان جي تبديليءَ لاءِ اهميت نظر اچي ٿي. جنهن لاءِ ڪنهن به وستار ۽ وچور جي ضرورت ڪانه آهي.

جي تو نظر نيڪ، ته بسم الله ئي بس تي.

جي اندر اجريل نه آهي ته پنا پڙهي ڪيترا پڙهبا. سوچ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڃهه جي پڪيءَ جو ان گام ڏانهن جي گذر نه آهي ته پوءِ ان واهيري ۽ وسين کي ووڙڻ بيڪار ٿيو پوي جتي هو امن ۽ سک محسوس ڪري ٿو.

”ماري مرين شال، ڏڀ وڄنئي ڏيهون“

اڄ ڪينجهر جا ڪنارا اداس آهن، موکي متارن جا پاٽا پينگ ٽيل آهن. سورٺ جو سينگار اجڙيل آهي. مومل ماٺو ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. سسئي سورن جي سٽ سان جبل جي جُوءِ ۾ آهي، سهڻيءَ جو پيلو وچ سير ۾ پري ڇڪو آهي، مارئي عمر جي قيد ۾ آهي، ليلان ليهور ڇڏي ڇڪي آهي، نوري نماٽا نيڻ ڪٽي واٽون واجهائي رهي آهي. مورڙو اڳئين جيان مانگر مڇ کي مات ڏيڻ لاءِ ڪوشان آهي ۽ چوي پيو ته:

مـتـو آهين مڇ، تلهـا تـو تـونا هٽين،
تو جا پـانئي اڇ، تنهن پاٽيءَ پُنا ڏينهڙا.
(شاهه رحه).

رائي ملا هر روز نئون نياپو اچي ٿو. جيئن عاشق اصل پنهنجي سسي نتا سانديين ۽ نينهن جي نيزي تي چڙهيو پاڻ پرزا ڪيو وڃن.

”پاڀوهيو پچن، ڪتي هٽ حبيب جو“

ڪين ان هٽ جي تلاش آهي جيڪو حق جو حمايتي پيٽي ۽ پرجهلو آهي. جنهن کي هو لطيف جي فلسفي حيات ۾ محسوس ڪري ٿو ۽ ان ۾ پنهنجي لاءِ سڪار ۽ سٺائي سمجهي ٿو. هن نفسا نفسي جي عالم ۾ لطيف کي پيرن جي پيتا ڏيڻ صحيح عمل نه آهي. آخر هي زندگي جي ماندائڻ جي دور جون تقاضائون ڪيڏانهن وڃن؟ جن جي حل ۽ ويچار وارو معاملو انهيءَ طرح سان بنهه پوئتي رهجي ويو ٿو. پوءِ يا ته اسان لطيف جي ڪلام لاءِ جيڪا عالمي شعور واري دعوئي ڪريون ٿا اها غلط آهي، يا اسان وٽ سمجهه جي گهٽتائي آهي يا اسان سچ چوڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهيون. موجوده دور ڪمپيوٽرائيزيشن جو دور آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن انسان جي عقل ۽ اظهار جي قوت کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اقتصادي حالتون جيئن پوءِ تيئن سائنسي طريقن جون محتاج ٿينديون پيون وڃن. دنيا وسيع عريض هوندي سميٽبي پيئي وڃي. انهن جا اثر جيئن دنيا جي ٻئي حصي جي رهواسي کي متاثر ڪن ٿا تيئن هو سنڌو ماتر جي ماڻهوءَ تي به پنهنجو اثر ڇڏين ٿا. جنهن ۾ پراڻا سماجي قدر اسان کي ٽٽندا نظر اچن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ انفس ۽ آفاق جي ڳالهه اڄ جي ماڻهوءَ کي مطمئن ڪري اهو ناممڪن نه پر مشڪل ضرور آهي. خارجي حالتن جو اثر عام ماڻهوءَ جي زندگي ۽ سوچ تي پنهنجي گهري ڇاپ ڇڏي ٿو. اهڙيءَ صورت ۾ لطيف جي فلسفي جي دائميت واري پهلو کي ڪيئن بيان ڪجي. جيڪڏهن ان کي صرف حقيقت ۽ مجاز، ظاهر ۽ باطن، پيرن ۽ روايتن ۾ بيان ڪيو ويو ته اڄ جو ماڻهو ان کي هرگز تسليم نه ڪندو. بجاءِ ان جي هو زندگي جي ضرورتن ۽ سماجي مشڪلاتن جي حل جي صورت ۾ ان کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ گهري ٿو. اسان جي علمي وڏائپ ۽ ان جا لاها چاڙها پنهنجي جاءِ تي ليڪن سماجي شعور جي لحاظ کان ڳالهه جو رخ ٻئي طرف وڃي ٿو. جيڪو سماجي حقيقت پسندي گهري ٿو ۽ اسان ان جي اظهار کان ڪيٻايون ٿا. جيڪا اسان جي ذهني ڪمزوري آهي. جيڪا ان ڏاڏائي جي پيداوار آهي جنهن ۾ سنڌي سماج سوين سالن کان پيڙهبو رهيو آهي.

”قومون انسانيت جي دولت آهن ۽ انسانيت قومن جو معراج آهي. قومن جي دل جي ڌڙڪي سان دور جي زندگي وابسته آهي. دنيا ۾ جڏهين به ڪنهن قوم جي دل جي ڌڙڪي کي دٻايو ويو آهي، ته اها پنهنجي يا ته يادداشت وڃائي ويهي ٿي يا وري ان جو سماجي ۽ روحاني اتحاد ختم ٿي وڃي ٿو. جنهن سان ان دور ۾ شر وجود وٺي ٿو. خير جي عدم موجودگيءَ سبب قوم جا فرد ۽ طبقا هڪ ٻئي کي سمجهڻ کان قاصر رهن ٿا. جيڪا ”صُم، بُڪمٌ، عَميٌ“ جي ڪيفيت آهي. جنهن جو لاڳيتو عمل ان دور ۾ گونگي نسل کي وجود ڏئي ٿو. جيڪو پنهنجي باري ۾ توڙي ان عهد جي سلسلي ۾ پنهجي پوين کي ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌائڻ ڪان سواءِ مري وڃي ٿو“. هاڻي اهو اسان تي ڇڏيل آهي ته لطيف جهڙي عظيم انسان جي پيغام ۽ تعليم هوندي اسان ان تي عمل ڪريون يا ماٺ ڪري ويهون ۽ جيئن آهي ۽ جيئن ٿئي پيو ان تي شڪر ڪريون. لطيف اهڙي دور جي حالتن لاءِ نه صبر جو قائل آهي نه وري شڪر جو: پاڻ فرمائي ٿو ته:

”صبر ۽ شڪر ڪي، ڪاڏي آئون ڪندي“.

جو ته: ”بري هن پنيور ۾، دوزخ جو دونهون“ آهي. پاڻ ان ڪي ماڻو ۽ تڏو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ سنڌو ماتر جو ماڻهو سندن تعليم جي روشنيءَ ۾ هن بري پنيور ڪي پنهون جي پور سان اجارڻ لاءِ ڪوشان آهي. هو تاريخ ۾ گونگي نسل جو قائل نه آهي ڇو ته لطيف جي راڻي جي جيڪا روءِ ۽ جوءِ آهي، اهو هر همير جي دور ۾ ڪڏهن به نه هيبيو آهي. ۽ نه وري ڳل تي ڳوڙهو آندو اٿس، ڇو ته سوڊو اها ڳالهه سکيوئي نه آهي:

جڳ جيئن چوءِ، سوڊو تيئن نه سکيو،
راڻو، ايئن نه روءِ، جيئن ڳوڙهو ڳل پوي.
(شاهه رحه).

سنڌو ماتر جو ماڻهو پنهنجي سماجي اڏاوت لاءِ لطيف کي رهبر تصور ڪري ٿو ۽ قوم جي وجود جي بقاءَ لاءِ سيني ٻنڌڻن کي هڪ ئي ڇرڪ سان ڇنيو ڇڏي:

نو نير، ڏه ڏانوڻ، پندرهن پيند پياس،
جڏهن سڄڻ ياد پياس، ڇرڪ ڇنائين هيڪڙي.
(شاهه رحه).

منهنجي خيال ۾ ”موجوده دور ۾ شاه لطيف جي اهميت“ ان ڪان وڌيڪ ٻي ٿي نٿي سگهي ته خدا ۽ رسول ڪان پوءِ شاه لطيف جو فلسفهءِ حيات ئي آهي جنهن جي بنياد تي هيءَ قوم زنده رهندي آئي آهي ۽ زنده رهندي ايندي. ڇاڪاڻ ته لطيف حق ۽ سچ جو ساٿي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
(مترجم: اسد الله شاه حسيني)
(ادبي ڪانفرنس ١٩٥٩ع)

# شاهه عبداللطيف رحه
# راڳ ۾ هڪ نئين تحريڪ جو باني

هڪ عظيم شاعر جي حيثيت ۾ شاه عبداللطيف جي همه گير شهرت، موسيقيءَ ۾ سندس مهارت کي قدري جهڪو ڪري ڇڏيو. حقيقت ۾، شاه جي فن ۾ "شعر" ۽ "موسيقي" ٻئي مترادف شيون آهن. سندس شعر، لفظن جي شڪل ۾ موسيقي آهي. هو ساڳي وقت شاعر به آهي ته موسيقار به. اهو "شاعر" ۽ "موسيقار" جو باهمي رشتو سندس اعليٰ شاعريءَ جي نظام ۾ جا بجا آشڪار آهي. ازانسواءِ سندس شعر جي مضمونن توڙي سندس قائم ڪيل "راڳ جي اداري" مان پوريءَ طرح ثابت ٿئي ٿو ته شاه عبداللطيف راڳ جي هڪ نئين تحريڪ جو باني مباني هو.

امير خسرو هندستاني موسيقيءَ ۾ جيڪو نظري ۽ عملي انقلاب آندو، انهيءَ کان پوءِ شاه عبداللطيف ئي موسيقيءَ جي نشاط ثاني جو بي نظير باني آهي. شاه عبدالطيف جو موسيقيءَ جي دنيا ۾ جيڪو ڪارنامو آهي، انهيءَ کي صحيح نموني ۾ سمجهڻ لاءِ اسان کي سندس پيشرو امير خسرو (١٢٥٥ - ١٣٥٠ع) جي موسيقيءَ ۾ رائج ڪيل تحريڪ تي نظر وجهڻي پوندي.

پڪي لکيل همعصر رڪارڊ يا گهري تحقيق جي غير موجودگيءَ ۾، امير خسرو جي سنگيت ۾ ڪيل نئين ايجاد، توڙي ان ڏس ۾ سندس يگانه حيثيت کي صحيح نموني ۾ سمجهڻ يا سمجهائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

البت مشڪل آهي. هن عربي ۽ ايراني موسيقيءَ جي نظام ۾ ديسي هندستاني موسيقيءَ جي روايت کي پاڻ ۾ ملايو، ۽ نه رڳو نظرياتي پيچ گهڙ ڪيائين پر نون سُرن، تالن، لئين، راڳڻين ۽ نئين طرز ادا جو عملاً مظاهرو ڪري ڏيکاريائين، جنهنڪري ئي نئين "هندستاني راڳ" جلدئي هڪ مخصوص علمي رنگ حاصل ڪيو. يعني ته مندرن ۽ مذهبي رسمن تائين محدود هئڻ يا ڪن لکتين ۾ نظرياتي حيثيت ۾ قلمبند هئڻ جي بجاءِ "هندستاني راڳ" هاڻي هڪ زنده جاويد فن بنجي پيو. موسيقيءَ جي ٻن روايتن کي هڪ قالب ۾ ڳنڍڻ وارو امير خسرو جو اهو ڪارنامو اعليٰ فن (High Art) جي دائري ۾ هو. يعني ته هن ٻن ڪلاسيڪي موسيقين جي بنيادي شڪلين ۽ اصولن کي نئين سر سموهي ڪين "هندستاني موسيقي" جي نئين شڪل ۾ همنوا بنايو. "ڪلاسيڪي موسيقي جي اعليٰ فن" جي دائري کان ٻاهر، امير خسرو "قوالي" جي طرز ايجاد ڪئي، جنهن کي منقبتن ۽ مداحن ڳائڻ جو ذريعو بنايو ويو.

امير خسرو کان تقريباً چار سؤ سال پوءِ شاه عبداللطيف ميدان تي آيو. هو امير خسرو وانگيان وڏو شاعر ۽ صوفي هو. هو هڪ محب وطن هو، جنهن عوامي زبان (سنڌي) کي ئي پنهنجي فڪر جي ترجماني جو ذريعو بنايو، حالانڪ فارسي انهيءَ وقت ۾ پڻ درٻاري زبان هئي. امير خسرو جيتوڻيڪ فارسي استعمال ڪئي، پر انهيءَ سان گڏوگڏ هن ڀاشا (عوامي زبان) کان پڻ ڪم ورتو ۽ ديسي محاورن کي استعمال ڪرڻ ۾ جڻ خوشي ٿي محسوس ڪيائين. امير خسرو وانگيان شاه عبداللطيف به موسيقيءَ جي ميدان ۾ هڪ نئين تحريڪ جو باني بنيو.

معلوم ٿو ٿئي ته شاه عبداللطيف کي هندستاني موسيقيءَ جي بنيادي اصولن توڙي روايات جي پوري پروڙ هئي. سنڌ جو قديم تخت گاه ٺٽو، مغليه دور جي شروعات کان وني راڳ ۽ راڳيندڙن جو مرڪز هو. هندستان ۾ شهنشاه اڪبر ۽ سنڌ ۾ ترخانن جي دور ۾، موسيقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايتري قدر تہ مقبول عام ٿي چڪي هئي جو هڪ معتبر روايت موجب نٿي جي هر گهر مان سريلا آلاپ ۽ پکواز جا ٻول گونجندا هئا. اها رسم غالباً شاه صاحب جي زماني تائين جاري رهي، ڇاڪاڻ جو نٿي جي نواب جي دربار، دهليءَ ۾ ايجاد ٿيل موسيقي جي نين طرزن ۽ نئين مذاق جو گهوارو رهندي پئي آئي. هندستاني موسيقيءَ جي روايت امير خسرو جي زماني کان وٺي ترقي ڪندي ڪندي مغليہ دور ۾ عروج تي پهتي. مگر مغليہ شان شوڪت جي زوال سان گڏ موسيقيءَ جي زوال جي پڻ ابتدا ٿي. شاه عبداللطيف، محمد شاه (١٧١٩ - ١٧٤٨ع) جو دؤر ڏٺو. محمد شاه جي دربار ۾ راڳ جي مصنوعي طرزن ۽ تکسات، پراڻين زوردار ۽ مشڪل طرزن جي جاءِ والاري. انهيءَ دور ۾ ويندي صوفي راڳ پڻ قواليءَ جي فرسودي طرز تائين محدود رهجي ويو.

اهي هيون حالتون جن ۾ شاه عبداللطيف هيٺين ٻن مکيہ مقصدن خاطر موسيقيءَ جي نئين تحريڪ جي شروعات ڪئي.

اول تہ "هندستاني موسيقي" جي عربي - ايراني اصليت کي قائم رکڻ ۽ اصلي راڳن کي جيارڻ، جن تي انهيءَ موسيقيءَ جي واڌاري ۽ وسعت جو مدار هو، ۽ پوئين مصنوعي رنگ کي، جنهن موسيقيءَ جي واڌاري ۽ سڌاري کي ڪاپاري ڌڪ هنيو هو، تنهن کي ميٽڻ.

ٻيو تہ هندوستاني موسيقيءَ جي ڪلاسيڪي روايت جيڪا ذري گهٽ موت جي دروازي تي پهچي چڪي هئي، ان ۾ ٻاهرين ملڪن جي راڳن راڳڻين جي داخل ڪرڻ بدران ماڻهن جي پنهنجي عام ديسي نغمن جي پيوند سان نئين زندگي آڻڻ.

شاه عبداللطيف "موسيقي" جي انهيءَ نئين تحريڪ کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ سن ١٧٤٢ع ڌاري جڏهن هن ڀٽ تي هميشہ لاءِ سکونت اختيار ڪئي، تڏهن هڪ مستقل "راڳ جو ادارو" قائم ڪيو. ان سلسلي ۾ پاڻ هڪ نئون ساز ايجاد ڪيائين ۽ پنهنجي فقيرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هڪ گروه کي پنهنجي موسيقي پيريل شعر کي نئين طرز سان ڳائڻ جي تربيت ڏنائين. جنهن موجب سندس ڪلام کي مختلف موضوعن جي لحاظ سان جدا جدا سُرن ۾ ڳايو ويو ۽ انهيءَ ڪري مختلف موضوعن بابت سندس بيتن ۽ واين لاءِ اِهي ”موسيقيءَ جا سُر“ ٿي باب بنجي ويا. هر ”سُر“ هيٺ آيل ڪلام کي مخصوص لئي ۽ راڳڻيءَ ۾ ڳايو ويو. ۽ هر سُر کي انهيءَ لئي يا راڳڻي جي نالي سان ٿي سڏيو ويو. سڪون ۽ اطمينان سان راڳ مان حظ حاصل ڪرڻ لاءِ راڳ جي مجلس رات جو سومهڻيءَ کان وٺي فجر نماز تائين مقرر ڪئي وئي.

شاه پنهنجي زندگيءَ جي ايندڙ ڏهن سالن ۾ موسيقيءَ جي هن نئين اداري ۽ طرز ادائگيءَ کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ اداري کي تمر فقير جي رهبري هيٺ، تربيت يافته ڳائڻن فقيرن جي جماعت جي حوالي ڪيو. شاه عبداللطيف جي وفات (۱۷۵۲ع) کان پوءِ، هر جمعي رات کي ”شاه جي راڳ“ ڳائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو ۽ اهو سلسلو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. سنڌ جي علاقائي موسيقي کي زنده ڪرڻ ۾ انهيءَ اداري جو وڏو هٿ هو. علاقائي موسيقيءَ تي انهيءَ اداري جي اثر توڙي ان جي عملي تسلسل مان اسين ان نئين موسيقيءَ تحريڪ جي نوعيت توڙي مقصد ۽ مفهوم جو مطالعو ڪري سگهون ٿا. جنهن جي شاه صاحب بناءِ وڌي.

### نئون ساز

شاه عبداللطيف نئينءَ موسيقيءَ لاءِ سڀ کان پهريائين هڪ نئون ساز ايجاد ڪيو جنهن کي ”طنبوري“ جو نالو ڏنائين. طنبوري جو انتخاب، هندستاني موسيقيءَ جي روايت مطابق هو. ”طنبور“ در اصل مصر ۾ ايجاد ڪيو ويو جتان مشرق وسطيٰ ۽ ايران ۾ پهتو ۽ اتان وري هن برصغير ۾ رائج ٿيو. آڳاٽا عرب موسيقار جيڪو ساز استعمال ڪندا هئا ان ۾ چار تارون هونديون هيون. ساڳيءَ ريت هن برصغير جو

"طنبور" ۽ "چوتار" ٿي رهندو آيو؛ پر شاھ عبداللطيف پنهنجي نئين "طنبوري" ۾ پنجين تار ٻہ ٻڌي. هن نئين طنبوري جي ستاء هن طرح قائم ڪئي ويئي جو ان جون پنج تارون هيٺين ريت آواز ڏيڻ لڳيون. هڪ چيڙي ڪان ٻاهرين تار "مڌ سپتڪ" جي "پنچم" جو سُر ڏيڻ لڳي؛ انهيءَ تار کي "زبان" سڏيو ويو يعني تہ اها تار هن نئين طنبوري جي زبان بني، جيڪا هر نئين راڳڻي ڇيڙڻ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳي. هن ستاء موجب "کرج" جي بدران "پنچم" هن نئين راڳ ۾ ڇڻ تہ بنيادي سُر بنيو. هيءُ اصول "عربي - ايراني" راڳ جي روايت مطابق هو ۽ اڄان تائين ٻہ عربي ۽ ايراني نغمان مٿين لئي ۾ ڳايا وڃن ٿا. طنبوري جي باقي چئن تارن جي ستاء ٻئي ڇيڙي ڪان هن طرح قائم ٿي: ٻئي ڇيڙي ڪان - پهرين تار کي بلوچستاني "دنبوري" جي ستاء موجب، گهور، سڏيو ويو، اها تار "مندرسپتڪ" جي "سا" تي قائم ڪئي ويئي. ٻيءَ تار ۽ ٽينءَ تار، انهن ٻنهي کي "جاڙيون" سڏيو ويو ۽ اهي "مڌسپتڪ" جي "سا" تي قائم ڪيون ويون. چوٿين تار "زبان" جي ٻر واري کي ٽيپ سڏيو ويو ۽ اها تار سپتڪ جي "سا" تي قائم ڪئي وئي. اها "زبان" جي ٻر واري تار جيڪا ٻين عام "طنبورن" ۾ ڪانہ ٿي ملي، سا شاھ صاحب وڌائي.

ٻيو تہ هي نئون طنبورو دف جو بہ ڪم ڏيڻ لڳو. جڏهن راڳ شروع ٿو ٿئي تڏهن شروع ۾ ئي طنبوري تي نئين راڳڻي کي ڇيڙيو ويندو آهي. داستان جي بيتن کان پوءِ جڏهن "وائي" شروع ڪئي ويندي آهي، تڏهن راڳيندڙ پنهنجي ساڄي هٿ جي ضرب سان طنبوري مان گهربل "تال"جو ڪم وٺندو آهي. شاھ صاحب جو مقصد "تال" جي منجهيل فن کي آسان ڪرڻ هو. انهيءَ ڪري پاڻ فقط ٻہ بنيادي "تال" تجويز ڪيائين جن کي "ڏيڍي" ۽ "دوتالي" سڏيائين. انهن ٻن تالن جي ضربن تي ئي سندس راڳ جون سڀ راڳڻيون ڳايون ويون. ازانسواءِ شاھ صاحب پنهنجي طنبوري ذريعي هڪ سولو تار "ڇيڙ" بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايجاد ڪيو. جنهن تي ڪن خاص سرن جي واين کي "روايتي تال" جي قيد و بند کان سواءِ ڳايو ويو. انهيءَ طريقي کي هن نئين اصول موجب رائج ڪيو ويو تہ آلاپ ڪنهن خارجي تال جي ضربن جي بند ۾ گهيريل نہ رهي، بلڪ راڳ جي اندروني لئي سان هم آهنگ ٿئي. هن اصول جو ذڪر اسان کي پيٽائي صاحب جي ترتيب ڏنل "صوتي موسيقي" ڏانهن متوجہ ڪري ٿو.

## صوتي موسيقيءَ جي نوعيت

شاه صاحب موسيقيءَ جي هن نئين اداري ذريعي سُرن ۽ راڳن جي نوعيت ۽ نظام بابت ڪهڙا نوان نقطا ايجاد ڪيا، ان کي سمجهڻ لاءِ ڪافي تحقيق جي ضرورت آهي. شاه جي رسالي ۾ سُرن جي نالن سان راڳڻين جي درج ٿيل انتخاب جي مطالعي توڙي "شاه جي راڳ" کي جنهن نموني سان ڳايو وڃي ٿو، ان جي جائزي مان اسين هيٺين نتيجن تي پهچون ٿا.

١- راڳ جي هن نئين اداري هيٺ نئين طرز ادا لاءِ جملي ڇٽيهہ راڳڻيون چونڊيون ويون، جن مان ٽيهہ راڳڻيون فقط شاه جي پنهنجي شعر لاءِ ۽ باقي ڇهہ ٻين شعرن لاءِ مخصوص ڪيون ويون. ڇٽيهن راڳڻين جي انتخاب مان ظاهر آهي تہ شاه صاحب ڇهن راڳن ۽ ڇٽيهن راڳڻين جي قديم روايت کي برقرار رکڻ ٿي چاهيو.

٢- اصلوڪي "عربي - ايراني موسيقيءَ" جي روايت ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ لاءِ شاه صاحب انهن چونڊ ڇٽيهن راڳڻين ۾ "يمن" ۽ "حسيني" نغمن کي شامل ڪيو. عربي موسيقيءَ جي نظام موجب، "حسيني" بنيادي ٻارهن مقامات يا نغمن منجهان هڪڙو نغمو آهي، ۽ "يمن" بہ عربي راڳ جي نظام جو جز آهي. امير خسرو، انهن ٻنهي نغمن کي، مڪمل يا جزوي طور، هندستان جي ديسي موسيقيءَ جي نغمن جي جوڙ سان نين راڳڻين ايجاد ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ استعمال ڪيو. اهڙيءَ ريت "ايمن" ۽ "ايمن ڪلياڻ"، "يمن" نغمي جي جوڙ سان پيدا ٿيا ۽ "حسيني" جو پڻ مقامي طرزن سان پيوند ڪيو ويو. امير خسرو جي "حسيني" واري پيوند مان ئي پوين استادن "حسيني ڪانرو" ۽ "حسيني توڙيءَ" جون طرزون ايجاد ڪيون. ان ڪان پوءِ شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ پهريون داناءُ هو جنهن "يمن" ۽ "حسيني" نغمن کي سندن اصلي نالن سان پنهنجي انتخاب ڪيل راڳڻين ۾ جاءِ ڏني.

٣- باقي رهيل چوٿيهن راڳڻين مان، شاه صاحب ١٧ هندستاني ڪلاسيڪي موسيقي مان ۽ ١٧ مقبول عام ديسي ڌنن مان انتخاب ڪيون. ڪلاسيڪي موسيقيءَ مان سندس انتخاب ڪيل هيٺيون راڳڻيون آهن: ١- ڪلياڻ ٢- ڪنيات (ڪماچ) ٣- سري راڳ ۴- سهڻي ۵- سارنگ ٦- ڪيڏارو (ڪدارا) ٧- ديسي ٨- سورٺ ٩- بروو هندي (ڪلاسيڪي) ١٠- بروو سنڌي ١١- رامڪلي ١٢- بلاول ١٣- آسا ١۴- ڌناسري ١۵- پوربي ١٦- ڪاموڏ ١٧- بسنت. شاه صاحب جي راڳ جي اداري هيٺ انهن راڳڻين جي ادائگيءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته پاڻ ڪلياڻ، بلاول ۽ ڪنيات (ڪماچ) کي پنهنجي اصلوڪي (شڌ) شڪل ۾ قائم رکيائين، ڇاڪاڻ ته اهي بنيادي ٺاٺ آهن جن مان ٻيون راڳڻيون پڻ نڪتل آهن. باقي ١۴ راڳڻين کي انهيءَ روپ ۾ قائم رکيو ويو، جنهن ۾ مقامي طور انهن کي ماٺهو ڳائيندا هئا. انهيءَ ڪري "شاه جي راڳ" ۾ انهن راڳڻين جي لئي سندن ڪلاسيڪي گهاڙيٽي سان مطابقت نٿي رکي.

شاه صاحب هيٺيون ١٧ راڳڻيون "عوامي موسيقيءَ" مان چونڊيون: ١- ساموندي ٢- آبري ٣- معذور ۴- ڪوهياري ۵- راڻو ٦- ڪاهوڙي ٧- رپ ٨- ليلا ٩- ڏهر ١٠- ڪاپائتي ١١- پرڀاتي ١٢- گهاتو ١٣- شينهن ڪيڏارو ١۴- مارئي ١۵- ڊول مارئي ١٦- هير ١٧-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارايل. اهي ايترين سارين راڳڻين جي عوامي موسيقيءَ مان ورتيون ويون، تن جي اصل بنياد، اهميت ۽ نوعيت جي پروڙ لاءِ گهري مطالعي جي ضرورت آهي. انهن راڳڻين مان ڪجهه اسان کان گم ٿي چڪيون آهن، ڇاڪاڻ ته پوين ٻن سَون سالن جي عرصي ۾، "شاهه جي راڳ" ڪندڙن کان اهي وسري ويون. موجوده عوامي نغمن جي هيئت به بدلجي چڪي آهي ۽ فقط هڪ نغمو "معذور" آهي جنهن کي اسان "شاهه جي راڳ" کان ٻاهر ڳولي هٿ ڪيو آهي. اهو لس ٻيلي جو ديسي نغمو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين اتي مقبول عام آهي.

"شاهه جي راڳ" هيٺ، مٿين راڳڻين جي انتخاب جي نوعيت معنيٰ خيز آهي. هندوستاني ڪلاسيڪي موسيقي ۽ عوامي موسيقيءَ مان هڪ جيترين راڳڻين جي شموليت ڏيکاري ٿي ته شاهه جو مقصد هو ته عوام جي موسيقيءَ جو معيار بلند ٿئي ۽ ان جي پائندگي ۽ ترو تازگي سان ان فرسوده ڪلاسيڪي روايت ۾ ٻڻ جان پوي، جيڪا پنهنجي دقيق فني پيچيدگين سببان پنهنجو جوهر وڃائي چڪي هئي جنهن ۾ عام ماڻهن لاءِ ڪا به جاذبيت ڪانه رهي هئي.

شاهه لطيف جي بنايل نئين موسيقي اداري ۽ تحريڪ جو سنڌ جي مقامي موسيقيءَ جي لاڙي تي گهرو اثر پيو. ڪلاسيڪي راڳڻين مان ڪلياڻ، سارنگ، ڪيڏارو، سورٺ، آسا، بلاول، ڌناسري ۽ بسنت، سنڌ ۾ نهايت مقبول ٿيا. ٻئي پاسي ڪوهياري، راڻو، ڏهر ۽ پرياتي، جن کي مقامي اهميت ۽ حيثيت حاصل هئي تن کي تمام گهڻي وسعت ملي ۽ انهن کي ساري ملڪ ۾ ڳائڻ شروع ڪيو ويو. اڄ ڪلهه "ڪوهياري" ۽ "راڻي" کي ريڊيو پاڪستان ذريعي ملڪ گير اهميت حاصل ٿي وئي آهي.

پڇاڙيءَ ۾ شاهه عبداللطيف جي هڪ ٻئي ڪارنامي جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي: جيتري قدر "صوتي موسيقيءَ" جو تعلق هو، شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف اڪيلي سر هڪ ماٿوءَ جي ڳائڻ جي بدران ٽولي جي ڳائڻ (Chorus) کي مروج ڪيو. پنجن ڇهن ڳائڻن جي گروهہ کي هيٺينءَ ريت تقسيم ڪيو ويو. گروهہ جو هڪ رڪن اڳواڻ ٿئي ۽ باقي سندس پيروي ڪن، پر جيڏيءَ مهل ”وائي“ کي ڳائيندي لئي چوٽ کي پهچي، اوڏيءَ مهل اڌ ڪن راڳيندڙ هيٺ ”ڪرج“ جا سر ۽ باقي اڌ مٿي ”نڪات“ جا سر لڳائين. انهن هيٺين ۽ مٿين آوازن جي ميلاپ ”سرن جي هم آهنگي“ (Harmony) جو اثر پيدا ڪيو جا هن برصغير جي موسيقيءَ جي تاريخ ۾ پنهنجي قسم جي پهرين ٿي ترقي هئي.

في الجملہ شاهہ عبداللطيف هڪ نئون ساز ايجاد ڪيو ۽ راڳ جي ادائگيءَ جو هڪ نئون طريقو عمل ۾ آندو. موسيقيءَ ۾ ڪلاسيڪي راڳڻين ۽ عوامي نغمن جي ميلاپ سان هڪ نئين تحريڪ جو بنياد وڌو. شاهہ صاحب جي انهيءَ تحريڪ کي زور وٺائڻ سان، يعني تہ هندستاني موسيقيءَ جي ڪلاسيڪي قالب ۾ عوامي موسيقيءَ جي پيوند لڳائڻ سان، پاڪستاني موسيقيءَ جي عملي صورت توڙي تاريخ ۾ انقلاب اچي سگهي ٿو. پاڪستان غالباً علاقائي موسيقيءَ جي لحاظ سان تمام شاهوڪار ملڪ آهي ۽ هن ميدان ۾ تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪنهن موزون ثقافتي اداري جي ضرورت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ عبدالعزيز

# سنڌي موسيقيءَ ۾ شاه جي جدت

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، نہ فقط دنيا جو عظيم شاعر هو، مگر موسيقيءَ جو بہ هڪ وڏو ڄاڻو هو، جنهن سنڌي شاعريءَ کي هڪ انوکي انداز سان پيش ڪيو ۽ سنڌي موسيقي جي بہ وسيع پيماني تي تجديد ڪئي. هن سنڌ جي رائج راڳڻين کي نئين سر جياريو. انهن ۾ سُرن جي گهٽتا وڌي ڪري انهن کي عوام ۾ مقبول بنايو. ازانسواءِ هن ڪلاسيڪي راڳڻين کي ترميم ۽ تبديل سان آسان بنائي سنڌ ۾ رائج ڪيو.

شاه لطيف جي سوانح ۽ شاعريءَ تي هن وقت تائين گهڻو ئي لکيو ويو آهي. اڪثر مضمون نگارن ۽ محققن ساڳيائي مضمون دهرايا آهن. فقط ڪي ٿورا صاحب اهڙا آهن، جن شاه تي تحقيق ڪري ان جي سوانح متعلق صحيح چند ڄاڻ ڪئي آهي. انهن ۾ سر فهرست ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نالو اچي ٿو، جنهن جا مضمون انهيءَ سلسلي ۾ نهايت ڪارائتا آهن.

شاه صاحب جي موسيقيءَ جي مهارت متعلق اسان کي محقق ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مضمون ”شاه، موسيقيءَ جي هڪ نئين تحريڪ جو باني“ مان معلومات ملي ٿي، جو هن صاحب، شاه صاحب جي ٢٠٧ ورسي تي پڙهيو هو. هيءُ پهريون ئي مضمون آهي جنهن مان شاه صاحب جي موسيقيءَ ۾ تجديد متعلق نئين ڳالهہ ملي آهي ۽ مضمون خود ايڏو جامع آهي، جو اهو آئيندي جي تحقيق متعلق بنيادي حيثيت رکندو. انهيءَ مضمون ۾ ڊاڪٽر صاحب ٻين نڪتن سان گڏ هتي بيان ڪيل نڪتي جي ڪافي وضاحت بہ ڪئي آهي تہ ”شاه صاحب سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسيقيءَ جي زمره ۾ علاقائي راڳڻين جيتريون ڪلاسيڪل راڳڻيون بہ شامل ڪيون". اسان پنهنجي هن مضمون ۾ ڊاڪٽر صاحب جي فقط انهيءَ نڪتي کي پنهنجو مرڪز بنايو آهي.

ڏنو وڃي ٿو تہ شاه صاحب ڪلاسيڪل موسيقيءَ مان جيڪي راڳڻيون ورتيون آهن، انهن ۾ ٻن قسمن جي ترميم ڪئي آهي. (١) انهن کي "اوڊو" ۽ "کاڊو" جي پيچيدگي مان ڪڍي "سمپورن" ۾ آندو، (٢) راڳڻين جي سُرن ۾ تبديلي آندي. اهوئي سبب آهي، جو هن وقت اهي راڳڻيون، جي ڪلاسيڪل موسيقيءَ ۾ هڪڙن سُرن ۾ ڳايون وڃن ٿيون تہ سنڌ ۾ وري ٻين سُرن ۾. شاه صاحب جي انهيءَ سموري نظام جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

ڪلاسيڪل راڳڻين مان شاه صاحب ڪل اٺويهہ راڳڻيون کنيون آهن: ١- ڪلياڻ، ٢- يمن ڪلياڻ، ٣- کنيات، ۴- سريراڳ، ۵- حسيني، ٦- کاموڏ، ٧- سورٺ، ٨- ڪيڏارو ٩- سارنگ، ١٠- آسا، ١١- بروو، ١٢- رامڪلي، ١٣- پوربي، ١۴- پرڀاتي، ١۵- بلاول، ١٦- سهڻي، ١٧- بسنت، ١٨- ديسي ۽ ١٩- ڏنا سري. انهن راڳڻين مان کي راڳڻيون جيئن ڪلاسيڪل موسيقيءَ ۾ جن سرن ۾ ڳايون وڃن ٿيون، انهن ئي سرن ۾ سنڌ ۾ رائج آهن، يعني شاه انهن سرن ۾ ٿوري تبديلي آندي آهي ۽ انهن مان "اوڊو" ۽ "کاڊو" ڪڍي ڪين "سمپورن" بنايو آهي، جا پڻ تمام وڏي ڳالهہ آهي، جو ڳائڻ جي اها پيچيدگي، جا عام سمجهي يا ڳائي نہ سگهي، ان کي ختم ڪري آسان ترين بنايو ويو. هيٺ جملي ڪلاسيڪي راڳڻين جي تبديلين متعلق تفصيل ڏجي ٿو.

١- **يمن:** ڪلياڻ ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي ۽ ڪلياڻ بہ ڪلياڻ ٺاٽ جي راڳڻي آهي. هي ٻئي راڳڻيون مڌم تيور جي ڪري، اثر جي لحاظ کان قدري طربيه آهن، جنهنڪري هنن راڳڻين ۾ حمد و ثنا ڪئي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢- **ڪليان:** ڪلياڻ ٺاٽ جي راڳڻي آهي. ڪلاسيڪل راڳ ۾ هن جي صورت ڀوپاليءَ سان ملي ٿي. پر انهيءَ کان الڳ ڪري ڏيکارڻ لاءِ شاه صاحب ان کي سمپورن بنائي، ان جي سموادي سر ڏيوت تي وڏيڪ زور ڏنو.

٣- **ڪنيات:** هن راڳڻيءَ جو نالو گجرات جي ڪنيات (ڪنياوت) نار تان پيل آهي، ۽ بدلجي "ڪماچ" تي ويئي. ڪماچ ٺاٽ پڻ آهي. ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ هي "کاڊو سمپورن" آهي، پر شاه صاحب ان کي بدلائي پوري ريت "سمپورن" بنائي ڇڏيو.

٤- **سري راڳ:** هيءَ راڳ ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ مکيہ راڳ جي حيثيت رکي ٿو. جنهن موجب سري راڳ، پوربي ٺاٽ ۾ "اوڊو" سمپورڻ راڳ آهي. رکب ۽ ڏيوت ڪومل، ۽ ٻيا سر تيور اٿس. آروهي ۾ گنڌار ۽ ڏيوت ورج ۽ وادي رکب ۽ سموادي پنچم اٿس. ليڪن شاهہ صاحب ان جي دقيق صورت بدلائي، ڪماچ ٺاٽ ۾ آندو، ۽ رکب کي بدلائي ڪماچ ٺاٽ ۾ مقرر ڪري ڇڏيو. هيءَ راڳڻي ڳائڻ جي صورت ۾ نٽ نارائڻ سان ملي ٿي.

٥- **ڪاموڏ:** هيءَ راڳڻي ڪلاسيڪي موسيقيءَ موجب ڪلياڻ ٺاٽ جي کاڊو سمپورن مان آهي. آروهي ۾ گنڌار ڪونہ لڳي. هن ۾ نکاد تيور لڳندو آهي. شاه صاحب انهيءَ ۾ ڀي ڪابہ تبديلي نہ آندي، وڏيڪ خوبصورت ڪرڻ لاءِ ٻئي نکاد لڳايا.

٦- **سورٺ:** هي راڳڻي بہ ڪلاسيڪي موسيقي موجب ڪماچ ٺاٽ جي اوڊو کاڊو راڳ مان آهي. آروهي ۾ گنڌار ۽ ڏيوت ۽ امروهي ۾ گنڌار ڪونہ لڳن. شاه صاحب ان جي دقيق گائڪي کان بچڻ ۽ وڏيڪ خوبصورت بنائڻ لاءِ ان کي اوڊو سمپورن بنايو ۽ ٻئي نکادون لڳايون. ڪلاسيڪي موسيقي موجب سورٺ کي ديس کان جدا ڏيکارڻ لاءِ هيٺين سپتڪ جي نکاد تي زور ڏنو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن جي برعڪس شاه صاحب وچين سپتڪ جي نڪاد تي زور ڏيئي ان کي الڳ ڪري ڏيکاريو.

۷- **ڪيڏارو:** ڪلاسيڪي موسيقي ۾ ”ڪيدار“ جي نالي سان ڪلياڻ ٺاٺ ۾ اوڊو سمپورن راڳڻي آهي، جيڪا شاه صاحب ٻين راڳڻين سان گڏ سنڌي موسيقيءَ ۾ آندي. آروهي ۾ رکب ۽ گنڌار ورج آهن، پر شاه صاحب انهيءَ کي سمپورن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

۸- **آسا:** ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ کماج ٺاٺ جي راڳڻي آهي، اسان وٽ ساڳيءَ صورت ۾ آندي ويئي آهي.

۹- **بروو:** هي راڳڻي به ڪلاسيڪي موسيقي مان آندي وئي آهي، جنهن موجب ڪافي ٺاٺ ۾ اوڊو سمپورن آهي. وادي ڪرج ۽ سموادي پنچم اٿس، پر شاه صاحب ان کي سمپورن بنائي وڏيڪ آسان ڪري ڇڏيو.

۱۰- **رامڪلي:** ڪلاسيڪل موسيقيءَ ۾ هيءَ راڳڻي ڀيرو ٺاٺ ۾ اوڊو سمپورن آهي (آروهي ۾ ”ما“ ۽ ”ني“ ورج)، وادي رکب ۽ سموادي ڌيوت اٿس. سنڌي سنگيت ۾ آڻڻ لاءِ شاه صاحب ان جا ٻئي ورج سر ختم ڪري سمپورن بنائي ڇڏيو.

۱۱- **پوربي:** پوربي ٺاٺ جي هيءَ مشهور راڳڻي ساڳيءَ صورت ۾ رکي ويئي ۽ شاه صاحب ان ۾ ڪابه تبديلي نه ڪئي.

۱۲- **پرياتي:** ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ هيءَ راڳڻي ڀيرو راڳ جي ڀارج آهي. ليڪن سرن وارن تقسيم موجب بلاول ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي، چيڙ ۾ ديسڪار سان مشابهه آهي. شاهه صاحب هن ۾ ڪا تبديلي نه ڪئي.

۱۳- **حسيني:** هن راڳ کي سنڌي موسيقي ۾ آڻڻ جو مقصد عربي موسيقي کي سنڌ ۾ رائج ڪرڻ جو هو. هن ۾ فني طور شاه صاحب ڪابه تبديلي نه ڪري، سندس اصلي صورت ۾ قائم رکيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن ڪري ان جي گائڪي ۾ ساڳئي عربي اصول موجب ٽيپ اَستان ڪان رکي ويئي آهي. سندس صورت ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي ڪماچ سان ملي ٿي. وادي رکب ۽ سموادي ڌيوت آهي.

ٻيون جيڪي راڳڻيون ڪلاسيڪي موسيقيءَ مان شاه صاحب سنڌي سنگيت ۾ آنديون، انهن ۾ بلاول، بسنت، ديسي ۽ ڌناسري راڳڻين ڪي بنا ڪنهن تبديليءَ جي آندو.

انهن راڳڻين کان علاوه شاه صاحب خالص سنڌي راڳڻين ڪي ٻه غالباً نئين سر فني صورت ڏني هوندي. ڇاڪاڻ ته تازو محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب، معذور راڳڻيءَ بابت پنهنجي معلومات ٻڌائي آهي ته: اها راڳڻي اڄان تائين لس ٻيلي ۾ "معذور" جي نالي سان رائج آهي. يقيناً ان جا سر، موجوده معذور کان الڳ هوندا. علائقائي راڳڻين ۾ ساموندي، آبري، معذور، ڪوهياري، راڻو، ليلا، مارئي، گهاتو، رپ، ڪاموڙي، ڪاپائتي، ڪارايل، ڏهر، اڇي وڄن ٿيون. ممڪن آهي ته انهن راڳڻين کان سواءِ ٻيون ٻه ڪي راڳڻيون هجن، جي آهستي آهستي فنا ٿي ويون هجن.

"تحفة الڪرام" جو مصنف آڳاٽن درويشن جي راڳ ۽ سماع جي محفلن جو ذڪر ڪندي "سر سوندر" جو نالو کڻي ٿو، ۽ وڌيڪ لکي ٿو ته اهو جنهن شهر ۾ ڳايو ويندو هو، اهو شهر انهيءَ نالي سان ئي سڏجڻ ۾ آيو. جنسي اقتباس هن طرح آهي.

"سوندا شهر جي نالي جو سبب هيءُ آهي ته هن تڪر تي هڪ ڪامل فقير رهندو هو، جو سر سوندر جي راڳ تي ڏاڍو مهربان ٿيندو هو ۽ خوش ٿي محتاجن جون حاجتون پوريون ڪندو هو. تنهنڪري عام ماڻهن جي زبان تي هيءُ تڪر انهيءَ راڳ جي نالي سان مشهور ٿي ويو. ڇام تماچيءَ هن شهر جو بنياد رکيو ته ٻه اهوئي نالو ڏنائينس. بعد ۾ "ر" اکر اچارڻ جي بدران ان جي تخفيف ڪري سوندا چوڻ لڳا" (تحفة الڪرام ص ۴۰۴).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿين مثالن مان ظاهر آهي تہ علاقائي راڳڻيون بہ شاہ صاحب کان اڳ رائج هيون، پر انهن جي صورت ڪهڙي هئي، انهن ۾ سر ڪهڙا هئا؟ سا اسان کي خبر ڪانهي. پر ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ انهن راڳڻين ۾ شاہ صاحب ڪافي ترميم ڪئي آهي. بهرحال ڪجهہ بہ هجي، هيٺ انهن علاقائي راڳڻين جي صورت پڻ ڏجي ٿي.

١- **معذور:** هيءَ راڳڻي سرن جي لحاظ کان بلاول ٺاٺ (سڀ سُر شڌ) مان معلوم ٿئي ٿي. مگر ساڳئي ۾ نڪاد ڪومل بہ لڳايو ويندو آهي. هن جو ڪجهہ ميلاپ بلاول ٺاٺ جي درگا راڳڻي سان بہ ٿئي ٿو. هن جو وادي رکب ۽ سموادي گنڌار آهي.

٢- **ڪوهياري:** هيءَ راڳڻي، گائڪي ۾ بلاول ٺاٺ (سڀ سُر شڌ) سان لڳي ٿي، پر امروهي ۾ نڪاد ڪومل لڳڻ ڪري ڪماچ ٺاٺ ٿيو وڃي، ليڪن وادي ۽ سموادي سرن جي ڪسوٽي سان لڳائجي ٿي تہ هن ۾ مڌم وادي ۽ کرج سموادي معلوم ٿئي ٿي، جو ڪماچ ٺاٺ مان نٿو ٿي سگهي. هن جي ڀيٽ آسا سان ڪري سگهجي ٿي، پر آسا جو زور هيٺئين سپتڪ تي بہ هوندو آهي پر هن ۾ ائين نہ آهي.

٣- **راڻو:** هيءَ راڳڻي ڪافي ٺاٺ مان آهي، وادي ۽ سموادي گنڌار ۽ نڪاد اٿس.

٤- **مارئي:** مارئيءَ نالي سان سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪنهن راڳڻيءَ جو پتو نٿو پوي. پر هينئر ان جي گائڪي مانجهہ، ڀيروي ۽ پهاڙيءَ ۾ ڪئي ويندي آهي. مانجهہ ڪلاسيڪي سنگيت ۾ بہ آهي، ۽ انهيءَ ئي صورت سان اسان وٽ مروج آهي. مانجهہ ڪماچ ٺاٺ ۾ سمپورن راڳڻي آهي. صورت ڪجهہ ڪوهياريءَ جهڙي اٿس پر ڪوهياري ۾ مڌم ۽ نڪاد تي زور ڏنو ويندو آهي. سنڌي مانجهہ ۾ رکب ۽ ڌيوت تي گهڻو زور هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵- **ڪارايل:** شـاه صـاحب جي هن داسـتـان ۾ محـبـوب جي ملڻ لاءِ بيـچيني ۽ انتظار ڏيکاريل آهي. انهيءَ تاثر ظاهر ڪرڻ لاءِ ان کي ڪليـاڻ ٺـاٺ جا سُر لڳايا ويا آهن. هيءَ راڳڻي شڌ ڪيدارا سـان ملي ٿي. ڳائڻ جي مهل شام آهي، پر ڪليـاڻ کان اڳ ڳائبي آهي. ڪارايل جو ڪلام ڀيروي ۾ پڻ ڳايو ويندو آهي.

٦- **سامونڊي:** خالص سنڌي راڳڻين مـان هيءَ بہ هڪ راڳڻي آهي. هن جي صورت بلاول ٺاٺ مان معلوم ٿي ٿئي. اُترانگ جو راڳ آهي ۽ سندس صورت مڌم استـان جي پنچم کـان وٺي ٽيپ استـان جي مڌم تائين گهڻو واضح ٿي وڃي ٿي.

٧- **سهڻي:** هن راڳڻيءَ جي ڳـائڪيءَ تي اختـلاف رهيـو آهي. سـهـڻي ڪلاسيـڪي سنگيت جي راڳڻي آهي، جا ماروا ٺـاٺ ۾ اوڊو کـاڊو آهي ۽ تار اسـتـــان جو راڳ آهي. ڪي ڳائـڻـا هن کي انهيءَ طرح ڳائيندا آهن. سنڌ ۾ عـمـوماً جنهن سُر ۾ ڳائبي آهي، اُهو ڪمـاچ ٺـاٺ مـان ظاهر ٿئي ٿو، جنهن جو وادي ۽ سموادي کرج ۽ پنچم آهي. هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ شاه صاحب ڪلاسيڪي سنگيت جي پيچيدگيءَ کان بچائڻ لاءِ هيءَ ترميم ڪئي آهي.

٨- **ڪاموڙي:** هن سُر جي ڪـابہ راڳڻي اڃا مـعلوم نہ ٿـي سگهي آهي، ممڪن آهي تہ استعمـال نہ ٿيڻ سبب ختم ٿي ويئي هجي. ڪاموڙي جو ڪـلام ڀـيرو ٺـاٺ جي جوڳيـا راڳـڻي ۽ تلنگ ۾ ڳايو ويـندو آهي.

٩- **آبري:** سسئي پنهونءَ جي داستان متعلق معذور ۽ ڪوهياري کان علاوه آبريءَ ۾ بہ شاه صاحب جو ڪلام آهي، جنهن جي ڳـائڪي عموماً ڪوهياري ۾ ڪئي ويندي آهي. پر دراصل آبري پنهنجي سر هڪ الڳ راڳڻي آهي، جا بلاول ٺـاٺ مـان مـعلوم ٿـئي ٿي ۽ ٽيپ استان جي راڳڻي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٠- **ليلا:** هن جا سر ڀيرو ناٽ جي جوڳيا راڳڻيءَ سان ملن ٿا، ليڪن سرن جي ڪسوٽي تي هڻڻ سان للت مان معلوم ٿئي ٿي. سندس وادي ڪرج ۽ سموادي مڌم سر آهن.

١١- **رپ:** هن سر جي ڪلام جي ڳائڪيءَ موجب هن جا سُر ڪارايل سان ملن ٿا، جيڪي ڪيدارا راڳ جي سُرن مان آهن.

مٿي ذڪر ڪيل راڳڻين جي سرن قائم ڪرڻ ۾ شاه صاحب جي موسيقيءَ متعلق اندازو ٿي وڃي ٿو ته پاڻ جتي شاعريءَ ۾ آفاقيت حاصل ڪئي هئائين، اتي موسيقيءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو. انهيءَ دور ۾، جڏهن هندستاني ڪلاسيڪي موسيقي سڄي ملڪ تي اثر ڄمائي چڪي هئي، تڏهن هن علاقائي موسيقيءَ کي جيارڻ ۽ زنده رکڻ ۾ جا ڪوشش ڪئي، سا ناقابل فراموش خدمت آهي. سنڌي موسيقيءَ جو موجوده نظام سندس ئي غور، فڪر ۽ دانائيءَ جو زنده مثال آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر قاضي محمد علي

# موسيقي

موسيقيءَ جو شمار فنون لطيفه ۾ آهي، ۽ فنون لطيفه مان مراد اُهي فن آهن، جن سان دل ۾ لطافت پيدا ٿئي، ۽ ان سان گڏ هر فن جي قدر شناسي جي قوت پڻ پيدا ٿئي: ڇاڪاڻ ته انهيءَ سان فنڪار جي لاءِ ترغيب ۽ فن جي لاءِ ترقيءَ جا امڪان وڌي وڃن ٿا. دل يعني جذبات جي مرڪز کي لطيف بڻائڻ سان انسان شوخي - فڪر ۽ سختي، عمل جي رجحانات کي اعتدال ۾ رکڻ جي قابل بنجي وڃي ٿو. موسيقي ماڻهو جي قلب مان ڪثافت کي ڪمزور ڪريو ڇڏي، ۽ انهيءَ جي جاءِ تي رقت ۽ رجوع جا اسباب فراهم ڪري ٿي. هڪ فنڪار جي ساز جو آواز، هن جي سوز جو آواز سمجهڻ گهرجي، جيڪو دل جي گهراين مان پيدا ٿئي ٿو، ۽ دل جي گهراين تائين پهچي ٿو. البت انهيءَ تاثير لاءِ موسيقي جي محفل جي فضا، ۽ سامعين جي سيرت بنيادي حيثيت رکن ٿا. شيخ سعدي عليه الرحمة فرمايو آهي:

بگويم سماع اي برادر ڪه چيست،
اگر مُتَمع را دانم ڪه ڪيست.

رقيق القلب ٿيڻ، جيڪو موسيقيءَ جو مقصد آهي، معاشرتي زندگي ۾ بلڪل اهم آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ سان انسان هڪٻئي جي زاويه نگاه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ۽ اصلاحي ڪم ڪري سگهي ٿو. سورة آل عمران ۾ ارشاد آهي: ”فبما رحمتٍ من الله لنت لهم ولو ڪنت فظاً غليظ القلب لانفضوا من حولڪَ“. مذڪوره آيت جي روشنيءَ ۾ انساني معاشري ۾ نرم دليءَ جي وصف سان موصوف ٿيڻ هر فرد.لاءِ فائدي مند بلڪ ضروري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائناتي زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ انسان جي سامهون اهڙا منظر ۽ موقعا اچن ٿا، جن سان هن جي دل ۾ اضطراب، پريشاني، انتشار فڪر، ۽ منفي ۽ مثبت رجحانات پيدا ٿي وڃن ٿا. اهڙين حالتن ۾ سڪون ۽ صبر ئي هن جو علاج آهن، جيڪي رجوع اِلي الله جي بغير مشڪل آهن. سماع ۾ ڪن حالتن ۾ ۽ ڪنهن حد تائين اهو اثر بيشڪ موجود رهي ٿو.

امام غزالي رحمة الله عليه، اِحياءُ علوم الدين ۾ لکي ٿو: ”وان قرعت اسماعهم نغمة سبقت الي المحبوب سرائر هم و ان ورد عليهم صوتُ مزعج او مقلق او مطرب او محزن او صبهج او مشوق او مهيج لم يكن انزعاجهم الا اليه و لا طربهم الا به و لا قلقهم الا عليه ولا حزنهم الا فيه (۱)“. (۽ جڏهن هنن جي ڪنن تي نغمي جو آواز پوي ٿو تہ هنن جون دليون محبوب ڏانهن ورن ٿيون، ۽ جڏهن پريشان ڪندڙ، تڪليف ده، خوشي ڏيندڙ يا غم وارو يا راحت بخشيندڙ يا اشتياق ڏيندڙ آواز مٿن پوي ٿو. تڏهن اهي سڀ ڪيفيتون انهيءَ جي طرف ٿي وڃن ٿيون).

تاريخ طاهريءَ ۾ آهي تہ پير پٺي جي درگاه ۾ سماع ٿيندو هو جتي سامعين وجد جي حالت ۾ پنهنجو پاڻ کي پٿرن تي ڦٿو ڪندا هئا، مگر انهيءَ هوندي بہ صحيح سلامت رهندا هئا (۲). ڪين ڪابہ جسماني تڪليف نہ پهچندي هئي. مير طاهر نسياني لکي ٿو تہ مرشد جي توجهہ سببان هنن کي ڪجهہ نہ ٿيندو هو. مگر درحقيقت سماع سان هنن جي روحانيت مضبوط ٿي ويندي هئي. شيخ سعدي رح چوي ٿو تہ:

---

(۱) العزالي: اِحياءِ علوم الدين، ص ٢٦٦

(۲) ”بر مزار شيخ المشائخ شيخ پهته تا نزديک ده دروازه جا سماع مي شوه. و اکثر درويش صاحب حالت چنان بحال مي آيند، که از روي وجد و ذکر خويد را برسنگ آن کوه مکلي مي اندازند و بتوجه استادان کامل، و تلقين کنند گان ولايت شامل، آزار نمي يا بند“. تاريخ طاهري (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) مطبوع سنڌي ادبي بورڊ، سنہ ۱۹۶۴ع ص ص ۵۳-۵۴.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به از روي زيبـــــــــا است آواز خوش،
کـــــه اين حظِ نفس و آن قـــــوت روح.

موسيقيءَ تي ڪجهہ چوڻ کان اڳ اهو چوڻ مناسب ٿيندو تہ بيان يعني ڳالهائڻ جي قوت انسان لاءِ وڏي نعمت آهي. سورة رحمان ۾ حق سبحانه و تعاليٰ، انسان جي تخليق سان گڏ، هن جي قوت گويائي جو ذڪر ڪيو آهي. ارشاد آهي: خلق الانسان و علمه البيان" بيان جي اهميت انهيءَ مان آشڪار آهي، انهيءَ جي ذريعي انسان، رنج و راحت، علم و حڪمت، دين و سياست، شخصي ۽ اجتماعي زندگي ۾ نظم و نسق ۽ اصلاح وغيره جو اظهار ڪري ٿو. هن جي بيان جي انداز جو دارومدار، موضوع، معاني ۽ الفاظ تي آهي. فصاحت ۽ بلاغت مان به اهائي مراد آهي تہ بيان ڪندڙ، مقصد جي اظهار ۾ صاف ۽ صريح هجي، جيئن پنهنجي اندر جو آواز سامعين تائين ڪماحقه پهچائي سگهي. انهيءَ لاءِ هن کي آواز ۾ پستي، بلندي، سختي ۽ سنجيدگي وغيره کان ڪم وٺڻو پوندو آهي. انهيءَ حقيقت تي حضرت شاه ولي الله دهلوي رحہ پنهنجي مشهور ڪتاب "بدور البازغه" ۾ چڱي روشني وڌي آهي.

"موسيقي ڇا آهي؟" موسيقي مٿي ذڪر ڪيل بيان جي ارتقا بلڪ انتها آهي، جتي آوازن کي مترتب ۽ منظم ڪيو وڃي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ جتي الفاظ اثر نہ ڪن، اتي آلاپ کان ڪم وٺجي. ڇو تہ انسان ۾ فطرتاً آلاپ پذيري جي صلاحيت موجود آهي، جنهن کي ڪلام پاڪ ۾ "صلصال کا الفخار" چيو ويو آهي: ۽ اها هڪ حقيقت عيان آهي تہ مِٽي ۾ انڪساريءَ جي خاصيت موجود آهي، ۽ ان کان سواءِ "ونفخت فيه من الروحي" جي سببان ان ۾ ملڪيت جو عنصر پڻ موجود آهي.

سمـــاع ۽ موسيـــقي جي، انســان جي فطرت سـالم سـان عين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطابقت آهي. انهيءَ ڪري آوازن جي اتحاد سان، انسان جي اندر جو اتحاد ۽ ان جي تنظيم ٿئي ٿي. هن مان شيطنيت (Wildforces) في الحال دور ٿي وڃن ٿا، جيڪي شڪ شڪوڪ، آوارگي فڪر، وحشت وغيره جا باعث آهن ۽ جن سببان انسان کي حقيقت کان بعيد ۽ ڪذب يا ڪوڙ کي قريب ٿيڻ جو خطرو رهي ٿو.

موسيقي سان تصور جي تطهير يا پاڪيزگي ٿئي ٿي ۽ ماڻهو وحدت فڪر جي ذريعي واحدِ مطلق ڏانهن وري ٿو. ڪلام پاڪ ۾ ارشاد آهي: ”ورتل القرآن ترتيلا“. انهيءَ لاءِ ته سامعين ۾ فرط محبت پيدا ٿئي.

موسيقيءَ جي ابتدا متعلق مشهور آهي ته قديم ۽ قبل تاريخي دور جي انسان، درندن کي موهڻ ۽ مسخر ڪرڻ واسطي راڳ ايجاد ڪيو، مگر مهذب ۽ متمدن دور ۾ موسيقي ”من“ کي مسخر ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. اهوئي سبب آهي جو اهل نظر مان ڪن جي مسلڪ ۾ موسيقيءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي. پٽ ڌڻي رحه نيڪ چيو آهي:

تن تسبيح، من مٽيو، دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون، وحدت سرُ وڄن،
وحدهٗ لاشريڪ له، اهو راڳ رڳن.

چون ٿا حضرت امير خسرو رحه، پنهنجي مرشد حضرت نظام الدين اولياءَ رحه کي موسيقيءَ کان متاثر ٿيندي ڏسي قوالي ايجاد ڪئي، ۽ حضرت نظام الدين اولياءَ جي متعلق چون ٿا ته هن کي راڳ پوربي پسند هوندو هو. ممڪن آهي ته حضرت امير خسرو هن کي پوربي بلڪ پوربي ٺاٺ جا سڀ راڳ قوالي يا خيال جي صورت ۾ ٻڌائيندو هجي. موسيقي تي تحقيق ڪندڙن جو رايو آهي ته هر راڳ کي رنگ ۽ مزاج آهي. انهيءَ ڪري مختلف مزاج رکندڙن ماڻهن کي مختلف مزاج جا راڳ پسند هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳ ايمن چون ٿا تہ حضرت امير خسرو جي ايجاد آهي. حضرت امير خسرو، عرب ۽ عجم جي موسيقيءَ سان هندستاني موسيقيءَ ۾ اضافو ڪيو. عرب موسيقي جا نهايت شوقين هئا. غرناطہ ۽ پين شهرن ۾ موسيقي جا ڪاليج هوندا هئا. عربن جڏهن ايران فتح ڪيو تڏهن عرب موسيقي ايران ۾ آئي. اهڙيءَ طرح عربن ۽ ايرانين جي موسيقي برصغير ۾ تڏهن پهتي جڏهن اهلِ عرب ۽ اهل عجم هندستان ۾ آيا. چون ٿا تہ ملڪ عرب جي مشرقي حصي ۾، جنهن ۾ يمن اچي وڃي ٿو، موسيقي جو اوج هو (١). مطلب تہ هو دلڪش موسيقيءَ جا صاحب هئا. يمن ڪلياڻ ٿي سگهي ٿو تہ اصل اهلِ يمن جو هجي جنهن کي امير خسرو پنهنجي رنگ ۾ پيش ڪيو هجي.

"ايمن" ۽ "يمن" ڪلياڻ ٺاٽ جا راڳ آهن. راڳ يمن سمپورن راڳ آهي، جنهن ۾ سڀ سُرتيور آهن؛ پر مڌم ڪومل ۽ تيور ٻئي لڳن ٿا. هن راڳ ۾ ڪومل مڌم ڪان پوءِ رِکب تي بيهڻ سان راڳ جي شڪل وڌيڪ نمايان ٿئي ٿي، بلڪ هن ۾ رِکب ۽ پنچم جي سنگت چڱي لڳي ٿي. موسيقيءَ جي دنيا ۾ ٽي آستان قرار ڏنا ويا آهن: هڪ "مندر آستان" (هيٺين سُرن جي سبتڪ، ٻيو "مد آستان" (وچ جي سرن جي سبتڪ)، ۽ ٽيون "تار آستان" (مٿين سرن جي سبتڪ). يمن ڪلياڻ، مندر ۽ مد آستانن ۾ ڳائڻ سان وڌيڪ مؤثر معلوم ٿيندو آهي. راڳ ايمن ۾ اها گنجائش آهي، تہ هن کي ٽنهي آستانن ۾ ڳائي سگهجي ٿو. يمن ڪلياڻ جي راڳ جي سُرن جي چال تڏي ٿيندي آهي، البتہ ايمن جي نسبتاً تيز هوندي آهي.

يمن ڪلياڻ ۾ ڪومل مڌم ۽ رِکب جي جوڙ جي ڪري هن ۾ رقت، رجوع، عجز ۽ التجا جو رنگ پيدا ٿئي ٿو، جيئن رسالي جي "سر يمن ڪلياڻ" جي پهرئين بيت ۾ آهي:

(1) Salvador Daniel: Arb Music & Muscial Instruments. pp. 179-181

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع،
صاحب ڏي شفا، ميان مريضن کي.

راڳ ڪلياڻ جو مجموعي اثر شانتي آهي، خصوصاً ايمن ۽ يمن ڪلياڻ جو، جيڪي رسالي ۾ آيل آهن. نہ تہ ٻيا بہ ڪلياڻ جا قسم آهن. مثلاً شام ڪلياڻ، ڇايا نٽ، همير، پوريا ڪلياڻ، ڀوپالي وغيره. مگر نسبتاً ايمن ۽ يمن جي ڳائڻ ۽ ٻڌڻ سان جيڪو بيقرار دل کي سڪون حاصل ٿئي ٿو، سو پنهنجي نوعيت جو آهي. يمن سر ۾ جيڪي شاه صاحب بيت آندا آهن، تن ۾ عاجزي جي اَهُن سان گڏ، رضا، صبر ۽ تسليم جي تلقين پڻ آهي، جن جي يمن جي شڪل سان برابر هم آهنگي آهي ۽ اهي مشاهدي ماڻڻ لاءِ ضروري آهن. فرمائي ٿو.

"پرت جن پوري، تن رويو وهامي راتڙي".

حافظ شيرازي بہ چئي ويو آهي:

عرفي اگر بہ گِريہ مُيسر شدي وصال،
صد سال مي توان بتمنا گريستن.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

عقل گرداند کہ دل دربندِ زلفش چون خوش است،
عاقلان ديوانہ گردند از پئي زنجير ما.

شاه صاحب جن فرمائين ٿا:

عاشقن الله، ويرو تار نہ وسري،
آه ڪريندي ساه، ڪڏهن ويندو نڪري.

۽ واقعي ٿيو بہ ائين. حضرت شاه صاحب جو شدت شوق وصال ۽ محويت ذڪر و فڪر جي ترجماني ٻاھر محفل سماع ڪري رهي هئي، ۽ هوڏانهن سائين پنهنجي خالق حقيقي جي مشاهدي سان مشرف ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر سيد عارف شاهه گيلاني

# ڀٽائيءَ رح جي شاعري

ان کان اڳ جو مان شاهه صاحب جي شاعريءَ، پيغام ۽ فلسفي بابت ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪريان، مان خود شاعريءَ بابت ڪجهه چوڻ مناسب سمجهان ٿو ته جيئن مان وقت جي سڀني کان وڏن ڳائيندڙن مان هڪڙي جي اعليٰ شاعريءَ کي وڌيڪ پرکي سگهان.

"شاعري" شيلي چوي ٿو، "فطرت جو هار آهي، جا فن جي وسيلي سنوارجي ۽ سينگارجي، پوءِ سڀني رچنائن کان وڌيڪ سلوڪي ۽ هم آهنگ ٿي بيهي ٿي". شيڪسپيئر جي لفظن ۾:

"شاعري گُونر آهي، جيڪو سِمي ٿو،

اتان جتان اُن کي خوراڪ ملي آهي؛

چقمق مان باهه

تيسين نٿي نڪري، جيسين ان کي گسايو نٿو وڃي؛

اسان جي مانيٽي باهه

پاڻ کي پڙڪائي ٿي، ۽ وهڪري وانگر، لوڙهي ڇڏي ٿي هر اُن سَنڌي کي، جنهن سان ٽڪرائجي ٿي".

مرزا اسد الله خان "غالب" شاعريءَ جي سمجهاڻي هن ريت ڏني آهي.

"سخن ايک معشوقه پري پيکر ہے، تقطيع شعر کا لباس،

اور مضامين اس کا زيور ہے، ديده ورون نے شاهد سخن،

کو اس لباس اور اس زيور مين روکش ماه تمام پايا ہے".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت ۾ شاعري اهو فن آهي، جيڪو اسان جي اندر ڪي روحاني سرجوشي، جمالياتي احساس ۽ بيخوديءَ جي جذبن سان ٽمٽار ڪري ڇڏي ۽ اسان ۾ سهڻين شين لاءِ هڪ تانگهه، هڪ سڌ پيدا ڪري ٿو، اسان کي لافاني شين لاءِ ڪوشش ڪرڻ تي اپاري ٿو ۽ اسان کي اڻ سڌيءَ طرح پيار، سونهن ۽ سنگيت ذريعي حياتيءَ جا سبق سيکاري ٿو.

شاعريءَ کي، ان جا ڏار ڏار قسم ڳڻيندي، ٻن ڀاڱن، جذباتي ۽ ذهنيءَ ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جذباتي شاعري البيلي جوانيءَ جي سرجوش روح جو سخت ردِ عمل آهي، جيڪو سندس اندر جي شاعريءَ واري رنگا رنگ تصور جي پيدا ڪيل سيربيني عڪسن جي سمنڊ ۾ غرق ٿي وڃي ٿو. حياتيءَ جي ان مرحلي ۾ شاعر، جذبات جي شعلن سان لڳي، ٻرڻ لڳي ٿو ۽ پوءِ هڪ پيار سان اپامندڙ انسان جي دل جو سڪون، خيال کي اسرار ۽ اسرار کي خيال بخشيندي، سندس چپن رستي ظاهر ٿئي ٿو.

ٻئي طرف، ذهني شاعري وري پرک جي بالغ سگهه جو نتيجو آهي، جا حياتيءَ جي سخت ڏکن ڏومن سان ملندي آهي، ڇاڪاڻ ته وقت گذرڻ سان جذباتي گرميءَ جي چمڪ هري هري جهڪي ٿي ويندي آهي ۽ جذبات جي باهه وسامي وڃڻ تي رسيل ذهن پنهنجي پر ۾ اچي ويندو آهي ۽ شاعر شين کي سندن صحيح رنگ ۾ ۽ جاين تي ڏسڻ لڳندو آهي. تڏهن ئي هو سچ پچ دانشورانه خيالن کي تخليق ڪرڻ لڳي ٿو، جن کي سندن پختو ۽ ويچاريندڙ ذهن وڏيڪ زور ۽ قوت بخشي ڇڏي ٿو.

ساڳي ڳالهه شاه عبداللطيف جي فن سان به لاڳو ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته سندس اوائلي شاعري ۽ پوين سالن واري شاعريءَ جي وچ ۾ وڏو ۽ چٽو فرق سولائيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو. هر سيڪڙات وانگر، شاه به اهڙن بيتن جوڙڻ ۾ پنهنجي ڪاريگري آزمائي، جن مان جوش ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جذبو ظاهر ٿئي ٿو، پر جڏهن سندس فن تڪميل تي پهتو، تڏهن هو تصور جي اهڙين بلندين تي پهچي ويو، جي ماڻهوءَ کي بيخود ڪري ڇڏين. ان هوندي بہ، سندس سموري ڪلام ۾ ٻوليءَ جو زور ۽ رواني قائم ٿي رهي. سندس خيال سندس زبان کان لطيف آهي، تہ سندس زبان سندس خيال کان.

**ڀٽ:** هيءَ ڀٽ يا واريءَ جو دڙو، جنهن کي اڄ شام اهڙيءَ خوش نظريءَ سان سينگاريو ويو آهي، سو ڪڏهن هڪ اجڙ ۽ ويران دڙو هوندو هو. اهو شاه صاحب ئي هو، جنهن چاونجاه ورهين جي ڄمار ۾ هتي اچي رهڻ سان ١٧٤٥ع ۾ ان کي امر بنايو. هن اهو هنڌ ان لاءِ پسند ڪيو جو اها جاءِ، سياست جي زهريلي اثر کان گهڻو پري هجڻ ڪري، آتت ۽ آرام ڏيندڙ هئي. سو اها ڪا گهٽي اچرج جي ڳالهہ تہ: زمين جو هيءُ قتل ۽ ويران ٽڪرو، سندس آرام گاه هئڻ سبب، هاڻي ڪيترن ئي پتڪندڙ شاعرن ۽ سچ جي ڳولائن جو آستانو بنجي ويو آهي. ان تي مونکي علامہ اقبال جو هڪ شعر ياد ٿو اچي:

"زيارت گاه اهل عزم و همت هي لحد ميري،
کہ خاک راه کو مين نے ديا ہے راز الوندي".

شاعري شاه صاحب جي ٻانهي هئي. هو ڄائو ئي شاعر هو، ۽ سندس بيت ازلي اڏمن جي قدرتي اٿل هئا.

**رسالو:** شاه جو رسالو. سندس شاهڪار جو نج ۽ خوشگوار ٻوليءَ جو مجموعو آهي، سو ائين آهي، جيئن روميءَ جي مثنوي فارسيءَ ۾. اها لاکيٽي لات عرش سان ٿي وڃي ٽڪريءَ ۽ پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ تي خمار طاري ٿيو وڃي. حقيقت ۾ تہ ڪيس پڙهڻ کان وڌيڪ ڳايو وڃي ٿو، جڏهن تہ ڪيس ڳائڻ کان وڌيڪ پڙهڻ کپي.

چيو وڃي ٿو تہ شاه صاحب جي اصل بيتن مان گهڻا وڃائجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا آهن؛ پر جيڪي ڪجهہ سهيڙي محفوظ ڪيو ويو آهي، سو چوڏهن سؤ صفحن کان ڪنهن طرح گهٽ نہ آهي.

رسالي ۾ چٽيهہ سُر آهن، جيڪي ستن روماني داستانن بابت آهن، جن مان هر هڪ جو موضوع مختلف آهي. اهو سر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو، جو رسالي، بلڪ پاڻ شاعر جي فلسفي جي ڪنجي آهي. اهو پنهنجي تاثير جي لحاظ کان منو ۽ بيخود ڪري ڇڏيندڙ آهي.

نظامي گنجويءَ جيان، شاهہ صاحب روماني شاعريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جڏهن هو پنهنجن ستن سورمين - سهڻي، سسئي، مارئي، مومل، ليلا، نوري ۽ سورٺ (جي سندس فن جا مختلف رخ آهن) جي طبعي روپ ۾ ميناج ۽ سر سان ڳائي ٿو، تڏهن تصور جي اهڙين بلندين کي وڃيو پهچي جو ماڻهو حيرت ۾ پئجيو وڃي. حقيقت ۾ اهي سورميون نظامي جي "هفت پيڪر" ۽ شيڪسپيئر جي سورمين کان وڌيڪ سڀاجهيون ۽ زيبائتيون آهن، پر جتي شيڪسپيئر ۽ نظاميءَ جي سورمين بابت سڄي دنيا ڄاڻي ٿي، اتي هنن سورمين ڏانهن اڃان تائين ڪنهن بہ ڪو ڌيان نہ ڏنو آهي. ساڳيءَ طرح، جتي شيڪسپيئر جون آکاڻيون دنيا جي هر ڪتاب گهر ۾ پهچي چڪيون آهن، اتي شاهہ صاحب جي آکاڻين کي مقبول بنائڻ جي لاءِ ڪابہ ڪوشش نہ ورتي وئي آهي. ڇا، ڪو عالم اڳتي وڌندو ۽ اهو ڪم مڪمل ڪري شاهہ جو پيغام دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائيندو؟.

جيئن اڳي چيو اٿم تہ شاهہ، مولانا روميءَ جو سچو پوئلڳ آهي. رومي عورت جي نيڪيءَ کي ساراهيو آهي. هو عورت لاءِ چوي ٿو.

"پرتوے حق است آ معشوق نيست،
خالق است آ گوئيا مخلوق نيست".

ساڳيءَ طرح شاهہ جون سورميون عام زالون بہ آهن. هو وردس ورٿ جي "چنڊول" وانگر "عرش ۽ گهر جي سڳين حدن سان سچيون" آهن. هو آدرشي زالون آهن.

**عالمي ڪشش:** پٽائي جي پيغام ۾ سڄي دنيا لاءِ ڪشش آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سندس پيغام ۽ فلسفو سيني حدن ۽ سرحدن کان مٿي آهي. هو محب وطن آهي، پر لفظ جي عالمي معنيٰ ۾. هو پيو ڪجھہ بہ هجي، مقاميت پسند نہ آهي. هن غريبن ۽ لتاڙيلن، ڪڙمين ۽ ڪاريگرن، ملاحن ۽ لوهرن، طبيبن ۽ عالمن لاءِ ڳايو آهي. هو دنيا جو شهري آهي.

مان سعديءَ جي هر فن مولا هجڻ، جاميءَ جي علميت، مير تقي مير جي نرم دلي، عرفي جي گرمجوشي، فاني جي موسيقي، حافظ ۽ نظيريءَ جي بي داغ لکٽي، عمر خيام جي ڳنڀير فلسفي، عطار ۽ سنائيءَ جي ريجهائيندڙ تصوف، روميءَ جي وحدت الوجود واري نظريي، اقبال جي عظمت، وارث شاه ۽ فاضل شاه جي سوز ۽ خوشحال خان خٽڪ جي بي خوف صاف دليءَ کي تسليم ڪريان ٿو؛ پر سيد عبداللطيف شاه ڀٽ واري جو درجوئي پنهنجو آهي. سندس مٽ ئي ڪونهي. هو نقل نہ ٿي سگهڻ جوڳو آهي. هو ڳنڀير بہ آهي تہ خوش دل بہ، طبعزاد بہ آهي تہ هر فن مولا بہ، دلسوز بہ آهي تہ خوشگوار بہ، غمگين بہ آهي تہ منو بہ، ڪمزور بہ آهي تہ طاقتور بہ، صوفي بہ آهي تہ فيلسوف بہ. سندس ان گهڻ رخيءَ شخصيت جي ڪري ئي شاهہ صاحب سيني قومن ۽ سيني وقتن جي شاعرن جي ميڙ ۾ هڪ امتيازيءَ ڪرسيءَ جو جائز حقدار آهي.

**شاهاڻو تاب:** جيو ويندو آهي تہ جوهر پاڻ بہ سونهن واري شيءِ آهي، پر سون ۾ مڙهجڻ تي اهو اڳي کان وڌيڪ سهڻو ٿي پوي ٿو. ساڳي ڳالهہ ڀٽ شاه سان بہ آهي، جو هينئر روشنيءَ ۾ ڀهڪي رهيو آهي ۽ شاه جي درگاه جي بي مثل بيهڪ ڪري وڌيڪ سهڻو ٿي پيو آهي. حقيقت ۾، شاه هاڻي اسان جي ادبي آسمان جي اُفق تي تيزيءَ سان بلند ٿي رهيو آهي، ۽ سندس شاهاڻي تاب جي اڳيان ٻيا سمورا ٽمڪندڙ تارا گم ٿي ويندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقبول احمد ڀٽي

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي
# هڪ عالمي شاعر ۽ مفڪر

## شاعر فطرت:

گل جي خوشبوءِ، چنڊ جي چانڊوڪي، ساز جو دلنواز آواز، انڊلٺ جي روح پرور رنگيني، عطر جي دلپذير هٻڪار جيئن ازخود پنهنجو پاڻ مهڪائي، حسنِ ازل جو جوهر جرڪائيندي آهي؛ ۽ ان جي خوبيءَ لاءِ ڪنهن بہ دليل يا بيان جي ضرورت نہ ٿيندي آهي، تيئن هڪ حقيقي شاعر جي اثرپذيري ۽ هردلعزيزيءَ جي ثبوت لاءِ پڻ ڪنهن وڪالت جي ضرورت نہ آهي. شاعر فطرت کي صانع قدرت طرفان سچ ۽ حق جي پرک جو هڪ اهڙو ملڪوتي ملڪو، تخليقي صلاحيت ۽ اصلاحي قوت وديعت ٿيل هوندي آهي، جو هو ماحول کان متاثر ٿيڻ بجاءِ، زماني تي اثر انداز ٿي، انسانيت جي فلاح ۽ عام طور ۽ پنهنجي سماج جي سڌاري لاءِ پنهنجو مخصوص ماحول پاڻ پيدا ڪندا آهن. سندن زندگيءَ جو هر لمحو ۽ زبان مان نڪتل هر لفظ انهيءَ منزل ڏانهن هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندو آهي. دنيا جي تاريخ تي سرسري نظر وجهڻ سان ئي معلوم ٿيندو تہ هر دؤر جي خوشگوار تبديلي ۽ انقلابي اصلاح ڪنهن اهڙي ئي شاعر فطرت جي وجود مسعود جي مرهون منت هوندي آهي.

## شاهه جي عالمي حيثيت:

سيد الشعراءَ شاه عبداللطيف ڀٽائي اهڙن ئي عالمي شاعرن جي ست مان هڪ هو، جي زمان ۽ مڪان جي قيد کان آزاد، ملڪي حد بندين ۽ قوميتن جي سرحدن کان گهٽو پري، بني نوع انسان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهبوديءَ جا علمبردار مجيا ويا آهن. سندن ابدي ۽ ازلي پيغام، هر دؤر لاءِ پيغام حيات هوندو آهي.

شاه جي شاعريءَ کي پوريءَ ريت پڙهي پروڙڻ کان سواءِ، جيئن ڪيس سمجهڻ جو حق آهي، سندس سهڻي ستاءَ جو ڪاٿو ڪرڻ محال آهي. شاه صاحب جنهن خلوص ۽ سچائي، سادگي ۽ سلاست سان انساني فطرت جا نرالا رنگ روپ نروار ڪري ڏيکاريا آهن جذبن ۽ احساسن، امنگن ۽ ارادن، حسرتن ۽ تمنائن، اميدن ۽ آسرن، خطرن ۽ خدشن، شڪن ۽ گمانن، ڏکن ۽ سکن جي اثرائتي انداز سان عڪاسي ڪئي آهي، ان ۾ هڪ فنڪار جو فن، هڪ عالم جو علم، هڪ مدبر ۽ هڪ مفڪر جو فڪر مليل جُليل معلوم ٿئي ٿو.

### غير رواجي شاعرانه فطرت:

شاه صاحب جي شاعري - شاعرانه تعلي، تصنع، تڪلف، خود ثنائي ۽ هر قسم جي نقاليءَ کان پاڪ، اهڙي اصلي احساس جي ترجماني ڪندڙ آهي، جا لفظن جي لطيف ٻيچ گهڙَ جون باريڪ منزلون طئي ڪري، مخاطب جي جذبات سان بلڪل نهڪي ٺهڪي اچي ٿي. سندس اندروني ذهانت ۽ سنجيدگي، گهرائي ۽ ماناڻي، ڪٿي عميق بحر، ته ڪٿي پهاڙي نديءَ جي روان دوان ۽ تيز تر ڄَر جيان ڇلڪندي نظر چڙهي ٿي.

امراء القيس جي رزم آرائي، انوريءَ جي بزم سنجي، متنبيءَ جي معنيٰ خيزي، عرفيءَ جي سخن گيري، فردوسيءَ جي فصاحت، سنائيءَ جي پندو نصيحت، روميءَ جي رواني، سعدي جي سادگي ۽ سلاست، غالب جي بلاغت، اقبال جي بلند پروازي ۽ ٽيگور جي مدبرانه سنجيدگي، شاه جي شعر جي هر سٽ مان جهاتيون پائي جهلڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

شاهه جي دوربين نظر، متلاطم دل ۽ بيدار دماغ فطرت جي هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راز ڪان بخوبيءَ باخبر معلوم ٿئي ٿي. جهان گشتي ۽ عالم پيمائي، سندس شاعرانہ شعور کي ويتر وڌيڪ مهميز ڏني، جوت جلا بخشي، جنهن اڳتي هلي منجهس انسانيت جي مظلوميت جو عالمگير احساس جاڳايو. نيڪيءَ ۽ ڀلائيءَ جي جهان گير اصولن کي سرزمين سنڌ جي سريلي ۽ ٻاجهاري ٻوليءَ ۾ ورجائي، انسان کي هڪ اعليٰ ۽ اڪمل زندگيءَ ذريعي پاڻ ۾ "اشرف المخلوقات" وارو شان پيدا ڪرڻ جي تلقين ڪئي. عملي طور خود کي حيوانيت کان بلند ۽ بالا رکي، زندگي محض خورد ونوش تائين محدود نہ سمجهي، سورن جي سونهائي ۾ خود کي صحيح انسان ثابت ڪرڻ لاءِ شاه صاحب ان کي ڀهرين پاڻ سڃاڻڻ ۽ محسن حقيقيءَ جي احسان مڃڻ جي جنهن نموني ۾ نصيحت ڪئي آهي، اها ڪيس خاڪ مان پاڪ ڪرڻ، عقل ۽ ادراڪ، ذوق ۽ وجدان جي نعمتن سان نوازڻ لاءِ ڪافي آهي.

عبديت جي عاجزانہ تصوير جا لطيف پنهنجي پرڪيف ڪلام ۾ پيش ڪئي آهي، ادبيات عالم جو هڪ لاجواب ۽ بي مثال شاهڪار آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سندس نقطہ نگاه مطابق انسان سراپا خطا ۽ خالق سراپا عطا آهي:

"تون سڀڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار آئون ڏوهہ،
تون پارس آئون لوهہ، جي سَڃين تہ سونُ ٿيان"

"ڏاتار تہ تون، ٻيا مڙئي مڱڻا،
مينهن مدائِتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون، تہ ميرپائي مان لهان".

**آفاقي ڪلام ۽ ان جي ابديت:**

شاه جو ڪلام ٻہ سؤ سال قديم هئڻ جي باوجود، سندس پيغام هر دؤر ۽ هر زماني لاءِ سدائين نئون ۽ هميشه هڪ جهڙو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس قلب و نظر جي فڪر ۽ فيصلن ۾ هڪ عالمي مفڪر ۽ حڪيم فطرت جي دانشور جا نشان ملن ٿا. پنهنجي افڪار جي اظهار لاءِ هن شاعر فطرت ڪابہ لفظي لباڙ، حرفن جي هيراڦيري يا هٿرادو انشاپردازي نہ ڪئي، بلڪہ هڪ اهڙو عالمانہ انداز بيان اختيار ڪيو، جو روحاني ساز جي آواز جيان سراپا سوز ۽ گداز آهي، جنهن جو جوش ۽ جذبو، حدت ۽ حرارت پيغمبرانہ شعور جي شاهدي ڏين ٿا.

مشرقي توڙي مغربي مشاهير شعراءِ جي مقام ڪان جا ڳالهہ لطيف کي متاهون ۽ اجان اڳيرو ڪري ٿي، اها آهي سندس شعوري ۽ نظري انفراديت، انداز بيان جي جدت ۽ ندرت جنهن ۾ اصليت ۽ معنويت کي اوليت ۽ شاعرانہ فن جي خوبين کي ثانوي حيثيت حاصل آهي. انهيءَ سببان شاه جو رسالو فقط سطحي طور پڙهي وڃڻ ڪافي نہ سمجهيو ويندو آهي. ضرورت آهي هن آفاقي ۽ الهامي ڪلام کي افادي ۽ مقصدي نقطي نگاه ڪان ڏسڻ جي، پڙهڻ جي ۽ پرکڻ جي. تہ جيئن سندس مڪتبہ فڪر جو صحيح مقام متعين ڪري سگهجي.

**انداز بيان جي ندرت:**

شاهاڻو شاه انهن عظيم المترتبت شعراءَ ڪرام مان آهي، جن ڪنهن بہ اڳئين رهبر جي روشنيءَ جي اوٽ ونڻ يا ان جي مشعل مان پنهنجي شمع جلائڻ بجاءِ پنهنجي فهم و فراست جي جلايل چراغ مان جلا حاصل ڪئي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ اڳتي وڌي، پانڌيئڙن کي منزل مقصود تي پهچايو. پنهنجي دؤر جي ڪنهن بہ ٻئي قادر الڪلام هندي، ايراني يا عربي شاعر جي نقالي ڪرڻ بجاءِ شاه پنهنجي نئين واٽ ورتي. سندس جذبا ۽ احساس، ۽ انهن ذريعي معلوم ڪيل منطقي نتيجا فقط سندس پنهنجي ذهن ۽ ذڪاوت جي پيداوار هئا. سندس شاعري حڪمت الاهيہ جي ائين ئي طابع هئي، جيئن انبياءَ عليه السلام ۽ اولياءَ ڪرام الهام الاهيءَ جا پابند ٿيندا آهن. سندس شعر جي شريني ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميناج، ڪيف ۽ سرور، سوز ۽ تاثر، بي ساختگي ۽ رواني دراصل انهيءَ لدني علم ۽ الاهي حڪمت جي مرهون منت آهي، جنهن ڪيس قبول عام جو مٿاهون مقام مرحمت ڪيو.

## غير جانبدارانه تحقيق جي ضرورت:

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو وجود مسعود سرزمين سنڌ لاءِ بلاشڪ هڪ نعمت عظميٰ آهي، جنهن جي شڪر ادائي لاءِ سمورا سنڌي روز ازل کان ابد تائين بارگاه ايزديءَ ۾ سربسجود رهون، ته به جيڪر انهيءَ احسان جو حق ادا ڪري نه سگهون.

لطيف سنڌ ۽ سنڌي زبان کي سدا حيات ڪري ڇڏيو. لطيف جي انهيءَ احسان جي عيوض اسان سنڌين سنڌس لاءِ ڇا ڪيو. سوچڻ جو مقام آهي.

بهرڪيف، لطيف فقط هڪ شاعر ۽ مفڪر جي حيثيت سان نه، پر ساڳئي وقت سيد ۽ صوفي، مغني ۽ اولياء الله جي حيثيت سان هر سنڌيءَ جي رڳ رڳ ۾ سمايل ۽ دل دماغ تي ڇانيل آهي. جنهن سنڌيءَ جي ذهن ۽ مزاج ۾ لطيف جي لطافت ۽ عقيدت، ماءُ جي کير سان گڏ داخل ٿي هجي، تنهن مان اها توقع ڪري نٿي سگهجي ته هو بنهه غير جانبداريءَ سان، بين الاقوامي معيار جي ڪسوٽيءَ تي پرکي، عالمي شعراءِ جي مقابلي ۾ سنڌس صحيح مقام قائم ڪندو.

موجوده سائنسي دؤر ۾ ضرورت انهيءَ امر جي آهي ته لطيف سائين جي پيغام عام ڪرڻ ۽ سنڌس لطافت جي چانڊاڻ سان دنيا جهان جي ڪنڊ ڪڙڇ چمڪائڻ لاءِ اسان جديد تنقيد جي ڪسوٽيءَ تي سنڌس فن جو جائزو وٺون. هڪ محقق وارو انداز اختيار ڪري، غير جانبداريءَ سان پنهنجو هيرو ڀهرين ڀاڻ پرکي، پوءِ عالم اڳيان آڇيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**موجوده تحقيقي دور جي جدت:**

علمي تحقيق جي ذوق رکندڙ، موجوده دؤر جي پڙهيل ڳڙهيل انسان تي فکر ۽ نظر جون روزان روز نيون راهون روشن ٿينديون رهن ٿيون. نين ايجادن ۽ دريافتن، نون انڪشافن ۽ تحقيقاتن جي روشنيءَ ۾ دنيا جي گولي تي آباد بني نوع انسان اڄ هڪ ڪٽنب ۾ ۽ سڄي دنيا هڪ محدود دائري اندر سميٽجي چڪي آهي. اڄوڪو انسان گهر ويٺي دنيا جي ڪنهن به ڏورانهين ولايت جا آواز اهڙيءَ ريت ٻڌي سگهي ٿو، ڄڻ اهي گهر جي پٽ پويان اچي رهيا آهن. جيٽ جهاز جي دؤر ۾ مهنن جي مسافري ڏينهن ۾ ۽ هفتن جو سفر ڪلاڪن ۽ منٽن ۾ طئه ٿيو وڃي.

اهڙيءَ صورت حال ۾ دنيا جي ڪنهن به هڪ چيزڙي تي ٿيل تبديلي فوري طور دنيا جي آباديءَ تي اثر انداز ٿئي ٿي. اهڙي دؤر ۾ ڪنهن به هڪ قوم يا ملڪ جي تاريخ ۽ تهذيب، فهم ۽ فراست، اڪيلي سر انساني قلب و نظر ۾ اها وسعت ۽ همه گيري نٿو پيدا ڪري سگهي جنهن کي ابدي ۽ آفاقي حيثيت حاصل هجي ۽ اهو نه فقط هلندڙ دؤر، بلڪ آئيندي جي انسانن کي پڻ بهتر زندگي بسر ڪرڻ جو سبق سيکاري سگهي. اڄوڪي دؤر ۾ فقط اها تحريڪ ۽ فڪر زنده ۽ سلامت رهي سگهي ٿو، جنهن کي بين الاقوامي ۽ عالمگير حيثيت حاصل هوندي.

ويهين صديءَ ۾ ڪنهن به ادب پاري تي تنقيد ڪرڻ ۽ پرکڻ جي بدليل معيارن مطابق، اسان کي ٻاڻ ۾ اهڙي صلاحيت پيدا ڪرڻي آهي، جو خود پنهنجو فڪري سرمايو عصر جديد جي ترقي يافته تحريڪن ۽ نظرين جي روشنيءَ ۾ جاچي پرکي سگهون. انهيءَ لاءِ پنهنجو زاويه نگاه نهايت وسيع رکڻ جي ضرورت آهي.

ڪنهن به اهڙي شاعر مان، جنهن لاءِ عالمي شاعر هئڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعويٰ ڪئي وڃي، اها توقع رکي وڃي ٿي تہ هو پنهنجي دؤر جي ملڪي، قومي، معاشي، سياسي ۽ سماجي صورت حال جو نقشو چِٽي، چٽيءَ طرح واضح ڪري ٻڌائي تہ اهي ڪهڙا تاثرات ۽ محرڪات آهن، جي بني نوع انسان جي بهتريءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪارآمد ٿي سگهن ٿا.

**لطيف جي ڪلام ۾ بين الاقواميت:**

اڄوڪي دؤر جي معروف مفڪر علامہ آءِ - آءِ قاضيءَ جي قول مطابق ”قوم پرستيءَ جي غلط معيار قائم ٿي وڃڻ ڪري، هر قوم ۽ ملڪ پنهنجي فن ۽ فڪر کي مڙني کان متاهون ڪري ميڄائڻ لاءِ ڪوشان آهي، حالانڪہ صحيح ذوق حسن جي تقاضا اها آهي تہ حسن ۽ خوبيءَ کي بهرحال ساراهيو وڃي، پوءِ چاهي اها ڪٿي بہ هجي، ڪنهن وٽ بہ هجي“. خودپرستيءَ ۾ خود خياليءَ جي مرض ۾ مبتلا ٿي، ڪيترين قومون محض قومي تعصب ڪري، پنهنجي فنڪارن ۽ مفڪرن جي منهن مٿي ڪرڻ لاءِ، ٻين جي حقيقي حسن کان مُنهن موڙي، حق تلفي ۽ بي انصافيءَ جو شڪار ٿينديون رهن ٿيون. ڪنهن بہ قوم جي هنر ۽ حڪمت جي پرک لاءِ ان کي دنيا جي ترقي يافتہ قومن جي تجويز ڪيل غير جانبدارانہ معيار تي جاچڻ جي ضرورت آهي.

علامہ قاضي صاحب جن انهيءَ سلسلي ۾، خاص طور شعر جي پرک لاءِ، جن ٽن مکيہ معيارن جو ذڪر ڪيو آهي، انهن مطابق معياري شعر اهو آهي: ١- جو ڳائي سگجهي، ٢- جنهن ۾ تحريف يا تبديليءَ جي ڪابہ گنجائش نہ هجي، ٣- جنهن ۾ ڪنهن بہ خيال جي اظهار لاءِ زياده کان زياده وسعت اختيار ڪيل هجي.

پهرئين معيار جي پرک لاءِ علامہ صاحب برطانيہ جي برک دانشور ڪارلائل جو تاريخي قول دهرايو آهي تہ صحيح معنيٰ ۾ شعر فقط اهو ڪلام سڏائي سگهي ٿو، جنهن ۾ غنائيت، موسيقيت ۽ ترنم هجي. شيڪسپيئر، ملٽن، گوئٽي توڙي ڊانٽي جهڙا عالمي شهرت يافتہ

شاعر به انهيءَ ڪسوٽيءَ تي ڪريو پون. سندن ڪلام ڳائڻ کان زور آهي؛ انهن جي مقابلي ۾ شاه جو ڪو هڪ به بيت اهڙو ناهي، جو ترنم سان آلابي نه سگهجي بلڪ سڄي رسالي جي سُرن ملڪي موسيقيءَ جي مختلف سرن جي سلسلي سان سِٽيل آهي. انهيءَ ڪري رسالي جي هر بيت ۾ موسيقيت جو مهراڻ موجزن معلوم ٿئي ٿو.

ٻئي معيار مطابق شاعر جي ڪلام ۾ ڪنهن به اهڙي تحريف يا تبديليءَ جي گنجائش نه هئڻ گهرجي، جا ڪنهن به بيت يا مصرع کي وڌيڪ موثر، مترنم يا فصيح بنائي سگهي. سِيني کي سُڌ آهي ته شاه سائين جو ڪلام، فصاحت نظام انهيءَ ڪسوٽيءَ جي پرک تي پڻ سچو سون ثابت ٿئي ٿو. انهيءَ دعويٰ جي دليل لاءِ رسالي جو هر بيت پنهنجو مثال پاڻ آهي.

ٽيون معيار آهي اهڙي وسيع ۽ بليغ زبان، جنهن ۾ زياده کان زياده اظهار جي گنجائش هجي. شاه جو رسالو انهيءَ نقطي نگاه کان پڻ پنهنجي ملڪ ۾ مروج زبان جو هڪ اهڙو بحر ذخار معلوم ٿئي ٿو، جنهن ۾ هر طبقي ۽ پيشي، فن ۽ فڪر، جذبي ۽ احساس جي ترجماني نهايت حسن ۽ ڪاريگريءَ سان ڪيل معلوم ٿئي ٿي.

اهو هڪ جدا بحث آهي، جو هن مضمون جي آخر ۾ آيل آهي ته شاه جهڙي پارس صفت شخصيت، صوبائي محاوري جي منزل تائين پهتل سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي اظهار خيال جو ذريعو بنائي، ان کي هڪ اهڙي وسيع، شاهوڪار ۽ مايه دار زبان بنائي ڇڏيو، جا اڄ دنيا جي ڪنهن به ترقي يافته زبان سان بلاشڪ برميچي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح هڪ علاقائي زبان کي پنهنجي فڪر جي جلا سان جياري، سيد سڳوري نه فقط ذاتي عظمت جو ثبوت ڏنو، پر پنهنجي معجزنما مسيحائي سان سنڌي زبان کي پڻ هميشه جي حياتي بخشي ڇڏي.

اهي آهن ٽي بين الاقوامي معيار، جن تي غير جانبدارانه پرک

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان پوءِ شاه صاحب عالمي شاعريءَ جي افق تي شمس النهار جيان نمايان نظر اچي ٿو.

اچا ته انهن معيارن ۾ شاه صاحب جي علم و عرفان جي عالمگير نظرين، زندگيءَ ۽ موت جي عظيم فلسفي، عشق و محبت جي اسرارن، رندي رازن، تصوف جي گهرائي، تخيل جي پرواز، خيال جي وسعت، روح اسلام جي حقيقت، شاعرانه فهم و فراست، قرآني احڪامات جي ترجماني، زندگيءَ جي مختلف رخن جي عڪاسي، احساس جي پاڪيزگي، فطرتي نغمه سرائي ۽ منظرنگاري وغيره متعلق ڪوبه اشارو ناهي، جي ڪيس صحيح معنيٰ ۾ شاعر انسانيت ثابت ڪن ٿيون.

### شاه کي سمجهڻ جو معيار:

شاه صاحب جي صحيح معيار معلوم ڪرڻ ۽ سندس همه گير فڪر کي سمجهڻ لاءِ خود جنهن بلند پايه ذوق ۽ وجدان جي ضرورت آهي، اهو پيدا ڪرڻ کان پوءِ ئي سيد جي سلسله ڪلام کي سمجهي ۽ پيغام کي پوريءَ ريت پروڙي سگهجي ٿو.

جيئن قرآن ڪريم جي حڪمت ۽ عظمت جي صحيح اندازي لڳائڻ لاءِ رسول اڪرمؐ جي شخصيت ۽ فراست جي ضرورت ٿيندي آهي؛ تيئن رسالي جي مفهوم پرجهڻ لاءِ پڻ شاهه جي شخصيت ۾ فنا ٿي، اهڙيون ئي قلبي ڪيفيات طاري ڪري، روحاني واردات کي حال جي اک سان پرکي، حقيقت حال معلوم ڪرڻ جي ضرورت آهي، جن مان گذري شاهه اهڙي ڪاملانه ڪلام چوڻ جي قدرت پيدا ڪئي.

ساڳئي وقت اهو پڻ سمجهڻو آهي ته قلب و جگر جون ڪيفيتون قلمبند ٿي نه سگهنديون آهن، جيئن لفظ "باهه" قلم سان ڪاغذ تي لکي ڇڏڻ ڪري، نه ان جي گرمي محسوس ڪرائي ۽ نه ئي روشنيءَ جو تصور پيدا ڪرائي سگهجي ٿو، تيئن شاه صاحب کي پرکڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ پڻ امڙوئي قلب ۾ نظر ڪهرجي، جو عشق جي آتش ۾ رچي ريتو ٿيل هجي.

بهرحال شاه صاحب جيڪي ڪجهه چئي ويو، ان مان ڪوبه جاهل پنهنجي محدود ڄاڻ آهر ۽ عالم پنهنجي علم جي حد آهر استفادو ڪري سگهي ٿو. لطيف جي ڪلام جو اهو به هڪ انوکو اعجاز ۽ امتياز آهي.

**موضوعات جي ندرت:**

لطيفي لات ۾ دين توڙي دنيا، ٻنهي جهانن جي خوشحالي ۽ بهتريءَ جو مواد موجود آهي. هر شاعر انسانيت يا انسانيت جي اعليٰ اصولن جي علمبردار جي فلسفي جو دارومدار انهن بنيادي سوالن تي ٿيندو آهي ته بني نوع انسان جي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ ان مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان ڪي جماعتي توڙي انفرادي نموني ۾ ڪهڙيءَ ريت پنهنجي فرض جي بجا آوري ڪرڻي آهي. اخلاق جا ڪهڙا معيار ۽ قدر هئڻ گهرجن. انساني سماج جي بگاڙي جا بنيادي اسباب ڪهڙا آهن ۽ انهن جي اصلاح لاءِ ڪهڙا طريقا اختيار ڪرڻ گهرجن. ڏک ۽ سک جي اصليت ۽ ماهيت ڇا آهي ۽ سندن هڪ ٻئي سان ڪهڙو تعلق ۽ لاڳاپو آهي.

شاه لطيف انساني فطرت جي اهڙن الجهيل ۽ پيچيدن مسئلن جا جواب جنهن سهڻائي ۽ سلاست سان ڏنا آهن، انهن جو مثال ٿورن فلسفي شاعرن جي ڪلام ۾ ملي ٿو.

**لطيفي دور - جنهن ۾ شاه شعور پرايو:**

متي ڄاڻايل آهي ته هر شاعر فطرت، ماحول کان متاثر گهٽ ۽ ان کي متاثر گهڻو ڪندو آهي. شاه جي پيغام کي واضح طور پيش ڪرڻ لاءِ نهايت ضروري آهي ته پهرين سندس دؤر جي علمي ۽ ادبي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪي ۽ معاشي، سياسي ۽ سماجي، فني ۽ فڪري صورتحال جو جائزو ونجي، تہ جنهن دؤر اندر وطن پاڪ جو هي بطل جليل سرزمين سنڌ تي سرجيو ۽ پلجي جوان ٿيو. ان وقت آس پاس ڪهڙو ماحول هو.

**تاريخي ۽ طبعي تبديليون:**

شاه لطيف جي زندگيءَ وارو زمانو (سنہ ١٦٨٩ع کان وٺي سنہ ١٧٥٢ع تائين) يعني سترهين صديءَ جي آخر کان ارڙهين صديءَ جي اڌ تائين وارو زمانو نہ فقط سنڌ ۽ هند پر پوري عالم لاءِ هڪ پرشور، آزمائشي ۽ انقلابي دؤر تي گذريو آهي.

پراڻي سنڌ جو سج ذري گهٽ لهي چڪو هو. تاريخي توڙي جغرافيائي لحاظ کان نئين سنڌ جو سج پنهنجي پوري آب تاب سان مشرق جي افق تان ابري رهيو هو. سنڌو درياه پنهنجو رخ نصرپور کان ٺٽي ڏانهن مَٽي رهيو هو. پراڻيون بستيون ويران ۽ نوان نجهرا آباد ٿي رهيا هئا. نصرپور، جوڻ ۽ فتح باغ پوين پساهن ۾ هئا. وقت جي ڪلهوڙن حاڪمن انهن طبعي تبديلن کان مجبو رٿي، شاه صاحب جي وصال کان فقط ١٢ سال پوءِ حيدرآباد سنڌ کي پنهنجي پايہ تخت هئڻ جو شرف بخشيو. ١٧٦۴ع ۾ اتي پڪو قلعو اڏيو ويو. انهيءَ وقت مشرق جو موجوده ستارو "ڪراچي" ڪولاچيءَ جي ڪُن پرسان شهريت جي ابتدائي منزلن مان گذري رهيو هو. شاه صاحب شايد ان کي ڏسي ڏوراپو ڏنو هو تہ:

"تون جا لڏين لوڏ، ايءَ پر گهاتوئڙن جي،
ڪن ڪولاچي ڪوڏ، سڪ نہ ستا ڪڏهين".

**سياسي صورت حال:**

اهوئي زمانو هو جڏهين سنڌ، سنہ ١٥٢٠ع ۾ سنڌ جي اصلي رهاڪن، سمن سڳورن جي هٿن مان نڪرڻ کان پوءِ ارغونن، ترخانن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مغلن جي ڏارين دست برد برداشت ڪندي، اٽڪل ٻن سون سالن کان پوءِ، ١٧٣٧ع ڌاري وري بہ ان جي اصلي وارثن، ڪلهوڙن فقيرن جي قبضي ۾ اچي رهي هئي. هوڏانهن هندستان ۾ جنهن وقت اورنگزيب عالمگير انتقال ڪيو، شاه لطيف ١٨ سالن جو ڳڀرو جوان هو. ان کان پوءِ ڪلهوڙا حاڪم جيئن وڌڻ شروع ٿيا تيئن وڌندائي ويا. شاه صاحب مادر وطن جي ڌارين دست برد کان آزاد ٿيڻ جا انگور پنهنجي نوجوانيءَ ۾ ڏسي چڪا.

شاه صاحب جي حياتيءَ ۾ ملڪ نادر شاه جي نادر شاهيءَ جو شڪار ٿيو. دهليءَ ۾ قتل عام ٿيڻ ڪري، رت جون نديون وهي هليون ۽ سنڌ ڪي ڀڻ ايران جو باجگذار بنجڻو پيو. انهيءَ وقت شاه صاحب ٥٠ ورهين جو ڪرڙوڊ ۽ سنجيدو بزرگ هو. انهيءَ کان اٺ ورهيہ پوءِ احمد شاه ابدالي شڪاري شڪري جيان اوچتوئي اوچتو لائو لشڪر سميت قنڌار جي جبلن تان لٿو ۽ دهليءَ ۾ دم ڏيندڙ حڪومت مٿان هلان ڪري آيو. سنڌ سڳوري انهن سانن جي ويڙهہ ۾ وري بہ خوب لتاڙي ۽ هن دفعي ايران بجاءِ افغانستان سان سلهاڙي وئي.

انهيءَ حادثي کان پورا پنج ورهيہ پوءِ. پيغمبري ڄمار يعني ٦٣ سالن جي عمر کي پهچي، شاه صاحب واصل باالله ٿيو.

سنڌ جي دؤر جي آخر وارو سمورو عرصو، ملڪ اندر توڙي ٻاهر هڪ قسم جو اضطراب، شور ۽ شر هو. آباديون اجڙ ۽ بستيون ويران ٿي رهيون هيون. اهڙي نفسانفسي ۽ اضطراري عالم ۾ شاه صاحب ظاهري لاڳاپا لاهي، شهر جي گوڙ گهمسان کان گهڻو پري، حيدرآباد کان ٣٢ ميل اتر طرف، ڀٽ شاهہ تي وڃي ديرو دمايو. ائين ٿو معلوم ٿئي، ڄڻ ان وقت کيس دنيا جي مسئلن جو مڪمل حل معلوم ٿي ويو ۽ سچ جي سچي منزل ملي چڪي.

**تهذيبي ۽ علمي انقلابيت:**

ان دؤر اندر فقط ملڪ جي سياسي، تاريخي ۽ طبعي حالات ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلابي تبديلي اچي رهي هئي، پر مذهب ۽ معاشرت، تهذيب ۽ تمدن، تعليم ۽ تدريس پڻ پنهنجو پراڻو لبادو لاهي، سائنس ۽ ايجاداتِ جا نت نوان پهراڻ پهري رهيا هئا. مطلب تہ زندگيءَ جا سمورا پهلو، ڪَرَ موڙي، تاريخ جي نئين تحقيقاتي ۽ تجديدي دؤر سان ٺهڪي ڦهڪي اچڻ لاءِ پاسا ورائي رهيا هئا. علم ۽ حڪمت جي پراڻن نظرين ۾ زمين آسمان جيترو فرق پيدا ٿي چڪو هو. علم هيئت جي نئين کوجنا ثابت ڪري چڪي هئي تہ سج زمين جي ايرندي ڪان ايري، الهندي طرف نٿو لهي، بلڪہ خود زمين سج جي چوگرد ڦرندي رهي ٿي. انهيءَ دؤر اندر ڪشش ثقل جو عالمگير انقلابي نظريو ظاهر ٿيو ۽ مڃيو ويو. بجلي جي ايجاد ٿي ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ سائنس جي نئين روشنيءَ سان ٻهڪي اٿي.

## نئين فڪر ۽ فلسفي جو دور:

فڪر ۽ فلسفي، حڪمت ۽ الاهيات جي دنيا بہ هن دؤر جي انقلاب آفرينيءَ کان متاثر ٿي. ارسطو ڪان وٺي ڊيڪارٽ ۽ لاڪ تائين، فلسفين جيڪا فڪر ۽ فهم جي راه گهڙي تيار ڪئي هئي، اها اوچتوئي اوچتو دنيا کي پنهنجي پيرن هيٺان سرڪندي ۽ نڪرندي محسوس ٿي. نتشي، هيگل ۽ هيوم جهڙا عالمي مفڪر، فلسفي ۽ ماهر نفسيات هن نئي دور جي پيداوار آهن.

جرمنيءَ ۾ گوئٽي گل کڻڻ شروع ڪيا. فرانس ۾ روسي عرفان جو عطر عام ڪيو، جنهن ڪري مذهبيات ۽ سياسيات ۾ هڪ همہ گير فڪري انقلاب اچڻ شروع ٿيو. پريس ۽ پبليڪيشن جو چرچو عام ٿيڻ لڳو، جنهن علم و ادب جي ترقيءَ جي رفتار تمام تيز ڪري ڇڏي.

انهيءَ دؤر اندر فرانس ۾ تاريخي انقلاب آيو. هندستان ۾ شاه ولي الله دهلوي جو فڪري سلو پاڙون پختيون ڪرڻ لڳو. عربستان اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد بن عبدالوهاب اصلاح لاءِ آتي ڪڙو ٿيو. شام ۽ مصر ۾ ابن تيميه جا اثرات مذهبي جنون جي صورت ۾ موجود هئا. ايران ۾ سني شيعو اختلاف پنهنجي پوري عروج تي پهچي چڪو هو، جنهن جا ڪجهه اثرات، پڙاڏي جيان سنڌ ۾ به پُري رهيا هئا. هڪ اهڙي انقلابي ۽ اضطراري دؤر ۾ شاه صاحب پليو ۽ پچي پختو ٿيو.

## پرشور دور جو ڪلام تي خوشگوار اثر:

دنيا جي بدلجندڙ حالتن ۽ مختلف ملڪن جي اندروني توڙي بيروني تبديلين جو باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪرڻ ڪان پوءِ شاه صاحب پنهنجي ملڪ جي ماڻهن کي خاص طور ۽ بني نوع انسان کي عام طور جيڪو سبق سيکارڻ چاهيو، اهو پنهنجي سر اهم ۽ ابدي حيثيت رکندڙ آهي.

سندس ڪلام جي بين سمورين معنوي ۽ لفظي، باطني ۽ ظاهري خوبين کي درگذر ڪندي، جن جي وضاحت لاءِ ضخيم ڪتابن جي ضرورت ٿيندي، جڏهن فقط سندس تلقين تي توجهه ڪجي ٿو، ته به سندس عالمي عظمت نمايان نموني ۾ نظر اچي ٿي. جاڪاڻ ته پنهنجي دؤر جي مضطربانه ماحول کي ڏسندي، پاڻ پنهنجي ملڪي ماڻهن کي جيڪي نيڪ نصيحتون ۽ پرسڪون زندگي گذارڻ لاءِ تلقينون ڪيون اٿس، سي هر وجهه، ساري عالم جي انسانن لاءِ توجهه جون مستحق آهن.

شاه صاحب جو پيغام جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾، موثر طريقي سان دنيا تائين پهچائجي ته جيڪر نئين توڙي پراڻي دنيا جا ملڪ، امن امان جا مثالي مرڪز بنجي پون ۽ عالمي جنگين جي خطري جو خوفناڪ ڪڪر، هڪ دفعو ۽ هميشه لاءِ آسماني دنيا تان هٽي وڃي. سائنس جون ايجادون، انسانيت جي تباهيءَ جا هٿيار تيار ڪرڻ بجاءِ، اخلاقيات جون پابند بنجي، جيڪر انسان ذات جي خير ۽ خوشحاليءَ لاءِ استعمال ٿين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ منزل ڏانهن قدم وڌائڻ کان اڳ شاهه صاحب انسان جي اندر ۾، پنهنجي بي ثباتي ۽ بنهه عارضي هئڻ جو احساس جاڳائيندي چوي ٿو:

”جر ۾ ڦوٽو جيئن، لهرن لڳي ٻه اڌ ٿئي،
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو!“

---

”ڪڏهين ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهين مڙهه مقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏيندين ڪيترو؟“.

ان بعد سمورن انسانن جي هڪ عام ڪمزوريءَ ڏانهن اشارو ڪندي، ڪين دنيا اندر منڍيل مومل جي ماڙيءَ جهڙي مَنڊ کان بچڻ لاءِ ٻڌائي ٿو:

”عالم ”آئون“ ساڻ، پرئو ٿو پير ڪري،
پاڻ نه آهي ڄاڻ، مانڊي منڊ پکيڙئو“.

عالم جي امن لاءِ، نهايت اثرائتي نموني ۾، فردن ۽ جماعتن، قومن ۽ ملڪن کي پاڻ ۾ مِلي جُلي، ڪَسُ ڪسر سهي، صلح سانت ۾ گڏجي گذارڻ ۽ سک پسڻ جي سهڻي صلاح ڏيندي چئي ٿو:

”نمي ڪِمي نهار، ڏمر وڏو ڏک،
صلح ۾ سوَ سک، جي سنوارئا سمجهين!“

تنهنڪري:

”هو چوني، تون م چئو، واتون ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي“.

---

”اڻ چُندن م چَؤ، چُندن چيو وسار،
انئي پهر ادب سين، پر اهائي پار،
پايو مَنهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار،
مفتي منجهه وهار! ته قاضي ڪانيارو نه ٿئين“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن انهيءَ مامر جو منجهہ سمجهيو، سي سنوارجي ويا. سچو رسالو اهڙن ملهائتن موتين سان مڙهيو پيو آهي، بشرطيڪ ڪو سنواريو سمجهي ۽ ان تي عمل ڪري.

**سنڌي زبان جو جياريندڙ لطيف:**

بني نوع انسان کي زندگيءَ جو سبق پڙهائيندڙ لطيف جي عظمت جو اهڃاڻ اهو آهي تہ عوام الناس جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ جڏهن پنهنجي شاعرانہ ذات جو استعمال ڪري ٿو، تڏهين سندس پيغام زمان ۽ مڪان جون حدون ٽپي، هر ملڪ ۽ قوم لاءِ، هر دؤر ۽ زماني لاءِ هڪ جهڙو مفيد ۽ اثرائتو ثابت ٿئي ٿو. پنهنجي پيغام جي همہ گيريت ڪري هو دنيا جي هر حصي ۾ هميشه جي حياتي ماڻي ٿو. اهڙا مرد حق آگاه هزارها سالن ۾ ڪٿي هڪ ڀيرو هن دنيا جي تختي تي پيدا ٿين، پر سندن آفاقي اثر تاابد قائم دائم رهي ٿو.

اهڙي قسم جي عظيم شخصيتن جي مسيحائيءَ جو اثر لازمي طور سڀ کان اول پنهنجي ملڪي ماڻهن ۽ انهن جي زندگيءَ تي پئي پوڻو آهي. ڏسڻ گهرجي تہ هو پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جي ڪهڙي ڀلائي جو باعث ٿيو.

ان وقت جي سنڌ ۽ ان جي علمي ۽ لساني ماحول تي نظر ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ عربي ۽ فارسي عالمن ۽ فاضلن، مفڪرن ۽ دانشورن جي زبان سمجهي ٿي وئي. ڪنهن بہ قسم جي حڪيمانہ خيال ۽ بلند فڪر جي اظهار لاءِ سنڌ اندر ٻي ڪابہ علمي زبان موجود نہ هئي. سنڌي زبان محاوراتي دؤر مان گذري رهي هئي ۽ عام طور اڻ پڙهيل عوام جي ٻوليءَ جي حيثيت سان ڄاتي سڃاتي وئي ٿي، جنهن ۾ ڪنهن فن يا فلسفي جي اظهار جو تہ تصور بہ نٿي ٿي سگهيو.

شاه صاحب اها حقيقت بخوبي سمجهي سگهيو ٿي تہ سندس ابائيءَ ۽ مادري ٻوليءَ ۾ اجان ايتري وسعت ۽ بردباري نہ آهي جا سندس فڪرِ بلند جو بار برداشت ڪري سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيغمبر اسلام، عليه الصلواة و السلام جي برڪت ڪري، عربي لسان جي عزت ۽ منزلت مٿاهين ٿي. شاهان ايران جي حشمت ۽ دٻدٻي ڪري فارسيءَ کي سرڪاري ۽ درٻاري زبان جي حيثيت حاصل هئي. سنڌيءَ کي به ڪنهن اهڙي مسيحا صفت شخصيت جي معجزنمائيءَ جي ضرورت هئي جا ڪيس پنهنجي عظيم فڪر جي اظهار جو ذريعو بنائي، عرب ۽ عجم جي عالمي زبانن سان ڪلهي جوسي ڪري. لطيف نه ته ڪو پيغمبر هو، نه حاڪمِ وقت، هڪ صوفي صفت، گودڙي پوش، پٽ نشين بزرگ پنهنجي فقيراڻي فڪر جي نظر هن ٻاجهاري ٻوليءَ تي وڌي ۽ پنهنجي خيال جي بلنديءَ سان گڏ اڏائي، ڪيس زنده جاويد بنائي ڇڏيو.

فڪر ۽ فلسفي جي واهڙ وهائڻ سان گڏوگڏ، شاه صاحب سنڌي زبان جي لغت، لفظي توڙي معنوي ترڪيبن جون اهڙيون صنعتون ۽ سينگار ايجاد ڪيا، جن سنڌيءَ جهڙي سليس ۽ سٻاجهي ٻوليءَ کي چوڏهن چنڊ لڳائي ڇڏيا ۽ اڄ اها عالمي ٻولين جي اجلاس ۾ ڪنڌ مٿي ڪري ڳالهائڻ جهڙي آهي.

نوان محاورا ۽ ترڪيبون، تشبيهون ۽ تمثيلون ايجاد ڪري، مڪاني ماحول جي عڪاسي ڪرڻ لاءِ ٺيٺ سنڌي لفظ ڪتب آڻي، شاه سنڌي شعر جي بنيادي هيئت ئي بدلائي ڇڏي.

ڪائنس اڳ وارن فارسي ۽ عربي عارفن ۽ شاعرن ”عروض“ جي جنهن بنيادي شاهراه کي پنهنجي اظهار خيال جو ذريعو پئي بنايو، ان کي يڪسر ترڪ ڪري، شاه صاحب ”چند وديا“ جو پنڌ اختيار ڪيو. ساڳئي وقت شاه صاحب ”مهراڻ“ جي آر کي سونهاري سنڌ جي سينڌ جي قرار ٺهرائيندي، ليلا مجنون، شيرين فرهاد ۽ وامق عذرا جهڙن عربي ۽ عجمي قصن جي اوٽ ۾ من جي مدعا بيان ڪرڻ بجاءِ، ملڪي ماحول سان وڏيڪ ٺهڪندڙ عوامي آکاڻين جي اوٽ ورتي ۽ انهن جي تاڃي پيٽي ۾ پنهنجو پيغام پلتيو، جن جي تات ملڪ جي هر خاص، عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وات تي هئي. هتي جي هر باشندي کي سر زمين سنڌ جي سيني ۾ سانديل جن سورمن ۽ سورمين جي ڌڙڪڻ جو آواز، پنهنجي اندر جي ساز جيان ٻُرندو ٻڌڻ ۾ ايندو هو. شاه انهن عوامي ڪردارن عمر مارئي، نوري ڄام تماچي، مومل راڻي، سهڻي ميهار، سسئي پنهون وغيره کي ويهي ورجايو ۽ ڳايو. هر ملڪ ۽ قوم ۾ اتي جي تاريخ ۽ تهذيب مطابق ڪي نه ڪي عشقي ۽ اخلاقي داستان عوامَ جي ورد زبانْ هوندا آهن، جي ملڪي ماڻهن جي مزاج ۽ طبيعت تي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ضرور اثرانداز ٿيندا رهندا آهن.

هڪ زرعي ملڪ هئڻ ڪري، مهراڻي ماٿريءَ جا مارو ماڻهو، گهڻو ڪري شهرن جي شور ڪان هٽي، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ خاموش زندگي گذارڻ جا عادي آهن، جتي جديد تهذيب ۽ تعليم جو اثر گهٽ پهچي ٿو. اهڙي ملڪ جو اٻوجهه ۽ سادو عوام نئين دؤر جي هردم نون مسئلن ۽ پُر پيچ اصولن جي اري ۾ اڙجيو، زندگيءَ جي بازي هارايو وڃي يا جلدئي همت هاريو، هار مڃيو ماٺ ڪريو ويهو رهي. اهڙا اٻوجهه ڳوٺاڻا پنهنجي پراڻن نجهرن ۽ اڻ پڙهيل آبادين ۾ مال چاريندي، هر هلائيندي، نار واهيندي يا جهار هڪليندي، جيڪي عوامي گيت آلاپيندا رهن ٿا، اهي سندن جسماني ۽ ذهني ٿَڪ لاهڻ سان گڏ سندن روح کي اهڙي راحت بخشيو ڇڏين، هو اهي آلاپ پنهنجي زندگيءَ جو بهترين سرمايو سمجهندا آهن. سنڌ جي اهڙن ئي روح پرور قصن ۽ ڪهاڻين، اصولي ۽ اخلاقي ڳالهين کي، دلچسپ ۽ عام فهم شاعريءَ ۾ پلٽائي، ان ۾ ترنم ۽ موسيقيت جي چاشني پري، شاه صاحب اهڙي انداز سان بيان ڪيو، جو سندس هر بيت ۽ وائي سنڌ جي جهر جهنگ ۾ گونججي وئي.

شيڪسپيئر، سعدي شيرازي، يا مولانا حافظ جيان ڪوبه قصو لس بيان ڪري وڃڻ بجاءِ شاهه صاحب قرآن ڪريم وارو مدبرانه انداز بيان اختيار ڪيو ۽ انهن آکاڻين جي فقط اهم واقعن ۽ نڪتن ڏانهن اشارا ڏيندي هلندو هليو ڇڻ ته قاريءَ کي انهن قصن جي پس منظر جي اڳيئي بخوبي خبر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳئي وقت هر آڪاٽي ۾ اهوئي ماحول ۽ منظر برقرار رکڻ لاءِ جيڪي اصلي الفاظ ۽ مقامي محاورا استعمال ڪندو هليو آهي، سي تہ سونَ تي سهاڳي جو ڪم ڪن ٿا. سهڻي ميهار جي سُر ۾ ترها ۽ تار، سائر ۽ سير، ڪرڳل ۽ ڪُن، ڏڏڪا ۽ دهشت، لهريون ۽ لڙ، اوپارا ۽ آر، ڪپر ۽ ڪڙڪا، اڇل ۽ ڇل، لس ۽ ليٽون، چڪڻ ۽ چيٽيون، ٻيلا ۽ ٻيلاتيون، ڪَچا ۽ ڪانهہ، چڙا ۽ لار، دونهيون ۽ ڏراڙ، ڪنڌيون ۽ وَڇون ڏيکاريندو هليو آهي تہ وري سر مومل راڻي ۾ راڻا ۽ راجپوت، پان ۽ سوپاريون، ڍوليا ۽ ڍٽ، ڪرها ۽ وڳ نظر اچن ٿا.

اهڙيءَ طرح عمر مارئيءَ جي ذڪر ڪندي ڪاٺر ۽ پاٺر، جهنگ ۽ جهانگي، ڏٿ ۽ ڏوٿي، ڪوهر ۽ توهر، وڇون ۽ وسڪارا، پلر ۽ واهوندا، پٽون ۽ پاٽا، للر ۽ ليار پيا پسجن تہ وري سر سسئيءَ ۾ گوڻرا ۽ گس، ميا ۽ منزلون، پٻ ۽ هاڙهو، لس ۽ ٻيلو، جت ۽ جمازي، برفت ۽ بلوچ، ڪانيو ۽ ڪارو، پَٽيون ۽ پهاڙ، وندر ۽ وٽڪار، رچون ۽ رولا، جهَڪون ۽ جهولا، ڏونگر ۽ ڏاڪڙا، ڏکيءَ واٽ جا ڏس ڏيندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

سر سامونڊيءَ ۾ لهريون، لس، ليٽ، ٻيڙا ۽ غوراب، ڦرها ۽ ڍونڍيون، سڙهہ ۽ لاچو، ڀڳهہ ۽ ڪوها، معلم ۽ ناکئا، ننگر ۽ ناريون، بندر ۽ بازاريون نظر چڙهن ٿيون تہ نوري ۽ ڄام تماچيءَ جي قصي ڪندي مئين ۽ مهاڻين، گولين ۽ گندرين، ڪِڪين ۽ ڪارين، ڏوارين ۽ چارين، ٻهن ۽ لوڙهين، مَڇن ۽ مانگرن، ملاحن ۽ ميربحرن جا ذڪر اذڪار ڪري ٿو. شاه صاحب اهڙيءَ طرح هڪ علاقائي ٻوليءَ ۾ روح ڦوڪي، مالا مال ڪري ان کي هڪ ڪامل ۽ مڪمل زبان هئڻ جو شرف بخشيو. ايتري قدر جو سندس چيل سونيون سٽون عام ڄام پهاڪن طور استعمال ٿيڻ لڳيون:

ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.

--------

گهڙيا سي چڙهيا، ائين اٿيئي.

--------

لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نہ وهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علامہ آءِ-آءِ- قاضي.

# شاه جو عالمي شاعرن ۾ مقام

اسان جو موجوده دور "بين الاقواميت" تي نازان آهي، حالانڪ انهيءَ نظريي جو بنياد، ديني خواه قانوني طور، اڄ کان تقريباً چوڏهن سؤ سال اڳي رکيو ويو. پر انهيءَ هوندي بہ اسين مسلمان اڄ بہ دل و جان سان پڪا "قوم پرست" آهيون. عجب تہ اهو آهي جو خود قرآن کي بہ "قومي نظريي" ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪتو آهي جو هر معاملي ۾، "منهنجو" ۽ "تنهنجو" خيال ڪار فرما آهي ۽ انهيءَ ڪري هرڪو "پنهنجن" شاعرن تي فخر ڪري ٿو. اهڙي خيال ۾ ڪوبہ حرج ڪونهي؛ بشرطيڪ ڪو صاحب محض "پنهنجي" کي چمڪائڻ خاطر ٻئي جي گهٽتائي نہ ڪري. درحقيقت صحيح ذوق حسن مفقود آهي، انهيءَ ڪري ئي حسن کي انهيءَ لاءِ نٿو ساراهيو وڃي جو اهو حسن آهي، پر محض انهيءَ لاءِ تہ اهو "منهنجو" آهي. لهذا شاه عبداللطيف متعلق ڪنهن بہ راءِ قائم ڪرڻ لاءِ اسان ڪيس انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پيٽڻ نٿا گهرون، جا اسان جي پنهنجي دل چاهي ٿي؛ مگر ان لاءِ اسان اهي تنقيدي معيار مد نظر رکنداسون جي ٻاهرين غير جانبدار ماڻهن مقرر ڪيا آهن، ۽ جي اڄوڪي ادبي دنيا ۾ مسلم ۽ مروج آهن.

**ٻهريون معيار**: اٽڪل هڪ سؤ سال اڳ ڪارلائيل (Carlyle) نظم کي ڇڏي نثر اختيار ڪيو ۽ چيائين: "جيڪڏهن ويد، انجيل ۽ قرآن بہ نثر ۾ آهن تہ منهنجي لاءِ بہ اهوئي ڪافي آهي." نظم نويسن جي استفادي خاطر وڌيڪ هيئن بہ چيائين: "جيڪڏهن اوهان جو نظم ڳائڻ جي لائق نہ آهي تہ ان کي "شعر" هرگز نٿو چئي سگهجي ۽ ان جو لکڻ ئي فضول آهي".

هاڻي اچو تہ دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر کي انهيءَ ڪسوٽي تي پرکيون، پوءِ خواه ڪٿي اهو شيڪسپيئر (Shakespeare) هجي يا ملٽن (Milton)، گوئٽي (Goethe) هجي يا ڊانٽي (Dante) ويندي وهٽمن (Whitman) تائين، ۽ ڏسون تہ اهو انهيءَ معيار تي پورو اچي ٿو؟ پر انهيءَ فيصلي کان اڳ اچو تہ ابهن متعلق جيڪي ڪجهہ پاٺمرادو طئي ٿي چڪو آهي، انهيءَ تي غور ڪريون. سوال آهي تہ آيا سندن شعر جو هر هڪ مصرعو خود سندن ملڪن ۾ هن کان اڳ ڳائجي چڪو آهي يا نہ؟ هن سلسلي ۾ هن سوال کي تہ آيا سندن ڪلام هن وقت بہ ڳائڻ جي لائق آهي يا نہ، پل ڪٽي درڪنار ڪجي. انهيءَ باري ۾ موجوده نئين روشنيءَ جو صاحب مبادا مرڪي چوي: "پر، سندن سمورو ڪلام ڪو ڳائڻ - جوڳو (Lyrical) نہ آهي، پر اهڙن ڀين عنوانن تي مشتمل آهي جن جو ڳائڻ لازمي نہ آهي". هائو، پر اهو دليل ڪار لائيل جي نظريي جي عين مطابق ناهي.

لطيف پنهنجي بيتن کي ڪڏهن بہ هڪ "ڪارنامو" ڪري نہ ڄاتو، ڇاڪاڻ تہ سندس واسطي انهن جي چوڻ ۾ ڪنهن بہ خاص قسم جي ڪوشش جي ضرورت ئي ڪانہ هئي. هن اهي بيت هڪ اهڙي وجداني ڪيفيت ۾ چيا، جنهن ۾ "ڪوشش" جي گنجائش ئي ڪانہ هئي. انهيءَ ڪري هن پنهنجي شعر کي "نياپو" ڪري سڏيو ۽ سندن شعر جو هر هڪ مصرعو، بنا ڪنهن خاص تاڪيد جي ڳائجي رهيو آهي. جن ماڻهن سندس ڪلام کي سمجهيو آهي، خواه اهي ماڻهو جن ان کي ذري جيترو بہ ڪين سمجهيو آهي، سڀيئي سندس بيتن کي آلاپين پيا. بهرحال سندس شعر ڳائجي پيو ۽ ماڻهن کي ان جي ڳائڻ کان ڪير بہ موڙي نٿو سگهي. هيءَ حقيقت ڪارلائيل جي نظريي جي مڪمل تائيد ڪري ٿي تہ بيشڪ شعر اهو آهي، جنهن کي هر هڪ ماڻهو پڙهڻ جي بدران ڳائڻ ٿي چاهي ٿو.

جيئن اسان راڳ کي "آوازن جي تنظيم" سمجهون ٿا، تيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ عرب مصنف شعر کي ”لفظن ۾ سمايل راڳ“ ڪري ڄاڻايو آهي، يعني ته هو انهيءَ نظريي کي ترجيح ڏئي ٿو ته هر مصرع ۾ ترنم جي خصوصيت جو هجڻ شعر جو هڪ لازمي جز آهي. بس! دنيا جي سڀني وڏن شاعرن جي ڪلام کي پرکڻ لاءِ اها ڀرين ڪسوٽي آهي. ڪوبه صاحب انهن کي انهيءَ ڪسوٽيءَ تي ڀيٽي پنهنجو نتيجو ڪڍي سگهي ٿو.

ممڪن آهي ته ڪو صاحب مختلف شاعرن جي ڪلام جي ضخامت جي حجت اٿاري، پر انهيءَ ڏس ۾ به لطيف جي ڪلام جو ذخيرو دنيا جي اڪثر وڏن شاعرن جي ڪلام جي ذخيرن جي ڀيٽ ۾ ڪافي ڪجهه آهي. سندس رسالي ۾ ڪم ۾ بيش ٣٦ مختلف عنوان آهن ۽ ان مان هر هڪ جا ڪيئي مختلف داستان آهن. انهيءَ لحاظ سان به، سواءِ شيڪسپيئر ۽ گوئٽي جي، ٻين ڪن ٿورن شاعرن جي ڪلام جو ذخيرو سندس ڀيٽ ۾ اچي سگهندو.

**ٽيون معيار:** ٽيون معيار، جو موجوده دور جا وڏا وڏا نقاد شعر کي پرکڻ لاءِ تسليم ڪن ٿا، سو هيءُ آهي ته: آيا شاعر جي ڪلام جي ڪنهن به مصرع ۾ ڪوبه اهڙو لفظ بدلائي سگهجي ٿو؟ جو انهيءَ تبديل سان مصرع کي زياده مؤثر يا فصيح بنائي سگهي، يا ان ۾ وڌيڪ ترنم پيدا ڪري سگهي؟.

هڪ دفعي جڏهن بين جانسن (Ben Jonson) کان پڇيو ويو ته هو پنهنجي نظم جي ڏهن کان به زياده دفعا تصحيح ڪري ٿو، حالانڪ شيڪسپيئر ڪڏهن به پنهنجي شعر جي ڀيهر اصلاح ڪانه ڪئي، تڏهن جواب ڏنائين ته سندس خيال موجب بهتر ٿئي ها جيڪڏهن شيڪسپيئر ويهه دفعا پنهنجي شعر جي اصلاح ڪري ها. مگر انهيءَ هوندي به زمانو شاهد آهي ته سندس اهو نظم، جنهن جي ڏهه دفعا تصحيح ڪئي وئي آهي، ان ۾ اڃا به اصلاح جي گنجائش باقي آهي، پر شيڪسپيئر جون في البديهه چيل مصرعون اصلاح کان بالاتر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن ۽ انهن مان گھٽ ۾ ڪنهن به هڪ لفظ جي ڦير گھير سڄي مصرع جي ترنم کي تباهه ڪري ڇڏيندي. بهرحال، اهڙي تبديل سڌاري جي بدلي نقصانڪار ثابت ٿيندي.

حقيقت ۾ ڪنهن ورلي شاعر جو ڪلام هن معيار تي پورو بيهي سگھندو، پر لطيف جي ڪلام ۾ نه فقط هڪ لفظ جي تبديلي به سڄي لئي ۽ ترنم کي بگاڙي ڇڏي ٿي، بلڪ ختم ڪري ڇڏي ٿي ۽ ناقابل برداشت بنائي ڇڏي ٿي. بس! امڪان نه آهي جو ڪنهن به مصرع ۾ رکيو هڪ لفظ به هٽائي يا مٽائي سگھجي. سندس سڄو ڪلام انهيءَ لطيف توازن ۽ نزاڪت جو حامل آهي! نه فقط هر هڪ مصرع، پر هر هڪ لفظ ۽ ان جي بيهڪ کي "هڪ خاص اهميت" آهي ۽ ان جو بدلائڻ محال آهي. دنيا جو ڪوبه شاعر، سندس ڪلام جي سڄي ذخيري جي نقطي نگاه کان، هن پرکا ۾ پورو بيهي نه سگھندو. ٻين شاعرن کي ته ڇڏيو، پر خود شيڪسپيئر جي به ڪيترين ئي مصرعن کي ترميم بعد بهتر سمجھيو ويو آهي. موجوده يورپي نقادن ڪنهن به شاعر جي شعر کي پرکڻ واسطي اهو ٻيو معيار مقرر ڪيو آهي.

**ٽيون معيار:** اهي مٿيان ٻه معيار دنيا جي شاعرن جي قطار ۾ ڪنهن به شاعر جي درجي مقرر ڪرڻ واسطي ڪافي آهن. مگر اجان به ٽيون هڪ آخرين، نهايت اهم ۽ ناگزير معيار آهي، جو ازروءِ جامع تنقيد، قطعي طور، ڪنهن به شاعر جي درجي قائم ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو آهي. اهو معيار آهي زبان جو استعمال، جنهن جي ذريعي شاعر پنهنجي خيالات جو اظهار ڪري ٿو.

چيو وڃي ٿو ته ملٽن پنهنجي جملي ڪلام ۾ انگريزي زبان جا اَٺ هزار لفظ ۽ شيڪسپيئر سورهن هزار لفظ استعمال ڪيا آهن. الفاظ جي صحيح استعمال کي درڪنار ڪندي به، خيالات جي وسعت کي تورڻ تڪڻ جو هيءُ فقط هڪ طريقو آهي. درحقيقت زبان واري معياري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرک جو اهو (الفاظ جوڳاٽيتو) ڪو موزون طريقو نہ آهي. سوال آهي تہ سورهين صدي واري انگريزي زبان اندر، خيالات جي اظهار جي وسعت جيڪا شيڪسپيئر پيدا ڪئي، انهيءَ کان وڌيڪ وسعت پيدا ڪرڻ جو ڪو امڪان هو ڇا؟ ٻين لفظن ۾، معيار آهي زبان ۾ زياده کان زياده خيالات جي اظهار لاءِ وسعت پيدا ڪرڻ. سواءِ شيڪسپيئر جي ٻئي ڪنهن شخص جي نہ وهم گمان ۾ ۽ نڪي امڪان ۾ ئي هو تہ ايلزبيٿ جي دور واري انگريزي ٻوليءَ ۾ اهي خيالات اظهار ڪري، جي شيڪسپيئر ڪيا. ڊانٽي ۽ گوئٽي جي حالت ۾ بہ اهو چوڻ صحيح ٿيندو. پر سواءِ شيڪسپيئر جي، ٻوليءَ ۾ وسعت پيدا ڪرڻ واري جنهن منزل کي هو پهتا، سا نسبتاً گهٽو گهٽ هئي. بمقابلہ انهيءَ ارڙهينءَ صديءَ واري سنڌيءَ زبان جي، جنهن کي لطيف نباهيو، ۽ ويجهايو ۽ وڌايو. ڪنهن جي وهم گمان ۾ ئي نٿو اچي تہ لطيف واري زبان ڪا انهيءَ دور ۾ سنڌ اندر ڳالهائي ويندي هئي! سنڌي، جا زياده ۾ زياده تہ بہ هڪ صوبائي محاوري جي منزل تي هئي، سا شاه جي هٿن ۾ هڪ نهايت گرانمايہ ۽ وسيع ترين ٻولي بڻجي پئي، ايترو جو اسين نہ سڃاڻي ٿا سگهون، نڪي سمجهي ٿا سگهون تہ سندس زبان ڪا اها ساڳي سادي صوبائي ٻولي آهي. تنهنڪري انهيءَ ناگزير معيار مطابق بہ، جو يورپ جي وڏن نقادن "آخرين معيار" تسليم ڪيو آهي، ڪاميابيءَ جو سهرو لطيف جي سر تي ئي آهي.

اهي ٽي معيار جي مٿي بيان ڪيا ويا آهن، سي اسان جا نہ پر دنيا جي نهايت ترقي يافتہ قومن جا تجويز ڪيل آهن ۽ انهن جي ذريعي اهو آسانيءَ سان معلوم ٿي سگهندو تہ سواءِ لطيف جي. دنيا جو ڪوبہ شاعر انهن تي هر پهلوءَ کان پورو نٿو اچي سگهي.

هت اسان تصوف جي گهراين، تخيل جي پرواز، شاعرانہ فهم ۽ نظر ۽ فطري نغمه سرائي وارن نقطن جو بيان ئي نٿا ڪريون. اهو هڪ جداگانہ باب آهي. اسان هت انهيءَ مسئلي کي بہ ڇڏي ڏيون ٿا تہ شاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو شلعر ڪيتري قدر انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي روشن ڪري ٿو، ۽ نڪي وري اسان انهيءَ پنهنجي عام مروج مسئلي کي ٿي ڇيڙيون ٿا تہ شاه جو شعر ڪيتري قدر قرآن تي حاوي آهي ۽ ڪيتري قدر ان جو تفسير. نڪي وري اسان جو مقصد آهي تہ ڪو شاه جي پيٽ روميءَ سان ڪريون، جنهن جي "مثنوي" متعلق چيو ويو هو.

"هست قـــــــرآن در زبان پهلوي".

اهي جملي نقطا اسان جي محققن جي توجهہ جا لائق آهن ۽ انهن تي ڪتابن جا ڪتاب لکي سگهجن ٿا. انهن جي اپٽار جو نہ هيءُ موقعو آهي ۽ نہ مهل. تنهنڪري اسان انهن ٽن معيارن تي اڪتفا ڪريون ٿا، جي مٿي بيان ٿي چڪا آهن، ۽ پل تہ دنيا پاڻ ڏسي، بشرطيڪ ان کي اهي اکيون آهن، جن تي تنگ "قومي" جذبات جو پردو چڙهيل ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book